# مِٽي ۽ مُهاڳا

(ناول)

منصور ٽلهو

سنڌ ساحل ڪارو چاڻ پبليڪيشن
پوسٽ آفيس ڳاڙهو، ضلعو ٺٽو

سنڌي ڪتابن کي ڊجيٽلائيز ڪرڻ ڏانهن هڪ انقلابي قدم
آن لائين سنڌ لائبريري
www.sindhlibrary.com librarysindh@yahoo.co.uk

حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ هٿيڪا

# مِٽي ۽ مُهاڻا

(ناول)
ليکڪ: منصور ٽلهو
ٽائيٽل: فتاح هاليپوٽو
ڇاپو پهريون: سيپٽمبر 2008 ع
تعداد: هڪ هزار
ڪمپوزنگ: جيمل پيرزادو، فرحان حيدر وڳڻ
پارس ڪمپيوٽر ڪمپوزنگ اينڊ پرنٽنگ ايجنسي گاڏي کاتو، حيدرچوڪ حيدرآباد.
فون:0300_3014195
پيسٽنگ:
ڇپائيندڙ: سنڌ ساحل ڪاروڇاڻ پبليڪيشن
پوسٽ آفيس ڳاڙهو، ضلعو ٺٽو
قيمت: 250

MATTI AEEN MUHANA
NOVEL
Writer:Mansoor Thalho
Title:Fatah halepoto
Fist Edition: September 2008
Quntity: One Thousand
Comppposed by: Jamil Pirzado,Farhan Hyder wagan & Ameen Solangi
Paras composing & priting Agency gadi khata Hyder chowk Hyd
Cell:0300_3014195
Published by: Sindh Sahil Kharo Chhan Publication

# ارپنا

اُنهن جي نانءُ،
جيڪي ساموندي طوفان
۽ شديد برساتن سان
وڙهندي وڙهندي،
پنهنجن ڪان وڇــڙي ويا.
۽
جن جي زندگيءَ جو ساهُ
سمنڊ جي ويرَ ڪسي وئي.

# پنهنجي پاران

”مِٽي ۽ مُهاڻا“ ناول لکڻ جو خيال گهڻي وقت کان هو. جڏهن حيدرآباد کان ٺٽي بدلي ٿي آيس ته ويتر مَن ۾ مُهاڻن جي زندگيءَ کي ڏسڻ جو چاهه وڌيو.

سنڌ جي ساحلي پٽي جيڪا دنيا جي قديم ۽ وڏي ۾ وڏي انڊس ڊيلٽا آهي آد جُڳاد کان وٺي”ميربحر“ يعني مهاڻو، سمنڊ ۽ درياءَ جي لهرن سان گهاتو ٻڌجي زندگي گهاريندو پيو اچي. مهاڻا سنڌوءَ جا آڳاٽا فرزند آهن، جيڪي سامونڊي پٽيءَ کي جيارينداپيا اچن.توڙي جو درياءُ رخ بدلائيندو رهيو آهي پر مهراڻ جي محبتي مهاڻي ڪنڌيون ۽ ڪنارا ڪونہ ڇڏيا آهن.

موت ۽ زندگيءَ جي ٻٽي راند ۾ مهاڻا صدين جي طئي ڪيل سفر سان گڏوگڏ هلندا اچن پيا. پر اڄ ڏينهن تائين ٿڪا ناهن ۽ جدوجهد ڪندا رهن ٿا. جڏهن ته دنيا جديد کان جديد ٿيندي پئي وڃي. انسان سک ۽ آرام جون سهولتون ماڻيندو ٿو رهي، پر ساحلي پٽيءَ جي مهاڻن کي نہ ڪا جديد دنيا جي خبر آهي، نہ سک آرام جي، اهي ڪيئن ۽ ڪهڙا ٿيندا آهن...!؟ مهاڻن کان ماضيءَ جي سونهن ۽ مرڪ بہ کسي وئي آهي. هِنن جون مَڏيون ۽ مياڻيون اُجڙي پَڙپانگ ٿي ويون آهن. مهاڻا زندگيءَ جي نعمتن کان محروم هوندي بہ ٻين کي يعني سُکيءَ وارن ۽ شهرن ۾ رهندڙ ماڻهن کي مَڇي، پَلي ۽ جهينگن (سانن) جهڙي نعمتن کان ڪڏهن وساريو ڪونهي ڪوسيءَ ٿڌيءَ ۾ پنهنجو فرض سچائي سان نڀائيندا پيا اچن.

سنڌ جا ٻيٽ، اُپ ٻيٽ، سامونڊي بَندر، دريائي بَندَر(ڪارو ڇاڻ پَٽڻ) جيڪي صديون اڳي خوبصورت وجود جو ڏيک ڏيندي، ڏيساورن کي پاڻ ڏانهن ڇڪي وٺندا هئا. هاڻي انهن ماڳن کي ڏسندي دل مان دانهن نڪري وڃي ٿي ۽ لطيف سرڪار جو هي بيت ترجماني ڪري ٿو.

نہ سي وونئڻ وڻن ۾، نہ سي ڪاتاريون
پسيو بازاريون، هينئڙو مون لوڻ ٿئي!

ڪن پل لاءِ سوچ ۾ پئجي وڃان ٿو تہ مهاڻا ايڏي درد کي برداشت ڪندي پنهنجي بنيادي فرض کان ڪڏهن غافل نہ رهيا، نہ ئي مايوس ٿيا آهن.

# ميجتا

سائين حافظ حبيب سنڌيءَ جو نهايت ٿورائتو آهيان. ڪيس جڏهن ”متي ۽ مهاڻا“ ناول لکڻ جو ذڪر ڪيو تہ، سائين هڪدم مرڪي ها ڪئي. پرپور سهڪار ڪيو ۽ ساٿ ڏنو. جنهن بہ ماڳ ۽ مڪان تي ويندو هوس، سائين اڳواٽ دوستن ۽ عزيزن کي اطلاع ڪري ڇڏيندو هو. انهن وٽ پهچڻ سان ڏاڍو پيار ملندو هو. اهي منڊا ماڻهو جيءَ ۾ جايون ڏيندا هئا، انهن جي سڪ، هلڻ ۽ ملڻ وارو قرب ڪڏهن بہ وساري نہ سگهندس. انهن جو ذڪر ناول ”متي ۽ مهاڻا“ ۾ حقيقي ڪردارن جي صورت ۾ آهي. جن سڄڻن ٿورو يا گهڻو سهڪار ڪيو, اُنهن ۾ سائين پروفيسر ڊاڪٽر محمد علي مانجهي، سائين عزيز جعفراڻي سجاول ۽ شوڪت علي ڪماڻ ٺٽو، سنڌ پروانشنل ڪوآپريٽو بينڪ لميٽڊ ٺٽي جي اڳوڻي مينيجر مانواري بزرگ سائين علي محمد ميمڻ جنهن جي عمر هن وقت 88 سال آهي، پاڻ هر روز صبح جو وڏڙن جيان خيريت پڇڻ، سار سنڀال لهڻ، جنهن پنڊ ۽ هنڌ تي ويندو هوس، ان بابت حال احوال ڪرڻ تي گهڻو خوش ٿيندو هو.

چئرمين پاڪستان فشر فوڪ فورم محمد علي شاهہ پير گلاب شاهہ صدر پاڪستان فشر فوڪ فورم ضلعو ٺٽو، سامي ميمڻ، فرحان حيدر وگڻ نوشهرو فيروز، آفتاب گل عباسي ٺٽو ۽ حاجن سولنگي، پير سجاد ”گهايل“ ٺٽو، ڊاڪٽر غلام محمد ڪٽي، جليل ڪٽي، رحيم بخش ڪٽي، الهہ ڏنو ناڪئو، محمد موسيٰ ڪينجهرائي، غلام نبي سومرو، عرفان ڪتري، امير بخش جت، نور محمد ٿهيمور، علي نواز خاصخيلي، محسن ٿهيم، محمد خان ”مخلص“ ميمڻ، محمد صديق ميمڻ، عبدالستار عرف ماما شيدي، غلام سرور ”پرٽ“ پهنور (مڪلي)، جان محمد ٻجورو، الهہ جڙيو مير جت، عبدالله مرگر، مسرت مانڌريو، محمد احمد سنواڻي، حسين جروار ، خالده ملاح، سجاد حسين، الله بخش ڪوسو ۽ آفيس جي چوڪيدار منير احمد ميمڻ جيڪو ڪم ڪرڻ دوران ساٿ ڏيندو رهيو. مان سيني سڄڻن جو ٿورائتو آهيان.

جن دوستن جا گُڻ هِن پَنڌ ۾ شامل آهن، تن جا ڳُڻ نہ ڳائڻ جڻ ڳُڻ چور ٿيڻو آهي جيڪو پنهنجي سنڌي روايت ۾ شامل ڪونهي.

## منصور ٽلهو

# ڇپائيندڙ پاران

سنڌ ڌرتيءَ جي ساحلي پٽيءَ جا ماڳ، مڪان، مياڻيون ۽ بندرن جي اُهجاڻن ڪي ڪيترائي سياح، ثقافتن ۽ تهذيبن جا ماڻهو ڏسڻ ايندا رهيا آهن، اهو سلسلو قديم زماني کان هلندو اَچي پيو. مگر هن جديد دور ۾ ڪيترييون اين_جي_اوز ۽ مختلف ادارن جا ماڻهو به ايندا رهيا آهن.

2004ع جي ڊسمبر مهيني جي سخت سرديءَ ۾ هڪ ليکڪ منصور ٽلهو ڪارو ڇاڻ آيو، هن ڪاري ڇاڻ ۽ سامونڊي ڪناري جي علائقي جي پَس منظر ۾ هڪ ناول لکڻ پئي چاهيو.

انهيءَ لحاظ کان ليکڪ هتي جي علائقي ۽ عوامي زندگيءَ جو مطالعو ڪرڻ پي چاهيو. انهيءَ مقصد سان ٽن سالن تائين مطالعو ۽ مشاهدو ڪندو رهيو.

”ناول مٽيءَ مهاڻا“ ليکڪ لکي پورو ڪيو ته منهنجي دل ۾ خيال آيو ڇو نه انهيءَ ناول کي اسان ڇپرايون. مون اها ڳالهه دوستن ۽ سڄڻن سان ڪئي، پوءِ انهن جي گڏيل صلاح سان ”سنڌ ساحل ڪاروڇاڻ پبليڪيشن“ قائم ڪئي ۽ ”مٽيءَ مهاڻا“ ناول ڇپرائڻ جو فيصلو ڪيوسين.

اسان جي اها خواهش آهي ته سنڌ جي ساحلي پٽي جي حوالي سان ڪو به قلمڪار قلم کڻي، هتان جي زندگي، ماحول ۽ تاريخ کي تحقيق جي حوالي سان قلمبند ڪندو ته، اسين ان جي ڪاوش کي پنهنجي اداري طرفان ڇپرائي خوشي محسوس ڪنداسين.

آخر ۾ آءُ انهن دوستن ۽ ميمبرن جو ٿورائتو آهيان جن پبليڪيشن جي پهرين ڪتاب ”مٽي مهاڻا“ ناول ڇپرائڻ ۾ مون سان سهڪار ڪيو.

انچارج

تاريخ:
16.06.2008

جليل ”آزاد“ ڪٽي
سنڌ ساحل ڪاروڇاڻ پبليڪيشن
پوسٽ آفيس ڳاڙهو، ضلعو ٺٽو

# مهاڳ

سنڌ جو ساموندي علائقو جاگرافيائي ۽ تاريخي لحاظ سان تہ اهم آهي، پر معاشي ۽ معاشرتي لحاظ سان بہ اهم آهي. سنڌ ساڳيهہ جو چوڙ وارو علائقو سنڌ ملڪ لاءِ تہ ڀاڳ ڀريو رهيو آهي، پر سڄي دنيا لاءِ دلچسپي جو وڏو سبب رهيو آهي. هزارين ميل سفر ڪري جتي سباجهو سنڌو اچي، سمنڊ کي سلامي ٿي ڀاڪرين پوندو آهي. اتي جي هر جيوت جي زندگي بہ ڏاڍي حيرت ڀري ۽ دلچسپ رهي آهي. ڇو تہ انساني زندگي ۽ ارتقا جي لحاظ سان بہ هي خطو بنهہ اهم رهيو آهي. ڇاڪاڻ تہ پاڻي تهذيبن جو بنياد هوندو آهي. پاڻيءَ کانسواءِ علم، ادب يا تهذيب تہ ڇا پر زندگيءَ جو تصور ئي اجايو آهي.جتي پاڻي آهي، اتي زندگي آهي. دنيا جون تهذيبون شاهد آهن تہ جن ملڪن ۾ مٺي پاڻي جون نديون آهن، اهي سڀاڳا رهيا آهن. پر جن ملڪن کي پنهنجا ساموندي ڪنارا بہ آهن. اهي مُلڪ سَيني کان وڌيڪ ڀاڳ ڀَريا آهن. اجا بہ جن مُلڪن کي چوڙ وارا وسيع علائقا آهن، اهي مالا مال رهيا آهن.

سنڌ ڏيهہ جو چوڙ وارو علائقو، آمدرفت، واپار ۽ ماهيگيري جي لحاظ سان ڏاڍو شاهوڪار رهيو آهي. ساموندي مڇي، درياهي مڇي، ٻنهي پاڻين جي ميلاپ ۾ پلجندڙ مڇي يا انهن علائقن ۾ سنڌوءَ جي پالوٽ ۽ پوءِ ريٽيل زمين جو اپجندڙ اَنُ، ڀاڄيون ۽ ميوا، ماڻهن لاءِ خوشين جا جهول ڀري آڻين ٿا. مڇي بہ ڪُٽپ کان وڌيڪ، هڪ هڪ هوڙي يا ٻيڙي تي سوين، سوين مڻ مڇي ماري ويندي هئي. هن علائقي ۾ ماڻهو ڏاڍا خوشحال هئا. خوشيون سندن اڱڻ تي اَچي جُهڪي سلام ڪنديون هيون. پر افسوس جو اڄڪلهہ هتي جي حالت ڏاڍي ڏکوئيندڙ آهي. سنڌوءَ تي بئراج ۽ ڊئم اَڏي پَنجوڙ وڄهڻ کان پوءِ سنڌوءَ جو لڙاٽيل پاڻي هن علائقي تائين پهچي نہ ٿو. سنڌو جيڪو نہ فقط منو پاڻي ججهو آڻيندو هو پر سون سريکو ريٽ آڻي، هتي نت نوان رنگ نکيريندو هو. جنهن ڪري تمر وغيره جا وڏا وڏا ٻيلا هوندا هئا، جيڪي جيوت جي کاڌ خوراڪ جو وسيلو ۽ پناهہ گاهون هئا. اهي هاڻي تمر جا ٻيلا بہ نہ رهيا آهن. نہ اها جيوت رهي آهي، نہ ئي ماڻهو ۽ ماڻهن ۾ زندگي جي جوت رهي آهي. هاڻي تہ هتي جا ماڻهو پنهنجا لاش پنهنجن ئي ڪلهن تي کڻي هلن ٿا. ڇا ڇا نہ کسيو ويو آهي هن علائقي کان...!؟ اف اوءِ... هوءِ....!! هڪ طرف هتن سان زندگي جا وسيلا کسيا ويا آهن، تہ ٻئي طرف وري قدرتي آفتون، ويرون، طوفان ۽ ٻوڏون وغيره جيڪي جڏهن چاهين تڏهن اَچيو ڪَڙڪَن. اِها موت جي راند پئي هلندي آهي. اهڙي صورتحال ۾ هتي جا ماڻهو ڪيئن گهارين ٿا..!! اهڙا احوال تاريخن جي ڪتابن ۾ تہ آهن، پر اسان جي ليکڪ منصور ٽلهي جي خوبصورت ناول ”مٽي ۽ مهاڻا“ ۾ هتي جي حقيقي حالتن کي ڏاڍي سٺي نموني ڏسي

وائسي، پڙهي، پروڙي ۽ مهاڻن جا ڏک سُور محسوس ڪري سگهجن ٿا.

هي علائقو جتي ديبل بندر، لاڙي بندر، اورنگا بندر، ڏاراجا بندر، جاڪي بندر، ڪڙڪ بندر، سوڪي بندر، وڪر بندر، شاهه بندر، ڪيٽي بندر ۽ ٻيا بندر هئا. انهن ڪانسواءِ هتي درياهي بندر به هئا، جن ۾ ڪارو ڇاڻ مشهور بندر رهيو آهي. هن ناول ۾ ڪاري ڇاڻ جو ذڪر گهڻو آهي، سو به ليکڪ ماضي ۾ موتي اهڙي نموني ذڪر ڪيو آهي. ڇڻ ته اهو ڪاروڇاڻ جيڪو هڪ سو سال اڳ ۾ هو، سو پڙهندڙ اکين سان ڏسي رهيو آهي. اُتي خوشين جا ځراڙ، ماڻهن جي گهرن ۽ دلين جي ڪوڙين ۾ هوندا هئا. وڏا ميلا هوندا هئا. وڻج واپار، گهرو صنعت، ڳاڙها رتڙيا ۽ سڳداسي چانورن جا اَنبار ۽ ڪپهه وغيره. کهڙي ڪوٺ هئي هتي، تڏهن ئي ته ولايت کان ايندڙ سياحن لکيو آهي ته ”هتي جا ماڻهو هفتي جو هڪ ڏينهن ڪمائيندا آهن، ۽ باقي سڄو هفتو آرام سان ويهي کائيندا آهن“. انهي ڳالهه مان چٽي نموني سمجهي سگهجي ٿو ته هتي هڪ ڏينهن جي به اِپتري اُپت هوندي هئي، جو هفتي جي خرچ جي برابر هئي. افسوس جو هاڻي حالتون ان جي ماڳهين ابتڙ آهن.

ڪنهن به تخليق لاءِ سگهاري تصور، ذات ۽ ڏانءُ جو هئڻ ضروري آهي، پر ڪنهن به سگهاري تخليق لاءِ متين ڳالهين سان گڏ گهري مطالعي ۽ مشاهدي جو هئڻ ضروري آهي. جن به تخليقن ۾ اهي سموريون ڳالهيون موجود هونديون آهن، اهي تخليقون زماني تي گهرا اثر ڇڏينديون آهن ۽ اهي تخليقون امر ٿي وينديون آهن. اسان جي ليکڪ منصور ٽلهي پنهنجي ناول ”متي ۽ مهاڻا“ جي لکڻ لاءِ ڏينهن جا ڏينهن، روزاني وهنوار جي سمورن پهلوئن جو گهرو مطالعو ۽ مشاهدو ڪري، ماڻهن جي ذهنن تائين رسيو آهي. وڏي ڪوشش ڪري، اتي جي سڄاڻ ماڻهن کان حقيقتون معلوم ڪري، اصل حقيقتون پنهنجي ناول جو بنياد بڻايون آهن. جن ماڻهن جا مسئلا، معاملا ۽ ماجرائون آهن، يا جيڪي ماڻهو انهن واقعن مان گذريا آهن. منصور ٽلهو پيرين پنڌ ڪري، انهن سان وڃي مليو ۽ انهن جو پيرائتيون حقيقتون، پنهنجي ذات ۽ ڏانءُ جي رنگ ۾ رنگي، اهڙي نموني پيش ڪيون آهن. جو حقيقت ۾ ڪٿي به ڪا ڦير ڦار ۽ من گهڙت نه ڪئي ويئي آهي. لڳ ڀڳ ٽِن سالن کان وٺي لڳاتار منصور ٽلهي ميربحرن، ماهيگيرن ۽ معلمن سان ڪڏهن ٻيڙي، ڪڏهن لانچ ته ڪڏهن ڪنهن هوڙي ۾ ساموندي سفر تي هوندو هو. ڪڏهن ڪنهن ٻيٽ تي ترسيل، ته ڪڏهن سنڌو جي ڪنهن ڇاڙهه تي ٽڪيل، ته ڪڏهن ڪنهن ڪاريءَ ۾ ڪاري جي ڪيڙائن سان گڏ، ڪڏهن وري انهن ماڳن ڪي ميارون ڏيندي، جن ماڳن تي ويرون وڙهيون هيون. ۽ ڏسندي ڏسندي جاننا جوان ملاح سمنڊ جي ساگر ۾ هليا ويا. ته ڪڏهن وري ڪن مياڻين تي ملاحن جي محنت جو نيلام ٿيندي پيو ڏسندو هو. اهي سموريون حقيقتون هن پنهنجي ناول ۾ سميٽيون آهن.

سنڌ جي اُتر واري ڀاڱي جو ماڻهو جيڪو هن علائقي ۾ اچي ٿو، ان لاءِ هتي جون

گهٽيون ئي ڳالهيون نيون، نراليون ۽ دلچسپ آهن. پر ڪيس هتي جي ماڻهن جي زندگين ۾ گهٽا ڏک ڏسڻ ۾ اچنس ٿا. سنڌ جي اُتر واري پاڱي ۾ نئون آبپاشي (بئراج) نظام، سنڌ جي لاڙ ڪان اڳ ۾ آيو. اتي زرعي خوشحالي ۽ تبديلي اڳ ۾ آئي هئي. جڏهن ته سنڌ جي لاڙ واري علائقي ۾ اها تبديلي ۽ خوشحالي دير سان رسي. پر سنڌ جي خاص ڪري چوڙ وارو علائقو جتي چاليهارو سال اڳ تائين به ميجيءَ جا انبار لڳندا هئا، جانورن جا الائي ڪيترا قسم ٿيندا هئا. وڏا وڏا باغ هوندا هئا، سنڌوءَ جو لڙاٽيل پاٽي هتي اچي پٽ پري خوشيون ورهائيندو هو. ڄمون، ليسوڙا، چڪو، انب، ڪيلا، ڪمند، ڪپهه وغيره جو پليون آباديون ٿينديون هيون. لطيف سرڪار ڄڻ ته ڪا پيشن گوئي ڪئي هئي ته،

نه سي وونئڻ وَٽن ۾، نه سي ڪاتاريون،
پَسيو بازاريون، هينئڙو مون لوڻ ٿئي.
(لطيف)

اسانجي ڪن محققن کي اعتراض آهي ته انهيءَ بيت ۾ لطيف جي مشاهدي جي ڪمزوري ظاهر ٿئي ٿي. ڇو ته وونئڻ جو وڻ نه پر ٻوٽو ٿيندو آهي. پر انهن ذهن، مطالعي ۽ مشاهدي جي ويچارن کي اها خبر ئي ناهي ته سنڌ ۾ وونئڻ جو وڻ ٿيندو هو. لاڙ خاص ڪري چوڙ واري علائقي ۾ وونئڻ جو وڻ ته هڪ سو سال اڳ تائين به جام ٿيندو هو. جنهن جو نسل اڃا به بدين ۽ ميرپورخاص جي ڪن زمينن تي موجود آهي. ۽ پڻ ٺٽي ضلعي جي ڳوٺ رئيس خير بخش خان لغاري (دڙي ٻيلي روڊ تي) باڊ جي نالي سان مشهور علائقي واري زمين ۾ اهڙو ڪپهه جو نسل موجود آهي. انهيءَ ڪپهه جو نسل ٻيلي شهر ۾ حامديه جامع مسجد جي پارڪ ۾ به موجود آهي. جڏهن ته ٻيلي شهر جي زميندار محمد خان "مخلص" جي زمين ۾ به اهڙي قسم جي ووڻٽن جا وڻ ڏسي سگهجن ٿا. انهيءَ وونئڻ جي ڪپهه به بنهه ملائيم ۽ نرم ٿيندي آهي. انهيءَ ڪپهه مان دز وغيره به گهٽ نڪرندي آهي. هن علائقي ۾ ته ساڳ ۽ لاٽي جا وڻ به جام ٿيندا هئا. جنهن جو ڪاٺ مضبوطيءَ جي لحاظ کان پنهنجو مٽ پاڻ هو. سوين سال اڳ ۾ استعمال ٿيل اُنهيءَ پراڻي ڪاٺ جو نمونو ٺٽي ٺنگر شهر ۽ چليا ڳوٺ ۾ اڄ به ڏسي سگهجي ٿو. جتي صوف ۽ ڏاڙهون جام ٿيندا هجن، جتي لوهه ۽ شورو ملندو هجي، اتي ڇا ڇا نه هوندو هو.

اڄ ڪان چاليهارو سال اڳ تائين سکر ۽ سنڌ جي ٻين علائقن ڪان ماڻهو ٻيڙين ۾ لڏجي سياري جي شروع ۾ هتي ايندا هئا ۽ اچي سارين جو لابارو ڪندا هئا. لابارن جي لاهين (ٻنئي جي پتي) مان کين ايترا چانور ملندا هئا، جو هو نه فقط هتي وارو وقت ڪائيندا هئا. پر سڄي سال جي پيٽ گذر لاءِ گڏ ڪري ڊوندن (ٻيڙين) تي پري ڪٽي ويندا هئا. هن ناول ۾ اهڙي احوال جون جهلڪيون به ملنديون. پلاٽ، ٻولي ۽ اسلوب جي لحاظ

سان بہ ڇگُو ناول آهي. گهٽ ۾ گهٽ هي دعويٰ ڪري سگهجي ٿي تہ هن موضوع تي پهريون ناول آهي. هي ناول ڇوڙ واري علائقي جي ڪرين حقيقتن تي ٻڌل آهي. ڇوڙ واري علائقي ۽ سمنڊ ۾ ويندڙ مير ملاحن، معلمن جو هڪ داستان آهي. جنهن ۾ ڏک ڏاکڙا بہ آهن تہ سک ۽ امن جا احوال بہ آهن. تلخ حقيقون بہ آهن، تہ وري جماليات جا جولان بہ آهن. هن ناول ۾ ڪهاڻيءَ جا ڪردار بہ دلچسپ، سگهارا ۽ اسان جي سماجي بيهڪ سان ٺهڪندڙ آهن. جيتوڻيڪ ڪهاڻيءَ جا ڪردار فرضي نالن سان ڪنيا ويا آهن. باقي مهاڻن جي زندگيءَ جو ڏيک حقيقي ڪردارن سان ڏيکاريو ويو آهي. پرائمري اُستاد سارنگ ڪان ويندي ناکئي اِبو واڍي تائين. هن ناول ۾ هڪ اهم زنده ڪردار اِبو واڍي جو آهي. جيڪو دلچسپ هئڻ سان گڏ لوڪ ادب ۽ ڏاهپ جو خزانو آهي، جنهن کي ساموندي ۽ درياهي دنيا جي گهڻي ڄاڻ آهي. تنهن جو ذڪر هو بيتن ۾ مختلف وقتن تي بيان ڪندو رهي ٿو. ليکڪ اهڙا بيت هن ناکئي کان چورائي، پنهنجي ناول جي رڪارڊ ۾ آڻي لوڪ ادب جو حصو ثابت ڪيو آهي.

هئڻ تہ ائين کپندو هو تہ هتي جيڪي بہ زلزلن، طوفانن، ويرن وغيره جون تباهيون آيون، انهن جي تاريخ تي تاريخدانن ۽ محققن پاران ڪيترائي ڪتاب لکيا وڃن ها. هتي جي سموري معلومات رڪارڊ تيڻ گهرجي ها. هتي جو ثقافتي ڪلچر ۽ لوڪ ادب محفوظ ٿيڻ کپي ها، پر افسوس جو هن وقت تائين ڪنهن بہ تاريخدان هن علائقي تي ڪم نہ ڪيو وري بہ همٿ ڪري منصور هن علائقي جي پس منظر ۾ ناول لکيو آهي.

ناول جو هيرو سارنگ جڏهن ڪارو ڇاڻ ۾ پنهنجي دوست رحيم بخش ڪتيءَ وٽ رهي ٿو. ڪارو ڇاڻ بندر جي ماضيءَ وارا احوال ٻڌي ٿو تہ ڪيس مهاڻن جي زندگيءَ کي ويجهڙائيءَ کان ڏسڻ جو چاهہ جاڳي ٿو. ان دوران هن جي ملاقات حاجن سان ٿئي ٿي. جيڪو ڪيس پنهنجي دوست جي شادي جيڪا ڳاڙهي ۾ ٿيڻ واري آهي ان جي دعوت ڏئي ٽڪڻ جي لاءِ زور پري ٿو ۽ سارنگ رهي پوي ٿو. ڇڻ هن جي اندر واري ڳالهہ ڪري وڏي هيائين. پوءِ حاجن ناول جي هيرو سارنگ کي ڪيٽي بندر تي وٺي وڃي ٿو. ڪيٽي بندر کان ٿي سارنگ جنگي سَر اچي ٿو. پوءِ ابراهيم شاهہ واڙيءَ واري ميلي ۾ اچي ٿو، جتي هن جي ڏيٺ ويٺ امير بخش جت سان ٿئي ٿي جيڪو ڪيس جاتي شهر گهمڻ جي دعوت ڏئي ٿو. ائين ئي ناول جو هيرو سارنگ جاتيءَ ۾ اچي ٿو. اُتي 1999ع جي طوفان جي تباهيءَ وارا قصا ٻُڌي، اُهي ماڳ مڪان ڏسي ٿو. جن کي ليکڪ هن ناول ۾ درج ڪيو آهي. هن ناول ۾ ماما ڇَڇَر جو ڪردار جيڪو پنهنجي مزاح جي لحاظ کان تر ۾ گهڻو مشهور آهي، تنهن کي بہ ليکڪ پنهنجي قلم ۾ آندو آهي.

ناول جي هيروئن منيءَ کان ويندي حليمان ڇيريءَ تائين.سڀ ڪردار دلچسپ آهن. مني هڪ معصوم، نماڻي، سراپا سچ ۽ پنهنجي روايتي ڪردار ۾ اخلاقي قدرن سان ڏيکاري وئي آهي. آخر ۾ هوءَ اهو بہ سوچي ٿي تہ سارنگ هڪ مرد آهي، هن سماج

۾ مرد آزاد هوندو آهي سو سارنگ مون ڏانهن اَچي پئي سگهيو، پر افسوس...!

سارنگ جي ماسات سورٺ جو به اهم ڪردار آهي، جنهن ڪي سارنگ جي پيڙاءَ ۽ اندر جي تڪليف جو گهرو احساس ٿيندو رهي ٿو، تنهن هوندي به سورٺ پنهنجي محبت ۽ رشتي جو فرض نڀائيندي سارنگ جي سيوا ڪندي رهي ٿي ۽ هوءَ موت ۾ ڪائنس ڪجهه به نٿي گهري. اهو احساس سارنگ کي بنهه دير سان ٿئي ٿو. ڪردار جي لحاظ کان هي ناول سنڌي ٻوليءَ جو سهڻو ۽ حقيقي ناول آهي.

سنڌي ٻوليءَ ۾ جيڪي به ناول ڇپيا آهن، انهن ۾ موضوع، اسلوب، ٻوليءَ وغيره جي لحاظ سان هي ناول هڪ نواڻ آهي. جيڪا منصور ٿلهي سنڌي ادب کي ارپي آهي. هي ڪتاب فقط هڪ ناول ئي نه پر هن علائقي جي هڪ زماني جي تاريخ آهي. منجهس جاگرافيائي جهلڪيون آهن. ماڻهن جا نالا، ذاتيون مطلب ته گهڻا ڪردار حقيقي، انهن مان ڪيترا ته جيئرا جاڳندا آهن. طوفان، ويرن وغيره جي ور چڙهيل ماڻهو ۽ انهن ڳوٺن جا نالا به اصل آهن. تنهن ڪري هي ناول هتي جو هڪ دستاويزي رڪارڊ آهي. انهيءَ لحاظ سان پڙهندڙن کي هي ناول هتي جي تمام گهڻي معلومات مهيا ڪندو. اهو ڪارنامون منصور ٿلهي سرانجام ڏنو آهي، بلڪ منصور هي ناول لکي هڪ تاريخدان جو فرض به نڀايو آهي.حالانڪ هڪ بئنڪ آفيسر جيڪو پيئسن ڳڻڻ ۽ حساب ڪتاب ڪانسواءِ ڇا ٿو ڪري سگهي. پر منصور انهيءَ جي ابتڙ گهڻو ڪجهه ڪري ڏيکاريو آهي. ڇو ته پاڻ بنيادي طرح سان ليکڪ آهي. هڪ ليکڪ جو جيڪو فرض هوندو آهي، سو هن دوست ڀرپور نموني سان نڀايو آهي. نه گهڻيون ڪهچريون ڪري، پنهنجو وقت وڃائي، نه ئي ٻئي جو وقت ڪوڙي ڪري. هر وقت پنهنجي جستجو ۾ محو هوندو آهي. منجهانئس اسان جي نوجوانن کي ضرور سبق حاصل ڪرڻ کپي. آءُ پڪ سان چوان ٿو ته منصور ٿلهي جو هي ناول پڙهندڙن لاءِ نئون ۽ دلچسپيءَ جو وڏو سبب ته بڻبو پر ناول جي ليکارين لاءِ هڪ نئين نيند به آهي.

ٺٽو ننگر

25 جنوري 2008ع

ڊاڪٽر محمد علي "مانجهي"

باب پهريون

# مِٿي ۽ مُهاٽا

نہ ڪا بوءِ بازار ۾، نہ ڪا چِلَر چَٽَ
جتي ڏنيرن جي اڳي هئي اڪٽ
سي پڙ پسوئي پٽ، ماڻهو سپ موتيا وجن.

(شاهہ)

ٻنپهرن جو سج پنهنجي سفر ۾ رڌل هو، پر اُنهن جي ڪِرڻن ۾ ايڏي تَپش نہ هئي جو اهو سياري جو سج هو.

پَتڻ تي ڇهہ سَت هوڙا بيٺل هئا، جن تي مختلف نمبر لکيل هئا، شايد اهي رجسٽرڊ هوڙا هئا. انهن هوڙن جا نمبر (BC) کان شروع هئا.

پَتڻ تي هُن پار وڃڻ جي لاءِ بيٺل ماڻهو، جِن ۾ ڪي نوجوان ۽ پَڪي عمر جا ماڻهو هئا، انهن ۾ هڪڙي نوجوان ڪي هٿ ۾ ٿيلهو هو، جنهن ڪِنهن وقت هوڙن ڪي تہ ڪِنهن وقت پر ۾ بيٺل ماڻهن ڪي تي ڏٺو. پر هن جي نگاهہ هر هر ان نينگر ڏانهن ٿي وئي، جنهن جي عمر پندرهن سورنهن سال هئي.هُو ماڻهن جي نظرن کان بي خبر پَتڻ تي اونڌي ٿِيل هوڙي (ٻيڙيءَ) کي وينو کُري.

اهو ڏسي پَتڻ تي بيٺل نوجوان جنهن جي هٿ ۾ ٿيلهو هيو، ان کان رهيو نہ ٿيو، وک وڌائي پاسي واري پڪي عمر واري همراهہ کان پڇايائين.

”چاچا...“

”جي اَبُل...“

”اهو ڇوڪرو ڇا پيو ڪري؟“ ان همراهہ ڏٺو تہ هي نوجوان پهريون ڀيرو پَتڻ تي آيو آهي، تنهن ڪري هوڙن (ٻيڙين ) ۽ پاٽيءَ ڏانهن عَجب ڀريل نگاهن سان پيو ڏسي، اهو سوچي مرڪي ڪيس چوڻ لڳو،

”اَبُلَ...! لڳي پيو پهريون ڀيرون ڏٺو اٿئي..؟“

”جي چاچا...“ پڪي عمر وارو همراهہ هوڙي کي کرڙيندڙ (کرچيندڙ) ڇوڪري ڏانهن نهاري، وري ان نوجوان ڏي مُنهن ڪري چوڻ لڳو.

“ابل! اهو ڇوڪر ڳن وارو گاليو پيو کُري، ڳن وارو گاليو جنهن کي ڪِينجَهر ۽ مَنڇر جا مُهاٽا ٻَتيلو چون ٿا“.

اَبل....! بتيلي کان بہ ننڍڙي ٻيڙي ٿيندي آهي، ان کي مَڪڙي چون، جنهن ۾

صرف ٻہ ماڻهو ويهندا آهن. ڪترا رَڇ معنيٰ ننڍين سوراخن وارا پوڪيندا ۽ سارِيندا آهن. مون کي لطيف سائين جو بيت ياد اچي ٿو.

”مَئي هَٿَ مَڪڙي، ڄار هَٿَ چار،
سڄو ڏينهن شڪار، ڪينجهر ۾ ڪالهہ هو.

چاچو ڪجهہ سوچي نوجوان ڏانهن نهاري وري چيو. ”ادا...“! توهان کي اهو بہ ٻڌايان تہ ”مَڪڙي“ ٻيڙيءَ کي چوندا آهن. ڪاري جي ٻوليءَ ۾ ٻيڙيءَ کي ”پاٽ“ چون. هن جا ڪيترائي قسم ٿيندا آهن. ”ننڍي مڪڙي“ ۽ ”وڏي مَڪڙي“ جنهن کي ”دنگي“ بہ چون. ننڍي مَڪڙي کي ساحلي پٽي وارا مهاڻا ”ريتري هوڙي“ چوندا آهن. جيڪا ننڍين شاخن ۽ ڍورن ۾ مهاڻا هلائين ۽ مڇي مارين، ڪانيون ۽ مال جي گاهہ لاءِ تمر جا پَن پٽي ڪٽي ايندا آهن.

نوجوان کي ”ڳَن وارو گاليو“ جو مفهوم سمجهہ ۾ نہ آيو، پر ... هو وڌيڪ پڇڻ بجاءِ خاموشيءَ سان ان طرف ڏسندو رهيو .

چاچو هن جي چهري ڏي نهاري پوءِ ڇوڪري ڏانهن ڏسندي چوڻ لڳو.

”اَبَل... ڇوڪر هوڙي (ٻيڙيءَ) تان ڪَٽ ڪَس پيو لاهي. ڳَن وارو گاليو يا هوڙو، هي ڳَن تي بہ هلايو ويندو آهي ۽ سڪاڻ تي بہ پڻ هلائين. جڏهن پاڻي ۾ هلندو آ تہ، پاڻيءَ منجهہ جيڪي جيت هوندا آهن سي ڪاٺ (هوڙي) کي هيٺان ۽ پاسَن کان چنبڙي پوندا آهن. ان جيت کي ”ڪَڏِي“ چئبو آهي. هوڙي کي جڏهن ڪَڏي جيت لڳي پوندو آ، تہ ان کي جلدي نہ لاهڻ سان يعني هوڙي جي صفائي نہ ڪرڻ سان ان ڪڏي مان گهٽو جِيت پيدا ٿيندو آ جيڪو نئين ڪاٺ کي سوراخ ڪري ختم ڪري ڇڏيندو آهي. جنهن جو قد ٻن سوٽن جيترو ٿئي ٿو. ڪَڏي ۽ گهٽو ٻئي ڪاٺ کي ٽڪيو ختم ڪريو ڇڏين، جنهن سان هوڙي جي زندگي گهَٽجيو پَوي. جي هوڙي کي هَر مهيني کُري صاف ڪري تيل هنيو ويندو تہ پوءِ هوڙي جي عمر وڌيو وڃي ۽ اَٺ ڏهن سالن تائين هلي، هوڙي جي زندگي وڌندي تہ مهاڻي جي عمر بہ وڌندي. جي صاف نہ ڪبو تہ پوءِ ڇهہ، اَٺ مهينا بہ وڏا آهن ۽ هوڙي جي زندگي پاڻي ۾ ڳريو ختم ٿيو وڃي.

نوجوان وري ان ڇوڪري ڏانهن ڏٺو، ايتري ۾ پَتڻ تي ويٺل ماڻهن مان هڪ ڄڻي هوٽل جي طرف (جيڪو پَتڻ کان چند قدمن جي فاصلي تي هو) مُنهن ڪري آواز ڏنو.

”او... پاتِڻي هَل...!“

جڏهن پاتڻي آيو، پنهنجي هوڙي ڏانهن هلڻ لڳو تہ، پَتڻ تي ويٺل ماڻهو ان جي پويان هلڻ لڳا، جن جا ور ڪنيل هئا، اهي ڳپَ کي يعني لهي وَيل سامونڊي پاڻيءَ کي آلڙ چون، ان مان هلندا هوڙي وٽ آيا.

جڏهن اهو نوجوان ٻين ماڻهن کي هوڙي ڏانهن ويندو ڏسي، بوٽ لاهي هَٿ ۾ ڪري، ٿيلهو ڪنڌ ۾ وجهي ڳپَ ۾ لٿو تہ سندس جسم لڏڻ لڳو، هوڙي تي ويٺل هڪ

همراهه محسوس ڪيو ته ”هي نوجوان نئون آهي، تڏهن پيو ترڪي ،“ پوءِ ان آواز ڏئي چيس.

”او... ڀائو! پيرن کي ڪنڌو ڪَر، پيرن جي آڱرين وارو اڳيون حصو پوئتي موڙي هَل، پر هَري هَري پوءِ ترڪندين ڪونه...“

نوجوان هوڙي تي وينل همراهه جا لفظ ٻڌي وائڙو ٿي ويهي رهيو. هن کي منجهيل ڏسي، پوءِ ان ساڳئي همراهه هوڙي کان پير هيٺ لاهي، پنهنجي پير جو اڳيون حصو ڪنڌو ڪري کيس ڏيکاريو ته، ان نوجوان کي ڳالهه سمجهه ۾ آئي. پوءِ هو پيرن جو اڳيون حصو ڪنڌو ڪري گپ منجهان هري هري هلڻ لڳو. جڏهن هوڙي جي پرسان اچي پهتو ته، هوڙي تي وينل همراهه چيس.

”ڀائو! ڪنڌي پير ڪري هَلڻ سان، پير گپَ ۾ کُپي پوندو آ، پوءِ ماڻهو ڪونه ترڪندو. ادا... جيڪڏهن پير سِڌا ڪري هلين ها ته، ڪرين پوين ها.“

هوڙي تي وينل ٻئي همراهه وراڻيو .

”اي نوجوان! اهي پير تنهنجا ٿائر آهن، جي سڌا ڪرين هلين ها ته ترڪي وڃين ها، پر سنو ٿيو جو پير ڪنڊا ڪري هليو آئين، گپ ۾ ائين هلبو آهي.“

ان جوان لاءِ هوڙي تي چڙهڻ مسئلو پيدا ٿي پيو. پيرن کي ڌوئڻ (يعني گپ لڳل پيرن کي ڌوئڻ) گپَ مان هلڻ جي ڪري، سندس شلوار جي پاچن کي گپ جا چندا لڳي ويا. جڏهن ته هن سلوار جا پاچا متي ڪنيا هئا. نوجوان هوڙي جي ڳن تي هٿ رکي سجو پير ڌوئي، پوءِ اهو پير ڳن تي رکي ڪٻي پير کي پاڻيءَ ۾ چانچوليو، پير ته گهڻو صاف ڪونه ٿيس، پر چڱي گپَ لَهي وئي هئس. نوجوان ٻئي هٿ پنيان ڪري هوڙي تي ٽيڪ ڏئي متي چڙهيو، بوٽ پاسي کان رکي ڪنڌ مان ٿيلهو ڪڍي اهو جهوليءَ ۾ رکيائين. هوڙي تي وينلن مان هڪ ڄڻي هن ڏي نهاري چيو ”ڀائو! درياءَ ڪنڌي ڇڏي ويو آ، تڏهن آلڙ ٿي پئي آهي.

هوڙي تي ڏهه پَندرهن ماڻهو وينل هئا، لوهه جي ناتاري جا ڪناري تي هوڙي کي جَهلڻ جي لاءِ ڪتل هئي، سا پَٽَ مان ڪڍي، پاتِڻي هوڙي جي متان لڳل ٽنگ مشين (موٽر) کي جيڪا ڊيزل تي هلندڙ هئي، ان کي چالو ڪيو ته مشين جي گوڙ ۾ هوڙو ڪنڌي ڇڏي آهستي آهستي هلڻ لڳو. هوڙي تي وينل همراهه سيئي ان نوجوان ڏانهن ڏسن پيا. هڪڙو ڄڻو سري اچي نوجوان کان پڇڻ لڳو.

”ياءُ! ڪر خبر ڪير آهين؟“

نوجوان پنهنجو ڏيان پاڻيءَ تان هٽائي کيس جواب ڏنو.

”ادا... منهنجو نالو سارنگ آهي.“

ياءُ نالو ته يَلو اَٿئي. اسين پاڻ سارنگ جا آسائتا هوندا آهيون. ڏڪاريل ڏيهه وارن جون اَکيون سدائين سارنگ جي مِينهن لاءِ آسَ لڳايون وينيون هونديون آهن. ڪڏهن ٿو

سارنگ ساڻ ڪري اچي..!!همراهه پاڻيءَ ۾ نهاري وري آسمان ۾ ڏسي چوڻ لڳو!
"پائو! ورهيہ ٿيندا جو سارنگ بہ اسان سان ناتو ٽوڙي ويو آهي."
هوڙو لهرن تي لڏندو هلندو رهيو، سارنگ جي پاسي ۾ وينل ٻي همراهه کائنس پڇيو.
"پائو! ڪٿان آيو آهين...؟"
"چاچا! سکر مان..." هن مشڪندي وراڻي ڏني.
"پائو جي آئين، ڀلي آئين، مهمان آئي اسان جو من سرهو ٿيو پوي."
سارنگ هوڙي ۾ وينل ماڻهن ڏي نهاري، وري پاڻي جي لهرن کي ڏٺو، پوءِ جهڪي هٿ هيٺ ڪري درياءَ جي پاڻي مان ٻڪ ڀري، پاڻيءَ جو ڍڪ ڀريو تہ ڪيس ڪارو لڳو. ڀر ۾ وينل همراهه جنهن هن کان ٿورو اڳ نالو پڇيو هو، سو چوڻ لڳو.
"پائو! اهو درياءَ جو منو پاڻي ڪونهي، هي سمنڊ جو ڪارو پاڻي آهي. ڪئي سالن کان وني پيچڙيءَ تائين سنڌو درياءَ جو پاڻي اَچي ڪونہ، توهين جتان هوڙي ۾ چڙهيا، اهو درياءَ جو ڦاٽ آهي. ڪڏهن تہ هن ڦاٽ ۾ مِٺي جون لهرون اهڙيون سهڻيون لڳنديون هيون ۽ جسم کي سندن ڇهاءُ اهڙو وڻندڙ هيو، جو ڳالهہ ئي نہ پڇ...!!"
اهو همراهه خاموش ٿي ويو، پوءِ ٿڌو ساهہ ڀري وري چوڻ لڳو.
"هينئر سمنڊ جي ڪاري پاڻيءَ جا ڏکَ سَهي اسان جون اکيون، اسان جو هنيانءُ، اسان جي زندگي ڪاري ٿي پئي آهي. خوشي، هِنِن پَٽن مان موڪلائي وئي آهي ،جو سنڌو درياءُ اسان کان رسي ويو آهي."
اها ڳالهہ ٻڌي سارنگ جي ذهن ۾ سوال اڀريو، هن ساڳئي همراهه کان پڇيو.
"چاچا! درياءَ جا ڦاٽ ڪيترا آهن...؟!
ابل! سجاول پل سنڌو درياءَ تي آخري پل آهي. ان کان پوءِ درياءَ اڳتي وڌي اچي ڇئن دريائن ۾ ورهائجي وڃي ٿو.پهريون درياء ڦاٽ. جنهن مان هلون پيا، ٻيو درياءَ مُنٽي، ٽيو درياء گُنڊ ۽ چوٿون درياء ونو. پوءِ انهن منجهان ننڍا ننڍا ٻيا درياءَ نڪرن ٿا ۽ جيڪي بہ درياءَ آهن هن وقت انهن سيني ۾ سمنڊ جو ڪارو پاڻي اچي ويو آهي. مهاڻا پنهنجي زبان ۾ تنهن پاڻيءَ کي درياءَ چون، ويچارا ائين پنهنجي مرجهايل مَن کي آٿت ڏين پيا. هاڻي سمنڊ جو پاڻي وڌندو اچي تنهن ڪاري جي زمين جون ڪيتريون ديهون ڳڙڪائي ڇڏيون آهن، هر سال اڳتي وڌندو پيو اچي."
سج جاڪرٽا درياءَ جي پاڻيءَ مٿان چمڪندا رهيا. هوڙو شور ڪندو هلندو رهيو. سارنگ جي نگاهہ ٻئي هوڙي ڏانهن هلي وئي، جيڪو ڀري کان پئي آيو. جيئن هن پنهنجو خيال ان هوڙي تان هٽايو تہ ان ساڳئي همراهه چيس.
"پائو! ڪاري چاڻ ۾ ڪنهن وٽ ويندا...؟!
"ادا! رحيم بخش وٽ"

”ها... ڊاڪٽر غلام محمد ڪٽي جو پٽ، اهو پنهنجو ڇوڪرو آهي. ڪنڌيءَ تي لَهي سَڌ پَنڌ جو ڪرڻو پوندو. توهان پير بہ اتي ئي هلي ڏوئجو. پَترڻ ۽ ڪاري چاڻ جي ڪنڌي جو فاصلو چار فرلانگ آهي، پر هوڙو ڦيرو ڪائي ڪجهہ وڌيڪ هلي ڪري ويهن پنجويهن منٽن ۾ اتي پهچندو.“

جڏهن هوڙو پاڻيءَ منجهہ شور ڪندو اچي ڪاري چاڻ جي ڪنڌيءَ پرسان پهچڻ وارو هو تہ پاتِڻيءَ جي پر مان هڪڙو همراهہ اتي مشڪندو، هوڙي ۾ وينلن ڏانهن نهاري آواز ڏنو.

”پَترڻ ڏيو“

سارنگ کي ان لفظ جي معنيٰ سمجهہ ۾ نہ آئي ۽ ان همراهہ ڏي ڏسڻ لڳو تہ تنهن بيهر آواز ڏنو.

”پَترڻ ڪڍو“ هر ڪو ڪيسي مان ڏهہ ڏهہ رپيا ڪڍندو کيس ڏيندو ويو. پوءِ سارنگ کي ڳالهہ سمجهہ ۾ آئي، هي ڀاڙو پيو وٺي. هوڙو اچي ڪنڌيءَ سان لڳو. سارنگ ان نوجوان کي ڏهہ رپيا ڏئي، بوٽ هٿ ۾ ڪٽي، ٽيلهو ڪنڌ ۾ وجهي لهي، ان همراهہ سان گڏ پيرن اگهاڙو ڪلراٺي زمين تان هلندو رهيو. هن جي نگاهہ ڪلراٺي زمين تان ڦرندي رهي، جت ديوين جا ننڍا ننڍا وَڻ رستي جي ٻنهي پاسن کان هئا، تن کي ڏسندو ٿي رهيو. زمين تي هن ٻيون وليون ڏٺيون، جيڪي ڌرتيءَ سان ائين چنبڙي پيون هيون جيئن ڪو ٻکايل ٻار ماءُ جي ڏٻري بدن سان چهٽيو پيو هوندو آهي. هن کي ان وَلِ جي نانءُ جي ڪا خبر ڪانہ هئي. ٿوري پنڌ کان پوءِ هن ڪانين جا ڪچا گهر، ڇَنا ۽ مَنهہ ڏٺا، جن جي ٻاهران ڪچي گاري وارا چاپڙ لٿل هئا ۽ جن مان ڪاريون ڪانيون اندران بلڪل چٽيون صاف ٿي نظر آيون.

هي جڏهن انهن ڇنن وٽ پهتا تہ سارنگ ماڻهن جي اچ وڃ ڏٺي، هن سان گڏ هلندڙ همراهہ مُرڪي چيو.”ادا! سارنگ! اسين ڪاروچاڻ رسي ويا آهيون، هيءَ بازار جتان هلون پيا، سامهون ڪٻي هٽ تي ڊاڪٽر جي اسپتال آهي.“ جيئن همراهہ جملو پورو ڪيو تہ سارنگ جي نگاهہ رحيم بخش تي پئي، جيڪو ٻاهر ڪرسيءَ تي ويٺو هو، بہ ٽي ماڻهو بينچ تي وينل هئا. سارنگ دوست کي ڏٺو تہ خوشيءَ مان ٽڙي پيو.

رحيم بخش کيس ڏسندي اٿيو ۽ وک اڳتي وڌائي رحيم سان ڀاڪر پائي مليو. پوءِ سارنگ ٻين سان هٿ ملائڻ لاءِ وڌيو تہ سڀئي مهمان جي مان ۾ اٿي بيٺا، تن کي هٿ ڏئي هي رحيم بخش جي پرسان اچي ويٺو. بينچ تي هڪ وينل همراهہ جنهن جي عمر سٺ ستر سالن جي وچ واري هئي، تنهن رحيم بخش ڏانهن نهاريندي وراڻيو.

”رحيم! ياءُ جون خبرون سٺائي ڪير مڙس آهي...؟“

اهو ٻڌي سارنگ ان بزرگ شخص ڏانهن مُنهن ڪري پنهنجو تعارف پاڻ ڪرايو.

”چاچا! منهنجو نالو سارنگ آهي، سکر کان آيو آهيان، رحيم بخش دوست اٿم،

گهٽا ڏينهن ٿيا هان سڪ لڳم ملڻ لاءِ هليو آيس.“

”ڀائو! ڀلي آئين، سرهائي ٿي“ ۽ ڪيس ڪيڪاريندي چيائون ”خوش آهيو، نهيا جوڙ جوپ.“

پوءِ وينلن پنهنجو تعارف ڪرايو، جنهن سارنگ کان نالو پڇيو. تنهن بزرگ شخص پنهنجو نالو عبدالله ملاح ٻڌايو، ان جي پر ۾ هڪ پڪي عمر وارو همراهه جنهن جي اڇي ڪاري ڏاڙهي هئي ، ان حاڪم نالو ٻڌايو، تنهن جي پاسي ۾ هڪڙو نوجوان سو مُرڪي خوش ٿيندي پنهنجو نالو ميهار مهاڻو ٻڌايو. ايتري ۾ رحيم بخش اٽي چانهه ونڻ جي لاءِ هوٽل ڏي هليو ويو.

سارنگ جو ڌيان سامهون بيٺل پاڻيءَ جي دٻي ڏانهن ويو، پاڻيءَ جي سائي دٻي جي هڪ ڪنڌيءَ کان ديوين جي گهاٽن ساوَن وڻن جون هُڙيون هيون، ته ٻئي طرف ڪانين وارا ڪچا چنا، مَنهه هئا . هڪ چني مان جيڪو سارنگ جي سامهون پاڻيءَ جي سائي ڏُٻي جي ڪنڌ وٽ هو، ان جي ڪچي گاري جي لٽل چاپڙن ۽ ڪانين جي سنهڙن سوراخن مان ٿي ويءَ جو آواز ٻاهر ٻڌڻ ۾ ٿي آيو. سارنگ جو ڌيان ان طرف ڏسندي بينچ تي وينل حاڪم چوڻ لڳو.

” ڀائو سارنگ! اها هوٽل آهي، بيٽريءَ تي ٽي وي هلائيندا آهن. شام تائين ڇهچٽو لڳو پيو هوندو آهي “.

سارنگ جي نگاهه ٻيهر ان سائي پاڻيءَ واري دٻي ڏانهن هلي وئي، جنهن جي ڪنارن کان هيٺ پاڻيءَ ۾ گند ڪچرو سينورجي ويو هو. رحيم بخش چانهه ڪٽي آيو، ڪوپ ۾ لاهي سارنگ کي ڏيڻ لڳو ته سارنگ پنهنجي خيالن ۾ بيٺل پاڻيءَ جي دٻي کي ڏٺو ٿي ته، رحيم بخش آواز ڏئي چوڻ لڳس.

”سارنگ! ڪهڙن خيالن ۾ آهين؟“ رحيم بخش جي آواز تي سارنگ جا خيال ٽٽِي پيا، ڪَنڌ مٿي ڪٽي، دوست کي ڏسندي چانهه جو ڪوپ ورتو، پر هن جو خيال وري ان پاڻيءَ جي سائي ڏُٻي طرف هليو ويو.

”سارنگ“ رحيم بخش آواز ڏنو.

”جي... جي...“

”چا پيو ڏسين...؟“

”ادا... بس ائينءَ، ڪاري چاڻ جي سِڱَ پريت وارن چَنن مَنهَن کي ٿي ڏٺو.“

چاچي عبدالله جنهن گهٽي وقت کان ويني سارنگ کي پئي ڏٺو... سو سمجهي ويو ته هي نوجوان ان دٻي مان نگاهون ڪڍي ڪونه پَيو... پوءِ ٿڌو ساهه ڀري سارنگ ڏانهن نهاري چوڻ لڳو.

”اَبُلَ... سارنگ! اهو دٻو جنهن کي تو هَر هَر پئي ڏٺو، اهو ڪاري چاڻ جي ماضيءَ وارو درياهُ هو. جيڪو وهندو وڃي سمنڊ جي ڪاري پاڻيءَ ۾ چوڙ ڪندو هو. جتي پاڻ

هينئر وينا آهيون سو ”بَندَر“ هو. اهي لفظ ٻڌي سارنگ جي اندر ۾ ڏک پَرجي ويو. آواز هن جي ڳلي ۾ اَٽِڪي پيو ۽ مَن ۾ سڏکو پري ”ڪاروڇاڻ بَندَر“ سنڌ جي ماضيءَ جي سونهن وارو بَندَر ”ڪاروڇاڻ“ سارنگ دل ۾ چئي ماٺ ٿي ويو.

پوءِ سارنگ کي چاچو عبدالله چوڻ لڳو.

”ابل! اهو بَندَر سنڌ جو سينگار هوندو هو.“

سارنگ ٽڏو ساهہ پري چاچي عبدالله، ڪامريڊ سليمان ڪٽي ۽ ٻين وينلن ڏانهن منهن ڪري سائي پاٽي جي دٻي ڏانهن نهاري چيو.

چاچا! ان دٻي ۾ گند ڪچري واري اها حالت رهي تہ ٿورن ڏينهن ۾ يعني منهنجو مطلب تہ ڪجهہ سالن ۾ اهو سڄو ڪاري ڇاڻ جي بَندَر وارو نشان بہ مٽجي ويندو. سنڌ جي ماضي وارا ماڳ ۽ مڪان جي ائين مٽجي ويا تہ سنڌ جي سونهن ڪِٽي ڳولبي...!

سارنگ جي هٿ ۾ چانهہ جي ڪوپ مٿان ناسي ٿري جمي وئي، رحيم بخش اشارو ڪري چوڻ لڳس.

”سارنگ! چانهہ ٿڌي ٿي وئي...“ سارنگ کي  هڪ خيال آيو تہ، چانهہ کهڙي پيان...!؟ رحيم بخش کي موتائي ڏيان تہ چڱو.... وري اهو سوچي چانهہ جو ڍڪ پريو تہ، ڪٽي دوست ناراض نہ ٿي پوي.“

سارنگ اڌ ڪان گهٽ ڪوپ ۾ چانهہ بچائي رحيم بخش کي ڪوپ ڏنو. هن وٺي پاسي ۾ پلاسٽڪ جي اسٽول تي رکي ڇڏيو .چاچو عبدالله نوجوان سارنگ جي ڪچهريءَ مان خوش پئي ٿيو. پوءِ سارنگ ڏانهن ڏسي چوڻ لڳو.

”اَبُل! سنڌو درياءَ جي پڇڙي مان منو پاٽي موڪلائي نہ وڃي ها تہ ... اهي ماڳ بہ ڪونہ مٽجن ها.“

چاچو عبدالله مهاڻو ٽڏو ساهہ پري وري چوڻ لڳو.

سارنگ! درياءَ کي در پيا، ڇوڙ وارن ڪان درد پري دانهن نِڪري وئي. جڏهن پاٽي سڪي ويو، ڇوڙ وارن ڦاٽن ۾ پاٽيءَ جو ڦڙو بہ نہ پهتو. مٽيءَ دانهن ڪئي، مري ويس ڪلر ٿي ويس، ڪاري ڪائي ڇڏيم، تڏهن تہ ڦٽجي ڦارون ڦارون ٿي پئي آهيان، جڏهن ڪان منهنجو جواڻ منو پٽ (پاٽي) ڪسيو ويو آهي. آءٌ پنهنجي درد ۾ ڪُڙهندي، سَڙندي رهان پئي، پر... منهنجي وجود سان جَڙيل مهاڻن ۽ ملاحن جون زندگيون جهري مري رهيون آهن. هاڻ تن جو درد بہ ڏنو ڪونہ پيو ٿئي. اڙي... ڪهڙو ويل ٿي ويو... ڪاڏي وئي، سونهن ۽ ساهہ وارن جي مرڪ... ڪو منهنجي وجود جو درد ۽ مهاڻن جا گهاوَ پَرکي ۽ پَروڙي.!!

هاٽي دانهن ڪوڪ ڪيان تہ ڪنهن جي اڳيان، ڪيئن رڙيون ڪريان...! منهنجا ماڳ مٽجي ويا، مِٺي جي مَڇي وئي، مهاڻا ملاح، بہ مري ويا. جيڪي منهنجي ڇاتيءَ تي ڪڏ ۽ ٽينگ ٽپا ڏيندڙ ڳيور (معصوم ٻار) مرجهائي ويا، ڇڻ سونهن مري ويم... جانورن

جون ڪڏڪاريون الائجي ڪيڏانهن ويون.

صدين کان وٺي ميناج ۽ محبت سان ايندڙن ويندڙن کي جيءَ ۾ جايون ڏئي جياريو اٿم... پر اڄ جهريل جيءُ تي ڪِنهن کي بہ ڪَهل ڪونہ آئي آهي.

عبدالله ملاح جي ائين چوڻ کان پوءِ هر ڪنهن جو جيءُ جهري پيو... وري عبدالله سيني ڏانهن نهاري سارنگ کي چوڻ لڳو.

”ابل! جڏهن درياءَ کي بند پيا هئا، تڏهن کان انهن بَندَرگاهن جو اوج ٽٽندو ويو. هي بَندَر ۽ زمينون سڀ مِٺي پاڻيءَ جي وهڪرن سان جواڻ وهيءَ ۾ ايندا هئا. اڳيئن مِٺي پاڻيءَ جي موجن سان هيءَ پَٽِي سون ورني ڌرتي سڏبي هئي. ماڳ ۽ مهاڻن جو ان مٽيءَ سان سڱنڌ جڙيل هوندو هو.

بس اَبُل! ڪهڙي ڳالهہ ڪجي...؟! بَندَر ڦٽو سوڪي وٺي، ۽ سوڪي ڦٽي ڪارو وٺو. پر هاڻ مرڳو ڪارو بہ پنهنجو اڳوٽو اوج ۽ مَستي وڃائي وينو آهي. ڪٿان درياءَ کي در پيا ۽ ڪٿان اسان جو نصيب ڦٽو.

سنڌ جا سيئي بَندَر گاهہ سنڌڙيءَ جو سينگار هئا. انهن ڏينهن ۾ سانوڻ بہ ساٺ ڪري ايندو هو. مينهن بہ ڪيئي ڏينهن، ڪيئي راتيون پيا وَسندا هئا. انهن جي وسڻ کان پوءِ هيءَ ڌرتي پنهنجي پيٽ مان اهڙن خوبصورت گلڙن، ٻوٽن، گاهہ ۽ انيڪ ڏٿن کي جنم ڏيندي هئي. ڏٿ لفظ سارنگ کي سمجهہ ۾ ڪونہ آيو. هن عبدالله ڏانهن ڏسي سوال ڪرڻ تي لڳو تہ اڳ ۾ ئي عبدالله چوڻ لڳو.

”ادا سارنگ! ڏٿ ان کي چئبو آهي جيڪو بغير پوکيءَ جي يعني ماڻهو ٻج نہ ڇٽي، ائين ئي وڻن، گاهن ۽ ٻين ٻوٽن مان پيدا ٿئي ٿو، ڏٿ جا وڻ هي آهن.

“ڄار جو وڻ“، جنهن ۾ پيرون ۽ مَڪ ٿئي. “ليار جو وڻ“، هن جو ميوو ڪائبو آهي. “ڳاڱي جو وڻ“، هن جو ميوو ليار جي ميوي کان ننڍو ٿئي ٿو. “ڪرڙ جو وڻ“، هن جا ڏنئونرا ڪائبا آهن. وڏي گيدوڙي، ننڍي گيدوڙي، ڪَنديءَ جي سنگري ۽ ٿَمر جا وڻ وٽندڙ ماحول، تازي هوا، سانن ۽ مَڇيءَ جي پالنا لاءِ ضروري آهن. اڳي تمر جا ٻيلا هوندا هئا، هاڻي اهي بہ تباهہ ٿي ويا، يار هاڻ تہ سڪيو ساهہ ڪٽڻ بہ ڏکيو آهي.

چاچا! آبي حيات بہ تباهہ ٿي وئي، هت ڪئين گاهہ جا قسم هوندا؟“ عبدالله ٿورو سنجيده ٿي جواب ڏنو.

”ها... ادا...! گاهہ جا ڪيئي ڏٿ ٿِين، اهي گاهہ جيڪي برسات تي ٿين تن ۾؛ مريڙو، لُلَر، سائون، ڪنيي، پٽ پون ڦار، سونهڻ گاهہ، هي گاهہ مِٺي ۽ ڪاري پاڻيءَ جي ميلاپ سان ٿئي ٿو. جنهن مان اَنُ نڪرندو آهي. جنهن کي ڪاري جا ماڻهو ”نانوهي“ چون ۽ ”نانوهي“ جو پٽ رڌي ڪائيندا آهن. عبدالله ائين چئي ٿڌو ساهہ ڀري وري گاهہ جي ڏٿن جا ٻيا قسم ٻڌائڻ لڳو.

پوئانٽي، گولاڙو، تنهن جي ڏٿ گول ٿئي، جيڪا وڻ تي چڙهندي آهي. ڇِيَڙَ،

سنگِرال، دودقلو، جهنگ ڪاٽوبا، ڪانهه پيرو، ريپڙ، ڪتڪتائي (لوٽڪ).

ابل! ڪهڙي زماني جون ڳالهيون پيو پڇين، ڇا توکي ٻڌايان. هاڻ تہ رڳو ڪلراٺي زمين آهي. ”ادا...! ڪي ڏٿ مِني پاٽيءَ تي ٿين. جن ۾ هڪڙو ڪرنگهہ، هي گاهہ مال کائيندو آهي، اُن جي اَنَ جو ماڻهو يَٽ رَڌي کائن. ٻيو کُمر، ڪوٽي، جيڪا ڍنڍ ۾ ٿئي، ان جي پاڙ ۾ يا ٻڻ ۽ ”گند“ ۽ ”لوڙهہ“ جن کي ماڻهو رڌي وڏي شوق سان کائن. سمن جي پڇاڙيءَ واري دور ۾ ست ماموئي (ساموئي) فقير هئا، تن مان هڪڙي فقير جو بيت آهي تہ:

هاڪ وهندو هاڪڙو، پڇندي ٻنڌ اروڙ،
ٻهہ مَڇي ۽ لوڙهہ، سمي ويندا سوڪڙي!

ٿيون پبڻ، پَبَڻ جا پابوڙا ۽ انجي ٻڻ ۾ ٻهہ ٿئي، جيڪو ماڻهو رڌي کائن. چوٿون پن، جيڪا تَڏين ۽ تورين ۾ ڪم اچي. پَن جي ٻوري ڪڍي ماڻهو ماني پچائيندا آهن. جيڪا مِني ۽ لذيذ ٿئي ٿي ۽ پَن جي ٻور کي رڌي ٻوري ناهين، پن جي ٻڻ ۾ ”ٻاند“ ٿيندو آهي، جيڪو تمام منو ۽ لذيذ هوندو آهي.

عبدالله ملاح کي وري ڳالهہ ياد آئي ۽ چوڻ لڳو.

”توهان کي هڪ ڳالهہ ٻڌايان ٿو. ”چيٽي“ بابت، جڏهن منو پاڻي جام هوندو هو، سنڌو درياءَ ڪنهن روڪ ٽوڪ بجاءِ ڇوليون هڻندو، ڳيچ ڳائيندو، منڙا سر آلاپيندو مستيءَ ۾ ايندو هو تہ ڏسندڙن ۽ ٻڌندڙن کي جهومائي ڇڏيندو هو. درياءَ ڪاري جي زمين ۽ سڄي ساحلي پٽيءَ کي آباد ڪندو هو.

ان وقت منو پاڻي جهجهو هوندو هو. ماڻهو چيٽ واري مهيني ۾ ”چيٽو“ پوکيندا هئا، جيڪو چاليهہ ڏينهن ۾ پَچي ان ڏيندو هو. مقامي ماڻهو چيٽي جي ان جو يٽ رڌيندا هئا ۽ کير سان کائيندا هئا، چيٽو کير ۾ بہ رڌبو آهي.

اڪبر بادشاهہ ۽ بير بل جيڪي سنڌ جا هئا، ڪي ڪتاب لکن ٿا تہ بير بل سيوهڻ شهر جو هو، سي چيٽي جي پوک مان ويا پئي تہ اڪبر بادشاهہ هلندي بير بل کان پڇيو تہ ”هي ڇا آهي؟“ بير بل جواب ڏنو، هي ”چيٽو“ آهي. ٻارنهن مهينن گذرڻ کان پوءِ اڪبر بادشاهہ وري چيٽي جي پوک مان هلندي بير بل کان پڇيو. ”پوءِ...؟“ تنهن تي بير بل جواب ڏنو ”پوءِ کير سان منو آهي.“

اها ڳالهہ ڪچهري وارن ٻڌي واهہ واهہ ڪئي. هڪ جٽي ٽڏو ساهہ پري ڇيو تہ ”واهہ سنڌ، تنهنجي سونهن جي ڪهڙي ڳالهہ ڪجي.“ پوءِ عبدالله ملاح چيو.

”ادا...! چيٽي جو ٻج هينئر ناياب آهي. پاڪستان ۾ هن وقت نہ ٿو ملي، پر امڪان آهي تہ ممبئي ۾ ملي پوي.

”ادا...! پوءِ اهڙي تہ ساوَڪ يَري سُرهاڻ پکڙجي ويندي هئي، جهڙي ڪٿوري، ڇا ڳالهہ ڪجي!!، ان وقت سنڌ جي سونهن جا ڳيچ ڳلين ڳلين ۾ ڳائيبا هئا.“

چاچي عبدالله جي ڳالهہ ڪان پوءِ ڪچهريءَ ۾ سانت ڇانئجي وئي، ڄڻ هَر ڪو سَڪتي ۾ پئجي ويو هو. چاچو عبدالله پنهنجين اکين کي هٿ سان ٻار وانگر مهٽي، ٿڌو ساهہ ڀري چوڻ لڳو. ”سارنگ! دنيا جو اهو دستور آهي، انسان جڏهن ڪنهن شيءِ کي وڃائيندو آهي تہ ان جو قدر پوءِ ٿيندو اٿس. پر ايتري ۾ وقت هٿن مان نڪري ويندو اٿس، پوءِ پيو هٿڙا هڻندو آ.“

چاچي عبدالله جيئن ڳالهہ پوري ڪئي تہ سارنگ ماضي جي ورقن ۾ ويڙهجي ويو.

***

هن دريائي بَندَرگاهه تي بادباني ٻيڙيون اچي ڪناري سان بيٺيون ته ناڪئا بَندَر تي پهچڻ جي خوشيءَ ۾ هڪٻئي سان ڪيڪر ڪري ڳالهيون ڪرڻ لڳا. وڏيون ٻيڙيون ٻين بَندَرگاهن کان اچي بيٺيون. جيڪي اوڪا بَندَر، سورت بَندَر، کان مال ڀري آيون هيون، جنهن ۾ ٻيڙين جا پَتا، گرم مصالو ۽ تَماڪ وغيره هو. ٻيڙين جي پهچڻ سان پورهيتن، مال لاهيندڙن مزدورن جي مک تي سرهاڻ اچي وئي، جن جو جسم اڌ پورو ڍڪيل هو. گهڻن کي نير ۾ ٻڏل ڪپڙا، سوٽي ڪپڙي جي صدري، ڪن مزدورن کي ڪاري رنگ جون ڌهريون صدريون پهريل هيون ۽ ڪِن پورهيتن کي اَڇي رنگ جون هيڪوٽيون صدريون پهريل هيون ۽ ڪن مردن کي وڏ پوتيون سلوارون ته وري ڪِن کي ڪِاري رنگ جون گوڏون ٻڏل هيون. ڪيترن ئي ماڻهن کي جيڪي بَندَرگاهه جي ڀر ۾ بازار ۾ گهميا ڦريا تي تِن کي سوسيءَ جي ڪائنچ، ڏهه ڏهه ٻارنهن ٻارنهن وال ويڪري گهڻن سَرن واري جهولدار جيڪا چيلهه وٽ موڪري پاچن وٽ سوڙهي هئي.

ٻيڙين جي اچڻ سان مقامي ماڻهن ۾ خوشيءَ جي لَهر ڇانئجي وئي. ڏيساور ويندڙ ٻيڙين ۾ مقامي ماڻهو مال ڀري رهيا هئا، جنهن ۾ چوپائي مال جو چمڙو، هڏا، ڪٽڪ، گيهه، ڪارائي گنجا ڇانوَر (ڳاڙها) وغيره. ڪي مهاڻا مشڪندا، هڪٻئي سان کلندا ڀوڳ چرچا ڪندا رهيا. ٻيڙين ۾ مِٺي جون مَڇيون، جهڙوڪ ڪرڙي، موراڪي، ڏنيرو، گندڻ ۽ ڀوپري وغيره ڀري رهيا هئا.

ڏيساور جي واپارين جي اچڻ ڪري بَندَرگاهه تي رونق لڳي وئي، عيد جهڙو سماءُ شهر ۾ ماڻهن جي پيهه، ٻاهريان واپاري شهر جي بازار ۾ آيا ته مقامي واپارين ۽ دڪاندارن جي چهري تي خوشي پکڙجي وئي، مشڪي مرڪي دڪاندارن ايندڙ ويندڙ سان پئي ڳالهايو.

مقامي واپاري اڪثريت ۾ هندو هئا، جيڪي سنڌ جي مختلف شهرن کان اچي آباد ٿيا هئا. هندو مقامي زميندار جنهن ۾ برهمڻ، لوهاڻا، ڀاٽيا، سهتا ۽ وئيش هئا، ٻيا مقامي مسلمان جن ۾ سونارا، جَت، ٻَروچ، سَيد، گهَلڙا، گهُوٽا، گٽي، سَماءِ سَهتا هئا، اهي به ننڍا وڏا زميندا هئا.

سڄو علائقو سرسبز، ڌرتي ساوڪ جو سهڻو لباس پهري بادلن جي ڇانوَ ۾ پنهنجي وجود مان پيدا ڪندڙ فصلن سان رقص ڪري رهي هئي. هر طرف قسمين قسمين جا گاهه، گُل ۽ ٻوٽا، زمين جي ڇاتيءَ مٿان هوا تي جهومندا، لُڏندا پاڻ ۾ ڳراٽڙي

پائي ونن ٿا. فطرت جي سونهن جو رَقص پريو ميلو ڏسڻ وَٽان هو، سنڌ ۽ سونهن ٻئي گڏ جنم وٺي مُشڪي ۽ مُرڪي جڻ انهن ٻه آيلن کي سِڪَ مَنجهان ڀَئي ڪيڪاريو. وڻن جي ساين ٽارين تي وينل پَکي ٻوليندا جڻ خوشيءَ جا گيت ڳائي رهيا هئا.

بَندَرگاهه جي پاسن واري زمين ۾ هزارن جي تعداد ۾ چوپايو مال چَري رهيو هو. جنهن ۾ مينهون، ڳئون، ٻڪريون، رڍون ۽ اُٺَ هئا. ڪن هنڌن تي طاقت وارا گهوڙا ٻڌل هئا، جيڪي تر جا واپاري ڪاهي آيا هئا. ڌيساور جي واپارين ڪان مال وٺي پنهنجن پنهنجن علائقن ڏانهن تن تي ڪٽي ويندا هئا.

ڪن هنڌن تي مقامي نيروٽين نير مان ڪپڙا رڱيا پئي، انهن جا هَٿ ڪَراين تائين نيرا هئا. هيءُ رَنگَ ۽ رَس جي سرزمين، سونهن جا انيڪ ڏيک ڏيندي رهي، هت نير جا وڻ ۽ ٻوٽا ججهي تعداد ۾ هئا. هت ڪلمي شورو ٻه جَجهي انداز ۾ هو، جيڪو هٿيارن ۽ بارود ۾ ڪم ٿي آيو. ڪي واپاري هتان جو نِير ڪپڙن رنگڻ لاءِ ايران ڪٽائي وجن پيا.

هر طرف ساوڪَ ئي ساوڪَ، ٻَنين ۾ مَردن سان گڏ عورتن پورهيو ٿي ڪيو. جن کي ڳاڙهي ۽ نيري رنگ جا لباس پهريل، عورتن کي گربِيءَ ۽ سوسِيءَ جون سٿڻون، جن جا پاچا تمام سوڙها هئا، عورتن جي سلوار جي پاچن تي زري ۽ رنگين ڪشميري ۽ ”موئينڙو“ تي پرت پريل چولا، مدراسي ۽ ٻين رنگن وارن جن ۾ گهٽي ياڳي نِير ۽ لاکَ جي رتَل ڪپڙن جا هئا، ڪن عورتن کي چولا ۽ گج پهريل هئا، سي ڏاڍيون سهٽيون لڳي رهيون هيون. هوا هنن جي ڪپڙن سان ڪينچل ڪندي گذرندي ٿي وئي. سج جا ڪرڻا وڻن جي ٽارين ۾ پنهنجي ٽڪل وجود سان ڪرندا ٿي رهيا. ڪنهن ڪنهن مهل آسمان ۾ بادل ڇانئجي ٿي ويا. ٿڌڙي هوا درياءَ جي لَهرن کي مست ڪندي انهن لَهرن ۾ زندگي جو سندر سَنگيت ڇڙي ٿي ويو، جو ڪناري ڪان پري پري تائين آواز ٿي ويو. هينئر سڄو آسمان بادلن جي ياڪر ۾ هو، سج جي ڪرڻن جا پٽ تان نشان متجي ويا، بَندَرگاهه تي گهلندڙ هوا خوشيءَ مان ناچ ڪندي بازار ۽ ٻنين جي طرف ڊوڙندي رهي، ٿڌڙي موسم ۾ گهمندڙ ڦرندڙ ماڻهو خوش ٿيندا، مشڪندا، چاهه مان شين کي ڏسندا ٿي رهيا.

شهر ۾ چَهل پَهل، بَندَر ۽ بازاريون رونق سان پريل، هر ڪو پنهنجي ڪرت ۾ ڪو ڪيڏانهن ٿي ويو ته ڪو ڪيڏانهن، هرڪو ماڻهو ٿڌڙي موسم ۾ ٿڌڙي دل سان گهمندو پئي رهيو. ڪنهن جي ٻه اک ميري ڪانه، نه ئي ميرو مَن هو.

بازار جي چوڪ چوواٽن تي زندگيءَ جو خوبصورت ڇهچٽو ڏسڻ ۾ ٿي آيو. ڌيساور ڪان آيل واپاري بازار ۾ گهمندا ٿي رهيا، سي دڪانن تان سنڌ جون شيون خريد ڪندا ٿي رهيا، ڪي ڌيساوري، مقامي واپارين سان پنهنجي ڪٽي آيل مال جي بدلي ۾ مال وٺڻ بابت ڳالهائي رهيا هئا.

بازار ۾ هر دڪان پنهنجي خوبصورتي جو مثال پاڻ هو، ڪن دڪانن تي سنڌ جي

سهڻي ململ، تہ ڪن تي نڪور نئون ڪپڙو رکيل ۽ ٽنگيل هو. نير ۾ ٻُڏل ڪپڙا ڪن دڪانن ۾ رکيل هئا. ڪِن دڪانن تي ردِن جي اُن رکيل هئي، تہ ڪن دڪانن تي اُنن جي وارن مان ٺهيل فراسيون، گهوڙن جا توبرا ۽ اُنن جا پاڪڙا سي خوبصورت دل کي ڪشش ڪندڙ ڊزائين ۾ ٺهيل هئا. انهن دڪانن تي اُنن جا شوقين ۽ واپاري قسم جا ماڻهو ميلو لڳايون بيٺا هئا، ڪي شوقينڙا پنهنجن مهري اُٺن جي لاءِ "جُهل"، هَنو۽ زين دڪانن تان تيار ڪرائي ڪٽي تي ويا. جُهل، ڳوٺ جون عورتون، وڏي مهارت سان رنگين ڪپڙن مان ٺاهين، انهن سگهڙ عورتن جي هنر ۾ خوبصورت فن هو، جو سُئي ۽ ڌاڳي جو سهڻو ڪمال تي ڏسڻ ۾ آيو. ڪن دڪانن تي بسترن جون چادرون، دسترخوان جڙيل ٺهيل رکيا هئا. بسترن جي چادرن تي نفيس انداز ۾ ڪم ٿيل هو.

ڪن دڪانن تي صرف "ٽَٽَ" ٺهيل رکيل هيون، جيڪي ٻاڪري مال جي ڪل مان ٺهيل هيون. گهڻا سگهارا ماڻهو هرڻن جي کل مان "ٽَٽَ" ٺهرائين، جنهن لاءِ ڏيساور جا ڪي واپارين اڳوات چئي ويا هئا، اهي "ٽَٽَ" خريد ڪري عرب ملڪن ڏانهن ٿي ويا.

ڪيترن دڪانن تي غلم غاليچا خوبصورت رنگن ۾ ٺهيل پيا هئا، بازار ۾ گهمندڙ ماڻهو هر دڪان جي اندر نهار ڪري رکيل شين کي ٿي ڏٺو، ڪي دڪان چوپائي مال جي کلن جا هئا ۽ هڏن جا هئا. اهي بازار کان ٿورو پريرو بَندَرگاهہ جي پاسي ۾ هئا، واپارين جانورن جو چمڙو وڏي شوق سان خريد ٿي ڪيو. جيڪي صرف سنڌ جي چوپائي مال جو چمڙو ونڻ آيا هئا، سي چمڙن جون ٻيڙيون ڀرائي ٿي ويا. ڪي غير مسلم پرڏيهي واپاري هڏهن جون ٻيڙيون ٿي ڀرايون. هن علائقي جي خوشحالي جي ڪري هتان جو چوپايو مال سگهارو هئڻ ڪري سندس هڏا ۽ چمڙو ۽ انهن جي اُن مان ٺهيل پشم پرڏيهي ملڪن ۾ مشهور هئي. ڏيساور واپاري هتان ٻيڙيون ڀرائي، هندوستان جي بَندَرن ڏانهن اوڪا بَندَر، سورت بَندَر ۽ بمبئي بَندَر ڏانهن ڪاٺائي ٿي ويا.

بازار ۾ ڪي دڪان اهڙا هئا جن تي چوپائي مال جي مکڻ مان گيهہ تيار ٿيل، جنهن جي خوشبو پري پري تائين ٿي وئي. ڪجهہ واپاري سچي گيهہ جون ٻيڙيون ڀرائي ڪلاچي بَندَر (ڪراچي بَندَر) ريڙهي بَندَر ۽ سونمياڻي بَندَر جيڪي ننڍا ننڍا بَندَر هئا، انهن ڏانهن ڪاٺائي ٿي ويا. پوءِ اتان پرڏيهي واپاري پنهنجن ملڪن ڏانهن ونئي ويندا هئا. ڪي وري هتان ئي گيهہ جون ٻيڙيون ڀرائي پنهنجن ملڪن ڏانهن ڪٽي وڃن پيا. چمڙي جي دٻن ۾ گيهہ بند هو، جيڪي اڍائي مڻن کان پنجن سيرن جا دٻا هئا. چمڙي جي دٻن جي اها خاصيت هئي جو انهن ۾ سال تائين گيهہ خراب نہ ٿيندو هو. سنڌي واپاري سچي گيهہ جو واپار هندوستان تائين ڪندا هئا، جيڪي بندرگاهہ تان ٻيڙيون ڀرائي ٿي ويا.

ڏرتيءَ تي هلڪي هلڪي اوندهہ ڇانئجي ٿي وئي، هوا بہ ٿڌڙي گهلڻ لڳي. بازار ۾ ماڻهن جي رش ويتر وڌڻ لڳي. بازار ۾ ڪپڙن جي دڪان تي سوسي، ململ، ڪيس، اجرڪ، ٻانڌڻي عورتن جي متي جي اوڍڻ جي گندي جيڪا ڪاري ۽ ڳاڙهي رنگ جي

هئي. ڪاري گندي جَتَ اوڊائيندا آهن. ۽ ڳاڙهي گندي سنڌي سمات اوڊائين جيڪي خوبصورتيءَ سان سجايل هيون، انهن دڪانن تي پرڏيهي واپارين جا ميڙا متل هئا.

شهر ۾ ڇڻ ميلو متل، ڪن دڪانن جي اڳيان ڪاٺ جا صندل رکيل هئا، جن تي مهاڻا مَڇي رکي وينا ڪپائن پيا ۽ ڪن دڪانن تي سُڪل مَڇي جيڪا سمنڊ جي ڪاري پاٽي ۾ سُڪائي وئي هئي. ڪي مهاڻا سمنڊ جون مَڇيون لوٽي ڪري رکيون وينا ڪپائن ۽ دڪانن جي اندر مَڇين جا ٽوڪرا پريل رکيل هئا. جن ڪان مقامي ۽ پرڏيهي واپاري مَڇيءَ وٺي ڪلاچي بَندَر ۽ ٻين بَندَرن ڏانهن ڪٽائي ٿي ويا.

ڪن هنڌن تي مِني جي مَڇي جنهن ۾ ڪرڙي، موراڪي، ڏنيرو، ڇرڪو،ٽيري، گندڻ، پوپري، مِني جو رڙو ۽ ٻيون انيڪ مَڇيون جيڪي ساٿي گهوڙن تي ڪٽي ٻين شهرن ڏي ويا ٿي. مِني جون مَڇيون  پرڏيهي واپاري وڏي شوق سان وٺي ٻيڙيون پرائين پيا. گهڻن مقامي مهاڻن سانن (جهينگن) ڪي سمنڊ جي ڪاري پاٽيءَ ۾ ڪاڙهي، پٽ تي سڪائي، ڪل لاهي، ٻج صفا ڪري رکيو هو ۽ انهن پڏي يعني ڪل ٻہ ڳڏ ڪري ڪپائڻ لاءِ رکيون وينا هئا، سا ٻہ هزارن ۽ لکن جي مڻ ۾ واپارين هتان خريد ٿي ڪئي.

شڪاري سانن ڪي اندس ڊيلٽا، چوڙ وارن علائقن ۾ مهاڻا، منهوڙو (ڪلاچي) ريڙهي بَندَر (ڪلاچي)، ڏابيچي نار، ملڪي نار، شمس بيٽ، ڪورنگي بَندَر (ابراهيم حيدري)، پئيتاٽي نار، (ڪاروڇاڻ ڪان ڪراچي ويندي رستي ۾)، شيشا نار، پوءِ انهن ڪان مهاڻا ٻيڙيون پرائي گهوڙو نار، سنهڙي نار، واهڻ نار، آڏياڙي نار، ڪائنر نار، مَل نار، واڙي نار، سير نار (سير نار ڪي هاٽي سير ڪريڪ نار چون ٿا)، پر اصل ۾ سير ڪريڪ نالو سير نار يا سير درياءُ آهي.

مهاڻا انهن سيني ماڳن ڪنا، ٻيڙين ۾ سياري جي مند ۾ ٻچن سوڌو چڙهي چوڙ وارن علائقن تي جهوپڙا هٽي سانن (جهينگن) جو شڪار ڪري، ماري پوءِ تن ڪي سڪائي ڪٽي آيا هئا، ڏيهي واپاري هنن ڪان سانا خريد ڪري ڪلاچي بَندَر ۽ ٻين ننڍن ۽ وڏن بَندَرن ڏانهن ڪٽي ٿي ويا، جتان وري ڏيساور جا واپاري خريد ڪندا هئا.

بازار ۾ مَڇي سستي ۽ سانا سهانگا ۽ سنڌ جو پَلو جيڪو پرڏيهي ملڪن ۾ مشهور هو، اهو پڻ سستي اگهہ، ٿوري مُلھ ۾ واپارين ورتو پئي ۽ گهڻن واپارين مهاڻن ڪان لوٽيل پَلو پڻ ورتو ٿي. ڪن دڪانن تي ڪاري جون مَڇيون، جنهن ۾ پَلو، ڊانگرو، گولي، سوئو، دوتاڙي، پون ڦاڙ، پٽون (پاپَليٽ)، ڪڳو، ڦاٽي، (پون ڦاڻ) ۽ رڙو وڪرو پيو ٿئي. بَندَرگاھ تي هر قسم جي رونق لڳي پئي هئي، هر هڪ جي چهري تي خوشي، ڪنهن ٻار جي پاڪ مرڪ جيان پکڙيل هئي، سماءُ ائين پئي لڳو ڄڻ جي سيني ڪي پيار جي پينگهہ ۾ لوڏي پئي، هر طرف زندگي هڪ بهار جي موسم وارو ڏيک ڏئي رهي هئي.

بازار ۾ ڪي دڪان عاجَ جي چوڙين جا هئا، بازار ڪان ٿورو پرپرو وڏا ڪارخانا، جن مان واپاري  اَنُ وغيره خريد ڪري ٻيڙيون پرائي رهيا هئا. توڙي جو سج لهي چڪو

هو پر چنڊ جي چاندوڪيءَ ۾ ٿڌڙي هوا ۾ هر ڪو ماڻهو ڪم ۾ رڌل، ڪي ماڻهو چوڪڙيون ناهيون ڪچهريون ويٺا ڪن ۽ لطيفي لاتيون، برهه جون باتيون منڙي سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪندا، پاڻ ڪي وندرائيندي ٿي رهيا ۽ پنهنجن پنهنجن علائقن ۽ ديس جون دلبريون ۽ سِڪ ۽ سونهن واري زندگي جي مزن وارا قصا، جوانيءَ وارن سندر لمحن جو ذڪر ڪندڌ ڌوڻي پيا ڪچهريون ڪن ته ڪي مڌ جي مستيءَ ۾ ائين پيا ڳالهه ڪندي جهومن جيئن هوا تي وڻن جون سنهڙيون ساون پَنَن سان تاريون لڏي رهيون هيون. ڪي وري درياءَ جي سفر بابت ان جي مستيءَ وارين موجن جو پنهنجي پنهنجي ٻولي ۾ مرڪي ڳالهه پيا ڪن. بازار جي منڊ ۾ طعام خانا هئا. انهن جي پنيان رهڻ جي لاءِ سراءِ هئي. دڪانن جي اندر ٻرندڙ ڏيئا ۽ بتيون ماڻهن جي چهرن تي روشني پکڙيندڙيون رهيون.

ٻنين ۾ رات جي وقت به چوپايو مال چري رهيو هو ۽ ٻنين ۾ ڪن عورتن، نوجوانن ڪم ٿي ڪيو. هوا تي گلن ٻوٽن جي خوشبو بَندَرگاهه ۽ بازار تائين آئي ٿي، جڻ عطر عنبير جو ڪنهن ڦوهارو ڏنو هجي. اڄ چنڊ ڪي ڌرتي وارن تي ڏاڍو پيار اڇي ويو. ڪير جهڙي اڇي روشني، پٽ تي پوندي رهي، پٽ تي ڪک ۽ تيلو به چنڊ جي روشني ۾ صاف چٽو ڏسڻ ۾ ٿي آيو. آسمان ۾ بادل جيڪي سڄو ڏهاڙو سڄ جي ڪرڻن کي پٽ تي ڪرڻ کان روڪيون بيٺا هئا، سي به وڪُري الاڻجي ڪيڏانهن ويا. شايد اهي به چنڊ جي روشني جي ادب ۾ لڪي ويا هئا. چنڊ ڪنهن خوبصورت ناريءَ جي مک جيان جرڪندو پئي رهيو. درياءَ جي ڇولين کي چنڊ جي روشني جڻ جهومائي ڇڏيو هو، اهي به ڪُڏ ڏينديون، ڇال ڏينديون ائين پيون اڇن جيئن ڪا جوڀن واري زندگي مستيءَ ۽ خوابن ۾ هلندي هجي. درياءَ ۾ سَنهڙيون سنهڙيون مَڇيون ٽِپَ ڏئي پنهنجي اڇي بندن سان ڇولين جي چلڪندڙ وجود سان راند ڪنديون ٿئي رهيون. چاندوڪي درياءَ ۽ پَٽَن تي رهندڙ زندگين کي جياري مرڪائي رهي هئي، فطرت جو هي حسين منظر ڏيساورن جي دل ۾ سنڌ جي بَندَر جي سونهن جا نقش چٽيندو ٿي رهيو. سڄو علائقو ڪنهن ميلي جي مانداڻ وانگر ڏيک ڏيندو ٿي رهيو، ڪي مقامي فنڪار آيلن جي سک ۽ آڌرياءُ ۾ يڪتاري تي لوڪَ گيت، ڀٽائيءَ جون وايون ۽ ڪافيون ڳائي ماڻهن کي مست ڪري رهيا هئا ۽ وڻجارن جي زندگي، دريائي بيتن تي ناڪئا واهه واهه ڪري خوش ٿيندا لوڪ فنڪارن کي داد ڏيندا ٿي رهيا. ٿڌڙي هوا تي سر سنگيت جو آواز پري پري تائين ٿي ويو. ڏيساور ڪان ايندڙ ٻيڙيون هن دريائي بَندَرگاهه تي اچي بيٺيون. چاندوڪي جي چاهت ۽ مقامي فنڪارن جي سريلي ۽ درد ڀرئي آواز تي هو ٻيڙين منجهه ويٺا ڪنڌ پيا ڌوڻين. شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي وائي سمجهه ۾ نه ايندي به هو آواز تي پيا جهومن. اُن وقت درياءَ جي ڪنارن ڪان گُهلندڙ ٿڌڙي هوا وڻن جي شاخن کي جهومائيندي رهي، سنهڙن ساون پٽن مان سَر سَر جهڙا آواز جڻ فنڪار جي گيتن سان گڏ ڳائي رهيا هئا.

”اوچتو بَندَر تي اها خبر پهتي ته ڏيهي بيڙين کي جيڪي هتان مال پري ڏيساور جي بَندَرن ڏانهن ٿي ويون تن کي بمبئي ويندي رستي ۾ ڌاڙيلن ڦريو ۽ لٽيو آهي.“ هوا جيان اها خبر جيئن سڄي علائقي ۾ ڳهلي وئي ته هر هڪ جي چهري تي اداسي وارا ڪڪر ڇائنجي ويا.

سارنگ جي ڪلهي تي رحيم بخش هٿ رکيو ته ڇرڪ ڀريندي هن جي خيالن مان ماضيءَ واري خوبصورت تصوير ٽٽي پئي، اکين مان ڳوڙها ڳڙي پيس، سي جلديءَ ۾ اگهي ورتائين، جيئن ڪو ڏسي نه... پر سيني سوير ڪان وٺي هن کي خيالن ۾ گم ڏٺو پئي، پر سي ماٺ ۾ رهيا.

سج جا ڪرڻا ديوين جي وڻن منجهان ليئو پائي ڍوري جي ڪناري تي اچي ڪريا پئي، رحيم بخش جي نگاهه اجان سارنگ جي چهري تي هئي، هن کي اداس ڏسندي ڪائنس رحيم بخش پڇيو.

”ادا...! ڪهڙين سوچن ۾ سوڙهو ٿي وئين...؟“

سارنگ جي نڙيءَ منجهه لفظ اٽڪي پيا، سندس ذهن ۾ ماضي جي تصوير جا ٽٽل ڀڳل عڪس ڦري رهيا هئا. ٿڌو ساهه ڀري پاڻ کي سنڀاليندي، ڪچهريءَ ۾ وينلن ڏانهن نهاري پوءِ رحيم بخش کي ڏسي ڍوري ڏانهن اشارو ڪري چوڻ لڳو.

”يار! هن ڍوري جي ماضيءَ واري سونهن جا سپنا پئي ڏٺم.“

سارنگ جي ائين چوڻ سان ماحول ۾ سانت ڇائنجي وئي، رحيم بخش کي ائين لڳو، ”سارنگ جي دل کي ماضيءَ واري تصوير ڏکوئي وڌو آهي.“ پوءِ هي به ماٺ تي ويو. ايتري ۾ به نوجوان آيا، انهن سيني سان هٿ ملايو، رحيم بخش پنهنجن ڳوٺائي دوستن کي ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو ۽ سارنگ سان تن جو تعارف ڪرائيندي چيائين.

”سارنگ! هي منهنجا دوست عبدالغني ۽ محمد امين آهن، هي هتان جا مقامي مهاڻا آهن، توهان هنن دوستن سان پَتڻ تان چڪر ڏئي اچو ته آءٌ ماني نهرائي اچان ٿو.“

رحيم بخش جي ڳالهه سارنگ کي وڻي، هن پاڻ ائين پئي چاهيو، پوءِ رحيم بخش پنهنجن دوستن سان سارنگ جو تعارف ڪرايو.

”ادا...! هي منهنجو دوست سارنگ جيڪو سکر کان آيو آهي، هن کي پاڻ سان گڏ وٺي وڃي درياءَ ۽ پَتڻ جو ڏيک ڏيکاري گهمائي اچو.“ هو ٻئي ڄڻا ٻيهر سارنگ سان هٿ ملائيندي چوڻ لڳا.

”ادا...! اچو... چڪر ڏئي پوءِ توهان کي هتي ڇڏي وينداسين.

ڪلراٺي زمين جي مٿان ڪنهن ڪنهن هنڌ ديوين جا ننڍا ننڍا وڻ بيٺا هوا تي لڏن، هڪڙو چوڪرو ٻڪرين جو ڌڻ ڪاهيون پئي آيو. ٻڪريون ڏٻريون جن جون کُکيون پيٽ اَندر، ٿڻ سُڪل، ڍري وک کڻنديون هلنديون ٿي رهيون. سندن پنيان ۽ پاسن کان هلندڙ ڇيلڙا جيڪي چال ڏيڻ کانسواءِ رهي نه سگهن. سي به ايڏا متارا ڪونه هئا. جو

ٻارن جيان ڊوڪڙيون پائي اچل ڏئي وري ڪُڏ ڏين.سارنگ ڪلراٺي زمين تان هلندي هن جي وک پاڻمرادو ڍري ٿي وئي، ڄڻ ڏرتي چوندي هجيس.

”هاڻ ڏسين پيو منهنجو ڪلراٺو وجود، اڳي آءٌ اهڙي ڪونه هئس. منهجي جيئڻ جو منو پاڻي بند ڪري، سڪائي، منهنجي منهن تان سونهن روڙي ڇڏي اٿن، منو پاڻي زندگيءَ جو جياپو اٿم.“

جڏهن اڳي ڪيئي ورهيه اڳ منو پاڻي پي پنهنجي وجود مان انيڪ گلن ٻوٽن کي جنم ڏئي خوبصورت لباس پهري خوش ٿيندي هئس، مون کي ڏسي مالوند ۽ ماروئڙن جي مک تي مرڪ اچي ويندي هئي ۽ سرها ٿي ويندا هئا، هو جيڪو ٻج جند ۾ جوٽ ڪري ڇڏييندا ها ته آءٌ ڪين موٽ ۾ هڪ داڻي جي عيوض هزارين داڻن وارا سَنگَ ڏيندي هئس. ڇو ته آءٌ ڪنهن جو قرض ڪٽان ڪونه، ٻيلي هاڻ مون کي منو پاڻي ڏيو. مون کان ڪوڙن ساريون محبتون ۽ خوشيون ونو، آءٌ صدين تائين سرهاڻ، سِڪَ ۽ رَس پَري سونهن ڏيندي رهنديس. هاڻ مون کي ڏوکي سان هڪ هڪ ڦڙي لاءِ نه سڪايو. پاڻي منهنجي زندگي ۽ جياپو آهي. ڇو ته آءٌ مِٺي مٽي آهيان، مون کي منو پاڻي ڏيو، هاڻ ڏسو... پاڻيءَ کانسواءِ منهنجو ڪلراٺو جسم، ٻيلي مون تي رحم ڪريو “.

سارنگ انهن ئي خيالن ۾ هلندو رهيو. هن جي سَلوار جو پانچو زمين ۾ کُتل نَنڍڙي ديويءَ جي کُتِ ۾ اَٽڪي پيو، ٽيڙ ڪائي پاڻ کي سنڀالي، وري سڌو ٿي هلڻ لڳو.

سج جا پڇاڙيءَ وارا پاچا ڪلراٺي زمين تي پنهنجو اڻ ڇٽو پاچو ڇڏيندا ٿي ويا. ديوين جي وڻن سان ننڍڙا ننڍڙا ٻوٽا هئا، تنهن سان گڏ زمين تي ول پکڙيل هئي. سارنگ انهن مان هڪ وَل ڏانهن ڏسي عبدالغنيءَ کان پڇيو.

”يائو! اها ڪهڙي ول آهي ۽ ٻوٽا ڪهڙا آهن..؟“

سارنگ جي سوال پڇڻ تي عبدالغني ان ول ۽ ٻوٽن ڏانهن نهاري چوڻ لڳو.

”ادا...! جيڪا ول پکڙيل ڏسو ٿا ۽ سندس پير ۾ ننڍڙا ٻوٽا آهن، انهن کي ”لاٽو“ چئبو آهي.

ول (لاٽو) قد ڪونه ڪري، پر پَٽَ تي پَکڙجي ويندي آهي. اهو لاٽو جانور ڪائيندا آهن. ٻڪريون، مينهون، اُٺَ، رڍون، ڍڳيون ۽ گڏهه به اهو لاٽو ڪائين، باقي جيڪو ٻيو ٻوٽو (لاٽو) ڏسو پيا، اهو ٽن چئن فوٽن کان وڌو قد ڪونه ڪري. اُن کي گڏهه کان سواءِ ڪو ٻيو جانور ڪائيندو ڪونهي ۽ ان لاٽي مان ماڻهو ڪپڙن ڌوئڻ جي ڪار ناهين. لاٽا ڍِڳ ڪري، باهه ڏئي ساڙي ڇڏيندا هئاسين. جيڪا ان جي ڦُلهار (رک) ٿيندي هئي، سا ڪار ٻڻجي ويندي هئي. جيڪي ڪپڙن ڌوئڻ جي ڪم اچي ٿي ۽ تنهن جي ڪاني ٻارڻ جي به ڪم اچي ٿي.

ٽئي ڄڻا ڪچهري ڪندا درياءَ جي ڪپر وٽ اچي پهتا، اتي عبدالغني جي ٻي ساٿي محمد امين چيو،

”ادا... سارنگ! اسين ڪپر ڪي ”ٽڙ“ چئون.“ جتي ٻيڙيون ٻيهنديون آهن.

ٿڌڙي هوا درياءَ جي پاڻي کي ڪٽڪاڙيون ڪيندي ڪلائيندي اڇي ڪنڌيءَ سان لڳي. سارنگ جي جسم کي هلڪي ٿڌاڻ بخشي هلي وئي. سج جي موٽندڙ پاڇڻ ۾ پاڻيءَ جو رنگ ڪناري سان هلڪو ڳاڙهو ۽ سائو ٿي سارنگ کي نظر آيو. هن وري درياهہ جي وچ طرف ڏٺو تہ ڪيس مختلف رنگن جو عڪس ڏسڻ لڳو. جيئن جيئن سج جا ڪرڻا اولهہ ۾ غائب ٿيندا ٿي ويا تہ پاڻي جو رنگ ناسي ڪٽي ڪارو ناسي ڏنائين. سارنگ پاڻيءَ تان نگاهہ هٽائي سڪيءَ تي ڪپر وٽ پراڻو هوڙو بيٺل ڏٺو..... ان جي ٿوري فاصلي تي هڪ ٻيو هوڙو بيٺل هو. ان طرف عبدالغني ۽ محمد امين هلندا ٿي ويا. سارنگ بہ سندن وک سان وک ملائي هلندو رهيو. جڏهن هوڙي وٽ پهتا تہ عبدالغني ۽ محمد امين هوڙي تي چڙهي وينا  سارنگ بہ ساڻن گڏجي ويهي رهيو. هوڙي جي ٿوري فاصلي تي ڇوڪرا راند پئي ڪُڏيا، عبدالغني انهن کي سڏڻ جي لاءِ هوڙي تان لهي بہ ٿي وکون کڻي ڇوڪرن کي آواز ڏئي ۽ کين هٿ سان اچڻ جو اشارو ڪيو تہ سيئي ڇوڪرا ڊوڙندا هڪٻئي کان اڳ ڪيندا اچي پهتا. هڪڙي ڇوڪري کي عبدالغني آهستي ڪجهہ چيو، جيڪو سارنگ ۽ محمد امين ڪونہ سمجهيو. پوءِ ڇوڪرا واپس ڊوڙڻ لڳا تہ عبدالغني پنيان آواز ڏيندي چيو. ”وَجو ۽ وَرو“ پوءِ ڇوڪرا گهرن جي طرف جيڪي سڌ پنڌ تي هئا. سارنگ انهن ڇوڪرن کي ڪانهَ ۽ ڪانن جي ڪَچن گهرن ڏانهن ڊوڙندو ڏٺو تہ... هن جي نگاهہ درياءَ جي ڪپر تي وينل هڪ شخص تي پئي، هو ساڄو هٿ لٺ ۾ وجهي، کاٻو هٿ گوڏي تي رکي اٿڻ جي ٿي ڪئي، پر ٿورو اٿي ويهي رهيو ۽ درياءَ جي لَهرن ڏانهن نهاري جهٽ گهڙي اکيون ٻوٽي سوچن ۾ پئجي ويو. هن لٺ ۾ ٻيهر هٿ وجهي اٿڻ جي ڪوشش ڪئي، هن ڀيري اٿڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو. هو لٺ کي پڪڙي خاموش نگاهن سان درياءَ کي ڏسندو، هوريان هوريان اولهہ طرف گهرن ڏانهن هلڻ لڳو. هن جي بت تي سنهڙي قميص پهريل، جنهن کي هوا اڏاريندي ٿي رهي، هن جو سڪل ڪارو بَدن نظر ٿي آيو، هو ٿورو هلي وري ويهي رهيو ۽ ڪنڌ ورائي درياءَ ڏانهن ڏسي ڪجهہ سوچي  پنهنجي منزل طرف هلڻ لڳو. سارنگ جي نگاهہ اجان بہ ان پوڙهي شخص ۾ هئي... هي سمجهي نہ سگهيو تہ ” هو ويندي ويندي درياءَ جي طرف ڇو پيو نهاري ۽ ٿورو اڳ ڪپر تي وينو ڇا پيو ڪري.“ سارنگ انهن خيالن ۾ هو تہ ڪيس امين چيو.

”سارنگ!“

”جي...“

”ادا...! ڇا پيو ڏسين...؟“

”ياءُ! ان پوڙهي شخص کي ڏٺو ٿي جيڪو....“

سارنگ جي ڳالھ اڃ ۾ ڪٽيندي ڪيس ٻڌائڻ لڳو.

”ادا...! اهو پوڙهو ڪاڪو ابوبڪر خاصخيلي آهي. انهيءَ جو جوان جماڻ پٽ جيڪو ٻين مهاڻن سان گڏ هوڙي ۾ چڙهي انهيءَ ڪنڌيءَ کان مَڇي مارڻ لاڪر سمنڊ ڏي ويو هو. جتي اوچتو طوفان آيو، انهن جو هوڙو سمنڊ جي بي رحم لَهرن جي ور چڙهي ويو ۽ تباھ ٿي ويو. ان پوڙهي مهاڻي جي پٽ جو لاش بہ ڪون ملیو ۽ ٻين جا مليا.“

امين ٽڏو ساھ پري وري چوڻ لڳو.

”ادا... سارنگ! پوءِ اهو ڪاڪو ابوبڪر خاصخيلي روزانو ان ڪنڌيءَ تي ويهي درياءَ ۾ پُٽ شفيع محمد جو چهرو ڏسي ان سان ڪچهري ڪري هليو ويندو آ. هڪ ڳالھ اها تہ شفيع محمد خاصخيلي جي شادي ٽيڻ واري هئي، جڏهن تہ ان واقعي کي ڪئين سال گذريا آهن.“ اسان جي ڪاري چاڻ جو هڪ ٻيو نوجوان اصغر علي خاصخيلي پُٽ قاسم عرف گونگي جو بہ 1999ع جي طوفان ۾ فوت ٿي ويو. عبدالغني ڪجھ سوچيو پئي، هن جي دل مهاڻي واري هئي، پوءِ سارنگ کي چوڻ لڳو.

”سارنگ! سمنڊ جي لَهرن جون سٽون ڏاڍيون سور پريون ٿين. سي بہ ويچارا مهاڻا سَهن، جِيئن ۽ مَرن.درياءَ جي ڏڏڪن تي مهاڻا هيٺي دل ڪني ڪون.... مهاڻا اُک پٽين تہ پاڻي ڏسن، لهرن جي لوڏ ۾ جوان ٿين. تن ويچارن جي سدائين نند ڦٽل، سي نند بہ ڪئين ڪن؟

ڪَگن مَنجھ ڪنهن ويلي کُني چڙهي ڪانہ، ننڍڙن سنهڙن ٻچڙن جي ٻک بہ ڏسي نہ سگهن...!! پوءِ وجن هوڙا ڪاهي سمنڊ جي موتمار لَهرن ڏانهن، پوءِ ڪي تہ واپس ڪنڌيءَ اچيو قراڙين تہ ڪي وري عمر ڀر جو الڪو ۽ انتظار ٻچڙن کي، عزيزن، دوستن ۽ يار کي ڏيو وجن.“ ائين چئي عبدالغني ماٺ ٿي ويو، ٽڏو ساھ پري لطيف سائين جو بيت ٻڌايو.

ويا اُهري اوءِ، مون کي ڇڏي ماڳھم
جَڳَنَ جا جُڳ ٿئا، تيان نہ موٽيو ڪوءِ
گوندر مارينديءِ ويچاريءَ! وئن جو.

ادا... سارنگ! سمنڊ ۾ مَڇي ماريندي ڪي وري پڪڙيا وجن تہ پوءِ اندر منجھ اها اميد روز نئين سج جيان اڀري ايندي آهي تہ ”اسان جا مهاڻا زندھ آهن زندان ڪاٽي، جيل جون سختيون جهاڳي، نيٺ هڪ ڏهاڙي پنهنجي ڌرتيءَ جي پَٽڻ تي ضرور پير ڌريندا.“ پوءِ ان انتظار ۾ ۽ الڪي ۾ هر مٽ مائٽ، دوست ، يارءِ عزيزن جي ياد ۾ جيئندو آهي. قيد ڪاٽيندڙ ڪيترن مهاڻن جون مائون، پنهنجي ٻچڙي جو انتظار ڪندي ڪندي سندن ئي ساھ جي تند، سڪ ۾ ٽٽيو پوي. اهي لفظ چئي ڪن پل سوچن ۾ پئجي ويو، پوءِ... ٽڏو ساھ پري سارنگ ڏانهن ڏکاري انداز ۾ نهاري چيو.

”ادا...! نيٺ انسان کي الکو ڳاري ۽ ماري.“

”ها... اسان مهاڻن جي زندگي پاڻيءَ سان آهي ۽ موت به پاڻيءَ منجهه ٿئي.“

اهي لفظ سارنگ ٻڌي ماٺ ٿي ويو. هن کي ائين محسوس ٿيو ڄڻ هن ڌرتيءَ ۽ مهاڻي جو درد ساڳيو ئي آهي. ٽئي ڄڻا ٿوري جهٽ جي لاءِ خاموش ٿي وڃن ٿا. ديوين ۽ لاٽن مان جيتن جو آواز جيئن اونداهي ٿيندي ٿي وئي انهن جو آواز پري پري تائين چٽو ٿي ويو.

درياءَ جي ڪنڌيءَ کان ايندڙ ٿڌڙي هوا جيڪا لَهرن کي نچائيندي آئي ٿي. سا سارنگ جي ٿڪل بدن کي ڇهي هلي وئي ته هن ان ٿڌي هوا جي ڇهاءُ ۾ منڙو سڳنڌ محسوس ڪيو. ۽ ٿورو سيءُ به، پوءِ هن پنهنجيون ٻئي ٻانهون گوڏا سوڙها ڪري ان جي وچ ۾ ڦاسايون.

جڏهن هن امين ۽ عبدالغني ڏانهن ڏٺو ته هو ٿڌي هوا جو مزو وٺي رهيا هئا. ڪيس ڏسي مرڪي ڏنائون. سارنگ پاڻ کي سنيالي ٻانهون گوڏن مان ڪڍي چستيءَ سان ويهي رهيو. ايتري ۾ چار ڇوڪرا جن جي بدن تي پراڻا ميرا ڪپڙا هئا، اهي ٿڌڙي هوا ۾ مرڪندا، ٽهڪ ڏيندا پئي آيا. ڪلراٺي زمين ٻارڙن جي ننڍڙن پيرن جي ترين ۾ ڪتڪاڙيون ڪڍيون ته هو خوشيءَ مان ڪڏڻ لڳا. هڪ جي هٿ ۾ چانهه جو ٿرماس، ٻئي جي هٿ ۾ چانهه وارا خالي مگ هئا، ٽئين جي هٿ ۾ پاڻيءَ جو ڀريل جڳ هو. هڪڙو ڇوڪرو جيڪو عمر ۾ ٻين ٽن ڇوڪرن کان ننڍو هو سو مسڪرائيندو، پنهنجين سنگتين سان ڪلندو ٿي آيو. اهي چارئي هوڙي جي پرسان پهتا ته انهن کان عبدالغني چانهه جو ٿرماس ، خالي مگ ۽ پاڻي جو جڳ ورتو ۽ امين کي ڏيندو ٿي ويو. پوءِ عبدالغني انهن ڇوڪرن کي چيو... ”توهين وڃو آءٌ سامان کڻي ايندس.“

ڇوڪرا ڇيلڙن وارا ڇال ڏيندا، ڪڏندا، زمين جي ڪلراٺي جسم مٿان ڊوڙندا ڪکائن گهرن ڏانهن ٿي ويا. انهن جهڳين جي اندر ٻرندڙ ٻتين جي روشني ڪڙن ۽ ڪانن جي وٿين مان ٻاهر ليئو پائيندي رهي، ڄڻ ان روشنيءَ ۾ مهمانن جو آڌرياءُ ٿي ڪيو. ڌرتي تي چنڊ جي چانديوڪي ڪير جهڙي اڇي چادر وڇائيندي مرڪندي رهي ٿي.

عبدالغني ٻن مگن ۾ چانهه لاهي، هڪڙو سارنگ کي ٻيو امين کي ڏنو، پوءِ پنهنجي لاءِ ٽئين مگ ۾ چانهه لاهي سرڪي پري سارنگ ڏانهن نهاريو ته ڪيس سارنگ چيو.”ادا غني!ڪاروڇاڻ جي ڪنڌيءَ تي هوڙي تي ويهي چانهه پيئڻ ۽ ڪاري جي ٿڌڙي هوا، درياءَ تي هوڙن جي اچڻ وڃڻ وارو منظر ۽ مهاڻا، مون کي وسري نه وسرندا. ها... سي ڪڏهن ڪين وسرندا.“

اهي لفظ عبدالغني ۽ امين ٻڌي دل ۾ ڏاڍا خوش ٿيا، پوءِ مرڪي چانهه جي سرڪي پري درياءَ جي طرف ڏنائون. درياءَ ۾ هڪڙو هوڙو شور ڪندو، تڙ جي پرسان گذريو ته سارنگ ان ڏانهن نهاري چانهه جي سرڪي پري، هٿ سان ان هوڙي ڏانهن

اشارو ڪري عبدالغني کان پڇيو.

”ادا... اهو هوڙو ڪيڏانهن پيو وڃي...؟“

عبدالغني مرڪي چانهه جو مگ چپن تان هيٺ ڪري درياءَ جي طرف ڏسي وراڻيو.

سارنگ! اهو موٽاڙو هوڙو آهي جيڪو هن ڪنڌيءَ کان گذرندو سمنڊ ڏانهن پيو وڃي ۽ اهو هوڙو مهاڻن جو ڪونهي، پر ان ۾ بنگالي آهن، جيڪي ڪراچيءَ کان آيا پئي ۽ سي سمنڊ ڏانهن ويندا.“

سارنگ وري ان هوڙي کي ڏٺو جيڪو گهڻو پري نڪري چڪو هو. ايتري ۾ هڪ ٻيو هوڙو شور ڪندو پئي آيو، جنهن جو آواز پهرين گذرندڙ هوڙي جهڙو هو، جڏهن اهو به ڪنڌيءَ جي ويجهڙائي کان گذرڻ لڳو ته درياءَ جون لَهرون تيزيءَ سان ڪڏ ڏينديون اچي ڪنڌيءَ سان لڳيون، امين ان هوڙي کي ڏسي سارنگ کي ٻڌائڻ لڳو.

”ادا...! اهو به بنگالين جو موٽاڙو هوڙو اٿئي، سو به سمنڊ ڏانهن پيو وڃي، اهي بنگالي ڪوڏا مارڻ پيا وڃن.“

ڪوڏا لفظ جو مفهوم سارنگ کي سمجهه ۾ ڪونه آيو. جڏهن هوڙو پري پنڌ وڃين نڪتو، ان جو شور هوا ۾ هوري هوري جهڪو ٿيندو ٿي ويو ته سارنگ ڪنڌ ورائي امين کان پڇيو.

”ڪوڏا ڇا آهن...؟“

امين مرڪي خالي مگ هوڙي جي تختي تي رکي وراڻي ڏني.

”ادا...! ”ڪوڏا“ اصل ۾ پٽر آهن. ان پٽر جي اندر جيت ٿئي ٿو. اهو جيت غير ملڪي وڏي شوق سان کائين ۽ ان جو گوشت ڪراچي ۾ هن وقت ڪلو سئو رپين کان متي وڪرو ٿئي ٿو. جڏهن اهو جيت وڏو ٿيندو آهي ته ان پٽر (ڪوڏ) مان نڪري ويندو آهي.“

ڪوڏا کي اردو ۾ ”آلو گلا“ چوندا آهن. ڪجهه اسان جا مهاڻا ڪين درياءَ ۾ جڏهن مَڇي هٿ نه لڳندي اٿن ته ان صورت ۾ سي به ”ڪوڏا“ مارين. پَٽڻ کان واپاري چاليهه رپيا في ڪلو جي حساب سان مهاڻن کان ڪوڏا خريد ڪن.“

امين جملو پورو ڪيو ته به هوڙا درياءَ منجهه ٽرٽلو مچائيندا، شور ڪندا ٿي آيا، لَهرون ور وڪڙ کائينديون اچي ڪنڌيءَ سان لڳي ٿي ويون.چانڊوڪيءَ ۾لَهرن جو ڏيک ڏاڍو دلڪش ۽ سونهن ڀريو هو. وري ڪين ٿڏڙي هوا لوڏيندي رهي ته، لَهرن جو جوڀن جوت جهڙو ٿي پيو. چنڊ جي روشني پنهنجي منڙي چانڊوڪيءَ سان ڏرتيءَ وارن ۽ درياءَ منجهه هوڙن ۾ وينلن جي بدن تي چمڪي رهي هئي، سارنگ ڪنهن وقت چنڊ کي ته ڪنهن مهل درياءَ جي سيني مٿان چانڊوڪي جو ڏيک ڏسي خيالن ۾ گم ٿي ويو. ڄڻ درياءَ جي لَهرن ۾ ڪو چهرو ڏسندو ۽ ڳوليندو رهيو ٿي. اوچتو هن جي ڪن تي عبدالغني جو آواز آيو.

”ادا... سارنگ! اهي ٻئي هوڙا جيڪي شور ڪندا اچن پيا. سي بہ بنگالين جا آهن، جن ۾ هڪڙو ”موٽاڙو هوڙو“ ۽ ٻيو ”ڊونڊا هوڙو“ هيو، رات جي وقت درياءَ ۾ گهڻا هوڙا بنگالين جا هوندا آهن. سي سمنڊ ۾ بہ گهڻو وقت رهن.“ اها ڳالهہ ٻڌي سارنگ جي ذهن ۾ سوال اُڀريو ۽ ڪائنس پڇڻ لڳو.

”ادا... ان جو سبب ڪهڙو آ...؟“

”ادا... بنگالي ٻُک جا ڏاڍا پَڪا ٿِين. سمنڊ ۾ مهينو يا ٻہ ٻہ مهينا مَڇي مارڻ لاءِ پيا هوندا آهن. پل عيد وارا ڏينهڙا ڇو نہ هجن. ٻي ڳالهہ تہ انهن جا درياءَ جي ڪنڌيءَ تي گهر ٺڙ ڪونهن جو ڪين ٻارن ۽ ٻچن جو الڪو ورائي وڃي.“

ٿڌڙي هوا سارنگ جي جسم کي ڇُهي هلي وئي. هن پنهنجي ڇهري تي ٽڪ ۽ ٽڌ جو احساس دوستن جي اڳيان ٿيڻ نہ ڏنو. اوچتو درياءَ جي لَهرن ۾ تيزي آئي. لَهرون ڪر ڪٽي، رقص ڪنديون اچي ڪنارن سان لڳي پوئتي هٽي ويون، هنن تنهي جو ڌيان انهن لَهرن ڏانهن ڇڪجي ٿي ويو، ايتري ۾ هڪڙو هوڙو اچي درياءَ ۾ تيزي سان ڪنڌيءَ کان گذريو تہ امين ان هوڙي ڏانهن نهاري چيو.”ادا سارنگ! اهو ”گاڙيٽو“ هوڙو اٿئي، جنهن کي مهاڻا سمنڊ ڏانهن ڪاهي پيا وڃن. ”گاڙيٽو هوڙو“، مهاڻن جو اهو هوڙو بنگالين جي ٻنهي هوڙن کان ”موٽاڙو“ ۽ ”ڊونڊا“ کان وڏو آهي ۽ مهاڻن جي ان هوڙي جي رفتار بہ تيز ٿئي ٿي.“ اها ڳالهہ ٻڌي سارنگ جو ڌيان مهاڻن جي ان هوڙي طرف هليو ويو، جيڪو تيزي سان سمنڊ ڏانهن ٿي ويو. جنهن ۾ مهاڻا ڪچهريون ڪندا ٿي ويا. ٽيپ رڪارڊر جنهن ۾ مهاڻن جو گيت ڏاڍي سريلي آواز ۾ وڄندو ٿي رهيو ۽ هوا جي لَهرن سان ملي اهو آواز هنن جي ڪنن ۾ رس اوتيندو رهيو. عبدالغني ۽ امين ڪنڌ ڌوڻيندا ٿي رهيا. عبدالغني وري چوڻ لڳو. ادا... توهان گهاڙيٽي هوڙي ۾ وڄندڙ مهاڻن جو گيت ٻڌو...؟

”ها... ادا... ڏاڍو درد ڀريو هو.“ سارنگ موٽ ڏني.

ڀائو... ساموندي گيت مهاڻن جي زندگي کي اتساهہ ڏياريندا آهن. هو گيتن جي ڌُنِ تي پاڻ کي وندرائيندا موج مستيون ڪندا سمنڊ ڏانهن ويندا آهن. اهي گيت اسان جو لوڪ ورثو ۽ سنڌي ثقافت جو خوبصورت حصو آهن. عبدالغني سوچي وري چوڻ لڳو.

سارنگ....! محمد ملاح فشر فوڪ وارو هينئر ڏاڍو ياد پيو اچي، هو مهاڻن جي جلسن، جلوسن۾ اسٽيج شو تي مهاڻن جا درد ڀرياگيت اهڙي انداز ۾ ڳائيندو آهي جو دلين کي ڌڙڪائڻ سان گڏ روئاري ڇڏيندو آهي.

”سارنگ! مهاڻا سردي توڙي گرميءَ منجهہ پنهنجا ڪک ۽ گهر ٻار ڇڏي. گذر جي تلاش ۾ درياءَ ۾ هليا وڃن ۽ اتان سمنڊ جي سيني تي هوڙا بيهاري رَڇَ پوکين ۽ مَڇي مارين.

”ادا...! سمنڊ جون لَهرون ڏاڍيون بي ترس ۽ بي رحم ٿين، ڪو انهن کان مهاڻن

جي زندگي جي ڏکاين جو پڇي ته ڏسي...!!“ ائين چئي غني ماٺ تي ويو، پوءِ ٿڌو ساهه ڀري ڏکاري انداز ۾ چيو.

”ادا... اهي لَهرون ڪنهن کي ڪين ٻڌائين ته روزانو ڪيترا گهوٽ، جن متي تي موٽ ئي نه ٻڌا ها... ۽ ڪيترين ئي وَنين جا وَر ۽ ڪيترين ئي مائرن جا ڪونتر پُٽ جيڪي پنهنجي مائرن جي اميدن جا ڏيئا، سي سڀ سمنڊ جون لَهرون ڳڙڪائي وڃن ۽ اهي لَهرون مهاڻن جي زندگيءَ پنيان موت جي پاڇي جيان هر پل ڊوڙنديون رهنديون آهن.“

اهي لفظ ٻڌي سارنگ سوچ ۾ پئجي ويو ۽ دل ۾ چوڻ لڳو. ”سمنڊ جي زندگي ۽ موت ٻنهي جو ذائقو ڪارو آهي“. سارنگ جيئن ئي اها ڳالهه سوچي ته هن جي دل ۾ ڏک سان گڏ اکين ۾ پاڻي اچي ويو، جنهن کي پنبڙين جي اوٽ ۾ روڪي ڇڏيائين. اکين کي مهٽي درياءَ ۾ ڏسڻ لڳو، جڻ هي به ڪاڪي ابوبڪر خاصخيلي جيان انهن مهاڻن جي تصويرن کي پيو ڳولي جيڪي ڪاري پاڻيءَ ۾ ڳري فنا تي ويون. ايتري ۾ امين چيو.

”ادا... اسان مهاڻن جي زندگي وڏو چڪر ڪاٽي نه تي. پاڻيءَ منجهه شروع ٿئي ۽ پاڻيءَ ۾ ختم، رڳو هڪ هنڌ ڪُن جيان پئي ڦيرو ڪائي.“ پوءِ امين درياءَ ڏانهن گهوري ڏکاري انداز ۾ شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جو بيت سُر سان جهونگارڻ لڳو.

ڏٺي ڏياري، سامونڊين سِڙَهَه سنباهيا،
وِجهئو وَر وَنجهه ڪي، روئي وڻجارِي،
مَارندءِ ماري! پرِهَ سور پرِينِ جَا.

اهو بيت ٻڌائي ڏک جي ڏور ۾ ويڙهجي ويو. پوءِ ٿڌو ساهه ڀري چيو.

”ادا...! جڻ مهاڻا، پيدا ئي موت جي لاءِ ٿيا آهن...“

ان جملي ۾ ايترو درد سمايل هو جو سارنگ کي ويتر وڌيڪ جهوري وڌو. هي ٻڌتر ۾ پئجي ويو. سوچن ۾ ڪئين سوال سُين جيان چڀندا رهيس. پوءِ من ۾ هي ويچار وندڻ لڳو ته ”خشڪي وارا زندگي جي رنگن ۾ رهندي به سک ۽ آرام واري حياتي بسر ڪندي به ڪيڏا نه مايوسيءَ جو شڪار آهن. پر هي مهاڻا پنهنجي جياپي ڪاڻ موت کي به سيني سان لڳائي مرڪي مشڪي ڏينهڙا پيا گهارين. سارنگ درياءَ ۾ نهاري وري سوچڻ لڳو.

هي مهاڻا ڪيڏا نه بهادر آهن جو سانجهيءَ ويلي اندر ۾ هڪ اميد رکي اٿي پون ٿا.... جڏهن سڄو لوڪ ان گهڙيءَ پنهنجن آکيرن ۾ ٻچڙن سان گڏ، پنهنجين ونين سان گڏ آسيس ونڻ لاءِ پيا هوندا آهن ۽ هي سمنڊ جي طرف وڃڻ جاسانباها ڪندا آهن.

ڌرتيءَ تي گهٽي اونداهي ڇائنجي وئي جو سڄو آسمان ڪڪرن سان ڀرجي ويو. چنڊ به انهن بادلن جي اوٽ ۾ لڪي ويو، جڻ چنڊ به ائين پئي چاهيو. هو پاڻيءَ منجهه مهاڻن جي ڏکاري زندگي کي سهي ۽ ڏسي نه سگهندو هجي..

ان مهل هوا بہ تيز گهلڻ شروع ڪيو. امين کي خيال ٿيو تہ ”مهمان ٽڪل آهي.“ پوءِ سارنگ ۽ عبدالغني ڏي نهاري چيو، ”دوستو! اونداهي گهٽي ٿي وئي آ هاڻ هلجي.“ ائين چئي امين هوڙي تان لٿو تہ سارنگ ۽ عبدالغني لهي هلڻ لڳا. جهڳين مان هلڪي هلڪي روشني جيڪا ڪنهن اٽپوري اميد جيان اونداهي ۾ ليئو پائي رهي هئي. سارنگ هلندي هلندي خيالن ۾ گم ٿي ويو. هن کي خيال آيو تہ ”مهاڻن جون مِٺي پاڻيءَ واريون اميدون الائجي ڪڏهن پوريون ٿينديون. ۽ ڌرتي وري سائو لباس پهريندي.“ سارنگ هلندي اهو من ۾ ويچار وندي درياءَ ۾ ڪنهن هوڙي جي گذرڻ جو آواز ٻڌي ٿو تہ هن جو ڪنڌ پنهنجو پاڻمرادو ڪنڌيءَ جي طرف لڙي ويو. وري پاڻ کي سنڀالي امين ۽ غني سان وِڪَ ۾ وِڪَ ملائي هلندو رهيو. امين هن جي ڊري وک ڏسي هوڙي جي آواز تي ڪن ڏئي سارنگ جي طرف ڏسندي چيو.

”ادا... جنهن هوڙي جو توهين آواز ٻڌو پيا، اهو بہ مهاڻن جو هوڙو اٿوَ، سي هاڪاريو وڃن. جت سنڌو درياءَ چوڙ ڪري پيو، اتي سڄي رات بيٺا رهندا. چاهي ڪيتري بہ ٿڌ هجي، ولهہ ۽ پارو پوي، پوءِ بہ اهي مهاڻا فجر ٽاڻي اها جاءِ نہ ڇڏيندا ۽ رَڃَ پوڪيندا. اهي هوڙا ڪنڌي بہ ڪونہ ڏسن. ڏهہ ڏهہ ٻارنهن ٻارنهن ڏينهن درياءَ ۾ پيا هوندا.“ اها ڳالهہ ٻڌندي سارنگ کي مهاڻن ۽ هتان جي متيءَ سان دلچسپي وڌندي وئي، هن عبدالغني کان سوال پڇيو.

”ادا... هوڙا گهڻن قسمن جا ٿين ٿا...؟“

عبدالغني مشڪي وراڻي ڏني تہ ”ڀائو! ڳاڙيتو، ٻُن ڳاليو، موتاڙو بنگالي هوڙو، ڊونڊيا بنگالي هوڙو ۽ لانچ جيڪا وڏي ٿئي ٿي. پر اسان وٽ اڪثر ڪري ٻن قسمن جا هوڙا آهن. هڪ ٻُن وارو ڳاليو، جيڪو ننڍو ٿئي ٿو ۽ ٻيو ڳاڙيتو، جو ٻُن واري ڳالي کان وڏو آهي.

رحيم بخش دوستن جي انتظار ۾ ويني رستي ۾ نهاريو. هن کي اهو انتظار هو تہ سارنگ اچي تہ ماني کٽي اچان.

هي اجان انهن خيالن ۾ هو تہ دوستن جي ڳالهائڻ جو آواز ٻڌائين تہ ڪرسيءَ تان اٿي وک کٽي رستي جي طرف ڏسڻ لڳو. جڏهن سامهون عبدالغني، امين ۽ سارنگ کي پنهنجي طرف ايندو ڏٺائين تہ هن جي چپن تي مرڪ تري آئي. هي انهن جي پرسان اچي تنهي سان هٿ ملايو تہ امين چيو.

”ادا... رحيم بخش! سارنگ ڏاڍو قربائتو دوست نڪري پيو. ڏاڍي ڪچهري ٿي، هاڻ اسين واپس ويندا سين، وري صبح جو سوير توهان سان ملڻ اچبو.“

ائين چئي امين ۽ عبدالغني اتان ئي هنن کان موڪلائي هليا ويا. پوءِ سارنگ ۽ رحيم بخش اوطاق تي آيا، اتي هنن جي انتظار ۾ هڪ ماڻهو وينو هو، ان کي ڏسي رحيم بخش وراڻيو.

”ادا ايوب! هل تہ مهمان جي ماني کٽي اچون ۽ بسترو بہ .“ ائين چئي ٻئي ڇٽا سارنگ کان موڪلائي هليا ويا.

# باب ٻيون

ڇَني ۾ ٻَتي ٻرندي رهي، اُن جي جهيڻي روشني ڪاٺ جي ڪليل دروازي مان ٻاهر ليئو پائيندي رهي. سارنگ ڇني ۾ نهاري ڪٽ تي ويهي رهيو. هن پاڻ کي گهڻو ٿڪل محسوس ڪيو ۽ ڪٽ تي آهلي پيو. سيراندي ڪان ڪنڌ جي هيٺان ساڄي ٻانهن ڏئي ڇت ۾ نهارڻ لڳو. هن ڪن پَل جي لاءِ اکيون ٻوٽيون ته ماضيءَ وارا خيال ورائي ويس.

رات جو وقت هو. گهر جي ڇت تي ستو پيوهو. اوچتو هن جي نگاهه ڇت جي پَلوڙي ڏانهن هلي وئي، هن کي ائين محسوس ٿيو ته ڪو چهرو جهاتي پائي ڏسي رهيو آهي. پر ڪيس ان مهل پَلوڙي وٽان ڪا شيءِ نظر ڪانه آيس. هو پنهنجو خيال پَلوڙي وٽان هٽائي سوچڻ لڳو.

"ڪير هوندو...!؟"

"ڪڏهن ائين ٿيو ناهي...!!؟"

اسانجي گهر جي پاسن کان جيڪي گهر آهن. انهن ۾ چاچا حاجيءَ جو گهر آهه ان جي بيمار گهر واري ۽ پاڻ رهندو آهي. ڪي ٻار اتي ڪونه جو ڇت تي چڙهي اچن. اسان جي گهر جي پُٺِ ۾ امام بخش سپاهيءَ جو گهر آهي جيڪو سدائين دير سان گهر ۾ ايندو آهي. هن جي گهر واري جنهن جي مهينو کن اڳ مٽي ڦريل امام بخش مار ۾ ٽنگ ڀڳي هئي. اسپتال ۾ اهو چئي داخل ڪرايو هئائين ته ڇت جي ڏاکڻ تان پير ترڪي پيس، پٽ تي اچي ڪري ٽنگ ڀڄي پيس. اها به کٽ کان لهي هلي نه ٿي سگهي.

سارنگ اهو سوچي وري پنهنجي ڇت جي ان پَلوڙي ڏانهن نگاهه ڪئي. هي پَلوڙو ماسي صابل جي گهر جي ڇت سان گڏ هو. جيڪا پنهنجي نوجوان پٽ جانوءَ سان رهندي هئي. جانو بهار هوٽل تي ٻاهر واري ڪندو هو. هي ٽنهي پَلوڙن ڏانهن ڏسي پنهنجو خيال مٽائي سمهڻ جي ٿي ڪيائين.

"ڇِڪار..." جو هلڪو آواز هن جي ڪن تي جيئن پيو. هن ماسي صابل جي گهر جي ڇت واري پَلوڙي ڏانهن نهاريو. اونداهي هوندي به هن کي چهرو صاف چٽو ڏيک ڏيڻ لڳو... جيئن هن ان ڏانهن نهاريو ته گهڙي وقت اکين تي اعتبار نه ٿي آيس ۽ نه ئي دل کي يقين پئي آيس. هي خوبصورت چهرو... سارنگ اتي ويهي رهيو، هوءَ ڇپن ۾ مشڪندي رهي.

"اکيون وڏيون... تن مٿان ڪمان جيان وريل سنهڙا پرون، سنهڙا چپ..؟ "ڪنن ۾ آڏيءَ جيتريون واليون..." "وڏي ڳچي بغير ڪنهن هار جي ڏاڍي سهڻي ٿي لڳي."

سارنگ سندس ڇهري جا نقش ڏسندو، پنهنجي دل تي ڪنهن چترڪار جيان خاڪو جوڙيندو ٿي ويو. ڪنهن ڪنهن وقت هوا هن جي وارن سان ڪينچل ڪري هلي وئي. هوءَ معصوميت وچان ڪاڏي پلوڙي تي رکي مشڪندي ٿي رهي. سندس مشڪڻ جي ڪري ڳل ۾ پوندڙ هلڪو ساڏون، تنهن سارنگ کي پاڻ ڏانهن ڇڪي ورتو هو. هن جي ذهن ۾ هوريان هوريان ان ڇهري جو عڪس نهندو ويو. هن جي دل جي رفتار تيز ڌڙڪڻ لڳي. ”ڪٿي خواب نٿو ڏسان...“ هي چپن ۾ چئي اکين کي مهٽي جيئن پلوڙي ڏانهن نهاريو تہ هوءَ غائب ٿي چڪي هئي، هن جي اندر منجهہ بي چيني وڌي وئي، ڪيس ڪڻ تي ويهڻ ڪو نہ آيس، اٿي تڪڙو تڪڙو ان پلوڙي وٽ آيو، جيڪو ايڏو وڏو ڪونہ هو.

ٿي سوا ٿي فوٽ ڪن هو. هي ان جاءِ تي بيهي ماسي صابل جي گهر جي ڇت طرف نهاريو تہ ڇت تي ڪيس ڇڳل پڳل ڪٽ، جنهن جا پاوا ۽ ٻانهيون اُسَ ۾ سَڙي ڪاريون ٿي ويون هيون. واڻ بہ سڙيل ڪارو، هن ڇت تي هڪ گهري نگاهہ ڦيرائي، تہ ڪيس ائين معلوم ٿيو ڄڻ ورهين ڪان ونئي ڪو بہ ڪونئي تي آيو نہ هو. هن کي پنهنجي اکين تي اعتبار ڪونہ آيو ۽ پنهنجو پاڻ سان ڳالهائڻ لڳو.

”ڪٿي ماسي صابل جي پٽ شادي تہ ڪئي ڪانهي...!؟“

”نہ... نہ... جانو شادي ڪري ها تہ، ماسي صابل پٽ جي ڪوٺ اسان کي ڏئي ها. ماسيءَ جو اسان جي گهر سان گهڻو چاهہ آهي.“

سارنگ اهو ويچار من ۾ وندي بيهر ڇڳل پڳل ڳڻ ڏي ڏنو تہ اداسي دل کي ول جيئان ويڙهي ويس. هي واپس اچي ڪٽ تي ويهي رهيو. پر... هر هر ان ڇهري بابت سوچيندو رهيو... ”ڪير هئي...؟“

”ڪيڏانهن غائب ٿي وئي...“

”اڳي ڪڏهن ائين ٿيو ڪونهي...!!“

”پر... اها آئي ڪٿان، ڇت تي ان جو پاڇو ۽ پير بہ ڏسڻ ۾ ڪونہ آيو... هوا جيان ڪيڏانهن هلي وئي.“

هي پاڻ سان اهي سوال ڪندو، سوچن ۾ سوڙهو ٿيندو ويو، تان جو هن جي اکين مان ننڊ موڪلائي هلي وئي ۽ پلوڙي ڏي نهاري نگاهہ هيٺ ڪري ٻانهن ۾ ٻڌل گهڙي جي ڪانٽن کي ڏٺو... ”سوا ٻارنهن...“ چپن ۾ آهستي چئي... انهن ڪانٽن کي اهڙي انداز ۾ ڏسڻ لڳو... ڄڻ هي انهن ڪانٽن کان پڇي رهيو هيو... جيڪي هن جي دل جيان ٽڪ... ٽڪ ڪندا هلندا ٿي رهيا. هن جي اندر ۾ عجيب غريب احساس سان گڏ بي قراري وڌڻ لڳس، ۽ پلوڙي کي ڏسڻ لڳو... خيال ۾ تصوير جي نهيل خاڪي ۾ رنگ ڀرڻ جي ڪوشش ڪيائين، سارنگ من ۾ اڳ ڪڏهن بہ ڪنهن ڇهري جو خاڪو ڪونہ هو... اهوئي پهريون ڀيرو هو جو هن پنهنجي دل تي ان جون لڪيرون ڪڍيون. ايتري ۾ هن پلوڙي وٽ ساڄي ئي جاءِ تي مٽي جي وارن کي ڏٺو. پوءِ نرڙ ۽ اکيون... اهوئي ڇهرو

چپن تي تازي گل جيان ٽڙندڙ مرڪندڙ، ڊگهي ڳچي، هن پيري هوءَ ٻلوڙي کان ڏيڍ فوٽ متي هئي، چولي جي گول ڳچيءَ وارو حصو ڏسڻ ۾ تي آيس، هن جي جسم مان هلڪو چرڪ نڪري ويو ۽ اتي بيهي رهيو. خوبصورت چهرو، اکين ۾ پيار ۽ اميد جو پاڻي پنبڙين جي اوٽ ۾ پريل، چپن تي مرڪ، جڻ اهي زندگيءَ کي جيارڻ جي لاءِ مرڪي رهيا هئا، سارنگ ان مرڪ ۾ پاڻ کي گم ڪري ڇڏيو... اڳتي وک کڻڻ جي سگهه به ساري نه سگهيو جو اڳتي وڌي ڳالهائي سگهي... هوءَ سارنگ ڏي پيار پرئي انداز سان ڏسندي پنهنجي دل ۾ چوندي رهي.

سارنگ! مون کي تنهنجي نالي ۽ ڪرت جي سڀ خبر اٿم. اپرندڙ تنهنجي جواني جو اهو ڏيک مون کي ڪيترين عرصي کان گهايل ڪري ڇڏيو آ ۽ تنهنجي تصوير دل ۾ جوڙي ناهي ڇڏي اٿم. اها توکي ها... توکي خبر ڪانهي... پلا توکي خبر پوي به ڪيئن... نه ئي پاڻ ۾ ڪڏهن ڳالهيون ڪيون آهن.

سارنگ! توکي منهجي پيار ۽ پنڌ جي ڄاڻ ڪونهي، جو نه تو ڪڏهن مون کي ڏٺو ڪونهي، نه ئي منهنجي نالي جي ڄاڻ اٿئي... تو جڏهن ڪجهه وقت اڳ پهريون ڀيرو ڏٺو... شايد... توکي پنهنجين اکين تي اعتبار نه ٿي آيو... ۽ ٻار جيان اکين کي مهٽي مون ڏانهن وک وڌائڻ جي ڪئي ته مان غائب ٿي ويس. سارنگ! منهنجي ساهه جي رڳن ۾ تون رات ڏينهن ڊوڙندو رهندو آهين... توکي پنهنجي جند ۾ ائين سانڍي ۽ لڪائي ڇڏيو آ، پلا... هڪ اڻ ڄاڻ سان ايتري حد تائين ڪو پيار ڪري سگهي ٿو؟ نه... هر ڪو ائين چوندو... پر... ائين به ناهي... تو کي پنهنجي دل ۾ تو کان پڇڻ کان اڳ ۾ ويهاري ويني آهيان.

هوءَ پاڻ کي خيالن مان ڇڏائي، سارنگ کي ساڳي ئي انداز سان ڏسندي رهي. سارنگ کي اها همٿ ئي نه ٿي جو اڳتي وڌي اچي هن سان ڳالهائي... هن جيئن ئي سارنگ کي ڏٺو پئي ته، سارنگ وک هن ڏانهن کنئين ته هيءَ لڪي وئي. سارنگ تڪڙو تڪڙو اچي ٻلوڙي وٽان بيهي چت تي ڏسڻ لڳو... ساڳي جڳهه، پڳل ڪٽ نظر آيس، هي ڪجهه مهل تائين هن جي  چهري کي چت تي ڳولڻ لاءِ ٻلوڙي وٽ بيٺو رهيو... پوءِ مايوس ٿي اچي ڪٽ تي ويهي رهيو... ها... ڳپل وقت ويٺو رهيو، وري ڪٽ تي آهلي پيو، پر ٻلوڙي جي طرف منهن ڪري سمهي پيو. هاڻ هن جي دل ۽ دماغ تي انهيءَ چهري جا عڪس ڦرندا رهيا... ذهن ۾ ساڳيا سوال ورجائيندو رهيو.

”ڪيڏانهن غائب ٿي وئي...؟“

”ڪير هئي...؟“

”ڳالهائي به نٿي، رڳو پئي ٿي مشڪي ۽ مرڪي...“

هي پاڻ سان ڳالهائيندي ڳالهائيندي اتي ويهي رهيو... ته به هن جي دل جي بي قراري گهٽي ڪونه... ويتر وڌي ويس... هاڻ هي هر هر ان چهري جو عڪس ذهن ۾

جوڙي پريشان ٿي ويو، ڪٿ تان اٿي وري ماسي صابل جي گهر جي ڇت تي ڏسڻ لڳو... پر... ڪنهن انسان ته ڇا پکيءَ جو پر به ڏسڻ ۾ ڪونه آيس. مايوس ٿي واپس کٽ تي آيو... سوچڻ جي ڪري هن جو وجود پورا پورا ساٽو ٿي ويو هو... پاڻ کي کٽ تي زندهه لاش جيان ڇڏيندي سمهي پيو، پر اکين ۾ انتظار کان سواءِ ٻي ڪا به شيءِ نه هئي. هي جاڳندو سوچيندو رهيو، ڪڪڙن دس هنيان ته هن جي اک لڳي وئي... جڏهن سج متي چڙهي آيو... سج جي تيز تکن ڪرڻن هن کي ڇهندڙيون پاتيون ته هن جي اک کلي وئي... ڇت تي سج جا پاڇا ڏسي ڇرڪ ڀري اٿيو... اهو پهريون ڀيرو هو جو هي دير سان اٿيو... تڪڙ تڪڙ ۾ اٿي بسترو ويڙهي کلهي تي رکي پلوڙي وٺ آيو... ماسي صابل جي گهر جي ڇت تي ڏٺائين، هن کي ڇت تي ڪنهن ماڻهوءَ جو پير به ڏسڻ ۾ ڪونه آيو. هن جي ذهن کي جهٽڪو آيو ۽ متي ۾ سور جون سٽون ايري ويس. اسڪول کي دير پئي ٿئيس... اهو خيال اچڻ سان هي تڪڙو هيٺ لهي ڪمري ۾ بسترو رکي واش روم ڏانهن هليو ويو... تيار ٿي واپس آيو ته ماءُ هن جي اڳيان ماني رکندي چيو...

”سارنگ! هونئن ته سوير اٿي ايندو آهين... پر اڄ دير سان...“ هن ماءُ جي ڳالهه اڌ ۾ ڪٽيندي چيو.

”امان... پوئين پهر جي ٿڌڙي هوا لڳي هئي. ان ڪري گهري ننڊ اچي وئي...“ ائين چئي ماني جا ٻه گرهه هنيان... پوءِ گلاس پاڻي جو ڪٽي ڍڪ ڀريو... جيڪو هن جي اڳيان ماءُ مانيءَ سان گڏ ڀري رکيو هو.

”چڱو امان اسڪول وڃان ٿو، دير ٿي وئي آهي...“

”چڱو پٽ... پنهنجو خيال رکجان..“

”جي امان“ هي ويندي در وٽ بيهي ماءُ کي مرڪي جواب ڏئي هليو ويو.

***

اسڪول ۾ هن ڪي هر هر رات وارا خيال ستائڻ لڳا. هي ٻارن ڪي روزاني معمول جيان پڙهائي نہ ٿي سگهيو... هلڪو هلڪو مٿي ۾ سور بہ ٿيڻ لڳو هوس. هو ڪلاس ۾ ٻارن کي خاموش رهڻ جو اشارو ڪري پاڻ ٽيبل تي ٻئي ٻانهون رکي ان تي مٿو رکي اکيون ٻوٽي پاڻ کي سڪون ڏيڻ جي ڪوشش ٿي ڪئي. پر ان ۾ بہ ناڪام ويو. هن کي ننڊ تہ ڪونہ آئي پر... جيئن اکيون ٻوٽيائين تہ اهوئي چهرو هن جي اکين اڳيان گهمندو ڦرندو رهيو. نرڙ تي پگهر اچي ويس، دل تي بار ٿيندي پانيو ۽ ساهہ گهٽجندي محسوس ڪيائين، ڪنڌ مٿي ڪٽي ڇوڪرن کي رڙ ڪري چيائين.

”اڙي! بجلي بند ٿي وئي ڇا، پکو هلايو.“ اهي لفظ ٻڌندي ڪن ٻارڙن ڪان کل نڪري وئي، تہ ڪي استاد جي حالت تي سنجيده ٿي ويا. هڪڙو ڇوڪرو اٿي بيهي چوڻ لڳو...

”سائين! بجلي آهي... پکو هلي ٿو...“

”اڙي! ان جي رفتار وڌايو...“ پوءِ ان ساڳي ئي ڇوڪري بيني بيني آواز ڏنو.

”سائين! پکو ڦُل هلي رهيو آهي...“

ها... ها... چڱو مات ڪري ويهو، گوڙ نہ ڪريو. سارنگ ائين چئي پنهنجن خشڪ چپن تي زبان ڦيري سامهون پهرين بينچ تي وينل ڇوڪري کي نالي سان آواز ڏيندي.

”اڪرم! پاڻي پيار...“

”جي... سائين...“ اڪرم ڪلاس ڪان ٻاهر هليو ويو. سارنگ جون اکيون ڳاڙهيون هيون... شاگرد هن جي بي چيني واري طبيعت کي ڏسي خاموش ٿي ويناِ ايتري ۾ اڪرم پاڻي جو گلاس پري آيو، هن ڪائنس گلاس وٺندي چيو.

”تون ويهہ...“ ائين چئي پري ڊِڪ پري گلاس رکي ڇڏيو.

هن کي خيال آيو تہ مان سست ٿي، منهن پيلو ڪري ويهندس تہ ڪو استاد اچي ويو تہ پوءِ ان جي سوالن مان جان ڇٽندي ڪانہ... ان ڪان بهتر آهي تہ ٿورو چست ٿي ويهان... من جي مانڌاڻ جو ڪنهن سان ذڪر نہ ڪريان... نہ تہ جنهن سان بہ رات واري قصي جي ڳالهہ ڪندس. پوءِ ننول ڪندا ۽ الائجي ڇا مان ڇا چوندا. اهو ارادو ڪري هي گلاس وارو بچيل پاڻي پي اڪرم کي اشارو ڪندي گلاس ڏيندي، پاڻ ڪلاس ڪان ٻاهر نڪري وراندي ۾ تازي هوا ڪائڻ لڳو. وراندي ۾ ايندڙ استاد هن سان ملندا هلياويا. هن پنهنجي من جي ڪنهن کي جاڻ نہ ڏني. هي وري پنهنجي ڪلاس ۾ آيو... پر هن ٻارن کي ڪو نئون سبق نہ ڏنو. ويني ويني وقت پورو ڪيو.

جيئن سج لهي سانجهي ٿي، دوستن کان موڪلائي گهر آيو... معمول جي مطابق رات جي ماني کائي، بسترو کٽي ڇت تي آيو... ۽ ان ڇهري جي ڏسڻ لاءِ انتظار ڪندو ٻلوڙي ڏي نهاريندو ٿي رهيو. اڄ هن کي اهي پل پهاڙ جيان لڳي رهيا هئا، واچ کي ڏنائين ڇڻ اهي ڪاٽتا بند نظر آيا. هن واچ تان نگاهه هٽائي ٻلوڙي ڏانهن ڏنو ۽ پنهنجي ذهن ۾ ڇهري جو عڪس ناهڻ جي ڪوشش به ڪندو رهيو. اوچتو ڪيس اهوئي مرڪندڙ ڇهرو ڏسڻ ۾ آيو ته من ۾ هلچل مچي ويس، اٿي ويهي رهيو، هن پنهنجي چپن تي خوشي جهڙي مرڪ پيدا ڪرڻ جي ڪوشش تي ڪئي، پر اداس دل جي ڪيفييت هن جي ڇهري تي پنهنجو اثر ڇڏيندي رهي.

هوءَ ساڳي مرڪ سان بيٺي هن ڏانهن ڏسي ۽ نهاري، هن ڀيري هن جي وارن جو انداز نئون هو، منهن تي ميڪ اپ جي ذري ڪانه... سادگيءَ ۾ هوءَ وڌيڪ سهڻي ٿي لڳي. سارنگ من ۾ اهو ارادو ڪيو ته.

”اڄ هن سان ڪيئن به ڪري ڳالهائيندس...“

پڇندو مانس... ڪير آهين...؟

ڪٿان جي آهين...؟ نالو ڇا اٿئي...؟

اهي ٽئي سوال ذهن ۾ ڪنهن سبق ياد ڪندڙ ٻار جيان دهرائي، پنهنجي گهر جي ڏاڪڻ جي طرف نهاري ٻلوڙي ڏانهن وک وڌائي ته هوءَ نظر ڪانه آيس. هي پريشانيءَ مان تڪڙو هلندو ٻلوڙي وٽ اچي ڇت تي ڏنو... پر... اها ئي ڇڳل، ڀڳل، سڙيل کٽ... هن جي اندر ۾ اداسي جي لَهر ڊوڙي وئي، ٿوري گهڙي هوا گهلندي به پگهر اچي ويس ۽ ڪيس ڪجهه سمجهه ۾ نه ٿي آيس. هي واپس اچي کٽ تي ويهي رهيو. هن پنهنجي من کي پورا پورا ٿيندي محسوس ڪيو. گهڙي دير تائين کٽ تي ويهي نه سگهيو، ڇت تي هلندو رهيو. ٻي ڇينيءَ مان هلندو وري ٻلوڙي وٽ آيو... هن کي سامهون ڇت تي ڪا به شيءِ ڏسڻ ۾ ڪانه آئي، پريشانيءَ کان پگهر اچي ويس. نرڙ تي هٿ ڦيري ٻلوڙي تان واپس اچي کٽ تي وينو. ڪالهه رات کان اڄ هن جي طبيعت وڌيڪ خراب ٿي وئي، ڪيس ڪجهه سمجهه ۾ نه آيو. سڪون هن کان ڪوهين ڏور هليو ويو هو، هي سوالن جوابن جي ڏور ۾ پاڻ کي جڪڙيندو ٿي رهيو، وري اهو خوف به هن جي خيال ۾ اچي وينو. ڪٿي ان خيال جي ڪري پاڻ وڃائي نه ويهان. بس اهو خواب سمجهي ذهن مان ڪڍي ٿو ڇڏيان. هن پاڻ سان ڳالهايو، پر ائين ڪري نه سگهيو. ڇو جو هن جي ذهن ۾ ان ڇهري جي ڪافي حد تائين تصوير جڙي چڪي هئي، هٿ جي ترىءَ تي نظر نه ايندڙ ڪنهن شيءِ جيان هن جو خيال ڪونه هو. پر هن پهرين نگاهه ۾ پنهنجي دل تي هلڪو خاڪو جوڙي ڇڏيو هو، جنهن ۾ هوري هوري پيار جا رنگ پرجندا ٿي ويا... هن کي اهي ويچار به ورائي ويا... ڪٿي اها زندگي منهن ڏيکاري ، ها پنهنجو ڇهرو ڏيکاري منهنجي زندگي سان ڪا ڪِيڏَ ڪيڏِي ته ناهي رهي!!.

”نہ... نہ... هوءَ ائين ڪونہ ڪندي. مون هن جو ڪجهہ بگاڙيو ڪونهي، پر هوءَ ڪالهہ ڪان وٺي منهنجي جيون ۾ بي چينيءَ واري اٿل پٿل پيدا ڪري ڇڏي آ... بگاڙ تہ هن آندو آ...“ هي پنهنجو پاڻ سان ابتيون سبتيون ڳالهيون ڪندو ماٺ ٿي ويو. تہ هن جي اکين اڳيان هر هر هن جو چهرو ڦري ٿي آيو ۽ سوچيندو رهيو.

”هوءَ ڪير آهي...!؟“

”ڪٿان جي آهي...!؟“

”پر... ماسي صابل جي گهر جي ڇت تي ڪيئن ٿي اچي...!!؟“

”سندس اَچڻ، وَڃڻ جو پير نڪو پتو...!؟“

”هوءَ اَچي بيهي ٿي رهي ۽ ڳالهائي بہ نٿي...“

”نہ ئي ڪجهہ ٻڌائي ٿي...!“

سارنگ پنهنجي من ۾ اِهي ڇهہ ئي سوال دهرائيندو رهيو. هي بي چينيءَ مان کٽ تان اٿي پَلوڙي جي اُن هنڌ ڏسندو رهيو، جتان هوءَ اچي بيهندي هئي. هي واچ جي ڪانٽن کي ڏسي... ”سوا ٻہ ٿيا آهن، اجان ڪانہ آئي...“ دل ۾ چئي بي قراري وچان هلندو وري کٽ تي اچي ٿوري جهٽ لاءِ آهلي پيو... هي واچ جي ڪانٽن کي ڏسندو ٿي رهيو... ٿڌڙي هوا تي ڪيس ننڊ اچي ويس.

ڇهہ سَت ڏينهن اِئين ئي گذري ويا، هوءَ پَلوڙي وٽ اَچي بيهندي هئي. سارنگ ڳالهائڻ ۽ ملڻ جي لاءِ کٽ تان اٿي ويندو هو تہ هوءَ لڪي ويندي هئي. سارنگ جي دل ۽ دماغ تي اُن ڇهري جا چٽ نقش ڏينهون ڏينهن گهرا ۽ چٽا ٿيندا ٿي ويا. هاڻ سارنگ ڳُٽتين ۽ خيالن ۾ ٻُرندو ٿي رهيو. هن اها ڳالهہ ڪنهن بہ گهري دوست سان ان خوف کان نہ ٿي ڪئي، متان هو ڪيس پاڳل ۽ چريو سمجهن... ۽ چون خوابن خيالن جي پويان ڊوڙندڙ سارنگ بي وقوف ڏسو!!.

وري هن پاڻ سان ڳالهايو... واقعي چريا ۽ پاڳل ماڻهو پاڇن جي پويان ڊوڙيندا آهن، پر... هي پاڇو ڪونهي، هڪ حقيقت آهي.

ائين رات جو سارنگ ڇت تي اچي کٽ جي سيرانديءَ کان بسترو رکي ٽيڪ ڏئي وينو، هن پَلوڙي جي ان هنڌ نهاري دل ۾ اهو پڪو ارادو ڪيو تہ، ”اڄ جيئن نظر ايندي تہ ڳالهائيندو مانس ۽ پڇندو مانس“ ائين چئي هي دل ۾ اهي سڀ سوال ورجايا...

رات جا سوا ٻارنهن ٿيا تہ هن جيئن پَلوڙي ڏانهن ڏٺو تہ هوءَ بيٺي مرڪي مشڪي، ڪيس ڏسندي سارنگ دل ۾ چيو، ”جي پرسان ويندو مانس تہ وري غائب ٿي ويندي، تنهن ڪري ٿورو فاصلو رکي ڳالهائيندس.“

هوءَ اجان بہ بيٺي مرڪي، هن ڏانهن نهاريو، سارنگ هڪ وک وڌائي ساڻس ڳالهايو... اهو پهريون ڀيرو هو جو سارنگ دل ٻڌي ڳالهايو.

”توهان جو نالو...؟“

”مِني...“ هنَ مشڪي هَلڪو ٺهڪ ڏئي پنهنجو نالو ٻڌايو...

”مِني...!!!“ سارنگ عجب مان ٻيهر پڇي ورتو...

”ها... مِني...“ هوءَ ائين چئي ماٺ ٿي وئي، خاموش نگاهن سان سارنگ کي ڏسندي رهي ۽ دل ۾ چوڻ لڳي، ”مَس مَس ڳالهايو اٿائين، پنهنجي پوءَ مان نڪتو آهي“. سارنگ مِني لفظ چپن ۾ اُچاري وري ڪائنس پڇيو.

”تون ڪٿي رهندي آهين...؟“

”ڏس ُ...“ مِنيءَ موٽ ۾ چيو.

”ها... ڏس پتو پُڇان ٿو...“ سارنگ سوال کي چٽو ڪندي چيو.

”تون... ڏس پتو ڇا ڪندين... تو وٽ آئي آهيان...“

سارنگ ٿورو لڄي ٿيندي، جيئن هن جي پرسان ويو ته هوءَ غائب ٿي وئي. سارنگ کي پريشاني ورائي وئي، هن نرڙ تي هٿ گهمايو، پلوڙي وٽ اچي سامهون واري ڇت تي ڏسڻ لڳو، اهائي ڇڳل، پڳل ۽ سڙيل ڪٺ هن ڏٺي... ڪجهه وقت سوچن ۾ ٻيهي رهيو ۽ پوءِ واپس اچي کٽ تي ويٺو ۽ پنهنجو پاڻ سان ڳالهائڻ لڳو.

”ڪٿي پنهنجو نالو غلط ته ڪونه ٻڌايو اٿس...!!؟“

”ڏسُ بہ نہ ٿي ٻڌائي...؟“

”هيءَ اصل ڪٿان جي آهي...!؟ وري دل ۾ چوڻ لڳو.

هاڻ ڪلاڪ ڏيڍ ڪان پوءِ اِيندي، اَن جي پَڪَ ٻہ ڪانهي .هاڻي انتظار ۽ الڪي ۾ ننڊ بہ نہ ٿي اچي. رات ڏينهن هن جي يادن ۾ دوڙا پٽيا پيا آهن، نہ اسڪول ۾ مزو ٿو اچي، نہ ئي ڪنهن دوست يار وٽ ويندي ۽ ويهندي. رڳو مِنيءَ جا خيال ئي خيال... ڪريان تہ ڇا ڪريان...!؟

هيءَ رات بہ هن جاڳندي گذاري پر مِني ڪونہ آيس. صبح جو اسڪول آيو. هن جي مٽي ۾ ساڳيو ئي سور هو، پرائمري اسڪول جنهن ۾ ڪُل چار استاد هئا، سارنگ پنجون درجو پڙهائيندو هو.

هيڊ ماستر محمد رفيق، نائب هيڊ ماستر محمد خان ۽ ٽيون استاد ذوالفقار علي جنهن کي عرف ذلفي شاهه ڪري سڏيندا هئا. هي ڏاڍو مزاحيہ استاد هو، سارنگ کي صرف اهو ئي اونو هر وقت رهندو هوس ڪٿي ذلفي شاهه اچي هيٺي طبيعت ڏسي آڏي پچا ڪري ويهندو تہ ماري وجهندو. هو ڳالهين ۽ ٽوٽڻ ۾ دل واري ٽوڪ هٽي پيار پريو ڳالهائي مِنيءَ جو راز اندر مان ڪيرائي نہ ڇڏي!!

سارنگ ذهن مان مِنيءَ جو خيال مٽائڻ جي ڪري ڪرسيءَ تان اُٿي بورڊ تي چاڪ سان لکيو. ”مِني“ پوءِ ڇوڪرن ڏانهن منهن ڪري چيو...

”ٻارو... هي لفظ ڪهڙو آهي؟“

”مِني“ سيني گڏيل آواز ۾ وڏي شور سان چيو.

”ڇگُو پنهنجين پنهنجين سليٽن تي ”مِني“ لفظ کي جملن ۾ استعمال ڪري ڪٽي اچو.“

سارنگ ٻارن کي اهو سبق ڏئي اَچي پنهنجي ڪرسي تي ويٺو . ڏهن ٻارنهن منٽن کان پوءِ ٻار پنهنجيون پنهنجيون سليٽو ٽيبل تي اونڌيون ڪري رکندا ويا... اِيتري ۾ رسيس جو گهنڊ وڳو، سيئي شاگرد ڪلاس کان ٻاهر نڪري هليا ويا، هي ٻه شاگردن جي پُنيان اُٿي هيڊ ماستر جي آفيس ۾ آيو. هيڊ ماستر محمد رفيق هن ڏانهن ڏسي چيو.

”سائين سارنگ! محمد خان ۽ سائين ذلفي هينئر موڪل وٺي ويا آهن، مان ٻه ڪلاڪ کان پوءِ هليو ويندس، تون اسڪول بند ڪرائي هليو وڃجان. ۽ ٻي ڳالهه اها ڪرڻ وارو هيس ، توهان بهترين استاد آهيو ايم اي سنڌي، ايم ايڊ ڪري چڪا آهيو . ايچ ايس ٽي لاءِ ڪوشش ڇو نه ٿا ڪريو . سني چانڻ رکو ٿا“ اهو ٻڌي سارنگ مرڪي چيو،

سائين ! توهان ڳالهه صحيح ٿا ڪريو پر مونکي پرائمري ٻارن کي پڙهائڻ ۾ لطف ايندو آهي ۽ ٻار جي اها عمر اهڙي آهي جنهن ۾ شين کي جهٽڻ جي سگهه سان گڏ ٻار جي ذهن ۾ مستقبل جا خاڪا جڙندا آهن . جن کي بنياد ٻٽائي ٻار اڳتي وڌندو آهي . تنهنڪري نند پڻ ۾ ئي ٻار جي ذهن ۾ چڱيون ڳالهيون ۽ سهڻا نقطا داخل ڪبا ته اهي ٻار اڳتي هلي ڪري پنهنجي ٻولي ، ادب ۽ سماج ۾ ڪارائتو ڪم ڪري سگهندا آهن .

هيڊ ماستر مرڪي چيو.”سارنگ جيئن توهان جي مرضي.“

”جي سائين!“ مختصر جواب ڏئي سارنگ پنهنجي ڪلاس ۾ آيو.

هي سليٽ ڪٽي ڏسڻ لڳو.

”گندُ مِني“

ماڪي به مِني“

”امان جو نالو مِني آهي“

سارنگ کان ٽهڪ نڪري ويو، پوءِ ٻي سليٽ ڪٽي ڏسڻ لڳو، سليٽ جي ڪنڊ تي نالو لکيل هو هاشم سومرو .

”مِصري مِني...“

”بَرفي مِني...“

”ڌرتي مِني...“

سارنگ مشڪي اها سليٽ رکي ۽ ٻي سليٽ کنئين، جنهن جي ڪنڊ تي وڏن اکرن سان نالو لکيل هو سانوَل ملاح

”ماڪيءَ جي لار مِني...“

”گجر مِني...“

”اَنب جي شاخ مِني...“

”پيڻ مِٽي...“

سارنگ خوش ٿي ٽئين سليٽ کنئين، نالو پڙهندي سڪندر رند .

”ڳُڙ جي ٿهري مِٽي...“

”مُحبت مِٽي...“

”جوئر مِٽي...“

”ڪمند جي رَس ۾ مِٽي...“

”بابا چوندو آهي امڙ جي لاءِ منهنجي زال مِٽي“

سارنگ خوش ٿيو، هلڪو ٺهڪ ڏئي هن چوٿين سليٽ کنئين، جنهن تي شاگرد پنهنجو نالو لکيو اَمر ڪٽي .

”چاهِين مِٽي...“

”ڪيرٽي مِٽي...“

”چَاهت مِٽي...“

”عزت مِٽي...“

”واهه... واهه...“ سارنگ جي واتان لفظ نڪري ويا. پوءِ پنجين سليٽ ڪنيائين، جنهن جي ڪنڌ تي نالو لکيل هو عبدالوحيد سومرو .

”مٺائي جي چاسَ مِٽي...“

سارَ مِٽي...“

پوڪَ مِٽي...“

”ڳڙ جي لار مِٽي...“

سائين وڏڙا چوندا آهن، ماڻهو اُهو پلو جِنهن جي ”پوک ۾ مِٽي...“

اها سٽ سارنگ کي ڏاڍي وڻي، خوشي چپن تي پکڙجي ويس، پوءِ ڇهين سليٽ کنيائين، نالو شاگرد جو پڙهندي، پريل جمالي .

”توريءَ جي وَل مِٽي...“

”سِڪَ جي وَل مِٽي...“

”قرب جي ڪَچهري مِٽي...“

”ڪٽڪ مِٽي...“

”موهَر مِٽي...“

”سرنهن مِٽي...“

”زبان مِٽي جيڪا چانوَ ۾ ويهاري...“

سارنگ اهو پڙهي مشڪيو، ستين سليٽ کڻي پڙهڻ لڳو، ممتاز ميمڻ.

”ٿڌي هوا مِٽي...“

بوندي مِٽي...“

”وسڪاري واري پهرين بوندَ مِٽي“
”چِڀڙ مِٽي...“
”جليبيءَ جي چاش مِٽي...“
سارنگ ٻي شاگرد جي سليٽ ڏسي نالو جان محمد جمالي پڙهي ٿو .
”ڦري مِٽي...“
”ڪونج جي ڪوڪَ مِٽي...“
”سَت گلو جي وَل مِٽي...“
”ٻير جي پاڙ مِٽي...“
سارنگ وري نائين سليٽ کنئين، نالو پڙهندي محمد خان ابڙو
”صحبت مِٽي...“
”سنگَري مِٽي...“
”ماءُ جي لولي مِٽي...“
سارنگ ڏهين سليٽ کنئين، جنهن جي هيٺان شاگرد جو نالو نواز نوناري لکيل هو .
”تمر جي ماکي مِٽي...“
گاڙ جي پاڙ مِٽي...“
”ساموندي جيوت مِٽي...“
”پيڻ پکيءَ جي پُڪار مِٽي...“
ريڙهي مياڻ جي رهاڻ مِٽي...“ سارنگ چپن ۾ چيو. هي مهاڻو آهي، هنن جا ٽي چار گهر ساحلي پٽيءَ کان هٽڙي لڏي آيا آهن.
سارنگ يارنهين شاگرد جي سليٽ کڻي، ان شاگرد جو نالو پڙهيو غلام مصطفيٰ ملڪائي.
”چوليءَ جي چَندَ مِٽي...“
”سونهڻ گاهه جي پاڙ مِٽي...“
”سنڌو ڪنارن جي ڪچهري مِٽي...“
مهاڻن جي محبت مِٽي...“
”سمنڊ جي سِپَ مِٽي...“
سارنگ ٻارنهين شاگرد جي سليٽ کنئين، ان تي شاگرد جو نالو لکيل هو محمد اسماعيل ملڪائي
”چوليءَ جي چال مِٽي...“
”وڻجارن جي وڻڪار مِٽي...“
ٻيڙاتن جي ٻولي مِٽي...“

”تاڙي پکيءَ جي تنوار مِني...“

سارنگ تيرنهين شاگرد جي سليٽ کنئين، سليٽ تي شاگرد جو نالو لکيل هو حميد لغاري

”سانوڻ جي سرهاڻ مِني...“

”تاڙي جي تنوار مِني...“

”ڪوئل جي ڪوڪ مِني...“

”ٻاٻيهي پکي جي ٻولي مِني...“

سارنگ آخري شاگرد جي سليٽ کڻي ان جو نالو پڙهيو . حُسين مهاڻو.

”ڪَنڌيءَ جي ڪُوڪَ مِني...“

”لَهر جي لوڏ مِني...“

”پَتڻ جي پينگهه مِني...“

”ڪتوري جي خوشبوءِ مِني...“

”امبر جي خوشبوءِ مِني...“

”ڪاري جي ڪيت مِني..“

شاگردن ”مِني“ لفظ جا ڏاڍا سهڻا جملا ٺاهيا آهن .سارنگ دل ۾ چئي ڳپل وقت مشڪندو رهيو .

اسڪول جي موڪل ٿيڻ کان پوءِ سارنگ کي جانوءَ جو خيال آيو. هلندي هلندي هن دل ۾ وراڻيو... اها مِني ماسي صابل جي گهر جي ڇت تان اچي ڳالهائي ٿي، ڪٿي جانوءَ جي مڱيندي تہ ڪانهي. جانو بهار هوٽل تي ملندو . پوءِ سڌو بهار هوٽل تي آيو، جيڪو اسڪول ۽ هن جي گهر جي وچ ۾ چوڪ تي هو. هي بهار هوٽل تي اچي دخل تي وينل سيٺ کان پڇي ٿو.

”سيٺ! جانو ڪٿي آهي؟“

”سائين! چانهہ کڻي ويو آ، توهين ويهو چاڻ آيو.“

هي هوٽل جي ڪنڊ ۾ خالي ڪرسيءَ تي ويهي رهيو، چند منٽ مس گذريا تہ جانو هوٽل ۾ داخل ٿيو تہ سيٺ اشارو ڪري سارنگ جو ٻڌايس، هي تڪڙو تڪڙو سارنگ وٽ آيو.

”سائين! اڄ واٽ ڪيئن ڀلجي پيا.؟“

سارنگ ڪجهہ چوڻ وارو هو تہ ان کان اڳ جانو چئي ڏنو.

”سائين! مان چانهہ چئي اچان، پوءِ ٿا ڪچهري ڪريون...“ ائين چئي جانو اٿيو هليو ويو. چانهہ جو آرڊر ڏئي واپس آيو. سارنگ جي سامهون ڪرسيءَ تي ويهي چوڻ لڳو.

”سائين! حڪم ڪريو... جانوءَ جي جان بہ حاضر آهي...“

”ادا... تو مگڻي ڪري ڇڏي، ٻڌايو ٻه نه ٿئي...؟“

اهي لفظ ٻڌندي جانو وڏو ٿهڪ ڏنو، هوٽل ۾ ويٺل ماڻهن جا ڌيان هنن ڏانهن ڇڪجي ويا، پوءِ جانو ڪيس چيو.

”سائين... سارنگ! اسين مزور ماڻهو، اٽي، لٽي ۽ پيٽ ۾ جهليا پيا آهيون، هاڻي ٻڌايو مگڻي يا شادي ڪٿان ڪنداسين، جي هڙ ۾ ٽڪا ۽ ڏوڪڙ هجن ته ڪو سگ به ڏئي، باقي سڪئي جو سيڪو مِٺُ، بڪئي جو ڪو ياءُ ڪونه.“

سارنگ هن جي ڳالهه مان سمجهي ويو، پوءِ ڪائنس پڇيو...

”ادا...! توهان جا مٽ مائٽ آيا آهن ڇا...؟“ جانو هن جي منهن ۾ نهاريندي وراڻيو.

”سائين! غريب وٽ ڪير ايندو، جيڪڏهن ڪي مٽ مائٽ لڙي ايندا آهن ته امڙ سان جهٽ گهڙي ويهي هليا ويندا آهن.“

سارنگ هن کان وڌيڪ سوال پڇڻ مناسب نه سمجهيو. بيرو چانهه ڪٽي آيو، سارنگ جلدي چانهه پي اٿيو ۽ جانو کان موڪلائي گهر آيو. ماءُ کي ڏٺائين ته هوءُ رڌڻي ۾ ويٺي ماني پچائي. هي ماءُ کان پڇڻ لڳو.

”امان...“

”جي... اَبا...“

”توهان امام بخش سپاهيءَ جي گهر واري کان پڇڻ ويا آهيو؟“

”ها... اَبا... هينئر آئي آهيان، تڏهن مانيءَ پچائڻ ۾ دير ٿي وئي. ويچاري وحيده ڪٽ تان هيٺ لهي نه ٿي سگهي، تنگ تي پٽو چڙهيو پيو هوس. ويچاري يتيم ٿي پَلي، وري پلءُ به نياڳي اِمونءَ سان اَٽڪي پيس. هاڻ سڏڪن ۽ سورن ۾ پئي گذاري. سس به گهٽو خيال ڪونه رکيس، اولاد به ٿيس ڪونه هڪ مڙس جي مار ، ٻيو سَس جي مهڻن ماري وڌو اٿس ...“

ماءُ جا اهي لفظ ٻڌي سارنگ ماٺ ٿي ويو، وڌيڪ ماءُ کان پڇي ڪونه سگهيو. هي ماني ڪائي ٻاهر هليو ويو. رات جودير سان آيو.

ڇت تي ٿڌڙي هوا گهلي رهي سارنگ کي مِني جو الڪو هو. ”جاڻ آئي...“پوءِ دل ۾ پڪو ارادو ڪيائين ته ڪيئن به ڪري مِنيءَ سان ضرور ملندس ۽ ان جو پيرو ڪڻندس ته اچي ڪٿان ٿي.

هي ذهن ۾ سيني پاڙي وارن جا نالا سارينڊو رهيو، گهڻي وقت گذري ويو، پر... مِني پَلوڙي وٽ ڪونه آئي. هي بسترو وڇائي، ڇت تي هلندو ڦرندو پَلوڙي وٽ اچي ماسي صابل جي گهر جي ڇت تي ڏٺائين... اتي به ڪنهن جو پاڇو ڪونه نظر آيس. هن جي من ۾ عجيب خيال ايندا رهيا. ڪٽ تي ويهڻ سان به سک نه ٿئي آيو... پوءِ سمهي پيو، هن کي ننڊ نٿي آئي. هي ڪٽ تي پاسا ورائيندو رهيو. هن مِني جي خيالن مان جان ڇڏائڻ جي ڪئي. پر ائين ڪري نه سگهيو. جيئنءَ پَلوڙِي ڏي ڏنو ته مِنيءَ جا خيال ورائي ويا ۽ پنهنجو

پاڻ سان ڳالهائڻ لڳو.

”پاڙي وارن گهرن ۾ ڪنهن جا ٻه مٽ مائٽ ڪونه آيا آهن، پر... اها مِني اڇي ڪٿان ٿي...!؟“ هي انهيءَ ڳالهه ۾ حيرت ۽ عجب ڪائيندو رهيو، وري هن جي ذهن ۾ ٻيو سوال اڀريو.

”هيءَ مِني ماسي صابل جي گهر جي ڇت تي ڪيئن اچي ٿي...“ ۽ وري وجي ڪيڏانهن ٿي...؟ انهن ويچارن سارنگ کي صفا ساڻو ڪري ڇڏيو هو. جڏهن کا هن پَلوڙي وٽان مِنيءَ کي ڏٺو هو، تڏهن کان وٺي انهن خيالن کيس موڳو ڪري ڇڏيو. هن کي پاڙي جي سيني گهرن بابت خبر ۽ انهن ۾ رهندڙن جي ڄاڻ هئي، ڪير ۽ ڪيترا ڀاتي رهن ٿا، هن جو ننڍپڻ انهن گهرن ۽ گهٽين ۾ گذريو هو. پر جڏهن کان مِنيءَ جي صورت ڏٺي هئائين، تڏهن کان وٺي چڪرن مٿان چڪر ايندا رهيس ته اها مِني اچي ڪٿان ٿي ۽ وڃي ڪاڏي ٿي. سارنگ پاڻ کان سوال ۽ جواب ڪندو پريشان ٿي ويو. هي گهڻي دير تائين سوچيندو رهيو ۽ پَلوڙي جي طرف نهاريندو به رهيو. اوچتو هن مِنيءَ جو چهرو ڏٺو، اهو ساڳيو چهرو، وارن جو نمونو به ساڳيو، چهري تي مرڪ اهڙي جو اهڙي جڻ هينئر ئي هار سينگار ڪري آئي هجي. هي خوشيءَ مان اٿيو، ٻه وکون ڪڍي بيهي رهيو، دل ٻڌي مِنيءَ سان ڳالهايو.

”او مِني...“

”جي...“

مِني هڪ اکر چئي مشڪندي رهي. سارنگ ڪائنس پڇيو.

”تون آهين ڪير... ۽ ڪٿان جي آهين...؟“

مِني مرڪي وراڻي ڏنس. ”توکي ته ٻڌايو هوم، هينئر تو جنهن نالي سان مون کي سڏيو، اهوئي نالو اٿم ۽ آهيان تنهنجي... هاڻ پڪ پئي توکي.“

اها ڳالهه سارنگ کي سمجهه ۾ ڪونه آئي. نالو مِني... وري تي چوي ”آهيان تنهنجي.“ ان جملي سارنگ کي حيران ڪري ڇڏيو.

دل ۾ خيال ڪيائين ته ”اج ڪيئن به ڪري ڪجهه به ٿئي هن سان ملندس ضرور، پڪڙي سچ سچ پڇندو مانس ته تون اچين ڪٿان ٿي.!!“

هي اهو سوچي جيئن وک ڪڍي مِنيءَ ڏانهن وڌيو ته هوءَ لکي غائب ٿي وئي. سارنگ پَلوڙي وٽ ڇت تي ڏٺو، ساڳي ڇڳل ڪٽ پئي هئي. پر مِني نظر ڪونه آيس. هي پَلوڙي تي چڙهي ماسي صابل جي گهر جي ڇت تي ٽپو ڏيڻ جي ڪئي ته اوچتو سندس نگاهه ڇت جي ڪنڌ ۾ پئي، جتي مِني ساهه بند ڪري ويني هئي. هن مِنيءَ ڏانهن ڏٺو ته هوءَ اٿي بيهي رهي ۽ سارنگ کي چوڻ لڳي.

”او...! تون پرائي ڇت تي نه ٽپ، لهي پنهنجي ڇت تي هل... آءٌ پَلوڙو ٽپي اچان ٿي.“

مِنيءَ جا اهي لفظ ٻڌي واڻڙو ٿي ويو،ڪيس يقين نہ ٿي آيو تہ ڪا مِني ايندي، پر پوءِ ڀَلوڙي تان هيٺ اچي ڪٺ جي پرسان مِنيءَ جي انتظار ۾ ويهي رهيو... هڪ اڻ ڄاڻ خوف ڪان دل سيني ۾ ٽپا ڏيندي رهي. هي گهر جي ڏاڪڻ ڏي نهاري، پاڻ کي مضبوط ڪندي ڀَلوڙي ڏانهن ڏٺو، جتي مِني بيٺي هئي. هوءَ ڦڙتيءَ سان ڀَلوڙو ٽپي اچي جئين سارنگ جي سامهون بيٺي تہ جهٽ گهڙي لاءِ هن کي پنهنجي اکين تي اعتبار نہ ٿي آيو... چنڊ جي چانڊوڪيءَ جيان مِنيءَ جي جَرڪندڙ مُک ۾ گهڻي دير نهاري نہ سگهيو، هي پنهنجي جسم ۾ هلڪي ٿڙڪڻي پائڻ لڳو. مِنيءَ جي مک تان نظرون هٽائي جيئن ڪنڌ هيٺ ڪيائين تہ مِنيءَ جي اگهاڙن پيرن تي نظر پيس، جيڪي اونداهيءَ ۾ بہ سنهڙي لڪير جيان پيا جرڪن. هي اجان انهن ئي خيالن ۾ هو تہ مِني هن جي هٿ کي پڪڙيو تہ سارنگ جي بدن مان چرڪ نڪري ويو، ڪٺ تي ويهي رهيو، مِني بہ هن سان گڏ ڪٺ تي ويهي رهي، هن جو هٿ اجان مِنيءَ جي هٿ ۾ ائين قاتل هو، جيئن ڪوڙڪي ۾ ڪنهن پکيءَ جو پير قاتل هوندو آهي، ڇڏائڻ جي ڪوشش ڪندي بہ ڇڏائي نہ سگهدو. تيز لَهرن جيان سارنگ پنهنجي وجود ۾ ڪنهن شيءِ کي ڊوڙندو محسوس ڪيو. جيئن هن مِنيءَ جي اکين ۾ نهاريو تہ مِني هن جي ڪيفيت کي پرکي وئي ۽ مرڪي چوڻ لڳيس تہ ”سارنگ! ايڏو سهڪين ڇو پيو...؟“

سارنگ جي چپن مان ڪو لفظ نڪتو ڪونہ، هي سوچ ۾ پئجي ويو.

”مون ڪيس پنهنجو نالو ٻڌايو ڪونهي، پر هن کي اها خبر ڪيئن پئي.“

”ها مان سارنگ آهيان.“

اهو سوچي مِنيءَ جي سنهڙي نازڪ بدن تي نگاهہ وڌائين تہ هن جي وجود کي مِنيءَ جي سونهن ۽ مرڪ ول ويڙهيءَ جيان وڪوڙي وئي. مِني مشڪي ٻيهر چوڻ لڳي.

ڏس... تون جي پرائي چت تي ٽپو ڏئي اچين ها تہ ڏڏڪو ٿئي ها. مرد جو پير ڳرو ٿيندو آهي، تنهن ڪري توکي ٽپي ڏيڻ کان روڪيو هوم. آءٌ اهڙي طرح سان پير ڪڻي ايندي آهيان جو چت جي هيٺان رهندڙن کي بہ اها خبر ناهي پئجي سگهندي تہ ڪو ماڻهو مٽي ڪوٺي تي هلي گهمي ڦري رهيو آهي.

سارنگ هن جا اهي لفظ ٻڌي مِنيءَ جي پيٽ ۾ پاڻ کي ڪمزور سمجهندي دل ۾ چيو.. ”هي ڏاڍي بهادر آهي.“

هي مِنيءَ جي چهري ۾ نهاري چپ چورڻ ڪانسواءِ ماٺ ۾ رهيو. هن جي اهڙي ماٺ تي مِنيءَ کي کل آئي، ٿورو کلي چوڻ لڳس.

شايد... توکي اجان منهنجي وجود تي ويساهہ نہ ٿو اچي. هاڻ ڏس تنهنجي پر ۾ ويني هٿ پڪڙي پئي ڳالهايان. مرڪي ۽ مشڪي توکي پئي ڏسان... ها... توکي اها خبر ڪانهي. ڪيترن مهينن کان وني ڏسندي، توکي پنهنجي وجود ۾ گل جي خوشبوءِ جيان سانديندي رهي آهيان... ها... توکي منهنجي پيار تي يقين ڪونہ ايندو. ٿي سگهي ٿو مون

تي ويساهه به گهٽ ڪرين.

سارنگ اهي لفظ ٻڌي آسمان ۾ ڏٺو، جت تارا پنهنجي سونهن ۾ ٽمڪيا پئي. هن ڪي چنڊ ڏسڻ ۾ ڪونه آيو، جلديءَ ۾ نگاهه هيٺ ڪري مِنيءَ ڪي ڏسي ٽٽو، ساهه ڀري چوڻ لڳو.

”مان ڪٿ تان اٿي تو ڏي اچڻ جي ڪندو هوس ۽ تون لڪي چو ويندي هئين...؟“

ها... تون جذباتي ٿي وک کڻڻ جي ڪوشش ڪندو هئين ته هيٺ ڪنڌ ۾ لڪي ساهه بند ڪري ويهي رهندي هيم.

تون چت تي ڪاوڙ مان هلندو، ڪٿ تي ويهي شور واري گهور وجهي پَلوڙي ڏانهن ڏسندو هئين ته مان ڪلاڪ اڌ ڪلاڪ ويهي اٿي هلي ويندي هيم. پوءِ توکي ڏسڻ ۾ ڪانه ايندي هئس. ساڄي ڪنڌ ۾ ويهي پَلوڙي جي سنهڙن سوراخن مان توکي ڏسندي هيس. اهي سوراخ مون پاڻ کوٽي ڪيا ها، جيئن توکي ڏسي سگهان، گهڻو تنگ ڪونه ڪرڻ چاهنيدي هيس، جو تنهنجي عزت جو خيال رهندو هو.

”تون ايندي ڪٿان آهين...؟“ سارنگ ٿورو جذباتي ٿيندي چيو.

”يلا... سيئي سوال اڄ پڇي وٺندين ڇا...؟“

”ٻڌائين نه ٿي...؟“ سارنگ جي اهڙي جذباتي انداز کي ڏسي مِني سنجيده ٿي چوڻ لڳي.

”سارنگ! ترٽيءَ تي بهشت گهرڻ وارا، رڳو پنهنجيون خالي تريون ئي مهٽيندا رهندا آهن. ها... ڪي ڳالهيون وقت تي ٻڌائڻ ۾ سنيون ۽ سهٽيون لڳنديون آهن. مان هوري هوري تنهنجي سوالن جا جواب جيڪي هڪ ڪٽڪي جيان تنهنجي دل ۾ ڪٽڪي ۽ اٽڪي رهيا آهن. ”تون ڪير ۽ ڪٿان جي آهين“ سارنگ مٿس زور ڀريندي چيو. مِني ماٺ ۾ رهي ۽ سوچڻ لڳي.

”هن کي پنهنجي اصل شهر ڳاڙهو جو ٻڌايان يا نه ٻڌايان...؟“

”مِني ڇا ٿي سوچين...؟“

سارنگ ڪانئس سوال ڪيو، مِني ڇرڪي خيالن مان پاڻ کي ڇڏائي چوڻ لڳي.

”مان مِني آهيان... اصل ڳاڙهي جا آهيون.“

سارنگ کي اها پڪ نه هئي ته هيءَ ڪا خوبصورت ڇهري سان گڏ، هڪ سنو ذهن رکندڙ هوندي. پهرين هن مِنيءَ کي عام ڇوڪري ٿي سمجهيو، جيئن جيئن مِنيءَ جا ڇيل جملا، گفتگو جو انداز بغير ڪنهن هٻڪ، جهجهڪ ۽ خوف جي ڳالهايا هئا، پوءِ دل ۾ چوڻ لڳو.

”هيءَ ڪنهن ڪاليج يا يونيورسٽيءَ ۾ پڙهندي هوندي.“

اهو خيال ڪري وري مِنيءَ جي سادي لباس، ميڪ اپ جي دنيا کان آجو خوبصورت ڇهرو، نه ئي ڇپن تي ڪنهن لالڙيءَ جي لالاڻ، نه ئي اجايو ڏيکاءُ وارو ڏيک

ڏسي دل ۾ چيو . ”واقعي سادگي خود سونهن آهي جنهن کي ميڪ اپ جي ضرورت ڪانهي“. سارنگ ڳالهائڻ جي لاءِ ذهن ۾ سوال جوڙڻ جي ڪوشش ڪندي وري هن بي اعتباري وارو ڪائنس سوال ڪري وڌو،

”مِني!“ تون! مون تي اعتبار ڪر ڪجهه ٻڌاءِ ته سهي .“ هوءَ سارنگ جي سوال کي اڌ ۾ ڪٽيندي چوڻ لڳي.

”ڪهڙي ڳالهه ٿو ڪرين، تنهنجي پر ۾ ويني آهيان، ڪچهري ڪريان پئي، پوءِ اهو هلڪڙو سوال ڪيئن ڪيو اٿئي.“ شايد منهنجي ڳالهه سمجهي ناهين سگهيو.“

ائين چئي مِني اٿي بيهي رهي، سارنگ به اٿي بيٺو. هن جو هٿ اجان مِنيءَ جي هٿ ۾ قابو هو، مِني مشڪي هٿ ڇڏي سارنگ کي پنهنجي ياڪر ۾ ڪيو ته سارنگ جون نگاهون آسمان ڏانهن کڄي ويون. جتي تارن جي ٽم.. ٽم.. کي ڏٺو، جيڪي ڄڻ هنن جي پيار تي خوش ٿي چمڪندا هجن. مِنيءَ جي وارن ۾ آگريون ڦيرايون ته هوءَ ڪنڌ مٿي ڪري سارنگ جي اکين ۾ نهاري هڪ پيار ڀري مِني ڏئي، سارنگ جي ڪنڌ مان ٻانهون ڪڍي، خوش ٿيندي چيائين.

”چڱو... مان هلان ٿي... پر منهنجو پيرو نه ڪڍجان... اتي بيٺو رهه...“ ائين چئي سارنگ جي هٿ کي مِني پڪڙي پنهنجن چپن تي رکي پوءِ مشڪي، مرڪي پَلوڙي جي طرف هلندي خوش ٿيندي ڏسندي وئي. سارنگ کي خيال آيو ته ”ڊوڙي ڀري مِنيءَ کي ڀيهر ياڪر ۾ ڪيان ۽ تارن کي ٻڌايان ته چنڊ اڄ منهنجي ياڪر ۾ آهي. تارا توهين شاهد رهجو.“ سارنگ جيئن تڪڙي وک وڌائي ته مِني هن جي خيال کي پرکي پوءِ پَلوڙو ٽپڻ ٻجاءِ بيهي رهي، ايتري ۾ ڪيس سارنگ پنهنجي ياڪر ۾ ڪري، تارن ڏانهن ڏسي، انهن کي شاهد بڻائي، مِنيءَ کي ياڪر مان آزاد ڪيو.

”ڏس... چوڻ نه ورتئي... هاڻ پنهنجي کٽ تي وڃي ويهه ته مان وڃان...“

سارنگ پوئتي وک کڻي بيهي چيو...

”ڪڏهن ايندينءَ...!؟“

”ها... ضرور ايندس... پر اها پڇڻ جي ڳالهه آهي جو پڇين ٿو.“ ائين چئي مِني ڦڙتيءَ سان پَلوڙو ٽپي سارنگ کي ڏسي مشڪي غائب ٿي وئي. هي گهڻو وقت بيهي نه سگهيو. مِنيءَ کي ڏسڻ لاءِ پَلوڙي ڏي ڊوڙ ڀري ڇت جي طرف ڏنائين، وري انهيءَ ڪنڊ ۾ ڏسڻ لڳو، پر مِني ڏسڻ ۾ ڪونه آيس. هي واپس اچي خوشيءَ ۾ کٽ تي سمهي پيو ۽ تارن کي ڏسندو رهيو، جيڪي اونداهي رات ۾ آسمان جي جهوليءَ ۾ ٽمڪندا رهيا. سارنگ کي تارا ايڏو وڻندا رهيا جو هن ڪڏهن اڳي تارن کي انهيءَ نگاهه سان ڏٺو ڪونه... ننڍڙن ٻارن کي چمڪندڙ تارا وڻندا آهن. اڄ سارنگ به ننڍڙي ٻار جيان تارن کي ڏسي انهن جي سونهن ۾ نهاريندو خوش ٿيندو، پنهنجي ليکي کلندو، مشڪندو رهيو. اوچتو هن جي ڪن تي آواز آيو .

”او... او... ڙي... خيال سان، پاڙيا نہ ٿجو.“

اهو آواز ٿڌي هوا تي ايترو تيزيءَ سان ڇَني جي اندر آيو، جو سارنگ کان ننڊ ۾ ڇرڪ نڪري ويو اٿي ويهي رهيو . جهٽ گهڙي ڪيس ڪجهہ سمجهہ نہ ٿي آيس. ”پوءِ هن کي خيال آيو تہ رحيم بخش ماني کڻڻ ويو آهي.“ اهو سوچيائين تہ بک جو احساس بہ وڌڻ لڳس پوءِ ڇني کان ٻاهر نڪري اچي ويٺو.

”او... ڪالو...“

”او خدو...! خيال سان هٿ ڪين ڪڍجو پاڙيا نہ ٿجو.“ سارنگ انهن طرف نهارڻ لڳو .

بازار ۾ ڏهہ ٻارنهن ماڻهو ڪاٺ جي وڏي مانڊٽي (ڪيبن) کي ڪنيو پيا اچن، انهن جي پنيان هڪ وڏي عمر جو ماڻهو جنهن کي مٽي سان اجرڪ پٽڪي وانگر ٻڌل، هو سيني جي پاسي کان ڦرندو ڇوندو رهيو.

”او خدو...“

”او جانو... جان جو زور لڳايو، ڇورا متان هٿ ڇڏيو.“

اهو پڪي عمر جو همراهہ ٻئي پاسي کان ڦيرو ڪائي آواز ڏيڻ لڳو.

او... ڪالو...

او... حاجي...

هٿ ڦٻائينس، متان ڦڳاءِ ڇڏينس.

”او... صابو! سهڪي پيو، ڏاند جيڏيون ناسو تي ويون اٿئي، ڇورا گٽڪا نہ کآءُ...“ وري ٻئي جي پنيان اچي رڙ ڪيائين.

”اڙي! ڇورا... هٿ متان ڪڍو.“

هڪڙو ننڍڙو ڇوڪرو، صابو ۽ جانوءَ کي ڏسي ٺهڪ ڏيندو، سيني جي ڇئو ڦير ڦرندو رهيو.

اڙي! مرد ٿجو... باقي ٿورو پنڌ اٿو!، اجهو پهتا آهيو.

سارنگ بازار ۾ ماڻهن کي ڏسي ٿو، جيڪي ڪيبن ڪنيون پيا وڃن، هن کي پنهنجو پاڻ تي کل آئي... ”هٿ ڪين ڪڍجو، پاڙيا نہ ٿجو...“ هي تہ ڪيبن ڪنيو ٿا وڃن.

اوچتو نعرا لڳي ويا... سيني مڙسي ڪري مانڊٽي دڪان ۾ رکي ڇڏي هئي، پڪي عمر وارو همراهہ خوشي کان مرڪندو، مانڊٽيءَ جي پڳل ٽاڪن کي ڏسندو ۽ خانن ڏانهن نهاريندو رهيو، ڇڻ سندس ٻچن جي روزگار جو آسا ٻند هو .

سارنگ سيني تان ڌيان هٽائي واپس وريو ۽ ڇني ۾ کٽ تي اچي وينو تہ هڪڙو همراهہ اندر اچي ويهي رهيو، سارنگ هن کي ڏاڍو پريشان ڏسي ڪائنس پڇيو.

”پائو... ڪنهن ۾ ڪم آهي؟“

”ڊاڪٽر صاحب ڪٿي آهي؟“ سارنگ سمجهي ويو ته هي رحيم بخش جي والد صاحب جو پڇي پيو. پوءِ ڪيس ورندي ڏنائين.

”پيائو! گهر ڏي هوندو.“

”چڱو ادا... مهرباني...“ ائين چئي واپس هليو ويو. ايتري ۾ رحيم بخش ماني کڻي آيو. هن سان گڏ ايوب هو، جنهن جي ڪلهي تي بسترو هو، ان بسترو کٽ جي سيرانديءَ کان رکيو. پوءِ منجهڻ تي رکيل مٽ مان پاڻيءَ جو گلاس پري آيو، رحيم بخش ماني رکي چوڻ لڳو.

”سارنگ! هٿ ڌوءِ ته ماني کائون...“

سارنگ ڪجهه سوچي رحيم بخش کي چيو.

”ادا... هت رات ڪير ترسندو...؟“

يار! ڪو به ڪونه... پر توهين در کولي سمهي پوندا، ته به ڪو پوءُ پولو ڪونهي، ڪو ايندو ڪونه...“

”نه... رحيم بخش! مان ماني اوستائين ڪونه کائيندس، جيستائين ڪنهن کي هت رهائڻ جو بندوبست نه ڪندين...!!“

سارنگ جو ٻاراڻو ضد ڏسي رحيم بخش کلي ڏنو، پوءِ سمجهائيندي چوڻ لڳو.

”ادا...! ماني کاءُ، پوءِ ڏسنداسين.“

هي ٻئي ڇڻا هجت مان هڪٻئي سان بحث پيا ڪن ته هڪڙو نوجوان اندر آيو، تنهي کي سلام ورائي، سارنگ کي هٿ ڏئي، رحيم بخش سان هٿ ملائي، ڪاٺ جي بينچ تي وينل ايوب کي هٿ ڏئي، ان جي پرسان ويهي رهيو. ان جو تعارف ڪرائيندي رحيم بخش چيو.

”هي منهنجو سئوٽ وريام آهي، بازار ۾ پان ۽ سگريٽ جي مانڊڻي اٿس...“ ائين چئي سئوٽ کي چوڻ لڳو.

”ادا...! مهمان رات اڪيلو آهي، تون هت ترسندين...!!“

هو مشڪي رحيم بخش کي ڏسي چوڻ لڳو.

سئوٽ! جيئن تنهنجي مرضي بسترو کڻي اچان ...“

ها... پوءِ رحيم بخش جي ذهن تان بار هٽيو ۽ کلي وراڻيو.

”يار! هاڻ ماني کائيندين يا ٻيو ڪو ضد ڪندين...!!“

سارنگ هائوڪار ۾ ڪنڌ لوڏي ماني کائڻ لڳو.

رحيم بخش کي خيال ٿيو ته ڪٿي سارنگ سان ڪو حادثو يا واقعو ته اهڙو پيش ڪونهي آيو جو هي اڪيلي ٿيڻ کان لهرائي پيو... يا... ڊڄي پيو... رحيم بخش ذهن مان اهو خيال ميٽائي ماني کائڻ لڳو . ٿوري دير ڪانپوءِ رحيم بخش جو سئوٽ بسترو کڻي آيو ، ٽنهي جي ڪچهري مچي وئي. رحيم بخش چيو.

”سارنگ...! گهڻن سالن کان پوءِ خيال آيو اٿئي، جو ملڻ آيو آهين...“
”ها... ادا...! چوين ٺيڪ پيو. هن طرف اچڻ جي سک بہ هئي ۽ چڪ بہ... پوءِ امڙ کان موڪلائي ٿيلهو کڻي نڪري پيس...“

سارنگ جي جملي ۾ ”چڪَ بہ ۽ سِڪَ بہ هئي“، اهي لفظ رحيم بخش سمجهي نہ سگهيو. هن جو ڌيان انهن لفظن مان پاڻ ڏي هيو. پوءِ خوش ٿيندي ، يار... جي آئين، پلي ڪري آئين... پلا اهو ٻڌاءِ تہ شادي ڪئي... يا... اجا ٺلو پيو هلين...؟“

اهي لفظ ٻڌي سارنگ ماٺ ٿي ويو، پوءِ اصل ڳالهہ لڪائيندي ڪلي ڇپائين.
”رحيم بخش! جي ڪيان ها تہ، توکي سڏ ضرور ڏيان ها...“

اوچتو سارنگ جي ذهن ۾ خيال اڀريو تہ ڇو نہ ڪاري ڇاڻ ۾ رهندڙ ماڻهن جي ذاتين بابت ڪائنس پڇان...؟“

اهو سوچي هن رحيم بخش کان سوال ڪيو.
”ادا... هن وقت ڪاروڇاڻ ۾ ڪهڙيون ذاتيون رهن ٿيون...“
سارنگ جو اهو سوال ٻڌي رحيم بخش جي سئوٽ وراڻيو.
”ياءُ...! جڏهن هي پهاڪو مشهور هوندو هو... ”تون ڪهڙو ڪاري جو زميندار آهين.“ ان وقت سوين ذاتيون رهنديون هيون. پر هن وقت اسان جي ڪاري ۾ جيڪي ماڻهو رهن پيا، تن ۾ گهرياڻي، لوهار، سهتا، ٻدالا، رونجها، مهاڻا، ٻروچ، ٻالاڻي، شيدي، خاصخيلي، مور جهريا، اترادي (مهاڻا)،ڪاتڙائي ۽ مالهيا آهن.

اترادي مهاڻا، جيڪي ڪاروڇاڻ کان ننڍو درياءُ پار ڪري ڳوٺ غلام محمد اتراديءَ ۾ رهندا آهن ۽ ان ڳوٺ ۾ ٻدالا، جت، رونجها، شيدي، ڪاتڙائي ۽ مالهيا بہ رهن، اجا ڪي ذاتيون جيڪي هينئر ذهن تي نہ ٿيون اچن. ذاتين جا نالا ٻڌائڻ کان پوءِ چوڻ لڳو.

”ياءُ سارنگ! ذات ڪنهن جي بہ ڪهڙي هجي. پر ذات ماڻهوءَ کي ماڻهو نہ ٿي بڻائي، نہ ئي ذات جي ڪري سونا پر لڳيو وڃن. باقي سڄاڻپ جي لاءِ ذات، پات، ڪرت ۽ ڌنڌا آهن، جو ڪنهن کي ڳولڻ ۾ سولو ۽ سنهجو ٿيو پوي. ٻيو مڙئي خير... پر ڏٺو وڃي تہ ماڻهو بہ ماڻهپي سان، لچڻ سان سڄاتو ويندو آ، ۽ نهندو آهي.“

ڪهچريءَ ۾ ويٺل ايوب جيڪو سارنگ، رحيم بخش ۽ ان جي سوٽ کان عمر ۾ گهڻو وڏو هو، سو ڪچهريءَ ۾ وارو وٺندي چيو.

”ادا... جيئن مِني پاڻيءَ ڪانسواءِ مِني زمين ڪلر ٿيو وڃي، پوءِ اها زمين ڪنهن ڪم جي ناهي رهندي. تئين ماڻهو بہ ڪُپت ۽ ڪيني سان ڪارو ٿيو پوي، صفا ڦتيو پوي. پوءِ اهو ڪنهن بہ ڪم جو نہ ٿو رهي. اهي ماڻهو نہ ڪي ڌرتيءَ جي لاءِ چڱا، نہ ئي معاشري جي لاءِ.“
ايوب جا اهي جملا ٻڌي سارنگ ڪن پل جي لاءِ سوچن ۾ پئجي ويو. چني ۾ ٻرندڙ ٻتيءَ جي روشنيءَ ۾ ايوب جو چهرو ڪنهن اميد جيان روشن پئي لڳو. ڪجهہ وقت چني ۾ سانت ٿي وئي. رحيم بخش اٿندي ايوب کي ٿانون کڻڻ جو اشارو ڪيو، پوءِ سارنگ ڏي

نهاري ڇوڻ لڳو.

”ادا...! اسين هلون پيا، رات بہ گهڻي گذري چڪي آ، توهين بہ آرام ڪريو، صبح جو گڏ آهيون.“

”ادا... چڱو...“ رحيم بخش ۽ ايوب ٻئي موڪلائي هليا ويا.

سارنگ ڪي ٽڪ ڪان اوٻاسي آئي تہ سوٽ وريام ڇوڻ لڳس.

”ادا... توهين اٿو... آءٌ بسترو وڇائي ڏيانوَ.“

سارنگ اٿي مٿ ڏانهن ويو، پاڻي پي موٽي آيو، سئوٽ وريام بسترو وڇائي ڇڏيو هوس، وريام پنهنجو بسترو ڪاٺ جي صندل تي وڇايو ۽ سارنگ ڏانهن ڏسي ڇوڻ لڳو.

”ياءُ! ڪارو ڪيئن لڳو...؟“

”ادا... ڏاڍو وڻيو... مان پهريون ڀيرو آيو آهيان، مون کي هتان جي ماحول سان گڏ سنا دوست بہ ملي ويا.“

سارنگ جي اکين مان ننڊ موڪلائي وئي، ڪيس هر هر مِنيءَ جا خيال ورائي ٿي ويس. هن کي بي چين ڏسندي ڪائنس وريام پڇيو.

”ياءُ! ڪهڙي ڪُن ۾ ڦاٿو آهين...؟“

”نہ... نہ... ادا...! بس ائين!“ سارنگ جلديءَ ۾ جند ڇڏائڻ جي ڪئي، پر هيءَ مِنيءَ جي خيالن کان پاڻ کي ڇڏائي نہ سگهيو، پوءِ دل واري ڳالهہ کي لڪائيندي هن وريام کان سوال ڪيو.

سئوٽ!

”جي...“

تون ڪي پنهنجي زندگيءَ جا حال احوال ٻڌاءِ...؟

سئوٽ کلي وات مان ڳٽڪي جي پچڪاري ڇني جي سوراخ مان ٻاهر اڇلائي ڇپن تي هٿ ڦيري ٽڏو ساهہ پري ڇيو.

”ياءُ! اسان جي زندگي ڪهڙي... گهران نڪري اچيو مانڊڻي تي روزگار خاطر ويهون، پوءِ ٻن پهرن جو ماني جهڙي ڪاڏي تهڙي نہ ڪاڏي، رات تائين پورهيو پيا ڪريون، جڏهن بازار مان ماڻهو موڪلائي پنهنجي وٿاڻن ڏانهن وريو وڃن، پوءِ اسين بہ مانڊڻي بند ڪري سامان ساري سپ رکون... ائين روزانو اچون ۽ وڃون پيا، باقي زندگي رونق واري سا شهري ماڻهوءَ جي، سپ رنگ ۽ سپ سک، مِني پاڻيءَ ۽ مناين جي موج ۾ آهن. تعليم جي لاءِ سنا درسگاهہ، علاج لاءِ جديد اسپتال ۽ ميڊيڪل سينٽر آهن ۽ اسين انهن نعمتن کان محروم آهيون.“ اهي لفظ سارنگ ٻڌي ماٺ ٿي ويو. هن جي ذهن ۾ سوال سرجن ئي نہ پيا جو سئوٽ کان پُڇي، چند منٽ ٻئي خاموش رهيا، اوچتو وريام ڇوڻ لڳو.

”ياءُ سارنگ!“

”جي...“

”توهين ڪيترا ڏينهڙا هتي آهيو...؟“

”ادا... هڪ ٻن ڏينهن کان پوءِ هليو ويندس، وڏيڪ رحيم بخش جي مرضي آهي، جڏهن ڇڏي..!!

”توهين ڪجهه ڏينهن اسان وٽ ترسو.“

وريام جي سڪ واري صلاح ٻڌي سارنگ دل ۾ چيو، چو نہ ترسي پوان، ڪيڏو چاهہ مان ٿو چوي. ۽ ان بهاني منيءَ کي ڳولهي وٺندس. ۽ درياءَ جون ڪنڌيون ڪنارا، ڏورا ۽ ڇاڙون ماضيءَ جا شاندار بَندَرڪيٽي بندر ۽ سوڪي بندر جن جا نالا صرف ڪتابن ۾ پڙهندا آهيو.“

وريام ڪيسي مان گٽڪو ڪڍي ڪولي اشارو ڪندي چيو.

”ياءُ..! کائيندي...؟“

”نہ...“ وريام کي ڪا ڳالهہ ياد آئي، هي اٿي ٻاهر هليو ويو. چنيءَ ۾ ٿڌڙي هوا اندر اچي رهي هئي... سارنگ کي هاڻ مِنيءَ جو چهرو بار بار اکين اڳيان اچڻ لڳو... هي پنهنجو پاڻ کان سوال ڪرڻ لڳو. ”مِني خواب هئي يا حقيقت... نہ نہ... خواب ناهي... مِني حقيقت آهي. هن جو روپ متجڻ ۽ وسارڻ جهڙو ڪونهي.“ چني ۾ بتي جي روشني جهڪي ٿيندي وئي. سارنگ کي اها سُڌ ئي نہ پئي، جڏهن وريام آيو، هُن بتي ڪٽي ان کي لوڏيو تہ تيل گهٽ هوس. اتان سارنگ کي آواز ڏنائين.

”سارنگ...!“

”جي... جي...“ سارنگ خيالن مان پاڻ کي ڇڏائي وريام ڏانهن نهاريو تہ وري هن چيس، ”ياءُ! آءٌ بتي ۾ تيل وجهرائي اچان پيو...“ هن جي وڃڻ کان پوءِ سارنگ جي اک لڳي وئي.

***

سج جي ڪرڻن سان گڏ پکين جي آواز جو پڙلاءُ اندر تي آيو. سارنگ اٿي هٿ منهن ڌوئي چِني کان ٻاهر آيو. هڪڙو نوجوان چار پنج مينهون، جيڪي ڏٻريون هيون. سي ڪاهي ٿي ويو، ان جي پنيان ٿي ٻارڙا جن جي عمر، ڇهه، اٺ، نو سال هئي. اهي مٽي تي خالي ديڳڙا ڪنيون هن جي اڳيان مٽيا. ايتري ۾ ايوب آيو، تنهن سلام ورائي سارنگ کي هٿ ڏنو.

”ادا... ايوب! اهي ٻارڙا ايڏو سوير پاٽي ڪٿان پرڻ پيا وڃن...؟“

سارنگ جو اهو جملو ٻڌي ايوب مسڪرائي، وري انهن ٻارن ڏانهن نهاري چوڻ لڳو.

سائين! اهي ٻار پاٽي پرڻ ڪونہ پيا وڃن، پر ڪڙا ڪٽڻ پيا وڃن. ڪڙن کي ڪاٽيتي يا ڪوڏار سان رات جو زمين مان ڪنهن بہ وقت ڪڍي ڇڏيندا آهن، پوءِ ٻار اهي ڪڙا گهر ڪٽي ايندا آهن.اهو جملو ٻڌي هن ٻارن کي ڏنو، جيڪي ديوين جي اوٽ ۾ هليا ويا. ايوب وري چوڻ لڳو.

سائين! مالوند مارونڙن جا گهر نہ ڪي پڪين سرن سان، نہ ئي سيمينٽ سان جڙن، پر ڪَگن، ڪَانن ۽ مِٽيءَ سان ٺهن. مِٽي اسان جي لاءِ اَجهو ۽ جياپو آهي.گهرن ۾ ننڍيون وڏيون عورتون ۽ مرد انهن ڪڙن کي ڪٽيندا آهن، تن کي پوري سنٿين فرش وانگر ڪري پوءِ انهن جي مٿان مٽيءَ جو راڳو ڏيندا آهن تہ پڪو فرش ٻڌجي ويندو آهي. گهر جا پٽر، پٽ، ڪونو، وراندو ۽ رڌڻي وارا سڀ پٽ اسين ڪڙن جي ڪٽڻ کان پوءِ سنوت ۾ آٽي راڳو ڏيندا آهن تہ پڪو فرش جڙي پوندو آهي. اهو راڳو مهيني ڏيڍ کان پوءِ ڪلر ٿيو اکڙيو پوي، وري مٽيءَ جا ڪڙا ڪٽي ڪٽي نئين سر گهر کي راڳو ڏيون.

سارنگ خاموشيءَ سان بينو ٻڌي. هن کي ڪڙن ۽ راڳي ڏيڻ جي خبر هئي، پوءِ بہ ايوب جي پٺي ڳالهہ ٻڌائين. ايوب ٿڏو ساهہ پري وري چيو.

”ياءُ سارنگ! اَڻ هوند وارن جا اجَها مِٽيءَ مان ٺهندا آهن، انهن جي لِنبَ چِنيَ بہ مِٽيءَ مان ٺئي، نہ ڪي چوني سيمنٽ سان، باقي چونو، سيمينٽ، رنگ وغيره وڏن شهرن ۾ ماڻهو پنهنجن پڪن گهرن کي ڪرائين ۽ ڏيارين. باقي اسين پيڇڙيءَ وارا ڪانن ۽ ڪانين سان جهڳيون ناهي جوڙيون گهرن کي مٽيءَ جو گارو يا راڳو ڏياريون. ٻچن کي سرديءَ، گرمي کان بچايون، پوءِ بہ اونهاري ۾ سج جا تکا ڪرڻا، ڪنڌين مان اچيو ليئو پائين ۽ سرديءَ ۾ واءُ بہ اسان کي بخشي ڪونہ.“

سارنگ کي ائين لڳو، ڄڻ ايوب جو سمورو درد انهن ڪڙن ۾ سمايل هو. هي اڃان بيٺا هئا تہ هڪڙو پڪيءَ عمر وارو ماڻهو گڏهہ گاڏو ڪاهيون تي آيو. گاڏي تي نيري رنگ جا دٻا رکيل هئا، گڏهہ وارو لڪڻ مٿي ڪري ايوب ڏي نهاري آواز ڏنو.

”ايوب! خوش، چاڪ، چڱو ڀلو، متارو نوبنو.“

گاڏي واري جي اهڙي سڪ ڀري ڪيڪار ٻڌي، ايوب کلي ڪيس وراڻيو.

”او جانو! تون جوڙ، تنهنجا راڄ ڀاڳ، ڳوٺ گاهہ، ٻار ٻچا، ڀيا هڙئي سڪ.“

گاڏي وارو ايوب جا اهي لفظ ٻڌندو، ڪنڌ لوڏيندو مشڪندو هليو ويو. سارنگ ٻنهي جي خوشي واري ڪيڪار ٻڌي دل ۾ خوش ٿيندي سوچيائين.

”هي ڪيڏا سٻاجهڙا ماڻهو آهن، جهريل جيءَ سان ۽ مسئلن جي رَڃ ۾ قاتل، دنيا جي نعمتن کان محروم پوءِ بہ هڪٻئي سان اهڙي ڪيڪار ڀيا ڪن، جنهن ۾ هڪٻئي جي خيريت کان سواءِ، اوڙي پاڙي، گاهہ تي ويل عزيزن ۽ يارن جي خبر چار پڇي ورتائون.“

سارنگ ٿڌو ساهہ ڀري گاڏي واري کي ڏسڻ لڳو، جيڪو ڳچ پنڌ ڪري چني جي اوٽ ۾ لڙي ويو، پوءِ وري دل ۾ چوڻ لڳو.

”هي محبتي ملاح، مهاڻا، هن مٽيءَ جا ماڻهو مرڻا ناهن.جيڪي ٿتيءَ ٿڌيءَ۾ زندهہ دليءَ سان هلندا، مرڪندا زندگي گهاريندا پيا اچن . هنن جي چپن تي نہ شڪايت ، نہ ئي گلا آهي.شڪايت اٿن تہ انهن کان جن هنن جا پَٽ اجاڙيا آهن.“

سارنگ جيئن گاڏي واري تان نگاهہ هٽائي تہ ايوب کيس چيو.

”ادا... سارنگ! اهو جانو گاڏي وارو ڊمن ۾ پاڻي کڻي پرواري ڳوٺن ۾ وڃي گهر گهر ڏيندو.“

سامهون رحيم بخش نيرن ڪنيون پئي آيو، ايوب کيس ڏسي اڳتي وڌي وڃي ٿانوَ ورتا ۽ رحيم بخش دوست سان ياڪر پائي مليو. پوءِ ٻئي اندر چني ۾ اچي نيرن ڪرڻ لڳا. ايوب پاڻيءَ جا گلاس ڀري ٻنهي جي پير ۾ رکيا.

نيرن ڪرڻ کان پوءِ ايوب ٿانوَ کڻي هليو ويو، رحيم بخش ڪرسيءَ تان اٿندي سارنگ کي چيو.

ادا...! اٿو ڪاري شهر جو چڪر ڏئي اچون...

جي... جي... ادا! سارنگ خوشيءَ مان وراڻيو. پوءِ ٻئي ڄڻا اٿي چني مان ٻاهر آيا تہ ڊاڪٽر غلام محمد اچي پهتو، ٻئي انهيءَ کان موڪلائي هلڻ لڳا. هلندي هلندي رحيم بخش چيو.

سارنگ! هتي ”ديوان مگهن مل“ جي ماڙي هوندي هئي، ان جي اولهہ طرف سارين ڇڙهڻ جو پائلو (ڪارخانو) هو، جتي اسان هيئنر مسافرن ۽ مريضن جي لاءِ بينڪ نهرائي آهي. اهو سڄو علائقو هتان جي شاهوڪار واڻيئي مگهن مل جو هو.

ڪلر واري زمين تان هلندي سارنگ کي محسوس ٿيو .جڻ زمين چوندي هجيس "آءٌ اصل ۾ مِٽي هئس، هاڻ ڪاري آهيان". اهو خيال ايندي ئي هن جي بت مان ڇرڪ نڪري ويو... هن جا قدم پاڻ مرادو بيهي ويا. دل ۾ چيائين، "مِٽي ۽ ڪاري" اهي ٻئي علامتون يا حقيقتون آهن. نه... نه مون کو خواب ڪونه ڏٺو هو، شايد... انهن ٻنهي لفظن جي چڪ هن پٽيءَ تي آندو آهي.

رحيم بخش هڪ ٻه وک اڳتي وڌائي چڪو هو، جيئن پوئتي نگاهه ڪيائين ته سارنگ بت بڻيو هڪ جاءِ تي بيٺو رهيو، جڏهن پرسان وجي هن سارنگ جي ٻانهن کي هٿ وجهي لوڏيو ته ڪائنس ڇپن مان بي اختيار لفظ نڪري ويو.

"مِٽي"

رحيم بخش اهي لفظ ٻڌندي ئي وڏو ٽهڪ ڏئيندي چيو.

ها... سارنگ! هيءَ ساحلي پٽي صدين کان مِٽي رهي آهي، پر هاڻ پاڻي نه هئڻ ڪري ڪاري ٿي وئي آهي. واقعي هن جو اصل نالو مِٽي ۽ هاڻ ڪاري آهي.جڻ انهن لفظن هن جي خيال جي تصديق ڪري ڇڏي . هي هلندي هلندي مِٽيءَ جي خيالن مان پاڻ کي ڇڏائي مَن جي پيڙاهه کي ظاهر نه ڪندي ٿورو اندر ۾ خوشيءَ جو احساس ٿي رهيو هوس، ته مان مِٽيءَ جي علائقي ۾ آهيان. هڪ نه هڪ ڏينهن مِٽيءَ کي ڳولي وٺندس. ٿورو هلندي سارنگ جي نگاهه تلاءَ جي طرف وئي.

"ادا... هن تلاءَ جي پر ۾ ڪنهن زماني ۾ ڪاروڇاڻ يونين ڪائونسل جي آفيس هوندي هئي." رحيم بخش جا لفظ هن جي خيالن کي ٽوڙيندا ويا. ڦٽل جاءِ ڏانهن اشارو ڪندي رحيم بخش چيو.

ادا... ڦٽل سرن جو ڍڙو ڏسو پيا، اها سرڪاري "ڊسپينسري" هئي، ان جي پويان اوپر طرف "مين پرائمري اسڪول" آهي. سارنگ آرام سان ڳالهيون ٻڌندو، هيڏي هوڏي نهاريندو هلندو رهيو. رحيم هڪ ٽاٽي ڏانهن اشارو ڪندي چيو.

سارنگ! پوري علائقي ۾ واحد اها پٿر جي جاءِ آهي، اسانجي شهر جو ٽاٽو آهي، جيڪو پٽي صاحب ٺهرايو هو.

هي ٻئي ڄڻا ڪچهري ڪندا اڳتي هلندا ويا. پٽ تي سڪل ٻنڊن وٽ اچي بيهي رهيا.

ادا... جنهن هنڌ، اسين بيٺا آهيون، پٽ تي سڪل ٻنڊ ڏسون پيا، ڪنهن زماني ۾ هن جاءِ تي عاليشان باغ هوندو هو، جنهن ۾ ناريل، بادامن جا وڻ هوندا هئا. 1960ع ۽ 1965ع ڪانپوءِ هري هري اهو باغ اجڙندو ويو، هينئر سڪل ٻنڊ بچيا آهن.

سارنگ جو ڌيان اتر طرف ڳوٺ ڏانهن هليو ويو، ڪيس رحيم بخش ڏسندي هن جي خيال کي سمجهي ويو، پوءِ ان ڳوٺ بابت چوڻ لڳس.

"ادا...! توهين جيڪو وڏو ڳوٺ ڏسو پيا، اهو ميربحرن جو ڳوٺ آهي. جنهن ۾ ٻي

ڪا ذات ڪونہ رهي، هي ڳوٺ بہ ڪنهن وقت وڏو هو، پر هتان بہ ماڻهو لڏي ويا.“ ائين چئي اڳتي هلندي رحيم بخش هڪ ڳوٺ ڏانهن اشارو ڪري چيو.

”ادا...! درياهہ جي پَرينءَ پَر جيڪي گهر ڏسو پيا سي سهتن جا آهن ۽ هتي اڳ ۾ تمام گهڻا ڳوٺ هئا، سنڌو درياءَ ۾ پاڻي نہ چڙهڻ جي ڪري جيڪي هتان لڏي ويا.“ انهيءَ علائقي کي جوڳيئڙا نالي سان سڏيندا آهن. ڇو جو اهو اصل ۾ جوڳين جو ڳوٺ هو. ورهاڱي کان پوءِ جوڳي لڏي ويا، پر ڳوٺ هن وقت بہ جوڳيئڙا نالي سان سڏجي پيو. هن وقت اتي ڪارائي سَما، جَت، پيل، مهاڻا ملاح رهن پيا.

ادا جوڳين جي ڳوٺ پرسان ڍنڍ آهي، هن وقت ان ڍنڍ ۾ مٺو پاڻي جمع ڪيو ويو آهي. جنهن ۾ مڇي جي مڇي بہ مرندي آهي.

پوءِ هي واپس درياءَ جو ڪپ وٺي الهندي طرف پيا اچن، رحيم بخش درياءَ جي ڪپ تي گهرن ڏانهن اشارو ڪندي چيو.

سارنگ! هي ڳوٺ صالح محمد گهرياڻيءَ جو آهي. اڳ ۾ پڻ اهو وڏو ڳوٺ هوندو هو. سارنگ جو خيال جهنگ جي طرف هليو ويو تہ رحيم بخش کيس ڏسندي چيو. ”ادا...! اهو جهنگ اڳ ۾ پڻ درياءَ هو، مِٺي پاڻي نہ اچڻ ڪري ڦٽي ويو، هاڻي جهنگ بڻيو آهي.“

سج جا ڪرڻا زمين تي هلڪي روشني پکيڙيندا رهيا، هي ٻئي جڻا ڪچهري ڪندا ٿي آيا. رحيم بخش زمين جي طرف نهاري چيو.

”ادا...هتي جيڪي زمين ڏسو پيا، بند ۽ واهہ پراڻا ڏسڻ ۾ پيا اچن.وڏڙا ڳالهہ ڪندا آهن تہ، اها زمين نار تي آباد ٿيندي هئي، جنهن ۾ هر قسم جي سبزي، گاهہ، تر، هيرڻ ۽ جمون، سنڌي ڪيلا جام ٿيندا هئا.“ ائين چئي پري کان نظر ايندڙ گهرن ڏانهن اشارو ڪري رحيم بخش وري چيو.

”ادا... اهو ڳوٺ حاجي قادر بخش بلوچ جو ڳوٺ آهي ۽ اهي پَڊَ جيڪي ڏسڻ ۾ اچن پيا، اهي عيسب بروچ جو ڳوٺ هو، سي بہ هتان لڏي ويا ۽ ويچارا الائجي ڪٿي وڃي ويٺا.“ اڳتي وڌندي زمين جي ٻين پڊن تي رحيم بخش بيهي چوڻ لڳو: ”ادا! هي پڊ يعني مبارڪ مور جهريو جو ڳوٺ هو ۽ هي علائقو سڄو سون جهڙو آباد هوندو هو.“

***

شام جي وقت هي موٽي آيا. اوطاق تي ڪچهري لڳي پئي هئي. رحيم بخش ۽ سارنگ سيني سان هٿ ملايو. ڊاڪٽر غلام محمد گتي ۽ ان جا همعمر دوست ڳوناٺا ڪچهريءَ ۾ وينا هئا، جن سان سارنگ جو تعارف ڊاڪٽر اڳ ۾ ڪرائي چڪو هو. وينلن مان هڪ ڄڻي پنهنجو نالو هاشم ٻڌائيندي مرڪي سارنگ کي چيو.

اَبُل سارنگ! مهمان ٿيندا ئي سارنگ آهن، نيڻ ۽ نيهه جي پريت وندي، ڪجهه گهڙيون سڪ سان رهي، جڏهن واپس موٽي ويندا آهن ته پوءِ اسين ان جون يادون ساري پيا ڪچهريون ڪندا آهيون. سارنگ کي هاشم جا اهي لفظ پنهنجن جيان لڳا ۽ مرڪي ڏنائين.

ڊاڪٽر غلام محمد ساڄي پاسي نهاري ايوب کي آواز ڏئي چيو.

”ايوب“

”جي سائين!“

”مهمان جي لاءِ ڪجهه مناڻ وٺي اچ...“ مناڻ جو لفظ ٻڌندي سارنگ سوچڻ لڳو. ٿوريءَ جهڙ ۾ ايوب پڙين ۾ ڪجهه شيون وٺي آيو ۽ اچي ڊاڪٽر صاحب کي ڏنيون.

”پَليٽون کڻي اچ...“ ڊاڪٽر پڙين کي ڏسندي چيو.

”جي سائين...“ ائين چئي ايوب به پَليٽون کڻي اچي ڊاڪٽر جي اڳيان ٽيبل تي رکيون. هن انهن پڙين کي کوليو ته پڪوڙا، مرمريا، ڪوميا ۽ بوندي هئي، سي پَليٽ ۾ لاهيندي سارنگ کي چيائين! اچو هي شام جي ورانڊ آهي، اچو کائو... ڊاڪٽر ڪچهريءَ ۾ وينل دوستن کي به صلاح ڪئي، سيئي کائڻ لڳا.

ڊاڪٽر پڪوڙا کڻندي ڪا ڳالهه ياد ڪندي چوڻ لڳو.

ادا سارنگ...! اوهان جو مون پنهنجن ساٿين سان تعارف ڪرائي ڇڏيو. هاشم توهان کي پنهنجو نالو ٻڌايو... باقي ٻيا وينل دوست جنهن ۾ سانوڻ ملاح، ميهار ملاح ۽ غلام حيدر اترادي آهن.

ادا.... ”ڪاروچاڻ جي انهيءَ علائقي کي سنڌو درياءَ تي بيراجن جي نڪرڻ کان اڳ، ”لاڙ جو ڪشمير“ ڪوٺيو ويندو هو، سارپال گهڻي هئڻ ڪري هتان جي چانورن جي هڪڙي جنس ”ڪارائي گنجا چانور“ جيڪي اڄ به تر ۾ مشهور آهن.“

سارنگ جو ڌيان ڊاڪٽر پاڻ ڏانهن ڏسندي وري چوڻ لڳو.

ادا...! ڪاري چاڻ جي اتر طرف سنڌو نديءَ جي ڇوڙ وارو درياءُ ڦاٽ وهي ٿو، جنهن

مان ٻيا درياءَ نڪري سمنڊ ۾ داخل ٿين ٿا. ڏکڻ طرف کان ڪٽند درياءُ نڪري گهوڙي واري نار ۾ پوي ٿو ۽ وٺو درياءُ ٻه ڦاٽ جي ڏکڻ مان نڪري وري گهوڙي واري نار ۾ داخل ٿئي ٿو.هن وقت سيني ۾ ڪارو پاڻي اَچي ويو آهي. رگويد- 1، ۾ ذڪر ٿيل آهي.
”او... سنڌو! تنهنجو لباس ڳاڙهي ڪنوار جي طرح گلن سان ٺهيل آهي.“

جيئن سارنگ اها ڳالهه ٻڌي ته هن جو من ڪومائجي ويو. ڪجهه گهڙين تائين سنڌو نديءَ جي اوج جي تصوير ذهن ۾ ڏسندو رهيو. اوچتو چرڪ ڀري خيالن مان نڪري ٽڌو ساهه ڀري دل ۾ چوڻ لڳو.
”سنڌو نديءَ جو اوج وري الائجي ڪڏهن ايندو... ڪاري جي ماڻهن جي چپن تي مرڪ ڪڏهن ايندي.!!؟ مهاڻا ۽ ملاح محبت مستيون ڪندا، هي پٽ پيار ڀرين گلڙن سان جرڪي پوندا...“

سارنگ بازار ۾ مهاڻن جي پيهه ڏانهن نهارڻ لڳو. سيئي دڪان ڪاٺين ۽گاري جي لپائيءَ سان جڙيل ڏسي ٿو، هن کي ڪا به پڪي سرن جي جاءِ نظر ڪانه آئي.

هن پنهنجو خيال وري ڪچهري ڏانهن ڪيو. ڊاڪٽر جي ساڄي پاسي ڪان ڪاٺ جي بينچ تي ويٺل همراهه جنهن جو نالو ڪائنس وسري ويو هو، ڊاڪٽر سيني جو تعارف ڪرائڻ مهل ان جو نالو سارنگ کي ٻڌايو هو، تنهن اڇن وارن منجهه آڱريون ڦيريندي هن ڏانهن نهاري چيو.
”مهمان ادا...! ڇا پيو ڏسين ۽ سوچين؟“ ڄڻ هو هن جي سوچن واري مانڊاڻ کي سمجهي ويو هو، سارنگ پٽ تي نهاري چپ چوري ڳالهائڻ جي ڪئي ته هن وري سارنگ کي چيو.

”ادا...! ڪلراٺي زمين جا ڪهڙا حال ڏسندين ۽ پڇندين...؟“ پوءِ ٽڌو ساهه ڀري ڏک واري انداز ۾ چيائين.

”پائو! هي ماڳ سنڌ جي سهڻن ماڳن مان هو، هن متيءَ مان جڏهن سائو سلو نڪرندو هو ته سچ پچ ڏٻري بدن ۾ ساهه پئجي ويندو هو. پر... هاڻ هيءَ ڌرتي مِٺي پاڻيءَ جي هڪ هڪ بوند لاءِ سڪي پئي. گاهه پني جي لاءِ چوپايو مال مري پيو. ڍورن جي ڪل ئي سُڪي وئي آهي. هاڻي هر ڪو پيو پنهنجي منهن روئي ۽ رڙي، اپ ڏاريندڙ دانهون ڪري.“ ائين چئي ماٺ ٿي ويو.

سارنگ ان جي چهري ۾ ڏسندي محسوس ڪيو. ”هن جي اندر ۾ ڏاڍو درد آهي.“ سارنگ ٻيهر ان جي منهن ۾ نهاريو ته ڪيس نالو ياد اچي ويس، ”سانوڻ ملاح“. پوءِ هن ساوڻ جي اکين ۾ نهاريو ته ڪيس اکين منجهه پاڻي ڀريل ڏٺائين ۽ دل ۾ چيو.

”هي ماضيءَ کي ياد ڪندي ڪيئن پيو اندر ۾ سڏڪا ڀري ۽ روئي.“

پوءِ سانوڻ ملاح ٻار جيان اکيون مهٽي چوڻ لڳو.

”ادا... منهنجي ڪنن ۾ پَکين جا منڙا ٻول اڃان پيا گونجن.“

جڏهن خيالن مان نڪري پنهنجي پٽن کي ڏسندو آهيان ته ”اڄ نه ڪي وڻ آهن نه

ئي اهي واهرا جت ويهي تارين منجهه لڏندي پَڪي ٻوليندا هئا. تن وٽن جي چانوَ ۾ مهاڻا، مالوند ماڻهو پنهنجا ڏور ڏڳا ٻڌي ڪچهريون ڪندا هئا. هي پٽ سنڌ جا سونا پٽ لڳندا هئا. مِٺي پاڻيءَ جون موجون مستيون ڏسي هر ماڻهو مور وانگي ٽلندو هو، هر طرف زندگي بهار جو ڏيک ڏئي مسڪرائيندي هئي.

ائين چئي سانوڻ وري يادن جي گهيري ۾ گهلبو ويو. سيني جون نگاهون هن ۾ کپي ويون، اوچتو دانهن ڪندي، اَبل...! جيئن پيچڙيءَ جو پاڻي بند ٿيو آ، سمنڊ اڳتي وڌي اچي پنهجي کاري پاڻيءَ سان ڪيئي ڳوٺ ٻوڙي ڇڏيا آهن، جنهن ۾ ڪانهر درياءَ تي ڳوٺ هئا، سي سمنڊ پائي ويو. ڪيئي بَندَر ماضيءَ جي سونهن سان گڏ سمنڊ جي کاري پاڻي جي ور چڙهي ويران ٿي ويا.

ڊاڪٽر غلام محمد خيالن ۾ ڪجهه سوچي وينو ته سانوڻ ملاح، عبدالله ملاح ۽ ٻين وينلن ڏانهن نهاري پوءِ سارنگ کي چوڻ لڳو.

”ادا... 1953ع ۾ جيئن درياءَ کي در پيا ته پاڻي ويو گهٽجي، زمينون هري هري ڦٽڻ لڳيون ۽ مقامي واپاري هري هري ويا لڏيندا، ڪين اندازو هو ته چوڙ وارا علائقا هاڻ آباد ٿي نه سگهندا...!!“ اهو ڏک من ۾ سانڍي هتان ويندي سي چوندا ويا، ”مجبور ٿي پنهنجا اَباڻا ڪک ڇڏيون پيا وڃون، اڳي پوءِ پاڻي ويندو گهٽبو، پيچڙي آباد نه ٿيندي.“

1995ع کان پوءِ پاڻي صفا بند ٿي ويو. ”تون ڪهڙو کاري جو زميندار آهين.“ اها چوٽي هن وقت ڪتابن ۾ رهجي وئي. اڄ جڏهن ڏسون پيا، واقعي ماڳ ڇڏيندڙ ماڻهن جا خدشا ۽ انديشا سيئي سچ نڪتا.

اها ڳالهه ٻڌي سيئي ماٺ ٿي ويا، پوءِ ڊاڪٽر ٽڊو ساهه پريندي چيو.

”هاڻي اسين مِٺي پاڻيءَ جي هڪ هڪ ڦڙي لاءِ پيا سڪون، نه ڪو درياءَ پيو وهي، نه ئي سارنگ ساٺ ڪري اچن...“

ڊاڪٽر ڳالهه پئي ڪئي ته هڪڙو نوجوان آيو، جنهن پنهنجي هٿ واريون دوائون، جيڪو اسٽور تان وٺي آيو هو، سي ڊاڪٽر کي ڏيکاريندي چيو.

”ڊاڪٽر! هي ڏسو...“

”ها... ٺيڪ آهن، چمچو هر هڪ مان، صبح، منجهند ۽ رات جو پياريندا...“

”ڊاڪٽر! مهرباني.“

نوجوان دوائون ٿيلهي ۾ وجهي گهرن جي طرف هليو ويو، پوءِ ڊاڪٽر ڳالهه کي جاري رکندي چيو.

هينئر درياءَ جي پيچڙيءَ تي ٿورا ڳوٺ آباد آهن، اتي رهندڙ ماڻهن جو گذر سفر ڏاڍو تنگ ۽ مشڪل سان ٿئي پيو.

عبدالله ملاح کي ڪا ڳالهه ياد اچي وئي، سوچن کي ڪني ڪندي چوڻ لڳو.

ڊاڪٽر...! چوين سچ پيو، هڪ ويلو بہ ڪائڻ ڏکيو ٿي پيو آ... درياءَ ۾ پاڻي نہ اچڻ ڪري مَڇي پَلو اٽليءِ تي چڪو آهي ۽ ٻيا رَڇَ (ڄار) سنها وجود ۾ آيا آهن، جنهن ۾ ڪڇ (سنهي مَڇي) مرڻ لڳي آ، جنهن ڪري سمنڊ ۾ مَڇين جو ٻج ختم ٿيندو پيو وڃي. مَڇيءَ جي پيداوار پڻ گهٽجي وئي آ ۽ ٿيون نقصان ائين پيو ٿئي جو درياءَ، ڍنڍ، برانچن ۽ سم نالين ۾ ڪڇ (سنهي مَڇي) مارڻ جا رَڇَ لڳا، جنهن ڪري مِٺي جي مَڇيءَ جو نالو نابود ٿي ويو.

ڊاڪٽر ٽڏو ساهہ پري عبدالله جي اداس چهري ڏي نهاري چيو.

”عبدالله...! هاڻي اصل مِٺي جي مَڇيءَ بدران فارمي مَڇيون، هٽرادو پالڻ“ ۽ مارڻ جو رواج پئجي ويو آهي، جنهن سان اصل مَڇيءَ جي ڪاڏي وارو سواد ختم ٿي ويو . قدرتي پاڻيءَ جي مَڇي ڪائڻ ۾ جيڪا لذت ۽ سواد ٿئي ٿو تنهن جا ڳالهہ ڪهڙي ڪجي. سچ پچ تہ اها مَڇي تئي تي ترڻ وقت، ان جي خوشبوءِ پري پري تائين پئي ايندي هئي. مَڇي ڪائڻ ڪان پوءِ هٿن مان مَڇيءَ جي خوشبوءِ ايندي هئي ۽ پڻ اوڳرائي ڏيڻ ۾ ايندي رهندي هئي. ڪچهريءَ ۾ هڪڙو پوڙهو لٺ جي سهاري هلندو اچي سيني ڪي سلام ورائي سانوڻ جي پرسان بيٺو تہ ڪائنس سانوڻ پڇيو.

”چاچا حمزا ڪهڙا حال آهن؟“

”اَبُل! هيٺن حالن جي ڪهڙي پيو پڇار پڇين...!!؟“ بس اَيرو سَيرو پيا ساهہ کڻون. ائين چئي سارنگ ڏانهن نهاريندي.

”اَبُل! مهمان آهين..؟“

”جي... چاچا...“

”اَبُل...! جي آئين ڀلي آئين، خوش هوندين...“

ڊاڪٽر پنهنجي ڳالهہ ڪرڻ ڪان اڳ سانوڻ، ميهار ۽ چاچي حمزي ڏانهن جيڪو ڪائنس عمر ۾ وڏو هو تنهن ڏانهن نهاريندي چيو.

چاچا حمزا! اسان جا وڏڙا ڳالهہ ڪندا هئا تہ اسان جي شهر ڪارو چاڻ ۾ ماسي نوران... واهہ جو پَلو پچائيندي هئي.

ماسي نوران جو نالو ٻڌي چاچا حمزي جي اکين ۾ آلاڻ اچي وئي، وينل سيئي واڻڙا ٿي ويا... خاموشيءَ سان چاچي حمزي ڪي ڏسڻ لڳا. هن سڄو هٿ لٺ مان ڪڍي، لٺ گوڏن جي وچ ۾ ڏئي اکين ڪي مهٽي، ٽڏو ساهہ پري چيو.

ڏاڪدڙ! (ڊاڪٽر) ها... واهہ جا ڏينهن هئا، پَلو پچائي تہ نوران، پَلو ڪائڻ ڪان پوءِ چگن ڀلن جو نيهہ نوران جي گهر سان اٽڪي پوندو هو. نوران جو پَلو پچائڻ ۽ ڳالهائڻ اهڙو ڳٽن پريو هو جو هڪ ڀيرو جنهن پَلو ڪاڏو يا نوران سان ڪچهري ڪئي ۽ ڳالهايو تہ سڪ پريت جي سڳڙن ۾ سوگهو ٿي پوندو ۽ پاڻ ڇڏائي نہ سگهندو. ايڏي قربائتي مائي هئي. جهڙي هئي زبان جي منڙي، تهڙي هٿن ۾ بہ شيرين هوندي هئس. واهہ

مرحيات نوران واهه...

ائين چئي چاچو حمزو چپ ٿي ويو. سڀ ڪنهن جي دل پَلي جي ڳالهه ٻڌڻ لاءِ ڏڙڪڻ لڳي، ڊاڪٽر محفل جو چاهه ڏسندي چيو.

پَلو پچائڻ... ماسي نوران جي هٿ جو ڪمال چئجي. هوءَ سڄي پَلي کي چيري پوءِ ڳانَ (چيرا) ڏئي، مصالو ڪٽي، تازي مکڻ ۾ گڏي اهو پَلي جي چير ۾ هٽي ۽ پيٽ ۾ مصالو ڏئي، پَلي جا ٻئي پڙ ملائي اڇي (سفيد) ڪپڙي ۾ مضبوطيءَ سان بند ڪري يا لپيٽي پوءِ ڳوهيل اٽي ۾ پَلي کي غلاف چاڙهي بند ڪري، چلهه ۾ ڪڌ ڪٽي، پَلو ان ڪڌ ۾ رکي، مٿان متي ورائي تنهن متيءَ جي مٿان ڪانين ۽ اگارن جي باهه ٻاريندي هئي، جيڪا ڏيڍ ٻه ڪلاڪ تائين ٻرندي هئي، جنهن کان پوءِ رک يا اگر هٽائي، متي کولي پَلو ٻاهر ڪڍندي هئي. پَلي کي لڳل اٽو پچي ڳاڙهو ٿي پوندو هو، پوءِ اٽو لاهي، ڪپڙو کولي پَلو ٻاهر ڪڍي وڏي پاٽ يا ٿالهه ۾ رکي، جڏهن پَلي جا ٻئي پڙ کوليندي هئي ته پڪل پَلي جي خوشبوءِ آس پاس ۾ هر هنڌ هڳاءُ، ساهه ڪٽنڌڙن جي سرير ۾ رچي ۽ وسي ويندو هو، پوءِ سڀ ڪو چوندو هو: ”واهه جو ماسي نوران پَلو پچايو آ...“

اسان وٽ هڪ پهاڪو آهي: ”پَلو سيري کان پلو.“

”سيري کان پلو، سيري ۾ نڪو ساءُ، پَلو گوڏا کوڙي کاءُ.“

اهڙو پَلو پچائڻ وقت سمجهبو هو ته ماسيءَ وٽ ڪي مهمان آيا آهن، جن لاءِ اهو پَلو پڪو آهي، ڪو چوندو، ان مان ڳيو ذرو اسان کي ٻه نصيب ٿئي ها ته ڪائي هِڪ ٻَ پَليون ها.سارنگ ”ڪاري جي ٻولي ۾خواهش پوري ٿيڻ کي ”هِڪ ٻَ پَليون“ چئبو آهي.

ڪڇهريءَ ۾ وينلن پَلي جي اهڙي واکاڻ ٻڌي، سيني جي چپن تي پاڻ مرادو زبان ڦيرجي (ڦري) وئي.

پوءِ سانوڻ ملاح مشڪي ڊاڪٽر ڏانهن نهاري چيو.

سائين! توهان پَلي ۽ ماسي نوران جو قصو ٻڌايو... پر آءٌ سارنگ کي ڪاري جي هڪ ٻي بهادر عورت جو واقعو ٻڌايان پيو.

سانوڻ ملاح جو ائين چوڻ، سارنگ ڪرسي ڪٽي اڃي هن جي پر ۾ وينو ته هو مرڪي ڪچهري جو چاهه ڏسندي چيو.

”ابل! اسان وٽ مَڇيون، پلا، ڪير، مکڻ جام هئا. ٻڪريون، رڍون، ڳئون ۽ مينهون ٻه جهجهيون هونديون هيون. حليما چيريءَ جون سانديل ۽ نپايل مينهون، جنهن جي ڳالهه نه پڇو. آءٌ چا توهان کي ٻڌايان. ڪاڪ، حاجي ٻچل خان ملڪائي جي نالي سان مشهور هوندي هئي. ڪاري چاڻ جي ڏکڻ- اوير ۾ ڳوٺ آهي. مائي حليمان چيري ڪاڪ جي هئي. هڪ پيري اسين پنج- ڇهه همراهه ڪاڪ ڳوٺ وياسين. اسان پري کان ڏٺو ته هڪڙو پهلوان همراهه مينهون پيو چاري، اسان ويجهو وڃي ڪيس سلام ورايو ته ڏسي حيرت ۾ پئجي وياسين ته ”هي همراهه نه هجي، پر زائفا هئي“. جنهن جو نالو اڳي ئي

اسان جو ٻڌل هو، وري ڪيس ڏسندي دنگ رهجي وياسين، ڇا تہ سونهن سوڀيا، قوت ۾ گهٽتائي ڪانہ هئس،اسان ڪان خبرون پڇيائين.

”ادا... توهين ڪير مڙس آهيو...؟“

سڀ ڪنهن پنهنجا حال احوال ٻڌايا ۽ هر ڪنهن پنهنجي ذات ٻڌائي، پوءِ ڪيس چيوسين.

”ترسنداسون...“ اسان کي چيائين.

”ڀلي ڪري آيا، جِي ڪري آيا... هلو...“

پاڻ اڳ ۾ ٿي، اسين پٺيان نڪتاسين، هلندي ڪيس اسان چيو.

”هيڏي پوک ۽ ساريون ٻينيون آهن ۽ توهين مينهون اتي ئي ڇڏي پيا هلو، اهي مينهون سارين جي پوک ڪائي ڇڏينديون.“

”ڪنهن پاڙين جون چاريل آهن ڇا..؟“ ائين چئي مشڪندي هلندي رهي.

پوءِ هن مينهن کي پنهنجي زبان ۾ ڪجهہ چيو، جيڪو اسان کي سمجهہ ۾ نہ آيو. اسين هن جي گهر آياسي، اتي اسان کي هن ويهڻ جي لاءِ چتر (تڏا) ڏنا. سچ لڳو ٿي ڪونہ تہ مينهون پاڻ اڪيليون گهر اچي پهتيون، جيڪي مينهون سُئائون هيون، سي ڏُڏائين ۽ کير جا وٽا ڀري اسان جي اڳيان آڻي رکيائين. اسان کير پيتو، تنهن ڪان پوءِ ماني پچائي کڻي آئي، جنهن سان ڀَلي جو ڀوڙ، ڀَلو سئيل ۽ ڀَلي جون آنيون تريل هيون. ڇانهہ جو ان وقت رواج ڪونہ هوندو هو. ماني کائي ويٺاسون تہ وري کير جا ٿانوَ ڀري کڻي آئي، کير جي وٽن کي ڏسي وائڙا ٿي وياسين، پوءِ ڪيس چيوسين.

”اسان ايترو کير ڪونہ ٿا پي سگهون، هونئن بہ هي کير ڪاري جي ڳاهہ سونهڻ جو آهي.“

حليما چيري مرڪندي ورندي ڏني.

”ادا... مڙس آهيو، ٻَہ ٽي پاٽيون کير جون پي نٿا سگهون...!! ايترو کير آءٌ اڪيلي پي وڃان، توهين سڏايو بہ مڙس پيا.“

اهي لفظ ٻڌي اسان جا ڪنڌ جهڪي ويا، پوءِ ٿوري دير اسان سان ڪچهري ڪري، اسان کي هنڌ بسترا ڏئي پاڻ چوڻ لڳي.

”ادا... سانوڻ اوهين ستا پيا هجو، آءٌ مينهن سان ٿي وڃان.“ هيءَ کهاڙي کڻي مينهن کي ناولي پاڻ اڳيان ٿي جوءِ ڏانهن هلندي وئي. سانوڻ ملاح ڪجهہ سوچيندي چوڻ لڳو: ”ادا! حليمان چيري بهادر عورت آهي. ان جو هڪڙو واقعو ياد اچي ٿو. هوءَ ننڍپڻ ڪان وٺي مرداڻو ويس ڪندي پئي اچي ۽ جوانيءَ ۾ مال چاريندي هئي. ڪاڪ ڪان اوپر شيخ سليمان لڳ لَيُن جو وڏو جهنگ هوندو هو. هوءَ بهادر عورت رات جو اڪيلي اُن جهنگ ۾ مال چاريندي هئي، جتي بگهڙ ۽ خنزير، ”سوئر“ جام هوندا هئا. هيءَ انهن جانورن ڪان نہ ڊڄندي

هئي. پنهنجي مستيءَ ۾ مست، کهاڙي ڪلهي تي رکي، مينهون چاريندي وتندي هئي ۽ پاڻ سان لَٺ ۽ کهاڙي کڻي هلندي هئي.

ڳوٺ ڪاڪ جا ڪي نوجوان مٿس موهت ٿي پيا، جيڪي ان وجهه ۾ هوندا هئا تہ ڪيئن حليمان چيريءَ سان ملجي، سو هڪ دفعي ڏينهن جو ٻہ همراهہ سندس پويان لڪندا ڇپندا جهنگ ۾ ويا. جڏهن نوجوانن حليمان سان ملڻ جي ڪئي تہ هوءَ بهادريءَ سان انهن ٻنهي مردن سان مقابلو ڪري ڪين ٻَڌي ۽ رسيءَ سان ٻانهون پٺيان ورائي ٻَڌي ڪين پويان ٽارا ڏيئي ڇڏيا. پوءِ حليمان مينهون ڪاهي آئي ۽ ڳوٺ وارن کي انهن نوجوانن جي باري ۾ اچي ٻڌايو ۽ چيو تہ: ”منهنجا ٻہ عاشق جهنگ ۾ آهن، جن کي فلاڻي جاءِ تي ڇڏي آئي آهيان. ڪين وڃي اچو.“

جڏهن ڳوٺ وارا جهنگ ۾ اُن جاءِ تي پهتا تہ ڏٺائون تہ ٻنهي جا هٿ پير رَسيءَ سان ٻڌل هئا. ڪين پٺيان ٽارا ڏسي ڳوٺ وارا کِلي وينا ۽ پاڻ ۾ چوڻ لڳا: ”اڙي! عاشقن جي حالت تہ ڏسو، ڪيئن پٺيان ٽارا اٿن!“

اُن ڏينهن ڪانپوءِ ڪوبہ ڳوٺ وارو اِها جرئت نہ ڪندو هو جو حليمان جي پويان وڃي. حليمان چيري هاڻ رهوڙو درياهہ تي رهي ٿي. هن وقت عمر 75 سال کن ٿيندس. هن جمار ۾ بہ پورهيو ڪري ٿي. پَن مان پَکا ۽ تَڏا تيار ڪري، هوڙي ۾ کڻي، پروارن ڳوٺن ۾ وڪڻي ايندي آهي. حليمان پنهنجا ڊگها وار ڳنڍ ڪري متي سان رومال اهڙي انداز ۾ ويڙهي هلندي آهي جو ڪير بہ محسوس ڪري نہ سگهندو آهي تہ اها ڪا عورت آهي. حليمان اڄ تلڪ مرداڻي لباس ۾ اهڙي نموني هلندي رهي ٿي.

***

سانوڻ ملاح جي ڳالهه ٻڌي سارنگ دل ۾ چيو، ”اها بهادر عورت حليما چيريءَ ڏسڻ گهرجي.“

سامهون رستي کان هڪ همراهه اچي چني ۾ وينلن کي پري کان سلام ڪيو ته ڊاڪٽر بيگ ڪٽي ان همراهه ڏانهن نهاري چيو: ”آءٌ مريض کي ڏسي اچان ٿو.“

ڪچهري هلندي رهي. ڏهن- پندرهن منٽن کانپوءِ ڊاڪٽر ساڳي همراهه سان واپس آيو. ڪيس پرچيءَ تي دوائون لکي ڏنيون، هو پرچي وٺي هليو ويو. ڊاڪٽر کي ڪا ڳالهه ياد آئي، پوءِ چاچي حمزي ۽ سارنگ ڏانهن ڏسندي چوڻ لڳو.

1960_61ع جي ڳالهه آهي ته مون وٽ مهمان آيو، تنهن اهو ضد ڪيو ته، رحيم بخش کان هلڪي ڪل نڪري وئي، ڪيس مهمان سارنگ جو رات وارو ضد ياد آيو... پوءِ ڊاڪٽر جي ڳالهه ڏيان سان ٻڌڻ لڳو. ڊاڪٽر ڪيس ڏسي ماٺ ٿي ويو، پوءِ قصو ڪرڻ لڳو.

ها... مون ڳالهه پئي ڪئي ته مهمان ضد ڪيو ته ”رَڇَ مان پَلو نڪري، تنهن وقت پچائي کارايو.“

اسان مهمان کي وٺي گل مهاڻي (ملاح) جي هوڙي ۾ چڙهي ۽ رڌپچاءَ جو سمورو سامان به پاڻ سان کنيوسين. درياءَ ۾ رَڇَ لاتو، جنهن ۾ ٽي پلا آيا. ان ئي وقت انهن پلن کي چيري، چوٽا ڪري، تئي تي رکياسين. پَلو پنهنجي ئي چربيءَ ۾ پچندو رهيو ۽ چربي پچندي رهي. جيڪا پوءِ اسان اها چربي پياليءَ ۾ گڏ ڪئي، اهي پلا ان ئي وقت، اتي ئي مهمان کي کاراياسين ۽ پاڻ به کاڌاسين.

ڊاڪٽر غلام محمد سيني ڏي نهاري وري چوڻ لڳو.

ادا... چا ڳالهه ڪجي تازي پَلي جي، ان جو سواد ئي نرالو، مزيدار ۽ وٽندڙ ٿئي ٿو. سو مهمان ڪائي خوش ٿيو. ان وقت هوڙن ۾ موٽر لڳل ڪونه هوندا هئا. سي هوڙا اڪثر سڙهن تي يا اولن تي (ڳن-اولين) هلندا هئا.

ادا... ان وقت مِني جي مَڇيءَ جي ڪهڙي ڳالهه ڪجي. مهاڻا مَڇي وڪڻڻ وقت هوڪو ڏيندي چون.

”هن جي پيٽ ۾ دوريون (دهريون) اٿئي دوريون.“

”ها... ها... ڏسو مِني جي مَڇيءَ جا مانُ.“

مِني جي مَڇيءَ جي پيٽ ۾ هيرا، جوار (جواهر) اٿئي جوار.

”آڙبي! (اڙي) ڪيڙيون ٿو (ڪهڙيون ٿو) ڳالهيون پڇين.
اصل گيهه اٿئي گيهه، يا ڇون انگور اٿئي انگور.
سن 1843ع ڌاري هند پاران سرجن ميجر فرئنسز ڊي سنڌ جي مَڇين جو شڪار ڪرڻ ۽ مَڇين جي قسمن جي جاچ ڪرڻ آيو هو، ان وقت سنڌو نديءَ جا پلا گنگا نديءَ جي هلسا مَڇيءَ وانگر لذيذ ٿين. ان وقت سنڌو درياءَ ۾ مَڇي جهڙوڪ ڏنيرا، ڪڳا، گندڻ، سينگاريون، ملي، موراڪي، پوپري ۽ شاعر ٿيلي مرندي هئي ۽ ٻيون به هيون، هاڻ پيريءَ جي ذهن تي ياد نه ٿيو اچن. پنجابين جو هڪڙو پهاڪو جيڪي سنڌ جي متعلق آهي ته ”مَڇي ماني ڪانوڻا، سنڌ ڇوڙ نه جانوڻا“.
اَبُل... سارنگ ڪهڙي سنڌ جي مَڇي ۽ پَلي جي ڳال (ڳالهه) ڪجي، سائين رحيم داد مولائي شيدائي، جنت السنڌ ۾ صفحي 43 تي مٿيون ذڪر ڪيو آهي.
ڪچهريءَ ۾ وينل ميهار ملاح چيو.
اَبُل... جڏهن هوڙي ۽ ٻيڙين تي مشين يا ٽنگ مشين جو رواج پيو... منو پاڻي گهٽبو ويو، مهنگائي وڌندي وئي. اسان مارياتن جي روزگار تي لت اچي وئي، جيئن پوءِ تيئن منو پاڻي گهٽبو ويو. درياءَ جي مَڇي ۽ پَلي جي اٽاٽ ٿي، هاڻ درياءَ (ڦاٽ) ۾ ڪارو پاڻي پرجي ويو... زندگي زهر پري ۽ ڪاري ٿي وئي.
ايئن سمجهو اسان ڪان هر شيءِ موڪلائي وئي... جڻ زندگي موڪلائي وئي، سڏڪن پريا ساهه ڪٽي هر ويل ۽ گهڙي موت کي اکين سان ڏسون پيا.
جيئن همراهه ڳالهه پوري ڪئي ته ڊاڪٽر جي نگاهه رستي طرف هلي وئي، هن هڪڙي همراهه کي ڏنو، جيڪو ماندڻي وٽ اچي ٻيهي رهيو. ڊاڪٽر غلام محمد ان کي ڏسي به ٿي وکون پري ان سان هٿ ملائي، ڪچهري ڪندو بازار جي طرف هليو ويو.
چاچو حمزو لٺ کي پاسي کان رکي چوڻ لڳو.
اَبُل... گهڻو لکيل پڙهيل ڪونه آهيا، پراڻا به اکر پيٽ ۾ آهن. ائين چئي پوءِ چوڻ لڳو.
اسان وٽ پَلي جا ٽي قسم ٿين. پهريون ”کسي“ ٻيو ”کيرو“ ٽيون ”آنيارو“. هينئر ”کسي“ پَلو اٽلي آهي. جيڪو سيني کان پلو ۽ کائڻ ۾ مزيدار ٿئي. تنهن کان پوءِ کيرو پَلو، جنهن جي ڪهڙي ڳالهه ڪجي، باقي ”آنيارو پَلو“ يعني آنيءَ وارو پَلو به پنهنجو مٽ پاڻ آهي. پَلو سمنڊ ۾ فولاد کائيندو آهي. ها... سمنڊ جي گجي کائيندو آهي. هي مَڇيءَ وانگر گاهه جيت ۽ سنهيون مَڇيون صفا ڪونه کائي، رڳو فولاد کائيندو آهي.
ڊاڪٽر واپس وري آيو، ٿڌڙي هوا گهلڻ شروع ڪيو، جيڪا چاچي حمزي جي ڏٻري جسم کي ڏڪائيندي هلي وئي. چاچو حمزو لٺ جو سهارو وٺندي اٿندي چيو.
”ڊاڪٽر! هلون پيا... ڪجهه گهڙي نوجوان سارنگ ساهه سڪ ونڊي سون، مزو اچي ويو.“ چاچو حمزو وک کڻندي، ”چڱو... مهرباني.“

ميهار ملاح ڪجهه سوچيندي ڳالهه ياد آيس، چپ چوري ماٺ ٿي ويو... ڪيس سارنگ ڏسي چوڻ لڳس.

”چاچا ميهار! ڪجهه ٻڌاءِ... چپن ڪي چور، رڳو پنهنجين سوچن ڪي ذهن ۾ نه ولوڙ...“ اهي لفظ ٻڌي ميهار مرڪي ڏنو، ڊاڪٽر به ڪيس ڏسندي جڻ اکين اکين ۾ چئي ڏنو... ”ها... ميهار ڪڇهريءَ ۾ ماٺ نه ڪر...“

پوءِ ميهار ٿڌو ساهه ڀري چوڻ لڳو.

”اَبُل...! قصو ڪهڙو ڪجي، ملاحن جي زندگيءَ جو سانجهيءَ کان پوءِ جڏهن پَڪي پکڻ پنهنجن آکيرن ڏانهن ورندا آهن، ان وقت مهاڻا موتمار سمنڊ ڏانهن وڃڻ لاءِ سانيا ڪندا آهين.“

”ادا... ٿڌي چانوَ ۾ هر ڪو ڪمائي، پر رات جي اونداهي ۾ سمنڊ جي سير ۾ ڪنهن ڇپر ڇانوَ ڪانسواءِ، زندگيءَ ۽ موت منجهه اکيون ملائي هوڙا ڪاهي رَڃ وجهن، ان کان وڌ مهاڻن جي ٻي ڪهڙي ڪنن زندگي ٿي سگهي ٿي . ساهه ڪنهن کي پيارو ۽ منو ڪونهي، پر مهاڻا درياءَ جا ڏڏڪا ٻڌندي به ڊڄندا ناهن. ميهار جي ذهن ۾ سوچون سمنڊ جي ڇولين جيان شور ڪنديون رهيون.

چاچو ميهار ڇنن ڏانهن نهاري وري چوڻ لڳو.

”اَبُل! اک پور دنيا ڇا ڄاڻي مهاڻن ملاحن جي موت واري زندگيءَ کي ۽ هن مٽيءَ جي درد کي، ڪيئن مهاڻو زندگيءَ جي ڏور کي موت سان گڏ ڇڪيندو ٿو رهي. هو ٻارنهن مهينا سردي توڙي گرميءَ ۾ جنڊ جي ٻن پڙن (زندگي ۽ موت) ۾ پيو پسيجي. ڪڏهن ڪڏهن ائين لڳندو اٿم، موت ۽ زندگي اسان مهاڻن سان راند پيا رهن. اسين سندن ڪو رانديڪو هجون.

چاچا حمزي جي لفظن ۾ هوريان هوريان درد پرجندو ٿي ويو... هنجي نڙيءَ مان لفظ آهستي آهستي ڏکاري انداز ۾ پئي نڪتا.

اَبُل! هر مهاڻي جو جياپو مِني پاڻيءَ سان آهي، جڏهن ته مني پاڻيءَ جو ڦڙو هت ڪونهي، هاڻ زندگي رهي ڪانهي. صرف موت جو منظر اکين اڳيان آهي. جڏهن مهاڻا هوڙا ڪاهي درياءَ جي ڪنڌي ڇڏي هلندا آهن ته سندن ٿوري جهٽ جي لاءِ پاڻ مرادو ٻچڙن ۽ گهرن ڏانهن ڪنڌ لڙي پوندا آهن، ڪن مهاڻن جون مائون گهر جي پٽر (اڱڻ) تي بيهي ڪنڌيءَ کان ٻاهر درياءَ منجهه پيون ڏسنديون ۽ ان هوڙي ۾ پيون نهارينديون. جيستائين هوڙو اکين کان پري نه ٿي وڃي، پوءِ ماءُ جا آنڊا پيا وٽبا ۽ دل هري هري پئي ڏڙڪندي، اکين ۾ آلاڻ سان گڏ ڇپن تي ٻچڙي جي واپسي ۽ سلامتيءَ واريون دعائون پيون ورد ڪنديون...! پلا... ماءُ جي آنڊن جي ڇڪ ۽ دل جو ڏڙڪو ٻيو ڪير ڄاڻي سگهي.

چاچو ميهار ٿڌو ساهه ڀري ٻيت ٻڌائڻ لڳو.

وجين جا وهي جر پَلو پائيان تڙ ٻيڙا گهر سپرين
اوسهه اهي پسئي، وڻجارو وسين وڱرين
سرها سيئي، حرمت سين حبيب جي
سو منگيا نہ سيئي، پسندا امل اکڙين سين.

لطيف سائين جو بيت ٻڌائڻ کان پوءِ چاچي ميهار جي اکين ۾ پاڻي پرجي آيو. سارنگ هن جي اکين منجهہ نهاري نہ سگهيو، پاڻ بہ ڏکارو ٿي ڪنڌ هيٺ ڪيو ۽ دل ۾ چوڻ لڳو.

”جيئن سمنڊ جو انت ڪونهي، نہ ئي ڪنهن کي خبر ٿي پوي، تيئن ئي مهاڻن جو درد ڪو پرکي ۽ ڄاڻي نہ ٿو سگهي.“

سارنگ جي ذهن ۾ هوڙي جو شور گونجڻ لڳو. هن هر هر چاچي ميهار ڪي تي ڏٺو، سندس ذهن ۾ ڪيترائي سوال اڀرڻ لڳا، پوءِ چاچي ميهار کي چوڻ لڳو.

”چاچا...“

”جي... اَبُل...“

”توهين هوڙي جي باري ۾ ٻڌائيندا، اهي ڪيئن نهندا آهن؟“

چاچي ميهار مرڪي ڏٺو، پوءِ سنجيده ٿي چوڻ لڳو.

اَبُل! سنڌ ۾ شادي جي رسمن جو پنهنجو پنهنجو رنگ ٿئي ٿو، پر ڇوڙ وارن علائقن ۾ شاديءَ کان وڌ خوشي ”هوڙو“ جي تيارين ۾ مهاڻن کي ٿيندي آهي. پر اهي اڳي وارا سنوڻ ساٺ هينئر ڪونہ آهن .هوڙي نهڻ جي وقت مهاڻا جيڪي خوشيون ڪندا هئا سي هينئر آهن ئي ڪونہ.جيئن ماءُ ۽ پيءُ کي اولاد جي گهوٽ ٿيڻ جي خوشي ٿيندي آهي. تيئن مهاڻن کي اولاد کان وڌ نئين ”ٻيڙي“ يا ”هوڙو“ ناهڻ جي خواهش ٿيندي آهي، ڄڻ اهو ان جي اندر جو آواز هوندوآ هي.

چاچو ميهار ذهن تي زور ڏيندي ماضيءَ جي ڳالهہ ياد ڪندي وري چوڻ لڳو.

ٻيڙي يا هوڙو مهاڻو نهرائڻ وقت خوشيءَ ۾ گدِ گدِ پيو ٿيندو. هو پنهنجن دوستن، يارن، سنگت وارن ۽ عزيزن کي گهرائيندو. ڪم ڪندڙن سان يعني هوڙو يا ٻيڙي ناهڻ وارن سان سڀ گڏ هوندا هئا. پوءِ سيني جي گڏجڻ سان ڇهڇٽو ۽ خوشيون نڳري پونديون هيون، ڄڻ عيد جهڙو ماحول جڙي پوندو هو. هر هڪ جي منهن تي مرڪ ۽ چپن تي خوشيءَ جا گيت هوندا هئا، گهرن ۾ عورتون ڳيچ ۽ سهرا پيون ڳائينديون. پوءِ ٻيڙيءَ جي تر يعني پٽ تي رکڻ مهل دهل، دمامن سان منائي ورهائي ويندي هئي. تر کان وٺي ٻيڙيءَ جي مڪمل تياري تائين گهاتو هن جي پر گهور پيولهندو، جڏهن ٻيڙي تيار ٿيندي ويندي هئي تہ پوءِ ان کي پاڻي ۾ لاتو ويندو. ان گهڙيءَ ٻيڙي جي مالڪ کي سيئي گهوٽ سمجهي، مٺ مائٺ، دل گهريا دوست ۽ يار سي هار پارائيندا هئا ۽ ٻيڙيءَ کي بہ مالڪ جيان مٺ مائٺ، دوست يار سيئي اجرڪون لنگيون، پوتيون ۽ لڱڙ ٻڌندا

هئا، جهڙو گهوٽ کي پيو سينگاريو وڃي. اهو ميلو ڏسڻ وٽان هوندو هو. ڪئين تر ۽ ڳوٺن جا نندا وڏا ايندا هئا، خاص وڏي ڳالهه اها هئي ته پاڻيءَ منجهه ٻيڙيءَ يا هوڙي کي لاهڻ کان اڳ ٻيڙي يا هوڙي کي تيار ڪندڙ واڍو پنهنجي واهلي سان ٻيڙي يا هوڙي کي ڏک هڻندو ته ٻيئنل سيئي مهاڻا ۽ مالڪ جا يار دوست، مٽ مائٽ سڀ خوشيءَ وچان ٿپ ۽ ڪڏ ڏئي گيت جهونگاريندا ان ٻيڙي ۾ ٻڌل اجرڪون، لنگيون، پوتيون ۽ لڱڙ سڀ لاهي ڪٽي اچي واڍي کي خوشيءَ مان تحفطي طور ڏئي ياڪر پائيندي مبارڪون ڏيندا هلندا ويندا. پوءِ سگهن يعني ٿلهن متارن رسن سان سيئي گڏجي ٻيڙي کي پاڻي منجهه لاهيندا هئا... ان وقت اها خوشيءَ ڏسڻ وٽان هوندي هئي. هڪ ڄڻو اتي سيني ماڻهن جو وات منو ڪرائڻ لاءِ ڪجور ورهائيندو.

هوڏانهن گهر ۾ (يعني ٻيڙيءَ جي مالڪ جي گهر ۾) عورتون، پاڙي واريون ۽ پري کان ڪهي ايندڙ مائٽياڻيون جڏهن اُنهن کي پاڻيءَ منجهه ٻيڙي کي لاهڻ واري خبر پوندي هئي ته اهي خوشيءَ وچان ڳيچ سهرا ڳائينديون نچنديون، ڪڏنديون ۽ ٺهڪ ڏينديون هڪ ٻئي کي ياڪر پائينديون ته ڪي عورتون خوشيءَ وچان پاڻي جا مٽ، دلا، گهاگهريون پرينديون هڪ ٻئي جي مٿان هارينديون، پاڻ ۾ ڪينچل ڪنديون، نيگ ٽپا ڏينديون، هڪ ٻئي سان کل خوشيون ڪنديون رهنديون، ڄڻ ته اهو سماءُ ڪنهن ڪاج کان گهٽ ڪونه هوندو هو. پر هاڻ مهاڻن جي زندگي جيئن پوءِ تيئن اجڙندي ۽ زهر ٿيندي پئي وڃي. اهي خوشيون غربت جي ڪري پنهنجو پاڻ ختم ٿي ويون.

چاچو ميهار سوچن ۾ پئجي ويو ۽ پوءِ ٿڌو ساهه پري چوڻ لڳو.

”اَبُل! اهي ڏينهن ياد ايندي ئي اکين منجهان ڳوڙها پاڻمرادو ڪري پوندا آهن، ڄڻ مهاڻن جي اصل زندگي ۽ خوشي مري وئي آهي. هاڻ ڪو سرنديءَ وارو هوڙو نهرائي به پر اهو خوشيءَ وارو ڏيک ڏسڻ ۾ اچي ئي ڪونه... ۽ نه ئي زندگيءَ جو رنگ پريو اهو سماءُ ۽ واءُ.جنهن ۾ سِڪَ، سَوڻ ۽ ساٿ جا سڀ رنگ تارن جيان جرڪندي، چمڪندي نظر ايندا هئا.

چاچي ميهار هوڙي واري ڳالهه پوري ڪئي ته سارنگ ڪجهه وقت تصور ۾ اهو خوشيءَ وارو سماءُ ڏسندو چپن ۾ مرڪندو رهيو، پوءِ پاڻ کي خيالن جي دنيا مان آزاد ڪندي چاچي ميهار ڏي نهاري چوڻ لڳو.

”چاچا! ڪو اهڙو واقعو جيڪو ڪنهن خوشيءَ مهل ٿيو هجي، جنهن توهان جي دل تي گهرو اثر ڇڏيو هجي...؟“

چاچي ميهار کي سارنگ جي ڳالهه سئو پيرا چٽي لڳي. ماضيءَ جا واقعا ذهن ۾ دوڙائيندي، اوچتو هن جي واتان رڙ نڪري وئي، ”ها... اَبُل...“ کهچريءَ ۾ وينل سيئي وائڙا ٿي ويا ته چاچي ميهار کي چا ٿي ويو، پوءِ ڏکاري انداز ۾ چوڻ لڳو.

”سارنگ! توري به خوشي ملي ته اسين مهاڻا ڪپڙن ۾ ناهيون ماپندا. هٿ هڪڙو واقعو سو به شاديءَ جي موقعي تي ٿيو. شاديءَ ۾ گهوٽيتا گهڻيون خوشيون ڪندا آهن.

جي ڪنواريتا، گهوٽن جا ويجها عزيز هجن ته پوءِ ٻنهي جي خوشي ڏسڻ وٽان هوندي آهي. جنهن ۾ سيئي سرها ٿي خوشين ۾ نچندا ۽ هڪ ٻئي کي مبارڪون پيا ڏيندا، ٻار، ٻڍو مطلب ته هر ڪو ڪير جيان پيو ڪلندو. آءٌ جنهن شاديءَ جو ذڪر پيو ڪريان، مهاڻن جي گهرن ۾ ورلي ڪا اهڙي شادي ٿي هجي، جنهن ۾ هرڪنهن جي چپن تي مرڪ، دل منجهه وهندڙ درياءَ جيان خوشيون چوليون هڻنديون هجن.

جڏهن لائن جي مهل ٿي، گهوٽ کي لائون ڏيارڻ جي لاءِ ڪنواريتن جي گهر وٺي آياسين، در وٽ هر ڪنهن خوشيءَ وچان کيڪار ڪندي گهوٽ کي هار ٿي پارايا، ڪن اسان جي مٿان ۽گهوٽ مٿان گهور پئي گهوري، ڪنوار جون سهيليون چني مان نڪري گهوٽ کي ڏسي وري وجي ڪنوار کي تنگ ٿي ڪيو ۽ چيڙايو. جڏهن لائون ڏيارڻ ۽ ٽڪر هڻڻ جي گهڙي آئي، هر ڪنهن اچي لائون پئي ڏياريون. ان وقت سئو پيري ڪنوار جي پنيءَ واري حصي تي چولي جي هيٺان اچي ڪنوار کي چڪ وڌو، پر ڪنوار سئو پيريءَ جو سور برداشت ڪندي رهي. هوءُ اتي نه، نه ئي ڪا شرم وچان دانهن ٿي ڪيائين، جي اتي دانهون ۽ رڙيون ٿي ڪري ته ويچاريءَ لاءِ عجيب و غريب داستان چڙي ٿي پيا. پر ڪجي پچي ڪين، جيئن ڪنڌ هيٺ ڪري ويني ته ويني رهي ۽ اوچتو پٽ تي ڪري پئي. گهوٽيتا ۽ ڪنوار جا عزيز، ياٺر، پينرون ۽ ماءُ پيءُ سيئي وائڙا ٿي ويا. ڪنوار کي هٿ هٺي ڏوٽي ڏسن ته ڪنوار جو دم اڳي ئي نڪري چڪو هو، پوءِ رڙيون پئجي ويون، مردن کي ٻاهر ڪڍيو ويو، ڪن وڏيءَ عمر وارين عورتن ٻين چوڪرين ۽ عورتن کي ٻاهر ڪڍي ڪنوار جي جسم کي هٿ هٺي ڏسن ته ڪنوار جي پنيءَ ۾ چولي هيٺا ڪا شيءَ پئي چري، جلديءَ ۾ چولو متي ڪنيائون. ڏسن ته سئو پيري ڪنوار جي پنيءَ ۾ سوراخ ڪري اڌ ڪان متي اندر هلي وئي هئي، جنهن جي زهر سبب ڪنوار مري وئي. پوءِ سئو پيريءَ کي چڪي ٻاهر ڪڍي ماريائون، ڪنوار کي سڀ وينا ڏسن. جيڪا شرم ۽ حيا جي زيور سان لڄ جي لٽي ۾ اهڙي ويڙهجي وئي جو هميشه لاءِ اتي نه سگهي. سئو پيري جي زهريلي چڪ ۾ دانهن به نه ڪيائين.

اها ڳالهه ٻڌي سڀ خاموش ٿي ويا، ڏک ۾ هر ڪنهن جي اک ۾ آلاڻ اچي وئي. ان وقت رات ٿي چڪي هئي، ڪچهريءَ ڪانپوءِ هر ڪو هِڪ هِڪ ٿي اٿندا ويا.

((❋❋❋))

# باب ٽيون

سارنگ مِنيءَ جي باري ۾ سوچيندي ماضيءَ جي خيالن ۾ گم ٿي ويو.

پاڙي جي اسڪول ڏي ايندي رستي ۾ هلندي هن هر ڪنهن کي مرڪي سلام ٿي ڪيو. جنهن دڪان وٽان گذرڻ لڳو تنهن کي ڪيڪار ٿي ڪيائين. اسڪول ۾ پهچندي استادن سان ملي پنهنجي ڪلاس ۾ آيو. هر شاگرد سان مرڪي ٿي ڳالهايائين، اڄ هن ٻارن کي وڏي شوق ۽ چاهه سان نئون سبق پڙهايو... شاگرد استاد سارنگ جي خوش طبع واري ڏيک کي سمجهي نه سگهيا. هڪ شاگرد هاشم سومرو اٿي بيهي چوڻ لڳو.

"سائين! بورڊ تي مِنيءَ جو اکر لکو، اسين ان کي ٻين اکرن سان ملائي جملا ناهيون . پوءِ ڏسو ڪنهن جو جملو پلو آهي."

"نه... اڄ نه... ان اکر کي في الحال ڪنهن ٻي اکر سان جوڙي يا جملي ۾ نه لکبو..."

هاڻ جيڪو سبق توهان کي پڙهايو آهي ان کي پيرو ڏئي ياد ڪريو. جيڪي ڏکيا لفظ توهان کي لڳن يا جن جي معنيٰ سمجهه ۾ نه اچي، اهي لفظ الڳ الڳ ڪري لکي ڏيکاريو.

"جي سائين...!" هاشم ائين چئي بينچ تي ويهي رهيو.

سارنگ پنهنجي ليکي چپن ۾ مرڪندو ٿي رهيو. مِنيءَ جو پيار... ۽ ان جي پاڪر جي ڇهاءُ کي خيالن ۾ محسوس ڪندو، دل ۾ خوش ٿيندو رهيو. خوشيءَ ڪان هن جو جسم پنهنجي ليکي جهومڻ لڳو... رات جو جڏهن واپس آيو، ماني کائي بسترو کٽي ڇت تي آيو . بسترو وڇائي مِنيءَ جي خيالن ۾ مشڪندو، خوش ٿي رهيو، هن جي نگاهه هر هر ان پَلوڙي جي طرف ٿي وئي... رات گذري رهي، اڄ اونداهي ۾ آسمان جا تارا ٽمڪندي ڏسي هي تارن ۾مِنيءَ جي تصوير ڳوليندو رهيو، وقت پنهنجي رفتار سان هلندو گذرندو رهيو. سوا يارنهن... ٻارنهن... سوا هڪ... ڏيڍ... ٻه تي ويا، مِني پَلوڙي وٽ آئي ڪانه، هن جي من ۾ اداسي ڇانئجي وئي، ننڊ اکين مان موڪلائي ويس . رات جو پوئين پهر ٿڌڙي هوا هن جي ٿڪل وجود کي لوري ڏئي سمهاري ڇڏيو ۽ ننڊ اچي ويس. صبح جي ڪرڻن هن جي منهن تي ڇهنڊڙي پاتي ته اک کلي ويس. جلديءَ ۾ اٿي بسترو ويڙهي ڪلهي تي رکي پَلوڙي ڏانهن ڏسي بيهي پوءِ هيٺ لهي آيو . نيرن ڪري اسڪول ۾ آيو . هن جي چهري تي ڪالهه واري خوشي ڪانه هئي... هن ٻارن کي ماٺ رهڻ جو اشارو ڪيو ۽ مِنيءَ جي باري ۾ سوچڻ لڳو

"رات مِني ڇو نه آئي...؟"

هاڻ هن کي ڪٿي ڳوليان...؟

سڄو ڏهاڙو مِنيءَ جي خيالن ۾ گذاريو... رات جو ماني به اڻ پوري کاڌائين، جهڙي کاڌي تهڙي نه کاڌي.هن جي بدليل طبيعت کي ڏسندي ڪائنس ماءُ پڇيو .

”اَبا! اڄ ماني چو نه پيو کائين“ ماءُ جا اهي لفظ ٻڌي ڪوڙ ڳالهائيندي چيائين.

”امان! دوستن سان گڏ ماني کائي آيو آهيان. پيٽ ڀريو پيو آهي، امان ...... اهي به ٿي گرهه به توهان جي چوڻ تي کاڌا آهن، جو متان ناراض ٿي پوين.....“

سارنگ بسترو کڻي ڇت تي آيو . هن جي اندر ۾ بيقراري وڌي وئي، مِنيءَ جو اوسيئڙو ڪرڻ لڳو.

”اڄ ضرور ايندي... هاڻ سندس گهر جو پتو پڇندو مانس، پوءِ ڇڏيندو مانس...“

هو خيالن ۾ مِنيءَ جي باري ۾ سوچيندو رهيو. اڄ ڪيس آسمان جا ٽمڪندڙ تارا به نه ٿي وڻيا... اندر ۾ عجيب وَ غريب خيال ايندا رهيس... رات جو وقت گذرندو هن جي بي چينيءَ ۾ اضافو ڪندو رهيو، هي کٽ تان اٿي ڇت تي گهمڻ لڳو... ڪيس اندر ۾ تاس ورائي ويس. هن کي اُڄ به گهٽي لڳي، هڪڙو خيال آيس، لهي هينان پاڻي پي اچان... پر ائين نه ڪري سگهيو ۽ سوچڻ لڳو. هيٺ لهي وڃان پويان مِني پَلوڙي وٺ اچي کٽ خالي ڏسندي ته پريشان ٿي ويندي... اهو سوچي هي کٽ تي ويهي رهيو، هن کي مزو نه ٿي آيو...

”مِني وئي ڪاڏي؟“ هر هر اهو جملو ذهن ۾ ڊوڙائيندو رهيو... اها رات به هن جاڳندي گذاري. صبح جو اسڪول ويندي ويندي هن پاڙي جي گهٽين ۾ چڪر ڏنا، ڪيس ڪا ڳالهه سمجهه ۾ نه پئي اَچي. اسڪول پهچندي هن متي جي سورجو بهانو ڪري هيڊ ماستر کان موڪل ونڻ ٿي چاهي، پر هيڊ ماستر هن کي ڏسي اٿندي چوڻ لڳو.

”سارنگ... مان ڪلاڪ سوا ۾ موٽي ٿو اچان، پوءِ تون پلي وڃجان.“

”جي سائين“

هي ائين چئي واپس پنهنجي ڪلاس ۾ آيو. متي جي سور جو بهانو ڪري ڪلاس کان ٻاهر ورانڊي ۾ڪرسي رڪرائي اتي ويهي رهيو . هر هر هن جو خيال مِنيءَ ڏانهن ٿي ويو ۽ هيڊ ماستر جو انتظار ڪرڻ لڳو. جڏهن ٻن ڪلاڪن کان متي وقت ٽپي ويو، وري اڍائي ڪلاڪ ٿي ويا، ساڍا ٻارنهن ٿيا، هيڊ ماستر آيو ڪونه، ڪيس پڪ ٿي هاڻ صاحب ڪونه ايندو . مون کي اسڪول بند ڪرائڻو پوندو. هن جو من ڪنهن به شيءِ ۾ نه ٿي لڳو. نه پڙهائڻ ۾، نه ئي ٻارن سان ڳالهائڻ ۾. اسڪول جي موڪل ٿيڻ کان پوءِ پنهنجي گهر جي پٺيان امام بخش سپاهي ۽ ماسي صابل جي گهر جي اڳيان گهٽين ۾ اجايو گهمندو ڦرندو رهيو. جي ڪا پاڙي واري عورت ماسي صابل جي گهران نڪتي ٿي، ان جو قد بت ڏسندي ”هي مِني ڪانهي“ دل ۾ چئي وري ٻي گهٽيءَ ڏانهن لڙي ٿي ويو. رات جو سوير ئي گهر آيو، ماني کائڻ ويهي رهيو. هن کي ماني وٽي ته ڪانه پئي، پر ماءُ جي ڊپ کان ماني کائيندو رهيو. ڪٽي امڙ کي منهنجي بک ۽ بي قراريءَ جو پتو نه پئجي وڃي. اهو سوچي هن منهن تي ڪو به اڻ وڻندڙ تاثر ڪونه ڏنو. ماني کائي

بسترو ڪٽي ڇت تي آيو... ڪاوڙ مان هٿن کي مهٽيندو... ڪنهن ڪنهن وقت چپ ڏندن جي هيٺان ڏئي پَلوڙي جي طرف تي نهاريو. پر پوءِ بہ مِني ڏسڻ ۾ ڪونہ آيس... انتظار ۾ اها بہ رات گذري ويس. اسڪول ايندي هن پنهنجو ڌيان خيالن مان هٽائي ٻارن جون ڪاپيون ڏسڻ ۾ لڳي ويو. جيڪي شاگرد گهران هوم ورڪ ڪري آيا هئا، انهن پنهنجيون ڪاپيون ٽيبل تي اونڌيون ڪري رکيون هيون. سارنگ ٽوريون ڪاپيون ڏسي، ڪرسيءَ تان اٿي ڪلاس جي دروازي تي اچي ٻاهر ڏسڻ لڳو... هن کي خيال آيو تہ پاڙي ۾ مِنيءَ جو ڪهڙو گهر آهي؟ ڪنهن کان ان بابت پڇا ڪريان ڪنهن سان ڳالھ ڪندس. پر ڪريان ڪيئن...!؟ ڇا ڪري پڇا ڪيان... اڄ اسڪول جو اڌ ڏينهن هو. جلدي موڪل ٿي وئي،هي گهر اچي ماني ڪائي دوستن ڏانهن هليو ويو.

آسمان ۾ ٽين تاريخ جو سنهڙي لڪير جيان چنڊ ستارن سان گڏ چمڪي رهيو هو. سارنگ اهو ٿي چاهيو بادل آسمان ۾ ڪيئن ٿا وجن، ڌرتيءَ تي اونداهي ڇانئجي وڃي تہ مِني اچي. هن اهو خيال ذهن ۾ ڪيو تہ پَلوڙي وٽ مِني اچي بيهي رهي، سارنگ جي بت ۾ جان پئجي وئي، اچل ڏئي کٽ تان اٿيو ۽ پَلوڙي ڏي هلڻ جي ڪئي. پر مِني هن پيري لڪي ڪانہ، هن کي ڏسندي مرڪندي رهي. جيئن سارنگ پرسان آيو تہ مِني پَلوڙي تان هٿ ڪٽي سارنگ سان ملائي ڪجھ چوڻ بجاءِ صرف ڏسندي رهي."ايترين راتيون ڪٿي هئينءَ؟" مِنيءَ کان سارنگ سوال ڪيو.پر مِني جي خاموشي هن کي ويتر جذباتي ڪري وڌو."تون اچين ٿي يا مان ٽپي اچان..." سارنگ چوڻ لڳو.

"تون نہ... مان اچان پئي" مِنيءَ جو وراڻو ٻڌي سارنگ کٽ تي اچي وينو تہ مِني پَلوڙو ٽپي اچي هن سان ياڪر پائي ملي کٽ تي ساڻس گڏ ويهي رهي. مِنيءَ جي چهري تي اهائي خوشي، چپن تي ساڳي مرڪ هئس، سارنگ پريشان ٿيندي چيو...

"توکي ڇا ٿيو جو بہ ٽي راتيون اوجاڳن ۾ رلايو اٿئي؟"

"مان رات جو ايندي هئم"

"ڇا؟" سارنگ کان رڙ نڪري وئي، مِني جلديءَ ۾ هن جي وات تي هٿ رکي، ٻئي هٿ سان ماٺ رهڻ جو اشارو ڪيو. هنجي انهيءَ اشاري کي سارنگ سمجهي ويو، مِني هن جي منهن تان هٿ هٽائي آهستي چوڻ لڳي.

"ها... توکي ڏسي هلي ويندي هئس. جو بابُل جي طبعيت نيڪ نہ رهندي هئي. ان جي ڪري اهي راتيون هيٺ سمهٽو پيو. مِني جي ڳالھ کي سارنگ ٻڌو اڻ ٻڌو ڪري چيو.

"تنهنجو گهر ڪٿي آهي، مون کي ٻڌاءِ...؟"

"تنهنجي من جي آکيري ۾..." مِني مرڪي وراڻيو.

سارنگ سنجيده ٿي وري پڇيو.

"مان گهر جو پڇان ٿو... تون...؟" مِني هن جي سوال کي سمجهندي بہ پتو

ٻڌائڻ نه ٿي چاهيو، پوءِ ٿورو مشڪي چوڻ لڳس.

”توکي چيم... تنهنجو من جيڪو منهنجو گهر آهي.“

سارنگ کي ٿوري ڪاوڙ آئي ۽ دل ۾ چوڻ لڳو ”هيءَ مون کي پنهنجي گهر جو چو نه ٿي ٻڌائي“. هي انهن ئي خيالن ۾ هو ته اوچتو بندوق جي ڇٽڻ جو آواز ٿيو. چند سيڪنڊن کان پوءِ هوا ۾ نڪا جا آواز ٿيا. تنهن سان گڏ چور چور... چور جو آواز آيو ته مِني ششدر ٿي وئي. ڪيس اهو خوف ورائي ويس ته انهن نڪائن تي ماڻهو پنهنجن گهرن جي ڇت تي چڙهي نه اچن... هي اتي ويهي رهي، هيڏي هوڏي نهاري چوڻ لڳي.

”سارنگ! آءٌ هلان ٿي“ سارنگ جي دل نه پئي چئي ته ڪو مِني وڃي، پر... مِنيءَ جي پريشانيءَ کي ڄاڻيندي ماٺ ۾ رهيو. ڪنڌ ڌوڻي... آهستي چيائين.

”تنهنجي مرضي...“

”ها... سارنگ، ڪٿي ماڻهو ڪوٺن تي چڙهي نه اچن.“

هيءَ ائين چئي اتي بيهي رهي، سارنگ کان موڪلائي پَلوڙو ٽپي ماسي صابل جي گهر جي ڇت تي اچي ٻئي پَلوڙي وٽ بيهي رهي، ان ڇت تي نهاري هيڏانهن هوڏانهن ڏسي ٿي، ڪو ماڻهو هن کي نظر ڪونه آيو، جلديءَ ۾ اهو پَلوڙو ٽپي آهستي آهستي پنهنجي گهر جي پَلوڙي وٽ آئي ته وري نڪاءٌ ٿيا، هن کي خوف ورائي ويو، تڪڙ ۾ پنهنجي گهر جي پَلوڙي تي چڙهي ته ڪري پئي، ڇت تي ڌڏڪو ٿيو، هن کي ٽنگ ۾ گهٽو ڌڪ لڳي ويو، اندر مان رڙ نڪري ويس. اڪيون ٻوٽي ٿڌو ساهه پري وري اکيون پٽيائين، اٿڻ لڳي ته هن کان کٻو پير ڪجهيو نه ٿئي. مندڪائيندي مندڪائيندي پنهنجي کٽ تي اچي ڪري پئي. پاڙي وارين گهٽين ۾ اڃان ٻه ماڻهن جو گوڙ شور اچي رهيو هو. هي کٽ جي پيرانديءَ کان رڪيل رلي ڪڍي پنهنجي مٿان سيني تائين وجهي ڇڏي... پر هيءَ ٽنگ کي چوري نه پئي، سور کان رڙ ۽ دانهن ٻه نه ٿي ڪيائين. گهر جي ڏاڪڻ ڏانهن ڏٺائين ته اهو دروازو کليل هو، هن کان ڇرڪ نڪري ويو. ڪيس خيال آيو، مون دروازو بند ڪيو هو... پر... نه نه... بند ڪرڻ جو خيال آيو هوندو، پر تڪڙ ۾ سارنگ ڏانهن ويندي. شايد بند ڪرڻ رهجي ويو هوندو. هيءَ اڃان انهن خيالن ۾ هئي ته سامهون ماءُ کي ڏٺائين. جيڪا ڏاڪڻ جي آخري ڏاڪي تي پير رکي هن ڏي آئي ٿي، کٽ جي پرسان اچي چوڻ لڳس.

ڌيءَ! اسان بندوق جا نڪاءٌ ٻڌا، ڇت تي ڌڏڪي جو آواز ٿيو ته دل ۾ اهو خوف ورائي ويو ته مِني ڇت تي اڪيلي آهي. پوءِ ساهه سڪي ويو، تنهنجي پيءُ کي دوا پياري هلي آيس. توکي کٽ تي ڏسي ساهه پيو اٿم، پر... ڌڏڪو ڇا جو ٿيو؟.

مِنيءَ جي ماءُ ائين چئي کٽ تي ويهندي بي خياليءَ ۾ مِنيءَ جي کٻي ٽنگ تي هٿ رکيائين ته مِنيءَ کان رڙ نڪري وئي.

”امان... سور“

”ڇا ٿيو... مِني..؟“

ڏک مان مِنيءَ کان پڇيائين.

پر مِنيءَ اصل ڳالھہ کي لڪائيندي چوڻ لڳي.

”امان! آءٌ گھري ننڊ ۾ سستي پئي ھيس تہ اوچتو نڪائن تي چرڪ ڀري اٿيس، تڪڙ ۾ کٽ تان لھي ڏاڪڻ جي طرف ھلڻ لڳس تہ ڳچيءَ واري رئي جو ھڪ پلئہ کٽ جي پائي ۾ اٽڪي پيو. آءٌ ڪري پيس تہ گوڏي ۾ ڏڪ لڳي ويو، ھاڻ ٽنگ چوري بہ نہ ٿي سگھان.“

مِنيءَ جي ماءُ پريشان ٿي وئي، ھي مِنيءَ جي مٿان واري رلي پري ڪري پير ۽ ٽنگ کي ڏسي گوڏي جي ڍَڪڻيءَ تي ھٿ رکيو تہ مِنيءَ کان دانھن نڪري وئي، ”امان... سور“ ھيءَ مِنيءَ کي دلاسو ڏيندي چوڻ لڳي، ڏيءُ گھبرائڻ جي ڪا ڳالھہ ڪانھي، شايد... گوڏي جي ڍڪڻي پنھنجي جاءِ تان ٿڙکي وئي آ... پوءِ مِنيءَ جي ٽنگ کي غور سان ڏنائين. کٽ تان اٿي مِني ڏي نھاري چيو سست نہ ٿي آءٌ اچان ٿي“، ائين چئي ھوءَ ھيٺ لھي وئي، چند منٽن کان پوءِ واپس آئي، ھي پيالي ۾ ٿورو تيل گرم ڪري کڻي آئي، ڪپڙي جو ٽڪرو ۽ ڪينچي بہ... مِنيءَ جي پرسان ويھندي، سلوار جو پاچو جيڪو سوڙھو ھو تنھن کي ڪينچيءَ سان ڪتي مِنيءَ جي سلوار کي گوڏن کان مٿي سٿرن تائين ڪٽيو، ھن کي ٽنگ تي ٿوتر ڏسڻ ۾ آئي، ھيءَ تيل کڻي مِنيءَ جي گوڏي تي ھٿي ھوري ھوري مالش ڪندي رھي، پوءِ ساڄي ٽنگ کي مالش ڪيائين، مِنيءَ کي درد بہ ٿي رھيو ھو، پر ڪيس اھا خوشي بہ اندر ۾ اٿل پٿل ڪائي رھيس تہ جلديءَ ۾ نيڪ ٿي ويندس، سارنگ سان ملڻ جھڙي ٿي ويندم. ھيءَ پنھنجن خيالن ۾ ھئي، ماءُ ھن جي ٽنگ ۽ گوڏي کي مالش ڪندي رھي، مِنيءَ جي منھن ۾ نھاريندي رھي، ڪيس اھو خيال ورائي ويس تہ مِني سور کان اکيون بند ڪري ڇڏيون آھن، تڏھن ڏسي نہ ٿي ۽ ڳالھيون بہ ٿي ڪري. مِنيءَ جي ماءُ کي مِني کان اڳ بہ ٻار ڄاوا ھئا، جيڪي مري ويا ھئس، مِني اڪيلي اولاد ھئس، ھيءَ مِني کي ڏاڍو پيار ڪندي ھئي، جو اڪيلي اھائي اولاد ھئس.

ھيءَ مِني جي پير، ٽنگ ۽ گوڏن کي مالش ڪري پوءِ ڪپڙو ٽنگ کي ويڙھي مضبوطيءَ سان ٻڌي ڇڏيائين ۽ رلي کڻي منيءَ جي مٿان وجھندي چوڻ لڳي.

ڏيءَ! آءٌ سمجھان ٿي ھاڻ توکي سڪون ملي ويندو ۽ گوڏي جي ڍڪڻي بہ پنھنجي اصل جاءِ تي اچي ويندي، تون صبح تائين پير کڻڻ ۽ ھلڻ جھڙي ٿي وينديئن، باقي ڳڻتي ڪرڻ جي ڳالھہ ڪانھي.

”جي امان“ مِني ھيٺي آواز ۾ چيو.

مِنيءَ جي ماءُ ڪجھہ سوچيندي ڌيءَ جي ھٿ کي پڪڙي چوڻ لڳي:

”مِني“

”جي... جي... امان“ مِني ائين محسوس ڪيو ڄڻ ماءُ ڪا خاص ڳالھہ ڪرڻ واري آھي، پوءِ مِني پنھنجو ڌيان ماءُ جي طرف ڪري چيو.

”امان چئو“

”ها... پٽ“ تنهنجي بابا جي رٽائرمينٽ ۾ باقي پنج ڇهه مهينا بچيا آهن، پر اوچتو اڄ آفيس کان پروموشن جو ليٽر آيو اٿس. امان مبارڪ هجئي. مِنيءَ خوشيءَ مان وراڻيو.

خير مبارڪ! مِني جي ماءُ جواب ڏئي پنهنجي اصل ڳالهه ڪرڻ لڳي. ڏيءَ ان سان گڏ بدلي بہ ٿي اٿس.

امان ڪٿي؟ مِنيءَ کان هلڪي رڙ نڪري وئي، جڻ دل وارو ڌڪ لڳو هجيس، ۽ دل تيزي سان ڌڙڪڻ لڳس، جنهنجي ماءُ کي خبر پئجي نہ سگهي. مِنيءَ جي ماءُ ڏيءَ جي ڪيفيت کان اڻ ڄاڻ پنهنجي ڳالهه ڪرڻ لڳي.

ڏي! تنهنجي بابا جي بدلي حيدرآباد شهر ٿي آهي. جو هت انهيءَ گريڊ جي ڪا بہ جڳهہ ڪانہ هئي، تنهن ڪري بدلي ڪري حيدرآباد ۾ ڊيوٽي جوائن ڪرڻ جو آرڊر آيو آهي. ٻن ٽئن ڏينهن تائين هتي جو ڪم ڪار ڇڏائي، مالڪ مڪان کان ايڊوانس جا پئسا وٺي هلنداسين. باقي نوڪريءَ جا چند مهينا بچيا آهن، اهي اتي گذاري پوءِ پنهنجي ڳوٺ ڳاڙهو هلنداسين.

اهي لفظ ٻڌندي مِني اندر ۾ وسامي وئي، ڪيس سمجهہ ۾ نہ ٿي آيس ڇا ڪري، هنجي چهري تي پريشانيءَ کان نهنڊڙ لڪيرون اونداهي ۾ سندس ماءُ کي نظر ڪونہ آيون، مِنيءَ جون اکيون بند ڏسي، اندر ۾ اطمينان جو ساهہ کنيائين، ”شايد... مِني کي آرام اچي ويو“، وري مِني ڏانهن ڏٺائين تہ ڏيءَ جون اکيون گهورينديون رهيس، مِنيءَ جي ماءُ سوچن ۾ پئجي وئي، هن کي خيال آيو تہ ڏيءَ سان آيل رشتي جي باري ۾ ڳالهہ ڪريان يا نہ ڪريا... هيءَ جهٽ گهڙي خاموش ٿي ۽ ڳالهہ ڪرڻ جو من ۾ فيصلو ڪري مِني کي چوڻ لڳي،

”مِني“

”جي امان“

”هڪ ڳالهہ ڪريان“

”ها“

مِني هلڪو جواب ڏئي، ماٺ ٿي وئي، پر هن جي ذهن ۾ ماءُ وارو سوال ڦرڻ لڳو... ”امان الائجي ڪهڙي ڳالهہ ڪرڻ ٿي چاهي.“ مِني اهو سوچي پاڻ کي خيالن مان ڇڏائي ماءُ کي ڏٺو.

”امان! ڪهڙي ڳالهہ؟“ پيار منجهان مِنيءَ جي مٿي تي هٿ رکندي ڪيس ماءُ چيو.

ڏي! تنهنجي پيءُ جي وڏي ڀاءُ جو اسان تي گهڻو زور پيو آهي تہ ڳاڙهو اچو...

”ڇو امان؟!“

مِني کان هلڪي رڙ نڪري وئي، وري پاڻ کي سنڀاليندي سوچڻ لڳي، مون کي وچ ۾ امڙ جي ڳالهہ ڪنٽي ڪانہ هئي، ائين ڇئي هن ماءُ ڏي نهاريو.

تنهنجا چاچا هت بہ آيا هئا، تنهنجي سنگ جي گهُر ڪيائون، مون ڪين في الحال جواب ڏئي ڇڏيو آهي، جڏهن تون پنهنجي ڳالهہ ٻڌائيندينءَ...

”ڪهڙي امان؟“

ائين چئي هيءَ حيرت وچان ماءُ ڪي ڏسندي رهي، ڪٿي امان ڪي منهنجي پيار جي پروڙ تہ ڪانہ پئجي وئي آ، يا پَلوڙو ٽپندي ڏٺو اٿائين... نہ..نہ..ائين نہ هوندو...! هي پاڻ ڪي مطمئن ڪري ماءُ جي ڳالهہ ٻڌڻ لڳي.

ڏي! تون پريشان ڇو پئي ٿئين، آءٌ تنهنجو رايو پڇڻ ٿي چاهيان... هونءَ بہ اهو ڪم تنهنجي صلاح ڪان سواءِ ڪونہ ڪنديس، جتي تون چاهيندين.!!

ماءُ جا اهي لفظ ٻڌي مِني خوش ٿي، ڇپن تي مرڪ تري آِيس، هن جي مرڪ ڪي ماءُ سمجهي نہ سگهي، ڪٽ تان اٿندي چوڻ لڳي،

”مِني! جي چاهين تہ هيٺ هلي سمهہ.“

”امان نہ... آءٌ ٽنگ ڪي چورڻ نہ ٿي گهران، باقي توهين پاڻيءَ جو جڳ ۽ گلاس آڻي سيراندي ڪان رکي ڇڏيو، متان رات جو اڃ لڳي پوي.

جي... اڇهو آيس... ائين چئي مِنيءَ جي ماءُ هيٺ هلي وئي، هيءَ خوش ٿيندي خيالن ۾ پاڻ سان ڳالهائڻ لڳي.هاڻ سارنگ ڪي پنهنجي باري ۾ سڀ ڪجهہ ٻڌائيندس ۽ شاديءَ جي ڳالهہ بہ ڪندي مانس، جي هائوڪار ڪيائين تہ پوءِ امڙ ڪي دل جي ڳالهہ ٻڌائي ڪيس راضي ڪنديس ۽ شادي ڪري اتي ئي رهي پوندس. مِني اهو خيال ذهن ۾ آڻي ڇپن ۾ مرڪندي رهي، “ ايتري ۾ سندس ماءُ ڪوٺي تي آئي، هن جي سيرانديءَ ڪان پاڻي جو پريل جڳ ۽ گلاس رکي مِني ڪي چوڻ لڳي.

”مِني! پڻهين تنهنجي طبعيت جي باري ۾ پڇيو، چيومانس ٺيڪ آهي، ٽنگ ڪي مالش ڪري آئي آهيان، پوءِ دلجاءِ ٿيس، چڱو ڏيءَ هلان ٿي.“

***

سارنگ ٻن ڏينهن کان مِني کي ڏنو ڪونہ هو. هن کي اها ڳڻتي ورائي وئي تہ ڪالهہ سئوٽ نثار گهر آيو، پنهنجي وڏي ڀاءُ جي شاديءَ جي ڪاج لاءِ ٻہ ڏينهن اڳ اچڻ جو زور ڀري ويو، ماسي وارا پڻ اهو چئي ويا آهن، سڀاڻي توهين پهچي وڃو. سئوٽ نثار جي شادي ماسي شبوءَ جي ڌيءَ ناهيد سان ٿي رهي آهي. ٻنهي طرفن کان اهو زور ڀريو ٿو وڃي. هاڻ ڇاڪجي... سارنگ اهي ڳالهيون سوچيندو جيئن ئي گهر ۾ داخل ٿيو تہ ماءُ کي ڏٺائين جيڪا بيگ ۾ سامان ڀاهي رهي هئي. گهوٽيتن ۾ ڪنواريتن جي لاءِ هن جيڪي سوڪڙيون پاڪڙيون ۾ ٻيو سامان ورتو هو. اهي سنڀالي صحيحح طريقي سان بيگ ۾ پئي وڌائين. سارنگ کي ڏسندي چوڻ لڳي.

سارنگ!

جي امان...! هي ماءُ جي پرسان اچي ويٺو، هوءَ خوشيءَ مان بيگ ۾ وڌل سامان ڏي نهاريندي چوڻ لڳس. اَبا! شام ڪري آيو آهين. اڄ وري نثار آيو، خاص تولاءِ آيو هو. جي گهر ۾ هجين ها تہ توکي پاڻ سان گڏ وٺي وڃي ها، پر تنهنجي اچڻ جي مون ڪيس پڪ ڪونہ ڏني.پوءِ چيو مانس.

اَبا! خبر ناهي ڪيڏيءَ مهل سارنگ اچي..."

چاچي! مان هلان ٿو، سڀاڻي ضرور اچجو...

ها! پٽ اسين ضرور ايندا سين.

پٽ سارنگ!جڏهن پڪ ڏياري مانس تہ مرڪندو هليو ويو، مان جيڪو سامان بازار مان وٺي آئي هيس، ڪڏهن ڪنوار جي لاءِ، ڪڏهن گهوٽ جي لاءِ ٿوو ٿورو ڪري ڪٺو ڪيو هو، اهي بيگ ۾ وجهي رهي آهيان، باقي تون پنهنجا ڪپڙا ڏي، اهي بہ بيگ ۾ رکان... جي الڳ ٿيلهو ڪڻڻ چاهين تہ اهو ٻڌاءِ...

"امان...!" ائين چئي سارنگ رڪجي ويو، هي سوچڻ لڳو، ڪيئن ڪريان... شاديءَ ۾ ويندس تہ چار پنج ڏينهڙا لڳي ويندا،مِني جي خبر ڪانهي... اها بہ ٻن راتين کان اچي ڪانہ ٿي . هن کي ماءُ سوچن ۾ ڏسي آواز ڏنو... سارنگ خيالن مان پاڻ ڇڏائي ماءُ جي طرف ڏسڻ لڳو.

اَبُل! اسان کي شاديءَ ۾ هلڻو آهي، سو بہ صبح جو سوير هلنداسين، پنجن ڇهن ڪلاڪن جو سفر آهي، ڪنهن چڱي مهل پهچي وڃون.

امان! مان هلي نہ ٿو سگهان... سارنگ سست ٿيندي وراڻيو تہ ماءُ ڪاوڙ مان بيگ جو ٻنڻ بند ڪري هن ڏانهن نهاري چوڻ لڳي.

"ڇو... پنهنجن سان مائٽي ٽوڙي ويهندين ڇا..!؟ نہ ... نہ .. ائين ڪونہ ڪرڻ ڏيندي

مانءِ... توکي هلڻو پوندو ۽ ها... صبح جو سوير هلنداسين.“
امان! مون کي ڪم... سارنگ جي ڳالهه ماءُ اڌ ۾ ڪٽيندي تڪائي مان وراڻيو.
”اها ٻاراڻي چڙ... ضد ڪري اسان کي ڏُنو نہ ڪراءِ.“
سارنگ وڌيڪ ڳالهائي نہ سگهيو، هاڻ هن کي هلڻو پئجي ويو .
سارنگ دل ۾ اهي دليل ڊوڙائيندو رات جو ڇت تي آيو، هي گهمندو .هلندو پَلوڙي جي طرف نهاري، وري ماسي صابل جي گهر جي ڇت تي ڏسي ڪنڌ ۾ نهاريو . جتي مِني لڪي ويهندي هئي، هي مِنيءَ کي نہ ڏسي اداسيءَ مان وکون ڪڻندو اچي کٽ تي وينو. هي مِنيءَ جي انتظار ۾ جاڳندو رهيو . جنهن وقت ڪُڪڙن دس ٿي هنيا، هن مِنيءَ جو انتظار پَليو، پوءِ ٿڌڙي هوا تي گهري ننڊ وٺي ويس، هن جي اک ان وقت کلي جڏهن ماءُ اچي صبح جو اٿاريس .
او سارنگ...!
او سارنگ... ٻي آواز تي هن اک پٽي.
پٽ! سج چڱو متي چڙهيو آيو آهي، هيٺ لهي تيار ٿيءُ تہ هلون .
ٻي رات جو مِني پنهنجي ڪوٺي جي ڇت تي اچي، ڏاڪڻ وارو دروزاو بند ڪري، کٽ تي ويهندي سارنگ جي باري ۾ سوچيندي خيالن ۾ ان سان ڳالهائڻ لڳي.
سارنگ! توکي خبر ڪانهي، اڄ مان ڪيڏي خوش آهيان، امڙ منهنجي خواهش پڇڻ ٿي چاهي... ها... سارنگ ها... تون هميشہ اهو پڇڻ گهرندو آهين تہ...
”آءٌ ڪير آهيان...؟“
”ڪٿان ٿي اچان...“
سارنگ تنهنجي من ۾ ڪوڙ سارا سوال مون بابت هلچل مچائيندا رهندا آهن. پر اڄ تون سيئي سوال ۽ جيترا بہ وٽنئي مون کان پُڇي سگهين ٿو. آءٌ هر ڳالهہ جو جواب توکي دل سان ٻڌائيندس.
سارنگ! توکي خبر آهي، منهنجي سيني ۾ تنهنجو پيار سنڌوءَ جي ڇولين وانگر ڊوڙندو رهي ٿو. ها... جيئنءَ سنڌو درياءُ، واديءَ سنڌ جي سِڪَ ۾ هماليہ جبل تي مانسروور ڍنڍ وٽان شينهن جيان گجگوڙ ڪندي، ڪيلاش پَربَت، تِبتَ کان نڪري لَداخَ کان ٿيندو. بَلِتستان ۾ اچي، وري پونڇ جي پاسي مان گذرندو آ. جواني جي اَلڙ مَستي ۾ هلندو درياءُ گلگت، درياءُ استور جيڪي اڳواٽ کيس بيٺا سلام ڪندا آهن. سنڌو اڳتي وڌنڌي قراقرم ۽ هندوڪش جي پهاڙن کي پنهنجين ڇولين جي مڌر آواز سان لوڏيندي ۽ ڪر کڻي هلندو آهي تہ پهاڙن جي چوٽين وارا وڻ جهومندي سندس استقبال ڪندا آهن. ها... ڪٿي اَباسين (شِنا زبان ۾ درياءِ سنڌ کي ”اَباسين “چون)۽ رگويد ۾ درياءِ سنڌ کي ”سنڌو“ جي نالي سان ياد ڪيو ويو آهي. اَٽڪَ جي آس پاس ۾ مهراڻ ۽ سنڌ جا لقب ماڻي سنڌو درياءُ ساحلي پَٽِيءَ ۾ ڪنڌين کي ڇهي پنهنجو ٽڪ پيجي ٿو. ايڏو اڙانگو سفر اهي ڇوليون صرف سنڌ جي آس ۾ ڪن ٿيون .

ها... ائين ئي توسان پيار اٿم. ڪٿي تنهنجي خاموشيءَ جي ڪري اڳيان حالتن جا بند ٻڌجي نہ پَون . اڄ... توکي سڀ ڪجهہ ٻڌائيندس، توسان مِنيون محبت پريون ڪچهريون ڪرڻيون آهن. صرف تنهنجي ها گهرجي . مِني خيالن ۾ ڳالهائيندي ڪڻ تان اٿي تہ هن ٽنگ ۾ ٿورو سور محسوس ڪيو، پر سارنگ جي سڪ ۾ پنهنجو سور،درد وساري پختي ارادي سان سگهہ ساري پَلوڙو ٽپي، وري پيو پَلوڙو ٽپي ماسي صابل جي گهر جي ڇت تي اچي هوري هوري هلندي سارنگ ڪي ڏسڻ جي لاءِ پَلوڙي وٽ اچي ويٺي تہ ڪيس ڇهري تي اداسي ورائي ويس. هيءَ ڪڻ خالي ڏسي هن جي دل مان دانهن نڪري وئي ."او ... ڪڻ خالي آهي.!!"

وچ درياءَ ۾ ٻڏندڙ ٻيڙي جيان پاڻ کي محسوس ڪيائين. مٽي کي چڪر اچي ويس، هن جا سيئي خواب شيشي جيان ٽٽندا ويا، پوءِ پَلوڙي جي ڪنڌ ۾ ويهي رهي . وري سارنگ جو خيال ايندي ئي هيءَ پَلوڙي جي سوراخ مان ڏسڻ لڳي. ڪڻ خالي نظر آيس، اکيون ٻوٽي ڇڏيائين، ڪيس سمجهہ ۾ نہ ٿي آيس، پوءِ اکيون پٽي پاڻ سان ڳالهائڻ لڳي.

سارنگ ڪٿي ناراض تہ ڪونہ ٿي ويو آهي، آءٌ بہ راتيون ڪونہ آيس... نہ... نہ... ائين نہ ٿو ٿي سگهي. هيءَ پاڻ کي دلاسو ڏيندي سوراخ مان خالي ڪڻ ڏي نهاريندي رهي. تيز هوا جو جهوٽو آيو، هنجي جسم کي ڇهي هليو ويو، مِني نرڙ تي هٿ گهمائي "سارنگ ڪاڏي ويو هوندو" ڇپن ۾ ڇئي خاموش ٿي وئي. هيءَ ڳچ وقت ويٺي رهي پوءِ آسرو پَلي اٿڻ جي ڪئي تہ ٽنگ جي سور ڪري دانهن نڪري ويس."اڙي... مَري ويس..." مٽي کي چڪر اچي ويس پٺ کي هٿ ڏئي ويهي رهي، ٿڌو ساهہ ڀري ٻي پَلوڙي ڏانهن هلندي سارنگ جي ڇت واري پَلوڙي ڏي نهاريندي اچي ماسي صابل جي گهر جي ڇت جي پَلو وٽ ويهي رهي، هاڻ هن کي ايتري همٿ نہ پئي ٿئي جو پَلوڙو ٽپي، اتي ئي ويٺي رهي، نيٺ پاڻ ۾ سگهہ ساري وڏي مشڪل سان پَلوڙو ٽپي ٻي ڇت تي آئي، هوري هوري هلندي اچي گهر جي پَلوڙي وٽ آئي، هن جي ٽنگ جو سور ٿڌڙي هوا تي وڌي ويو هو، نرڙ تان پگهر اگهندي، ساهي پٽڻ لڳي تہ اهو خوف ورائي ويس تہ جنهن گهر جي ڇت تي ويٺي آهيان ان گهر ۾ ننڍا ننڍا ٻار آهن ۽ ڪي نوجوان ڇوڪرا... مِني کي ماسي صابل جي گهر ياتين جي خبر هئي تہ هن گهر ۾ صرف اڪيلي پوڙهي ماسي صابل آهي، تڏهن ان جي ڇت تي ٻي خوف ويٺي رهندي ۽ سارنگ جو انتظار ڪندي رهندي هئي ۽ ڳالهائيندي هئي . هي ٻئي پَلوڙا اک ڇنڀ ۾ ٽپي ويندي ۽ ايندي هئي. اڄ اهو پهريون ڀيرو هو جو واپس اچڻ ۾ ڏکيائي محسوس ڪيائين . نيٺ پاڻ کي سنڀالي پَلوڙي تي چڙهڻ جي ڪوشش ڪئي، جيئن پَلوڙي تي چڙهي تہ ڪبي ٽنگ جي سور ڪري مٽي کي چڪر اچي ويس، ۽ وڏي مشڪل سان ڪرڻ کان بچايندي ، پوءِ آهستي آهستي هيءَ ٻئي پير پنهنجي ڇت جي طرف هيٺ لڙڪائي ٽپي ڏيڻ جي ڪئي تہ ڪيس بيمار پيءُ جو خيال اچي ويس. پوءِ هوري هوري پاڻ کي ڇڏيائين، ڇت تي اچڻ سان

سجي پگهرجي وئي، ڳچيءَ مان رئو ڪڍي سامهون کٽ تي اڇلائي، هٽ سان نرڙ تان پگهر اگهي ٿڏو ساهه پري چت تي اطمينان سان هلندي کٽ تي اچي ويٺي ته سور ڪان ويهي نه سگهي ۽ آهلي پئي ۽ سارنگ بابت سوچيندي رهي.

”اڄ سارنگ جي کٽ خالي ڇو هئي؟“ ”هي ڪيڏانهن ويو!؟“

بار بار اهي ئي سوال بي چين ڪندا رهيس، خيالن مان پاڻ کي ڇڏائي ٿڏو ساهه پري،

”آءٌ ڪيڏيون ڳالهيون مَن ۾ رکي تڪليف سان پَلوڙا ٽپي ويس، پر... سارنگ مليو ڪونه... هي ويو ڪاڏي!؟“

مِنيءَ کي ڪا ڳالهه وڻي نه پئي. هيءَ سارنگ کي سارينديءَ ”آءٌ امڙ جا اهي لفظ توکي ٻڌائڻ آئي هيم ۽ پڇي پڪ ڪرڻ ٿي گهري، ڇو ته امڙ منهنجي خواهش کان بغير شادي ڪونه ڪرائيندي. سارنگ سگهو وَرُ وقت وجهڻ کان پوءِ ورندو ناهي. مون وٽ گهڙيون ٿوريون آهن. ڪيئن توکي ٻڌايان.!؟

هي سارنگ جي باري ۾ سوچيندي خيالن جي ڪن ۾ ڦيرا ڪائيندي ساڄي رات جاڳندي رهي، هوا کي مِنيءَ جي تڙپندڙ روح تي ڪهل آئي ۽ تيز گهلڻ لڳي. مِنيءَ جي اکڙين کي ننڊاکڙو بڻائيندي رهي ته مِنيءَ کي گهري ننڊ اچي وئي.

صبح جو آسمان ۾ ڳاڙهاڻ ٿي، پَکي پَکڻ پنهنجن آکيرن مان نڪري اڏرندا ويا، جڏهن سج مٽي چڙهي آيو، مِني جي ماءُ کي خيال آيو... ”مِني سوير لهي ايندي آهي، پر اڄ الائجي ڇو هيٺ آئي ڪانهي“ اهو سوچي هوءَ ڏيءَ کي اٿارڻ جي لاءِ ڪوٺي تي چڙهي آئي ۽ مِنيءَ کي گهري ننڊ ۾ ڏٺائين، سج جا ڪِرڻا چت جي پَلوڙي تي پنهنجو هلڪو عڪس ڇڏيندا ٿي رهيا. مِنيءَ کي ماءُ آواز ڏنو.

”او مِني“

”او مِني...“ ماءُ جي ٻي آواز تي مِني هوري هوري اکيون پٽيون، ماءُ کي ڏسندي هلڪي آواز ۾ جواب ڏنو.

”جي امان“

”ڏيءَ! چت تي اُس اچي وئي آ، اٿ هيٺ هل.“ مِني پاسو ورائي اٿڻ جي ڪئي ته رڙ نڪري ويس.

”ڇا ٿيو مِني“ ماءُ جي آندن کي ڇڪي آئي. هوءَ کٽ تي ويهي رهي دل ۾ ڇوڻ لڳي ، ”مِني جي کٻي ٽنگ ۾ اجان سور آهي، جو پاسو ورائيندي دانهن ڪَئي اٿائين“.

هيءَ جلدي ۾ مِنيءَ جي مٿان واري رليءَ کي پري ڪيو ۽ ٽنگ کي ڏسڻ لڳي ته ٽنگ تي ٽوٽر ڏٺائين.

مِني! وري ڏک لڳو اٿئي ڇا...؟

نه امان... ٿڌڙي هوا جي ڪري سور پيو اٿم.

هيٺ هل آءٌ سهارو ڏئي هلانءِ ٿي. ڏهين وڳي پاڙي وارو ڊاڪٽر اسپتال کوليندو آهي. تنهنجي بابا کي چوان ٿي. پوءِ ان کي وٺي ايندو. ائين چئي مِنيءَ جي ماءُ ڏيءَ کي سهارو ڏئي اٿاريو ۽ هري هري هيٺ لاهي آئي. مِنيءَ کي کٽ تي سمهاري، پوءِ گرم تيل ڪري ڪٽي آئي مِني جي ٽنگ کي مالش ڪري ڪپڙو ٻڌي ڇڏيائين. جڏهن سوا ڏهه ٿيا ته مِنيءَ جي ماءُ ٻي ڪمري ۾ وئي، مڙس کي چوڻ لڳي.

او سينگهار...! ڏيءَ کي ٽنگ ۾ سور آهي، تون وڃ ڊاڪٽر کي وٺي اچ.

"جي"... سينگهار ٿورو اڳ ننڊ مان اٿيو هو، هن ويٺي سگريٽ پيتو پئي، گهر واريءَ ڏانهن ڏسي کٽ تان اٿي واش روم ڏانهن هليو ويو. پوءِ ٻاهر ايندي گهر واريءَ کي سست ڏسي وراڻيو.

"تون پريشان ڇو بيٺي آهين؟ ويهه... هيٺي نه ٿي..."

"هيٺي ڪونه آهيان،" ڏيءَ کي ٽنگ ۾ سور آهي سا ڪڏهن ٺيڪ ٿيندي ۽ هلڻ جهڙي ٿيندي.! "

"ها... هلبو... ٻه ٽي ڏينهن اجان آهن، اوستائين مِني چڱي ڀلي ٿي ويندي، ايڏو وڏو ڏک ڪونه اٿس.آءٌ ڊاڪٽر کي وٺي ٿو اچان."

مالش ڪان پوءِ مِنيءَ ٽنگ جو سور هلڪو محسوس ٿي ڪيو. هيءَ ڪمري ۾ ماءُ کي ڏسي جيڪا چانهه ۽ بسڪوٽ ننڍڙي ٽري ۾هن لاءِ ڪٽي آئي هئي، مِنيءَ ٺُونن تي پاڻ کي مٽي اٿاريو ۽ ويهي رهي.

ڏيءَ! چانهه بسڪوٽ کاءُ، پڻهين ڊاڪٽر کي وٺڻ ويو آهي، تون چانهه پي وٺ ته آءٌ تو لاءِ وڳو ڪٽي اچان، اهو مٽائي وٺ. مِنيءَ جي اڳيان ماءُ چانهه واري ٽري رکي هلي وئي، چند منٽن ڪان پوءِ واپس آئي، مِني جي پاسي ۾ وڳو رکيائين.

مِني اڌ ڪوپ چانهه ۽ هڪڙو بسڪوٽ مس کاڌو، وڌيڪ چانهه ڪانه وٽيس. هونئن به چانهه سان پوندي نه هئس.

امان...

جي...

چانهه وٺي نه ٿي...

مِنيءَ جي ماءُ چانهه واري ٽري کڻندي منيءَ کي چيو. چڱو ڪپڙا مٽائي ڇڏ ڊاڪٽر اچڻ وارو آهي. ائين چئي مِنيءَ جي ماءُ ڪمري ۾ ٽڙيل پکڙيل شيون هڪ پاسي ڪري، سليقي سان ناهي صاف ڪندي رکندي وئي. ڪمري جي ڪنڊ ۾ ننڍڙي ٽيبل تي ٽڪ جي رليءَ جيان نهيل ٽيبل جي پوش مٿان جڳ پاڻيءَ جو ۽ گلاس رکيائين. مِنيءَ جي کٽ تي ٽڪ جي رلي وڇائي ڇڏي، جنهن جو نمونو ٽيبل جي پوش جهڙو هو. مِنيءَ جي کٽ پرسان هن هڪ ڪرسي رکي ڇڏي، ڪمري ۾ برنڊڙ راڊ جي روشنيءَ ۾ ٽڪ واري رلي خوبصورتيءَ جو ڏيک ڏيندي سنڌي ثقافت، هنر ۽ سگهڙ عورت جي هٿ جو ڪمال

وڏيءَ صفائي سان پئي ڏنو. مِنيءَ جي ماء ڏيءَ کي خيالن ۾ ڏسندي.

مِني! گهبراءِ نہ ڊاڪٽر اچڻ وارو آهي.

سينگهار ڪلينڪ تي وينو ڊاڪٽر جو انتظار ڪري ٿو. ڪلينڪ تي اچڻ وقت اسپتال جي دروازي تي تختي ڏٺي، ”ڊاڪٽر مختيار، وقت صبح جو ڏهين وڳي کان منجهند جو ٻہ وڳي تائين، شام جو ڇهَہ وڳي کان رات جو ٻارنهن وڳي تائين.“ سينگهار پنهنجن خيالن ۾ هو تہ ايتري ۾ ڊاڪٽر اچي ويو، سلام ورائي سينگهار کي هٿ ڏئي مشڪندو سامهون ڪرسيءَ تي ويهندي، ”هي نئون پيشنٽ آهي، اڳي ڪڏهن آيو ڪونهي“ خيالن مان پاڻ کي ڇڏائي چوڻ لڳو.

”سائين! ڏيو حال احوال...؟“

منهنجو نالو سينگهار آهي، توهان جي پاڙي ۾ رهندو آهيان.

سائين! آءٌ بہ هن پاڙي جو آهيان، پر توهان کي ڪڏهن ڏٺو ڪونهي.؟

ڊاڪٽر صاحب! توهان جيڪو سوچيو پيا اهو صحيحح آهي، تہ آءٌ هن پاڙي ۾ڪرائي تي جان محمد شيخ جي جاءِ ۾ رهندو آهيان.جيڪا امداد ڪرياڻہ جي دڪان جي سامهون آهي.

ڊاڪٽر ڳالهہ کي اڌ ۾ ڪٽيندي چيو.

ها سائين! هاڻي ڳالهہ سمجهہ ۾ اچي وئي... ڏيو حال احوال...؟

ڊاڪٽر صاحب! ڌيءَ کي گوڏي ۾ بہ ڏينهن اڳي ڏک لڳو هو، اسان تيل جي مالش ۽ ٽاڪور ڪئي تہ فرحت اچي ويس. هلندي ۽ گهر جو ڪم ڪندي هئي پر رات وري گوڏي ۾ سور جون دانهون ڪيائين.

”جي... جي...“ اهو ڏک ڪيئن لڳو هو؟

”ڊاڪٽر! پير ترڪي پيوهوس“.

ڊاڪٽر بيگ ۾ سامان تيار ڪري ڪرسيءَ تان اٿندي چيو . ”سائين... هلو.“

ڊاڪٽر کان سينگهار بيگ وٺڻ ٿي چاهي پر ڊاڪٽرانڪار ڪندي. ”سائين! توهان وڏا آهيو ۽ مان پنهنجي بيگ پاڻ کڻي هلندو آهيان. اهو ڏيکاءُ ڪريان ڪونہ پيشنٽ ۽ ڏسندڙ تي اجايو اثر وجهڻ لاءِ جيئن ٻيا ڊاڪٽر ڪندا آهن ۽ هن بيگ ۾ ڳرو سامان تہ ڪونهي جو اسين ٻي کان کڻائي هلون .“

ڊاڪٽر جي انهن لفظن سينگهار کي ڏاڍو متاثر ڪيو. هن جي دل تي ڊاڪٽر جي شخصيت اثر ڪيو.

سائين! توهين اصل ڪٿي جا آهيو؟ ڊاڪٽر ڪنڌ ورائي پڇيو.

ڳاڙهي جو آهيان نوڪري ٺوڪري آهي. جيڪا نوان نوان وٺ ڏيکاري ٿي.

سائين! ائين برابر آهي نوڪريءَ وارو ماڻهو ڪڏهن ڪِٿي تہ ڪڏهن ڪِٿ هوندو آهي.

هي ٻئي ڄڻا ڪچهري ڪندا امداد ڪرياڻه دوڪان وٽ آيا ته ڊاڪٽر پنهنجي وڪ جاٽي واٽي ڊري ڪري ڇڏي. سينگهار جلديءَ ۾ گهر ڏي ويو ۽ واپس اچي ويو.

ڊاڪٽر صاحب! اچو...

ڊاڪٽر مختيار ڪمري ۾ داخل ٿيندي ڪٽ جي پرسان ڪرسيءَ تي ويهندي مِنيءَ جو بلڊ پريشر ۽ بخار ڏٺو، بلڊپريشر ٺيڪ هئس، باقي بدن ۾ هلڪو هلڪو بخار جيڪو سور جي ڪري ٿيو هئس، مِنيءَ جي ٽنگ کي ڏسندي ڊاڪٽر چيو.

”بابا..!! ٽنگ کي چوريو...“

مِني پير کي پوئتي ڪٽي ٽنگ کي مٿي ڪيو ته سور کان دانهن نڪري ويس، جيڪا هن اندر ۾ ضبط ڪري ڇڏي، پر چهري تي پگهر اچي ويس، ڊاڪٽر سندس چهري کي ڏسي سمجهي ويو، پوءِ گوڏي وٽ هٿ رکيو، مِني کان هلڪي دانهن نڪري وئي سينگهار ڏانهن نهاري ڊاڪٽر چيو.

سائين! پيشنٽ جو نالو...؟

”مِني“..!

ڊاڪٽر پني تي پيشنٽ جونالو لکيو.

عمر ڪيتري اٿيس؟ هن ٻيو سوال ڪيو.

سائين! ويهه سال.

ڊاڪٽر پرچيءَ تي دورائون لکيون، بروفين گوريون (چار سئو گرام) صبح، شام ۽ رات، موويڪس گوريون (چار سئو گرام) صبح ۽ رات، ڊاڪٽر پنهنجي بيگ مان بام ڪڍي،”سائين!مالش لاءِ بام ڊائڪلوران ڏيان ٿو اهو رات جو لڳائيندا. باقي مٿيون پرچيءَ واريون دوائون وٺندا ۽ گهبرائڻ جي ڳالهه ڪانهي، توهان پيشنٽ کي آرام ڏيو. ان ڳالهه جو خاص ڌيان رکجو ته ٽي چار ڏينهن کو به وزن يا ڳري شيءَ نه کڻي، جيئن ٽنگ تي دٻاءُ نه پئي. توهان اطمينان ڪيو، ڏينهن ٻن ۾ بلڪل هلي گهمي سگهندي. توهان جي ڌيان ۾ هڪ ڳالهه آڻيان ٿو.اهو جملو ٻڌي سينگهار پريشان ٿي ويو ۽ ڊاڪٽر کان پڇڻ لڳو.

ڊاڪٽر صاحب! ڪهڙي ڳالهه...؟

سائين! گهبرايو نه... خوشيءَ جي ڳالهه آهي جو توهانجي ڌيءَ کي ٽنگ ۾ ڪو فريڪچر وغيره ڪونه ٿيو آهي، گوريون لکي ڏنيو آهن. اهي ڪارايوس. مان توهانجي پاڙي ۾ ئي رهندو آهيان، پري ڪونه آهيان ، ڪنهن به وقت گهرائي سگهوٿا. توهين جنهن وقت نياپو موڪليندا ته هليو ايندس.

ڊاڪٽر صاحب! مهرباني. سينگهار خوش ٿيندي وراڻيو.

پوءِ ڊاڪٽر اٿيو ڪيس اسپتال تائين سينگهار هلڻ لڳو ته ڊاڪٽر مختيار چوڻ لڳو.

سائين! توهان اتي ويهو...

مهرباني... سينگهار جواب ڏئي واپس گهر آيو.

***

سارنگ کي شاديءَ ۾ گهڻو مزو نہ ٿي آيو، هر وقت مِنيءَ جي خيالن ۾ گم رهڻ لڳو . جنهن بہ ڳالهايو ٿي تہ ان کي اڻ پورو جواب ٿي ڏنائين. اهو هن پاڻ بہ محسوس ڪيو تہ عزيز، دوست، مِٽَ ۽ مائٽ،جيڪي سڪ سان ملندي ۽ سڏي ويهارين پيا، هي انهن وٽ چند سيڪنڊ ويهي هليو ٿي ويو. تنهائي واري جاءِ ڳولهي مِني جي خيالن ۾ ويهي ٿي رهيو .جڏهن فجر جو لائن جو وقت ٿيو ۽ گهوٽ جو ننڍو ڀاءُ نثار ڳوليندو ڳوليندو هن وٽ آيو.

سارنگ!تون اِتي وينو آهين ماسات وارا سڀ توکي سڏين ٿا. هل لائن جي مهل ٿي وئي آهي .ڀوءِ هي ڪنوار جي ڪمري ۾ آيا، ڪمري ۾ عورتن گيت، ڳيچ ۽ سهرا پئي ڳايا. ڪل ڀوڳ جهڙو ماحول ڪنوار جي چئو ڦير عورتون ٻينيون هيون تہ ڪي وينيون هيون. سارنگ جي نگاهہ ڪنوار جي ڀرسان ويٺل هڪ ڇوڪريءَ تي پئي، تہ هن ڪا ڇرڪ نڪري ويو. ان جون اکيون، نڪ، چهرو ۽ چپن تي مرڪ جو انداز مِنيءَ سان مشابهت ٿي رکيو. هي ٽِڪَ ٻڌي ان ڇوڪريءَ ۾ نهاريندو رهيو ۽ سوچيندو رهيو تہ هيءَ اسان جي مائٽياڻي بہ ڪانهي، نہ ئي اسان جي ڪنهن خاندان ۾ آهي، گهڻو ڪري ڪنوار جي سهيلي هوندي. هن وري ان کي ڏٺو تہ سندس وارن جو نمونو بہ مِنيءَ جي وارن جهڙو ڏسڻ ۾آيسءِ ڪن پل لاءِ وسامجي ويو .

”ڪٿي مِني تہ ڪانهي...!؟“

سارنگ کي ڪنهن پاسو هنيو تہ هن پاڻ کي خيالن مان ڇڏايو تہ نثار چيس.

ادا گهوٽ ڪنوار کي ٽڪر هڻاءِ... لائون ڏيار...

جي ها! ائين چئي هن ڪنوار ۽ گهوٽ جي متي تي هٿ رکي پاڻ ۾ ٽڪرايو... هڪ ڀيرو... ٻيو ڀيرو... ٽيون ڀيرو ٽڪرائي ڀوءِ سڌو ٿي ٻيهي رهيو. هن جي پٺيان ڪنوار جو ڀاءُ ٻينو هو، تنهن بہ ٽڪر هڻايا.

سارنگ ٿورو سري وري ڪنوار جي ڀر ۾ ان ڇوڪريءَ کي ڏسڻ لڳو تہ اها ڏسڻ ۾ ڪونہ آيس. هي وائڙو ٿي ويو... ڪمري ۾ نگاهہ ڦيرائيندو ڏسندو ٻاهر نڪري آيو. ورانڊي ۽ اڱڻ تي عورتون ۽ ٻار وينا هئا،ڪي عورتون خوشيءَ وچان ٺهڪڙا ڏينديون هڪٻئي سان ڪچهريون ڪنديون ٿي رهيون... سارنگ انهن ڏانهن ڏسندو، ان ڇوڪريءَ کي تلاش ڪندو رهيو. هن جو ساهہ گهٽجڻ لڳو... جلدي جلدي گهر کان ٻاهر نڪري گهٽيءَ ۾ اچي ٻينو. هن کي نرڙ تي پگهر اچي ويا...ڪيس اها ڳالهہ سمجهہ ۾ نہ ٿي آيس تہ ”اها ڇوڪري اک ڇنڀ ۾ اتي ڪاڏي غائب ٿي وئي.“ هي اتي ئي ٻيني چني ڏي

ويندڙ ۽ ايندڙ هر ماڻهن کي ڏسندو رهيو. پوءِ ڇني جي طرف وڃڻ بجاءِ هي گهٽي ۾ هلندو چوڪ طرف هلندو آيو... ان وقت ڪڪڙن ڏس پئي هَنيا. فجر جي مهل هئي. آسمان ۾ پَکين جاولر اڏرندا ٿي ويا، پر هن جي سوچن ۾ مِٽيءَ جا خيال ڦرندا رهيا. مٽي ۾ هلڪو هلڪو سور محسوس ڪرڻ لڳو. چانهه پيئڻ جو سوچي هلندو رهيو. سامهون هڪڙو ننڍڙو هوٽل ڏٺائين. جتي هڪ ٻه ماڻهو وينل نظر آيس، جيڪي پورهيت هئا. شايد... مزدوري لاءِ ويا پئي، صرف چانهه پيئڻ جي لاءِ هوٽل تي وينا هئا.

مٽي جي سور جي ڪري هن جي اکين مان پاڻي وهڻ لڳو، اکين کي اگهي، هوٽل ۾ اچي ڪاٺ جي بينچ تي ڪنڌ ۾ ويهي رهيو. بيرو هن جي اڳيان پاڻيءَ جو گلاس رکندي چيائين..

”سائين چانهه پيئندو...؟“

”ها... پر سٺي چانهه پيار...“

جي سائين! ائين چئي بيرو هليو ويو. ٽيبل تان گلاس کڻي پاڻي جو ڍڪ پريائين، چانهه ڪاڙهيندڙ هن کي ڏسي سمجهيو ۽ دل ۾ چوڻ لڳو ”هي نوجوان ڏاڍو ٽڪل ٿو نظر اچي، هن کي چانهه کير پتيءَ واري تيز مِٺي ڪڙڪ پيار جي. اهو سوچي هن صاف ٻاٽو ڪنيو، ان ۾ ڪوپ سوا کير جو وجهي چلهه تي ٻاٽو رکي ساڄي هٿ سان تيز وڄڻو هڻڻ لڳو. ڪوئلا پڙڪو ڪائي ٻاٽي جي پاسن کان ڳاڙهي باهه ٻاريندا رهيا. هي پکو هٽندو باهه کي پڙڪائيندو رهيو، ٻي هٿ سان چپن تي ٻيڙي رکي سوٽو هنيو ته بيرو پرسان اچي چوڻ لڳس...

استاد اڪبر! ٻيڙي ايڏي پري نه پي، گراهڪ ٻيڙي جي دونهي تي اچن ئي ڪونه ٿا...

استاد اڪبر اهي لفظ ٻڌي ڪاوڙ کي اندر ۾ روڪي سوٽو هٽي، بيري جي منهن ۾نهاري چيو.

”رمون! تون پٽ جيڏو آهين، آپي ۾ رهُ. توکي اڳ ۾ به چيو اٿم، رڙ نه ڪندوڪر، چانهه ۾ گهٽتائي هجي ته ٻڌاءِ، ٻيڙيءَ جو نالو نه وٺندو ڪر.توکي خبر به آهي ته هوٽل تي گراهڪ چانهه جي چسڪي لاءِ ايندا آهن، هاڻ سمجهي وڃ.“ استاد اڪبر هٿ واري ٻيڙي ٻاٽي جي پرسان رکي، ٻاٽي کي مٽي ڪيو... ۽ ڪوپ ۾ چانهه لاهڻ لڳو.

استاد! ڪاوڙ نه ڪر، مون ائين چيو.

رمون جا اهي لفظ ٻڌي استاد اڪبر مرڪي ڏنوپوءِ ڪلندي چوڻ لڳو.

”ڇورا! ڪيترو توکي سمجهايو آهي، ٻيڙيءَ جو نالو نه وٺندو ڪر... تون مڙين ڪونه ٿو...“

رمون کي اها خبر هئي ته استاد اڪبر جي هٿ جي چانهه پيئڻ لاءِ چانهه جا موالي پري پري کان ايندا آهن. رمون اهو سوچي ڪوپن کي ڌوئڻ لڳو. استاد اڪبر ڪوپ ۾ چانهه لاهي کڻي، سارنگ وٽ آيو، هن جي اڳيان ڪوپ رکي واپس موٽي آيو... ٻاهر وارو

جنهنجي هٿ ۾ خالي چينڪ هئي ۽ ڪوپ هئا، اهي رمون جي اڳيان رکندي، استاد اڪبر کي وڏي آواز ۾ چيو.

”استاد! چار چانهيون حاڪم پاڻ واري جون، ٻه چانهيون مولو حجم جون تيز مِٺيون ۽ هڪ چانهه پڪوڙي واري پهلوان جي سا ڦڪي ناهه ۽ هٿ کي تڪڙوهلاءِ متان سوٽن ۾ سج لاهي ڇڏين.“چوندو ٻاهر هليو ويو. استاد اڪبر پنيان رڙ ڪندي ،

اڙي انو! تون ۾ ٻه رمون واري عادت پئجي وئي آهي. ڇورا استاد تي ٽوڪ هڻڻ ڪان مڙو نہ ٿا.

انو اهي لفظ ٻڌا، پر پوئتي نهارڻ بجاءِ ڪلندو هليو ويو. رمون ڪوپ ڌوئي ڪٽي اچي استاد اڳيان ٿين واري ٽري ۾ رکيا ۽ چوڻ لڳو.استاد! پڙهيل لکيل ڇوڪرا ٻہ پنهنجن استادن جو ادب ڪونہ ٿا ڪن .

استاد اڪبر هن جا لفظ ٻڌا ۽ اڻ ٻڌا ڪري، ٻاٽي ۾ چانهه جو چمچو گهمائيندي، وري ان ۾ ٿورو ڪير ۽ پاڻي وجهندي چپن ۾ آهستي چيو.ست چانهيون نهي ويندون ۽ سوائي پنهنجي لاءِ ٻہ...

هن ڪان ٻيڙيءَ جو خيال لهي ويو. ٻاٽي ۾ چمچو گهمائيندي ٻيڙيءَ تي نگاهہ پيس تہ هن ٻيڙي ڪٽي چپن تي رکي. پر ڪيس اها خبر نہ پيس تہ ڪا ٻيڙي وسامي وئي آهي. جيئن هن سوٽو هنيو تہ ڇڪ ڪونہ آيس. ٻيڙي جو منهن ٻاٽي جي پاسن ڪان ٻرندڙ ٻاهہ ۾ وجهي، ٿوري جهٽ ڪان پوءِ ٻيڙي ڪٽي چپن تي رکيائين. هن جي نڪ مان دونهون نڪرندو هوا ۾ غائب ٿي ويو.

استاد اڪبر هڪ وڏي ڪٽلي ڪنئين، جنهن ۾چار چانهيون پونديون هيون. وري ٻن ڪوپن واري ڪٽلي ڪٽي رکيائين ۽ هڪ چانهه واري ڪٽلي ٻہ ٻين ڪٽلين جي پرسان رکي ٻاٽو لاهي ڇاڻي ڪٽي، تنهي ڪٽلين ۾ چانهه وجهي ٻاٽو چلهہ جي پرسان رکيو. ايتري ۾ انو آيو، ڪيسي مان ستن چانهين جون ٽڪليون ڪڍيون، جيڪي سائي، ڳاڙهي ۽ ڦڪي رنگ جون هيون، سي استاد اڪبر کي ڏئي، چانهه واريون چينڪون ۽ خالي ڪوپ ڪٽي هليو ويو.

استاد اڪبر کي خيال آيو تہ نوجوان وٽان ڪوپ ڪٽي اچان، هي ٻيڙي جي ٽوٽي کي اڇلائي سارنگ وٽ آيو.

نوجوان! چانهه ڪيئن لڳي...؟

ادا... زندگيءَ ۾ پهريون ڀيرو چانهه مزو ڏنو آهي.

سارنگ جا اهي لفظ ٻڌي استاد خوش ٿيندي، وري پنهنجي خوشيءَ کي روڪي ماٺ ٿي ويو ۽ سوچڻ لڳو تہ ڪٿي هي نوجوان ٻہ رمون ۽ انو جيان ٽوڪ تہ نہ پيو ڪري. اهو سوچيندي استاد اڪبر جي چهري تي مايوسي پکڙجي وئي.

استاد اڪبر جي چهري تي ڇانيل اداسي کي سارنگ سمجهي ويو، پوءِ چپن تي

مرڪ آڻي ڪيس چوڻ لڳو.

استاد! مٽي جو سور الائجي ڪاڏي ويو، تنھنجي چانھ ايڏو قرار ڏنو...

اھي لفظ ٻڌندي استاد اڪبر جي چپن تي مرڪ پکڙجي وئي ۽ چوڻ لڳو.

ڀائو! ماڻھو مٽي جي سور لاءِ حڪيمن ۽ ملان ڏانھن ويندا آھن، جن کي ھن ھوٽل جي خبر آھي . اھي اچي چانھ پي پنھنجي مٽي جو سور لاھي ويندا آھن، باقي.... دل جا سور ۽ وَڍ ڪِنھن سِڪَ واري سان سلڻ ۾ گھٽ ٿيندا آھن.

اھي لفظ چئي استاد اڪبر سڌو ٿي بيھي ٿڌو ساھ ڀري خيالن مان پاڻ کي ڇڏائي سنجيده انداز ۾ چوڻ لڳو.

ڀائو! ھتي ڀَرجھلو ڪير ڪونھي، پوءِ پنھنجي ڏک جي بخت ۾ ڪنھن کي ڀائيوار ڪريون؟

”ڏک، بخت“ سارنگ کان اھي لفظ نڪري ويا.

ھا ڀائو! ڪو سمجھي سگھي، اسين بخت جي معنيٰ اھا ئي سمجھون ٿا. جيئن زندگيءَ جو سج ابريو آھي، پنھنجو حال ڏسندا پيا اچون. وڏيڪ بخت جي ڄاڻ ناھي، بخت ڇا ٿيندو آھي؟استاد! اڪبر اھو جملو پرو ڪيو تہ رمون ڪيس آواز ڏنو.

”استاد! چار چانھيون اسپيشل.روشن دوڪان دار جون“

جي... آيو... استاد اڪبر جواب ڏئي، سارنگ جي اڳيان ٽيبل تان ڪوپ ڪڻي ھليو ويو. سارنگ کي مِنيءَ جا خيال ورائي ويا.

مِني ضرور آئي ھوندي، ڪٿ خالي ڏسي الائجي ڇا سوچيندي ھوندي... جيئن ئي ھن خيالن ۾ مِنيءَ جو تصور ڪيو تہ فجر مھل لائن جي وقت جنھن ڇوڪريءَ کي ڏٺو ھئائين، جنھن جو چھرو ھوبھو مِنيءَ جھڙو ھو، ان بابت سوچيندي ھن پاڻ سان ڳالھايو.

”اھا مِني تہ ڪونہ ھئي...؟“

نہ... نہ... اھا مِنيءَ جي ھمشڪل ھئي،ھن سوال جو جواب پنھنجي ذھن ۾ ورجايو ۽ جھٽ گھڙيءَ جي لاءِ ماٺ ٿي ويو،ڪيس وڏيڪ ھن ڳالھ پريشان ٿي ڪيس تہ،

جي... مِني نہ ھئي، تہ پوءِ اتي ئي ڪنوار جي پرسان ويني ھجي ھا، اتي غائب ڪيڏانھن ٿي وئي.

اھا ڳالھ سوچيندي ڪيس مٽي ۾ ھلڪو سور پيدا ٿيو،جيڪو وڌندو رھيس. ھن ٻئي اکيون ٻوٽي، مٽي تي ھٿ ڏئي ڪرسيءَ تي ٽيڪ ڏني. سارنگ کي ان حالت ۾ رمون ويني ڏٺو ۽ ڪوپ بہ ڌوتائين پئي. پوءِ رمون کان رھيو نہ ٿيو، اتي وجي استاد اڪبر کي چوڻ لڳو .

”استاد... استاد“

”ڇا آھي رمون، رڙنہ ڪر.“ استاد اڪبر ٻاٽي ۾ پتي وارو چمچو وجھي گھمائيندي جواب ڏنو. پر رمون ڏي نھاريائين ڪونہ، رمون وري چوڻ لڳس.

استاد! تو جنهن گراهڪ کي چانهه ڏني، اهو متي کي هٿ ڏئي ڪرسيءَ تي ڪنڌ لاڙي وينو اٿئي. تڏهن چوندو آهيان، خيال سان چانهه ناهِ پريل بيڙيءَ جا سوٽا نه هڻندو ڪر...

رمون جا اهي لفظ، جيئن استاد اڪبر هوٽل ۾نهاريو ته سارنگ کي ڏسندي ڇرڪي ويو، رمون کي چوڻ لڳو.

ڇورا! چانهه کي ڏس ٻڙڪو ڏي، هارجي نه وڃي، مان گراهڪ کي ڏسي اچان.

استاد اڪبر تکڙي وک کڻندو، سارنگ جي پرسان اچي ٿورو جهڪي چوڻ لڳو.

اي نوجوان! هن جا لفظ سارنگ ڪونه ٻڌا ته پوءِ وڏي آواز ۾ استاد اڪبر چيو.

اي نوجوان! سارنگ متي تان هٿ هيٺ لاهي ڪنڌ متي ڪٽي نهاريو... استاد اڪبر هن جون اکيون ڳاڙهيون ڏسندي ڇرڪي پيو.

هي نوجوان ته نشوڪري وينو آهي...

نه... نه... شڪل مان اهڙو نه ٿو لڳي. سوير مون سان ڏاڍي سني ۽ سهڻي انداز ۾ ڪچهري ڪئي هئي. استاد اڪبر دل ۾ چئي سارنگ جي منهن ۾ نهاري ڏاڍو پيار پرئي انداز ۾ چوڻ لڳو.

ادا! خير ته آهي، سڄو پگهرجي ويو آهين ۽ تنهنجيون اکيون ڳاڙهيون آهن؟

سارنگ چپن تي مرڪ آڻڻ جي ڪوشش ڪندي، وري پاڻ کي سنڀاليندي سڌو ٿي ورائيو.

ها... طبعيت نيڪ آهي، رات جو سئوٽ احمد جي شادي هئي، سڄي رات ڪچهريءَ ۽ ڪل ڀوڳ ڪندي گذري، ننڊ جو هڪ پل نه ڪري سگهيس، تنهن ڪري متي ۾ هلڪو سور ٿيو، ۽ اکيون ٻوٽي آرام ٿي ڪيم.

”ڇا...! احمد جو سوٽ آهين؟“

”ها...“ سارنگ مُرڪي جواب ڏنو ته استاد اڪبر جي پيٽ ۾ ساهه پئجي ويو. هي پاڻ احمد جو سڏ پري آيو هو ۽ ان ئي پاڙي ۾ گهر هوس.

پيئو! پاڻيءَ جو گلاس پي، منهن تي پاڻي جو ڇنڊو هڻ ته ننڊ جا اِهي خمار لَهن، مان تنهنجي لاءِ ناهوڪي منڙي چانهه ناهي اچان ٿو. ائين چئي استاد اڪبر هليو ويو.اڌ ڪلاڪ کان پوءِ سارنگ چانهه پي اٿيو. هي استاد اڪبر سان هٿ ملائي هوٽل کان ٻاهر نڪري ڇني جي طرف اچي رهيو هو ته رستي ۾ هن کي سليم مليو. جنهن سارنگ کي ڏسندي پنهنجي چهري تي مسڪراهٽ آڻي هٿ ملائي چيو.

”ادا سارنگ! ڪاڏي هليو وئين...؟“

سليم! پريشان ڇو آهين، مان ڪو ننڍو ٻار آهيان جو گم ٿي وڃان ها.

واهه... سارنگ... واهه، فجر جي مهل کان غائب آهين، هرڪو توکي ڏسڻ ۽ ملڻ لاءِ پريشان آهي. تون الائي جو ڪاٿي گهمندو رهين ٿو.

”انهن ڳالهين کي ڇڏ... هلڻ جي ڪر“ سارنگ سنجيدگيءَ سان ورائيو، پوءِ

ڪچهريءَ ۾ لڳي ويا.

جڏهن رات ٿي تہ سارنگ گهوٽ جي گهر آيو. ماءُ جي پير ۾ ويهي چوڻ لڳو... ”امان... صبح جو سويري وڃڻو آهي“.

”پُٽ.... ڇو خير تہ آهي“

”امان..... هلڻو آهي“ سارنگ بيچين ٿيندي چيو، پر اها ڳالهہ سندس ماءُ ڪي نہ وڻي پوءِ آهستي پُٽ کي سمجهائيندي چيائين.

”پُٽ.... سياڻي ڪونہ هلنداسين....، گهوٽ ۽ ڪنوار جي نڪيتي ڪري پوءِ هلنداسين.“ تڪڙ نہ ڪر ماڻهو ڇا چوندا..!!؟“

ماءُ جا اهي لفظ ٻُڌي سارنگ ماٺ ٿي ويو، پوءِ ٻاهر نڪري ڇني ۾ آيو.

# باب چوٿون

سارنگ اڳين ڏينهن شام جو مٽن مائٽن ۽ عزيزن دوستن کان موڪلائي ماءُ سان گڏ گهر آيو. هن جي طبعيت ٺيڪ نه هئي،جيترا ڏينهن شاديءَ ۾ هيو رات جو بخار ايندو رهيس، اهو مسلسل رات جي وقت ايندو هو. هن ڪنهن ڊاڪٽر کي ڪونه ڏيکاريو. هن جي ڇهري کي ماءُ ڏسندي ڏکاري ٿي چوڻ لڳس.

سارنگ! تنهنجي طبعيت گهڻي خراب ٿي ڏسڻ ۾ اچي، پاڻ واري دوست ڊاڪٽر مختيار کي ڏيکارين ڇو نه ٿو... ڪٿي تپ هڏن ۾ وهجي نه وڃئي.

امان! اهڙي ڳالهه ڪانهي، توهان پاڻ ڏٺو، شاديءَ ۾ چار پنج ڏينهن ڪيئن گذريا. گوڙ شور ۾ مان پوري ننڊ ڪري نه سگهيو آهيان، تنهن ڪري بدن ۾ هلڪو سور ۽ بخار برابر آهي، رات آرام ڪندس ته ٺيڪ ٿي ويندس.

هن جا اهي لفظ ٻڌي ماءُ کيس وڌيڪ ڪونه چيو، پر اندر منجهه اهو الڪو ورائي ويس ته سارنگ جي طبعيت گهڻي خراب آهي، هي سچي ڪونه ٿو ڪري ضدي آهي، اتي ٻه ڊاڪٽر کي ڪونه ڏيکاريو هوندائين ۽ هينئر به ڊاڪٽر مختيار کي ڏيکارڻ نه ٿووجي، رات جو پرگهور لهندي مانس. هن جي ماءُ دل ۾ چئي گهر جي ڪم ڪار سان لڳي وئي.

رات جوڇت تي اچي هي مِنيءَ جو انتظآر ڪندو رهيو، ڪنهن وقت جسم ۾ سيءَ سان گڏ بخار تيز لڳس، بخار وڌندو ٿي ويس، هاڻ هن کان گهڻو ويهڻ نه پيو ٿئي، مٽي ۾ سور جون ٽاٽون ايرڻ لڳس، بخار جي ڪري اکين مان پاڻي وهڻ لڳس، کٽ تي سمهي پيو... مِنيءَ بابت سوچيندو پَلوڙي ڏي نهاريندو رهيو ته اکين اڳيان اونداهي اچي ويس. گهڻي بخار جي ڪري اکيون ٻوٽجي ويس سيءَ کان هن پنهنجي مٿان رلي وجهي ڇڏي ته هوا تي گهري ننڊ اچي ويس.

مِني ڇت تي اچي شام جي وقت ماءُ پيءُ سان ٽيل ڪچهريءَ بابت سوچڻ لڳي.

مِني پٽ! مالڪ مڪان کان ايڊوانس جا پئسا وني ڇڏيا آهن، ڪالهه ۽ اڄ تنهنجي ڪري نه هلياسين، هاڻ تون نيڪ آهين، وڌيڪ چوان ڪونه ٿو.مِني اهي لفظ ٻڌي ماٺ ٿي وئي هئي، پوءِ هن پيءُ کي چيو.

”بابا جيئن توهان جي مرضي.“ دل تي پٿر ٻڌي اهي لفظ چياهئا. کيس سارنگ جو پتو به ڪونه پئجي سگهيو هو ته ڪيڏانهن هليو ويو آهي، الائجي وري ڪڏهن اچي.هن جي ذهن ۾ پيءُ جو اهو جملو ڦري آيو، مِني! توکي تڪليف ڪانه ٿيندي، مون موٽر ياڙي تي ڪري ڇڏي آهي، حيدرآباد وڏو شهر آهي، اتي سنا سنا ڊاڪٽر آهن تن کان تنهنجو علاج ڪرائيندس.مِني پاڻ کي خيالن مان ڇڏائي کٽ تي اٿي ويهي رهي، آسمان

۾ تارن کي ڏسي ان گهڙيءَ جو بي چيني سان انتظار ڪرڻ لڳي، جنهن وقت پَلوڙو ٽپي سارنگ ڏي ويندي هئي وقت گذرندو رهيو. جڏهن رات جي خاموشي اونداهي هر شيءِ کي پنهنجي گهيري ۾ آڻي ڇڏيو.تہ مِني اٿي پَلوڙو ٽپڻ جي تياري ڪئي. هيءَ ڏاڪڻ جو دروازو ڇت واري پاسي کان بند ڪري پَلوڙو ٽپي وري ماسي صابل جو پَلوڙو ٽپي هوري هوري هلندي سارنگ جي ڇت واري پَلوڙي وٽ آئي ۽ نهارڻ لڳي تہ سارنگ کي کٽ تي ستل ڏسي من ۾ خوشي پرجي آيس. سارنگ کي ڏسندي خوشيءَ کان سوچيندي رهي.

سارنگ! اڄ توسان کوڙ ساريون ڳالهيون ڪرڻيون آهن، شادي جي باري ۾ بہ. ائين چئي ماڻ ٿي وئي پر هن جي چپن تي مرڪ اجان پکڙيل هئي.

سارنگ! توکي اڄ پنهنجي زندگيءَ بابت ٻڌائيندس تہ آءٌ ڪير آهيان. پر تنهنجي آهيان ، تو کان سواءِ زنده رهي نہ ٿي سگهان. پوءِ سارنگ کي ڏسي هلڪي آواز ۾ ”ڇڇ... ڇڇ“ ڪيائين، پر سارنگ جي ڪن تي هن جو آواز ڪونہ پهتو، مِني ڪيس ٻيهر آواز ڏيڻ بجاءِ اهو سوچي بيني، شايد... سارنگ کي ننڊ اچي وئي آهي، تنهن ڪري آواز نہ پيو ٻڌي، پوءِ پَلوڙو ٽپي سارنگ جي کٽ وٽ آئي ڪيس گهري ننڊ ۾ ڏسندي هيءَ پرسان ويهي جيئن سارنگ جي مٿي تي هٿ رکيائين تہ رڙ نڪري ويس.

”الا... هي چا... ايڏو بخار.“

ان آواز تي سارنگ جون پنبڙيون مٿي ٿيون، مِني اهو ڏسي خوش ٿيندي.

”سارنگ! اکيون پَٽِ آءٌ مِني آهيان.“

”مِني“ سارنگ هيٺي ۽ منجهيل آواز ۾ چئي، وري اکيون پوري ڇڏيون. مِني هن جي منهن تي هٿ ڦيري ٿورو جهڪي چوڻ لڳي.

”ها... سارنگ! مِني... تنهنجي مِني“ پوءِ بہ سارنگ اکيون ڪونہ پٽيون. اهڙي حالت تي مِنيءَ جي اکين مان ڳوڙها ڪري پيا، جيڪي سارنگ جي منهن تي ڪريا تہ هن اکيون پٽيون مِني ڏي نهاري چپن تي مرڪ آڻڻ جي ڪوشش ڪئي، پر مٿي ۾ سور ۽ بخار ايترو هوس جو وڌيڪ ڳالهائي نہ سگهيو، ٻئي ٻانهون ورائي مِنيءَ کي ڀاڪر ۾ ڪيائين

”مِني... تون“

”ها... سارنگ آءٌ آهيان، ڏس آئي آهيان، پر تو هيءَ پنهنجي حالت ڪهڙي بڻائي ڇڏي آهي؟“اڄ تو سان کوڙ ساريون من جون ڳالهيون ڪرڻ ۽ شادي لاءِ پروگرام جوڙڻ آئي آهيان، ”پر تون ...“ مني ائين چئي ڏک ۾ پرجي وئي، ايتري ۾سارنگ جي جسم ۾ ڏڪڻي پيدا ٿي، مِني اٿي کٽ جي پيرانديءَ کان رلي ڪڍي سارنگ جي مٿان وجهي پر ۾ آهلي ڳالهائڻ لڳي.

سارنگ! اکيون پَٽِ، ٿورو ڳالهاءَ تہ سهي...“

سارنگ آهستي چپن ۾ چيو. ”مِني“ پوءِ گهري ننڊ ۾ پئجي ويو. هن جي اها حالت ڏسندي روئيندي چنبڙي پيس پر اوچتو مِنيءَ کي خيال آيو ته ڪو ڏاڪڻ تان ڇت جي طرف اچي رهيو آهي. هيءَ سارنگ جي پاسي مان اٿي ڪٽ جي هينان گهڙي وئي ۽ ڇت جي ڏاڪڻ طرف نهارڻ لڳي.

چند منٽ مس گذريا ته هن کي ڇت جي ڏاڪڻ کان عورت جو پاڇو ڪٽ ڏانهن وڌندو نظر آيو، هيءَ پاڻ کي مضبوط ڪري ان عورت جي پيرن ۾ ڏسندي رهي، پير ڪنهن ننڍي نيٽي ڇوڪريءَ جا نه هئا، پر وڏي عمر وارري عورت جا ڏسڻ ۾ آيس، ته سندس بت ۾ ساهه پئجي ويس ۽ سمجهي وئي ته اها سارنگ جي ماءُ هوندي، جيڪا پٽ جي سار لهڻ آئي آهي. سارنگ جي ماءُ پٽ جي متي تي هٿ رکيو ته دانهن نڪري ويس ”هي ڇا... ايڏو بخار“ ان دانهن تي مِنيءَ کان ڇرڪ نڪري ويو، اڄ پهريون ڀيرو هو جو مِنيءَ کي ائين محسوس ٿيو، ڄڻ دل ٽپا ڏئي سيني کان ٻاهر اچڻ جي پئي ڪري. هيءَ پاڻ کي مضبوط ڪندي، چپ ڪري ويني ته هن جي ڪن تي آواز آيو.

”پٽ توکي ايڏو بخار آهي.“سارنگ جي ماءُ پٽ جي اهڙي حالت ڏسندي پريشان ٿي وئي ۽ سوچڻ لڳي.

”شايد بخار دماغ تي چڙهي ويو اٿس.“

اهي لفظ مِني ٻڌا ته اندر ۾ سڏڪو پريائين، ڳوڙها اکين مان ڳڙي پيس. جيڪي ڇت تي ڪرندا متيءَ ۾ جزب ٿيندا ويا. هوءَ پنهنجي جذبن کي ڏاڍي بهادري سان روڪي ويني هئي.سارنگ جي ماءُ پٽ کي اٿاريندي آواز ڏنو.

”سارنگ...! او..... سارنگ! اکيون پَٽِ...“

سارنگ اکيون پٽيون ته ماءُ چيس.”اَبا...! اٿي هيٺ هل بخار ڏاڍو تي ويو اٿئي. متي تي پٽيون رکانءِ... پٺين کي چوان ٿي ته ڊاڪٽر مختيار کي گهران وٺي اچي“ ائين چئي سارنگ کي اٿاري پنهنجي ياکر ۾ ڪري ڇت جي طرف هلندي وئي. ڏاڪڻ وٽ اچي هيڏانهن هوڏانهن نهاري وري هيٺ ڏاڪڻ جي طرف ڏسي لهڻ لڳي. سارنگ هوري هوري پير کڻندو هيٺ لهندو ويو.

جڏهن مِنيءَ اهو محسوس ڪيو ته هي هيٺ ويا آهن، پوءِ ڪٽ جي هينان نڪري سارنگ جي ڪٽ تي نهاري بيهي رهي. اندر جا سڏڪا ڳوڙهن جي صورت ۾ اکين مان وهندا ريس. وري ڪيس خيال آيس ته ”سارنگ جي ماءُ بسترو کڻڻ ۽ جاچ ڪرڻ جي لاءِ ڇت تي چڙهي نه اچي“دل ۾ اهو دليل ڊوڙائي پَلوڙو ٽپي ماسي صابل جي گهر جي ڇت تي اچي پَلوڙي تي هٿ رکي سارنگ جي ڪٽ ڏي نهاريندي روئيندي رهي.

”سارنگ! تو پاڻ سان ڇا ڪيو...“

”ڪهڙي حالت بڻائي اٿئي...؟“

هو ڏک وچان گهڻو سارنگ جي ڪٽ ڏي نهاري نه سگهي. من ۾ روئيندي پَلوڙا

ٿپندي پنهنجي ڇت تي اچي سڏڪا پريندي ڪٽ تي ويهي رهي. آسمان ۾ بادل ڇانئجي ويا، شايد انهن ڪڪرن کي مِنيءَ تي ڪهل اچي وئي، اهي وسڻ شروع ٿي ويا.

مِني ڪٽ تي سمهي رهي. برسات ۾ پسندي رهي... هن جي دل سارنگ جي بابت سوچيندي رهي، ڪيس اهو خيال ئي نہ رهيو تہ ڪا سڄي برسات ۾ پسي وئي آ، ڪپڙا جسم سان چنبڙي پيا اٿس، ٿڌڙي هوا هن جي جسم کي ڏڪائيندي رهي. اوچتو هن جي ڪن تي آواز آيو...

ڏيءَ... مِني... هيٺ لهي آ...

هيءَ ماءُ جو آواز ٻڌي اٿي ويهي رهي، ڏاڪڻ جي در ڏانهن ڏٺائين، جيڪو بند هو، درجي جي وٿيءَ مان وري آواز آيو...

مِني! در کول، ڪيڏي برسات پئجي وئي آهي، تون اجان ستي پئي آهين.“

هيءَ پاڻ کي سنڀالي اکيون مهٽي رئي جي پلاند سان منهن اگهي در وٽ آئي، در کوليائين تہ سامهون ماءُ کي ڏسندي پريشان ٿي وئي. مِنيءَ جي چهري تي پريشانين جي لڪيرن جي ڪهاڻي کي سمجهي نہ سگهي ۽ چوڻ لڳس، ڏيءَ! اجان برسات ۾ ستي پئي آهين . هيٺ هل پسيل ڪپڙا مٽاءِ، ڪٿي ٿڌ نہ لڳئي، آءٌ بسترو کڻي اچان ٿي. مِني ٿڌو ساهہ پري ، هيءَ هيٺ اچي ڪمري ۾ ڪپڙا بدلائي ڪٽ تي ويهي سارنگ جي بابت سوچيندي رهي. ذهن ۾ سوچن جي مانڌاڻ مچي ويس، جيڪي بي چين ڪندا رهيس، ڪجهہ سمجهہ ۾ آيس نہ ٿي، ڪٽ تان اٿي ڪمري جي در وٽ اچي بيهي رهي، اڱڻ تي پوندڙ مينهن جي ڪڻين جو آواز هن جي من کي وڏيڪ ڳڻتين ۾ وجهندو رهيو.

سارنگ جي طبعيت الائجي ڪيئن هوندي...!؟”

هاڻي حال احوال اورڻ ڪانسواءِ ڪيئن وڃان...! ائين ويندس تہ مياري ٿي پوندس، پوءِ ضمير جي بار هيٺ جيئڻ جنجال ٿي ويندو.

هيءَ سوچيندي دل ۾ اهي دليل ويڙهائيندي اچي ڪٽ تي ويهي رهي، وري اٿي ڪمري ۾ هلندي در وٽ آئي تہ هن کي پيءُ ماءُ جو آواز ٻڌڻ ۾ آيو تہ ڌيان ڏئي انهن جون ڳالهيون ٻڌڻ لڳي، جيڪي پاڻ ۾ بحث ڪري رهيا هئا. مِنيءَ جي ماءُ مڙس کي چئي رهي هئي.

”مِنيءَ جا پيءُ، تو موٽر واري کي چيو آهي، اهو صبح جو ايندو...؟

ها... ضرور ايندو، ڪيس، بياني جا پئسا ڏئي ڇڏيا آهن.

مِنيءَ جي ماءُ ڪجهہ سوچيندي چوڻ لڳي.

پر... برسات بند ٿيڻ جو نالو ئي نہ ٿي وٺي، هيترو سامان ڪيئن کڻائي هلنداسين، مينهن ڇڪ ۾ رستي جي حالت ڪهڙي ٿي وئي هوندي، ڪٿي رڻ ۾ رلي نہ پئون...

مِنيءَ جي پيءُ اهي لفظ ٻڌندي ماٺ ٿي ويو، ڪيس اهو ويچار ورائي ويس تہ موٽر واري کي پاڙو ڏئي ڇڏيو آهي، چند ڪلاڪن کان پوءِ اچي نڪرندو... هي دل ۾ اهو

خيال ڪري مِنيءَ جي ماءُ کي چيو.

تون... ڳالهه ٺيڪ پئي ڪرين، جي ڊرائيور آيو ته ڪيس چوندس ”مينهن جهڪو ٿئي ته هلنداسين“، پوءِ هو پئسا واپس نه ڪندو، پر... مِنيءَ جي ماءُ جذباتي ٿيندي وراڻيو.

پر... اڃي ته جواب ڏئي ڇڏينس...

چڱو صبح ٿئي ته ڏسنداسين.

مِني اهي لفظ ٻڌي ٽٽو ساهه پريو ۽ خوشيءَ مان هن جي اکين مان ڳوڙها ڪري پيا، چپن ۾ آهستي چيائين ”سنو ٿيو جو برسات پئجي وئي، هاڻ سارنگ سان ملڻ جو موقعو ملي ويندو.“چند گهڙين کان پوءِ برسات بيهي وئي، آسمان صاف ٿي ويو، سج جا ڪرڻا ڌرتيءَ جي آلي وجود مٿان ڪرندا رهيا.

مِنيءَ جو پيءُ چانهه جو ڪوپ ڪٽي سرڪي پري ته ٻاهرين در تي ٺڪ... ٺڪ جو آواز ٿيو، هي اٿي ٻاهرهليو ويو، در کوليائين ته سامهو موٽر واري کي ڏٺائين، جيڪو گاڏي ڪاهي آيو هو، هن سان گڏ هڪڙو ڇوڪرو بينو هو، ڊرائيور وڌي اچي مِنيءَ جي پيءُ سان هٿ ملائيندي چوڻ لڳو.

سائين! توهان جي واعدي تي آيو آهيان. پر اڄ هلڻ جهڙو ڏينهن ناهي جو برسات گهڻي پئي آهي، رستي ۾ ڏکيائي ٿي پوندي.

پوءِ...؟.

سائين.! اڄوڪو ڏينهن ترسي ٿا پئون، جي شام جو ۽ رات جو برسات نه پئي ته مان صبح جو سوير موٽر ڪاهي ايندس ۽ هڪ ٻه مزدور سامان رکرائڻ لاءِ وٺي ايندس ۽ هي ڇوڪرو پاڻ سان هلندو، هن کي پوپان سامان جي سنڀال لاءِ ويهاري ڪٽي هلندس.

ادا... جيئن تنهنجي مرضي. ائين چئي مِنيءَ جو پيءُ واپس آيو ته سامهون گهر واريءَ کي ڏسندي چيو، ڊرائيور آيو هو چيائين برسات وسڻ جي ڪري رستي جي حالت خراب هوندي، شام جو يا رات جو برسات نه پئي ته مان صبح جو سوير پهچي ويندس، سامان رکرائڻ لاءِ ٻه مزدور وٺي ايندس.

مِنيءَ جي ماءُ اهي لفظ ٻڌي خوشيءَ مان چوڻ لڳي.

آءٌ چوان پئي، سامان جهجهو آهي، رستو خراب هوندو، سنو ٿيو جو ڊرائيور پاڻ ئي جواب ڏئي ويو.

ڪمري جي روشندان مان سج جا ڪرڻا اچي اندر روشني پکيڙيندا ٿي رهيا. مِنيءَ جي اک کلي وئي، هيءَ اٿي واش روم ڏي وئي، هٿ منهن ڌوئي برش ڪري موٽي آئي. ڪمري مان نڪري بورچي خاني ڏي اچڻ لڳي ته، هن ماءُ کي چلهه تي ماني پچائيندي ڏسي دل ۾ چيو. ”اڄوڪو ڏينهن ملي ويو“، پوءِ رڌڻي جي دروازي وٽ اچي ماءُ کي خوشيءَ مان ڏسندي چيائين.

امان...!

ڏيءَ! اٿي آئينءَ... سٺيو ٺيو... اڄ اسين نہ هلنداسين، ڊرائيور هاڻ سياڻي ايندو، پر جي برسات شام جو يا رات پئجي وئي تہ پوءِ ڪونہ هلنداسين.

مِني خوشيءَ مان ماءُ کي ڏسي ان جي پرسان ننڍڙي ڪاٺ جي منجي تي ويهي رهي، مرڪ هن جي چپن تي رقص ڪندي رهي.

اهو سڄو ڏهاڙو سارنگ جي انتظار ۾ گذاريو، ان جا ئي خيال ذهن ۾ اَٽيندي هلندي رهي، رات جو هي ماني کائي ڇت تي آئي، ڏاڪڻ وارو دروازو بند ڪري کٽ تي ويهي رهي. ٿوري اونداهي ٿي تہ پَلوڙو ٽپي، وري ٻيو پَلوڙو ٽپي ماسي صابل جي گهر جي ڇت تي آئي، هوري هوري اچي پَلوڙي ڪان ٻيهي سارنگ کي ڏسڻ لڳي تہ کٽ خالي نظر آئي، نہ ڪو سارنگ هو، نہ ئي بسترو هو، هن کي چڪر اچي ويو، ذهن ۾ سوال واچوڙي جيان ڦرندا هن جي دماغ کي چڪر ڏياريندا رهيا، هيءَ گهڻو وقت سارنگ جي خالي کٽ کي ڏسي نہ سگهي، پوءِ پَلوڙي جي ڪنڌ ۾ اچي ويهي سارنگ جي اچڻ جو انتظار ڪرڻ لڳي. پَلوڙي جي سوراخ مان ڇت جي طرف نهاريندي رهي، اوچتو هن سارنگ جي کٽ وٽ هڪ عورت کي ڏٺائين، هن جي دل تيز ڌڙڪڻ لڳي، هيءَ سمجهي وئي اها سارنگ جي ماءُ آهي، اهو خيال ڪندي خوف ورائي ويس، ڪتي مونکي ڏسي تہ ڪونہ ورتو اٿائين.

نہ... نہ... هوءَ پنهنجي خيال سان ڇت تي آئي هوندي. هيءَ پاڻ کي دلاسو ڏئي ماٺ ڪري ويهي سوراخ مان ڏسندي رهي، ڪجهہ گهڙيءَ کان پوءِ جڏهن پڪ ٿي ويس تہ سارنگ جي ماءُ ڇت تان لهي وئي هوندي، پوءِ اٿي ٿورو جهڪي هوري هوري وک کڻندي پَلوڙا ٽپي پنهنجي ڇت تي آئي، کٽ تي ويهندي هن کي اداسي وڻ ويڙهي جيان وڪوڙي وئي، اکين مان بيوسيءَ جا ڳوڙها ڪري پيس، هاڻ ڪريان تہ ڪيئن ڪريان...؟ سارنگ سان من جي ڳالهڙي ڪري نہ سگهيس... مِني اهي ويچار آٿي آسمان ڏي ڏسي ٽڙو ساهہ پري من ۾ چوڻ لڳي.

"برسات وسي پوي ها تہ سياڻي ڪو ڏينهن ملي وڃي ها. من سارنگ سان ملاقات ٿي پوي ها..." مِني ٽڙو ساهہ پري اکين مان وهندڙ ڳوڙهن کي اگهڻ نہ ٿي چاهيو ۽ روئيندي من ۾ چوندي رهي، هڪ پيرو دل جي ڳالهہ ڪري وڃهان ها... هاڻ دل جي آس دل ۾ رهجي وئي، الائجي ڪيئن ڏينهڙا سارنگ ڪانسواءِ گهاريندس. مِني روئيندي ڳوڙهن سان برسات جيان پاڻ کي پسائيندي اندر منجهہ سڏڪو پري دل ۾ چوڻ لڳي، اچڻ وارو سڄ جيڪو رات جي چائنٺ تي بيٺو آهي، هاڻ سڄڻ جي شهر ۾ اسان جو آخري صبح آهي.

***

سارنگ جي ماءُ پٽ جي حالت ڏسندي ڏک ۾ پرجي وئي. ٻن ڏينهن کان وٺي سارنگ کي بخار هو، ڪنهن وقت گهڻو تيز ٿي ويندو هوس ته ڪنهن گهڙي لهي ٿي ويس. پٽ کي ڏسندي ڏک ۾ پرجي وئي، دل ۾ چوڻ لڳي.

"ٻچڙي کي الائجي ڪهڙو روڳ لڳي ويو آهي..!؟"

هيءَ سارنگ کي نرڙ تي ٿڌي پاڻيءَ جون پٽيون ڪندي رهي، آهستي آهستي سارنگ جو بخار جهڪو ٿيندو ويو، هن اڪيون پٽيون ماءُ کي ڏسندي.

"امان..."

"جي اَبا... چئو"

"پاڻي..."

"ها آڻيان ٿي..." پٽ جو بخار جهڪو ٿيندي ڏسي ٻئي ڪمري ۾ مڙس ڏانهن وئي، جيڪو ويٺو سگريٽ ڇڪي رهيو هو.

"او خالد...!"

"جي... چئو..."

تون ڊاڪٽر مختيار کي وٺي اچ، ڪالهه جيڪي دوائون ٻڌائي ويو، انهن مان ايڏو فائدو ٿيو ڪونهي، بخار ڪنهن مهل گهڻو تيز ته ڪنهن گهڙيءَ صفا لهيو ٿو وڃي. هينئر پٽيون ڪيون اٿمانس تڏهن بخار لٿو اٿس. تون ڊاڪٽر کي وٺي آ، مان سارنگ کي پاڻي پياريان.

"جي..." ائين چئي خالد اٿي پٽ ڏانهن آيو، سارنگ ٿورو مرڪي پيءُ کي ڏٺو.

"پٽ! ڪيئن طبعيت آهي".

بابا! هاڻ بهتر آهي، بخار لٿو آ. ٿوري بک به لڳي آهي. امان پاڻي پياري وئي، چيومانس چانهه بسڪوٽ آڻي ڏي.

خالد پٽ جي نرڙ تي هٿ رکي هڪ دوست جيان مرڪي ٻانهن تي هٿ رکي پوءِ هٿ کي زور ڏيندي چيو. هاڻي بخار ۾ پاڙي ٿيو آهين، دل وڏي ڪر... خوش ٿي ته دل واريون ڳالهيون ڪنداسين. مان ڏسان ٿو من ۾ ڪوماڻو پيو هلين، ٻيلي ائين دلگير نه ٿي. سڏائين دوست ۽ دل واري ڳالهه ڪونه ٿو ٻڌائين.اهي لفظ ٻڌي سارنگ مرڪي ڏٺو.

ايتري ۾ سارنگ جي ماءُ اندر آئي ته پيءُ ۽ پٽ کي هڪٻئي سان ڳالهائيندي مسڪرائيندي ڏسي، پاڻ به مرڪي ڏنائين، پوءِ مڙس ڏانهن نهاريندي . خالد .!. پٽ سان

ڪهڙيون ڪل پوڳ واريون ڳالهيون پيو ڪرين مونکي بہ ڪجھ ٻڌاءِ .“ گهر واريءَ ڏانهن ڏسي خالد چيو.

”صفيہ! ڪهڙيون ڳالهيون ، بس ائين پيا مسڪرائيون.“ ڳالهيون تہ ڳجھ واريون توسان ڪندو آهيان، پوءِ چڙي پوندي آهين.پرچائڻو بہ مونکي پوندو آهي.“ صفيہ منهن ۾ گهنڊ وجهي چوڻ لڳي . خالد ڪجھ شرم ڏار جوان پٽ وينو آهي.

ها... ها... تون پٽ کي ناشتو ڪراءِ تہ مان ڊاڪٽر کي وٺي اچان ٿو.

خالد ٻاهر نڪري هليو ويو، سارنگ کي چانهہ ۽ بسڪوٽ ماءُ آڻي ڏنا، پوءِ ڪمري جي صفائيءَ ۾ لڳي وئي. پٽ کي ڏسندي دل ۾ خوش ٿيندي چوڻ لڳي.

”هاڻ ٻچڙو ٺيڪ آهي، مان اجائي دل ۾ ڊاڪٽر مختيار تي ڪاوڙ ڪيون پئي وتان.
“

چند گهڙين کان پوءِ ڊاڪٽر مختيار آيو، سارنگ کي تپاسيو.

ساٿي! معمولي بخار ۾ دل هاري وينو آهين.

”نہ... ڊاڪٽر!“ سارنگ مرڪي وراڻي ڏني.

ڊاڪٽر! پرچيءَ تي ڪنگهہ ۽ ڇاتي صاف ڪرڻ وارو شربت لکندي خالد ڏانهن نهاريو.

چاچا! هينئر نوانوي ڊگري بخار اٿس، فڪر جي ڳالهہ ڪانهي، اهي دوائون هڪ بہ ڏينهن ڪارائيندا رهوس، باقي هن جي جسم ۾ هيٺائي ڪجھ ڏينهن هلندي. اها بہ جلدي ختم ٿي ويندي.مون ڪالهہ توهان کي جيڪي دوائون لکي ڏنيون، اهي بہ ڏيندا اچو. هن کي سخت آرام جي ضرورت آهي، باقي توهين گهبرايو نہ...

سارنگ مرڪيو تہ ڊاڪٽر مختيار ڪيس هٿ ملايو، پوءِ ڊاڪٽر کي خالد ڇڏڻ هليو ويو.

سارنگ جي طبعيت ڪنهن وقت سڌري ويندي هئي تہ ڪنهن وقت ڏاڍي خراب ٿي ويندي هئس. هي ڇت تي سڄي سڄي رات مِنيءَ جي خيالن ۾ جاڳندو رهندو. پَلوڙي وٽ اچي مِنيءَ کي ڳوليندو هو. مِنيءَ جي يادن ۾ اوجاڳن هن کي هيڻو ڪري ڇڏيو هو. هن جي ڇهري تان زندگيءَ جي مرڪ غائب ٿي وئي، ڏينهن هفتن ۾ گذري ويا... هن جي ڪنهن بہ شيءَ سان دل نہ پئي لڳي، اسڪول ۾ ڪنهن سان گهڻو نہ ڳالهائڻ، چپ رهڻ، هفتو هفتو ڏاڙهي وڌي ويندي هئس، اسڪول کان پوءِ پاڙي وارين گهٽين ۾ گهمندو رهندو هو ۽ مِنيءَ کي ڳوليندو رهندو... سارنگ جي اهڙيءَ حالت تي سندس ماءُ اندر ئي اندر منجھ جهرندي، ڳرندي وئي، ڪيترا دفعا پٽ کان ناچاڪائيءَ ۽ ويڳاڻپ بابت پڇيو هئائين، پر سارنگ جو جواب... ”امان! ڪا بہ اهڙي ڳالهہ ڪانهي، طبعيت ٺيڪ آهي.“ پوءِ هيءَ ماٺ ٿي ويندي هئي ۽ دل ۾ چوندي هئي ”سارنگ مون سان ڪوڙ ڳالهائي رهيو آهي.“ هڪ شام هيءَ پنهنجي مڙس خالد سان گڏ ڊاڪٽر مختيار جي ڪلينڪ تي آئي ۽

ڊاڪٽر کي چوڻ لڳي.

”پٽ مختيار! تون ڊاڪٽر آهي، سارنگ تنهنجو دوست آهي، ڏس پاڻ کي ڪيئن ڪري ڇڏيو اٿائين.“ ڊاڪٽر خاموشيءَ سان ٻڌندوسارنگ جي باري ۾ سوچيندو رهيو، ڊاڪٽر کي خيالن ۾ ڏسندي سارنگ جي ماءُ چوڻ لڳس.

”اَبُا مختيار! منهنجي ڳالهه ڌيان سان ٻڌين پيو...؟“

”ها... ماسي! توهان ٻڌايو... مان ٻڌان پيو...“

اَبا! تون ڪنهن ڏينهن پاڻ وٽ ويهاري دوا درمل به ڏينس ۽ ڪائنس من جي بيچينيءَ واري ڳالهه ڪڍي وٺ... مان پاڻ سارنگ جي باري ۾ سوچي سوچي بيمار ٿي پئي آهيان. هڪڙوئي ٻچڙو آهي، ڏينهن رات الڪي ۾ويني آهيان ڇا ڪريان .؟ ماءُ جا آندا پيا ڦٿڪن.

ماسي! توهين سارنگ جي شادي ڇو نه ٿا ڪرايو...؟

اَبا اها ڳالهه ڪئي اٿماس، پر هو ٽاري ٿو ڇڏي.هر ڀيري هڪ ئي جملو چوي ٿو . امان! مان شادي ڪونه ڪندس... ائين چئي هليو ويندو آهي. اسين ٻئي زال مڙس ان ڳالهه تي راضي آهيون ته سارنگ جتي به ۽ جنهن هنڌ چاهيندو کيس شادي ڪرائينداسين. پر ڪجهه ٻڌائي ته سهي. اسين شاديءَ جي ڳالهه ٿا ڪريون، هو ان ڳالهه کان ونئون ٿو وڃي.

”ماسي!“

”جي... ابا!“

توهان فڪر نه ڪريو... مون سارنگ ڏٺو آهي، مون هڪ ٻه دفعا سارنگ سان چانهه پيئڻ جي بهاني ڪچهري ڪئي آهي.

اَبا! پوءِ ڇا چيائين؟ سارنگ جي ماءُ اميد جو ڪرڙو ڏسندي خوشيءَ مان چيو.

ماسي! شاديءَ جي ڳالهه پڇي ڪونه آهي، نه ئي اهو خيال ذهن ۾ هيو، باقي طبعيت ۽ اداس اداس رهڻ جي باري ۾ پڇيو هومانس اهي لفظ ٻڌي خالده ويچار ۾ ويڙهجي ويئي ۽ سوچڻ لڳي.

شايد ڊاڪٽر کي ٻڌايو اٿائين ڊاڪٽر ڪجهه سوچي چوڻ لڳو.

ماسي! توهان جي ڳالهه ٻڌي ۽ سمجهه ۾ آئي آهي، توهان بي فڪر ٿي ويهو، هاڻ اهو منهنجو ڪم آهي.

سارنگ جي ماءُ ۽ پيءُ خالد ڊاڪٽر جي صلاح سان متفق ٿي گهر هليا آيا.

ان ئي رات جو سارنگ جي ماسي ۽ ماسات هن جي گهر آيا هئا. سارنگ گهر ۾ ڪونه هو، سارنگ جي ماءُ ڊاڪٽر جي ڳالهه ۽ پٽ جي طبعيت جي باري ۾ ڀيڻ کي ٻڌايو، پوءِ چوڻ لڳس.

ادي بصران! سنو ٿيو جو آئي آهين ۽ سورٺ کي وٺي آئي آهين، نه ته مان اڪيلي

سوچي سوچي ٻچڙي بابت بيمار ٿي پئي آهيان.

صفيه اهو جملو پورو ڪيو ته سارنگ گهر ۾ داخل ٿيو، هي ماسي ۽ ماسات کي ڏسي هٿ ملائي چپ تي هليو ويو، سارنگ جي ڏاڙهي وڌيل ۽ چهري تي اداسي ڏسي بصران ڏک ۾ پرجي وئي.

ادي بصران! ڏنئي پاٽيجي کي.؟

”ها ڀيڻ..“

بصران ڏکاري انداز ۾ چئي، ماٺ ٿي وئي، پوءِ وري چوڻ لڳي.

تون... پٽ جي شادي ڪراءِ ڇڏ، مٿس بار پوندس ته سمجهي ويندو. هن عمر ۾ هر وڻ کي واءُ لڳندو آهي.پر تون گهٻراءِ نه...

واهه... ڀيڻ بصران واهه... مان ڳٽتي ڪيئن نه ڪريان، سارنگ شادي جي ڳالهه تي چڙي ٿو پوي. مان وجان ته ڪاڏي وجان ۽ ڪريان ته ڇا ڪريان...؟

سارنگ جي ماءُ ائين چئي سوالي نگاهن سان ڀيڻ بصران کي ڏٺو ته هوءَ به وڏي ڀيڻ جي نگاهن کي سمجهي وئي، پوءِ چوڻ لڳس.

ادي! وڏي ڀيڻ آهين، آءٌ ڪڏهن ڪم ايندس، منهنجي ڌيءَ سورٺ تنهنجي آهي ۽... ها... جيستائين سارنگ نيڪ ٿئي، تيسائين تو وٽ رهندي، تنهنجي دلڙي وندرجي ويندي ۽ ڪم ڪار ۾ تنهنجو هٿ ونڊائيندي، سارنگ جو به خيال رکندي.

بصران ائين چئي ٿڌو ساهه ڀريو. هن جي ذهن ۾ سارنگ جي حالت جو نقشو اڀري آيو ۽ اکين ۾ پاڻي ڀرجي ويس، پوءِ سارنگ جي ماءُ کي چوڻ لڳي.

ادي! هيٺو هاڻ نه ڪر نه ئي پاڻ کي جهور. سورٺ تو وٽ رهندي، هيءَ تنهنجي ٻچڙي آهي، سارنگ جي به پنهنجي آهي... جي پاڻ ۾ رلي ملي ٿا وڃن ته ٻيو مون کي ڇا گهرجي... سورٺ ماءُ جا اهي لفظ ٻڌي شرمائي هلي وئي. سورٺ نوجوان هئي، مهاندڻ ۾ سهڻي، ملوڪ، ڊگها وار، هوءَ ٻي ڪمري ۾ اچي شوڪيس اڳيان بيهي مرڪندي دل ۾ چوڻ لڳي.

سارنگ! توکي ڪهڙي خبر مان توکي ڪيترو چاهيندي آهيان... ها... ننڍپڻ کان وٺي، جڏهن گهٽين ۾ گهر جي اڱڻ ۾ ڊوڙندا راند ڪندا هئاسين... ائين چئي هن وارن کي ڦٽي ڏئي خيالن ۾ ماءُ ۽ ماسيءَ جي ڳالهين کي ورجائيندي، پنهنجي خوابن کي ساڀيان جي روپ ۾ ڏسندي ڏاڍي خوش ٿي. هوا تي لڏندڙ تارين جيان هن جو جوڀن خوشيءَ ۾ نچڻ لڳو، وار کولي ڪلهي جي اڳيان هڪ پاسي کان ڪيرائي، سارنگ سان ملڻ جي لاءِ ڏاڪڻ جا ڏاڪا چڙهندي، مشڪندي ڇت تي آئي ته سارنگ کيس ڏسي چرڪي ويو، جيڪو مِنيءَ جي خيالن ۾ پلوڙي ڏي نيهاريندو ٿي رهيو. پاڻ کي خيالن مان ڇڏائي سورٺ کي ڏسڻ لڳو. چنڊ جي چاندوڪيءَ سورٺ جي سونهن کي وڌيڪ ڪشش وارو بڻائي ڇڏيو هو. سارنگ کيس اڳي انهيءَ روپ ۾ ڪڏهن ڏٺو نه هو. هي

سورٺ جي ڇهري تان نگاهہ هٽائي مٽي چنڊ کي ڏٺائين، جنهن جو اڌ حصو ڪڪرن جي اوٽ ۾ لڪيل هو، وري ڪنڌ هيٺ ڪري سورٺ کي ڏسڻ لڳو تہ ڪيس سورٺ جي ڇهري جو اڌ حصو چنڊ جيان چمڪي رهيو هو، ٻيو حصو ڪارن گهاٽن وارن جي اوٽ ۾ ڪن ۽ ڳل ٻئي ڍڪيل هئا. هي جيئن ئي سورٺ جي نگاهہ سان نگاهہ ملائي تہ سورٺ هڪدم هن جي اکين جي ڇرپر کي محسوس ڪري ورتو ۽ ڪنڌ سان جهٽڪو ڏئي منهن تي ڪريل وارن کي ڪلهي جي پٺئين طرف اڇلايو، چند وار هن جي اک ۽ ڳل وٽ هوا تي لڏندا رهيا هئا. تنهن کي ساڄي هٿ سان هٽائي ڇڏيائين تہ سارنگ پنهنجو خيال سورٺ کان هٽائي مٽي آسمان ۾ ڏسڻ لڳو تہ چنڊ گهاٽن ڪڪرن جي گهيري مان آزادي تي چمڪندو رهيو. هن کي سورٺ جي اهڙي ادا ۽ انداز حيرت ۾ وڌو، جلديءَ ۾ پاڻ کي سنڀالي ڪٽ تي ويهي رهيو. هڪدم هن کي مِنيءَ جو ڇهرو ۽ پَلوڙو ٽپڻ وارو ڏيک ۽ مرڪڻ وارو انداز ياد اچي ويس. ”سورٺ اهو محسوس ڪيو تہ سارنگ خيالن ۾ گم ٿي ويو آهي، پوءِ آهستي منڙي آواز ۾ چوڻ لڳي.

”سارنگ!“

”جي... جي...“ سارنگ خيالن مان پاڻ ڇڏائيندي وراڻيو.

”تون ناراض آهين ڇا؟“

”نہ... نہ...“

”پوءِ...“ امان سان هيٺ چو نہ وينئين، حال احوال ڪرين ها، تنهنجي طبعيت جي هيٺائي جو ٻڌي، خاص توهان سان ملڻ آئي آهي ۽ تون اوپرن وانگي هٽ ڏئي ڇت تي هليو آئين، ڇڻ ڪو رشتو ناتو نہ هو. سورٺ پوئين جملي تي زور ڏيندي ٿوري ڪاوڙ واري ۽ پيار پرئي انداز سان چيو.سارنگ کي احساس ٿيو تہ مون کي ائين نہ ڪرڻ ڪپندو هو، پوءِ سنجيده ٿي جواب ڏنائين.

”اهڙي ڳالهہ ڪانهي.“ ائين چئي سارنگ ڪٽ تي ويهي رهيو. سورٺ کي ڳالهائڻ جو موقعو ملي ويو. هوءَ بہ پرسان اچي ويهندي چوڻ لڳيس.

تون منهنجي وڏيءَ ڀيڻ جي شاديءَ ۾ آئين، نہ ڪنهن سان ملڻ ۽ ڳالهائڻ، سجو وقت ٻاهر دوستن سان گذاريندو هئين. لائٽ مهل بہ توکي مون ڏٺو، تون ڪمري ۾ سيني ڏانهن نهاريندو رهئين، مون کي ائين لڳو تنهنجيون اکيون ڪنهن شيءَ کي ڳولينديون رهيون ، ان وقت بہ منهنجي دل ست ڪاڏي تنهنجي پرسان اچان، مان اچي نہ سگهيس، ڀيڻ جي سهيليءَ سان ڳالهہ ڪري جيئن مون ڪنڌ ڪنيون تہ تون ڏسڻ ۾ڪونہ آئين، مان بہ تڪڙي تڪڙي ٻاهر نڪري آيس، توکي در کان ٻاهر ويندي ڏسي آواز ڏنو هو، شايد منهنجو آواز ماڻهن جي گوڙ ۾ تو ڪونہ ٻڌو، جي ٻڌين ها تہ ضرور بيهي رهين ها.

سارنگ! اها ڳالهہ ٻڌي ماٺ تي ويو، هن وٽ سورٺ سان ڳالهائڻ لاءِ ڪوڙ سارا لفظ هئا، پر سورٺ سان ڳالهہ ٻولهہ ڪرڻ لاءِ دل وارا اکر ڪونہ هئس، هن کي خاموش

ڏسندي سورٺ وراڻيو.

سارنگ! ڪتي پاڻ کي وڃايو اٿئي ٻڌاءِ، شايد وڃايل شيءِ جي ڳولڻ ۾ تنهنجي مدد ڪري سگهان، تون منهنجو ماسات آهين، پلا... ماسات جي ناتي نه، پر هڪ دوست ٿيڻ ۽ سمجهڻ جو ته حق ڏئي ڇڏ...

سورٺ جي اهڙن جملن هن کي سوچڻ تي مجبرو ڪيو، هن جيئن ئي پَلوڙي ڏانهن نگاهه ڪئي ته مِنيءَ جو چهرو نظر آيس، هي اتي پَلوڙي ڏانهن هليو ويو، پر ڏسڻ ۾ ڪا شيءِ نه آيس ۽ بيهي رهيو. سورٺ اچي پرسان بيهندي چوڻ لڳي.

سارنگ! ڇا نظر آيو اٿئي جو ڪٽ تان اٿي آيو آهين؟

هي پنهنجو ڪنڌ هيٺ جهڪائي ڳالهائڻ کانسواءِ واپس اچي ڪٽ تي ويهي رهيو، هن کي اڌ متي ۾ سور پئجي ويو، سورٺ ڪومائجي وئي، ڪيس سارنگ جي اهڙي حالت هن کان ڏني برداشت نه ٿي، هي سارنگ جي ڪلهي تي هٿ رکي پيار پرئي انداز ۾ چوڻ لڳس.

ڏس سارنگ! ائين سوچن ۾ پاڻ کي نه وڃاءِ توکي متي ۾ سور آهي، مان جلديءَ ۾ چانهه ناهي اچان ٿي.

سورٺ هيٺ لهي آئي، هيءَ بورچي خاني ۾ اچي چانهه ناهڻ لڳي، ڪمري مان سارنگ جي ماءُ سورٺ کي رڌڻي ۾ گهڙندي ڏسي اتي آئي ۽ چوڻ لڳي...

”سورٺ“

”جي... ماسي.“

“ڇا ٿي ڪرين؟”

ماسي! سارنگ جي لاءِ چانهه ناهيان ٿي، ٿورو متي ۾ سور اٿس، چانهه پيئندو ته ته آرام اچي ويندس.

ڌيءَ! توکي پارت هجي، تون آئي آهين ته من تان ڪجهه بار هلڪو ٿيو آهي. تون ئي هن کي خيالن جي دنيا مان ٻاهر ڪڍي سگهين ٿي.سورٺ ڪنڌ متي ڪري ڪجهه سوچي پوءِ ماسيءَ کان سارنگ جي پسند جي کاڌي ۽ ڪپڙن جي باري ۾ پڇيو.

ڌيءَ! سارنگ کي گوشت ۽ گوبيءَ جو ٻوڙ گهڻو وڻندو ۽ ڇڻن جي دال. ڪپڙن ۾ نيرو ۽ بادامي رنگ وغيره.

جي ماسي! سورٺ ائين چئي چانهه ناهڻ ۾ لڳي وئي. صفيه خوشيءَ مان واپس اچي پيڻ بصران سان ڪچهري ڪرڻ لڳي. سورٺ چانهه ناهي چت تي ڪٽي آئي، سارنگ چانهه جو ڪوپ وٺندي چيو.

تون چانهه.!!!

سارنگ جي ڳالهه کي اڌ ۾ ڪٽيندي سورٺ جواب ڏنو.

”مان رات جو چانهه پيئندي ناهيان، توهان چانهه پي آرام ڪريو.“

سارنگ چانهہ جي سُرڪي ڀري سورٺ ڏانهن ڏسي چپ چوريا، هن ڪجهہ چوڻ ٿي چاهيو، پر چئي نہ سگهيو. وري ٻيو ڍڪ ڀري پَلوڙي ڏانهن نهاريو، سورٺ کي ائين لڳو شايد چانهہ سٺي نهي ڪانهي، پوءِ سارنگ کي چوڻ لڳي.

”چانهہ وڌي نہ ٿي چا...؟“

چانهہ سٺي ڪڙهيل ۽ ٺهيل آهي... آهستي ان ڪري پيان ٿو جو گرم آهي.

سورٺ مرڪي دل ۾ چيو، دل سان ٺاهي آئي آهيان، پوءِ سارنگ کان خالي ڪوپ وٺي هيٺ لهي آئي.

صبح جو سوير سورٺ اتي ڪمري جي صفائي ڪري، ماسيءَ وٽ آئي، جيڪا نيرن پچائي رهي هئي. هن ماسيءَ کان پڇيو.

ماسي! سارنگ جا ڪپڙا ڪٿي آهن؟

پٽ! جنهن ڪمري ۾ رات ستي هئينءَ، ان ۾ ڪاٺ جي الماري پئي آهي، اها سارنگ جي آهي.

جي... ماسي... ائين چئي سورٺ واپس ڪمري ۾ آئي، الماري جو تاڪ کولي ڪپڙن ۽ ٻين شين جو جائزو وٺي پوءِ الماريءَ ۾ سارنگ جي ڪتابن، ڏاڙهيءَ جو سامان بي ترتيب سان رکيل جوراب، گنجيون ۽ ڪپڙا ڏسي انهن سيني کي سليقي سان ٺاهي رکيائين. هن کي خيال آيو، سارنگ اسڪول ويندو، هڪڙو وڳو استري ڪري رکانس. هن ڪپڙن جو جائزو ورتو، هلڪي نيري رنگ جو وڳو، بادامي ڪلر جو وڳو، اڇو وڳو، آسماني رنگ جو وڳو ڏسندي هيءَ هلڪي نيري رنگ وارو وڳو ڪڍي ان کي استري ڪري صوفي تي رکيائين. پورو ناسي وڳو ڪنيو اهو بہ استري ڪيو. جيئن ٻنهي مان ڪو هڪڙو سارنگ پائي اسڪول وڃي، هڪ گنجي ۽ جوراب جي جوڙي ڪڍي. اهي وڳي جي پرسان رکيا، پوءِ سارنگ جو بوٽ پالش ڪري صوفي جي پاسي ۾ رکي، واش روم مان هٿ ڌوئي ٻاهر آئي تہ هن سارنگ کي ڏٺو، جيڪو صوفي تي رکيل وڳي ۽ پالش ٿيل بوٽ کي ڀينو ڏسي. سارنگ جيئن هن کي ڏٺو تہ سورٺ مشڪي شرمائي ڪمري مان ٻاهر هلي آئي. سڌو بورچي خاني ڏي آئي، جتي سارنگ جي ماءُ صفيہ نيرن تيار ٿي ڪئي، صفيہ ڪنڌ مٿي ڪڻي سورٺ کي ڏسندي چيو.

”ڌيءَ سورٺ!“

”جي ماسي!“

سارنگ کي نيرن ڏئي اچ.

جي ماسي! ائين چئي سورٺ نيرن ڪڻي بورچي خاني مان ٻاهر نڪري ڪمري جي طرف آئي. ڪمري ۾ سارنگ تيار ٿي وارن کي ڦڻي ڏني ٿي تہ سورٺ ماني ٽيبل تي رکي ٻاهر هلي وئي. سارنگ اچي صوفي تي وينو. هن اجان هڪڙو گرهہ کنيو تہ سورٺ هن جي اڳيان پاڻيءَ جو گلاس رکيو، هيءَ سارنگ جي ڏاڙهي وڌيل ڏسي چوڻ لڳس.

سارنگ! ڏاڙهي ڇو نہ لاٿي اٿئي؟

دير پئي ٿئي... سورٺ کي مشڪي چوڻ لڳو.

ڇئبو اڳتي صبح جو سوير توکي اٿاريان، تڏهن ڏاڙهي لاهيندين، ائين نہ...

سارنگ مرڪي ڏنو تہ سورٺ شرمائي ٻاهر هلي وئي.سارنگ ماني کائيندي سورٺ جي باري ۾ سوچيندو رهيو، هن کي منهنجي پسند وارن رنگن جي خبرڪيئن پئجي وئي، گهڻو ڪري امان ٻڌايو هوندس.

شام جي وقت سارنگ گهر آيو تہ هن ماسيءَ ۽ سورٺ کي نہ ڏسي ماءُ کان پڇيو.

امان! ماسي ڪٿي آهي؟

اَبا! اها هلي وئي، سورٺ ويچاري سڄو ڏينهن گهر جي چند ڦوڪ ڪئي، فرش ڌوتائين، ڪپڙن جي مشين هلائي گهر جا سيئي ڪپڙا، بسترن جون چادرون، وهاڻن جون ڇوون وغيره سڀ ڌوئي ڇت تي وجهي آئي هئي. هاڻ اهي ڪپڙا لاهڻ وئي آهي.

ماءُ جي ڳالهہ غور سان ٻڌندو رهيو، صفيہ ڪيس منهن ۾ نهاريندي چيو.

اَبا سارنگ! ويچاريءَ مون کي گهر جو ڪو بہ ڪم ڪرڻ نہ ڏنو.

اهي لفظ چئي سارنگ جي ماءُ ٽڏو ساهہ پري پٽ ڏي نهاريندي چيو.

”اَبا....! تون ڊاڪٽر ڏي ويو آهين؟“

”ڇو... امان؟“

بس... ائين ئي پڇا ڪيم. سارنگ ماءُ جي ڳالهہ کي سمجهي ويو، پوءِ کلي چوڻ لڳو.

امان! چڱو ڀلا... مان ڊاڪٽر کي طبعيت ڏيکاري ٿو اچان.

ڊاڪٽر ڪلينڪ تي وينو هو، سارنگ جي ماءُ صفيہ ۽ پيءُ خالد جي ڳالهہ ذهن ۾ آٽيندي دل ۾ ٿي چيو... هڪ ٻن ڏينهن ۾ سارنگ سان ملڻو آهي ۽ ڪلينڪ تي وٺي اچي اندر جي اڻ تڻ جي باري ۾ پڇندو مانس. ڊاڪٽر انهن خيالن ۾ هو تہ ڪمپائونڊر اچي چوڻ لڳو.

سائين! هڪڙو مريض آيو آهي.

”چڱو موڪلينس.“ ائين چئي ڊاڪٽر در ڏانهن ڏٺو.

سارنگ جيئن اندر گهڙيو تہ ڊاڪٽر جي چپن تي مرڪ اچي وئي. مشڪي اٿي ياڪر پائي ملندي چيو.

”يار... تو بابت مون سوچيو ٿي، سنو ٿيو اچي وئين.“

”ڊاڪٽر! خير تہ آهي.“

”ها... ائين چئي ڊاڪٽر گهنٽي وڄائي تہ ڪمپائونڊر اندر آيو.“

”اسلم!“

”جي سائين!“

”ڪنهن بہ مريض کي اندر اچڻ نہ ڏجاءِ، جيستائين گهنٽي نہ وڄايان.“

”جي..... ڊاڪٽرصاحب...“ اسلم چئي دروازو ورائي ٻاهر وڃين ويهي رهيو.

سارنگ سوچن ۾ پئجي ويو تہ اهڙي ڪهڙي ڳالهہ آهي جو ڊاڪٽر مون سان ڪرڻ ٿو گهري، دروازو بہ بندڪرائي ڇڏيو اٿس. هن جيئن ئي پنهنجو ڌيان ڊاڪٽر جي طرف ڪيو تہ ڪيس ڊاڪٽر چيو.

سارنگ! هاڻي توهان جي طبعيت ڪئين آهي؟

”بلڪل ٺيڪ، پر رات جو ڪنهن ڪنهن وقت مٽي ۾ سور ٿو پوي.“

ڊاڪٽر اٿي اچي هن جو بلڊپريشر چيڪ ڪيو، ٿرما ميٽر سان بخار ڏٺو. بلڊپريشر نارمل هوس، بخار بہ ڪونہ هوس. ڊاڪٽر هن جي منهن ڏي نهاري چوڻ لڳو.

سارنگ! تون گڏ پڙهيو آهين، پاڙي جو بہ آهين ۽ دوست ۽ هم عمر بہ آهين. انهن ناتن سان پيارو بہ آهين، مان تنهنجي طبعيت ۽ عادتن کان واقف آهيان، پر... گهڻي عرصي کان توکي منجهيل منجهيل ڇڻ ڪجهہ وڃائي وينو آهين. جڏهن توکي پهريون ڀيرو ۽ ٻيو ڀيرو ڏٺو هو، تنهنجو بخار ايترو هو جو مون کي اهو خوف ورائي ويو تہ ڪٿي تون ذهني دٻاءُ جي ڪري پنهنجو هوش نہ وڃائي ويهي رهين. پر ڳالهہ تنهنجي پيءُ ۽ ماءُ سان ڪونہ ڪيم. ڇو تہ پيءُ ۽ ماءُ ٻئي اولاد جي باري ۾ حساس هوندا آهن. منهنجي ڳالهہ ڌيان سان ٻڌ. توهان جي عمر اهڙي آهي جنهن ۾ گهڻو محبت جو دٻاءُ رهندو آهي، اهو ناڪاميءَ جي ڪري پيدا ٿيندو آهي.

سارنگ اهي ڳالهيون ڌيان سان ٻڌندو رهيو .

ڏس دوست! جي حقيقت سان پنهنجي پريشاني ٻڌائيندي تہ مان ڪنهن نتيجي تہ پهچندس، باقي لڪائيندي تہ شايد پوءِ تنهنجو علاج نہ ڪري سگهان، ۽... مان اهو بہ ڏسان ٿو تنهنجي ڪل مُک واري طبعيت ۾ ڪافي ڦيرو اچي ويو آهي، سدائين تنهنجي ڏاڙهي وڌيل، خيالن ۾ گم، اها سڌ بہ ناهين رکندو تہ ڪير پاسي کان گذري ويو، ڪنهن سڏ ڪيو، پنهنجي ڌن ۾ هلندو ويندو آهين.

سارنگ کي اهي ڳالهيون دل سان لڳيون، اهڙي شڪايت هن سان ٻين دوستن بہ ڪئي هئي، پوءِ ڊاڪٽر مختيار ڏي نهاري دل ۾ اهو فيصلو ڪيائين تہ هاڻ ڊاڪٽر کي دل واري ڳالهہ ڇٽي ٻڌائيندس.

پوءِ هن مِنيءَ جي پَلوڙي کان پهرين ملاقات وارو قصو ۽ ڇت تي مِنيءَ جي اچڻ ۽ غائب ٿيڻ واري ڳالهہ ٻڌائي، ڊاڪٽر ڌيان سان ٻڌندو رهيو ۽ مِنيءَ جو نالو ذهن ۾ ورجائيندورهيوڪيس ڳالهہ ياد اچي ويس . مِنيءَ جي نالي مريضہ جو علاج ڪيو هو،

”سارنگ!“

”جي ڊاڪٽر!“

تون جنهن مِنيءَ جو ذڪر ڪري رهيو آهين، ڪٿي اها مِني ته ناهي جنهن جو چار پنج مهينا... ها... جڏهن تون سئوٽ جي شاديءَ ۾ ويو هئين، اهو سڏ مون کي به نثار ڏني ويو هو، پر اوچتو ڪم تي ويو، مان شاديءَ ۾ اچي نه سگهيس. هيءَ ڳالهه به اُنهن ڏينهن جي آهي، هڪ پڪي عمر جو همراهه سندس عمر اٽڪل پنجاهه ۽ سٺ جي وچ واري هئي، اهو آيو ۽ چيائين.

ڊاڪٽر! منهنجي ڌيءَ کي پير ترڪڻ سان گوڏي ۾ ڌڪ لڳو آهي، توهان مهرباني ڪري هلي ڏسو.

سارنگ وڏي ڌيان ۽ خاموشيءَ سان ڊاڪٽر جي ڳالهه کي ٻڌندو رهيو. ڊاڪٽر سنجيده ٿي ڪجهه سوچي چئي رهيو هو.

سارنگ! اهو همراهه اسان جي تر جو نه هو، سندس لهجي ۽ ڳالهه ٻولهه جي انداز مان لاڙي ٿي لڳو، پر هو ڏاڍو مخلص ماڻهو، هن جي گفتگو ۾ سادگي ۽ سچائي پريل هئي.

مون سامان کنيو رستي ۾ هلندي پڇيو مانس.

سائين! توهان ڪٿي جا آهيو.

ڊاڪٽر صاحب! اسين ڳاڙهي شهر جا آهيون ۽ هن پنهنجو نالو به ٻڌايو هو جيڪو مون کان وسري ويو آهي. ڊاڪٽر ذهن تي زور ڏيندي وري چيو شايد مني جي پيءُ جو نالو سينگهار هو. جڏهن مان هن جي گهر ويس، کٽ تي سٽل نوجوان ڇوڪريءَ کي ڏٺو. جنهن کي گوڏي ۾ ڌڪ لڳل هو، مون مريض کي تپاسيو. دوائن جي پرچي لکي ڏني، ڇوڪريءَ جي پيءُ کان نالو پڇيو.تنهن ”مِني“ ٻڌايو.

سائين! مريض جو نالو؟

ڊاڪٽر صاحب! ”مِني“. سارنگ جي واتان رڙ نڪتي ڪيس پڪ ٿي وئي اها ئي مني آهي .

ساتي! تي سگهي تو اها ئي ”مِني“ هجي، جنهن جو تو ذڪر ڪيو آهي. اها ئي منهنجي ”مِني“ آهي، پوءِ ڊاڪٽر کان پڇڻ لڳو.

ڊاڪٽر! توهان اهو ٻڌائيندا ته ڪهڙي پاڙي ۾ رهندا هئا ۽ ڪهڙيءَ جاءِ ۾؟

سارنگ! پاڙو تنهنجو ئي آهي، روشن جي جاءِ سان لڳ ۽ امداد ڪرياڻه جي دڪان جي سامهون جان محمد شيخ جي جاءِ ۾ ڪرائي تي رهندا آهن پر هاڻي ڏسڻ ۾ آيو ڪونهي.

جان محمد شيخ جي جاءِ جو نالو ٻڌندي، سارنگ کان ڇرڪ نڪري ويو، مِنيءَ جي خيالن ۾ گم ٿي ويو، مِنيءَ جو پَلوڙي وٽ اچڻ، وري ماسي صابل جي جاءِ تان غائب ٿي وڃڻ وارو سڄو منظر سارنگ جي اکين اڳيان اچي بيهي رهيو. هن جي چهري تي سانجهيءَ جهڙي اداسي ڇائنجي وئي.

سارنگ!

او سارنگ! ڊاڪٽر ڪيس آواز ڏنو.

سارنگ ڪنڌ متي ڪٽي ٽڏو ساهہ پري ڊاڪٽر ڏي نهاري ڏک مان چوڻ لڳو.

يار! ان طرف منهنجو ڌيان ئي ڪونہ ويو هو. ائين چئي هي اٿي ڊاڪٽر ڏي سوالي نگاهن سان نهاري موڪلائڻ ڪانسواءِ ٻاهر نڪري ويو، سارنگ جي ائين اٿي وڃڻ تي ڊاڪٽر مختيار کي ڪاوڙ لڳي، پوءِ وري دل ۾ چيائين ”سارنگ پنهنجي وس ۾ ڪونهي، هن تي ڪاوڙ ۽ ميار ڪرڻ اجائي آهي.“

سارنگ ڪلينڪ کان ٻاهر نڪري ديوانن جيان گهٽيءَ مان ڊوڙندو اچي جان محمد شيخ جي جاءِ تي بيهي رهيو، هن جا قدم برف جيان اتي ڄمي ويا، جڏهن در جي مٿان لڳل پاٽي تي ”هيءَ جاءِ ڪرائي تي خالي آهي“ اکر پڙهڻ لڳو، وري بند دروازي کي ڏٺائين، جنهن کي وڏو ڪارو تالو لڳو پيو هو. ڪيس يقين نہ ٿي آيو. وڌيڪ پڪ ڪرڻ جي لاءِ هي امداد ڪرياڻہ جي دڪان تي اچي امداد کان پڇڻ لڳو.

چاچا... هيءَ جاءِ...

اَبا سارنگ! توهان کي اها جاءِ... منهنجو مطلب آهي تہ اها جاءِ خالي آهي، اڳي ڳاڙهي شهر جا ڪرائيدار رهندا هئا، ڏاڏا شريف، لڪيل پڙهيل ماڻهو هئا، ڪُل ٽي ڀاتي، زال مڙس ۽ هڪ نوجوان ڌيءَ هين، سي لڏي ويا آهن.

اهي لفظ ٻڌندي سارنگ کي چڪر اچي ويا، پاڻ تي ملامت ڪرڻ لڳو ۽ پڇتاءَ جو احساس ٿيڻ لڳس، هي گهٽيءَ ۾ هلندو هر هر مِنيءَ جي باري ۾ ۽ پنهنجي سستيءَ جي باري ۾ سوچيندو رهيو ”ڪيئن رهجي ويس.“

مِني پڇاڙيءَ واري رات بہ وفا ڪئي، سخت بخار هوندي بہ آئي ، اچي چنبڙي پئيءِ روئيندي رهي، هن جي ڳوڙهن تي منهنجي اک کلي وئي هئي، شايد... هن پنهنجي وڃڻ جو حال احوال بہ اوريو هوندو. هن ڪيترا دفعا چيو هو.

”سارنگ! منهنجي ڳالهہ ٻڌ. پوءِ وقت ملي يا نہ ملي.“

”ان رات ايڏو بخار هو،ڪو هوش ڪونہ هو امڙ مون کي هيٺ لاهي آئي هئي.“

”پر مِني...“

”نہ... نہ... مان مِنيءَ جو ڏوهاري آهيان، هوءَ وفا جي ديوي هئي.“

سارنگ پاڻ سان ڳالهائيندو ٿڌا ساهہ ڀريندو، اڌ رات تائين گهٽين ۾ رلندو رهيو، هن ڪيترا ڦيرا جان محمد شيخ جي جاءِ کي هر هر اچي ڏنو ٿي... مِنيءَ جا خيال ڪيس آريءَ جيان اندر کي وڍيندا رهيس. رات جو هي دير سان، ها... آڌي رات گهر ۾ آيو، هن کان هليو نہ پيو ٿئي، گهر ۾ گهڙندي هن سامهون سورٺ کي ڏٺو، جيڪا هن جي انتظار ۾ جاڳي ٿي.

سورٺ جيئن هن کي ڏٺو تہ اٿي آئي، هيءَ سارنگ جي من جي بي چينيءَ کي

سمجهڻ ڪانسواءِ چوڻ لڳس.

سارنگ ايڏي دير ڪري آيو آهين، ماسي تنهنجي انتظار ۾ ماني نہ پئي ڪائي، پوءِ مون زوريءَ ماني ڪارائي مانس ۽ چيومانس. ماسي! تون الڪو نہ ڪر... سارنگ ايندو، ان کي ماني کارائي پوءِ مان سمهندس. تڏهن ماسي جو الڪو لٿو. ماسي ۽ ماسڙ پنهنجي ڪمري ۾ ستا پيا آهن. مان تنهنجي انتظار ۾ ويٺي هئس. هاڻ ڪٽ تي ويهہ تہ ماني کڻي ٿي اچان. سورٺ ائين چئي سارنگ جي چهري کي ڏسندي وري چوڻ لڳي، ”تنهنجي ڪري مون بہ ماني ڪاڏي ڪانهي.“

سارنگ دل ۾ چيو .” سورٺ کي ڪيئن سمجهايان، ڪيس ڪهڙي خبر تہ مان ڪهڙي ويڌن ۾ آهيان.“ سارنگ خيالن ۾ سوچيندو ماٺ ڪري ٻيٺو رهيو تہ سورٺ مرڪي پنهنجائپ جي انداز ۾ چوڻ لڳي.

سارنگ! رڌڻي ۾ هلي گرم گرم ماني کائيندي يا هتڙي ماني کڻي اچان.

”مون کي طلب ڪانهي“ سارنگ آهستي چيو. سورٺ هن جي خشڪ چپن ۽ اداس چهري ۾ نهاريندي سمجهي وئي تہ سارنگ ماني کاڌي ڪونهي ۽ بک کان هن جا چپ خشڪ آهن. اهو سوچي چوڻ لڳس.

”ماني کائي آيو آهين ڇا؟“

”نہ...“ سارنگ سنجيده ٿي چيو. سورٺ کي خوشي ٿي، هن مون سان ڪوڙ ناهي ڳالهايو. اهو سوچي پرسان اچي هٿ کي پڪڙي چوڻ لڳس.

”ويهہ... ماني کڻي ٿي اچان، مون کي بہ ڏاڍي بک لڳي آهي.“

سورٺ ائين چئي رڌڻي ڏي هلي وئي. سارنگ کي ويٺي ويٺي مِنيءَ جا خيال ورائي ويس. هاڻ مِنيءَ کي ڪيئن ڳوليان... هوءَ الائجي ڇا سوچيندي هوندي؟ مِنيءَ جو مرڪندڙ چهرو هن جي اڳيان ڦري آيو، هي خيالن ۾ گم هو، سورٺ ماني کڻي آئي، ڪٽ تي رکندي سارنگ کي پنهنجي خيال ۾ ڏسندي آواز ڏنو

”او سارنگ!“

”سارنگ!“

جي.. جي...سارنگ پاڻ کي مِنيءَ جي خيالن مان ڇڏائي جواب ڏنو.

پوءِ ڪٽ تي رکيل مانيءَ ڏانهن ڏسندي چيو.

سورٺ! توکي چيم تہ مون کي طلب ڪانهي، تون ماني ڪاڻ مان ڇت تي وڃان ٿو. سارنگ جي ائين چوڻ سان سورٺ اداس ٿي وئي ۽ سوچ ۾ پئجي وئي ”هن سان ڪهڙي ويڌن آهي.“ڪٿي ڪنهن جي...؟

”نہ... نہ...“ سارنگ کي اداس ٿيڻ ڪونہ ڏينديس. هن جي چهري تان اداسي کي ختم ڪنديس. سارنگ اڄ ڪان پوءِ سورٺ جو ها.!! منهنجو آهي. هيءَ ماني ڪائڻ بجاءِ ماني کڻي اچي رڌڻي ۾ رکي ڍڪي ٻورچي خاني جو دروازو بند ڪري پنهنجي ڪمري ۾

آئي، سارنگ جي لاءِ سينگار ڪرڻ لڳي.

سارنگ ڇت تي آيو تہ هن کٽ تي وڇايل بسترو ڏٺو، جنهن تي نئين صاف سٿري چادر وڇايل هئي، کٽ جي پيرانديءَ کان مٿان وجهڻ لاءِ چادر رکيل هئي، سيرانديءَ کان وهاڻي جي پرسان ٽوال رکيل ڏسي، هن جو خيال جهٽ لاءِ سورٺ ڏانهن هليو ويو، پوءِ هن جيئن پَلوڙي ڏانهن ڏٺو تہ مِنيءَ جون يادگيريون وڻ ويڙهيءَ جيان ورائي ويس، هي پَلوڙي وٽ اچي ويهي رهيو، ڇت تي چنڊ جي چانڊوڪيءَ ۾ هي مِنيءَ جي پيرن جي نشان کي ڳوليندو رهيو ۽ سوچيندو رهيو.هوا بہ مني جي پيرن جا نشان ڊاهي ڇڏيا آهن.

”مِني ڪيڏي بهادر هئي، ڪيئن همٿ سان پَلوڙا ٽپي ايندي هئي.“

سورٺ سينگار ڪري وارن کي ڪنڌ جي پاسي کان ڪيرائي مشڪندي مرڪندي اچي ڏاڪڻ جا ڏاڪا چڙهندي ڇت تي آئي تہ سارنگ پَلوڙي وٽ ويٺوهو.

”سارنگ! ڇا پيو ڏسين... مون کي تہ ڪجهہ ڏسڻ ۾ نٿو اچي ۽ تون ڪنهن کي ٿو ڏسين.؟“

سارنگ ڪنڌ ورائي پنهنجو ڌيان ماسي صابل جي گهر جي ڇت کان هٽائي، کٽ طرف اچي سورٺ کي خاموش نگاهن سان ڏسندو رهيو. هن کي خيال آيو تہ سورٺ کي چوان تہ منهنجو ويچار ڪرڻ ڇڏي ڏي... مان مِنيءَ جو آهيان. اهو سوچي هن سورٺ ڏي نهاريو، پر ڪيس ڪجهہ چئي نہ سگهيو.

سورٺ کي هن جي خاموشي هڪ راز جيان محسوس ٿي ۽ پنهنجي دل ۾ ارادو ڪيو تہ ”اهو راز معلوم ڪري رهنديس، هي هر وقت گم سم ۽خيالن جي زنجيرن ۾ جڪڙيل قيدي جيان، الائجي ڪهڙن ويچارن ۾ قيد ٿو رهي، هن جي اها حالت رهي تہ پاڻ کي ڊاهي وجهندو...“ سورٺ اهوخيال ڪري سارنگ جي منهن ۾ نهاريو، چانڊوڪيءَ ۾ سندس جي چهري تي ويچارن جون ڪئين نينڊڙيون وڏڙيون لڪيرون ڏسندي سست ٿي وئي، پوءِ هڪدم پاڻ کي سنڀالي، سيني جي تيز ڌڙڪندڙ دل کي جيڪا سارنگ جي محبت ۽ ڏک جي احساس ۾ ڌڙڪڻ لڳي هئس، سورٺ هڪدم اندر جي سَٽَ، ڇِڪَ ۽ تَڙپَ کي روڪي چپن تي هلڪي مرڪ آڻي پرسان اچي چوڻ لڳس.

”سارنگ!“

”جي...“

توکي گهٽن ڏينهن کان ڏسندي پئي اچان، تون گهر ۾ گهٽ گهڙيون گذارين ٿو، سجو ڏهاڙو ٻاهر آهين، تنهنجي ائين ڪرڻ سان ماسيءَ کي ويچار ورائي ويندا آهن تہ ”سارنگ الائجي ڪڏهن نيڪ ٿيندو...!؟“

پوءِ آءٌ آٿت ڏيندي. ماسي!ٻار ٿورئي آهي جو تو الڪو ٿي ڪرين، جاڻ اچي ويندو. منهنجي ائين چوڻ ۽ لفظن سان آٿت ڏيڻ ۾ ٿوري وقت لاءِ ماسي ماٺ ٿي ويندي آهي، پر وري ڪيس تنهنجا ئي ويچار ورائي ويندا اٿس. ڪڏهن ڪڏهن مان پاڻ بہ اڻ ڄاڻ

الڪن جي رستي تي تنهنجن خيالن ۾ پٽڪندي رهندي آهيان، پر پوءِ سنڀالي ويندي آهيان. سورٺ وڌيڪ چئي نہ سگهي، سارنگ کيس ڏسندي ٿورو جذباتي ٿيندي چيو.

”سورٺ! مون کي اڪيلو ڇڏي ڏي...“

”پلا.. ڪيئن توکي اڪيلو ڇڏيان، منهنجو ماسات آهين...!!“

سورٺ ڏڪاري انداز ۾ چئي ٿڏو ساهہ ڀري خاموش ٿي وئي، هن جي من ۾ ننڍپڻ واري محبت جاڳي پئي، پوءِ سارنگ جي اکين ۾ نهاري چوڻ لڳي.

سارنگ! تنهنجي ذاتي زندگيءَ ۾ دخل ڏيڻ نہ ٿي چاهيان... ۽ نہ ئي مان وڌيڪ توکان پڇڻ گهران ٿي. پر...!! ائين چئي سورٺ رڪجي وئي. هن جي زبان مان اکر اکلي نہ سگهيا، هن جو من ڏک سان ڀرجي ويو، هيءَ پنهنجي اندر جي آنڌ مانڌ کي لڪائڻ جي ڪوشش ڪندي، ڇهري تي ڏک جي ريکائن کي نهڻ نہ ڏنو، پر اکين ۾ آلاڻ ڀرجي آيس، جيڪي موتين جيان ڳوڙهن جي شڪل ۾ چمڪندا ٿي رهيس. اهو ڏسي سارنگ چوڻ لڳو.

”سورٺ! تنهنجي اکين ۾....“ سارنگ جي ڳالهہ کي سورٺ اڌ ۾ ڪٽيندي وراڻيو.

ها... سارنگ! ويچاريون اکيون ڪَن بہ تہ ڇا ڪَن... احساس ۽محبت جي جذبن جي اٿل پٿل ۾ ڳوڙهن سان ڀرجيو وڃن، ڪڏهن اڻ مندائتي مينهن جيان وسيو پون تہ وري ڪڏهن خوشيءَ ۾ بہ ڳوڙها ڳاڙي ويهن ٿيون. ويچاريون اکيون تہ آهن جيڪي اندر جي ڪهاڻي کي بيان ڪري وجهن ٿيون. تون اڻڄاڻ ۽ اڻ واقف بڻجي منهنجي جذبن کي ايئن لتاڙي ٿو ڇڏين، جيئن ڪو جانور پنهنجي انڌي ڊوڙ ۾ سائي گاهہ کي لتاڙيندو ويندو آهي.

سارنگ انهن جملن تي سورٺ ڏانهن ڏٺو ۽ دل ۾ چيائين.

سورٺ من ۾ ڪيڏي چاهت رکي ويٺي آهي. پر ڪيس ڪيئن سمجهايان ۽ چوانس تہ تنهنجين پنبڙين ۾ آيل ڳوڙهن جي ڪهاڻي پرکي ورتي آهي. سارنگ اهو سوچي ماٺ ٿي ويو. هن جي ذهن ۾ سورٺ جو چيل جملو پڙاڏو ڪيو، ”تنهنجي ڪري مون بہ ماني ڪاڏي ڪانهي“ من ۾ اهو خيال ورجائيندي خاموشيءَ سان سورٺ کي ڏسندي رهيو.

سارنگ جي خشڪ چپن کي ڏسندي چوڻ لڳس.

”سارنگ! ماني ڪائين تہ ڪٽي اچان، ماسي پڇندي تہ ٻڌاءِ پوءِ ڪهڙو جواب ڏيانس؟.“ ڪجهہ سوچيندي ڀيهر سورٺ پيار ڀرئي لهجي ۾ چوڻ لڳيس.

”پلا... منهنجي ڪري نہ، ماسيءَ جي ڪري ماني کاءُ...“سارنگ خاموش ٿي ويو، ڪجهہ سانت کان پوءِ ڪنڌ لوڏيندي چيائين.

”ها... ڪٽي اچ.“ اهي لفظ ٻڌندي سورٺ خوشيءَ مان اڇل کائي کيس ڀاڪر پاتو ۽ جلدي سارنگ جي ڪنڌ مان ٻانهون ڪڍي شرمائي ڪنڌ هيٺ ڪري خوشيءَ ۾ مشڪندي هلندي هيٺ لهي وئي.ماني گرم ڪندي پنهنجي جيت ٿيندي ڏسي خوشيءَ ۾

مرڪندي رهي ۽ دل ۾ چوڻ لڳي.سارنگ ڪي پيار جي ڏور ۾ سوگهو ڪنديس..

سارنگ ڪي هڪدم مِنيءَ جا خيال ورائي ويا، پَلوڙي تي ٻانهون رکي ٻيهڻ، مرڪي ٽپي اچڻ، وارا سيئي ڏيک اکين اڳيان هڪ هڪ ٿي ڦرندا رهيا. هي اٿي پَلوڙي وٽ آيو، ماسي صابل جي گهر جي ڇت تي نهاريندو رهيو ته ڇهري تي اداسي ڇانئجي ويس، پوءِ گهڻو وقت ٻيهي نه سگهيو، واپس کٽ تي اچي ويٺو ته سورٺ هن جي اڳيان ماني رکي، هن ڪنڌ مٿي ڪيو ته سورٺ سندر روپ سان اڳيان سينگارجي بيٺي هئي هوءَ مرڪندي ڊگهن وارن کي جيڪي هوا تي لڏندا منهن تي ڪرندا رهيس، تن کي ساڄي هٿ سان پري ڪري چوڻ لڳي.

سارنگ! ماني کائُ... ۽... ها... مون بورچي خاني ۾ ٻوڙ گرم ڪيو ٿي ته ماسي ٻه آئي، تنهنجو پڇيائين، چيومانس.

ماسي! سارنگ آيو آ، ڇت تي آهي، ان جي لاءِ ماني گرم ڪري ڪڻي ٿي وڃان. پوءِ خوش ٿي مرڪندي واپس پنهنجي ڪمري ڏي هلي وئي.

سارنگ ڳالهه ٻڌندو سورٺ کي جواب نه ڏنو ۽ ماني کائڻ لڳو ته هن سان گڏ سورٺ به ماني کائڻ لڳي.

سارنگ سوچڻ لڳو مَان هن کي ڪيئن سمجهايان ته، مون پنهنجي دلِ منيءَ کي ڏئي ڇڏي آهي. هاڻي هن کي ڏيڻ لاء مون وَٽِ ڪجهه بچيو ڪونهي. هن جي پيار مٿان رحَم ٿو اچي . ڪٿي هيءَ منهنجي رحم کي پيار جي ڪَڙي سمجهين ويهي رهي ته پوءِ....!!؟.

اهي ڳالهيون اندر ئي اندر ۾ پاڻ سان ڪيائين . ماني کائيندي هِن سو رٺَ جي ڇهري کي ڏسي جلديءَ ۾ نگاهَ ڦيرائي سوچي رهيو هو.“ منهنجي زندگي ڇاجي لاءِ ڄار ٻڻجندي پئي وڃي .شايد .. ڪا وڏي امتحان جي گهڙي اچڻ واري آهي .!؟ ” ماني کائيندي سورٺ پيار مان هڪ گِرهه سارنگ جي چپن ڏانهن وڌايو ته، سارنگ ٻرندڙ ڪانين جي ٽڙڪاٽن وانگر ٻَري مانِيءَ مان هٿ روڪي چوڻ لڳو ..

سورٺ...!! تون خدا جي واستي منهنجي دشمن نه بَڻجُ، توکي ناهي خبر ته ڪنهن درد ۾ محبت جو چڪو ملائڻ سان آسمان ڦاٽڻ لڳندو آهي. چوته درد جي دوا، درد ڏيندڙ وٽ هوندي آهي ٻئي وٽ نه، ان جي لاءِ تنهنجو هي پيار ڪٿي مون کي منهنجي درد اڳيان مجرم ڪري نه وجهي.

سارنگ جي اهڙي گفتگو ٻڌي سورٺ اندر ۾ وَٽبي سَٽبي رهي ۽ ڪجهه سمجهه ۾ نه ٿي آيس . ايتري ۾ سارنگ جو ڳرو آواز جنهن ۾ درد جي پيڙاهه پريل هئي . هن وري چيو .. سورٺ ! تون منهنجيون ڳالهيون سمجهي نه سگهندينءَ ڇوته ، تون اڃان پيار جي گس ۽ پيچرن جي شروعات ئي ناهي ڪئي . جڏهن ته مان اهي رستا گهڻو وقت اڳ ڪافي پوئتي ڇڏي آيو آهيان. سارنگ ٿورو جذباتي ٿيندي ، سورٺ ! آءُ توکي ٻانهون

ٿو ٻڌان ، تون منھنجي پاڇي سان بہ پيار نہ ڪر. ها... مڃان ٿو تون خوبصورت آھين، تنھنجو عمل بہ خوبصورت آھي. پر تو فيصلو جيڪو پنھنجي دل ۾ ڪري وڌو آھي، ان ۾ پنھنجو وقت نہ وڃاءِ ۽ مونکي بہ وڌيڪ پريشان نہ ڪر. ڇاڪاڻ تہ تنھنجا اھي پَھا ۽ مَلمَ پَٽيون اندر جي ڦٽن کي سُڪائڻ بجاءِ انھن زخمن کي ناسور ڪري وجھنديون.

سورٺ اھي لفظ ٻڌي ماٺ ٿي وئي، ھن کي پاڻ تي يقين ھو پوءِ مشڪي چوڻ لڳي. ”سارنگ! مان تنھنجي پريشاني سمجھي نہ سگھي آھيان. پر آءُ مجبور آھيان جو منھنجن خيالن ۾تون آھستي آھستي رچندو ۽ بسندو ٿو وڃين.“

اھي لفظ سارنگ ٻڌي آپي ڪان ٻاھر نڪري ويو،منھن ۾ شور آٽيندي وڏي آواز ۾ چوڻ لڳو. ”سورٺ! مون کي اڪيلو ڇڏي ڏي، تنھنجيون ڳالھيون ائين لڳن ٿيون. ڄڻ ڪو مون سان پيانڪ يوڳ ڪندي ھجين.“ سورٺ جي اکين منجھ ڳوڙھا اچي وڃن ٿا. ھوءَ سڏڪو پري رئي جو پلاند ھٽن ۾ جھلي ھڪدم پنھنجي وات ۾ ڏئي ٿانوَ ڪٽي اُٿي ۽ تڪڙي تڪڙي ھيٺ لھي وئي. سارنگ پنھنجو پاڻ کي گٺ مٿان اڇلائي سوچن ۾ گم ٿي ويو. پوءِ پاڻ سان ڳالھائڻ لڳو.

سورٺ جي پيار جو بار مان ڪيئن ٿوڪٽي سگھان...!؟ ھاڻ تہ منھنجي لاءِ ھي گھر جھنم پيو ٿيندو وڃي. مونکي منيءَ جي ڳولا ۾ نڪرڻو پوندو، مني ضرور منھنجي انتظار ۾ ھوندي. ھي وري سوچي ٿو.

مِنيءَ کي ڪٿي ڳوليان...!؟

کِھڙن پَٽن تي وڃان...!؟

پوءِ ٿڌو ساھ پري پاڻ سان ڳالھايو. ”مِنيءَ جو پَتو لڳائڻو پوندو، سچائي کي منزل پاڻ ئي ملي ويندي. مِني درد جي پَٽن ۾ مونکي ملندي، پنھنجي پيار ۾ مونکي ڄام ٿيڻو پوندو. ڇوتہ پيار جو وجود ھڪڙو ئي آھي جيڪو وقتن فوقتن انسان جي دلين تي کُسجڻ کي قرار سمجھي ۽ اھو قرار محبت وارو ماٽي ۽ ڄاٽي ٿو. “ سڄي رات ڪيس مِنيءَ جي خيالن ۾ ننڊَ ڪونہ آئي. ڪيترن ئي خيالن جا لشڪر ذھن جي دڳ تان گذرندا رھيس. صُبح روشنيءَ ۾ تبديل ٿيڻ لڳو. آسمان ۾ ھلڪي ھلڪي ڳاڙھاڻ ڇائنجي وئي پوءِ سارنگ فيصلو ڪري ورتو تہ سُياٽي ڪان مِنيءَ جي ڳولھا ۾ نڪرندس. اھا ڳولھا منھنجي تتل وجود جي ڳولھا آھي. جي مان مِنيءَ کي ڳولي نہ سگھيس تہ اڌ ۾ رَھجي ويندس، اھو اَڌُ جيڪو ڪنھن قِتل نيھن وانگر ھوندو. ھي اٿي گھر ڪان ٻاھر ولو مولائي جي ھوٽل تان چانھہ پي گھر آيو. ماءُ ڪيس ٻاھران ايندي ڏسي پريشان ٿي وئي. سارنگ معاملي کي سمجھندي پنھنجي دانشمنديءَ سان ڳالھہ کي جوڙيندي ۽ ماءُ کي اعتماد جي ڏور ۾سوگھي ڪرڻ جي خيال ڪان چوڻ لڳو.

”امڙ! رات پٺائي خواب ۾ آيو ھو.“

”ھا... ابا....!!“

”ھا... امان...!! سُر مومل راڻي ڪان پوءِ، کُجھ راءِ ڏياچ بابت بيت ٻڌايائين ۽

حڪم ڪيائين ته، ”سُتا اُٿي جاڳُ ننڊ نہ ڪَجي ايتري.“ مون پٽائي ڪي ٻانهون ٻڌيون ته پٽائي وري چوڻ لڳو:

اڄ نـہ اوطـاقـن ۾ طـالـب تـنـوارين،
آديسي اٿي ويا، مڙهيون مون مارين،
جيڪي جيءَڪي جيارين سي لاهوتي لڏي ويا.

توکي نئين سفر جي سانپيان ڪرڻ گهرجي، ان ۾ تنهنجو ڀلو آهي. ان سفر ۾ وِيهہَ پَنجوِيهہَ ڏينهن ضرور گذارڻ گهرجن، پوءِ توکي سڪون ملي ويندو.“

سورٺ جيڪا سارنگ جي ماءُ جي پنيان بيٺل هئي، سا اِن ڳالهہ کي سمجهي نہ سگهي. سارنگ جي ماءُ اها ڳالهہ ٻڌي خوش ٿيندي چيائين. ”هاڻ منهنجو ٻچڙو خوش ٿي ويندو، چوته پِٽائي پير جا هٿ وڏا آهن.“

***

ان ڪانپوءِ سارنگ ماءُ ڪان اجازت وٺي اسڪول آيو. پر اسڪول ۾ اجان ڪير بہ ڪونہ آيو هو، هي اڱڻ تي پپَر جي وڻ هيٺان اچي وڻ کي ٽيڪ ڏئي ويهي رهيو ۽ اسڪول جي هيڊ ماستر محمد رفيق جو انتظار ڪرڻ لڳو. سارنگ کي خيالن ۾ اها خبر ئي ڪانہ پئي ، جو اسڪول جو استاد ذلفي شاه هن جي پرسان اچي بيٺو ۽ کيس چوڻ لڳو.

"سارنگ! رات اسڪول ۾ گذاري اٿئي ڇا؟"

"نہ... ذلفي نہ... تارن سان رات گذاري آهي." مذاق جي انداز ۾ ذلفي ڪائنس پڇڻ لڳو."تارن توکي ڇا چيو..؟"

ها... تارن چيو پئي تہ،توکي اسڪول مان موڪل ڪري ڪجھ ڏينهن جي لاءِ گهمڻ ڦرڻ گهرجي. ان جي لاءِ پندرهن ڏينهن جي درخواست لکي ڪٽي آيو آهيان." سارنگ کيسي مان درخواست ڪڍي ذلفي شاه کي هٿ ۾ ڏيندي چيو.

"هي درخواست هيڊماستر محمد رفيق جي حوالي ڪجانءِ، مان هلان ٿو. "

ائين چئي هي خوشيءَ مان هلندو گهر آيو، جيئن گهر ۾ داخل ٿيو تہ سامهون ڪٽ تي سورٺ ويٺي ڀاڃي ڪَٽي پئي، سارنگ کي ڏسندي وائڙي ٿي وئي. هن اڄ پهريون ڀيرو کيس خوشيءَ وچان مرڪندي گهر ۾ داخل ٿيندي ڏٺو هو. سارنگ هن کي سلام ڪندو، پنهنجي ڪمري ڏي هليو ويو. سورٺ خيالن ۾ گم ڪنڌ ورائي سارنگ کي ڏسندي رهي، کيس اها خبر ڪانہ پيس تہ هن سبزي بجاءِ پنهنجو هٿ ڪٽي ڇڏيو آهي. جڏهن سارنگ تان ڏيان هٽايائين تہ هٿ ۾ سور جو احساس ٿيس، ڪپي هٿ جي چيچ مان رت وهي رهيو هوس... هي ڪرنڊڙ رت جي ڦڙن کي ڏسندي مرڪندي ڪٽ تان اٿي بورچي خاني ۾ آئي، اتان ڪپڙو ڪنيائين، ٽڪري ڦاڙهي چيچ کي ٻڌي، وري اچي سبزي ڪٽي ٿالھ ۾ رکي مٿان پَليٽ ڏئي اٿي سارنگ جي ڪمري ۾ آئي. هيءَ ٻئي هٿ پنيان ورائي سارنگ کي ڏسندي بيهي رهي. سارنگ پنهنجن خيالن ۾ هو، الماري مان ڪپڙا ڪڍندو ٿيلهي ۾ وجهندو رهيو... سورٺ کنگهندي سارنگ جو ڌيان پاڻ ڏانهن ڇڪايو تہ سارنگ ڪنڌ مٿي ڪنيو.

"کهڙي تياري ٿو ڪرين... ۽ ڪاڏي ٿو وڃين.؟"

"سپاٽي دوست ڏي ويندس" سارنگ سنجيده ٿي وراڻيو.

"ڪاٿي ۽ کهڙي دوست ڏي...؟"

"ڪاروڇاڻ شهر ۾..."

سورٺ کي ڪارو چاڻ سمجھ ۾ نہ آيو، پرسان اچي چوڻ لڳس.

”ڪاروچاڻ...؟“

ها... درياءَ ۾ هڪ ٻيٽ تي قديم ڳوٺ ۽ قديم بَندَرگاھ ڪاروچاڻ آهي، اتي دوست رحيم بخش ڪٽي رهي ٿو، ان ڏي ويندس ۽ ڏهن- پندرهن ڏينهن ڪانپوءِ موٽي ايندس...

”ايترا ڏينهڙا...“ سورٺ اداس ٿيندي چيو. ڪيس سمجھ ۾ سارنگ جي ڳالھ نہ ٿي آيس. هيءَ سوچن ۾ گم ٿي وئي... سارنگ کي ڪيئن اهو خيال آيو؟ هي ڪيڏيءَ خوشيءَ مان پيو تياري ڪري... اها ڪهڙي ڳالھ آهي جو دل ۾ ايڏو خوش آهي؟ سورٺ جي ذهن ۾ ڪيترائي سوال ڪُن جيان ڦيريون ڪائيندا رهيا. سارنگ ٿيلهي ۾ سامان وجهي دل ۾ چيو: ’صبح جو سوير نڪري وڃان.‘ پوءِ سورٺ کي ڪجھ ٻڌائڻ ڪانسواءِ ئي ٻاهر هليو ويو ۽ گهر ڪان نڪري ويو. سورٺ اتي ويچارن ۾ ٻيٺي رهي تہ صفيہ اندر آئي، ڪيس ملول ڏسندي چوڻ لڳيس.

”ڏيءَ سورٺ...“ سورٺ خيالن مان پاڻ کي ڇڏائي ماسيءَ کي ڏسندي چپن تي مرڪ آڻڻ جي ڪوشش ڪئي، پر آٽي نہ سگهي. من جي ڪومائجڻ جو ڀيد سندس اداس چهري پڌرو ڪري وڌو هوس، جنهن کي صفيہ پرکي وئي وئي، هوءَ سورٺ جي پرسان اچي ڪلهي تي هٿ رکندي ڪائنس ڏاڍي پيار منجهان پڇڻ لڳس.

سورٺ! ائين ڇو ويڳاٽي ٻيٺي آهين... سارنگ ڪجھ چيو ٿئي ڇا......؟

سورٺ ڌڙڪندڙ دل تي ۽ اکين ۾ آيل ڳوڙهن تي ضابطو آٽي سارنگ جي ٿيلهي ڏي اشارو ڪندي چوڻ لڳي.

ماسي! سارنگ ڏهن پندرهن ڏينهن جي لاءِ ڪاروچاڻ وڃي پيو...

ڇا... ڪاروچاڻ...؟

ها ماسي! مون کي اهو چيو اٿائين، وڌيڪ خبر ڪانهي... سارنگ جي ماءُ اها ڳالھ ٻڌي چند سيڪنڊ سوچ ۾ پئجي وئي، هيءَ سورٺ جي من واري چاهت ۽ اداس ٿيڻ جي ڪيفيت کي سمجهندي مرڪي ڪيس دلداري ڏيندي چوڻ لڳس.

ڌيءَ! دلگير نہ ٿي... جنهن پيار سان تو سارنگ جي چهري تي خوشي آندي آهي، منهنجو ٻچڙو ڪلڻ ۽ ڪائڻ لڳو آهي. مونکي اها پڪ آهي تہ سارنگ ڪڏهن بہ توکان پري ڪونہ ويندو، ۽ ها... اها پڪ مان ڏيان ٿي تہ سارنگ تنهنجو آهي ۽ تنهنجو رهندو... ٿوري سگهاري ٿيءَ، سارنگ سان مرڪي ۽ کلي ڳالهاءِ، هن جي ننڍڙين ننڍڙين ڳالهين کي دل تي نہ آڻِ، مَن وڏو رَڪ، مرڪي سارنگ جي ڳالھ کي سمجهڻ جي ڪر. هن جي اڻ وڻندڙ ۽ اجاين ڳالهين تي ايڏو نہ سوچ، نہ ئي ويچارن ۾ ويڙهجي وڃ جي تون ساڻس کلي ڳالهين کي مجينديءَ تہ سارنگ هڪ ڏهاڙي تنهنجي ڳالھ مڃي وٺندو... ۽ ... جي تون ڪائنس وڃڻ وارو قصو پڇڻ ٿي گهرين تہ اهو بہ خوشيءَ واري انداز سان ڌيرج سان پڇ تہ پوءِ سارنگ توکي ٻڌائي وجهندو ۽ تنهنجي اندر جي اڻ تڻ لهي ويندي.

ماسيءَ جي ڳالهه ٻڌي مرڪي ڏنائين، هن جي ذهن ۽ دل تان بار لهي ويس، ماسي صفيه ڪمري کان ٻاهر هلي وئي، سورٺ اهو ارادو ڪيو. ”رات سارنگ کان پيار جي انداز سان سندس من واري ڳالهه اڪيلائيءَ ۾ پُڇي وٺندي مانسِ...“ هي ڇهري تي مرڪ آڻي گهر جي ڪم ڪار ۾ لڳي وئي.

رات جو دير سان سارنگ گهر آيو، هن ڪجهه سامان خريد ڪيو هو، جنهن ۾ ڏندن جو برش، پيسٽ، ڏاڙهيءَ لاهڻ جو سامان، هڪڙو ٽوال ۽ رومال وغيره. هن اهو سامان ٿيلهي ۾ وجهي هيڏي هوڏي ڏنائين ته سورٺ نظر ڪونه آيس، ڪمري مان ٻاهر نڪري ورانڊي ۾ اچي ويهي رهيو، پاسي واري ڪمري جو در ٻيڪڙيل ڏنائين، هن اهو در کڙڪائڻ، ماءُ پيءُ جي ننڊ ڦٽائڻ نه ٿي چاهي، هي دوستن وٽان ماني کائي آيو هو، چانهه جي ٻاڙ لڳي هئس، چانهه جي خيال سان هي ٻورچي خاني ۾ آيو، اتي به سورٺ کي نه ڏنائين.

”سورٺ ڪٿي آهي، چوانس ته چانهه پيار...“ سارنگ دل ۾ چئي وري اڳڻ ۽ ورانڊي ۾ نگاهه ڦيرائي، ڏاڪڻ تي چڙهندو ڇت تي آيو ته کٽ تي سورٺ کي ستل ڏنائين، جيڪا گهري ننڊ ۾ هئي، مٿس چنڊ جي چاندوڪي پهرو ڏيندي سورٺ جي مک کي جرڪائيندي رهي. سارنگ وک وڌائي کٽ جي سيرانديءَ کان اچي سورٺ جي ڇهري کي ڏسڻ لڳو، سورٺ جي چپن تي هلڪي مرڪ پکڙيل هئي، جنهن کي هي ڏسندو ٻت ٻڻجي ويهي رهيو، هن اڳي ڪڏهن سورٺ کي اهڙو سهڻو ڏٺو ڪونه هو، سارنگ ٻيني ٻيني دل ۾ چيو.

”مرڪ زندگيءَ جي خوبصورت نشاني آهي، مرڪ ئي آهي جيڪا ماڻهوءَ جي ڇهري کي سهڻو ۽ ڪشش وارو ٻڻائي ٿي.“ سارنگ ائين چئي خيالن ۾ سورٺ سان ڳالهائڻ لڳو.

سورٺ تنهنجي مرڪ ڪيڏي نه پياري آهي، چاندوڪي ڪيئن نه تنهنجي وجود کي چمڪائي رهي آهي. اوچتو سارنگ جو ڌيان پَلوڙي جي طرف هليو ويو، هن ائين پانيو جڻ ڪيس مِني ڏسي رهي هجي، هي سورٺ کان نگاهه هٽائي پَلوڙي جي طرف هليو ويو، هن کي ماسي صابل جي گهر جي ڇت تي چنڊ جي چاندوڪيءَ ڪانسواءِ ڪجهه ڏسڻ ۾ ڪونه آيو. هن کي ائين لڳو جڻ مِني آئي هئي ۽ ڏوراپو ڏئي هلي وئي. پَلوڙي وٽ بيني ٻيني پنهنجي غلطيءَ جو احساس ٿيڻ لڳس.

نه... نه... مِني... توسان بي وفائي نه ٿو ڪري سگهان...

هن کان ”مِنيءَ“ وارو اکر زبان مان تيزيءَ سان نڪري ويو، جيڪو سورٺ جي ڪن تي پيو، هوءَ جاڳي پئي، پَلوڙي وٽ سارنگ کي ڏسندي ڪنگهندي اٿي کٽ جي سيرانديءَ کان رئو ڪٽي پاڻ کي ڍڪيائين ته سارنگ به هن جي سامهون اچي ويٺو، جيڪو پنهنجي اندر جي بي چينيءَ کي لڪائي نه سگهيو هو، سندس ڇهري تي ڇانيل

پگهر جي ڦڙن کي ڏسندي سورٺ وائڙي ٿي وئي، هيءَ سارنگ جي هٿ کي پڪڙي چوڻ لڳي.

”سارنگ! ڇا ٿيو آ، ڇو پريشان بينو آهين.؟ ڪجهه ٻڌاءِ ته سهي. ڪيڏيءَ مهل آيو آهين.؟“

سارنگ اکيون مٿي کڻي سورٺ ڏانهن نهاريو ته ڪيس سورٺ جي گهريءَ ننڊ وارو چهرو ياد اچي ويو، هي گهڻو سورٺ کي منهن ۾ نهاري نه سگهيو، ڪنڌ کڻي هيٺ ڪيائين.

سارنگ! ڇا ٿيو... مٽي ۾ سور اٿئي ڇا...؟ سورٺ پيار ڀري انداز ۾ چيو. سارنگ نگاهه مٿي کڻي، من واري مونجهه کي لڪائيندي چيو.

”ها... مٽي ۾ سور آهي.“

”پوءِ... چانهه ناهي اچان...؟“ سارنگ جي چپن تي مرڪ اچي وئي مشڪندي چيائين.

”ڇڳو ڀلا... چانهه پيار...“

سارنگ جا اهي لفظ ٻڌي، سورٺ هن جي منهن ۾ نهاري دل ۾ خوش ٿي ڏاڪڻ جا ڏاڪا هيٺ لهندي، چپن ۾ مرڪندي چوندي آئي.

”مان ڪيڏي ڇري آهيان، سارنگ جو هيٺ انتظار ڪرڻ بجاءِ ڇت تي اچي کٽ تي سمهي رهيس. سمهڻ سان اهڙي ننڊ اچي وئي جو اهو پتو ئي ڪونه پيم ته سارنگ ڇت تي ڪهڙيءَ مهل آيو آ.“سورٺ چانهه ناهي ڇت تي آئي ته سارنگ کي پنهنجي خيالن ۾ ڏسي خاموش ٿي بيهي رهي، سارنگ جا چپ چرندا رهيا، هو هٿن کي مهٽيندو رهيو، سورٺ گهڻي ڪوشش ڪئي، سارنگ جي چپن جي چر پر جو آواز ٻڌان... پر سارنگ دل ۾ ڳالهائيندو چپ چوريندو ٿي رهيو.

سورٺ اهو ڏسي وائڙي ٿي وئي ۽ سوچڻ لڳي، ”سارنگ جي من ۾ ضرور ڪا اهڙي ڳالهه آهي، جا ڪيس سوچن جي کُن ۾ ڦيراٽيون ڏياريندي ٿي رهيس، ڪنهن ڪنهن مهل خيالن ۾ اهڙو وڃائجي ٿو وڃي جو اوسي پاسي جي خبر ڪانه پويس ٿي... هاڻ سارنگ کان سندس من جي ولوڙجڻ جي خبر پڇندس... اهو ارادو ڪري سورٺ کنگهڻ جو آواز ڪيو ته سارنگ جا خيال ٽٽي پيا، ڪنڌ مٿي ڪنيائين ته سورٺ جي هٿ ۾ چانهه جو ڪوپ ڏسندي ٿورو مسڪرائي چيو.

”چانهه...“ سورٺ چانهه وارو هٿ وڌائيندي ڪو جواب ڏيڻ بجاءِ سارنگ کي چانهه جو ڪوپ ڏئي پرسان ويهي رهي ۽ سوچن ۾ پئجي وئي، ”ڪيئن هن کان من جي اُڻ تُڻ واري ڪهاڻي پڇان، ڪٿي منهنجي پڇڻ تي ناراض ته نه ٿيندو...!؟

سارنگ چانهه جي سرڪي ڀري، سورٺ جي منهن ۾ نهاري، جنهن جي چهري تي اداسي ڏسي وائڙو ٿي ويو، هن جلدي ۾ چانهه پي ڇڏي، جيڪا ٿڌي ٿي چڪي هئي، هن

ڪوپ ڪٽ جي پاسي ۾ رکي جيئن سورٺ جي اکين ۾ نهاريائين ته سورٺ جون اکيون هن کي گهورينديون ٿي رهيون، هن اڳ ڪڏهن سورٺ کي ايترو پريشان ۽ سنجيده ڏٺو ڪونه هو. سورٺ ٿڌو ساهه ڀري چوڻ لڳي.

”سارنگ!“

”جي...“

”هڪ ڳالهه پڇان پر...“

”پر... ڇا...“ سارنگ سنجيده ٿي جواب ڏنو ۽ سورٺ جون اکيون هن کي سوالي انداز سان تڪينديون رهيون، نيٺ سورٺ دل ٻڌي ڪائنس پڇيو.

سارنگ اڄ جيڪو توکان پڇندس، ان جو جواب سچائي سان ڏجانءِ ۽ لڪائڻ جي ڪوشش نه ڪندين... ڇو ته تو گهڻو ڪجهه مون کان لڪايو آهي، مان جڏهن به تنهنجي پرسان ايندي آهيان. تون خيالن جي زنجيرن ۾ اهڙو جڪڙيل هوندو آهين، جو مون کي ڏسندو ناهين. جڏهن مان تنهنجي چاهت لاءِ ترسندي رهندي آهيان ۽ ها... تون اهو به ڄاڻين ٿو ته مان هت ڇو رهي پئي آهيان...!؟

سارنگ اهي لفظ ٻڌندي دل ۾ چيو، سورٺ تون سڀ ڪجهه سچ چئي رهي آهين، تنهنجي اکين ۾ درياءَ جي ڇولين جيان پيار کي ڇلڪندي ڏٺو آهي ۽ اهو محسوس ڪيو اٿم ته مون سان بيحد پيار ڪرين ٿي، پر مان ڪيئن توکي ٻڌايان ته مان ڪيترو مجبور آهيان. اڳ ۾ ئي مِني جي پيار جي ڪڙين ۾ سڄو جڪڙيو پيو آهيان. جي مِنيءَ جو نالو تنهنجي اڳيان کڻندس ته تون باهه جيان ڀڙڪو ڪائي وٺندينءَ.

سورٺ هن جي منهن ۾ ڏٺو ۽ سوچڻ لڳي ته هن منهنجي ڳالهه ٻڌي به آهي يا ٻڌي اڻ ٻڌي ڪري ڇڏي اٿائين. پوءِ سارنگ جي هٿ کي پڪڙي چوڻ لڳي.

”سارنگ!“

”جي... جي...“ سارنگ تڪڙ ۾ جواب ڏنو.

سارنگ! تو ڪو جواب نه ڏنو... يا... منهنجي ڳالهه....! سورٺ جي ڳالهه کي اڌ ۾ ڪٽيندي سارنگ چيو.

سورٺ! مون وٽ تنهنجي هر سوال جو جواب آهي، تنهنجي نيڻ ۾ پيار به ڏٺو آهي، آءٌ بي حس ناهيان جو تنهنجي چاهت کي سمجهي نه سگهان... پر مان توکان وڌيڪ جڪڙيل آهيان.

”جڪڙيل...“ سورٺ وڏي آواز ۾ چيو.

ها سورٺ... ها... پر تون سنجيده ٿي ڳالهه ٻڌنديءَ ۽ هڪڙو وچن ڪندينءَ ته پوءِ... سورٺ هن جي ڳالهه ٻڌي ماٺ ٿي سارنگ ڏانهن نهاريندي ڇپن تي مرڪ آڻي چيائين.

سارنگ! تون منهنجي پيار جي پرک رکين ٿو ۽ اهو به ڄاڻين ٿو ته توسان پيار ڪريان ٿي، ان کان وڌ منهنجي لاءِ ٻي ڪهڙي خوشي ٿيندي، تون منهنجو پيار آهين،

جيڪو بہ واعدو وچن وٺندين مان ڏيڻ جي لاءِ تيار آهيان.
اهو جواب ٻڌي سورٺ جي هٿ کي سارنگ زور ڏيندي چيو.
”سورٺ! دوست سمجهي ڳالهہ ڪريان ٿو تہ مان سياڻي صبح جو سوير ڪاروڃاڻ پنهنجي پيار جي ڳولا ۾ ويندس. اهو راز ڪنهن سان بہ نہ ڪجانءِ ، صرف پنهنجي دل ۾ رکجان ۽ مون کي پڪ آهي تہ، تون مايوس نہ ڪندينءَ. جنهن پيار سان سات ڏنو اٿئي، اهڙي پيار سان هن راز کي اندر ۾ رکي ڇڏ. منهنجي راهہ جي روڪ نہ ڪر.“
سورٺ جي اکين ۾ ڳوڙها اچي ويا، هيءَ انهن ڳوڙهن کي پنبڙين جي اوٽ ۾ روڪي گهڻو وقت ويهي ڪونہ سگهي ۽ هيٺ لهي آئي. سورٺ ڪمري ۾ اچي کٽ تي ساٽي تي ڪِري پيئي ۽ سڏڪن ۾ پئجي ويئي. سارنگ جي نئين سفر تي وڃڻ واري ڳالهہ کيس جهوري ڇڏيو هو. دل ۾ اُلڪن جا ڪيئي انبار ڪَني ٿيندا ويس. وهمن ۽ وسوسن جا واچوڙا سندس ذهن ۾ ڦرندا رهيا. سڄي رات بي چيني ۽ بيقراريءَ ۾ گذريس. خيال آيس تہ سارنگ ڏي وجان ۽ چوانس:
”سارنگ! تون نہ وڃ. اڻ ڏٺي سفر تي ۽ اڻ ڄاڻ پيچرن تي نہ وڃ. اڻ ڄاڻ گس، واٽون ۽ پيچرا مايوسيءَ ڪانسواءِ ڪنهن کي ڪجهہ ناهن ڏيندا. سارنگ! تون نہ وڃ. جنهن جي تلاش ۾ وڃين ٿو، اُها الائجي ڪهڙن آکيرن ۾ قيد هجي يا آزاد بہ هوندي تہ توکي ڪيئن ملندي؟ جنهن جي ڏس پتي جي توکي ڪابہ ڄاڻ ڪونهي ڪا. سارنگ! تون اڻڄاڻ راهن جو مسافر ٿي کيس ڪيترو ڳوليندين ۽ ڀٽڪندو رهندين؟“
سورٺ اهي خيال مَن ۾ سانديي سُورن واريون وکون کڻي ڪمري کان ٻاهر نڪري آئي. آسمان ڏي ڏٺائين تہ تارا ايڪڙ ٻيڪڙ نظر آيس. هوءَ ڇت تي چڙهي آئي. سارنگ جي کٽ وٽ بيهي رهي ۽ ڏسندي رهيس. سارنگ گهري ننڊ ۾ هو. سورٺ ڳپل وقت تائين بيٺي رهي تہ سارنگ جو جملو کيس ياد آيو: ”مونکي پڪ آهي تہ مايوس نہ ڪندينءَ. جنهن پيار سان سات ڏنو اٿئي، اهڙي پيار سان هن راز کي اندر ۾ رکي ڇڏ ۽ منهنجي رستي جي روڪ نہ ڪر.“ سورٺ اندر جو سڏڪو پري هيٺ لهي آئي. کٽ تي اچي ڳٽتين ۾ ويهي رهي. اوچتو هن قدمن جو آواز ٻڌو. اُٿي ٻاهر آئي تہ سارنگ تيلهو کڻي وڃي رهيو هو. در وٽ بيهي ڪنڌ ورائي سورٺ ڏانهن ڏِسي هليو ويو.

☙❧

# باب پنجون

سج جا ڪرڻا چنيءَ جي دروازي کان اندر اچي زمين تي ٽِڪا ناهيندا رهيا. سارنگ پنهنجي ذهن ۾ ماضيءَ جي شروعاتي واقعن جي ڪڙيءَ کي ياد ڪندو رهيو.چنيءَ جي ٻاهران ڪبريون ڪنهن ڳالهه تان پاڻ ۾ گوڙ ڪري رهيون هيون. ڪبرن جي گوڙ تي سارنگ جا خيال ٽٽي پيا ۽ هو ٿڌو ساهه ڀري چنيءَ کان ٻاهر نڪري آسمان جي طرف نهاري ٿو. ان نهار ۾ مِنيءَ جي ملاقات وارو درد سمايل هجي ٿو. ايتري ۾ هڪ ڪتو گهرن جي طرف کان هلندو چنيءَ جي طرف ايندو ڏسي ٿو، ڪتو هن جي سامهون اچي پُڇُ لوڏڻ لڳو. هي گهري سوچ ۾ پئجي ۽ ڪتي جي طرف نهاري ٿو. سارنگ جي نهار تي ڪتو بہ ڪيس نهاريندو رهي ٿو. هي محسوس ڪري ٿو تہ، ڪتي وٽ بہ پنهنجائپ جو احساس آهي، محبت جو احساس آهي. ايتري ۾ رحيم بخش نيرن ڪٽي آيو تہ هن کي خيالن ۾ ڏسندي چيو.

سارنگ! ڇو پريشان ۽ سست ويٺو آهين؟

”نہ يار... اهڙي ڳالهہ ڪانهي.“ سارنگ سنجيده ٿي جواب ڏنو.

”اچ ماني کائُ. قسمت سان آيو آهين. توهان خشڪي وارن جي زندگيءَ کي ڏٺو آهي. پر هتي پاڻي منجهہ جهوپڙا ۽ جهانگيئڙن جي زندگي ڏسي وٺُ.“ سارنگ کلندي خوش ٿي وراڻيو.

”رحيم! وڃڻ واري ڳالهہ ڪانهي.“

پوءِ... ڇڏ اجاين سوچن کي ماني کائُ. منهنجو وڏو ياءُ جليل چند ڏينهن ۾ ڪراچي کان اچي ويندو. توکي سوڪي بَندَر، بيٽن تي رهندڙ ماڻهن ۽ مهاڻن جي زندگي ڏيکاريندو ۽ گهمائيندو، ڦيرائيندو تہ خوش ٿي ويندين.

هي ٻئي نيرن ڪائي هٿ ڌوئي چنيءَ مان ٻاهر اچي ڪرسين تي ويٺا هئا تہ هڪڙو نوجوان آيو، ٻنهي سان هٿ ملايو. رحيم بخش ان کي ڀرواري خالي ڪرسيءَ تي ويهڻ جو اشارو ڪري سارنگ سان ان جو تعارف ڪرائڻ لڳو.

سارنگ! هي منهنجو پيارو دوست حاجن آهي. ائين هي حاجن ڏي نهاري سارنگ جي باري ۾ ٻڌائڻ لڳو.

حاجن! هي دوست سارنگ سکر کان ملڻ آيو آهي. هت من ئي نہ پيو لڳيس، ٿورو اڳ چيومانس سست نہ ٿي، تون هتان جي زندگيءَ کي ڏس ۽ گهمي ڦري وٺ. حاجن کل مک وارو نوجوان آهي. تنهن اها ڳالهہ ٻڌي سارنگ ڏانهن مشڪي نهاري پوءِ رحيم بخش کي مخاطب ٿي چوڻ لڳو.

يار رحيم! آءٌ ڪيٽي بَندَر وڃان پيو، منهنجي دل ٿي چوي تہ سارنگ کي وني

وجان، اتي دوستن سان ملايانس... سارنگ مشڪندو ڪنهن مهل حاجن ڏانهن ته ڪنهن وقت رحيم بخش ڏي نهاريندو رهيو. رحيم بخش ڪيٽي بَندَر جو تصور ذهن ۾ آڻيندي حاجن کي چيو.

حاجن! ڪيٽي ۾ جت ۽ ڪاتيار رهن پيا، سي اصل ڪاري چاڙ جا آهن. تن سان پنهنجي جهجهي ڏيٺ ويٺ آهي، جي توهين ويندا ته ڪين پنهنجا سلام چئج.

حاجن اٿندي چيو، ادا آءٌ هلان پيو، ڪلاڪ ٻن کان پوءِ هتي ئي آءٌ رسي ويندس. پوءِ سارنگ ڏانهن نهاريندي چوڻ لڳو.

ڀاءُ... تيار رهجان... آءٌ پڪ سان ايندس.

ائين چئي سارنگ ۽ رحيم بخش سان حاجن هٿ ملائي موڪلائي هليو ويو. سارنگ هن کي ڏسندو رهيو. دل ۾ چوڻ لڳو ته، ”حاجن ڪلڙو نوجوان واهه جو ماڻهو آهي.“

رحيم بخش کي ڪو ڪم ياد اچي ويو، تنهن سارنگ کي چيو.

ادا... آءٌ اچان ٿو... ايوب توهان وٽ ويٺو آهي. گهر جو ٿورو ڪم ڇڏائي موٽي اچان ٿو. رحيم بخش کي ويندو ڏسي سارنگ دل ۾ چوڻ لڳو. يار...! توکي ڪهڙي خبر ته سورن جون ڪي سرحدون هونديون ناهن، خُشڪيءَ وارا ٻه درد ۾ جڪڙيل آهن. سارنگ ڪنڌ مٿي ڪٽي ڊوڙندڙ بادلن کي ڏسي وري سوچن جي ڪُنَ ۾ڦاسي پيو. ”ڪاش! رحيم بخش جي واقفيت منهنجي حقيقي سفر ۾ هجي هان...!! هُن جي جهجهي واقفيت منهنجي مقصد جي واقفيت ڪونه آهي. هاڻ ڪٿان...!؟ ڪيئن مِنيءَ جو پير ڳولهجي ۽ پتو پڇجي، هوائن کان ڏس پڇڻ ڏاڍو ڏکيو آهي هي ويران پَٽَ ۽ ڪنڌيون جهڙو منهنجي اندر جي عڪاسي ڪنديون هجن.“ وري اُڻ تُڻ ۾ پئجي وڃي ٿو. ”الائجي منيءَ سان ملي سگهندس يا نه، جنهن کان بغير منهنجي زندگي اڌوري بڻجي وئي آهي.“هن کي انهن خيالن ۾ ڪافي وقت گذري وڃي ٿو. حاجن اچي سلام ورايو ته سارنگ جا خيال ٽٽي پيا، هن اتي ڪيس هٿ ڏنو ته حاجن مرڪي وراڻيو.

”سارنگ! ڪهڙن خيالن ۾ آهين، هلڻ جي تياري آهي يا نه...“

”ادا... مان تيار آهيان، رحيم بخش اچي ته هلون ٿا.“سارنگ سوچيندي ڪائنس پڇيو.ادا حاجن... ڪٿان ۽ ڪيئن هلنداسين؟

سارنگ جي اهڙي سوال تي حاجن مرڪي ڏنو ۽ چوڻ لڳو.

ڀاءُ... پَتڻ اُڪري ڳاڙهي شهر هلنداسين، اتان ڊاٽسن ۾ چڙهي ڪيٽي بَندَر هلنداسين.

سارنگ اهو جواب ٻڌي اندر ۾ ڏاڍو حيران ٿيو .ڳاڙهو شهر... جڏهن هي رحيم بخش ڏي آيو ٿي ته ڳاڙهي ۾ پهچي هن ڪاروڇاڻ جي پڇا ڪئي هئي ته همراهه ڪيس چيو هو. ڀائو! سامهون ڊاٽسن جيڪا ٻري بيٺي آهي اها پَتڻ تي ويندي... هن ڊاٽسن

ڏانهن تڪڙي وک وڌاءِ ته ڪيس ڊاڪٽرن جي پرسان بيٺل همراهه چيو.

سائين! ويهو دير نه ڪريو، پَتڻ جي آخري ڊاڪٽرن آهي. هن جي دل نه ٿي چاهيو ته ڳاڙهي شهر مان نڪري هلجي... پر ٻي ڪا واهه ڪونه هئس، نه ئي ڪو واقفڪار ۽ دوست ڪو سڃاڻو... پوءِ هي ڊاڪٽرن ۾ چڙهي ڪاري ڇاڻ پهتو هو. هيئنئر جڏهن حاجن ڳاڙهي شهر جي ڳالهه ڪيس ته اتان ئي هلڻو پوندو. من ۾ ڏاڍو خوش ٿي رهيو. هي مشڪندو حاجن کي ڏسندو رهيو. حاجن ڏانهن نهاريندو ۽ سوچيندو ٿي رهيو. سارنگ جي چهري تي اداسي سان گڏ خوشيءَ جون لڪيرون نهي ٿي ويون. ايتري ۾رحيم بخش آيو، حاجن سان هٿ ملائيندي کيس چيو.

”حاجن! واعدي جو پڪو آهين، پر... سارنگ جي پارت اٿئي.“

ياءُ رحيم! کهڙي پيو ڳالهه ڪرين،سارنگ سان ملڻ کان پوءِ مون پاڻ ائين پئي محسوس ڪيو ته سارنگ سان چند گهڙين اڳ واري ملاقات ناهي، پر ڪا سالن جي پراڻي ڏيٺ ويٺ لڳيم ٿي. حاجن ڪجهه سوچيندي وري سارنگ ڏانهن نهاريندي چيو.

ياءُ! توکي اسان وٽ ڏهه پندرهن ڏينهن رهڻو پوندو... ڏهه پندرهن ڏينهن کان پوءِ منهنجي دوست جي ڳاڙهي ۾ شادي آهي، اها ڳالهه ٻڌندي رحيم بخش وراڻيو.

حاجن! تون گهٻراءِ نه، سارنگ اتي ئي هوندو. هي سوکي ٻَندَر ڏسڻ ۽ گهمڻ آيو آهي. مٿئين هفتي ۾ وڏو ياءُ جليل ڪراچي کان ايندو، ان سان هي سوکي گهمڻ ويندو، تيستائين هتي آهي.

پوءِ حاجن ۽ سارنگ ٻنهي رحيم بخش کان موڪلايو. هي ٻئي پاڻ ۾ ڪچهري ڪندا، بازار کان ٻاهر نڪري ڪلراٺي زمين تان هلندا پَتڻ جي طرف ٿي آيا ته حاجن چوڻ لڳو.

سارنگ! ڳوٺ ۽ ڪچن گهرن ۾ رهندي توکي مونجهه ته ڪونه ٿيندي آهي. حاجن جي ڳالهه ٻڌي سارنگ مرڪي وراڻيو.

ادا حاجن! هونءَ به ڳوٺ ۽ واهڻ، وسَتين ۾ ويندي اڪيلائپ ٿيندي ڪانهي، ڪڪن ۽ جهڳين ۾ رهندڙ ماڻهو ڏاڍا قربائتا ٿين ٿا، پر ساحليءَ پٽيءَ جي ماڻهن جو پيار ئي نرالو آهي، سي آيلن کي اکين ۾ ويهاري جيءُ ۾ جاءِ ڏيڻ واري روايت کي صدين کان برقرار رکيو اچن پيا.

سارنگ جا اهي لفظ ٻڌي حاجن خوش ٿي هن جي منهن ۾ نهاري وراڻيو.

ياءُ! چوين نيڪ پيو، هي ڪکن وارا ۽ ڳوٺن وارا ماڻهو سک ۽ ساهه منجهه آيل کي سانڍين، پنهنجي حال سارو ۽ تنهن کان وڌ آيل جو آڌرياءُ ڪندا آهن، ويچارا ايڏا سادا ماڻهو جو مهمان جي سک ۾ پيا جيئندا ۽ جهومندا.

هي ڳالهيون ڪندا پَتڻ جي ويجهو آيا ته ڪنڌي وٽ ڇهه ست ماڻهو ويٺا هئا. انهن جي ويجهو ٿيا ته هڪ جڻو حاجن ڏانهن نهاري چيو.

حاجن! ڪيڏانهن پيو مهمان سان وڃين.؟

”ادا! ڪيتي پيو وڃان.“

”حاجن! پاڻي الائجي ڪيڏنهن ويو آ، پَتڻ جا ماڻهو تي ويا اٿس.“

سارنگ لاٽن جي مٿان اڏرندڙ ڪانون کي ڏٺو پئي تہ حاجن بہ هن جي نگاهہ سان گڏ ان ڪانوَ ڏانهن نهاريندي وري سارنگ کي ڏسي چيو.

”ادا! ڇا پيو سوچين...؟“

”حاجن! هي ماڻ ۽ ڇوڙ وارن علائقن تي هينئر ڪانگ پيا اڏرندا ڏسجن.“ اهي لفظ ٻڌي حاجن ٿڌو ساهہ ڀري، آلين اکين سان ڪلراٺي زمين تي لڏندڙ لاٽن کي جيڪي هوا تي لڏي رهيا هئا، پوءِ ڏک وچان چوڻ لڳو.

سارنگ! اڳي ڪاروڇاڻ جي زمين مِٺي پاڻيءَ منجهہ پنهنجو بدن پسائي، ساوڪ ڀريو لباس پهريندي هئي تہ ڏيساور ۽ ڏيساور ڪان آيل پکي سڀ هتي پنهنجا آکيرا جوڙيندا هئا ۽ پنهنجن خوبصورت پرڙن سان اڏرندا مِنيون ٻوليون ٻوليندا هئا.

درياءَ جون موج مستيون بہ هيون ۽ ڪنڌيون ساوڪ سان گڏ، پکين جي ٻولين سان ائين پيون لڳنديون. ڄڻ سيئي پکي سونهن ۽ ڌرتيءَ جا گيت ڳائيندا هجن ۽ فطرت جي سونهن کي ريجهائيندا هجن. ڍنڍون ۽ ڍورا هزارين خوبصورت پکين جي ڦڙ ڦڙهاٽ ۽ ڪنارن، ڪنڌين ڪان ٻيڻل وڻن جون سايون تاريون پينگهہ جيان پيون لڏنديون هيون. هوا وڻن جي پتن منجهان گذري اها بہ پکين جي مٺڙي ٻوليءَ سان پنهنجو سُر ڇيڙيندي هلي ويندي هئي. ساڃي ماڻ ۾ من موهيندڙ ردم ڇڙي ويندو هو، جيڪي بہ ڏيساوري ماڻهو جهازن ۽ ٻيڙين ذريعي سنڌوءَ جي وهڪري مان گذرندا، ڪنڌين ڪان هلندا ها تہ اهي هن علائقي جي ڪَشش ڪندڙ منظرن ۽ پکين جي پانت پانت وارين ٻولين جي سريلي مٺڙي آواز تي سڀ ڪجهہ وساري ويهندا ۽ پنهنجا جهاز لانچون روڪي سنڌو نديءَ جي سونهن جا ڍڪ ڀرڻ لاءِ لَهي ايندا ها... گهڻا ڏيساوري هن ڌرتيءَ تي پير رکڻ ڪان پوءِ واپس ورڻ وارو خيال دل ۽ دماغ مان ڪڍي مهراڻ جي موجن جي مستيءَ ۾ سڀ ڪجهہ وساري ويهندا هئا.

سارنگ جي اکين آڏو سنڌوءَ جي سونهن جو سڄو نقشو ڇٽجي ويو، هن ڪلراٺي زمين تي نهاريو تہ سندس دل درد ڪان ڦاٽڻ لڳي.

حاجن هن جي پرندڙ ڪيفيت جو اندازو لڳائي ويو... پنهنجي اصل پکين واري ڳالهہ تي ايندي چوڻ لڳو.

سارنگ! اسين وڏڙن ڪان ٻڌندا پيا اچون تہ، هت سوکي بَندَرگاهہ ۽ ڪاروڇاڻ ۾ جابلو علائقن ڪان جيڪي پکي ايندا هئا انهن ۾ روهاڪي پکي، اهي پکي روهہ (جبل) ڪان ايندا هئا. جن جا ڪيترائي قسم ٿين. جهڙوڪ.... چيڪلو، نيرڳي، ڊگوش، آڙي، ڪونج، لَلو هَنج، سيلڻ، ٿُرادو وغيره ٻيا ڪيترائي پکي آهن. چيڪلا پَکي (جن جا ست قسم ٿيندا آهن) اهي هينئر ياد نہ آهن، باقي پَکين جا توکي نالا ٻڌايان ٿو، جيڪي

سڪيءَ جا پَکي آهن. جن جا نالا مون سائين حافظ حبيب الله سنڌيءَ جي ڪتاب ”ماڇر، ڪڪرالي ۽ ڪاري جي ٻوليءَ“ ۾ پڙهيا آهن. ونهيو، چيٽي، ڪاٺ ڪنو، ڪبوتر، ڳيرو، جهنگ ڪڪڙ، باز، ڪبر، پونتريو، ڏولبر چانهه، هدهد، جهرڪي، چتون، ڪانگ، اڇ ڪنگر، ڳاڙهو ڪنگر، چبرو، هورا، مرچ، ٽيٽهو، ڪرنا، بحري باز، تاڙو، ڏم، ٻاٻيهو، ٻوڙي، پور، دنهائي، اَٻلبيل، چاپانگو، پيلو باز، ميٽر، هڪ، سيرڻ، ڳجهه، ننڍو ليلهو، ڪاريڏي، جهاز، مالار، ٽيتار، ڪاردونهارو، بلبلو، پروڙي، پاڻيءَ وارا پَکي، فيري پَکي، ڪول، پٽڪ پَکي، شوڪو پَکي، سيلهڻ پَکي، ڪونج، ستالو پَکي، ٻوراڙو پَکي، ٽوپيارو پَکي، تور پَکي،چيهو پَکي، تلور پَکي، هنج پَکي، لال هنج پَکي، سنيڊر پَکي (جيڪو چيڪلو پَکيءَ، ڪڪڙاٺ پَکي، منگهه پَکي، سوهڻي پَکي، پونس پَکي ۽ ڪنگو ڪلوٺو پَکيءَ جو قسم آهي) ٽرهندو پَکي، ڳهنڙو پَکي، ڏوئيلو پَکي، لاکي ڄاڃي پَکي، ڪوٽي پَکي، ڪنيو پَکي، پرولي پَکي، ٿوهر پَکي، ڪڳ پَکي، ڏگهوش پَکي، ٻڏٽو پَکي، ڏلاريو پَکي، آڙي پَکي، هاڙهي پَکي، هنجر پَکي، چٽوڙ پَکي، تتر ڪارا، تتر اڇا، ڪينيا پَکي، اهي ٽئي پَکي هيئنر بہ ڪاروڇاڻ ۾ آهن، باقي ٻيا پَکي جيئن جيئن سنڌو درياءَ جو مٺو پاڻي موڪلائيندو ويو، فصل، گاهه، وڻ ٻوٽا سپ ڪلراٺي زمين جو ڪاڄ ٻڻجندا ويا تہ ويچارا پرديسي پَکي موڪلائي ويا، تن اڇڻ ڇڏي ڏنو.

اها ڳالهہ ٻڌي سارنگ ڏک ۾ پرجي ويو، پاتڻي هنن ڏانهن نهاري آواز ڏنو.

اچو... اچو... توان (توهان) جي انتظار ۾ آهيون. حاجن پاتڻي جو آواز ٻڌو ڪنڌيءَ وٽ رکيل پاٽيو تان هلندو هوڙي ۾ اچي وينو تہ سارنگ بہ هن جي پويان پاٽئي تان هلندو اچي هوڙي ۾ وينو. هوڙي تي ٻينل نوجوان ڪنڌيءَ ڏي نهاري ڪنهن ماڻهو کي ايندو نہ ڏسي پاٽيو ڇڪي هوڙي ۾ وڌو. پاتڻيءَ کي آواز ڏنو.

” هل پاتڻي هل...“

پندرهن ويهہ ماڻهو هوڙي ۾ وينا هئا، جن ۾ چار عورتون ۽ ٽي ٻار هئا. ٻاويهہ ٽيويهہ منٽن کان پوءِ پَتڻ تي تڙ کان ٿوري فاصلي تي ۾ پاتڻي موٽرکي بند ڪري ڇڏيو،هوڙو جيئن ڪنڌيءَ طرف هليو تہ پاتڻيءَ ناتاري پاٽي ۾ اڇلائي تہ هوڙو ٿورو هلي بيهي رهيو. هوڙي ۾ وينل ماڻهن پاتڻيءَ کي پَتڻ ڏنو. ڏهہ رپيا ڪرايو ڏيندا کي پيرن مان چپل ۽ بوٽ لاهيندا هٿ ۾ ڪري ڪاٺ جي تختي تان هلندا گپَ ۾ ڪُنڊا پير ڪري هلندا تڙ تي آيا... تي چار ڄڻا هوٽلن جي طرف وک وڌائي هليا ويا، ڪي وري تڙ تي ٻينل ڏاٽس ۾ گپ هاڻن پيرن سان چڙهندا ويا... ڪجهہ ماڻهو ڏاٽسن جي جهنگلي وٽ بيهي رهيا، ڪي پاسن کان ويهندا ويا.

سارنگ ۽ حاجن گپ وارن پيرن سان ڏاٽسن ۾ اچي وينا. سارنگ هٿ وارو بوٽ پاسي ۾ رکيو، ڏرائيور پَتڻ جي طرف نهاري وات ۾ پان وجهي ڏاٽسن جي پٺيان ٻينل ۽ وينل ماڻهن تي مٽاڇري نگاهہ ڦيرائي. شايد... هو اُنهن کي ڳڻي رهيو هو. ڪين پوءِ

چيو ”منجهه ڏريو... اڙي! منجهه ٿيو ته هلون...“ ائين چئي ڊرائيور پنهنجي سيٽ تي اچي وينو، جهنگلي وٽ بينل همراهه آواز ڏيندي چوڻ لڳو.

”استاد! گاڏي پرجي وئي، هل ٻيلي...“

ڊرائيور چپن ۾ مشڪي اچي پنهنجي جاءِ تي وينو. هن اڳين سيٽ تي ڪنهن کي به ڪونه ويهاريو هو. گاڏي چالو ڪري ڪچي مان هلي پڪي تي چڙهي بيهي رهي، ڊرائيور هوٽل جي طرف نهاريو. اتان به ماڻهو اٿيا، ڪجهري ڪندا اڳين سيٽن تي اچي وينا. ڊرائيور هنن ڏي نهاري گاڏيءَ جي رفتار وڌائي هلندو رهيو... رستي ۾ هن ٻن ماڻهن کي ڪنيو. مُني ڪلاڪ جي سفر ڪرڻ کان پوءِ ڊاٽسن ڳاڙهو شهر جي ويجهو هئي ته سارنگ کي مِنيءَ جا خيال ورائي ويا.

حاجن هن جي چهري کي ڏسي وائڙو ٿي ويو ۽ سوچڻ لڳو ته، هي جيئن ڊاٽسن ۾ وينو آ، خاموش نگاهن سان هر ڪنهن شيءَ کي ڏسندو پيو وڃي، ڄڻ ڪو ماڻهو وڃايل شيءِ کي ڳوليندو آهي...

ڳاڙهي شهر ۾ ڊاٽسن داخل ٿي، هن سارنگ کي هٿ هڻي لوڏيندي چيو.

يار! ڇا پيو سوچين، ماٺ ماٺ ۾ ڇو آهين؟

سارنگ نرڙ تان پگهر جا ڦڙا اگهندي ڳاڙهي شهر جي جاين جي ڇنن کي غور سان ڏسندو رهيو. ايتري ۾ ڊاٽسن شهنشاهه پان هائوس وٽ اچي بيني. ڊرائيور پنهنجي سيٽ تان هيٺ لهي بينو ته ماڻهو ڊاٽسن مان هيٺ لهندا ڊرائيور کي ويهه رپيا ڏيندا ويا. سارنگ اڳ ۾ لهي کيسي مان ويهن رپين جا ٻه نوٽ ڪڍي ڊرائيور کي ڏنا. هڪ هٿ ۾ بوٽ ڪٽي، ٻئي هٿ ۾ ٿيلهو ڪٽي اچي هوٽل ۾ وينو. هن ٿيلهو ٽيبل تي رکي دخل جي طرف ڏسڻ لڳو ته حاجن سلام ورائي سندس سامهون بينچ تي وينو. حاجن پنهنجا پير ڌوئي آيو هو. ايتري ۾ بيرو آيو، هنن جي اڳيان ٽيبل تي پاڻيءَ جو پريل جڳ ۽ شيشي جو گلاس رکي بيهي رهيو. حاجن بيري ڏانهن نهاري چوڻ لڳو.

”يائو! چانهيون ٻه، پر سنيون ڪٽي آ...“

”جي...“ ائين چئي بيرو هليو ويو. سارنگ جڳ ڪٽي ٻئي هٿ ۾ بوٽ ڪنيو، هوٽل جي پاسي ۾ نلڪو لڳل هو. جنهن جو هٿيو نڪتل هو. ان جي پر ۾ پاڻيءَ جو ننڍڙو ڊهو (ڊبو) هو، هي هٿ منهن ۽ پير ڌوئي، خالي جڳ ڪٽي اچي پنهنجي جاءِ تي وينو، هي هوٽل ۾ وينل ماڻهن ۽ روڊ تي هلندڙ ماڻهن کي ڏسي وينو. حاجن هن جي اکين ۾ ايرندڙ سوالن کي پرکي ويو. پوءِ چوڻ لڳو.

سارنگ! ڇا پيو سوچين؟

حاجن جي اهڙي سوال تي سارنگ ڇرڪي ماڻهن تان نگاهه هٽائي چوڻ لڳو.

ساٿي! ڪجهه نه... ائين ئي ٿي ماڻهن کي ڏٺو...

حاجن هن جي چهري ۾ نهاريندي سوچڻ لڳو. ڪا اهڙي ڳالهه سارنگ جي من ۾

ضرور آهي، جيڪا هن کي هَر هَر بي چين ڪندي ٿي رهي جو هي خيالن ۾ وڃي پيو وڃي. هن کان پڇان ته ڪيئن پڇان؟ ايڏي ويجهڙائپ آهي ڪانه... پر ڪائنس هڪ ڏهاڙي پڇي وٺندس.

بيرو چانهه کڻي آيو، هنن جي اڳيان رکي بيهي دخل تي وينل سيٺ ڏانهن نهاريندي، جنهن جي اڳيان گراهڪ بيٺا هئا، آواز ڏيندي چيو: ”سيٺ، اڳيان ٽيهه، پويان ٽيهه ۽ وچ واري ڪان ويهه رپيا.“ بيرو وڏي آواز ۾ چئي حاجن ڏانهن نهاريو: ”سائين، ڪجهه کپي؟“

”ادا، مهرباني.“

پوءِ بيرو هليو ويو. حاجن چانهه جو ڪوپ کڻي چپن تي آڻي سرڪي پري ڪوپ ٽيبل تي رکي وري ٽڪڙو ٻيو ڍڪ پريو. هن کي ڪا ڳالهه ياد اچي وئي، سارنگ ڏي نهاريندي چوڻ لڳو.

”ادا! توهين چانهه پيو، آءٌ ڪيٽيءَ وڃڻ واري ڊاٽسن کي ڏسي اچان ۽ جاءِ رکي اچان.“

ائين چئي حاجن چانهه جو ٽيو ڍُڪ پريو، ڪوپ ۾ ٿوري چانهه ڇڏي اٿي هليو ويو. حاجن کي ويندو ڏسي سارنگ چپن ۾ آهستي چيو ”حاجن! توکي ڪهڙي خبر هن شهر سان منهنجون ڪهڙيون تندون جڙيل آهن، توکي ڪيئن ٻڌايان...؟“

سارنگ انهن خيالن ۾ هو ته هن سامهون حاجن کي ايندو ڏٺو، پنهنجي چهري تان اداسيءَ وارين لڪيرن کي هٽائي مرڪڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳو. ٽيبل تي رکيل ڪوپ کنيو ته حاجن پرسان ويهندي چوڻ لڳو.

ياءُ... هاڻ الڪو ڪونهي، مزي سان چانهه پي ته هلون. هوٽل جي ٻاهران ڊرائيور خميسو مليو، تنهن کي جاءِ لاءِ چيو اٿم. پنهنجو سجاڻو آهي.

سارنگ جي دل پنهنجي مخصوص رفتار کان تيز ڌڙڪي رهي هئي، هن حاجن ڏانهن ۽ ماڻهن ڏانهن نهاريندو آخري سرڪي پري ڪوپ رکيو .هن کي خيال آيو ته، حاجن کي چوان مان نٿو هلان توهين پلي ڪيٽيءَ بَندَر وڃون مان ڳاڙهي ۾ رهي پوان ٿو هن کي خيالن ۾ ڏسي حاجن چوڻ لڳو .

”سارنگ! تو ويني ويني گم ٿي ويندو آهين ؟“پوءِ سارنگ ڳالهه جو رُخ مٽائي حاجن ڏي نهاري ڪائنس پڇيو.

”ادا حاجن!“

”جي...“

”توهان ڪهڙو ڪم ڪندا آهيو؟“ ان سوال تي حاجن مرڪي وراڻيو.

يائو! هلڪي سلڪي، ائين سمجهه ايري سيري نوڪري ڪندو آهيان، ايڏي وڏي تعليم ڪانهي جو سرڪاري نوڪري ڪجي.

سارنگ هن جي ڳالهه اڌ ۾ ڪٽيندي چيو.

پر توهان جي گفتگو مان اندازو اهو لڳايو آ تہ توهين گهڻا لکيل پڙهيل آهيو. حاجن کلي هلڪو ٺهڪ ڏئي پنهنجي تعريف تي خوش ٿيندي چيو.

سارنگ! هن متيءَ جا ماڻهو آهيون، من ۾ مير رکون ڪونہ، بس چئن چڱن يعني پڙهيل لکيل دوستن سان اٺ ويهہ آهي ۽ ڪتاب پڙهڻ سان چاهہ اٿم، آءٌ پورهيت جو پٽ آهيان، ويلي ويلي جي تنگيءَ ۽ گهر جي بار کي ڏسندي وڏيڪ ڪاليج ۾ پڙهي ڪونہ سگهيس ۽ نوڪري سا بہ پرائيويٽ آهي.ڪڏهن ڪڏهن اخبار ۾ لکندو آهيان.“ايتري ۾بيري اچي کين چيو. ”استاد خميسو توهان جي لاءِ ڊاڪسن بيهاري بيٺو آهي.“

سارنگ مرڪي ٿيلهو کنيو. هن کان اڳ ۾ حاجن تڪڙو هلندو دخل تي وينل همراهہ کي چانهہ جا پئسا ڏنا. پوءِ ٻئي جڻا وچ بازار مان هلندا رهيا. حاجن جي ڊاٽسن تي نگاهہ پئي جيڪا هوري هوري هلندي ٿي رهي. پوءِ سارنگ کي چوڻ لڳو.

پائو! اها استاد خميسي واري ڊاٽسن پئي وڃي، تڪڙي وک وڌاءِ... پوءِ ٻئي تڪڙا تڪڙا هلڻ لڳا، ڊرائيور خميسو پنهنجي پاسي واري ٽِڪَ (شيشي) ۾ نهاريندي دل ۾ چوڻ لڳو ”حاجن جاءِ رکرائي ويو، اهو بہ الائجي ڪهڙيءَ ڪنا ۾ ويهي رهيو.“ هن اجا اهو دليل دل ۾ ڊوڙايو تہ ٽڪ (شيشي) ۾ حاجن کي ڊاٽسن جي پويان تيز ايندو ڏسي گاڏيءَ کي پاسي تي روڪي بيهي رهيو. حاجن گاڏيءَ کي ڏسي سارنگ کي هٿ جو اشارو ڪندي ”پائو! وک وڌاءِ استاد خميسو اسان جي انتظار ۾ بيهي رهيو آهي.“ ٻن ٽن منٽن کان پوءِ حاجن اچي ڊاٽسن ۾ وينو ۽ سارنگ بہ هن سان گڏ درياءَ جي پاسي کان ويهي رهيو. استاد خميسو گاڏي چالو ڪري آهستي آهستي شهر مان هلڻ لڳو. هن اک جي پڇڙيءَ سان حاجن ڏانهن نهاري منهن ۾ گهنڊ وجهي چوڻ لڳو.

”حاجن! ڪٿي هئين؟“

استاد! اتي ئي هوٽل ۾ وينا هئاسين، ڳالهين ۾ خيال ئي لهي ويو. پوءِ بيري اچي ٻڌايو، تِکي ڊوڙ پائي رسيا آهيون.

استاد خميسو گاڏيءَ جي رفتار وڌائيندي حاجن ڏي نهاري چوڻ لڳو.

”توهين ڏسڻ ۾ ڪونہ آيا، استاٽر باهہ ٻاري ڏني، تنهنجي ڪري اڳيان ڪنهن ٻئي کي نہ پيو ويهاريان، تو چيو هو مهمان آهي، پوءِ اوهان جو آسرو ڪندو ٽڪ ۾ ڏسندو پئي آيس.“

استاد خميسو ڪيسي مان ٽي چار گٽڪن واريون پڙيون ڪڍي اڳيان رکيون. پوءِ هڪ پڙي ڪٽي کولي اڌ وات ۾ وجهي، ٻيو حاجن ڏانهن وڌائيندي چيو.

”کائيندين؟“

”نہ استاد....“ حاجن جو جواب ٻڌي هن گٽڪو ويڙهي اڳيان ٻين گٽڪن سان رکي ڇڏيو. گاڏي پڳل ٽٽل روڊ تان هلندي اچي ٻَگهاڻ شهر ۾ داخل ٿي تہ ڪنهن ڏک هٽي پويان آواز ڏنو.

”استاد روڪي...“

استاد خميسو پاسي واري ٽِڪَ ۾ نهاريندي، گاڏي بيهاريندي وات مان پچڪاريءَ جيان گٽڪو روڊ تي هاريندي، وات تي هٿ ڦيري پاسي ۾ ويٺل همراهه ڏانهن نهاريو. جنهن هن کي ڪرايو ڏيندي چيو.

”استاد ٻه جڻا.“ استاد خميسو پئسا وٺي کيسي ۾ رکندي گاڏيءَ جي رفتار کي واڌائي، ڪجھ پنڌ کان پوءِ روڊ جي ٻنهي طرن کان پاڻيءَ ۾ ديوين ۽ لاٽي جا ننڍڙا ننڍڙا وڻ سارنگ ڏسي رهيو هو ته کيس حاجن چيو.

سارنگ! توهين ٻنهي طرفن کان پاڻي ڏسو پيا، اهو سمنڊ جو کارو پاڻي آهي، اهي ڍورن جا ور وڪڙ ”اوچتو“ درياءَ جا آهن. صبح جي وقت نائين ڏاري سمنڊ جي وير اَچي سڄي علائقي کي ٻوڙي ڇڏيندي آهي. وري منجهند جو هڪ ڏيڍ کان پوءِ وير لهي ويندي آهي، پوءِ آلڻ تي پوندي آهي. حاجن اوچتو درياءَ بابت سوچي سارنگ کي ٻڌائڻ لڳو.

سارنگ! اڳئين زماني ۾ سنڌوءَ جي وڏي ڦاٽ جو هڪ حصو ”اوچتو“ درياءَ سڏبو هو. جيڪو هاڻي ڍوري جي شڪل ۾ موجود آهي.

استاد خميسو جيڪو خود هن علائقي جو هو. پاڻيءَ جي طرف نهاري وري حاجن ۽ سارنگ جي طرف نهاريندي گاڏيءَ جي رفتار ڳالهائڻ جي خيال سان جهڪي ڪندي چوڻ لڳو.

ادا! هيءَ زمين اڳي مِٺي پاڻيءَ جي ڪري سرسبز آباد هوندي هئي. ڌرتي خوبصورت ٻوٽن سان ڪَر ڪٽي جيئندي هئي ۽ ماڻهو خوشحال هئا. هاڻي وقت جو واءُ اهڙو گهليو آهي جو غريبي اُڌوهيءَ جيان پاڙون پٽي رهي آهي.

”استاد! گاڏي بيهار.“ ڪنهن پنيان هلڪو ڌڪ هڻي آواز ڏنو. استاد خميسو ٺڪ مان ڏسي بريڪ هنئين، گاڏي پاسي تي وڃي بيهي رهي، هڪڙو پوڙهو شخص هيٺ لٿو، استاد خميسي جي پاسي کان اچي ڪرايو ڏئي هليو ويو. گاڏي هوري هوري هلڻ لڳي. سارنگ پري کان پاڻي منجهه ٻڏل گهرن کي ڏسندو رهيو، هن جي خيال کي ڏسندي حاجن چوڻ لڳو.

”سارنگ! ڇا پيو ڏسين؟“

حاجن! ڪچن گهرن کي ڏسان ٿو، پاڻي انهن ڪکن وارن جهڳين کي ڪيئن ڪڙو چاڙهيو بيٺو آهي.؟

استاد خميسو جيڪو هنن ٻنهي جون ڳالهيون ڌيان سان ٻڌي رهيو هو، حاجن جي چوڻ کان اڳ تنهن چئي ڏنو.

ادا! اهي گهر سمنڊ جي وير ۾ آهن ۽ جتن جا گهر آهن، اهو هڪڙو ڳوٺ آهي، ان جي پرسان ٿوري فاصلي تي جيڪي چار پنج گهر ڏسو ٿا اهو ٻه جتن جو ڳوٺ آهي، اهي ڳوٺ مختلف نالن سان سڏبا آهن، جڏهن منو پاڻي هوندو هو، انهن ڳوٺن جا محنتي

ماڻهو زمينون آباد ڪندا هئا، انهيءَ وقت انهن ماڻهن جي خوشحال زندگي ڏسڻ وٽان هئي. جڏهن درياءَ جو پاڻي جهڪو ٿيڻ لڳو ۽ سمنڊ زمين کي پائيندو ويو ۽ کاري پاڻي سان اجاڙيندو رهيو، پوءِ هوري هوري زمينون ويران ٿي ويون، ڳوٺن جي سونهن ڦٽندي وئي، هتان جي مالوندن جو مال ڍور، ڍڳا سڀ بک ۽ بدحالي جو شڪار ٿي ختم ٿيا ويا.

استاد خميسي جي آواز ۾ درد پرجي ويو، پوءِ ٿڌو ساهه پري چوڻ لڳو.

ادا! هن چوڙ وارن علائقن ۾ وڏي لڏپلاڻ ٿي، جيڪي بي پهچ، غريب هئا سي هارپو چڏي. اهي به مڇي مارڻ جي ڌنڌي ۾ لڳي ويا، ويچارا ڪن به ڇا!؟ زندگيءَ جو جياپو ڪيپي، انهن جتن مَڇي مارڻ جو ڌنڌو شروع ڪيو. جيڪي گهڻن سالن کان ڪندا پيا اچن.

استاد خميسي جي ڳالهه ٻڌندي سارنگ ڪومائجي ويو. هن جي نگاهه هر هر پاڻيءَ جي گهيري ۾ آيل گهرن ڏانهن ٿي وئي، ڪلراڻي زمين تي بيٺل پاڻي ۾ڪي ٻارڙا پيرن اگهاڙي راند ڪندا ڊوڙندا پنهنجن گهرن ڏانهن ٿي ويا. حاجن ڪجهه سوچي سارنگ کي ٻڌائڻ لڳو.

ادا! ڪيٽيءَ جو شهر جنهن ڏي هلون پيا، اهو هن وقت جنهن هنڌ تي جڙيل آهي. سو چوٿون ڀيرو نهيو ۽ آباد ٿيو آ. هن کان اڳ ۾ ٽي دفعا ڪيٽي جو شهر اجڙيو آهي، هي علائقو به هاڻي سمنڊ جي کاري پاڻيءَ هيٺ آهي.

سارنگ ڳالهه ٻڌي اجڙيل پٽن ڏي نهاريندو رهيو .حاجن ذهن ۾ ماضيءَ جي ورقن کي اٿلائيندي ٿڌو ساهه پري چوڻ لڳو.

ادا! مرزا قليچ بيگ پنهنجي ڪتاب ”قديم سنڌ جا مشهور شهر ۽ ماڻهو“ جي صفحي نمبر 93 ۽ 95 تي لکي ٿو ته ”اصل ۾ هيءَ ٻاڙي گهوڙا يا گهوڙي ٻاريءَ جي لَهڻ جي جاءِ هئي، شاهه بَندَر ۽ ڏاراجا بندر ڦِٽا، تڏهن هن بَندَر زور ورتو، جتي اڳي بَندَر هو، اتي انهيءَ جي ٻڏي وڃڻ ڪري هي ڪيٽي بَندَر ٻڌو ويو، جو گهڻو جهونو ناهي، ڪڇ ۽ ڪاٺياواڙ سان واپار هلندو هو.

امپريل گزيٽ انڊيا بمبئي پريزيڊينسيءَ مطابق 1848ع ۾ درياءَ پنهنجو رخ تبديل ڪيو ته نئين ڪناري تي ڪيٽيءَ جو شهر آباد ٿيو، جنهن کي ڪيٽي بَندَر سڏجي ٿو.

هن شهر کي سمنڊ پهريون ڀيرو 1853ع کان 1854ع ڌاري ڳڙڪائي ويو. ٻيو ڀيرو 1857ع ۾، ٽيون ڀيرو 1910ع ۾ سمنڊ ڳيهي ويو. جيڪو هاڻوڪي شهر کان ٻه اڍائي ميل اندر هو. اهو ڪيٽي شهر ڪوبر درياهه تي هو، هينئر ڪيٽي بَندَر اهو اوچتو درياهه تي آهي. 1905ع مسٽر هيڊسن، جيڪو سنڌ جو ڪمشنر هو، تنهن جي پيش ڪيل رپورٽ ۾ چيو ويو آهي ته 1848ع ۾ هي شهر ايڪسپورٽ، امپورٽ جو مرڪز هو، ان جون مشهور منڊيون ڪلاچ، ڪڇ، ڪاٺياواڙ ۽ گجرات ڏانهن مال ويندو هو. ڪجهه سو

چي وري چوڻ لڳو . ادا .! سنڌ جي تهذيب ۽ معاشي ترقيءَ ۾ ملاحن جو وڏو ڪردار رهيو آهي. سنڌ جا ملاح، سنڌ جي ساموندي بَندَرن کان مال سيلون، انڊونيشيا، ايران، عربستان ۽ لبنان تائين موڪليندا هئا ۽ پاڻ به ڪٽي ويندا هئا. اوچتو بريڪ لڳي حاجن جا خيال ٽٽي پيا. استاد خميسو هنن ڏي نهاري چوڻ لڳو.

"ڪيٽي شهر پهچي وياسين."

سارنگ جو خيال ڪاٺ جي ٺهيل خوبصورت ڊزائين وارن دڪانن ڏانهن هليو ويو. شهر جي ننڍڙي بازار ۾ سادن ڪپڙن سان ننڍا وڏا ماڻهو هلندا ٽي رهيا. روڊ جي ٻنهي طرفن ڪان دڪان هئا، بارڙن جي شين جا دڪان، سگريٽ جون ماندڻيون ۽ هوٽل ڏسندو رهيو، سي سڀ ڪاٺين جا ٺهيل هئا. استاد خميسو ٽِڪَ (شيشي) ۾ نهاري وري سارنگ جي پاسي ڏسندي هڪڙي هوٽل جي اڳيان پاسو وٺي گاڏي بيهاري، پنيان ويٺل ماڻهو آهستي آهستي هيٺ لهندا، استاد خميسي کي ڪرايو ڏيندا هلندا ويا. حاجن کيسي مان پئسا ڪڍي استاد کي ڏنا. هوٽل ۽ ان جي پاسي ۾ ڪيبن تي ويٺل ماڻهن حاجن کي ۽ ان سان گڏ مهمان کي ڏٺو پئي، حاجن جا سڃاڻو ماڻهو اٿي اچي کيس مليا. ساڳيءَ سڪ سان اهي سارنگ سان ملندا ويا.

هڪڙو قد جو ڊگهو همراهه مشڪندو اچي خوشيءَ وچان حاجن سان ڀاڪر پائي مليو، پوءِ سارنگ سان هٿ ملائي حاجن ڏي نهاري چوڻ لڳو.

"حاجن! اچو." وري سارنگ ڏي نهاري انهيءَ کي به سڪ سان چيو.

"سائين! اچو... ويهو."

ماندڻيءَ جي پرسان ننڍڙو چنو جنهن ۾ هڪ ڪٽ، ٽي چار ڪاٺ جون بينچون رکيل ۽ هڪ به ڪرسي پيل هئي. چني جي ڪاٺين وارين پٽين جي سنهڙن سوراخن مان سج جا ڪرڻا اندر اچي ڪنهن بڪايل ٻار جيان ليئا پائيندا ٽي رهيا.

سارنگ ڪنڌ هيٺ ڪري زمين تي سج جي ٽِڪَن (نشانن) کي پئي ڏٺو، ايتري ۾ حاجن جا دوست ۽ واقف ڪار اندر آيا. تن سلام ورايو ته حاجن اٿي مشڪي انهن سان مليو، سارنگ به اٿي انهن سان مليو. هڪ نوجوان هٿ ٻڌي حاجن ۽ سارنگ کي ويهڻ جو اشارو ڪندي پاڻ بينچ تي ويهي رهيو.ان سان گڏ آيل هڪ ٻيو نوجوان حاجن جي پرسان ويهندي چيو.

"ڀائو! ڀلي ڪري آيا." حاجن ڏي نهاري وري سارنگ کي ڏسندي چيائين.

"ڀائو! خوش آهيو، ڀلي آيا." سارنگ انهن کي ساڳي طرح سان موٽ ڏني. ايتري ۾ هڪڙو نوجوان اچي هنن جي اڳيان منائي واري پليٽ رکندي "سائين! هي ڪيٽيءَ جو ڳاڙهو حلوو ۽ ڪيٽيءَ جي منائي کائو . " ڪيٽيءَ جو مائو آهي."

حاجن انهن نوجوانن جو تعارف ڪرائيندي سارنگ کي چيو.

سارنگ! هي محمد يوسف ڳنيير آهي. ڳنيير ملاح جي اوڙڪ يعني ذات آهي." پوءِ

ان ٻيهر سارنگ کي سلام ڪيو ته سارنگ خوشيءَ کان مرڪي ڏنو ۽ دل ۾ چيائين ”ڪيڏا محبتي منا ماڻهو آهن.“ ايتري ۾ هڪ گاڏي اچي چني جي ٻاهران بيٺي، تنهن مان هڪڙو نوجوان هيٺ لٿو ۽ اڳين سيٽ تان هڪ ڇوڪري لٿي. پوءِ ٻئي ڄڻا چني ۾ آيا. چني ۾ وينل سيئي ڄڻا اٿي مهمانن جو آڌرڀاءُ ڪيو. پوءِ هڪڙو پڪي عمر جو ماڻهو انهن ٻنهي کي پاڻ سان گڏ ٻاهر وٺي ويو. جيڪو انهن جو پراڻو سڃاڻو هو. محمد يونس ڳنڀير ٻڌايو ته ”اها گاڏي پاڪستان فشر فوڪ فورم وارن جي هئي. ڇوڪريءَ جو نالو فرزانه پَليجو ۽ نوجوان جو نالو نديم منصور جمالي هو.“ اهي پنهنجي تنظيمي ميمبرن سان ملڻ جي لاءِ آيا آهن، جيڪو چاچو کين وٺي ويو اهو انهن جو پراڻو ميمبر آهي.

حاجن جي پرسان سٺ سالن جي لڳ ڀڳ عمر وارو همراهه وينو مرڪي، جنهن ڏانهن محمد يوسف ڳنڀير نهاري وري حاجن ۽ سارنگ سان ان جو تعارف ڪرايو.

هي چاچو موسيٰ ڪاتيار آهي، ان جو پر ۾ وينل ناڪئو محمد حسن خاصخيلي آهي.

سارنگ هٿ ٻڌي انهن ٻنهي بزرگن سان کلي ڪيڪار ڪئي. ائين ڪچهري مَچندِي ۽ وڌندي وئي. چَني ۾ جيڪو آيو ٿي، سو سلام ڪري ڪنهن ڪنڊ ۾ ويهي ٿي رهيو. حاجن جي چهري تي مرڪ پکڙيل، دوستن ۽ عزيزن کي ڏسي خوش پئي ٿيو. پوءِ هن انهن سيني سان سارنگ جو تعارف ڪرايو.

”هي منهنجو پيارو دوست آهي.“

پوءِ حاجن چني ۾ نهاري سارنگ ڏي منهن ڪري کيس ٻڌائڻ لڳو.

سارنگ! هيءَ ڪيتي قرب واري ڪيتي آهي، جيڪا پيار ڏئي جاٽي ۽ پڻ ڪري جاٽي. حاجن جا اهي لفظ ٻڌي سارنگ دل ۾ چيو. ڪٽي ائين ته ڪونهي، حاجن جو هٽ ڪيتيءَ ۾ ڪنهن سان نينهن لڳل هجي، تڏهن ٻيو شاعراڻي انداز ۾ ڪيتيءَ جو تعارف ڪرائي، ڪيئن پيو بهار ۾ ٽڙندڙ گل جيان ٽڙي ۽ خوش ٿئي.

ايتري ۾ چني ۾ هڪڙو ڇوڪرو اچي ٻيهي سيني کي ڏسڻ لڳو ته کيس محمد يونس ڳنڀير چيو.

”چا پيو ڏسين... سيني جي لاءِ چانهه ڪٽي اچ.“

”جي... جي...“ ائين چئي مٽي جي اَٽين وارن کي ڪنهندو هليو ويو. چَني ۾ وينل چاليهه پنجيتاليهه سالن جو همراهه، جنهن جي اکين منجهه انتظار هو، هن جي چهري تي وقت جي وَڍن جون وڏيون ۽ ننڍڙيون لڪيرون هيون، پيرن اگهاڙو، ڪٺ تي پير لڙڪائي، سوچن ۾ وينو هو، سارنگ هن ڏي نهاريو ته محمد يونس ڳنڀير ان جو تعارف ڪرائيندي سارنگ کي چيو.

”ادا! اسان جو ساٿي احمد جت آهي.“

”حاجن مرڪي سارنگ کي چوڻ لڳو.“

ادا! ڪيٽي شهر ۾ سيئي ماڻهو واءُ، ميڻهن، سمنڊ ۽ سوڪهڙي جا ستايل آهن. هن ننڍڙي شهر ۾ هن وقت جيڪي ذاتيون رهن پيون، انهن ۾جت، جيڪي جهجهي تعداد ۾ شهر ۽ پرپاسي وارن ڳوٺن ۾ رهندا آهن. ڪوڪر، گجڙيا، اترادي، پير، قاضي، رونجها، چنا، شيخ، ٻارڻ، ميمڻ، شولاٽي، خاصخيلي، ڪاتيار، ٻگدا، ٻگهاڻ، ڳنيير، لڪيا، عباسي، ناهيا، پَليجا، شيدي، مرگهر، ڪارائي ۽ دبلا رهن پيا. دبلا جيڪي ديبل بَندَر گاهه جي ڦٽڻ کان پوءِ ان جا رهندڙ مختلف ذاتين وارا ماڻهو، لڏي ٻين ماڳن ۽ ڏڙن تي وڃي وينا تہ اهي دبلائي (دبلا) سڏجڻ لڳا، هيءَ سمنڊ جي پراڻي قوم ۽ ذات آهي.

حاجن ڳالهہ ڪئي تہ ڪچهريءَ ۾ وينل هڪڙو ڄڻو اٿي هن کي ٻاهر وٺي ويو. سارنگ هر هر احمد جت جي ڪوماڻيل چهري کي پيو ڏسي، هن جي اکين پنبڙين ۾ لڪيل ڳوڙها ڪنهن ڪهاڻي ۽ درد پرئي واقعي جو روپ ڌاري بينا هئا.

چوڪرو چانهہ کڻي آيو، محمد يونس اٿي ان کان چانهہ جا مگا وٺندي، سارنگ ۽ ان جي پاسي ۾ وينل چاچي موسيٰ ڪاتيار، تنهن جي پرچي ۾ ناڪئو محمد حسن خاصخيلي هئا، انهن جي اڳيان مگا رکيا، چانهہ وارو چوڪرو تڪڙو واپس وڃي ٻيون چانهيون کڻي آيو ۽ چني ۾ وينلن کي ڏيندو ويو.سارنگ چانهہ جي مگي ڏانهن هٿ وڌائي وري احمدجت کي ڏنو، جنهن جي هٿ ۾ چانهہ جو مگو نہ ڏسي پنهنجو چانهہ وارو مگو ٽيبل تي رکي، هن احمد جت ڏانهن نهاريو تہ احمد جت جنهن سارنگ جي نگاهہ ۾ سوال کي پڙهندي چيو.

”اَبل. توهين پلي پيو، آءٌ چانهہ ڪونہ پيان.“

سارنگ مرڪي ڏنو چانهہ جو مگو کڻي ڍڪ پري وري احمد جت ڏانهن نهاري ڪائنس پڇيو.

چاچا! ڪهڙا حال آهن...؟

سارنگ جي ان سوال تي احمد جت چپ چوري ماٺ ٿي ويو ۽ ڪنڌ ورائي چني ۾ وينلن ڏانهن نهاري، ڄڻ سيني کان پڇندو هجي ”منهنجي اندر جي درد کي اوهين سڀ ڄاڻو پيا، توهين سارنگ کي ٻڌايو، مون ۾ سگهہ ڪانهي ڪا.“

چني ۾ ماٺ لڳي وئي جو هوا بہ اندر اچڻ کان ٻاهر بيهي رهي، ڄڻ هوءَ بہ احمد جت جي درد کي ڄاڻيندي هئي، تڏهن اندر نہ ٿي آئي، هر ڪو پيو احمد جت ۽ سارنگ ڏي نهاري، نيٺ محمد يونس ڳنيير ڳالهايو.

ادا سارنگ! احمد جت جو پٽ ابوبڪر جنهن جي عمر سورنهن سال هئي، سو گذريل سال يعني 2005ع ۾ هوڙي ۾ پنهنجن عزيزن سان گڏ ۽ هڪ دوست مگسيءَ سان سمنڊ ۾ ٻڏي ويو. جيئن محمد يونس ڳالهہ ڪئي تہ احمد جَت جي اکين ۾ هلڪي آلاڻ سارنگ کي نظر آئي. هن ٿڌو ساهہ پري، چَني کان ٻاهر نهاري. دل ۾ چيو: ”اي هوا! تو

ئي لَهرن کي لوڏيو ۽ مچرائي تيز ڪيو هو ۽ انهن لَهرن ئي احمد جت جي ٻچڙن جي زندگي کي موت ڏئي ڇڏيو“

احمد جت خيالن مان پاڻ کي ڇڏائي ڪچهريءَ ۾ ويٺلن کي قصو ٻڌائڻ لڳو.

”سارنگ! اسان مهاڻن جي جسم ۾ درد رت جيان ڊوڙندو رهندو آهي، دل جا وڍ ڪو ڪين ڄاڻي..!! سمنڊ جي ويرن تي ڪهڙي ميار ڪيون ۽ دانهن ڏيون ته ڪنهن کي ڏيون . ڏک سور جي پيڙاهه ۾ اسان جي زندگي آ. مهاڻن جي زندگي جو ايترو ئي قصو آهي.

احمد جت جي ڳالهه ٻڌي جڻ سيئي سڪتي ۾ اچي ويا. هر ڪنهن جي اندر منجهه پنهنجا ڏک سور ڪر کڻي ٻيهي رهيا. سارنگ کي ائين لڳو. جڻ احمد جت سيني جي پيڙاهه پيو بيان ڪري. احمد جت ٿڌو ساهه ڀري چوڻ لڳو.

ياءُ! اسين انهن ڏهاڙن ۾ ابوبڪر جي ڪاج جون تياريون پيا ڪريون، پنهنجي حال سارو سامان ڪني پئي ڪيوسين. پٽ ابوبڪر مون وٽ آيو ۽ چوڻ لڳو.

”بابُل! آءٌ هڪڙو چڪر درياءَ تان ڏئي اچان.!؟“

هن اهڙي انداز ۾ چيو، جو آءٌ انڪار ڪري ڪين سگهيس، هڪڙو خيال اهو به دل ۾ آيو ته هي چڪر ڏئي ايندو ته چار ڏوڪڙ وڌيڪ جڙي پوندا، ڪاج سوَلو ٿِي پوندو. اسان مهاڻن جو مَڇيءَ مارڻ کان سواءِ ٻيو ڪو وسيلو هو ڪونه. منهنجي پٽ سان ٻيا به پنج جَڻ، جيڪي سيئي پاڻ مَنجهه مِٺَ مائٽ هئا ۽ انهن سان گڏ سجاول شهر کان آيل سندن دوست مگسي به هو، جنهن جو نالو هن وقت ياد اچي ڪونه پيو، تنهن جي به شادي ٿيڻ واري هئي، ان جي مائٽن به تياريون ٿي ڪيون. اهي لفظ چئي احمد ڏک ۾ چپ پڪوڙي ڇڏيا. محمد موسيٰ ڪاتيار ٿڌو ساهه ڀري چوڻ لڳو.

سارنگ! اولاد جو درد وڏيءَ پيڙاهه وارو ٿئي، جڏهن ويني ويني ساروٽيون (يادون) اچيو وڃن ته پيٽ جا آندا وات ۾ اچيو پون، هر شيءِ زهر ٻڻجيو وڃي . پوءِ احمد جت پاڻ ۾ ٿوري سگهه ساري چوڻ لڳو.

اَبل! منهنجو پٽ عزيزن ۽ دوستن سان گڏجي رات جو چئين بجي ڪيٽي بَندَر تان هوڙو ڪاهي روانو ٿيو. هي ست ئي ڄڻا حجامڙو نر (ڪريڪ) تان ٿي، پوءِ ترسياڻ نر (ڪريڪ) ڏانهن هليا ويا، اتي پهچي سمنڊ ۾ هنن رَڇَ اڇلايو. سي سال جا اهڙا ڏينهن ۽ مهينا هئا. جنهن ۾ هوا لڳندي آهي، اسين مهاڻا سمنڊ وارا مهاڻا ان هوا کي ”ڪاما“ چئون ۽ سڪيءَ وارا ”ناسي“ يا ”ونڊي“ سڏين، هوائون تيز لڳنديون آهن. جنهن ۾ سياري کان وڌ سيءُ هوندو آهي. سمنڊ ۾ رات جو يا ڏينهن جو اهو ”ڪاما“ طوفان اوچتو ايندو آهي، جنهن ۾ مهاڻن کي گس يا رستو ۽ ڪنارو ڏسڻ ۾ ڪين اچي، اونده ٿي ويندي، نر (ڪريڪ) ۾ اچڻ وقت دقت ۽ تڪليف ٿي پوندي آ، ايترو زوردار طوفان ۽ هوا لڳندي آهي جو مهاڻا پنهنجا هوڙا سنڀالي ناهن سگهندا. ان رات اهڙو ئي طوفان

اسان جي ٻچڙي کي گهيري ويو، هو رَڇ ڪڍي نہ سگهيا، پورو ڪلاڪ سوا هوڙو طوفان جا لوڏا برداشت ڪندو رهيو، نيٺ اونڌو ٿي پيو، جنهن ۾ ست ئي ٻڏي ويا ۽ هوڙو تباهہ ٿي ويو.

اها ڳالهہ ڪندي احمد جت جي لهجي ۾درد پرجي ويو، سندس جسم ۾ هلڪي ڏڪڻي پيدا ٿي، جيڪا سارنگ محسوس ڪري ورتي ۽ دل ۾ چوڻ لڳو، ”انسان ڪيڏو ڏاڍو آهي، درد جهڙو گهاءُ برداشت ڪندو هلندو رهي پيو.“ هن وري احمد جي پنل اکين ۾ نهاري ان جي ڳالهہ ٻڌڻ لڳو.

احمد خاموش نگاهن سان وينلن ڏانهن نهاري پوءِ ڏکاري انداز ۾ چوڻ لڳو.

يار! ڇا چوان، دل سڄي ڦٽي پئي اٿم. جيئري پيٽئون ماهہ ڪوري ويو آهي. ائين ڇئي وري ماٺ ٿي ويو. ڇني ۾ سانت لڳي وئي، احمد اکين جي پنبڙين تي هٿ ڦيري ڳالهہ ڪرڻ لڳو.

اسان کي خبر صبح جو ملي، اسين ويهہ ٻاويهہ هوڙا پري وياسين، جنهن ۾ گهٽ ۾ گهٽ ٻہ سئو ماڻهو هجون، جو اسين پنهنجن ٻچڙن کي ڳولڻ وياسين، ڪي ”پينسور“ ويا تہ ڪي ”سيار“ ڏي. احمد جت ڪجهہ سوچي سارنگ ڏي نهاري چيو.

اَبُل! ڇَهہ ڏينهڙا ۽ راتيون هلندي، واءُ مينهن سان مهاڏو اٽڪائيندا، اميد جي ڏور وٺيون پئي ڳوليوسين. ڪي ”ڪاڇيل“ جي طرف ويا تہ ڪي هوڙا ڪاهي ”وانسرو“ وري ويا. نيٺ ڇهين ڏهاڙي صبح جو منهنجي پٽ ابوبڪر جو لاش مليو. پوءِ پنجاهہ سٺ ڄڻا مون سان پٽ جو لاش ڪٺائي واپس وريا ۽ ٻيا مهاڻا ٻين ڇهن ڄڻن کي ڳوليندا رهيا.

احمد کي ماٺ ۾ ڏسي سارنگ جي پر ۾ وينل همراهہ چاچو موسيٰ ڪاتيار ڪنڌ لاڙي آهستي سارنگ کي چيو.

سارنگ! ڏسين پيو احمد کي ڳٽين ڳيي وڏو آ...

جيئن اهي لفظ سارنگ ٻڌا تہ هي احمد ڏانهن ڏسي ان جي ڳالهہ ٻڌڻ لڳو.

ٻيا هوڙن وارا سمنڊ ۾ هلندا رهيا، ان ئي شام جو تن کي مگسيءَ جوان جو لاش مليو. ڪي مهاڻا جت اهو لاش ڪٺائي آيا، ٻيا وري پنجن ڄڻن جي لاشن کي ڳوليندا رهيا. زمان جت، سيفل جت، علي محمد جت، ابراهيم جت ۽ محمد علي جت جا لاش نہ مليا. هوڙن وارن ڏهن ڏينهن تائين لاش ڳوليندا رهيا، نيٺ مايوس ٿي سورهين ڏينهن وري آيا.

احمد ائين ڇئي ماٺ ٿي ويو. حاجن جنهن دوست سان ويو هو، سي ٻئي ڄڻا واپس اچي ڪچهريءَ ۾ سلام ورائي ويهي رهيا.

سارنگ جي ذهن ۾ هڪڙو سوال اڀريو، هن احمد کان پڇيو.

ادا احمد! توهان جي ڪنهن سرنديءَ واري حاڪم سار لڌي...؟

اَبُل! تن جا ڪهڙا پار پڇين پيو... سي نڪر نلها، وڄن گهٽا...

سرنديءَ وارا اڇن پنهنجي مطلب ڪاڻ، باقي اسان جي سار سي لهڻ ڪين اچن، اسين تن جو آسرو بہ ڪين ڪيون. احمد جي پر ۾ ويٺل همراھ جيڪو پڪيءَ عمر وارو هو سو چوڻ لڳو.

ادا! مهاڻن جو ڪو اهڙو گهر ڪونهي، جنهن جون زندگيون سمنڊ پائي نہ ويو هجي، ويچارا پيٽ گذر درياءَ ۽ سمنڊ ۾ ڪن. بي ڪا واھ ڪونہ. پيا سمنڊ جي خطرن سان ڪيڏندا. سمنڊ ۾ هڪ ٻيو ڊپ بہ ڪين ورائي وجي ٿو. اهو هي تہ انڊيا نيويءَ وارا اسانجي پاڪستاني حدن ۾ بغير ڪنهن جَهل پَل جي اوچتو اچيو وجن. هوڙن سميت مهاڻن کي پڪڙي ڪاٺ (جيل) ۾ هٽن، جن سان جيڪي عقوبتون ڪندا ۽ سزائون ڏيندا آهن. جڏهن ڇُٽي ايندڙ مهاڻا پنهنجيون ڪهاڻيون ٻڌائيندا آهن تہ لِڱ ڪاندارجي پَونَ ۽ اندر ڏريو پَوي ۽ گهڻا مهاڻا هَلڻ جهڙا بہ ناهن رهندا. ڪي تہ ٻوڙا ۽ وري ڪي اکين ڪان وهجي ويندا آهن. ويچارا ڪنهن پورهئي ڪرڻ جا ناهن رهندا، انهن جي زندگي ٻي وسي ۽ محتاجي واري بڻجيو وجي.

چني ۾ ويٺل هڪڙو نوجوان جيڪو اتي سيني ڏي نهاري، شايد ويٺلن کي ڳٽي رهيو هو. مرڪي پيار پري نهار سان ڏسندو ٻاهر هليو ويو. چند منٽن ڪان پوءِ واپس آيو ۽ پنهنجي جاءِ تي ويهي رهيو، ايتري ۾ بيرو چانھ جا مگا ٽري ۾ ڪٽي آيو. سارنگ، حاجن ۽ محمد موسيٰ ڪاتيار ان جي پاسي ۾ ويٺل دوست کي چانھ جا مگا ڏئي خالي ٽري ڪٽي ويو. پوءِ ٻين جي لاءِ چانھ ڪٽي آيو.

احمد جي پر ۾ ويٺل همراھ تنهن پنهنجي شلوار جو پاچو متي گوڏي تائين ڪري پنيءَ وٽ سڀڱل نشان کي ڪنهندي پاچو هيٺ ڪري چوڻ لڳو.

اسانجا ڪجھ مهاڻا انڊيا جيل ۾ ٽي سال ڪاٽي ٽورا ڏينهن اڳ آزاد ٿي آيا آهن. انهن ۾ حسن ناهيو، مور گگو (پين جو چوڪرو) ۽ حمزو گگو جيڪو نوجوان هو، جڏهن هوجيل ۾ هو تہ ان جي ماءُ راڻي پنجهتر سالن جي هئي. جيڪا اڪيلي پٽ جي جدائي ۾ روئي روئي گهٽين ۾ رڙيون ڪندي، چرين جيان چڪر ڏيندي پٽ جي يادن ۾ گذاري وئي.

مور گگو چاليهن سالن جو هو، آچار گگو۽ محمد انور پٽ آدم گگو پنجاھ سالن جو هو، اهو بہ پنهجي پٽ محمد انور جي جدائيءَ ۾ اکين مان نير وهائي ڳٽتين ۾ ڳهي، جهري دم ڏنو. رَڇَو گگو جيڪو ناڪئو هو. جڏهن انڊيا جي نيوي ڪيس پڪڙڻ جي ڪئي تہ هي ليٽي پيو تہ مٿس انڊين نيوي فائرنگ ڪئي، گولي سندس پنيءَ ڪان چمڙي ۾ لڳي چيري هلي وئي. پر هي پڇي اچڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو، پوءِ جڏهن ٻيو دفعو هن جو هوڙو پاڪستاني حدن اندر هو، اسين ان ۾ پنج ڄڻا هجون، انڊين نيويءَ وارا اسان کي جهلي ويا. رَڇَو گگو ناڪئو تي ٽارچر سيل ۾ تشدد ڪيائون، جڏهن ٽن سالن ڪان پوءِ اسان سان گڏ آزاد ٿي آيو تہ رَڇَو گگو هلڻ جهڙو نہ رهيو، هينئر معذور ٿي وينو آهي.

ٽارچر سيل ۾ هن جا ڏند پيجي چڏيائون.

جڏهن ڪچهريءَ ۾ ناڪئو رَچو گگو جي ڳالهه نڪتي تہ اتي وينل ناڪئو محمد حسن خاصخيلي، چاپهين ڏاڙهي، بت ۾ پريل، ڪجهه سوچي پنهنجي ماضيءَ واري ڳالهه ياد ڪندي، سيني وينلن ڏانهن نهاري چوڻ لڳو.

ادا... ايوب جي دور ۾ سڙهہ يعني پڙدي وارا هوڙا هلائيندا هئاسين. جڏهن تنگ مشين (موٽر) جو رواج پيو تہ سِڙهہَ وارا هوڙا ختم ٿي ويا. ناڪو محمد حسن ڪجهہ سوچي بيري کي ڏنو، جيڪو هن جي اڳيان خالي مگو ڪٽي ۽ ٻيا مگا ڪٽندو يو. جڏهن هو واپس هليو ويو، سج جا پچاڙڪيءَ وارا ڪرڻا چني مان غائب ٿي ويا. بلب ٻري ويو، محمد حسن ناڪئي روشنيءَ ۾ سيني جي چهرن ڏانهن پيار پري نگاهہ سان ڏسي پنهنجي ڳالهہ ڪرڻ لڳو.

ادا... آءٌ هڪڙو قصو ٻڌايان...!! جي اجازت هجي...؟

چني ۾ وينلن گڏيل آواز ۾ چيو ”ناڪئا ٻڌاءِ، ڪچهريءَ کي مچاءٌ، مور جهڙو مهمان سارنگ وينو آ ۽ حاجن بہ گهڻن ڏينهڙن ڪانپوءِ پيرو پري آيو آهي.“

پوءِ ناڪئو محمد حسن مرڪي چيو.

اسين ٽي ڏنهن هڪڙي جاءِ تي سمنڊ ۾ بينا رهياسين، اوچتو اهڙو طوفان ورائي ويو جو هوڙو پاڻيءَ سان پرجي ويو. اسين اڳ ۾ ئي سمنڊ ۾ رَچ اچلائي تہ ويناسين، پر طوفان ۾ رَچَ کي واپس باهر ڪڍي نہ سگهياسين. رڳو پاڻي ڪيڻ ۾ پورا هئاسين. اهو رمضان جو مهينو هو، اچ بک تي هئاسين. پر روزو ڪين چڏيوسين، ٽن ڏينهن کان پوءِ طوفان جهڪو ٿيو تہ رَچَ ڪڍيوسين.

ڪچهريءَ ۾ هڪڙي همراهہ اچي سلام ورايو ۽ سيني سان هٿ ملائي احمد جت جي پرسان وينو، حاجن هڪ ٻئي همراهہ کي جيڪو محمد يونس ڳنيير جي پاسي ۾ وينو هو، تنهن کي اشارو ڪري باهر هليو ويو. شايد... هو سارنگ جي رهڻ جو بندوبست ڪرڻ لاءِ ويو، محمد حسن ناڪئو وري ڳالهہ ڪرڻ لڳو.

ادا! آءٌ ناڪئو هوس، لانچ ڪراچيءَ کان چرڻو جبل درياءَ (سمنڊ) جي وچ ۾ جزيرو آهي. جنهن کي چرڻو جبل بہ چوندا آهن، اتي منهنجي لانچ جي انجڻ خراب ٿي وئي، لانچ ۾ اسين پندرهن ماڻهوهجون، رات جو سٽل هئاسين تہ طوفان آيو، ان وقت رات جا يارهن پيا ٿين. اسان وٽ ناتاريون (لوهہ جا زنجير) هيون، هڪ ناتاري سمنڊ ۾ پيل هئي، جنهن تي لانچ بينل هئي. طوفان اچڻ ڪانپوءِ ناتاري هلڻ لڳي، يعني گهلجڻ لڳي، جڏهن هلي تہ اسان ٻي ناتاري سمنڊ ۾ اچلائي لانچ کي بيهارڻ جي ڪوشش ڪئيسون، پر لانچ بيهي نہ سگهي ۽ هلندي رهي. رَچَ منجهہ پٿر ٻڌل هوندا آهن. هڪ هڪ پٿر پنجن ڪلو، اٺن ڪلو کان ڏهن ڪلو جو هوندو آهي. رَچَ لانچ ۾ پيل هو، ان مان پَٿر ڪولي ناتاري ۾ ٻڌاسين. تقريبن چاليهہ پنجاهہ داڻا هجن، پر طوفان جو زور ايترو هو جو لانچ بيهي نہ

سگهي ۽ هلندي رهي، چرڻي جبل کان ٽيهه چاليهه فوٽن جي فاصلي تي، اتي ناتاري وچي جهليو ۽ سمنڊ ۾ ڪپي وئي، لانچ بيهي رهي، طوفان تي سمنڊ جون لَهرون متي اتي چرڻ جبل سان ٽڪرائجي واپس اچي اسان جي لانچ مٿان لڳيون ٿي ته سيني کي خوف ٿي ورائي ويو. اهو خوفنائتو منظر جڏهن ياد ڪندو آهيان ته ڇرڪ نڪري ويندو آهي، ان وقت سيئي خوف ۾ وڪوڙجي ڏٺيءَ کي ٿي ياد ڪيوسين.

ائين چئي محمد حسن ناکئو نرڙ تي هٿ ڦيريو ته سارنگ کي ائين محسوس ٿيو ته جڻ ناکئو محمد حسن چرڻ جبل جي پرسان لانچ ۾ وينو آهي، سمنڊ جي تيز لَهرن کي پنهنجي طرف ايندو ٿو ڏسي. ناکئو محمد حسن خاصخيلي ذهن تي زور ڏئي ڪجهه ياد ڪندي چوڻ لڳو.

ان وقت چَرڻ جبل وٽ تقريباً چاليهه پنجاهه لانچون اڳئي بيٺل هيون، جيڪي طوفان کان بچڻ جي لاءِ جبل جي پاسي کان نڪرڻ جي تي ڪيائون. جانيون بچائڻ لاءِ سي لانچون چالو ڪري هلندا ويا. اسان انهن کي رَڙيون ڪيوسين. چو جو اسان جي لانچ جو موٽر خراب ٿي پيو هو، جيڪو گهڻي ڪوشش ڪرڻ سان به چالو نه پيو ٿئي. پر... انهن لانچن وارن اسان جي هڪ به نه ٻڌي، پوءِ هڪڙي لانچ وارا جيڪي ڪڇي هئا، اهي آيا. اسان کي ڇيڙو ڏئي جبلن کان ٻاهر ڪڍي آيا، جڏهن طوفان ۽ برسات جهڪي ٿي، پوءِ پري وڃي ناتاري هڻي بيهي رهياسين، سيني ٽڏو ساهه پريو، خوف کان جان ڇٽي پئي. ٻن ڏينهن ڪانپوءِ هڪڙي لانچ آئي، جا اسان جي سيٺ جي هئي، تنهن اسان کي ڇيڙو ٻڌي واپس ڪراچي بَندَر تي پهچايو.

ناکئو محمد حسن سيني ڏي نهاري وري چوڻ لڳو.

ادا... اهو واقعو تصور ڪندي ڏڪي ويندو آهيان. مون ٻچپن کان وٺي مڇي مارڻ وارو ڌنڌو ڪيو آهي. جڏهن اسڪول ۾ پڙهندو هوس، ان وقت تقريبن اٺن نون سالن جو هوس، درياءَ ۽ سمنڊ ۾ ڪم ڪندو اچان پيو، پر مون اهڙو طوفان ڪڏهن ڪونه ڏٺو.

چني ۾ وينل سيني ماڻهن جو ڌنڌو مَڇي مارڻ هو. سارنگ جڏهن انهن ڏانهن نهاريو ته هر هڪ جي چهري تي اداسي سان گڏ زندگيءَ جي ڏکن ڏاکڙن وارا گهاوَ، سي لڪيرن جي روپ ۾ هڪ ڪهاڻي وانگر پڙهندو ڏسندو رهيو، جڻ سڀ ڪو پنهنجين يادن جي وڍ ۾ ورتو پيو هو. سارنگ دل ۾ چيو.

”سمنڊ جي گهرائي جيان مهاڻن ملاحن جو درد به ايڏو گهرو آهي، جيڪو بيان ڪرڻ سان به ڪري نه ٿو سگهجي. هنن جا اندر درد جي ايذاءَ کان خالي ناهن.“ڪڇهريءَ ۾ حصو وٺندي محمد موسيٰ ڪاتيار سيني ڏي نهاري چيو.

ادا... طوفان اسان جي زندگيءَ جو جڻ حصو آهن، مهمان کي واءُ جا آٺ قسم ٻڌائيندس. پوءِ سارنگ ڏي نهاري چوڻ لڳو.

”ڪاما واءُ“: هي واءُ اتر ۽ اولهه جي ڪنڊ کان لڳندو آهي، اهو خطرناڪ واءُ آهي، آسمان

۾ هڪ اهڙو ڪڪر نظر اچي ويندو آهي، جنهن کي ڄاڻو مهاڻن ڪانسواءِ ڪوئي ٻيو سڃاڻي ناهي سگهندو. هي ڪڪر آسمان ۾ ظاهر ٿيڻ کان پوءِ هوا لڳندي آ تہ ڪڪر غائب ٿي ويندو آهي. پوءِ آسمان بلڪل صاف چٽو ٿي ويندو آ، ماڻهو آسمان صاف ڏسي بي خبر ٿي ويندا آهن، پر ان وقت سڌ ۽ خبر پوندي اٿن، جڏهن تيز طوفان اچي ويندو آهي، ماڻهو جان بچائڻ ۾ لڳي ويندا آهن، هر ڪنهن کي پنهنجي ساهہ جي اچي لڳندي آهي.

”ڪوشا واءُ“: هي واءُ ڏکڻ ۽ اولهہ جي ڪنڊ کان لڳندو آهي. اٺويهہ سو نوانوي ۾ جنهن طوفان جاتي تعلقي ۽ بدين تعلقي ۾ تباهي مچائي هئي. تنهن جو درد ڪنهن کان وسري نہ ٿو، جنهن ۾ سمنڊ جو پاڻي ڪکن وارن گهرن جي مٿان هليو ويو، جنهن ۾ سوين انساني جانيون تباهہ ٿي ويون، هزارين چوپايو مال مري ويو هو.

محمد موسيٰ ڪاتيار ڪچهريءَ ۾ وينلن جو ڏيان پاڻ ڏانهن ڏسي پوءِ چوڻ لڳو.

پر اهو واءُ جڏهن ڪيٽي بَندَر وٽ آيو تہ هن پنهنجو رخ بدلايو، يعني اتر جي پاسي کان آيو، جنهن سبب سمنڊ چڙهي نہ سگهيو هو ۽ طوفان ايڏو نقصان نہ ڪيو، مهاڻن جا گهر ڊاهي پٽ ڪيا ۽ ڪجهہ جناور بہ ان طوفان ۾ مري ويا.

”شمال واءُ“: اولهہ جي طرف کان هوا لڳندي آهي تہ ان کي مهاڻا ”شمال واءُ“ سڏين. جيڪڏهن شمال واءُ تيز ٿي وڃي تہ اهو سمنڊ ۾ مَڇي مارينڊڙن کي نقصان پهچائي سگهي ٿو ۽ هوڙو تباهہ ٿي سگهي ٿو. ڇَني ۾ حاجن ان دوستن سان گڏ واپس آيو، جنهن کي وني ويو هو. محمد موسيٰ ڪاتيار کي ڇَني ۾ وينل هڪ همراهہ ڏسي چوڻ لڳو.

ادا... چوين ٺيڪ پيو، اسين مهاڻا پنهنجو پيٽ ڪيئن پيا پاليون؟ ها... پيٽ پالڻ جي لاءِ زندگيءَ کي موت جي منهن ۾ وجهي درياهہ ۽ سمنڊ ۾ هوڙا ڪاهي ويندا آهيون، رات ڏينهن طوفان ۽ سمنڊ جي تيزڏار ڇولين ۾ گذاريندا آهيون، ڪنهن ٻئي کي ڪهڙي خبر تہ اسين مَڇي ڪيئن ماريندا ۽ آڻيندا آهيون.

هن جي ڳالهہ ڪرڻ جو انداز اهڙو هو جو جڻ سيئي وينل سمنڊ ۾ مَڇيءَ ماريندا هجن، هر ڪو تصور ۾ گم ٿي ويو. سارنگ جو خيال بہ سمنڊ جي ڇولين ڏانهن ڇڪجي ويو، پاڻ کي ڪنهن هوڙي ۾ وينل ڏسي ٿو، اوچتو سمنڊ جي تيز ڇولي آئي، هوڙي جي مٿان اڇل کاڌي تہ سارنگ کان هلڪو ڇرڪ نڪري ويو، پاڻ کي ڇني ۾ ڏٺائين، ڪجهہ گهڙيون هن جي ذهن تي سمنڊ جي خوفناڪ ڇولين جو اثر رهيو، پوءِ پاڻ کي سنڀالي وينو، پوءِ ڪچهري ۾ وينلن ڏانهن نهاريو تہ هن جي ذهن ۾ ڪيٽي بَندَر خيال آيو ۽ حاجن کان پڇڻ لڳو.

”ادا... سنڌ تاريخي بَندَرن جي اوج سان پيري پئي آهي. اسان کي سنڌ جي تاريخ يعني ماضيءَ کي پڙهڻ کانپوءِ جن پراڻن بَندَرن جو ذڪر ملي ٿو. پٽاليا يا نِيرو ڪوٽ سنڌ جي آڳاٽي بَندَرن مان هڪ مشهور بَندَر هو.پاتار بَندَر، ديبل يا ديول بَندَر سمنڊ جي

ڪپ تي هو، لاڙي يا لاهري بَندَر، ڏاريجا بَندَر، جاڪي بَندَر، شاهه بَندَر، اورنگا بَندَر، سوڪي بَندَر، وِڪَر بَندَر، اڪيو بَندَر، سندو بَندَر، ڪيٽي بَندَر، درياهه جي ”اچتو“ ڦاٽ تي ڳاڙهي شهر کان ٻاوِيهَہ ميلن جي فاصلي تي آهي.

سنڌ جا سيئي بَندَر اوج جو انوکو مثال رَکن ٿا، هر بَندَر پنهنجو خوبصورت ماضي رکندي هيئنر مٽجي ويا آهن. سمنڊ جي ڪاري پاڻي ۾ ظاهر ئي ڪونہ آهن، صرف انهن بَندَرن جو شاندار ماضي ڪتابن منجهہ ملي ٿو.

لاهري يا لاڙي بَندَر: هي اصل لاڙي بندر يعني لاڙ جو بَندَر هو، جو اڳوٽي ٻگهاڙ درياءَ تي هو ۽ سمنڊ کان ست اٺ ڪوهہ تي هو. اتي شهر جي بچاءُ لاءِ وڏو ڪوٽ هوندو هو، اتان هڪ ڪوهہ پنڌ تي ”ڏاريجا شهر“ هو، جيڪو ڏاريجي جي راڻيءَ نالي هو، جنهن کي ميان غلام شاهہ ڪلهوڙي جي اشارن تي مارايو ويو. هن ڳالهہ جو مرزا قليچ بيگ پنهنجي ڪتاب ”قديم سنڌ، ان جا شهر ۽ ماڻهو“ جي صفحي ٻيانوي تي ذڪر ڪيو آهي.

حاجن چني ۾ وينلن ڏانهن نهاريو تہ انهن جو ڌيان پاڻ ڏانهن ڌنائين، پوءِ چوڻ لڳو تہ.

ياد رهي تہ هن وقت راڻا خاندان مان پنجاهہ گهر اجان متي ٽيندا، سي ڳاڙهي شهر جي آسپاس ۾ آباد آهن. جڏهن تہ ”لاهري بَندَر“ هن بَندَر کي اڳي ”ديبل بَندَر“ چوندا هئا. جنهن جو قديم سنڌ جي تاريخ ۾ ذڪر ملي ٿو، پر اهو بَندَر بہ ڦٽي ويو. پوءِ ”بَندَر ڏاريجا“ جو ذڪر ملي ٿو، اتي نگامرن جي قوم رهندي هئي، ان جا گهڻا سردار ٿي گذريا آهن، هنن مان گهڻو مشهور راڻو عبيد هو، جنهن جون عجيب و غريب ڳالهيون ماڻهو ڪندا آهن.

حاجن چني جي لنگهہ وٽ بينل چوڪري ڏي ڏسي پاڻيءَ جو اشارو ڪيو. پوءِ چوڻ لڳو.

سارنگ! لاهري بَندَر يا لاڙي بَندَر بابت جاڻ اٿم تہ، هن بَندَر تي ڏاڍو وڻج واپار هلندو هو، هي بَندَر ٺٽي ضلعي ۾ ڳوٺ آهي. جنهن کي هاڻي شاهہ بَندَر جي نالي سان سڏجي ٿو، جنهن شاهہ بَندَر جو ذڪر ڪريان ٿو، اهو هيئنر سمنڊ جي ڪاري پاڻيءَ ۾ پنهنجا نشان مٽائي وينو آهي. سڄي هندوستان ۾ جهازن واسطي لاهري بَندَر جهڙو ٻيو ڪو بَندَر ڪونہ هو.

ابن بطوطا جيڪو دنيا جو مشهور سياح، سير سفر ڪندڙ گذريو آهي، هي ٻاويهہ سالن جي عمر ۾ سفر تي نڪتو هو، تنهن لاهري بَندَر جو شاندر نموني ذڪر ڪيو آهي. هي بَندَر سنڌ ۾ وڏي ۾ وڏو بَندَر هو، هي خوبصورت شهر سمنڊ جي ڪناري تي ٻڌل هو. 596هہ ۾ ابن بطوطا سارين جي فصل جو ذڪر ڪري ٿو، درياءَ سنڌ ”سنڌو نديءَ“ جڻ ان جي پرسان چوڙ ڪندي هئي. يمن ۽ فارس ملڪن جا جهاز ۽ واپاري هت ايندا هئا، هي شهر تمام گهڻو مالدار هو ۽ لاهري بَندَر کان اڳ ديبل بَندَر تباهہ ٿي چڪو هو. سن

1666ع ۾ ديبل يا ديول سنڌ جو ڏاکڻو شهر ڇيو ويندو هو. سر بارٽر شرلي ديول (ديبل) ٺٽي وجڻ لاءِ ٽرهي وسيلي درياءَ جو هڪ ڦاٽ اکرڻ جي ڪوشش ڪئي هئي.

ڪچهري ۾ وينل سيئي سنڌ جي شاندار ماضيءَ ۾ گم ٿي ويا، سارنگ خيالن ۾ ڪيٽي بَندَر جو ماضي ڏسڻ لڳو

اوڇتو درياءَ جوپن سان وهندو، جهومندو، ور وڪڙن گسن تان هلندو لڏندو ڦرندو سمنڊ جي طرف ويو پئي، درياءَ جي ٻنهي پاسن کان خوبصورت ڊگها ٻير جا وڻ ۽ پٽ ساوڪ پريا، جن تي مال چري رهيو هو. مالوند مارو ماڻهو منهن تي مرڪ پکيڙيندا، زمين کي کيڙيندا ته ڪي زمين کي سنوت ۾ آڻي رهيا هئا، سي نئين فصل پوکڻ جي تيارين ۾ هئا، وڻن جي ٽارين منجهه پکي منڙيون ٻوليون ٻوليندا، جڻ انهن پورهيتن کي پنهنجي مڌر آواز سان ريجهائيندا هجن، پري کان عورتون پنهنجن مردن سان گڏ هر هلائينديون ٿي رهيون، مرد ۽ عورت جي گڏيل محنت سان زندگي جو خوبصورت ڏيک ڏيندي هن ڌرتيءَ کي سونهن جا سوين چنڊ لڳائي ڇڏيا. هي امن واري ڌرتي سڌريل سماج جو ڏيک ڏئي رهي هئي. ان وقت سارنگ سوچيو، بيشڪ هي زندگي جو اهوحقيقي منظر پيو ڏسان جنهن ۾ مردن کي عورتن جي سهڪار جي ضرورت آهي. وري هڪ نگاهه هر هلائيندڙن ڏانهن کڻي سوچي ٿو.

”منهنجي دل جي زمين ٻِ مٽيءَ جي اولڙن لاءِ ريج ٿي پئي آهي.“ هن علائقي ۾ سماٽ ۽ بلوچ قومون آهن، زمين ۾ ڪم ڪندڙ سماٽ عورتن کي چولو آڏيءَ ڳچيءَ وارو ۽ گربي ته ڪن کي سوسي جون شلوارون پهريل هيون، مرد جيڪي پورهيو ڪري رهيا هئا، تن کي ٻت تي صدريون ۽ مٿي تي پٽڪا ٻڌل پيا ڏسجن. ڪجهه فاصلي تي بلوچ قوم جون عورتون ٻنيءَ منجهه هارپو ڪنديون ٿي رهيون، بلوچ عورتن کي پانڊڻو، گهگهو، حُلواڻ ۽ شلوار جيڪا مختلف ڪپڙن ۽ رنگن جي پهريل هئي.

سنڌو نديءَ جو مستيءَ پريل لَهرن جيان انهن پورهيتن جا وجود ٻهڪندا جهومندا ٿي رهيا، هوا خوشي مان نچندي وڻن جي ٽارين کي لوڏي وري پٽ تي ڪم ڪندڙن جي پگهر کي سڪائيندي انهن جي جسم جو ٿڪ پچندي ۽ لاهيندي هلي وئي.

وڻن جي ساين ٽارين ۽ لامن تي وينل پکي، ڌرتيءَ جي ساوڪ پري سرهاڻ ۾ ٻولين جو خوبصورت رَس اوتي رهيا هئا، هوا تي لڏندڙ ٽارين مان پاليهر، طوطا، ڪينيا پکين جون ٻوليون پري پري تائين گونجنديون ٿي رهيون. اوچتو درياءَ ۾ هلندڙ جهاز پاڻيءَ جي لَهرن ۾ هلچل مچائيندو وڪر بَندَر ڏانهن ٿي ويا ته ڪي سوکي بَندَر ڏانهن، ڪي جهاز شاهه بَندَر ۽ ڪيٽي بَندَر تان مال پري پيا وڃن . درياءَ جي موج مستين ۾ جهازن جي اچ وڃ اهڙو ڏيک ڏنو ٿي جڻ پاڻيءَ منجهه ميلو متل هو. درياءَ جون لَهرون خوشيءَ وچان ناچ ڪنديون ڏيساوري جهازن ۽ ماڻهن جو جڻ استقبال ٿي ڪيو. زمين تي ڪم ڪندڙ ماڻهو ڏاڍا خوش پئي ٿيا، پکين جي ٻولين جو آواز پڻ ڏيساوري ماڻهن

کي پاڻ ڏانهن ڇڪي رهيو هو. اهي ساوڪ ڀري زمين ۽ وڻن جي لڏندڙ ٽارين تي وينل پکي ۽ اڏرندڙ پکين جون ٻوليون ٻڌي دل ۾ ڏاڍا خوش پئي ٿيا، ڄڻ سنڌ جا سهڻا پکي ٻه انهن جو پنهنجي ٻوليءَ ۾ آڌرڀاءُ ٿي ڪيو. سَڄي ماٿري ۾گيتن جي گونجار پکڙجي وئي، خوبصورت گل ٻوٽا ڌرتيءَ تي هٻڪار پکڙيندا رهيا. ۽ گهمندڙن کي خوشبوءِ جي واسَ سان نوازيو پئي.

ڪيٽي بَندَر تي بيٺل جهازن ۾ مقامي ماڻهو ۽ پورهيت پنهنجي سگهاري جسم سان ناريل جا ٽوڪرا کڻندا جهازن ۾ رکندا ٿي ويا. سمنڊ جي جزيرن تي خوبصورت ناريل جا وڻ هوا تي جهومندا ٿي رهيا. بَندَر تي بيٺل هڪ ٻئي جهاز ۾ پورهيت سُکل ڪاٺ جيڪو ٻبر جي ٿلهن وڻن جو هو، اهو چاڙهي رهيا هئا. اهي جهاز سنڌ جو ڪاٺ ڪلڪتي، ڪڇ، ڪانياواڙ ۽ گجرات ڏانهن پرائي کڻائي ٿي ويا.

اوچتو درياهه تي جهازن جي ڪري ڄڻ ميلو متل هو، مقامي واپاري جيڪي سنڌ جي مختلف شهرن کان اچي آباد ٿيا هئا. اهي ميرپور ٻنورو، سجاول، شاهه بَندَر، هالا، ٽنڊو محمد خان، مورو ۽ حيدرآباد کان اچي بَندَر تي رهيا هئا. شهر ۾ سُک ۽ اَمن جو ماحول ۾ هر ڪو چپن تي مرڪ پکڙيندو هلندو ٿي رهيو. ڪيٽي بَندَر ۾ ايندڙ ويندڙ جهاز کي جاچڻ لاءِ ”ڪي ڪسٽم هارپس“ جو عملو جنهن ۾ ٻه انسپيڪٽر هجن، پر انهن جون حدون ورهايل هيون، جن کي ”سي ڪوسٽ انسپيڪٽر“ چيو ٿي ويو. هر هڪ انسپيڪٽر پنهنجن حدن ۾ ايندڙ ويندڙ جهازن کي ڏٺو ٿي، جاچ پڙتال ٿي ڪئي ۽ ان جي سار سنڀال پئي لڌي. جيڪي جهاز ڪيٽي بَندَر کان ؟ڪڇ“ ڏي مال کڻي ٿي ويا، تنهن کي ”سي ڪوسٽ انسپيڪٽر“ چيڪ ٿي ڪيو.

ڪيٽي بَندَر تان ڪجهه جهاز مال ڀري ڪاروڇاڻ جي طرف ويا ٿي، ان کي حد جي انسپيڪٽر چيڪ ٿي ڪيو. بَندَر تي ڪي جهاز ”زنجبار“ کان آيل هئا، ڪي جهاز پور بَندَر، ڪنياٽ بَندَر، لنڪا بَندَر، عمان، بحرين، عباس بَندَر ۽ يورپ جي بَندَرن کان آيا هئا، اهي ڪيٽي بَندَر تان اناج سان گڏ عمارتن جو ڪاٺ ۽ ناريل کڻي ٿي ويا ۽ ڪي جهاز ڪيٽي بَندَر تان سنڌ جو ڪپڙو ململ، سوسن، گربي، مورينڙو، هرڪ، بافتو، ٻانڌڻو ۽ اجرڪ يمن ملڪن ڏانهن کڻي ٿي ويا ۽ ڏيساور واپاري هتان سڪل مَڇي جهازن ۾ پئي پرائي، جنهن ۾ گهڻي ”مور“ مَڇي هئي.

اوچتو گاڏي جي چالو ٿيڻ تي سارنگ خيالن جي دنيا مان سجاڳ ٿيو. پاڪستان فشر فوڪ فورم جي جيڪا گاڏي ٿورو اڳ آئي هئي، اها واپس ويندي هارن وڄائيندي وئي جيڪو چاچو انهن مهمانن کي وٺي ويو هو سو ڇني ۾ واپس آيو. سارنگ کي ننڍي ٻار جيان اکيون مهٽيندي ڏسي حاجن چيو.

”سارنگ! ڏي خبر... طبعيت ته ٺيڪ اٿئي يا....؟“ سارنگ ٿورو هٻڪندي چيو.

ادا... بس... مان ڪيٽيءَ جي خيالن ۾ گم ٿي ويو هوس. هن جي ڳالهه تي سيني

ڪان ڪل نڪري وئي. حاجن اٿيو ته پوءِ سيئي اٿيا. محمد حسن ناڪئو، محمد يونس ڳنپير، محمد عيسيٰ ڪاتيار ۽ احمد جت ڪان حاجن موڪلائيندي چيو.

ادا... مهمان ٽڪل پيو ڏسجي، هاڻ جنهن ساٿيءَ وٽ سارنگ جي رهڻ جو بندوبست ڪيو آهي اوڏانهن ويندا سين.

***

ڪيٽيءَ مٿان قربائتا ڪڪر ڪارونيار ڪري آيا. حاجن ۽ سارنگ دڪانن جي پنيان هلندا رهيا. تڏڙي هوا تيزيءَ سان گهلي رهي هئي. سارنگ کي ائين محسوس ٿيو ڄاڻ هوا سان گڏ برسات وسڻ شروع ڪندي. حاجن هلندي سارنگ ڏي نهاري چيو.

”يار! وک وڌاءِ... هلي چني ۾ رسون.“ پوءِ ٻئي تکڙا هلندي اچي ان جاءِ تي پهتا جتي حاجن هن جي رهڻ جو بندوبست ڪري آيو هو. ادا... آءٌ ڪيٽي بَندَر جي عبدالرحمان سان توکي ملائيندس، جنهن کي هتان جا ماڻهو ”چرندر پرندڙ ڪيٽي بَندَر“ سڏين. ماستر عبدالرحمان هن وقت اسي سالن جو آهي.

چَني ۾ ٻه کٽون رکيل هيون، جن تي بسترا وڇايل هئا، هڪڙو نوجوان حاجن ۽ سارنگ کي ڏسندي اٿندي اچي هنن سان هٿ ملايو، کٽ جي طرف اشارو ڪندي چيو.

ادا... توهين ان کٽ تي ويهو. سارنگ ماٺ ڪري ويهي رهيو، چني جي اندر تڏڙي هوا اچي هنن جي ڪپڙن کي سڪائيندي هلي وئي.

”سارنگ! ويهه... هي اسان جو پيارو دوست مجيد آهي.“ حاجن وراڻيو .

”سارنگ! جي آئين ڀلي آئين...“ مجيد هٿ ٻڌي وراڻي ڏني. ٻاهر برسات بيهجي وئي هئي. ايتري ۾ محمد يونس ٻه آيو، چَني ۾ ٻتيءَ جي هلڪي روشني ڪڙن جي وٿي مان ٻاهر ليئو پائي رهي هئي. ٿورو پري ڪاٺ جا نهيل گهر هئا، سارنگ چني جي وٿين مان تن کي ڏسندو رهيو، آسمان مان ڪڪر غائب ٿي چڪا هئا، چنڊ جي روشني پٽ تي ڪرندي رهي، حاجن هن کي ڏسي چيو.

”ادا.... جيئن منوپاڻي گهٽبو ويو،ڪيٽيءَ شهر مان گهڻا ماڻهو لڏي ويا هتان جون زمينون سمنڊ جي کاري پاڻيءَ ۾ ڪاريون ٿي ويون. هن وقت تقريبن ويهه لک ايڪڙ زمين سمنڊ ۾ اچي وئي آهي، لڪين ايڪڙ تمر جا ٻيلا پڻ سمنڊ ۾ اچي ويا آهن، بک، بدحالي ۽بيروزگاريءَ سبب ڳوٺن جي لڏپلاڻ تي ۽ ٿيندي رهي ٿي، جنهن ڪري ڳوٺن ۽ بَندَرن جو اوج مٽجي ويو آهي. هينئر اونداهي ۾ هي پٽي ساهه پئي کٽي.“

اوچتو چني ۾ کنگهڻ جو آواز آيو، هڪڙو پڪيءَ عمر وارو همراهه لٺ جي سهاري هلندو اچي چني جي ڪنڌيءَ وٽ بيهي سيني کي سلام ڪيو تہ مجيد اٿي هن ڏانهن ويو.

”چاچا! اچو حاجن آيو آهي ۽ ان جو دوست ٻہ وينو آ.“

مهمان جو ٻڌي چاچو پنهنجي ڇهري تي مرڪ آڻي، خوشي مان وک کڻندو سارنگ

۽ حاجن جي پرسان آيو تہ هي بہ ئي اٿي ادب سان چاچي کي مليا. سارنگ پنهنجي جاءِ ڏانهن اشارو ڪندي چيو.

”چاچا! هيڏانهن اچي ويهو.“

”ابُل! توهين ويهو مهمان آهيو، آءٌ حاجن جي پرسان ڪٽ تي ويهان پيو...“

ڇَني جي ٻاهران جيتن جو سَنهڙو آواز شور مچائيندو اندر ٿي آيو. سارنگ ڇني کان ٻاهر نڪري، ڪلراٺي زمين ڏانهن نهاريو ڪيس يقين نہ ٿي آيو ”هي شهر ڪيٽيءَ جو شهر آهي“ ڪيٽي بَندَر سنڌ جي ماضي وارو سهڻو بَندَر هو. هر هر هن جي اڳين اڳيان ماضيءَ جو خوبصورت نظارو ڦري ٿي آيو، ايتري ۾ هڪڙو نوجوان ڇني ۾ آيو. هن سيني سان هٿ ملايو، پوءِ مجيد کي چوڻ لڳو.

”ميان! گلو کي سڏ ڪري ٽڪو آهيان، ڪو ڦوٽ ٻوٽ چوڻ وارو ڪونهي.“ چاچي هن جي هٿ ۾ گندڻ ڏسي ڪلندي چيو.

”ابُل! جَجهو وجهي چاڙهج .“ وينلن ڪان ٿهڪ نڪري ويا. اهو همراهہ مشڪي ڪنڌ ورائي هليو ويو. چاچي جي اهڙي مذاق ڏسي سارنگ دل ۾ چيو.”هي وڏو زندهہ دل انسان آهي.“

چاچا! ڪهڙا حال آهن“ حاجن چاچي ڪان پڇيو.

”يار! ڇا چوان... دل سڄي ڦٽ اٿم. هاڻ هن پوڻي تي ڪو سائو وڻ بہ ڪونهي. اسان پيڙهي وارن کي ڪير پڇي ڪونہ. نہ ئي ڪو پنهنجو سمجهي. جيڪو بہ اچي پيو، سو انگ اکر لکي، وڏي ڳالهہ ڪري هليو پيو وڃي. “

مجيد جيڪو گهڻي وقت کان وينو سوچي، تنهن چاچا ڏي نهاري چيو.

”چاچا!“

”جي... ابُل...“

چاچا! تنهنجي ڳالهہ ٻڌي واقعي چوٽيون ۽ پهاڪا سي اهڙن ماڻهن تي ٺهڪي اچن پيا.

مجيد جي اها ڳالهہ ٻڌي سيني جو ڌيان سندس طرف ٿي ويو، چاچي لٽ کي گوڏن جي وچ ۾ ڏئي چيو.

ابُل مجيد! ٻڌاءِ...

ها چاچا! چوندا آهن ”وات جي پلاءُ کي داغ جي ڪهڙي ضرورت!“ ۽ ٻي چوٽي آهي تہ ”ٺلو ڇٽو، وڃي گهٽو، لار ڪونهيس لڏي گهٽو“.

چاچي هلڪو ٽهڪ ڏئي چيو.

واهہ... ابُل... واهہ... چڱي ڳالهہ ٻڌائي اٿئي، اهي ٻئي ڳالهيون بروبر اهڙن ماڻهن سان ٺهڪن پيون. ڪڏهن ڪڏهن ائين لڳندو اٿم ”ڄڻ اسان اِنسان نہ... پر هِڪَ ٺَنول ٻَڌجي ويا هجون.“

ڇني جي اندر ڪڙن جي وٿيءَ مان ٿڌڙي هوا اندر آئي، چاچو ٿڌو ساهه ڀري چوڻ لڳو.

اَبُل آءُ قبر ۾ پير وجهيو وينو آهيان، پاڻ کان ڪوڙ بَداد ڪونہ ٿيندو، هاڻ مِيڻَ بہ جَهڪِي ٿي وئي آ.

”ابل.! اسان ساحلي ۽ ٻٽي ۾ مِيڻَ کي اک جي روشني چئون يعني نظر .“چاچو ڪجهہ سوچي وري چوڻ لڳو.

مجيد! تو جيڪي ڇوِٽيون ڇَئي ٻڌايون، سي ذهن ۾پيون ڦرن، واقعي، هرڪو اسان کي مَهَجَڻَ سمجهيو پيو وتي. اڇيو غُشو هٽي وڃن . چاچي جي اهڙي گفتگو ٻڌي سيئي سنجيده ٿي ويا. سارنگ کي خاموش ڏسندي چاچي چيو.

اَبُل سارنگ.! مَهَجَڻَ سمجهي پيو؟

”نہ ... چاچا.“

”اَبُل توهين ڪٿي پيا اسان جا لفظ سمجهو. مَهَجَڻَ معنٰي بيوقوف. هاڻ وانِڪِي يعني اَباڻي ملڪيت بہ وڃي موڪلائيندي، پيرن هيٺان پنهنجي زمين کِسڪي وئي.“

سارنگ ايڏي گهري ڳالهہ ٻڌي چاچي جي منهن ۾ نهاريندو رهيو. واقعي هنن ماڻهن وٽ زندگيءَ جو تجربو آهي. هنن جي ڳالهائڻ ۾ ڪيڏي تہ سادگي ۽ سچائي، خوشبوءِ جي طرح سمايل آهي . سندن لفظ پنهنجي معنٰي سان منڙي انداز ۾ مرڪي ڄڻ زندگي جو داستان ٻڌائي رهيا آهن. هنن جون چوٽيون ۽ پهاڪا وڏي سگهہ ۽ معنٰي رکن ٿا. جسم نہ ٿلهو مَتارو، نہ ئي بدن تي پورو لباس آهي خوشي ڀري کان شرارت ڪندي هنن جي جذبن ۽ احساسن سان راند ڪندي هٽ لوڏي هلي ويندي آهي . پوءِ بہ هي ساحلي پٽي جا ماڻهو مرڪي پوندا آهن، ڇوتہ سنڌو هنن جي وجود ۾ چوڙ ٿي ڪري. هنن جون اکيون ۽ چهرا بہ راز ڀَري ڳالهڙي ڪري ٿا ڇڏين. سارنگ خيالن مان پاڻ کي ڇڏائي چاچي ڏانهن ڏٺو ، جيڪو لَٺِ کي سڌو ڪري چوڻ لڳو.

”اَبُل! اسان جو ڪير ڪونهي، جڏهن قدرت اسان تي ويني ڪل ڪري، باقي ٻين تي ڪهڙو ڏوهہ ڏيون.“

چاچو جذباتي انداز ۾ چوندو رهيو، پوءِ ڏک جي ڏور ۾ سيني جو ڏيان پاڻ ڏانهن ڇڪائيندي چيو.

اَبُل! توهان کي سڌ هجي يا نہ... هاڻ الائجي ڪهڙا نوان ماڻهو اچي هتي جون زمينون خريد پيا ڪن، جڻ اسان جي پيرن هيٺان ڌرتي پيا ڪَڍَن. ڏابيڇي، گهارو، ساڪرو، ڳاڙهو کان وني ڪيٽيءَ تائين انهن زمينون خريد ڪيون آهن. اهي ويل الائجي ڪهڙو ڪندا...!؟

چاچو ائين چئي ماٺ ٿي ويو، هن جي چهري تي مايوسيءَ سان گڏ، پريشانين واريون لڪيرون نهنديون ويون. پوءِ پنهنجي خيال کي مٽائڻ جي لاءِ ڇني جي ڪنڌين کان ٻاهر نهاري ٿڌو ساهه ڀري چوڻ لڳو.

اَبُل! شاعر سريچ سجاوليءَ جو شعر ياد آيو آهي.

”مون پَڪ سڄاتا، پنهنجا هُئا،
ڌارين ســـــان گَڏُ ڌاڙي ۾!“

يار... ڪهاڙي وڻ کي چيو ”توکي پنهنجو ڳن پيو وڍي، منهنجو ڪهڙو ڏوهه.“ ۽ ٻي چوٽي هي آهي ته، ”وَڻ ڪهاڙي کي چيو، ”تنهنجي ڪهڙي مجال جو مون کي وڍَين پر منهنجو عضوو (ڳن) تو سان گڏ آهي.“

”ابل! ٻين تي ڪهڙي مياري جو پنهنجن جي من ۾ کُوٽَ پَلجي پَئي.“

پوءِ محمد يونس چوڻ لڳو.

ادا... سارنگ! تون پهريون ڀيرو آيو آهين، ڏسين پيو هتان جي ماڻهن جي زندگيءَ کي، توهان درياءَ جي ڇاڙن ۾ رهندڙ ماڻهن کي ڏٺو ڪونهي، اهي ويچارا پاڻيءَ جي لپ لاءِ ڪيڏا پريشان هوندا آهن. ويچارا هوڙا ڪاهي، ٽن چئن سون جو تيل ساڙي پنهنجو ڪم ڪوٽي ڪري، مختلف ٽَڙَن تي ويندا آهن، ڪي هتڙي ڪيٽيءَ ۾ اچن، پوءِ ٽئنڪر جي انتظار ۾ ٻيٺا رهندا آهن، جڏهن ٽئنڪر ناهي ايندو ته هنن جي چهري تي زردي ڦري ويندي آهي. ويچارا ڪڏهن ڪڏهن هڪڙو پيپولو (ڊرم) جو ويهن گيلن جو ٿئي، سو ٽيهن رپين ۾ وٺن.

چاچو پنهنجن سفيد وارن ۾ آڱريون ڦيري محمد يونس کي چوڻ لڳو.

اَبُل! درياءَ جي ٻيٽن ۽ ڪنڌين تي رهندڙ ماڻهو ڪيئي ويلا بک تي وينا هوندا آهن، سي پنهنجي اولاد جي لاشن کي کاري پاڻيءَ جو غسل ڏيارين ۽ ويچارا ان ارمان ۾ پيا ڪڙهندا آهن ته ”پنهنجي پياري اولاد کي ڪيئن غسل ڏنوسين“. ڪهڙو درد بيان ڪجي، ٽن ملاحن، مَڇي مارينڊڙن جون، اڄ جون حالتون ڏسندي مونکي سائين محمد خان مجيديءَ جو شعر ياد اچي ٿو، جنهن ۾ لاڙ وارن کي ڏاڍو پيار سان ياد ڪيو اٿس.

”هو لاڙ جا ماڻهولوهه ڪان ڏاڍا،گرمي سردي پاري ۾
هو لاڙ جا ماڻهو خوبين وارا، يارو خاص خساري ۾
هو پاڻي پوک جو پورو ناهي، ڪيٽي بَندَر ڪاري ۾
هو لاڙ جون ڪاريون ناليون ڏس، لهواري اوياري ۾.!“

چاچي جي شعر ٻڌائڻ کان پوءِ سيني جي واتان ”واهه... واهه“ نڪري وئي. حاجن چوڻ لڳو،

”سائين محمد خان مجيدي لاڙ وارن کي ياد ڪيو آهي، پر اسين ڪيس وساري وينا آهيون. ٺيڻ ته ائين گهرجي، اسين سائين کي هر سال ياد ڪري، ان جي ڳس کي سڄاڻو ۽ هن جي درد کي ٻين تائين پهچايون. جيڪو سائين مجيدي پنهنجي من ۾ لاڙ وارن جو درد سانڍي هلندو هو.“

سارنگ ڪجهه سوچيندي، چاچا ڏي نهاري ڪائنس پڇيو.

چاچا! ڇاڙن ۾ هن وقت ڪهڙا ڳوٺ ۽ ڪهڙيون ذاتيون رهن ٿيون؟

اهو سوال ٻڌندي چاچا سوچڻ لڳو، جڻ پنهنجي ذهن ۾ درياءَ جي ڇاڙن ۾ رهندڙن ڪي ياد ڪندو هجي ۽ پوءِ ٿڌو ساهه ڀري چوڻ لڳو.

اَبُل! مون پنهنجي عمر ۾ ڪئين ڳوٺ اجڙندي ۽ نوان ماڳ جڙندي ۽ ماڻهن جي لڏ پلاڻ ڏٺي آهي. جيڪي ڳوٺ هينئر ياد اچن پيا ٿي سگهن ته ڪجهه ڳوٺ وسري به ويا آهن.

ادا... تعلقي ڪيٽي بَندَر ۾ چار نَرون (ڪريڪس) آهن.

1. چاڻ نَر(ڪريڪ): هن ۾ ڳوٺ يوسف دبلو، صوفن دبلو، حدن دبلو، ايوب گهن، صديق دبلو، اسماعيل دبلو، ولاري دبلو، محمد دبلو جا ڳوٺ آهن.

2. حجامڙو نَر (ڪريڪ): هن نر ۾ ڳوٺ محمد دبلو، علي حسين دبلو، صفوري دبلو (مائي صفوريءَ جي نالي سان آهي)، حسين دبلو، پَڪي دبلو، صالح دبلو، عبدالله دبلو. هن نر ۾ دبلن جا ڳوٺ آباد آهن. هن ڳوٺ ۾ صرف به ذاتيون رهن پيون. دبلا ۽ اترادي... اترادي اصل ۾ اتر دادو ۽ لاڙڪاڻي جي طرف جا آهن. هنن جي ذات اصل ۾ ٻي آهي، پر هتڙي اترادي نالي سان سڃاتا ويندا آهن، ڪين صديون ٿي ويون آهن.هاڻي اترادي ملاح سڏجن.

3. ڪانگڙي نَر(ڪريڪ): هن نَر ۾ ڳوٺ حاجي شيدي دبلو، حاجي مامو دبلو، قبول دبلو، حسين ڪارو دبلو، سيٺ حسين دبلو، اترادي اوڙڪ ملاح، هن نَر ۾ ٽي ذاتيون آهن، دبلا، ملاح ۽ اترادي.

4. ترسياڻ نَر(ڪريڪ): نَر ۾ حاجي علي خان جت، ڪرمي چيڙ، گلي شولاڻي، هاشم گوئي دبلو، عبدالله دبلو، بدو دبلو، علي محمد سوڍاڻي، عابو دبلو، جلال دبلو، آچار لکيو، هارون لکيو، صالح ٻڍالو، هي ڳوٺ هن نر جي پير ۾ آهي.

اَبُل! هتڙي ڪل ايڪويهه نَر (ڪريڪ) آهن. سيني نَرن ۾ ملندڙ جلندڙ ذاتيون رهن پيون، پر آءٌ توهان ڪي درياءَ جي نرن جا نالا ٻڌايان پيو.

1. گهوڙو 2. راڄ واري 3. ڀَڪيئڙو 4. آڏياڙي 5. ڪانئر 6. ڏوڏاٽي 7. مَل 8. شڪرانو 9. واڙي 10. پڪاري 11. سيد 12. دبو 13. پٽيئاڻي 14. ڪاهي 15. ڪڏي 16. ڪانگڙي 17. حجامڙو 18. ترساڻ 19. چاڻ 20. قٽي 21. ڪورنگي 22. ڀنڊارڏنگي.

چاچو ڪجهه سوچي سارنگ ڏي نهاري چيو.

ادا... اڳي انهن ڇاڙن ۾ مٺو پاڻي هوندو هو ته ماڻهو خوش هوندا ها. ڪهڙي ڳالهه ڪجي ان وقت جي اهي درياءَ جون نريون سنڌو سيپتا جون سونهن هونديون هيون. پر هاڻي انهن نرين ۾ مٺو پاڻي نه اچڻ ڪري سامونڊي ڪنارو اجڙي ويو. ان سان گڏ اسان جا آکيرا به اجڙي ويا.

حاجن، سارنگ، محمد يونس ۽ مجيد چارئي ڏيان سان چاچي جي ڳالهه ٻڌي رهيا هئا، چاچو چوڻ لڳو.

اَبُل! اسين ننڍا هوندا هئاسين، انهن نرين ۾ سچو ڏينهن وهنجندا هئاسين. ماني بہ ڪين کائون، رڳو درياءَ جي مَڇين سان گڏ اسين بہ ٽٻيون پيا ڏيندا هئاسين. ڪجيون، زيتون، انب ۽ ناريل پَٽي شرط هٽي ناريل کي هٿن سان جهوري ڳيا (ڪوپرو) ڪڍي، ڪوپري جو پاڻي پيئندا هئاسين ۽ ڪوپرو ڪائيندا هئاسين.

چاچي سارنگ ڏي نهاري مرڪي چيو.

اَبُل! مَڇين جي کهڙي ڳالهہ ڪجي، اسين ننڍا ٻار هوندا هئاسين تہ اَتي ۽ چَٽن جا ڳنڍا ناهي، اهي درياءَ جي ڪناري سان پاڻيءَ ۾ وجهي ڇڏيندا هئاسين. جنهن تي سانا (جهينگا) اچي انهن کي ڪائيندا هئا تہ اسين جهولڙيون وجهي انهن سانن کي جهليندا هئاسين، ايڏو تہ مزو ايندو هو، جنهن جي ڳالهہ ئي نہ پڇ.

ادا... وير لهڻ کان پوءِ ننڍن ڍورن ۾ ٿورو پاڻي ٽيندو هو تہ مِٽي ۽ ڪاري جون مَڇيون اسين هٿن سان جهيلندا هئاسين.

آءٌ ننڍڙو هوس مال پيا چاريون تہ اسان جي پاڙي ۾ ماڻهن اٽڪل ٻہ سئو ڄرڪا هٿن سان هڪڙي ڍوري مان جهليا. هڪ هڪ ڄَرڪو پنجن کان ڇهن سيرن (ڪلو) جو هو. اهي يادون ساري هاڻ روئڻ پيو اچي. ايتري ۾هڪڙو نوجوان آيو. سيني سان هٿ ملائي مجيد کي مخاطب ٿيندي چيائين.

"ادا! مهمانن جي ماني تيار آهي، ڪٿي اچان."

"ها... پر جلدي اچ، وَڃ ۽ وَر." مجيد وراڻي ڏني، نوجوان هليو ويو. چاچو اٿندي لٺ هٿ ۾ ڪٽي ان جي سهاري بيهي چوڻ لڳو.

"اَبُل! اسين هلون پيا."

"چاچا! ويهو ماني ڪائي پوءِ وڃو." سيني گڏيل آواز ۾ چيو.

"نہ اَبُل... توهين ڪائو." اسين "بَندَر جي بازارين ۾ سوين نڙيا سور" جا قصا ياد ڪندا ويندااسين."

ائين چئي چاچو هليو ويو.سارنگ سوچڻ لڳو، چاچو بندر جي بازار واري ڳالهہ ڪري ڇڻ منهنجي جذبن جي عڪاسي ڪري رهيو آهي ۽ منهنجي خيالن سان سهمت ڪري ائين چوندو هجي تہ، سارنگ! هن هيڏي سڄي محفل ۾ آءٌ بہ تووانگر درد جي رستي جومسافر آهيان. پر رنگن جو فرق ٿي پيو آهي. چاچي جي دردن ۾ بندر جا رنگ آهن ۽ منهنجي دردن ۾ مٽيءَ جا رنگ آهن.

مجيد کي دل ۾ گوتو آيو تہ"حاجن جو مهمان قسمت جي سانگي آيل آهي، سياڻي حاجي ابراهيم واڙيءَ واري جو ميلو بہ آهي، چونہ سارنگ ۽ حاجن کي اوڏانهن گهمائڻ لاءِ وني وڃان." هن دل ۾ اهي اکر ڳٽي مرڪي ٻنهي ڏانهن نهاريو. پوءِ حاجن کي چوڻ لڳو. حاجن! سياڻي اسين ميلي تي ويندااسين. منهنجي مرضي آهي تہ توهان ٻئي ميلي تي هلو... حاجن اها ڳالهہ سٽي دل ۾ چيو. مون کي هت هڪ ٻن ڏينهن جوڪم آهي، چونہ

اهو ميلو سارنگ گهمي ڦري اچي. پوءِ سارنگ کي چوڻ لڳو.

سارنگ! سٽئي مجيد جي ڳالهه، حاجي ابراهيم واڙيءَ واري جو ميلو هن تر ۾ مشهور آهي، اهو ميلو ڏسڻ وٽان آهي. ديهه واڙي ۾ واڙي درياءَ جي ٻيٽ تي لڳندو آهي،جنهن جي چئوطرف درياءَ ئي درياءَ آهن. لُهڙو درياءَ، نندي واڙي، وڏي واڙي ۽ نانگو درياءَ اچي وجن ٿا، انهن جو چوڙ سمنڊ ۾ پوي ٿو.

مجيد وارو وٺندي چيو.

ادا.... اسين صبح جو هتان ڏاتسن ۾ چڙهنداسين، جيڪا اڳي ئي ياڙي تي ٻڌي چڙي آهي، پاڻ سڌو جنگي سر هلنداسين.

سارنگ ڏانهن حاجن نهاريندي چيو.

”ادا... آءٌ هلي نه سگهندس، توهين ڀاءُ مجيد سان وڃي ميلو گهمي اچو.“ انهيءَ وچ ۾ مجيد ڳالهائيندي چيو.

سارنگ! توهين هلو... اسين ميلو ڏسي، گهمي ڦري پوءِ اتان چوهڙ جمالي نڪري ويندا سين، پوءِ اڳتي ويندا سين.

حاجن جيئن ئي اها ڳالهه ٻڌي ته بود مان پرجي سارنگ کي چيائين.

ادا... توهان جڏهن چوهڙ پهچو، چوهڙ جمالي شهر جي پراڻي بازار ۾ حافظ حبيب سنڌيءَ جو دڪان آهي. ان سان به ملجو...! ۽ ها هڪڙي ڳالهه ٻي ياد آئي آهي، اها هيءَ ته چوهڙ جماليءَ ۾ اسان جو دوست عرفان کتري آهي، جيڪو حافظ حبيب سنڌيءَ جي ڪري منهنجو واقف ٿيو، ڏاڍو ملڻ سار ماڻهو آهي. ڪچ، گند ۽ سانن يعني جهينگن جو واپاري آهي، سجاول روڊ تي ان سان ضرور ملجو. توهان کي سانن جي باري ۾ ٻڌائيندو ۽ تڙ گهمائيندو، هڪ به ڏينهن اتان تي اچو، پوءِ ڪاري ۾ اچجو.

اها ڳالهه ٻڌي سارنگ جي دل ۾ شوق پيدا ٿيو، حاجن ڪجهه سوچي چوڻ لڳو ”ڳاڙهي ۾ دوست جي شاديءَ وارو ڪم وسار جو نه، متان سنگت جا مياري ٿي نه پئون.“

”نه... ادا نه... انهيءَ پروگرام جي لاءِ ته ٽڪيو آهيان.“

ڪچهريءَ ۾ هڪ پڪي عمر جو ماڻهو آيو. ٻُت ۾ سنهڙو، قد ۾ ڊگهو هو. جيئن سلام ورايائين ته يونس ۽ ٻيا سيئي اُٿي هن سان مليا. اُن همراهه مُرڪي سيني ڏي نهاري چيو: ”ادا! ڪچهريءَ کي سلام.“

”چاچا، ويهو!“ يونس ايئن چئي پوءِ اُن جو سيني سان تعارف ڪرائڻ لڳو. ”ادا! هي سائين محمد يوسف سومرو صاحب آهي. هن نوڪريءَ جو تمام گهڻو عرصو ڪيٽيءَ منجهه گذاريو ۽ ٿورو وقت يعني شروعات وارو حصو ڪاروڇاڻ ۾ رهيا. پوءِ اسسٽنٽ مختيارڪار جي حيثيت سان رٽائر ٿيا. ڏهه- ٻارهن سال اڳ 1994ع ۾ ڪيٽي شهر مان لڏي گهارو شهر ۾ وڃي وينا آهن. اڄ اوچتو سائين سان رستي ويندي ملاقات ٿي. مون ڪيس ڪچهريءَ جي ڪوٺ ڏني هئي، سو سائين ڀلا پير ڀري آيو آهي.“ پوءِ سيني سائين

محمد يوسف سان خير عافيت ڪئي ۽ حال احوال پڇيائون تہ مهمان وراڻيو: ”ادا! پيا ڏونگر ڏوريون. هيءَ ڪچهري توهان نوجوانن جي آهي. مان ٿورو وقت ويهي هليو ويندس، جو منهنجا جهونا سنگتي انتظار ۾ وينا هوندا.“ پوءِ سيني گڏيل آواز ۾ چيو: ”سائين، جيءُ آيا، ڀلي آيا!“ محمد يوسف کي خاموش ڏِسي ڪيس يونس چيو: ”سائين، پنهنجي يادگيرين جي حوالي سان ڪچهريءَ وارن کي ڪجهہ ٻڌايو.“ اها ڳالهہ ٻُڌي محمد يوسف سومري مُرڪي وراڻيو: ”ادا! اسين ڪيٽيءَ جي پَٽ تي وينا آهيون. هي قربائتن ماڻهن جو پَٽ آهي. کهڙي ڳالهہ ڪريان هتان جي محبتي ماڻهن جي، جيڪي کير جيان مَن جا اڇا اُجرا آهن.....1957ع ۾ مان روينيو ڊپارٽمينٽ ۾ ڪلارڪ ڀرتي ٿي ڪاروڇاڻ ۾ آيس. منهنجو اصل ڳوٺ درٻيلو نئون، تعلقو نوشهرو فيروز، ضلعو نوابشاهہ آهي. منهنجو ڳوٺ هاڻي نوشهرو فيروز ضلعي ۾ آهي.“

محمد يوسف ڪچهريءَ وارن ڏانهن نهاري، ڇني جي لنگهہ ڏانهن ڏِسي وري چوڻ لڳو: ”ادا! مان جڏهن ڪاروڇاڻ ۾ آيو هئس، اُن وقت چاليهہ رپيا ماهوار پگهار هوندي هئي. روڊ رستا ڪونہ هوندا هئا. ٻُهارن کان اُنن تي چڙهي ٿاٽ درياهہ تي ايندا هئاسين. اُتي پتڻ هوندو هو، جتي هوڙو ٻيڙل هوندو هو، اُن ۾ چڙهي ڪاروڇاڻ ايندا هئاسين.“

يونس کي ڪا ڳالهہ ياد آئي ۽ محمد يوسف کان پڇڻ لڳو: ”سائين! اُهو وقت درياهہ جي اوج جو هوندو؟“

”ها ادا! اهو بروبر صحيح آهي. ٿاٽ درياهہ ايڏو خطرناڪ هوندو هو جو ٻہ پائر گڏ اُڪري نہ سگهندا هئا. هڪ پاءُ، ٻئي کي چوندو هو: ’ادا، پهرين تون وڃ، پوءِ آءٌ ويندس. جي هڪڙو چولين جي وَر چڙهي ويو تہ ٻيو بَچي.‘“ اها ڳالهہ ٻُڌي هرڪو ماٺ ۾ پئجي ويو. محمد يوسف ذهن ۾ يادگيرين جا ورق اُٿلائيندي چوڻ لڳو: ”ادا، اسان سان ٿاٽ درياهہ ۾ هڪڙو حادثو ٿيو هو. 1959ع ۾ محال ڪاري آفيسر جنهن جو نالو بيگ محمد قريشي هو، اُهو ڪلهوڙا اسٽيشن، تعلقي نوشهرو فيروز جو هو، جنهن مونکي چيو: ’يوسف! اڄ گشت تي حاجي حمير ميمڻ جي ڳوٺ سڄڻ وارِي هلنداسين.‘ جنهن تي مون اُن کي چيو: ’سائين، هيڏو طوفان لڳو پيو آهي، پاڻ وٽ ننڍڙو هوڙو آهي، اُن ۾ هلي نہ سگهنداسين ۽ ٻُڏي پونداسين.‘ پر محال ڪاري آفيسر منهنجي ڳالهہ نہ مڃي ۽ زور ڪيو. نيٺ اسين گشت تي روانا ٿياسين. جڏهن ٿاٽ درياهہ جي وچ تي پهتاسين تہ اسان جو هوڙو تيز لهرن ۽ هوا تي اونڌو ٿي پيو. پٽيوالو اسحاف ملاح، آءٌ ۽ محال ڪاري آفيسر، اسان ٽنهي جا هٿ هوڙي ۾ پئجي ويا. هوڙو سمنڊ ڏانهن ٿي ويو. تيز لهرن تي اسان جا ڪپڙا لَٽا ليڙون ليڙون ٿي ويا. ايتري ۾ ٻين هوڙن وارن اسان کي ڏٺو ۽ اسان کي اچي بچايائون. 1963ع ۾ منهنجي بدلي لاڏيون ٿي ويئي ۽ اتان وري 1964ع ۾ بدلي ٿي ڪيٽي بندر آيس. مون رهائش ڪيٽيءَ ۾ ڪئي. اُتي جَت، ڊبلا، ميمڻ، پير ۽ مُهاڻا ميربحر رهندا هئا. ٻين ذاتين وارا پوءِ آيا. ڪيٽي وارا محبتي ماڻهو اسان

ڪلارڪن کي پنهنجي گهران ماني ڪارائيندا هئا. هينئر جنهن هنڌ وينا آهيون، 1962ع ڌاري ڪيٽي شهر هِتان کان ڏيڍ ميل پري ڪاري پاٽي ۾ اندر هو. اُن وقت ڪيٽي ڪسٽم آفيس هوندي هئي ۽ پوليس جي پڪي پوسٽ بہ هوندي هئي. هي خطو سدائين آفتن جي زد ۾ رهيو آهي. ڪڏهن تيز هوائن تہ ڪڏهن تيز برساتن ۽ طوفانن جي ور ۾ ايندو رهيو آهي. ڪاروڇاڻ بندر چانورن جي لحاظ کان گهڻو مشهور هوندو هو. وڏيون دنگيون ٻيڙيون ڪاروڇاڻ بندر کان چانور ڪٽي ٻاهرين ملڪن جي مندين، ڪَڇ، ڪاٺياواڙ، بمبئي ۽ ٻين بندرگاهن ڏانهن ويندئون هيون. اُتان ٻيڙين جا پَن، لؤنگ، ڦوٽا ۽ تماڪ وغيره آڻيندئون هيون.“

ايتري ۾ ڇني جي ٻاهران ڪنهن آواز ڏنو، اُهو آواز محمد يوسف سجاتو ۽ ڇيائين: ”ادا! مونکي سڏڻ آيا آهن، مان هلان ٿو.“

رات جو ڪڇهريءَ ڪانپوءِ حاجن پنهنجي عزيز جي گهر هليو ويو. سارنگ جي اکين مان ننڊ موڪلائي وئي. هن جي ذهن ۾ چاچي جو پويون جملو ”بَندَر جي بازارين ۾ سوين نڙيا سور“ ڦرندو رهيو. پنهنجي اندر منجهہ ٻي ڇيني محسوس ڪندورهيو اڌ رات گذري چڪي هئي سندس دل و دماغ جي مٿان عجيب ڪيفيت جا احساس ۽ گذريل ماضيءَ جا انيڪ، پر اسرار ۽ مدهوش لمحا ۽ مستقبل جي عجيب سوچن جا طوفان سڀ جو سڀ منجهيل سُٽَ جيان وچڙيل...!!

سارنگ اکيون مهٽي اٿي کٽ تي ويهي رهيوءِ ڇني کان ٻاهر ڏسڻ لڳو هر طرف سانت ئي سانت، ڪنهن ڪنهن مهل جيتن جا آواز جيڪي ڪنهن مهل زورائتو ٿي وجن ٿا. هي کٽ تان اٿي ڇني کان ٻاهر نڪري ڪليل هوا ۾ اونداهي جي اسرارن کي پسڻ لڳو. هن جي نگاهہ ٻن پاڇن مٿان پوي ٿي، هوا جي زور تي انهن پاڇن وٽان پُڻُ پُڻُ جو آواز هن جي ڪن سان ٽڪرائجي وڃي ٿو. سندس سيئي حواس جاڳي پون ٿا ۽ نظر ايندڙ پاڇن طرف وڌڻ لڳو وري ويهي رهيو ۽ ڪِنائڻ لڳو. هن جي ڪنن تي عورتاڻو آواز پوي ٿو.

” اڄ منهنجي لاءِ چوڙيون نہ وٺي آئين.!؟“

”حُسنا.! درياءَ تان هينئر آيو آهيان، ڏسين نہ پئي تہ پُساڻ وارا ڪپڙا پهريل آهن.“

”سچو! ٻئي ڀيري ائين ڪو بهانو نہ ٻڌنديس.“

”حُسي! منهنجي ڳالهہ تي اعتبار ڪر.“

”سچو! اهو اعتبار ئي تہ آهي جو آئي آهيان.“

سارنگ هڪ ڀيرو ٻيهر پاڇن جي طرف چتائي ڏسي ٿوتہ هن کي ٻئي پاڇا هڪ ٿيندي نظر اچن ٿا. اوچتو آسمان ۾ گجگوڙ ٿي گهاٽن ڪڪرن ڌرتيءَ کي اونداهيءَ ۾ آٽي ڇڏيو.ٿڌڙي ٿڌڙي هوا مينهن وسڻ جو نياپو ڏئي هلي وئي هوا جي زور تي آواز سارنگ جي ڪنن وٽان گذريو.

”سچو! تنهنجو هٿ...“

”حسي! ها...“

”سچو! آهستي ڪٽي چپ نہ پٽي وجهين، اڙي! ماريندي ڇا...“

”حسي! نہ... نہ... تون ناڪئي حسين ڪاتيار جي هوڙي ڪان مونکي وڌيڪ قيمتي لڳين پئي.“

”سچو! تنهنجي زال ٻاگهي جاڳي پئي تہ پوءِ....؟“

”حسي! هن جي جاڳڻ نہ جاڳڻ سان ڪو فرق نہ ٿو پوي، ڇوتہ ٻاگهي رات جو لاٽن ۽ ديوين ۾ جيتن جي آواز کان ڊڄندي آهي. هونئن بہ ٻاگهي هميشہ خميسي ڊرائيور جي ڊاٽسن جي پوئين ٽائرن وانگر پنڇر ٿيل هوندي آهي.“

” سچو... آءُ...؟“

”حسي! تون تہ مِني پاٽيءَ جي موراکي لڳين ٿي. جڏهن بہ درياهہ تي رڇ پوکڻ لاءِ خلاصين سان بيهندو آهيان تہ، تون ياد ايندي آهين.“

”سچو! ايترو ياد ڪندو آهين!؟“

”حسي! درياءَ ۾ مڇيءَ کي ڇال ڏيندي ۽ اُن جي ٻت تي چمڪندڙ ڇلر ڏسندي، تنهنجو ٻت ياد اچي ويندو آهي. پوءِ پري کان مڇيءَ کي اُڇل ڪائيندي ڏسي ائين لڳندو آهي تہ مڇي رَڇَ ۾ نہ پر تون منهنجي ڀاڪر ۾ اچي پئي آهين. اوچتو لهرون تيزيءَسان ڇَندَ وجهي هلي ويندیون آهن تہ خيالن مان جاڳي پوندو آهيان. سچ پڇ تہ سخت سرديءَ ۾ تنهنجو خيال ايندي ئي پاڻ کي ٿڪاوٽ جي احساس کان آزاد محسوس ڪندو آهيان. “

سارنگ انهن خيالن ۾ هوتہ هلڪي هلڪي برسات وسڻ شروع ڪيو هن اکيون مهٽي اونداهيءَ ۾ پاڇن کي ڏسڻ جي ڪوشش ڪئي، پر اونداهيءَ ڪانسواءِ ڪجهہ نظر ڪونہ آيس. برسات تيز وسڻ شروع ڪيو. هي پاڻ کي بچائڻ لاءِ ڇني ۾ هليو آيو.

ଔ

# باب ڇهون

صبح جو سج جي ڪرڻن سان گڏ پکين جي "چين...چين...جو آواز" اندر تي آيو، سارنگ جي اک کلي وئي، هي اٿي ڇني ۾ رکيل مٽ مان پاڻي پري هٿ منهن ڌوئڻ وينو تہ مجيد نيرن ڪٽي آيو. هن مجيد جي مرڪندڙ منهن ۾ نهاريو پئي تہ حاجن بہ اچي سلام ورايو. سارنگ ۽ مجيد کي هٿ ڏئي وينو.

"ادا...! اچو نيرن ڪريو."

ماني کائي هٿ ڌوئڻ کان پوءِ، حاجن چوڻ لڳو.

يار سارنگ! رات ڪيئن گذري...؟

ادا...! ڏاڍي سٺي گذري، رات تارن پري سونهن ڏسي ڏاڍو خوش ٿيس. واقعي هي ماڳ فطرت جي سونهن سان مالا مال آهن. ايتري ۾ ڇني جي ٻاهران ڊاٽسن اچي بيٺي، همراهن جو گوڙ ٿيو. مجيد چوڻ لڳو.

"سارنگ! اٿو هلو... ساٿي پهچي ويا." پوءِ سارنگ اٿيو، حاجن کان موڪلايو. مجيد سان گڏ ڊاٽسن ۾ چڙهيو، ڊاٽسن جنگي سر ڏانهن هلڻ لڳي، اڌ ڪلاڪ کان پوءِ اچي جنگي سر جي پر ورتي، جنگي سر تڙ تي ڪيترائي هوڙا ۽ لانچون بيٺل هئا، هوڙا ۽ لانچون خوبصورت سينگاريل، هڪ ميلي جهڙو ڏيک پيون ڏين. ڊاٽسن اچي تڙ تي بيٺي تہ مجيد چيو.

ادا سارنگ! لهو هٿ دوستن سان ملنداسين، جن جي لانچ پنهنجي آهي، ان ۾ هلنداسين. مجيد هوٽل جي طرف نهاريو، ٽن نوجوانن کي ڏسندي چيو.

سارنگ! دوست وينا آهن، مسرت مانڊريو ٻگهاڻ وارو بہ انهن سان گڏ وينو آهي. هنن سان ڪچهري ڪري پوءِ هلون ٿا. سيئي ڄڻا ڊاٽسن مان لهي ڪي تڙ جي طرف ويا، مجيد ۽ سارنگ هوٽل ۾ آيا، انهن ٽنهي دوستن سان مليا، پوءِ سارنگ جو انهن سان تعارف ڪرايو ۽ وينل دوستن جي باري ۾ سارنگ کي ٻڌائڻ لڳو.

هڪڙي نوجوان ڏانهن اشارو ڪندي "سارنگ! هي اڪبر ملاح آهي" ٻئي همراهہ پنهنجو پاڻ تعارف ڪرائيندي چيو.

ادا... منهنجو نالو مراد علي آهي. ان جي پر ۾ وينل دوست ڏانهن نهاريو،جنهن سان مجيد ڪچهري ڪئي پئي، مراد علي چيو.

سارنگ! هي پنهنجو دوست مسرت مانڊريو آهي، فشر فوڪ فورم تنظيم جو سرگرم ڪارڪن آهي.

مسرت خوش ٿي ڀيهر سارنگ سان هٿ ملائيندي چيو.

”پائو! ڀلي ڪري آئين.“

”ادا... مهرباني، توهان خوش آهيو.“

”جي... ادا.“ مسرت مانڊري جواب ڏنو. مجيد دوستن سان ڪچهري ڪندو رهيو، سارنگ جي نگاهہ تڙ تي بيٺل هوڙي ڏانهن ڪِجي وئي، جيڪو سمنڊ ڏانهن وڃڻ جي تياريءَ ۾ هو. ان جي ڀرسان سينگاريل هوڙا ۽ لانچون بيٺل هيون، جن تي رنگ برنگي جهنڊيون هوا تي ڦڙڪنديون ٿي رهيون. سارنگ انهن ڏي ڏسي سمجهي ويو، هي سڀ حاجي ابراهيم واڙيءَ واري ميلي تي ويندا. هوا تيز گهلندي تڙ تي بيٺل ماڻهن جي ڪپڙن کي اڏاريندي رهي، سارنگ انهن تان نگاهہ هٽائي تہ هڪڙو همراهہ هوٽل ۾ اچي سلام ورائي هليو ويو. مسرت مانڊريو ڪيبن واري ڏانهن نهاري وري سارنگ کي چوڻ لڳو.

”ادا... پان وغيره.؟ “

”پاءُ... مهرباني، پان ڪونہ کائيندو آهيان.“ائين چئي سارنگ درياءَ ڏانهن ڏٺو. ٻيڙيءَ ۾ ٻہ عورتون ۽ هڪ ننڍڙو ٻار وينا مَڇي مارين، اوچتو سارنگ جو ڌيان سُڪيءَ تي بيٺل هوڙي جي پاسي ۾ وينل شخص سندس بت تي ميرا ڪپڙا، ڏاڙهي وڌيل، اٽيا وڏا وار (لاڙ جي ڀلوڙ شاعر سرويچ سجاوليءَ جي ڪتاب ”آليون اکيون اٽيا وار“ جي سر ورق وانگر)، پنهنجن خيالن ۾ وينو ڪنهن وقت ڏاڙهيءَ جي وارن ۾ تہ ڪنهن وقت مٽي جي وارن ۾ پيو ڳنهي ۽ آڱريو ڦيرائي. درياءَ جي طرف نهاريندو مشڪندو وري ڪنڌ هيٺ ڪيو تہ هن جي چهري تي ڪوڙ سارين پيڙاهہ واريون لڪيرون نهي تي ويون. سارنگ هن کي ڏسندو رهيو، ڪچهريءَ ۾ وينلن جو ڌيان سارنگ ڏانهن هليو ويو، جنهن هوڙي جي پر ۾ پٽ تي وينل شخص ڏانهن نهاريندو ٿي رهيو، اهو ڏسي اڪبر ملاح آواز ڏنو.

”سارنگ!“

”جي... جي!“ سارنگ ان شخص تان نگاهہ هٽائي تہ اڪبر ملاح کيس چيو.

پائو! اهو اڱاريو آهي، اصل ۾ ڪيٽي بَندَر جو آهي، اهو پنهنجي وقت جو بهترين ناکو هو، جوانيءَ ۾ هن شوق سان ٺيڪي واري يعني لوہ ڪاٺ جي جاءِ نهرائي هئي، جيڪا تنهن وقت وڏي ڳالهہ هئي. هن جي انهن ڏينهن ۾ شادي ٿيڻ واري هئي. جنهن جون تياريون هلندڙ هيون، پوءِ خبر نہ پئي هي سڀ ڪجهہ وساري وينو ۽ چرين جيان هلڻ لڳو. اج تائين ساڳي حالت اٿس، جيئن اج توهين ڏسو پيا.

سارنگ کي ڪا ڳالهہ سمجهہ ۾ نہ آئي. چوڪرو چانهہ جا چار ڪوپ ڪٽي آيو، سيني کي ڏئي هليو ويو... سارنگ چانهہ جو ڍڪ ڀري وري تڙ تي بيٺل هوڙن ڏانهن ڏٺو. هن کي خيال آيو تہ هن تڙ جو ”جنگي سر“ نالو ڪيئن پيو... پوءِ هن اڪبر کان پڇيو.

”ادا... توهين ٻڌائيندا، هن تڙ تي ”جنگي سر“ نالو ڪيئن پيو.؟“ اڪبر ملاح ڪجهہ

سوچي چوڻ لڳو.

ادا... وڏا ڳالهه ڪندا آهن, ڪتابن ۾ پڙهيو آهي ته جنگي سر... هن تڙ تي جنگي نالي واڪيو رهندو هو. ان وقت هي ماڻهو خوشحال هوندي هئي، هٿ چٽا، مٽر، موردال، هيرڻ، تر وغيره ٻيا ننڍا فصل جام ٿيندا هئا. جڏهن درياءَ چڙهي ايندو هو، پوءِ ان جي لهي وڃڻ سان هن منڙي زمين ۾ چيٽ جي سهڻي آبادي ٿيندي هئي، هٽ وڏي بازار هوندي هئي. جنگي سر ڪان پوءِ انهيءَ ساحليءَ پٽيءَ تي بدي سَر ۽ هُن پار وري نارائڻ سَر هوندو هو.

سارنگ کي خيالن ۾ ڏسندي اڪبر ملاح چيو.

سارنگ! ڪٿي پهچي وئين؟ سارنگ خيال مان پاڻ کي ڇڏائيندي مشڪي اڪبر جي ڳالهه ٻڌڻ لڳو.

ادا... ڪيتي بَندَر جون جيڪي ديهون آهن. انهن مان ديهه جنگي سر جي زمين پلوڙ هئي، هر قسم جو فصل ٿيندو هو. آبادي جي ڪري ماڻهن مَنجهه هر وقت خوشحالي ۽ چهري تي سرهائي نظر ايندي هئي. ڪيترن ڳوٺن ڪان ماڻهولڏي جَنگي سَر اچي رهندا هئا. ان اوج کي جن ماڻهن اکين سان ڏٺو هو، سي اج به ڳالهه ڪندي ڳوڙها هاري ويهندا آهن.

اها ڳالهه ڪري اڪبر ملاح ٿڌو ساهه ڀري وري چيو. جڏهن کان درياءَ ۾ سوڪهڙو آيو آهي، سمنڊ جو ڪارو پاڻي متي چڙهندو آيو، جنهن کي ڪا جهل پل نه هجي، درياءَ جي ڦاٽن مَنجهه ڪارو پاڻي ڀرجي ويو . تنهن ڪيتريون ئي ديهون تباهه ڪري ڇڏيون. هن وقت تعلقي ڪاري چاڻ جون چوڏهن ڪان متي ديهون سمنڊ ڪٽي ويو، ماڻهو بک ۽ بدحاليءَ جي زندگي جيئن پيا. ڪي ويچارا پنهنجا اصلي وٿاڻ ويا ڇڏي، هن وقت ٿورا ماڻهو رهن پيا، جن ۾ هينين ذاتين وارا آهن.

ٽانديا، چڪائي، گجڙيا، ميلواڻي، ملاح، ٻالاڻي، ڇڇائي، ڪندڙيا، اهي سڀ اوڙڪ يعني پاڙا آهن. ٻيون ذاتيون جن ۾ ڪاتيار، جَت، گلڙي، ٻروچ، واڍا جيڪي اصل ۾ سَما ۽ ڪَڙما آهن.

هڪڙو نوجوان سڪي تي بيٺل هوڙي وٽان اچي مجيد کي آواز ڏنو.

”ادا... لانچ هلي پئي.“ مجيد ٻانهن ۾ پيل واچ کي ڏسي مسرت مانڌريو کي چيو.

”يار... هلو ته ميلي جي صلاح اٿوَ.“ پوءِ سيئي اتي مجيد سان مليا ۽ سارنگ سان خوشيءَ مان سيني هٿ ملايو. هي دوستن ڪان موڪلائي اچي لانچ ۾ چڙهيا، لانچ ۾ جنگي سر ڪان ڪجهه نوجوان، ٻُڍا ۽ ڪي عورتون پڻ ننڍڙن ٻارن سان اچي وينيون. لانچ درياءَ جي ڇولين ۾ لڏندي هلندي رهي. ڇولين مان نڪرندڙ هلڪي ڇَاندَار سيني جا ڪپڙا پسائيندي رهي. لانچ جي لوڏن تي سارنگ کي سنڌ جي ڪهاڻيڪار علي باَبا جو گيت ياد اچي ويو ۽ چپن ۾ جهونگارڻ لڳو.

”اسين ماڻهو لاڙ جا، درياءَ جي پڇاڙ جا.“

مجيد ڇولين ڏانهن نهاريندي چيو. ادا... ڏسو پيا ڇولين جي ناز نخرن ۾ ڪيئن پيون لڏنديون اُڇن ۽ لاچ سان ٽڪرائجن پيون. لانچ هلندي رهي پاسن کان جزيرن تي ڳوٺ هئا، مجيد انهن ڏانهن نهاري چوڻ لڳو.

”ادا... اسين صديق ڪاتيار، حاجي ساجن ٽانديو ۽ سائين شفيع محمد شاهه جي ڳوٺن وٽان گذري آيا آهيون. هاڻي قبول رَتاڻِي جي ڳوٺ ، علي محمد جت ڳوٺ ۽ ميَون لعل جي درگاهه کان ٿيندا هلنداسين، اسان حاجي محمد ابراهيم واڙي واري جزيري تي نيرڙي سانجِهيءَ مهل رسندا سين.“

اهي لفظ ٻڌي سارنگ آسمان ۾ نهاريو... بادل مستي وچان ڊوڙندا ٿي رهيا. لانچ لڏندي لَهرن سان راند ڪندي هلندي رهي، درياءَ ۾ سارنگ ٻين لانچن کي ڏسندي اوچتو هن اک ڦيرائي ته، مار جزيري جي چئو طرف ٻيڙيون ئي ٻيڙيون ۽ لانچون ئي لانچون بيٺون آهن، هر پاسي روشني ئي روشني لڳي پئي هئي، سارنگ حيرت مان نهاريندي مجيد کان پڇيو.

ادا... ڪر خبر، هي مان ڇا ٿو ڏسان.... ڇا سچي فشري هتي لڏي آئي آهي..؟ مجيد ميلي جي ڏيک ڏانهن ڏسندي خوشيءَ مان کلي جواب ڏنو.

ياءُ سارنگ! هي سنڌ لاڙ جو پهريون ميلو آهي، جنهن ۾ ٻيڙياتو هتي پهچڻ ضروري سمجهي ٿو. هن ئي ميلي جي ڪري پورا ست ڏينهن فشري بند پئي هوندي آهي ۽ ماڻهو هفتو کن اڳ ٻارين ٻچين هتي پهچي ڪري پنهنجيون جهڳيون اڏي ويهندا آهن.

مجيد جزيري ڏانهن نهاريندي وري چوڻ لڳو.

سارنگ! هينئر ته هاڻي ماڻهو جتيون پائي هلندا آهن، پر اڳيئين زماني ۾ هر عقيدت مند ٻاهر ٽڙ تي ئي جتيون لاهي پيرين اگهاڙا ميلي ۾ داخل ٿيندا هئاماڻهو چوهڙ جمالي کان شاه بندر جي گاڏي ۾ چڙهي درگاه تي ايندا هئا ته هو گاڏي ۾ چڙهڻ کان اڳ پيرن مان جتيون لاهي پوءِ چڙهندا هئا پر هاڻي اها ڳالهه گھٽجي ويئي آهي. هتي هن بزرگ جي جلاليءَ جي ڪري ڪوبه ڪنهن سان ڏاڍائي نه ڪندو آهي، نه ئي ڪنهن ماءُ پيٽ ڏانهن بري اک کڻي نهاريندو آهي. جيڪڏهن ائين ڪنهن ڪري وڌو، يا ڪو ڪڌو ڪم ڪري وڌو ته ان سا پڙيءَ تي ئي پلاند ٿي ويندو آهي.

لانچ اچي جزيري جي ڪنڌيءَ سان لڳي، سارنگ جون نگاهون سوَن جي تعداد ۾ بيٺل لانچن، هوڙن ۽ ٻيڙين تي پيون، جن تي خوبصورت رنگ ۽ چِٽ چٽيل هئا. جن کي ڏسڻ سان ائين ٿي لڳو، ڄڻ خاص ميلي جي لاءِ سينگاريون ويون آهن. انهن جي مٿان ريشمي ڪپڙن جا مختلف رنگن وارا جهنڊا، ساموندي هوا تي ڦڙڪي رهيا هئا. ڪن هوڙن ۽ ٻيڙين تي انهن جا نالا وڏن اکرن ۾ لکيل هئا. ماڻهو لانچن ۽ ٻيڙين مان هيٺ ننڍڙي پاڻيءَ ۾ لهندا نعرا هڻندا ٿي ويا. جن ماڻهن جي سُکا باسيل هئي، تِن واڙي

درياهه ”جزيري“ وٽ بينل هوڙن ۽ لانچن مان ڪُني ڪرڻ جي لاءِ پاڏا هيٺ لاٿا پئي ۽ ڪاٺيون، گيهه، ڇانور وغيره لاهي رهيا هئا.

سارنگ کي مجيد چوڻ لڳو: ”ادا! جيڪي ماڻهو سُڪا جي لاءِ پاڏو ڪاهي ايندا آهن تن کي سينگاريو ويندو آهي ۽ ڍُهل شرناين سان انهن کي ڪاهي ايندا آهن ۽ چوندا آهن، حاجي ابراهيم شاه واڙيءَ واري جو پاڏو“. انهن ڪان ٻيڙي وارو ڪرايو ناهي وٺندو. سارنگ اها ڳالهه ٻڌي دوستن سان گڏ لانچ مان هيٺ لٿو، هن سلوار جا پائنچا متي ڪنيا هلندي ٿورو اڳيان پنجن ڇهن ماڻهن کي ڏٺو جيڪي ڳاڙهو پڙُ ڪٽي پيا وڃن، جيڪي پڙُ جي پاسن کي متي ڪٽي نعرا هڻندا ٿي ويا. وري انهن جي پويان ٻيا ماڻهو سائو پڙُ متي ڪٽي نعر هڻندا پي ويا. مجيد انهن ماڻهن ڏانهن نهاري سارنگ کي ٻڌائڻ لڳو : ”ادا، اهي ماڻهو درگاه تي پڙُ وجهڻ ڪان اڳ ۾ درگاه جي خليفي ڪان اجا ڏاڳا وٺي پوءِ پڙُ وجهندا، هن وقت درگاه تي خليفو رمضان ڏاتڊل آهي. ان ڪان اڳ ۾ سندس پاءُ عرس خليفو هو.

سارنگ ڳالهه ٻڌندو هلندو رهيو، هر طرف عيد جهڙو ڏيک هو. سارنگ کي لانچن ۽ هوڙن جي ڏيک موهي وڌو هوس، هي هر هر درياءَ ۾ هلندڙ لانچن ۽ هوڙن کي پيو ڏسي، جزيري تي خوشيءَ وارو ماحول گيتن جو آواز پڙلاءُ ڪندو رهيو. درگاه جي اڳيان ڪي خوشيءَ وچان نچندا ٿي رهيا. سارنگ دوستن سان گڏ هلندو رهيو. ننڍڙا ننڍڙا دڪان خوبصورت جهالرن سان سجايل هئا، سارنگ دڪان جي طرف ڏسڻ لڳو ته ڪيس مجيد وراڻيو. ادا.... اُهي دڪان واڙي درياهه جي ڪنڌي تي آهن. سوءِ ڪن ڪان متي آهن جيڪي پرپاسن يعنيٰ چوهڙ جمالي، ڪيٽي بندر، ڪاروچاڻ، بدين، ٽنڊو باگو، گولاڙچي، سجاول، ٺٽو، ڳاڙهو، گهارو، ساڪرو ۽ اتر طرف ڪان سکر ۽ سانگهڙ ڪان واپارين اچي دڪان سجايا آهن. ڪي حيدري، ريڙهي ۽ ٻين شهرن ڪان به اچي پنهنجا دڪان جوڙيا آهن. سارنگ دڪانن جي خوبصورتي ڏانهن ڏسندو هلندو رهيو ته مجيد کيس وري چيو: ”ادا! هن درگاهه جي پاسي کان ٽي درياهه گذرن پيا جنهن ۾ نانگو درياهه، ڪاجر سير درياهه ۽ منڊڙي درياهه آهي. اهي ٽيئي درياهه پاڻ ۾ ملندا ۽ ڪراس ڪندا هلندا ويندا آهن. جڏهن ملندا آهن ته پاڻيءَ منجهه وڏو جوش پيدا ٿي پوندو آهي.

”ادا! شاهه بندر کان جيڪي ماڻهو درياهه تي ايندا آهن، اُهي نانگو درياهه اُڪري وڏي واڙيءَ ۾ اچي پوءِ ننڍي واڙيءَ ۾ ايندا آهن. درگاهه جي اولهه ۾ روڙو درياهه آهي ۽ اُتر ۾ لَنياري درياهه آهي. لَنياري درياهه اچي واڙي درياهه ۾ پوي ٿو. نانگو درياهه به واڙي درياهه ۾ اچي چوڙ ڪري ٿو ۽ روڙو درياهه به واڙي درياهه ۾ پوي ٿو. واڙي درياهه سڌو اولهه- ڏکڻ کان سمنڊ ۾ پوي ٿو، جنهن کي ’واڙي ڪريڪ‘ سڏين ٿا.“

سارنگ ڳالهه ٻڌي جيئن ئي مجيد ڏانهن نهاريو ته کيس وري مجيد چوڻ لڳو.

ادا... وڏڙا ڳالهه ڪن ٿا ته، به ٽي سئو سال اڳ ان واڙيءَ درياءَ کان ساحلي علائقو پري هيو. اهو واڙي ۽ ڪاجر وارو علائقو ساحلي کي خشڪيءَ سان ملائيندڙ، وڏا بندر ۽

شهر هئا. واڙيءَ ۾ ڪنجهي جو ڪوٽ پڻ هو. هاڻ سارو علائقو سامونڊي پاڻي پرجڻ ڪري درياهي ڏيک، ڪريڪ جو مثال ڏئي ٿو. ۽ جڏهن بہ مختلف درياهن ڪي ملائيندڙ مختلف پاڻي ڪنهن نڪتيءَ جيان (يعني سامونڊي چاڙهہ جيئن 1846ع ۽ 1999ع وارو جنهن سائڪلون بہ چون) گذرندو آهي، واڙي درياهہ ۾ ڪنجهي وارو ڪوٽ پاڻي تيز لڳڻ ڪري وڃندو آهي.

هي دوستن سان گڏ هلندو مزار جي طرف ويندڙن ڪي ڏسي ٿو، ماڻهو وڏي آواز ۾ نعرا هڻندا "حاجي ابراهيم واڙيءَ وارا ڄام" هر ماڻهو عجيب مستيءَ ۾ جهومندو ٿي رهيو، جنهن ۾ ٻار ٻڍا ۽ عورتون هيون، جزيري تي چوڏس چانداڻ وارو ميلو لڳو پيو هو، دڪان مناين وارا ماڻهن سان پريل، سرگس وارن جا تنبو لڳل، جن جي اڳيان ڳائن جي ڌن تي ناچو نچندا ٿي رهيا. هڪ تنبوَ جي اڳيان نوجوان خوبصورت انداز ۾ پنهنجن ساٿين سان سُرندو وڄائي رهيو هو. انهن ڪي مجيد ڏسندي سارنگ ڪي ان طرف اشارو ڪندي چيو: "ادا اهو سُرندي وارو نوجوان سنڌ جي مشهور سُرندائي محمد فقير جو پٽ رمضان آهي، جيڪو ريڊيو ۽ ٽي ويءَ تي ڳائيندو آهي." سارنگ سُرندي جي آواز تي ڪنڌ ڌوڻي وک آهستي ڪٽي اڳتي هلندو رهيو. سُرندي جو سُريلو آواز پري پري تائين گهمندڙ ماڻهن جي خيالن ڪي پاڻ ڏانهن ڇڪي رهيو هو. ٿڌڙي هوا گهلندي رهي سارنگ ڪي جسم ۾ ٿڪ جي ڪري سيءَ محسوس ٿيڻ لڳو. درياءَ جي ڪنڌيءَ تي مهاڻا خوشي وچان آيلن جو آذرياءُ ڪندا رهيا، انهن جو ڪيڪارڻ ۽ پيار سان ملڻ وارو انداز سارنگ ڪي ڏاڍو وڻيو. "زندگي واقعي ميلو آهي." سارنگ دل ۾ چيو.

سارنگ سڄي رات دوستن سان ميلو گهمندو رهيو، ڪٿي ڪٿي ناچ ڳانن جو ٽوليون سنڌي ڪلام ۽ مهاڻن جي محبت وارا گيت ڳائي رهيون هيون، ٻار، ٻڍا ۽ عورتون جن جي متي تي وڏا ٿالهہ هئا. جيڪي سُکا جي ساٿ جو سامان هار، ڦل، اگربتيون، واس، ڪنڊ، پڳڙان ۽ درگاه تي ڏيئن ٻارڻ جو تيل وغيره ڪنيون سهرا ڳائينديون، جهمريون هڻنديون وڃن پيون. سي ائين پيون نظر اچن ڄڻ پنهنجي گهر جي اڱڻ تي خوشيون ملهائي رهيون هيون. ميلي ۾ مجيد سان هڪڙو نوجوان ياڪر پائي مليو، تنهن سارنگ سان هٿ ملايو ۽ ڪيس پنهنجو نالو ٻڌايو.

ادا... منهنجو نالو امير بخش جت آهي. ايتري ۾ مجيد چوڻ لڳو "هي اسان جو دوست سارنگ آهي" پوءِ سيئي ڄڻا هڪ هوٽل ۾ آيا، پٽ تي خوبصورت قالين وڇايل هو، پٽ تي ويهندي امير بخش جت دوستن ڏانهن نهاري سارنگ ڪي چيو.

"ادا... ميلو ڪيئن لڳو، مزو آيو .؟"

"يائو! مون ڪي درياءَ جي نظاري، لانچن ۽ هوڙن جي هلڻ وارو ڏيک، جزيري تي بيٺل لانچن جو منظر ڏاڍو وڻيو . ڪيئن تہ انهن ڪي مهاڻا سينگاري سنواري ڪٽي آيا آهن. ان سان گڏ مهاڻن جي چهرن تي خوشي ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو آهيان."

پوءِ امير بخش چيو.

”ادا سارنگ! توهان کي دعوت ڏيان ٿو، سياڻي جاتي شهر ۾ فشر فوڪ فورم جي آفيس ۾ ايندا.“

”ها ادا... ايندس...!“

”واعدو...“ امير بخش محبت مان وراڻيو.

”ادا... امير بخش! مان سياڻي توهان وٽ ايندس.“ سارنگ خوشي مان چيو.

ادا... توهان چوهڙ جمالي اچي، شاهه روڊ تي جيڪو پيٽرول پمپ جي پاسي ۾ آهي. اتان توهان کي ڪوسٽر ملندو، ڪلاڪ ڏيڍ ۾ توهان کي جاتي پهچائيندو آءٌ اوهان جو انتظار ڪندس. چئين وڳي کان اڳ رسي ويندا، پوءِ گهمڻ هلنداسين. جاتي جي ماڻهن جي زندگي ڏک سور واري ڏسي وٺو. چانهه پيئڻ کان پوءِ امير بخش موڪلائي هليو ويو. سارنگ چانهه پي ٿورو ليٽيو پر ماڻهن جي گوڙ شور ۾ ننڊ نه ٿي آيس. مجيد اهو ڏسي ٻن دوستن کي آهستي اشارو ڪري چيو.

توهين سارنگ جي پير نه ڇڏيندا، متان اڪيلو ڇڏيوس... اسين مزار تان ٿي اچون ٿا.

رات جو ميلي ۾ ماڻهن کي مرڪندي کلندي ۽ گهمندو ڦرندو ڏسي سارنگ سوچن ۾ پئجي ويو. هن کي ميلي جا رنگ ڦڪا ڦڪا ٿي لڳا، چو ته هن جي وجود ۾ اصل ميلو ته مِنيءَ سان هو. وڇوڙي جي درد کيس ساڻو ڪري ڇڏيو هو. هي پنهنجي خيالن ۾ هيو ته هڪ زوردار آواز ٻڌائين ۽ اُن طرف ڏٺائين ته هڪ شخص قد جو ڊگهو جنهن جي هٿ ۾ ڏنڊو هو ۽ ٻئي هٿ ۾ پنڻ وارو ڪشتو هو. وڏي آواز ۾ چوندو ”جيڪو گهرڻو اٿوَ گهرو، سودو سستو، مور مهانگو“. فقير هلندو سارنگ جي پرسان اچي چوڻ لڳو ”اي نوجوان! سودو سستو ڪري وٺ........!؟ فقير جي ڳالهه سارنگ جي سمجهه ۾ ڪونه آئي کيس هٿ جي اشاري سان ويهڻ جو چيو ته فقير ويهي رهيو ته ڪانئس سارنگ پڇيو ”فقير! سودو سستو ڪهڙو؟ مور مهانگو ڪهڙو؟“ فقير مشڪي وراڻي ڏني ته، ”بابا!ڪجهه خير ڪيو ته من جي مراد کي پهچين......!“

”فقير! تون سچ پيو چوين؟“

”ها......نوجوان مون جي دعا سان ڪيئي امير، وزير پنهنجي مراد کي پهتا آهن.“ سارنگ سنجيده ٿيندي وراڻيو ”ڇا مونکي مِني ملندي؟“ فقير منيءَ جو نالو ٻڌي هيڏي هوڏي ڪنڌ ورائي جهڪي آهستي چوڻ لڳو.

”ها.... بابا ! ڪوڙ مِنيون تنبوءَ جي پاسي ۾ ۽ هاشم چانديءَ جو جوڙ سهڻن ناچن سان گڏ وينو آهي، ٻه ڏوڪڙ خرچ ڪندين ته مني ته ڇا پر منو ميوو به ملي ويندءِ“. سارنگ کي فقير جي ڳالهه سمجهه ۾ اچي وئي پوءِ کيس چڙي چيو.

”فقير! مون مهانگو سودو ڪري ڇڏيو آهي، وچ وچي ٻي ڪا واٽَ وَٺُ.“

”اڙي نوجوان پليل آهين اسان جي دعا وَٺُ “

”ها... اهڙو پهتل هجين ها تہ درياءَ دڏڪا ڪري وهي ها، اهي سُهڻن ۽ مِٺين جا چڪر ڪنهن ٻئي ڪي ڏي.“

فقير منهن سڄائي اٿي ٻيهي رهيو پوءِ نعرو هڻندو، ”سستو سودو مور مهانگو“.وري سارنگ ڏانهن نهاري چوڻ لڳو.

”نوجوان...! ياڳ وارو آهين وقت نہ وڃائءِ. هِڪَ سَٺَ ۾ سالن جا سور چَٽَ، رڳو ڏوڪڙ ڪڍ.“ سارنگ بخيل ٽيندي فقير کي چيو. ”وڃ فقير.... متي ۾ سور نہ وجهہ، ڪنهن ٻئي جو در ڪڙڪاءِ“

فقير ڪاوڙ مان وراڻيو. ”نامراد ڇا ڄاڻين منين مِانين مِان.“ چوندو هليو ويو.

***

صبح جو سارنگ دوستن کان موڪلائي چوهڙ جمالي اچي، اتان جاتي واري بس ۾ چڙهيو. سارنگ جاتي شهر ۾ لهي پاسي وارين ڪيبنن، دڪانن ۽ هوٽل تي ويٺل ماڻهن کي ڏسندو هلندو ويو... سادا ماڻهو پنهنجي دنيا ۾ هلندا ڦرندا تي رهيا. هڪ اسڪوٽر وارو هارن وڄائيندو سارنگ جي پر مان آهستي گذري ٿورو اڳتي هلي بيهي رهيو، ڪنڌ ورائي سارنگ کي ڏسڻ لڳو. سارنگ وائڙو ٿي ويو، جيئن اسڪوٽر واري جي پرسان پهتو ته ان همراهه ڪيس چيو.

”ڀائو! ويهو...“ هن جي لفظن ۾ پنهجائپ هئي، سارنگ کي ائين لڳو، شايد هي مونکي سڃاڻيندو آهي، پر مان هن شهر ۾ نئون آهيان، سارنگ سوچڻ بنا پنيان اسڪوٽر تي ويهي رهيو.

”ڀائو! ڪٿي ويندا؟“ اسڪوٽر واري هن کان پڇيو.

”ادا!، فشر فوڪ فورم آفيس وڃڻو آ. اتي امير بخش جت سان ملڻو آهي.“

اَچو اَدا اچو ويهو ته هلون. پوءِ سارنگ ان سان ويهي رهيو.

اسڪوٽر وارو مرڪي ٿاڻي واري گهٽي وٺي، ڪميونٽي بيسڊ اسڪول، جنهن جو مٿيون حصو اڃان پورو نهيل نه هو، ان جي دروازي کان گذريو ته سارنگ ڪائنس پڇيو.

”ڀائو! توهان پاڻ...؟“ سارنگ جو جملو اڌ ۾ ڪٽيندي چوڻ لڳو.

آءٌ اوڏانهن پيو وڃان امير بخش جت اسان کي صبح ٻڌايو هو ته اڄ منجهند جو مهمان ايندو... توهان کي شهر ۾ نئون ڏسي سمجهي ويس ”توهان ئي امير جا مهمان هوندا“ . ان ڪري توهان کي صلاح ڪيم... ۽ توهين بغير خوف جي ويهي رهيا.

”ادا... پَنهنجن کان ڪهڙو ڀَئو ڀولو...!“ سارنگ جي ان جملي تي اسڪوٽر واري کان ٽهڪ نڪري ويو. ننڍڙا ٻار گهٽيءَ ۾ راند پيا ڪيڏن، هڪڙو ننڍڙو ڇوڪرو اسڪوٽر جي اڳيان اچي ٻيرانگو ورائي بيهي رهيو، جڻ اسڪوٽر واري جو رستو روڪيندو هجي. ٻار جي اهڙي شرارت تي اسڪوٽر هلائيندڙ نوجوان رفتار جهڪي ڪئي ته ٻار مرڪندو پاسي واري گهر جي ڪاٺ واري دروازي ڏانهن ڊوڙ پري. اسڪوٽر ٿورو هلي ساڄي پاسي کان هڪ جاءِ وٽ بيهي رهيو. سارنگ اسڪوٽر تان هيٺ لهي وڪ وڌائي در کان اندر ڏٺائين ته هن سامهون واري ڪمري ۾ امير بخش جت کي ڏٺو ته هن جي چپن تي خوشيءَ کان مرڪ پکڙجي وئي. وري هن اسڪوٽر واري نوجوان ڏي نهاريو، جنهن اسڪوٽر کي تالو هڻي چابي جو ڇڳو ساڄي هٿ جي آڱر ۾ ڦيرائيندي سارنگ ڏانهن نهاريندي چيو.

”ادا... اچو.“

”جي...“ ائين چئي سارنگ ان جي پٺيان در اندر داخل ٿي ڪمري ڏانهن هلڻ لڳو.

امير ڪمري مان نڪري سارنگ کي خوشيءَ مان ڀاڪر پائي مليو، ڪمري ۾ ويٺل هڪڙو نوجوان جنهن کي ڪاري ڏاڙهي چهري تي ٺهندڙ هئي، اهو مشڪي اٿيو ۽ سارنگ سان هٿ ملايو، جيڪو سارنگ کي اسڪوٽر تي وٺي آيو هو تنهن سيني ڏانهن نهاري چيو.

”توهان جي مهمان کي وٺي آيو آهيان.“ امير بخش اهو جملو ٻڌي ڪرسيءَ تي ويهندي ڪيس چيو.

”علي نواز! مهمان کي ڪيئن جَهپي آئين...؟“

”اهو اسان جي اک جو ڪمال آهي.“ علي نواز اهڙي انداز ۾ چيو جو سيني ويٺلن کان وڏو ٽهڪ نڪري ويو. سارنگ دل ۾ چيو ”علي نواز مزي وارو ماڻهوآهي.“ پوءِ هن علي نواز ڏانهن شڪريه واري نگاهه سان نهاريو.

امير بخش پنهنجي پر ۾ ويٺلن جون سارنگ سان تعارف ڪرائيندي چيو.

سارنگ! هي ڏاڙهي وارو ڏسو پيا اهو اسان جو پيارو ساٿي استاد نور محمد ٽيهمور آهي ۽ جيڪو توهان کي هٿ وٺي آيو آ اهو اسان جو پيارو دوست علي نواز خاصخيلي آهي. هن جي هڪڙي عادت ڏاڍي خراب يا سٺي چئو، هي جلدي ۾ ماڻهن سان دوستي رکي ۽ ان مان ڪم به ڪڍي وٺندو آهي، اهو ڏاڍو فن اٿس، جيئن توهان کي ڪٺي آيو.. نور محمد ٽيهمور جي پرسان هڪ بزرگ شخص اچي ويٺو، تنهن پنهنجو تعارف پاڻ ڪرائيندي چيو.

”ادا... منهنجو نالو سليم رضا سميجو آهي، آءٌ نور محمد ٽيهمور جو استاد آهيان. ڏهين جماعت تائين پڙهايو اٿمانس، هينئر منهنجو سٺو دوست آهي.“

سارنگ جيئن ان بزرگ استاد جي ڳالهه ٻڌي ته ڏاڍو خوش ٿيو. دل ۾ چيائين ”دوستيءَ جي ناتي ۾ ڪيڏي سچائي آهي.“

پوءِ ان ڏي نهاري چيو.

”سائين! خوش آهيو...“

”ادا... مهرباني“

امير بخش چانهه آڻڻ جي لاءِ اڳ ۾ ڇوڪري کي چئي ڇڏيو هو، هي اجان گفتگو ويٺا ڪن ته ڇوڪرو چانهه جا مگا سيني جي اڳيان ٽيبل تي رکي هليو ويو. امير بخش مرڪي سارنگ ڏانهن نهاري چيو.

ادا... چانهه پيو ته هلون... پوءِ نور محمد ٽيهمور ڏانهن نهاري چيائين.

رات جي ماني هن وٽ آهي، اسين سندس ڳوٺ هلنداسين، ان ڪري مون علي نواز کي رهايو آهي. هن وٽ موٽر سائيڪل مون وٽ به آهي، چارئي ڄڻا هلنداسين، رستي ۾ هڪ ٻن ڳوٺن ۾ منهنجو پنهنجو ڪم آهي پوءِاتان ٽيندا هلنداسين .

نور محمد ٿيهمور مرڪي چانهه جو ڍڪ ڀري امير بخش ڏانهن اهڙي طرح سان نهاريو ڄڻ ڪيس چئي رهيو هو.

امير! تنهنجو حڪم اکين تي پوءِ سارنگ ڏي ڏسي چوڻ لڳو. ڀائو! امير ڪيڏي تڪڙ لائي ڏني آهي، چانهه چڪو پيئڻ نه پيو ڏي، نه ئي توسان ڪچهري ڪرڻ ڏئي ٿو... امير مشڪي سارنگ جي جواب ڏيڻ کان اڳ ۾ چئي ڏنو.

”سائين نور محمد! گس ۾ اونداهي تي ويندي هلڻ جي ڪيو “

ها... اسان اونداهيءَ ۾ پيچرو پسي وٺندا آهيون، توهان کي آءٌ وٺي هلندس، گس به ڏيکاريندس، پوءِ ته بس...!

سائين نور محمد ٿيهمور جوجواب ٻڌي امير بخش ماٺ تي ويو، پوءِ سارنگ ڏي نهاري نور محمد ٿيهمور چيو.

ڀائو! اسين ٿيهمور ملاح آهيون، ملاح، مهاڻن جي زندگيءَ بابت توهان گهڻو پڙهيو هوندو ۽ ٻڌو هوندو. اسان جو ڳوٺ اسحاق ٿيهمور آهي. نور محمد ٿيهمور ڪجهه سوچيندي ٿڌو ساهه ڀريو. علي نواز خاصخيلي جيڪو خاموش وينو هو، تنهن نور محمد جي سوچن جي سلسلي کي ڀرڪي ورتو، پوءِ ٻانهن ۾ واچ کي ڏسندي چيو.

سائين! هلڻ جي ڪريو اهي درد جون ڪهاڻيون ڪٿڻ جون ناهن، ڳوٺ هلي ڪچهري ڪنداسين.

علي نواز خاصخيلي ڪنڌ ۾ ويڙهيل رومال کي متي سان ٻڌندي پوءِ سارنگ کي چوڻ لڳو.

ادا... توهان مون سان گڏ اسڪوٽر تي هلو، اسين ٻئي فقير ماڻهو گڏ هلنداسين. امير بخش پنهنجي گاڏيءَ تي نورل کي کڻندو. جيئن هن جملو پورو ڪيو ته امير ڪرسيءَ تان اٿيو، هي نوجوان قد جو پورو پنو، چپن تي منڙي مرڪ پکيڙيندو، هٿ جي اشاري سان نورل کي چيائين ”سائين اچو...“

علي نواز جت محبت ۽ هجت وچان سارنگ کي هٿ مان پڪڙي ٻاهر نڪري آيو... نورل ۽ امير بخش موٽر سائيڪل ٻاهر ڪڍي ته ڪين علي نواز چيو. ”سائين! سچ ته هت ئي لهي ويو آ، جي اجان نورل جي ڳالهين ۾ ويهو ها ته رات وهامي وڃي ها.“

امير بخش کان کل نڪري وئي، پوءِ هن گاڏي چالو ڪئي ۽ علي نواز کي چيو.

”ادا... پيٽرول پمپ تي هلو، اسين اتي اچون پيا.“ پوءِ علي نواز گاڏي چالو ڪري هنن جي پنيان هلندو رهيو.

پيٽرول ڀرائڻ کان پوءِ علي نواز گاڏيءَ جو رخ موڙي امير بخش کي چيو.

”ادا! توهين اچو، آءٌ سوپاريون وٺي اچان“

پيٽرول پمپ جي ٿورو اڳيان موڙ وٽ ڪرياني جي دڪان تان علي نواز سوپاريون ورتيون، هن ڏنو ته امير بخش وارا اچن پيا، هن موٽر سائيڪل چالو ڪري شهر جي روڊ

کان ٿيندا ننڍڙين گهٽين مان گذرندا شهر کان ٻاهر نڪري آيا. علي نواز پنهنجي گاڏيءَ جي رفتار ڄاڻي واڻي جهڪي ڪري ڇڏي ۽ سارنگ کي ڪنڌ ورائي چيائين.

پيائو! سائين نورل کي گس جي خبر آهي، اسين فقير ماڻهو هنن جي پنيان هلنداسين.

سج لهي چڪو هو، چنڊ جي منڊڙي روشني ڪلراٺي زمين تي پوندي رهي، هوا تي لڏندڙ ديوين جي وڻن ۽ لاٽن تي ڪرندي رهي . ڇڻ گس ڏيکاريندي رهي. هڪ چنڊ جي چاندوڪي، ٻيو اسڪوٽر جي روشنيءَ ۾ پيچرو چٽو ٿي نظر آيو . ڪچي رستي تان هلندي امير بخش ڪنڌ ورائي علي نواز کي آواز ڏيندي چيو.

”او نواز! ڳوٺ قادر ڏنو ٻهريو هلنداسين.“

”ها... ها... توهين اڳ ۾ هلو، اسين اچون پيا.“ علي نواز گاڏي جي رفتار تيز ڪندي ڪيس جواب ڏنو.

هوا ديوين جي وڻن منجهان شور ڪندي گذرندي رهي، پوني تي ٻنهي طرفن کان ڪلراٺي زمين، ڪنهن ڪنهن هنڌ پري کان ڪا جهڳي تي نظر آئي، ان ۾ ٻرندڙ ٻتيءَ جي روشني ڪڙن مان ٻاهر ليئو پئي پاتو. ڪلاڪ کن جي سفر کان پوءِ امير بخش هڪ ڇني طرف جيئن اسڪوٽر موڙيو تہ اسڪوٽر جي روشنيءَ ۾ ڇني جي ٻاهرا ڪٽ تي هڪڙو پڪيءَ عمر وارو همراهہ وېٺو هو، جنهن جو چهرو گاڏيءَ جي اڳين ٻتيءَ جي روشنيءَ ۾ چٽو ڏسڻ ۾ ٿي آيو. جيئن امير بخش ان همراهہ جي ڪٽ پرسان گاڏي بيهاري تہ ڪيس وڏي آواز ۾ چيائين: ”عبدالغني! وېٺو آهين؟“

”جي... ادا!“ عبدالغني ڪٽ تان اٿي جواب ڏنو.

علي نواز پنهنجو اسڪوٽر ڪٽ جي ٻئي طرف بيهاري سارنگ کي چيو: ”ادا! اسين قادر ڏنو ٻهريو ڳوٺ رسيا آهيون، هت امير بخش جو ڪم آهي، ڪچهري ڪري پوءِ اڳتي هلنداسين.“

”جي...“ سارنگ مختصر جواب ڏئي هيٺ لٿو.

ڇني جي اندران هڪڙو نوجوان ٻاهر نڪري آيو، تنهن جي هٿ ۾ بيٽري هئي. هو ڪٽ جي پرسان بيٽري رکي ان ۾ وائر ڦاسائي بلب ٻاريو تہ ڏينهن جهڙي روشني پکڙجي وئي، سيني هڪٻئي جي چهري کي ڏٺو ۽ پاڻ ۾ خير عافيت ڪرڻ لڳا. ڇني جي ٿوري فاصلي تي ڪکن وارا گهر هئا، سارنگ ڪٽ تي ويهندي ان طرف نهاري ماٺ ٿي ويو. ايتري ۾ نوجوان جيڪو ٿورو اڳ ڇني مان بيٽري کڻي آيو هو، اهو ئي نوجوان ڇني مان ڪاٺ جي بينچ کڻي آيو، سائين نور محمد ۽ علي نواز بينچ تي وېنا. امير بخش ڪٽ تي وېٺو، هن جنهن کي اڳ آواز ڏنو هو: ”عبدالغني! وېٺو آهين؟“ اهو همراهہ علي نواز وارن سان گڏ بئنچ تي اچي وېٺو.

ڪچهري هلندي رهي، ايتري ۾ ڳوٺ مان هڪ ماڻهو هٿ ۾ٻتي کڻي ڇني جي

طرف آيو. هن سان گڏ چار پنج ڄڻا هئا، جن ۾ ننڍي عمر وارا ڇوڪرا هئا. جڏهن اهي پرسان آيا ته امير بخش جت ۽ نور محمد ٽيھمور انهن کي ڏسندي اٿي سيني سان هٿ ملايو، هڪ ڄڻي نور محمد ڏانهن نهاري وڏي آواز ۾ چيو.

”محمد علي شاھ جي ٽيم پهچي وئي.“

اهي لفظ ٻڌندي امير بخش کان ٺهڪ نڪري ويو، پوءِ امير بخش ان جي طرف نهاري وري سارنگ کي ڏسي چيو.

هي ڳوٺ جو وڏيرو قادر ڏنو ٻھريو آهي، جنهن جي نالي سان ڳوٺ آهي. قادر ڏنو ٻھريو سارنگ سان هٿ ملايو. ايتري ۾ ڇوڪرا ڇني مان ڪٺ ڪٺي آيا، ان تي اهي ڳوناٺا وينا. هڪڙو ڄڻو ڪاٺ جي بينچ تي ويهي نور محمد سان ڪچهري ڪرڻ لڳو، ڪچهري مچي وئي، قادر ڏنو ٻھريو ٺٺو ساھ پري چيو.

”مونکي اڏ رنگ آهي، پر مهمانن جو ٻڌي ويهڻ ڪونه آيو ۽ هليو آيس.“ اهي لفظ ٻڌي امير بخش وراڻيو.

سارنگ! اها اٿئي ٻهراڙي ۽ ڳوٺ جي سچائي. مهمانن جو ٻڌي ڪيئن سائين قادر ڏنو ٻھريو هيٺي حال سان ۽ ڪھڙي حالت ۾ وک ڪٺي آيو آهي. باقي سچ لٽي کان پوءِ شهر ۾ ڪو ڪنهن کي سڄاڻي ئي ڪونه، نه ئي ڪنهن جو ڪو مٽ هوندو آهي، پلي پيو در ڪڙڪائي، اهو جگر ٻهراڙين وارن کي آهي. اندر ۾ گھايل ۽ ڪاڏل هوندا ته به آيل کي اکين ۾ ويهاري هن سان ڪچهري پيا ڪندا.

ڪاٺ جي بئنچ تي هڪڙو پوڙهو همراھ، ٻتيءَ جي روشني هن جي چهري تي پئي پوي، جيڪو ڏکن جي علامت ٻٽيل هو، هن سيني ڏانهن نهاري سڪ منجهان هٿ ٻڌي ڪيڪار ڪئي ته نور محمد ٽيھمور چاچي جو تعارف ڪرائيندي سارنگ کي چيو:

”سارنگ! هي چاچو مهرو ٻھريو آهي. هن ڳوٺ ۾ سيئي ذات جا ٻھريو رهندا آهن. هت جڏهن 19 مئي 1999ع جو طوفان آيو، جنهن بدين ۽ ٺٽي جي ساحليءَ پٽيءَ ۾ تباهي مچائي هئي، تنهن گهٽي ۾ گهٽو تعلقي جاتي کي تباھ ڪيو. اکرن ۽ لفظن ۾ اهو درد بيان ڪرڻ ڏکيو آهي، ڪيترن ڳوٺن جا ڪونڌر جوان ان طوفان ٻوڙي ڇڏيا.

جيئن اها ڳالھ نور محمد ٽيھمور ڪئي ته چاچو مهرو ٻھريو ٺٺو ساھ پري پاڻ پنهنجن ڏکن جي ڪٿا ڪرڻ شروع ڪئي ته سيني وينلن جو ڌيان هن ڏانهن ڇڪجي ويو.

ابُل! نورل... اسانجي اندر ۾ ڪنهن ڪين جهاتي پاتي آ... پنن اگهاڙن ۽ پيٽ بکين جو ڪنهن کي ٿو لاچار ٿئي... باقي هت سرنديءَ وارن جا سئوٽ گهٽا...!

اهي لفظ جڏهن چاچي مهرو چيا ته سيني جي اکين ۾ آلاڻ اچي وئي. خاموشيءَ سان هر ڪنهن چاچو مهرو ڏانهن پئي نهاريو.

ان طوفان کي ڇا چئجي!!؟ هن ٻهرين جي ڪيترن ڳوٺن کي ٻوڙي ڇڏيو، ڪيئن

ڪونڊر جيڪي هوڙن ۾ سمنڊ جي طرف ويا تن مان ڪوئي نہ بچيو. 29 ماڻهو اسان جا مري ويا، تن ڇئن ڄڻن جا لاش مليا سي بہ ڳريل هئا، اهي بہ پاڻي لهڻ ۽ طوفان جي پائي وڃڻ کان پوءِ.... چاچو مهرو ڏکاري انداز سان سيني ڏانهن ڏسي وري چوڻ لڳو.

”ابل! سي سيئي هڪ ئي گهر جا ڀاتي هئا ۽ پاڻ ۾ عزيز يعني منهنجا ڏهٽا، پوٽا، پاڻٽيا ۽ پٽ وغيره. بس مونکي هڪڙي ڄڻي جو لاش مليو. اهو لاش ياسين پٽ علي محمد ڀهريو جو هو.“ چاچو مهرو وڌيڪ لفظ بيان ڪري نہ سگهيو. هن جا چپ خشڪ ٿي ويا، سيني وينلن جي دل ۾ درد ڀرجي ويو، هرڪو ماٺ ۾ پئجي ويو. پوءِ سائين نور محمد وضاحت سان چوڻ لڳو.

سارنگ! ڳالهہ طوفان جي نڪري پئي آ تہ اسين چاچي مهرو جي ڳوٺ کان شروعات ڪريون پيا، جيڪي اسان کان وڇڙي ويا. يلا... تن کي ياد ڪري تہ وتون...!!

ڳوٺ قادر ڏنو ڀهريو. (يونين ڪائونسل ڪُڙَ مَلڪ)

هن ڳوٺ ۾ جتي اسين وينا آهيون، هن وقت سئو گهر آهن. جيڪي 19 مئي 1999ع کان آيل طوفان ۾ سئو گهر ڊهي ويا، تن گهرن جو ڪک پن بہ سلامت نہ رهيو ۽ هن ڳوٺ جا 23 ماڻهو مري ويا ۽ هوڙا بہ تباهہ ٿيا.

هنن مهاڻن ڪنهن جي بہ مدد کان سواءِ پنهنجن ڏکن جي مٽيءَ ۽ ڳوڙهن سان پنهنجا ڪکاوان گهر ٻيهر آهستي آهستي جوڙيا آهن، جيڪي هن وقت سئو گهر جوڙيا آهن ۽ هنن جي ڪنهن بہ سرنديءَ واري سار نہ لڌي.

چاچو مهرو ڀهريو... ٽڏو ساهہ ڀري، نور محمد کي هٿ جو اشارو ڪري چوڻ لڳو.

اَبُل نورل! سرنديءَ وارن کي اسان جي سورن جي ڪل ڪهڙي...؟

يلا... هو اسان سان گڏ پوئن تي پيا آهن. جو ڪين ساڳيو درد محسوس ٿين ۽ ڪلراٺي زمين جو ڏک ڄاڻين، جيڪو بہ آيو سو چٽر ڪري هليو ويو.

بس ابا! پنهنجا سور پاڻ سان پيا سيني ۾ پَليون ۽ سانڍي هلون، منهنجي اکين اڳيان انهن ڪونڊر مڙسن جون گهر واريون جيڪي ٻي واهہ ٻڌجي ويون. آءٌ انهن جا جهريل چهرا، سڪل چَپَ، ڪوماڻيل نيڻَ ۽ تن جو درد ڀريو وجود مون کان ڏنو ئي ڪين ٿئي. چوندا آهن.

”هنڌ اهو سَڙي جتي باهڙي ٻَري.“

ائين چئي مهرو ڀهريو ماٺ تي ويو، پوءِ سائين نور محمد ٽيهمور چوڻ لڳو.

ڳوٺ عمر ڀُهريو (ديهہ جَهمَ، تپو سِيرَ ڳنڍيو، يونين ڪائونسل ڪُڙَ مَلڪ): هن ڳوٺ جا چار ماڻهو طوفان ۾ مري ويا ۽ تن ڄڻن جا لاش ڪونہ مليا، جيڪي مائي حميريءَ جا پٽ اصغر، حسين ۽ آدم هئا. هنن جو پيءُ مائي حميريءَ جو مڙس گهڻو اڳ گذاري ويو هو، مائي حميريءَ جا اهي پٽ پيريءَ جو سهارا هئا، جن مان هڪ ڄڻي جي شادي ڏهن پندرهن ڏينهن کانپوءِ ٿيڻي هئي. مائي حميريءَ جون آسون ۽ اميدون طوفان جي نظر تي

ويون. هن وقت مائي حميري سٺ سالن جي ڪراڙي، جهور اکين سان وينئي ڪلرائي زمين جا گس ۽ پيچرا پئي پسي ۽ نهاري. روزانو صبح ۽ شام سوچن جي سورن ۾ ڪڙهندي، ۽ يادگيرين جا گهاوَ هيٺي وجود سان گهليندي ۽ ٽيڙ ڪائيندي ٿي رهي.

اها ڳالهه ٻڌندي سيني جي اکين ۾ پاڻي اچي ويو. سيئي ٻٽ ٻڻجي ويا، پوءِ سائين نورل چوڻ لڳو.

ادا...! مائي حميريءَ جيان ڪيترين ئي ٻيون مائون اولاد جي گهاوَ ۾ اکين جو نور وڃائي ويٺيون آهن، ڪي چريون ۽ پاڳل ٿي ويون. هن طوفان ملاح، مهاڻن جي زندگيءَ تي ايترو گهرو اثر ڇڏيو آهي جو اٺن سالن جي عرصي گذرڻ ڪانپوءِ اڄ به ائين محسوس ٿيندو آهي جڻ ڪجهه ڏهاڙا اڳ طوفان آيو هو. توهان کي ڪيترين ئي مائرن ۽ هن متيءَ جون درد ڀريون ڪهاڻيون ٻڌايان. هٿ جنهن به ماڻهوءَ کي هٿ لائي ڏسندا ته ان جو وجود درد ڀري دانهن کان سواءِ رهي نه سگهندو.

جهٽ گهڙيءَ جي لاءِ محفل ۾ ماٺ ٿي وئي، امير بخش ڪجهه سوچي چاچي مهرو کان سوال ڪيو.

چاچا! هتڙي گهر گهٽا تباهه ٿيا ۽ ڊور ڪيترا مري ويا؟

اَبُل! ڪهڙي خبر پيو پڇين، اسان جو ڪک به ڪونه بچيو، گهر ڊهي پٽ ٿي ويا، ويچارن ڍورن جي خبر ئي ڪانه پئي ته ڪيڏانهن ويا. اسين پنهنجيون زندگيون بچائڻ ۾ پورا هجون، معصوم ٻارڙن جون دانهون اڃان منهنجي ڪنن ۾، ڪنهن ڪنهن وقت گونجي پونديون آهن، بس پوءِ اها گهڙي اکين اڳيان اچي ويندي آهي. اٺ سال ٿي ويا... پر هينئر به طوفان جو خوف اسان جي جسم مان نڪري نه پيو.

امير بخش جي ذهن ۾ ٻيو سوال ايري آيو، پوءِ چاچي مهرو ڀريو ڏانهن نهاري چيائين.

چاچا! ڪنهن توهان جي مدد ڪئي...؟

اَبُل! ڪهڙو ڀوڳ پيو ڪرين، ڪيئن چوان... ۽ ڇا ٻڌايان...!؟ سڄي جان ڏکن جي ڏور ۾ جڪڙي پئي آهي

ڪا پَهر واهَر لَهڻ لاءِ لَڙي ڪانه آئي، ڪنهن به پوئن وارن جي سار سنڀال لڌي ڪانه. بس هي رڻ ۽ اندر جو روڄ ڏينهن راتيون پاڻ ۾ ڪني پيا آهيون.

چاچو مهرو ماٺ ٿي ويو، سيئي ٻٽ ٻڻجي ويا، پوءِ قادر ڏنو ڀريو ٿڌو ساهه ڀري چوڻ لڳو.

اَبُل امير! هوري هوري هٿ پير ڪٽي، نيٺ ڇنا جوڙي ويناسين، نياڻين ۽ ننگن کي ڍڪڻو ته آ، باقي خالي پيٽ جا وَٽَ پيٽ ۾ روز پون ٿا. ايندڙ وارن کي ڇا چئون... بس اَبُل!... شل وقت ڪنهن کي اگهاڙو ۽ لاچار نه ڪري. اسان مهاڻن جي زندگي ڪوريءَ جيان، جنهن ۾ سڪي ۽ آلي ڪاٺي درد جي دونهين وانگر دکي پئي. پلا... ڪوريءَ ۾

برندڙ باهه جي باهر واري کي کهڙي سڌ ، اها باهه ڪنهن کي ڏسڻ منجهه ناهي ايندي. ائين اسان جا ڏک ٻين کي ڏسڻ ۾ نه ٿا اچن.

نور محمد ٿيمور ڪجهه سوچي چوڻ لڳو ادا ڳوٺ قادر ڏنو ٻُهريو ۽ عمر ٻُهريو جا ٽيهه ڪونتڙ هوڙن ۾ هئا سي طوفان جي ڪري سمنڊ ۾ ٻڏي ويا. مونکي هرهڪ جو چهرو ۽ نالو ياد آهي.

1. محمد جمن ولد پاڳيو. 2.محمد صديق ولد اوڏ.3. محمد سليمان ولد محمد صديق.4. محمد ياسين ولد علي محمد (اهي سيئي هڪ ئي گهر جا هئا) 5.علي محمد ولد منو ٻهريو.6. نور ولد ڪنڊو ٻهريو.7. پيڏنو ولد محمد ٻهريو.8. نور ولد محمد ٻهريو (هي ٻئي پائر هئا) يوسف ولد طالب ٻهريو. 10. انور ولد يوسف ٻهريو (هي ٻئي پيءُ پٽ هئا).11. جمن ولد مصري ٻهريو. 12. رمو ولد صديق ٻهريو .13. بابو ولد صديق ٻهريو (هو ٻئي پاڻ ۾ پائر هئا).14. احمد ولد موتيو ٻهريو ۽ ٻيا نالا هيئنر ياد نه ٿا اچن.

سائين نور محمد ٿيهمور وينلن ڏانهن نهاري چيو.

ڳوٺ موسيٰ ٻهريو ۽ ڳوٺ رحيم ڏنو ٻهريو (ديهه گجو ٻاري، ٽپو سِيرَ ڳنڍيو، يونين ڪائونسل ڪَڙُ مَلڪ): هنن ڳوٺن جا ڏهه ماڻهو مري ويا. جنهن ۾ محمد اسماعيل ولد محمد ٻهريو ۽ ان جو پٽ محمد حنيف ولد محمد اسماعيل ٻهريو، محمد عيسىٰ ولد محمد اسماعيل ٻهريو، مسمات بصران زال محمد عيسىٰ ٻهريو، عبدالحڪيم ولد محمد هارون ٻهريو، پئينو ولد محمد ٻهريو، آدم ولد خمو ٻهريو، نور محمد ولد مبارڪ ملاح، محمد حسن ولد خان، اصغر ولد ڪمون. عبدالحڪيم جي ننڍي ڀيڻ جنهن جي عمر پنج ڇهه سال هئي سا به فوت ٿي ويئي، جن مان ستن ڄڻن جا لاش مليا، جيڪي بلڪل ڳريل حالت ۾ هئا ۽ ٽن جا لاش نه مليا.

سارنگ جي دل درد سان پرجي وئي، هن چاچي مهرو ٻهريو ڏانهن ڏٺو، جڻ ڪيس اکين اکين ۾ چئي رهيو هو.

اَبُل! هن دور ۾ ڪو به ماڻهو پنهنجي درد جو بار ڪٽي هلي نه پيو سگهي، پر آءٌ پنهنجي وجود سان گڏ انهن زندگين جي وچوڙي وارا ود ۽ گهاوَ پاڻ سان گڏ گهليندو هلندو رهان پيو.

سارنگ سوچن ۾ گم هو، سيني کي ماٺ ۾ ڏسي هن کي خيال آيو، مان نور محمد کان سندس ڳوٺ جو حال احوال پڇان، پوءِ هن ڪائنس پڇيو: ”ادا نور محمد! توهان پنهنجي ڳوٺ اسحاق ٿيهمور جو حال احوال ٻڌايو.“

ان سوال تي سيني جو ڌيان نور محمد ڏانهن ڇڪجي ويو، پوءِ ٿڌو ساهه ڀري چوڻ لڳو.

ادا! آءٌ توهان کي ٿيهمور ڳوٺن جو احوال ٻڌائيندس، پنجن ڳوٺن جو توهان ذڪر

ٻڏو، ڇهون ڳوٺ:

ماستر محمد اسحاق ٿيهمور (ديهه ڳُٺَ، تپو سير ڳنڊو. يونين ڪائونسل ڪَڙَ مَلڪ): 20 مئي 1999ع تي ٻاڻدو درياهه جيڪو سمنڊ ۾ هو، اتي هوڙي ۾ ڏهه ڄڻا مري ويا، جن ۾ تي ڀائر به هئا.

1. محمد جمن ولد ولي محمد ٿيهمور (عمر 40 سال)
2. غلام حسين ولد ولي محمد ٿيهمور (عمر 35 سال)
3. شفيع محمد ولد ولي محمد ٿيهمور (عمر 32 سال)
4. يارمحمد ولد محمد شريف ٿيهمور
5. خان محمد ولد نور محد ٿهيمور
6. الهايو عرف گل حسن ولد ربڏنو ٿيهمور
7. محمد اشرف ولد محمد رحيم ٿيهمور
8. احمد ولد راول خاصخيلي هي امين خاصخيلي ڳوٺ جو هو.
9. عبدالستار ولد محمد حسن ٿهيمور
10. علي نواز ولد محمد حسن ٿهيمور
11. محمد رفيق ولد غلام حيدر ٿهيمور

هن ڳوٺ جو چوپايو مال جنهن کي انگريزيءَ ۾ ”لائيو اسٽاڪ“ چئبو آهي، لڳ ڀڳ 320 جي تعداد ۾ مري ويو ۽ مهاڻا ملاحن جا 42 هوڙا تباهه ٿيا. هرهڪ هوڙي جي قيمت اڍائي لکن کان چوڏهن پندرهن لک هئي. ٻي ڳالهه اها ته 600 ايڪڙ زمين تي تيار بيٺل فصل، جنهن ۾ بصر، ڪٽڪ، ڪمند، تيلي ٻج، ڄانيو، توريو سو تباهه ٿي ويا.

ڳوٺ ذڪريا ٿيهمور (ديهه ڄهمَ، تپو سِيرَ ڳنڊو، يونين ڪائونسل ڪَڙَ مَلڪ): هن ڳوٺ جا ٻه ماڻهو مري ويا. 1. عمر ٿيهمور (جنهن جو لاش ڳريل حالت ۾ مليو) .2. عرس ملاح (جهن جو لاش نه مليو.

ڳوٺ قاسم ٿيهمور/ عبدالرحمان ٿهيمور (ديهه ڄهم، تپو سِيرَ ڳنڊو، يونين ڪائونسل ڪَڙَ مَلڪ): هن ڳوٺ جا ست ماڻهو طوفان ۾ فوت ٿي ويا ۽ چار لاش مليا. 1. لال بخش ولد ولي محمد ٿيهمور. 2. محمد اسماعيل ولد وَلي محمد ٿيهمور (جيڪي ٻئي ڀائر هئا). 3. محمد حنيف ولد محمد ابراهيم ٿيهمور. 4 . محمد ابراهيم ولد شادي ٿيهمور 5. محمد صديق ولد يار محمد ٿهيمور 6. محمد حسن ولد خام محمد ٿهيمور

ڳوٺ ڄڙيو ٿيهمور ( ديهه ڄهمَ، تپو سِيرَ ڳنڊو، يونين ڪائونسل ڪَڙَ مَلڪ): هن ڳوٺ جا هڪ ماڻهو فوت ٿي ويو جنهن جو نالو محمد عمر ولد جمعو ٿهيمور هو ۽ 35 گهر تباهه ٿيا، 13 چوپايو مال مري ويو ۽ 5 هوڙا تباهه ٿيا.

امير بخش ٻانهن ۾ پيل واچ کي ڏسي نور محمد ٿيهمور کي چيو.

ادا... هاڻ هلڻ جي ڪجي اڳتي پنڌ بہ آهي، همراهہ ڏانهن نياپو ڪيو آهي، اهي انتظار ۾ هوندا. پوءِ نور محمد اٿندي چوڻ لڳو.

ادا... هت ڪو اهڙو ڳوٺ بچيل ڪونهي جيڪو تباهہ نہ ٿيو هجي. مالوندن جا مال لڙهي ويا، زندگيون طوفان جي ور چڙهي ويون، ملاحن ۽ مهاڻن جي گذر سفر جا ذريعا يعني هوڙا تباهہ ٿي ويا.

ان وچ ۾ علي نواز ڳالهائيندي چيو.

هن طوفان کي سائيڪلون ٿو، جو نالو ڏنو ويو آهي. حقيقت هي آهي تہ اسان جي تعلقي ۾ وڏي تباهي ٿي آهي، جاني ۽ مالي نقصان ڏاڍو ٿيو آهي، جنهن جا صحيح انگ اکر اجان ڪني ٿي نہ سگهيا آهن.

پوءِ علي نواز اٿندي چيو هاڻ سنگت کان موڪلاڻي ڪانهي، سدائين ڪني آهيون. ائين چئي علي نواز خاصخيلي گاڏي چالو ڪري سارنگ کي آواز ڏنو ”سارنگ! اچ هلون...“

سارنگ اٿيو، نور محمد ٿيهمور ۽ امير بخش جت دوستن کان موڪلايو، علي نواز گاڏي هلائيندي سارنگ کي ٻڌائيندو رهيو.

ادا! پوني جو رستو ڏکيو، پٽ تي رڳو پيچرا ۽ گس ٺيهل، اها خبر ڪنهن کي ڪين پوي تہ ڪو گس ڪيڏانهن ۽ پيچرو ڪيڏانهن پيو وڃي. سونهون ۽ ڄاڻ وارو جنهن جو پيچرن سان پيچ جڙيل هوندو آهي، اهوئي هتان هلي ۽ ٻين کي منزل تي پهچائي سگهي ٿو. پوءِ ڏينهن هجي توڙي اونداهي رات، نہ تہ ٻيو ماڻهو ڏينهن جو پليو، رليو وڃي ۽ پيو ڦيرا ڪائيندو. تنهن کي واٽ واري ڪانسواءِ واٽ هٿ نہ ايندي. هي پيچرا ڪڏهن ڪڏهن بيگاهہ وقت اسان کي بہ پلايو ڇڏين، پوءِ جڏهن ڪنهن ڳوٺ ۾ وڃي نڪرون تڏهن پتو پوي تہ پلجي ويا آهيون. چو تہ ڪلر جو رنگ ڪارو آهي ۽ پيچرا بہ ڪارا آهن، انهيءَ ڪري پيچرو گم ٿي ويندو آهي. هن جي ڳالهہ ڌيان سان سارنگ ٻڌندو رهيو، ڪيس ڪا سڌ ئي نہ پوي. هي ڪيڏانهن ۽ ڪيئن پيا اسڪوٽر ڊوڙائين ۽ هلائين. هي اسڪوٽر جي اڳي ٻرندڙ روشنيءَ ۾ صرف پيچرا ڏسندو رهيو، رستي ۾ گدڙن جون اوناهيون ٿيون، هڪڙو گدڙ اوناهي ڪري بس ڪري تہ وري ٻي گدڙ اوناهي ڪئي. علي نواز ڪنڌ ورائي سارنگ کي چيو.

ادا... رسي وياسين! ڪجهہ منٽن ڪانپوءِ هڪ پڪي سرن جي ٺهيل جاءِ وٽ امير بخش جت اسڪوٽر روڪيو، نور محمد ٿيهمور لهي بيٺو، علي نواز بہ سندن پرسان گاڏي بيهاري تہ سارنگ لهي بيٺو. هن کي چئو طرف اونداهي کان سواءِ ڪجهہ نظر نہ ٿي آيو.

نور محمد ٿيهمور هنن کان موڪلائي هليو ويو. چند منٽ بيهڻ ڪانپوءِ ٿي چار ماڻهو

هٿ ۾ بتيون ٻاريندا آيا، جيڪي هنن کي پاڻ سان وٺي ويا. ڳوٺ ۾ داخل ٿيندي هڪ لانديءَ وٽ ٻه ٽي همراھ بيٺل هئا، انهن سان گڏ نور محمد ٿيهمور به بيٺو هو، جيئن امير بخش جت، علي نواز ۽ سارنگ پهتا، انهن سيني هنن سان کلي کيڪار ڪري پنهنجن جيان ڀاڪر پائي مليا. نور محمد ٿيهمور مهمانن جو انهن سان تعارف ڪرايو. پوءِ هڪ بزرگ شخص جنهن جي ڇهري تي مرڪ سمايل هئي، ان ڏانهن اشارو ڪري چيو. ادا... هي ڳوٺ جو وڏيرو جڙيو ٿيهمور آهي. پوءِ ان بزرگ سيني کي صلاح ڪئي.

”سائين اچو...“ ائين چئي هنن کي لانديءَ اندر وٺي آيو، جتي ٻه چار ماڻهو اڳ ۾ ويٺا هئا، اُنهن به اٿي مهمانن سان سِڪَ مَنجهان هٿ ملايا. ايتري ۾ چار پنج ٻارڙا پيرن اگهاڙا ڊوڙندا اچي لانديءَ ۾ اندر آيا، پٽ تي وڇايل تڏي تي ويهي رهيا.

چنڊ جي هلڪي چانڊوڪي لانديءَ کان ٻاهر پٽ تي ڪير جهڙي اڇاڻ ڪندي رهي، لانديءَ ۾ بتي ٻرندي رهي، ڪنهن ڪنهن وقت هوا جي ٿڌڙي جهوٽي سان گڏ تڏين جو آواز اندر تي آيو. نور محمد ٿيهمور ۽ امير بخش جت هڪ طرف ويٺا، سارنگ ۽ علي نواز ٻئي طرف ڳوناٺن ۽ ٻارن سان ويٺي ڪچهري ڪئي. نور محمد ٿيهمور ڳوناٺن جو تعارف ڪرائڻ لڳو.

ادا سارنگ! عبدالشڪور ٿيهمور ۽ محمد بچل ٿيهمور اسان جا ملاح ڀائر آهن. جيڪي 1999ع ۾ انڊيا نيوي کين پڪڙي وئي، سي 2003ع ۾ آزاد ٿي آيا. هن اڄان جملو پورو ڪيو ته آواز ٿيو. هڪ قد جو ڊگهو همراھ، مڇون وڏيون ڪاريون هجنس، جيئن ئي لانديءَ ۾ اندر آيو ته ٻارڙن کان کل ۽ ٽهڪ نڪري ويا. سارنگ اهو ڏسي وائڙو ٿي ويو. هن ٻين ڏانهن ڏٺو ته ويٺل نور محمد ٿيهمور ۽ ان جي ڀر ۾ ٻين ويٺلن کان مرڪ نه پئي بيهي ٻار اجا کلندا رهيا. وڏيرو جڙيو ٿيهمور ٻارن کي هڪل ڪري آواز ڏنو.

”اڙي! ماٺ ڪريو يا وڃو ٻاهر...!“

سيئي ان همراھ سان مليا، هو همراھ مشڪندو هٿ ملائيندو وڏيري جڙيو ٿيهمور جي پرسان ويهي رهيو. ته به ٻارڙن کان کل بيني نه ٿئي. پوءِ نور محمد ٿيهمور ٻارڙن کي رڙ ڪندي چيو.

”اڙي! کلو چو پيا، مامو ڇڇَر ڏٺو ڪونه اٿوَ...؟“

نور محمد جي ائين چوڻ تي ٻارن کان وري وڏا ٽهڪ نڪري ويا. نيٺ مامي ڇڇَر کان رهيو ڪونه ٿيو، ڪاوڙ مان انهن ٻارڙن ڏي نهاري وڏي آواز ۾ چيو.

ڇورا! ڇير پائي ڪونه آيو آهيان جو کلو پيا. وري ٻارڙن کان ٽهڪ نڪري ويا ته جيڪي وڏڙا ويٺل هئا سي به پنهنجي کل کي روڪي ڪين سگهيا. لانديءَ ۾ ٽهڪڙن جو آواز مچي ويو. پوءِ مامو ڇڇَر سارنگ ڏانهن نهاريندي چيو.

پائو مهمان! هت ويٺلن کي آءٌ سڃاڻان، مون کي ماڻهو چوندا آهن ”ماڻهو پلو، نالو

خراب“، پلا ڇَڇَر ڪو نالو آهي.

مامي ڇَڇَر اهي جملا اهڙي انداز ۾ چيا جو لانڍيءَ ۾ وري ٽهڪڙو مچي ويو. ڪجهه ٻارڙا پاسن وارن گهرن مان ڊوڙندا اچي لانڍيءَ جي در وٽ بيهي رهيا.

”اڙي! ماما ڇَڇَ.“ هڪ ٻار چيو، وري ٻئي ٻار چيو.

”او... ڇَڇَر...“

پوءِ وڏيرو جڙيو ٽيهمور اٿندي ٻارڙن کي چيو.

ٻچڙا! توهين هلو رات گهڻي ٿي وئي آهي. پوءِ ننڍڙا ٻارڙا هليا ويا، جيڪي لانڍيءَ جي ٻاهران بيٺا هئا، سي به پنهنجن گهرن ڏي هليا ويا.باقي وڏيءَ عمر جا ڇوڪرا خاموشيءَ سان ويٺا ٻڌن. ٻارن جي وڃڻ کان پوءِ سارنگ هڪ نگاهه مامي ڇَڇَر تي وڌي ۽ محسوس ڪيائين ته هي وڏو يوڳائي ۽ مزاح وارو ماڻهو آهي ۽ ويٺل سيٺي جو ڏيان مامي ڇَڇَر ڏانهن هو پوءِ ماما ڇَڇَر وڏن ڇوڪرن ڏانهن نهاري چيو.

”اڙي! سمجهو ٿا سنڌي ۾ سڄو، انگريزي ۾ اڌ.“

وري محفل ۾ ٽهڪڙو مچي ويو. جڏهن ٽهڪ جهڪا ٿيا، ماما ڇَڇَر کي وارو ملي ويو ۽ ڇوڻ لڳو.

اڳي وڏڙا هفتي جي ڏينهن جا نالا پنهنجن ٻارن تي رکندا هئا، سو مون تي وڏڙن نالو ڇَنڇَر رکيو. شايد ڇنڇر تي پيدا ٿيو هئس. پوءِ ڇَنڇَر مان ڦري ڇَڇَر ٿي ويس، هر ڪنهن کي اچارڻ ۾ ڇَڇَر ۽ خَچَر سولو لڳي، وري ٽهڪڙا مچي ويا. هن ”خَچَر“ لفظ تي زور ڏئي اهڙي انداز ۾ چيو جو ڪو به پنهنجي کِلَ روڪي نه سگهيو هو. مامو ڇَڇَر پنهنجي جاءِ تان اٿي، سارنگ جي سامهون ويهندي چيو ”آءٌ مهمان جي آمهون سامهون ويهندس“ پوءِ هن سارنگ ڏي نهاري چيو.

”ادا...! اڻ واقف ماڻهو، انڌي جي آچار.“

محفل ۾ خاموشي ڇائنجي وئي. امير بخش جت وڏيري جڙي ٽيهمور ڏانهن نهاريندي چيو.

چاچا! طوفان ۾ توهان جو ڪيترو نقصان ٿيو...؟ ۽ ڪيترا هوڙا ۽ گهر تباهه ٿيا...؟

ڪجهه منٽ خاموشيءَ ٿي وئي، طوفان جو ذڪر ڇڙندي سيني جي ڇهري تي اداسي ڇائنجي وئي. جڻ هر هڪ کي پنهجن جي يادگيري اچي وئي. پوءِ وڏيرو جڙيو ٽيهمور ٿڌو ساهه پريندي ويٺلن ڏانهن آلين اکڙين سان نهاري ڏکاري انداز ۾ ڪٿا ڪرڻ لڳو.

امير! هن ڳوٺ جا ٽي ماڻهو مري ويا.هڪ عمر ولد جمو ٽيهمور.ٻيو عرس ولد اڳاريو. ٽيو رمضان ولد پليڏنو ٽيهمور.

اسان کي صرف عرس ولد اڳاريو جو لاش نه مليو، باقي ٻن ڄڻن جا لاش اهڙا مليا، جيڪي ڳريل هئا، وهن پيا، غسل ڏيڻ ته پري ٿيو، تن کي هٿ به لائي نه ٿي سگهيو.

رمضان ٽيهمور کي صرف ٻہ نياڻيون آهن. هن ڳوٺ جا 70 گهر ڊهي پٽ ٿي ويا، چوپايو مال مري ويو ۽ اسان جا ڏهہ هوڙا تباهہ ٿيا، جيڪي غريب مهاڻن جا هئا. پوءِ وڏيرو جڙيو ٽيهمور ڪجهہ سوچيندي چوڻ لڳو.

ڪڏو بَندَر تي چاليهہ ماڻهو رهيا هئا، اتي جَهجها هوڙا بيٺل هئا، جيڪي مَڇي مارڻ پيا وڃن، جڏهن طوفان آيو تہ سي سيئي هوڙا ڇڏي جان بچائڻ ۾ لڳي ويا، 37 ڄڻا تري اچي پهتا ۽ ٽي ڄڻا مري ويا، جيڪي هوڙا اندر سمنڊ ۾ هئا، اهي تباهہ ٿي ويا ۽ ماڻهو مري ويا. اهي هوڙا پروارن ڳوٺن جا هئا. عبدالغني ٽيمهور، عبدالغفور ٽيهمور، سي همراهہ ڊوري ناري کان بيٺا هئا، ڊوري ۾ چار هوڙا هئا، جڏهن اسان جي ماڻهن چئن پاسن مارَ جهليا تہ اسان جا هوڙ ا ٺهر ۾ جَهلجي پَيا، هن ۾ ست ماڻهو جن ۾ غفور، محمد حسن، انور ، جمن، حاجي ، اصغر ۽ نياز هئا. استاد نور محمد ٽيهمور وچ ۾ ڳالهائيندي سارنگ کي ٻڌائڻ لڳو.

ادا سارنگ! نياز ننڍو ڇوڪرو هو، مون وٽ ائين ڪلاس ۾ پڙهندو هو.

پوءِ وڏيرو جڙيو ٽيهمور وينلن کي نياز بابت ٻڌايو. ادا.... نياز ٻہ سال پورا انڊيا جيل ۾ سزا ڪاٽي پوءِ آزاد ٿي آيو. باقي ڇهہ ڄڻا ڇئن سالن کان پوءِ يعني 2003ع ۾ آزاد ٿي آيا. سرنديءَ وارا پنهنجون لانچون واپس وٺي آيا، اسين غريب مهاڻا واپس وٺي ڪين سگهياسين.

استاد نور محمد ٽيهمور ڪچهريءَ ۾ وارو وٺندي سيني کي چوڻ لڳو: ”آءٌ اوهان کي ڳوٺن جي تباهيءَ بابت ٻڌايان ٿو، جيڪي ڳوٺ طوفان جي لپيٽ ۾ تباهہ ٿي ويا.“ پوءِ سيني جا ڌيان سائين نور محمد ٽيهمور جي طرف کڄي ويا.

پوءِ سارنگ ڏي نهاري چوڻ لڳو.

سارنگ! مُون اڳ نون ڳوٺن جو ذڪر ڪيو ۽ توهان ٻڌو. ڏهين ڳوٺ جڙيو ٽيهمور جو احوال توهان کي وڏيرو جڙيو خود ٻڌايو.

يارنهون ڳوٺ حاجي جمعون دانڌل (ديهہ چاڻ ٻيلو، ٽپو سِيرَ ڳنڊو، يونين ڪائونسل ڪَرَّ مَلڪ): هن ڳوٺ جا جيڪي ماڻهو مري ويا انهن جا ڪجهہ نالا ياد آهن جيڪي ٻڌايان ٿو 1. محمد سليمان ولد محمد حنيف دانڌل، 2. عبد العظيم ولد حاجي جمعو دانڌل،3. عبدالرزاق ولد ڇچر دانڌل، 4. محمد جعفر ولد پيرو دانڌل، 5. ممتاز علي ولد احمد خان دانڌل، 6. الهرکيو ولد محمد بخش دانڌل، 7. لوٽائي ولد محمد ابراهيم مجاور دانڌل، 8. سانوڻ ولد محمد ابراهيم مجاور دانڌل، 9. محمد اسحاق ولد محمد اسماعيل مجاور دانڌل، 10. حميد ولد بصريو دانڌل. ۽ ٻي جيڪا تباهي آئي ان ۾ مهاڻن جا 85 گهر تباهہ ٿيا. 200 چوپايو مال مري ويو، 50 هوڙا تباهہ ٿي ويا جنهن ۾ صرف 27 هوڙا حاجي جمعي دانڌل جا هئا جيڪو سانن جو وڏو واپاري هو. هن ڳوٺ جو

اصل نالو جمو دانڏل آهي.

ڳوٺ ڇڇر دانڏل (ديهه ڳٺَ، تپو سير ڳنڊو. يونين ڪائونسل ڪَڙُ مَلڪ): ڦهري طوفان ۾ هن ڳوٺ جا ٻه ڪيترائي جوانڙا فوت ٿي ويا

علي محمد پٽ ڇَڇَر دانڏل ۽ ان جا پٽ آچار ۽ عمر دانڏل ۽ علي محمد جو هڪڙو ڀاءُ مير محمد دانڏل،علي محمد جي چاچي جو اڪيلو پٽ بابو ولد عيدو. ۽ علي محمد جوڀاڻيجوحيدر پٽ هارون دانڏل. جنهن جو لاش ڪونه مليو. اهي سيئي هڪ ئي گهر جا هئا، بابو جي ماءُ ليلا وڏي عمري واري ويچاري اجان پئي پساهه کڻي. ان ڳوٺ جي مائي ڏجاڻيءَ جنهن جا جوان ٻه پٽ هئا، هڪڙي جو نالو لوٽائي ۽ ٻئي جو نالو سانوڻ، جنهن جي شاديءَ کي ڇهه ست ڏينهن مس گذريا هئا، مائي ڏجاڻيءَ پٽن کي ياد ڪندي چري ٿي وئي ۽ ابراهيم ڏجاڻيءَ جو مڙس پٽن جي ڏکن ۾ جهري پيو ۽ مري ويو. مائي ڏجاڻيءَ جو پوٽو اسحاق ولد اسماعيل پندرهن سورنهن سالن جو هو. مائي لِيلا اولاد جي ڏکن ۾ ڳري وئي آهي، هن جي عمر ستر سال ٿيندي، هن جي گهر جا ٻه ٻارڙا غربت ۽ بيماريءَ سبب علاج نه هئڻ ڪري مري ويا. مسڪين ماڻهو ۾ ويلي ڪاڻ جي سگهه ڪانه، سي علاج ڪٿان ڪرائين. مائي لِيلا هر ڪنهن کي ليلائيندي چوندي ٿي رهي ته ”منهنجو پٽ بابو اجان زنده آهي، اهو انڊيا جي جيل ۾ آهي“. مائي ليلا اهو آسرو رکي ويني آهي، شايد... ان اميد جي ڪري اجان زنده رهي ٿي پئي.

مائي ليلا جي وڏي نانيءَ جو جڏهن لاش مليو، پر اهو لاش ڪونه هو، هڪ هڏائون پڃرو هو، گوشت سمورو ڳري چڪو هوس، صرف هڏ هئا، جن ۾ قميص ڦاٽل هئي، قميص جي کيسي مان صرف ڪارڊ ۽ بل مليو، ان تي سڃاڻپ ٿي ته علي ولد ڇَڇَر آهي. مائي لِيلا جي مڙس جو نالو عيدو هو ڇَڇَر جي ڀاڄائي ۽ سالي آهي.

ڳوٺ عثمان دانڏل (ديهه جَهمَر، تپو سِيرَ ڳنڊو، يونين ڪائونسل ڪَڙُ مَلڪ): هن ڳوٺ جا چار ماڻهو مري ويا، ٻن جا لاش ڪونه مليا. 1. خيرو ولد مامو دانڏل، 2. مور ولد دادو دانڏل، 3. امير علي ولد محمد حسن، 4. پيئڏنو ولد چتو دانڏل. هن ڳوٺ جا 30 گهر تباهه ٿيا ۽ 30 چوپايو مال مري ويو، 6 هوڙا تباهه ٿي ويا، جيڪي سمنڊ ۾ هئا.

ڳوٺ ڪرمي سميجو (ديهه ڳٺَ، تپو سِيرَ ڳنڊو، يونين ڪائونسل ڪَڙُ مَلڪ): هن ڳوٺ جا 55 گهر تباهه ٿيا. هڪ ماڻهو طوفان ۾ مري ويو.1. محمد سومار ولد علي محمد سميجو.

ڳوٺ عمر ملاح: هن ڳوٺ جا ٽي ماڻهو مري ويا، جن مان ٻن جا لاش ڳريل حالت ۾ مليا. 1. شير محمد ولد حبيب الله 2. موسىٰ ولد اسماعيل ملاح 3. گل ولد آمر ملاح.

لانڊيءَ ۾ سيئي وينل ڏک ۾ پرڄي ويا، وڏيرو جڙيو ٽيهمور 1999ع جي طوفان جي گهڙين کي ياد ڪندي چوڻ لڳو. آءٌ پنهنجي ڳوٺ جو احوال ٻڌايان ٿيو.

ادا... هي طوفان 1999ع جي 19 مئي تي هٽ صبح جو ڇهين وڳي آيو، ٿوري ٿوري برسات ۽ واءُ وڌندو ويو، منجهند جو ٻارهين وڳي کان پوءِ واءُ ۽ برسات زور وٺڻ لڳو. پهرين مسجد ڪري پئي ۽ گهر ڍهڻ لڳا، معصوم ٻارن ۽ عورتن ۾ رڙيون پئجي ويون، پوءِ ڇئو ڦير دانهون پئجي ويون.

”گهوڙا مري وياسين.“

”طوفان اچي ويو... طوفان .“

گهرن جا پَڪا (ڇتون) اڏاڻا، پوءِ اسان جا گهر ڪري پيا، طوفان ۾ ڪک تيلا سڀ ويا اڏرندا، شام جو 7 وڳي گهر ڍهي پٽ ٿيا، ڪلئي پٽ تي وينا هجون، رڳو سر وڃين بچيا مائرن معصوم ٻارن کي ڇاتيءَ سان پنهنجين گندين سان ٻڌي ڇڏيو، برسات وسندي ۽ طوفان هلندو رهيو. پوءِ اسين هر شيءِ جو آسرو لاهي، پنهنجا ٻچا وٺي پڪو اسڪول جيڪو فرلانگ ڪن پنڌ تي آهي، طوفان ۽ برسات ايتري تيز هئي جو اسين بيهي نہ ٿي سگهياسين. پوءِ وسندڙ برسات ۾ پَٽَ تي ٻَچن سميت سري ڏئي (يعني ٻانبڙا پائي) اسڪول ڏي رڙهندا هلندا رهياسين. سڄي ڳوٺ جا ماڻهن سري ڏئي اچي اسڪول جي ٻن ڪمرن ۾ پناهہ ورتي جنهن کي در نہ دري هو، ان منجهان برسات ۽ طوفان اندر ٿي آيو، اسڪول جي ڇت طوفان ۾ لڏي پئي، ٻيو ڪو آسرو هجي ڪونہ، بس وينا رهياسين، سيئي هڪٻئي کي پيا ڏسون.

ان وچ ۾ ڏٺوسين تہ منهنجو سالو نواز ٿيهمور ڪونہ هو ۽ ان جا ٻہ ٻارڙا هڪ نياڻي پنجن سالن جي ۽ هڪ پٽ ستن سالن جو اهو بہ نہ هجي. اسان سيني کي الڪو ورائي ويو. جڏهن تہ اهي اسان سان گڏ سري ڏئي پيا اچن، پوءِ ڳٽتين ۾ ونجي وياسين، برسات ۽ طوفان هلي پيو، ٻي وڏي ڳالهہ تہ ڪنهن بہ ٻار دانهن نہ پئي ڪئي. مائرن جي ٿڃ تي جيڪي معصوم ٻار هئا اهي بہ بک ۽ اڃ کان روئن ڪونہ پيا. سڀ خوف جي ڄار ۾ ڦاتل هئا. پوءِ رات جو هڪ وڳي وسندڙ برسات ۾ نواز ٿيهمور ڇوڪريءَ کي ڪٽي آيو، اسان کي سڏ ڪيائين. ڇوڪريءَ هن جي هنج ۾ تمام غش هجي. اسان پڇيو تہ ڇوڪرو ڪٿي آهي؟

نواز وراڻي ڏني تہ ڇوڪرو وڻ سان ٻڌي آيو آهيان. هن جو اهو جواب ٻڌي سڀ سَڪتي ۾ اچي وياسين، برسات وسي رهي هئي، طوفان هلي رهيو هو، پوءِ اسين ڏهہ ماڻهو تيار ٿياسين، نواز سان گڏجي ڇوڪري کي نهارڻ (ڏسڻ لاءِ)، سو بہ سري (ٻانبڙا پائي) وياسين. اسين هڪٻئي جي هٿ هٿ ۾ ڏئي ٻرو (قطار) ڪري ٻڌي وياسين. اسان مان هڪڙو ماڻهو ان ڇوڪري مٿان وڃي پيو . ان اسان کي سڏ ڪيا ۽ آواز ڏنو ”ڇوڪرو آهي.“

برسات وسندي طوفان هلندو ٿي رهيو، جڏهن اسين سري ڏئي وڃين رسياسين ۽ ڇوڪري کي ڪنيوسين تہ گش هو، پوءِ اهو ڇوڪرو اسڪول ڪٽي آياسين. رات جو ٻہ وڳي

ڪان پوءِ طوفان جَهلي ويو، يعني جهڪو ٿيڻ لڳو. جڏهن صبح جا پهريان ڪرڻا پيا. ڳوٺ ڪي ڏنوسين، پاڻي پاڻي لڳو پيو هو. مال متاع، ڍور ڍڳا سڀ لڙهي ويا. گهر ڊهي ويا رڳو پٽ ئي نظر آيو. پاڻيءَ ڪانسواءِ ڪا شيءِ نظر آئي نه ٿي. اسان جنهن اسڪول ۾ هئاسين، اها نئين اڏيل هئي، جيڪا باقاعدي هلي (لڏي) ٿئي.

وڏيرو جڙيو ٿيهمور ڳالهه ڪري ماٺ ٿي ويو. پوءِ ٿڌو ساهه ڀري ويڻلن ڏانهن نهاريندي چيائين.

اَبُل! منهنجي عمر 57 سال آهي، مون زندگيءَ ۾ اهو پهريون طوفان ڏٺو، اسين درياهه ۽ سمنڊ ۾ هليا آهيون، سَت سَت ڏينهڙا سمنڊ ۾ برسات ڏٺي آهي، پر اهڙو قهر ڪڏهن اڳ ڏٺو ڪونهي.

سارنگ جي نگاهه ماما ڇڇَر ۾ هئي، تنهن ڪي نور محمد ۽ امير بخش به چتائي وينا ڏسن. ”ماما ڇڇَر ايترو وقت ماٺ ڪري ڪيئن وينو آهين؟“ سارنگ به ماما ڇڇَر جي بي چيني ڪي سمجهي ويو ته هاڻ وڏيرو جڙيو ٿيهمور پيو ڳالهائي، ڪائنس وارو ڪيئن ونجي!؟

ايتري ۾ امير بخش چيو آءٌ تعلقي ڪاروڇاڻ جو آهيان، 19 مئي 1999ع وارو طوفان جن ڳوٺن ۾ تباهي آندي هئي، مونکي اهي ڳوٺ ياد آهن.

ڳوٺ سڄڻ واري (يونين ڪائونسل ڪاروڇاڻ): هن ڳوٺ جا نَوَ ماڻهو مري ويا، 242 چوپايو مال مري ويو.

ڳوٺ حاجي عمر اونو: هن ڳوٺ جا نوانوي گهر تباهه ٿيا ۽ اِيڪانوي چوپايو مال مري ويو، ٻه ماڻهو فوت ٿيا.

ڪاروڇاڻ. هن شهر ۾ 186 گهر تباهه ٿيا، 461 چوپايو مال مري ويو ۽ مهاڻن جا 66 هوڙا تباهه ٿيا.

ڳوٺ آٿرڪي: يونين ڪائونسل ڪاروڇاڻ): هن ڳوٺ جي 386 گهر زبون ٿي ويا، 149 مال مري ويو، 2300 ايڪڙ زمين تي تيار بينل فصل تباهه ٿي ويو.

ڳوٺ جان محمد جت: هن ڳوٺ جا 10 گهر زبون ٿيا، 174 چوپايو مال مري ويو، 9822 ايڪڙ زمين تي تيار ٿيل فصل تباهه ٿي ويو.

حاجي احمد پتڙ (يونين ڪائونسل ڪاروڇاڻ): هن ڳوٺ ۾ 50 گهر تباهه ٿيا، 68 چوپايو مال مري ويو، 4100 ايڪڙ زمين تي تيار بينل فصل تباهه ٿي ويو.

ڳوٺ لياري (يونين ڪائونسل ڪاروڇاڻ): هن ڳوٺ جا 156 گهر تباهه ٿيا، 44 هوڙا تباهه ٿيا ۽ 119 چوپايو مال مري ويو.

ڳوٺ ناري واري (يونين ڪائونسل ڪاروڇاڻ): هن ڳوٺ ۾ غريب ابوجهه ماڻهن جا 202 گهر تباهه ٿيا، 87 چوپايو مال مري ويو، 1100 ايڪڙ زمين تي بينل فصل تباهه ٿي ويو.

ناٿو ڳمڀير (يونين ڪائونسل ڪاروڇاڻ): هن ڳوٺ جا 37 گهر تباهه ٿيا، 90 چوپايو مال مري ويو، 736 ايڪڙ زمين تي تيار بيٺل فصل تباهه ٿي ويو ۽ 3 هوڙا تباهه ٿيا.

ڳوٺ حاجي هاشم شولاڻي (يونين ڪائونسل ڪاروڇاڻ): هن ڳوٺ جا 209 گهر تباهه ٿيا، 51 چوپايو مال مري ويو، 3400 ايڪڙ زمين تي بيٺل فصل تباهه ٿي ويو.

امير بخش جت خاموش ٿي ويو، مامو ڇڇر ڪان دانهن نڪري وئي.

”اڙي! ٻئي سورن سان ڀريا پيا آهيون، ڇڻ مامي ڇڇر جي دل ۾ درد ڪونهي ائين.“ محفل ۾ ٺهڪڙو مچي ويو. سارنگ ماما ڇڇر جو پاسو وٺندي چيو.

”ماما ڇڇر...“ ڇڏ ڪٽي ڪاوڙ ڪي، مون کي خبر پئي آهي جڏهن طوفان آيو هو، توهين ڳوٺ ۾ ڪونه هئا.ماما ڇڇر اڏ ۾ ڳالهه ڪٽيندي چيو.

اَبُل! ائين بروبر آهي. ٽين ڏينهن تي آءٌ ڳوٺ پهتو هوس. ڇا ڏسان پٽ سڀ پاڻيءَ سان ڀريا پيا هئا، برسات ۽ طوفان ختم ٿي ويا. آءٌ پنهنجي ڳوٺ کان درياءَ ۾ زيرو پوائنٽ ”مجهون زيرو“ تي پهتس ته لاش وهيا پئي، يعني پٽ تي ڳريل حالت ۾ پيا هئا. انهن جا جسم ڦاٽي چڪا هئا، تن جي وات، ڪنن ۽ جسم مان ڪارو پاڻي وهيو پئي، مون ٻُٺ ٻڌي ڇڏي ڇو جو لاشن جي ڏپ تي آئي.

مهاڻا ملاحن جا لاش سڃاڻپ ۾ نه ٿي آيا، نه ئي هٿ لائي تن کي چوري سگهيو. پوءِ ڪاني ڪٽي اتي ئي لاشن جي پاسي مَنجهه ڪڏڙو کوٽي ۽ ڪانيءَ سان نيلهي (چوري) ڪڏ ۾ ڪيرائي مٿان مٽي وجهي ڇڏي. ائين ئي ڪيترائي لاش پوريا، جن جا هٿ وريل هئا. پٽ تي ڪيتريون مَڇيون ۽ پَکي مئل هئا، اهو منظر ڏسڻ ۽ بيان ڪرڻ جهڙو ڪونهي. بس اهو درد اندر ۾ سانڍي پيا جيئون. سمنڊ جي ڪناري کان پري رهندڙن کي ڪهڙي خبر ته مهاڻن ۽ ملاحن سان طوفان موت جي ڪهڙي راند ڪيڏي ويو. اها ڳالهه ٻڌي هرڪو ڏک ۾ ويڙهجي ويو. ماما ڇڇر ڳالهه پوري ڪئي ته، نور محمد ٿهيمور جيڪو ڪنهن سوچن ۾ گُم هو. شايد هِن جي ذهن تي اُهي واقعا ۽ تباهي وارا منظر ڦري ۽ گهُمي رهيا هئا. پوءِ ٿڌو ساهه ڀَري چيو.

ماما ڇڇر ڳريل لاشن جي ڳالهه ڪئي آ، اهي ڪُڏو بندر، ياڻ ڊورو، ڪور ڪريڪ، حرامي ڊورو، سُڳنديون ڊورو، ايل، بي ڊي، شام سير، پڳهاڙي، ديهه دونهين، ديهه آپن، ديهه ڪارو ۽ ڪجهه ٻيا پَٽ هئا، جن تي سوين انساني زندگين جا لاش ڳريل ۽ سُڄيل حالت ۾ وکريا پيا هئا ۽ سندن عضوا ڦريل هئا. انهن سان گڏ ساموندي مڇيون ۽ پکي به مئل هئا. چئو طرف لاش ئي لاش، جن جي ڏپَ ميلن تائين پئي اچي. ڪو ڪٿان ته ڪو ڪٿان، پنهنجن عزيزن جا لاش ڏسڻ ۽ ڪٺڻ آيو هو. لاشن جي اهڙي حالت ڏسي، ٻيهي به نه پئي سگهيا. ڪيترائي پنهنجا هوش وڃائي وينا...!!!؟ پوءِ به هر ڪنهن پنهنجي عزيز، پياءُ، پُٽ ۽ مٽ مائٽ جي لاش کي ڳولڻ جي ڪوشش پئي ڪئي. ڪِن لاشن کي ڪپڙن جي رنگن تي سڃاتو ۽ ڪِن سلوار جي اڳٺ کي ڏسي لاشن جي سڃاڻپ ڪئي. لاشن جي

قميص جي کيسي مان ڪارڊ ۽ ٻيون نشانيون مليون، جن جي آڌار تي سڃاتو ۽ پوءِ ڪٽائي ويا. طوفان ۾ گهڻي مان گهڻا ماڻهو عبدالرحمان دانڊل ۽ ٻين دانڊلن جي ڳوٺ جا ماڻهو مري ويا. جڏهن ته ستر لاشن جا جنازه ڪنيا ويا ته ته ڪيترا ٻڍڙا ۽ جوان پنهنجن پيارن جي وڇوڙي کي برداشت نه ڪري سگهيا ۽ هوش وڃائي ويهي رهيا. ڪي چريا ۽ پاڳل ٿي ويا. گهڻن کي دردن ايترو بي حال ڪري ڇڏيو، جيئن ڪريا ته وري اٿي ڪين سگهيا؟ اهڙي موت جي مُنهن ۾ پيا جتان وري موٽيائي ڪون. گهڻيون عورتون پاڳل ۽ چريون ٿي ويون. انهن مان ڪجهه عورتون اڃان به حيات آهن. تن ۾ مائي حڪيما دانڊل، مائي سڪينه دانڊل، مائي سَرتاڻي دانڊل ۽ مائي ليلا دانڊل سي زنده آهن پر جهڙيون ناهن! اڃان به ڪوڙ عورتون آهن، جن کي يادگيرين جا وَڍ ۽ دورا پون ٿا. گهڻا مرد پاڳل چريا ٿي ويا، اُنهن مان آڙو پاڏائي، عبدالرحمان دانڊل، حاجي دانڊل، ٻچو دانڊل، بشير دانڊل، اڄ به چرين وانگر زنده آهن.

ائين چئي ڪجهه جهٽ لاءِ نور محمد تهميور ماٺ ۾ پئجي ويو ۽ پوءِ چوڻ لڳو.

ادا...! ساحلي پٽيءَ جي طوفان جي درد جو داستان ڪيترو به بيان ڪجي اوترو گهٽ آهي. هتان جي ماڻهن جي درد ڀري ڪهاڻي ڪُنڻ جهڙي ڪانهي. مامو ڇڇَر پنهنجي ماضيءَ جو هڪڙو واقعو ياد ڪندي چوڻ لڳو:

1968ع ۾ آءٌ ناڪئو هوس، ابراهيم حيدري ۾ حب ندي، سهاڙي جبل، حجامڻو ڪريڪ، ڪترو معنيٰ جان جو خطرو ڪري، هڪڙي ڏينهن اسان سان حادثو پيش آيو. مون سان گڏ پنجويهه خَلاصي هئا. اسين حيدريءَ مان منجهند ڏيڍ وڳي نڪتاسين، حب جي ٻاهران شام جو ڇهين وڳي پهتاسين، مون جڏهن هوڙو بند تي ڪيو ۽ خَلاصين کي چيو ناتاري ڇڏيو. ناتاري ڇڏڻ کان پوءِ ٻي پاسي کان بيڻل هوڙا، تن مشينون چالو ڪيون، انهن کان مون پڇيو.

”مشينون ڇو پيا چالو ڪريو؟“ ته هنن جواب ڏنو ”عنقريب طوفان اچڻ وارو آهي، هاڻ پيچي ڪنهن نديءَ ۾ جان بچايون.“ ان وقت سج لهي چڪو هجي، پوءِ مون پنهنجن خَلاصين کي چيو.

”ناتاري ڪڻو...“

”مشينون چالو ڪريو...“

خَلاصين کان ناتاري نه نڪتي،جيڪا پٿر ۾ ڦاسي وئي، ايتري ۾ طوفان جا آواز ٻڌڻ ۾ آيا. اوچتو سمنڊ ۾ طوفان جي لَهر آئي، هوڙي سان ٽڪرائجي هلي ويئي ته ناتاري ڪڇي وئي، جيڪا پنجن ڪلاسن کان ڪڇي نه ٿي سا ان لَهر جي ٽڪر سان ڪڇي وئي، پوءِ خَلاصين کي هڪل ڪري چيم.

”ٽنگ مشينون چالو ڪريو“

جڏهن ٽنگ مشينون چالون ٿيون ته هوڙو هڪڙي لَهر کان چڙهيو، ان وقت سمنڊ

جي لَهرن ۾ ايڏو طوفان هو، جو هوڙو اڳتي هلي نہ سگهي. پوءِ طوفان جو زور وڌندو ويو، سمنڊ جي دهشت ايتري وڌي وئي جو هڪڙي ڪلاڪ جي پنڌ تي اسان کي سڄي رات وئي لڳي. سج اپرڻ وارو هو تہ هوڙو حب نديءَ ۾ پهتو. پوءِ اسان بلوچن جي ڳوٺن مان راشن ورتي کاڌو. جڏهن شام جو حب نديءَ کان ٻاهر نڪتاسين تہ سمنڊ جي دهشت ساڳي هئي، اها سڄي رات سمنڊ جي طوفان ۾ هلندا رهياسين، لَهرن جي دهشت ايتري وڌندي وئي جو ان طوفان ۾ هوڙو هليو نہ ٿي. خَلاصين کان رڙيون نڪري ويون.

”ادا! مري وياسين...“

”مون کين آسرو ڏئي همٿائيندي چيو.“

”صبر کان ڪم وٺو... متان سست ٿيو.“

طوفان جو شور ڪنن ۾ گونجندو ٿي رهيو، سواءِ شور جي ٻيو ڪجهہ سمجهہ نہ ٿي آيو... نيٺ اسين ”نر“ ۾ پئجي وياسين، پوءِ ٻي رات جو چئين وڳي ٻَندَر تي پهتاسين. مامو ڇَڇَر ٿڌو ساهہ ڀري سيني ڏسي نهاري چيو.

ادا... جيڪڏهن سمنڊ ۾ طوفان نہ هجي ها تہ اهو ٻن ڪلاڪن جو رستو هو، پر طوفان جي ڪري اسان کي ٻہ راتيون ۽ هڪڙو ڏينهن يعني ڇهٽيهہ ڪلاڪ لڳي ويا. لانديءَ ۾ وينل سيئي ماما ڇَڇَر کي ڏسڻ لڳا. سارنگ مرڪي ماما ڇڇر کان پڇيو. ماما... توهان جي عمر ڪيتري آهي؟

بس ابا.... ڏندن ۾ آهي.

وينلن ۾ ٽهڪڙو مچي ويو. ماما ڇڇر وضاحت ڪندي چيو ابا... جانور ۽ ڍور جي عمر ڏندن ۾ ڏسبي آهي. منهنجو نالو ڇڇر ۽ خچر چون هاڻي پاڻ سمجهي وجو. وري محفلن ۾ ٽهڪڙو مچي ويو. ماما ڇڇر پنهنجي مذاحيہ طبيعت سان سيني کي کلائي کلائي کيرو ڪري وڌو. وڏيرو الهہ جڙيو ٿيمور بہ کلي کلي ڇني مان ٻاهر نڪري ويو. ٿوري جهٽ کانپوءِ جڏهن خاموشي ٿي ويئي.

نور محمد ٿيهمور کي اجان ٻيا ڳوٺ ياد آيا، پوءِ سيني ڏي نهاري چوڻ لڳو:

ڳوٺ الله رکيو رَڇَو (ديهہ ڪڙملڪ، تپو سِيرَ ڳنڍو، يونين ڪائونسل ڪَڙَ مَلڪ) هن ڳوٺ جا ڏهہ ماڻهو طوفان ۾ مري ويا.

ٻن ڄڻن جا لاش ڳريل حالت ۾ مليا، جيڪي پاڻ ۾ پيءُ پٽ هئا. 1. ڪمون رَڇَو. 2. ڪريم ڏنو ولد ڪمون رَڇَو.

باقي انن ڄڻن جا لاش نہ مليا جن جا نالا اعظم ولد محمد رڇو، محمد ابراهيم ولد محمد رڇو (اهي ٻئي ڀائر هئا)، محمد اسحاق ولد محمد مگيو رڇو، آدم ولد محمد يعقوب رڇو، خميسو ولد محمد رمضان رڇو، محمد يعقوب ولد عارب رڇو. ان ڪانسواءِ طوفان ۾ پنجيتاليهہ گهر ۽ تيرنهن هوڙا تباهہ ٿيا ۽ اَٺ چوپايو مال مري ويو.

ڳوٺ بيگ ياڏائي (ديهہ تَل، تپو سِيرَ ڳنڍو)

هن ڳوٺ جا نوَ ماڻهو طوفان ۾ لڙهي ويا، جيڪي هڪ ئي گهر جا هجن ۽ انهن مهاڻن جا لاش ئي ڪونہ مليا.

محمد يوسف ولد عارو پاڏائي، محمد حسن ولد عارو پاڏائي، محمد ولد عارو پاڏائي، محمد هاشم ولد عارو پاڏائي، بلو ولد لوٽائي پاڏائي، دريا خان ولد محمد سومار پاڏائي، محمد يوسف ولد بصريو پاڏائي، محمد عرس ولد اڱارو ملاح، محمد ابراهيم ولد اڱارو ملاح.

ڳوٺ بچو دانڌل (ديهہ لونگا، تپو هاساڻي)

هن ڳوٺ جا پَنجَ ماڻهو طوفان ۾ مري ويا، جن مان ٻن ڄڻن جا لاش مليا.

ڳوٺ عبدالرحمان دانڌل ۽ ڳوٺ بشيراحمد دانڌل. (ديهہ دونهين، تپو هاساڻي)

هي ڳوٺ راج ملڪ جي اوپر طرف هو، سمنڊ جي لَهر چوڏهن فوٽ اُتي، جيڪا هن ڳوٺ کي وڪوڙي وئي، سَتَرِ جي لڳ ڀڳ ماڻهو مري ويا. جن جا لاش مليا، ڪجهہ نالا ياد آهن سي ٻڌايان ٿو.

ياسين ولد شفيع محمد دانڌل، سڪندر ولد ليمون دانڌل، عمر ولد عيسو دانڌل، غلام حسين ولد عمر دانڌل، پرويز ولد عمر دانڌل، زبيده ڌيءَ عمر دانڌل، صغرا ڌيءَ عمر دانڌل، بصر ولد عبدالله دانڌل، عثمان ولد بصر دانڌل، رازق ڏنو ولد بصر دانڌل، لالان ڌيءَ منگهن دانڌل، صفورا ڌيءَ منگهن دانڌل، سَڏان ڌيءَ الهہ ڏنو دانڌل، حاتم ولد بصر دانڌل، اڪبر ولد محراب دانڌل، نسرين ڌيءَ محراب دانڌل، سَمي ڌيءَ پنهون ڏانڌل، شينا ڌيءَ اسلم ڏانڌل، مين ٻائي ڌيءَ قاسم دانڌل، جمعون ولد عبدالله دانڌل، سڪينا ڌيءَ رمضان دانڌل، ڇٽو ولد مارو دانڌل، رفيق ولد بصر دانڌل، ليار ولد بصر دانڌل (جيڪي ٻئي ڀائر هئا) نعيامت ڌيءَ علي محمد دانڌل، نهرالنساءِ ڌيءَ علي محمد دانڌل، مانِ الا ڌيءَ علي محمد دانڌل. نور محمد ٿهيمور ڳوٺا ٽن جا نالا ٻڌايا جيڪي طوفان ۾ پنهنجن ڪان وڇڙي ويا هئا. سيئي ڏک جي ڏور ۾ ويڙهجي ويا. هرڪو اندر ۾ سڏڪا وينو پري پوءِ محمد ٽڌو ساهہ پري چوڻ لڳو. ادا... ڪجهہ ڳوٺ ياد اچن ٿا جن جا ماڻهو طوفان جو شڪار ٿي ويا.

ڳوٺ مامو ملاح (ديهہ ڪاڪ، تڙ ڪلڪاچاڻ تعلقو جاتي) هن ڳوٺ جا ڪل پندرهن ماڻهو فوت ٿيا، جن ۾ ڇهن جا لاش ڳريل حالت ۾ مليا. هن ڳوٺ جا جيڪي ماڻهو فوت ٿي ويا، محمد جعفر ولد جاڪرو ملاح، محمد ابراهيم ولد راوَل ملاح. اهي ٻئي ڀائر هئا، جن جا لاش مليا. مَنو ولد محمد يوسف ملاح هنن جو هوڙو سير ڪريڪ ۾ تباهہ ٿي ويو. عبدالغفور ولد يارو، اصغر ولد بچايو ملاح ۽ عبدالرشيد ولد بچايو اهي ٻئي ڀائر هئا هنن ٻنهي جا لاش مليا. محمد عمر ولد محمد ملاح، غلام ولد ربڏنو ملاح، محمد صديق ولد احمد ملاح ۽ رمضان ولد احمد ملاح اهي ٻئي ڀائر هئا انهن جا لاش ڪونہ مليا. ابڙو ولد گلو ملاح، صديق ولد ابڙو ملاح، اهي ٻئي پيءُ پٽ هئا جن جا لاش بہ

ڪونہ مليا. بخشو ولد عيسو ملاح، مسمات راڻي زال حسين ملاح هن جو لاش مليو هو. اڪو ولد حسين ملاح هن جو لاش بہ مليو هو.

ڪڇهريءَ ۾ وينل فقير رمضان پناڻ چوڻ لڳو. ادا... جڏهن طوفان آيو تباهي مچائي هليو ويو. 15 20 ڏينهن ڪانپوءِ سرڪار اهو اعلان ڪيو تہ، فوت ٿي ويلن جي وارثن کي هڪ هڪ لک رپيا معاوضو ڏنو ويندو. سرڪار پنهنجي طور ڏس پتو لڳايو جيڪي ماڻهو فوت ٿي ويا هئا ۽ انهن جي ملڪيت جو بہ ڪاٿو لڳايو ويو. انهن انگ اکرن ۾ مري ويل مهاڻن جو تعداد ٿورو هو. جنهن ڪانپوءِ نور محمد ٿهيمور سان آءَ گڏجي ڳوٺ ڳوٺ ۽ گهر گهر وڃي پتو لڳايوسين. انهن جا نالا سندن وارثن کان ورتاسين، جنهن ۾ اسان کي ٽي- چار مهينا لڳي ويا هئا.

جاتي تعلقي جا 233 ماڻهو فوت ٿي ويا هئا. جن مان 28 فوتين جي وارثن کي في فوتي جي لاءِ ٽيهہ ٽيهہ هزار روپيہ سرڪار طرفان مليا. بقايا ستر هزار روپيہ ڪنهن بہ فوتي جي وارث کي اڄ ڏينهن تائين ڪونہ مليا آهن. ڪيئي سال گذري ويا آهن ويچارا آسرو رکي رلندا رهيا ۽ وري آسرو پلي ويهي رهيا. 91 فوتين جي وارثن کي لک لک رپيا معاوضو مليوهو. فقيررمضان پناڻ ڳالهہ ڪري ماٺ ٿي ويو. ڪجهہ سوچي وري چوڻ لڳو. ادا.. جن ڳوٺن ۾ تباهي آئي هئي، تن بابت نور محمد ٿهيمور توهان کي ٻڌايو ۽ ڪجهہ ڳوٺن بابت آءَ اوهان کي ٻڌايان ٿو.

ڳوٺ نور محمد چالڪو: هي ڳوٺ عبدالرحمان دانڏل جي پاسي ۾ آهي، هن ڳوٺ جا سورنهن ماڻهو مري ويا، جن جا لاش مليا.

ڳوٺ علي محمد رَڇو (ديهہ ڪَڙَ مَلڪ، تپو سِيرَ ڳنڍو)

هن ڳوٺ جا ٽي ماڻهو فوت ٿي ويا،1. مصري ولد سانوڻ رڇو، 2. گل حسن ولد پنهون رڇو ، 3. ساڄن ولد طيب رڇوانهن ٽنهي جا لاش ڪونہ مليا ۽ ايڪيتاليهہ هوڙا تباهہ ٿيا ۽ ايڪويهہ چوپايو مال مري ويو.

ڳوٺ لال بخش ابڙو_خدا بخش ابڙو (ديهہ سِيرَ ڳنڍو، تپو سِيرَ ڳنڍو)

هن ڳوٺ جا پَنجَ ماڻهو فوت ٿيا، جن جا لاش ڪونہ مليا، 1. غلام حسين ولد محمد ابراهيم ابڙو، 2. عبدالله ولد محمد سومار ابڙو، 3. محمد ابراهيم ولد محمد جمن ابڙو، 4. عبدالرحمان ابڙو، ۽ پنجين جو نالو ياد ناهي.

ڳوٺ حيات ملاح (ديهہ ڏوجو، تپو ڏوجو)

هن ڳوٺ جا ٽي ماڻهو فوت ٿيا، جن جا لاش نہ مليا. انهن ۾ 1. مصري ولد حاجي ملاح 2. اسحاق ولد ابراهيم ملاح 3. فقير ولد عبدالله ملاح هئا.

جاتي شهر: هن شهر جا ٽي ماڻهو مري ويا، جيڪي هوڙن تي مَڇي مارڻ ويا هئا. يوسف ولد علو ملوڪاڻي .ٻيو حنيف شاهہ ۽ ٽئين جو نالو ياد نہ آهي.

ڳوٺ ناٿو سميجو (ديهه ڪاروند، ٽپو سِيرَ ڳنڍو) هن ڳوٺ جا نون ماڻهو مري ويا جن مان ڇهن ڄڻن جا نالا ياد آهن،1. ميڙائو ولد ڇڇر سميجو، 2. حسين ولد اسماعيل سميجو، 3. هاشم ولد جمعو سميجو، 4. گلو ولد عيسو سميجو، 5. اسماعيل سميجو، 6. منٺار ولد عيدو سميجو، باقي ٽن ڄڻن جا لاش ڪونہ مليا.

ڳوٺ حاجي قاسم ٿهيم (ديهه ٺوهاڙ، ٽپو ڪونِي) هن ڳوٺ جو هڪڙو ماڻهو طوفان ۾ مري ويو.

ڳوٺ حاجي ڏونگر جت (ديهه ڊوهاڙ،ٽڙ ڪلڪاڇاڻ تعلقو جاتي) هن ڳوٺ جا ٻہ ماڻهو مري ويا1. آچار ولد پٽڙيو جت، 2. جمعو ولد منل جت ۽ ٻنهي جا لاش ڪونہ مليا.

ڳوٺ راڄ ملڪ (ديهه پونچاري، ٽپو هاساڻي) هن ڳوٺ جو هڪڙو ماڻهو مري ويو.

ڳوٺ طالب رَڇو (ديهه ڇَڇَر ٻارو ٽپو سير ڳنڍو) هن ڳوٺ جا ٽِياسي گهر تباهہ ٿيا.

ڳوٺ ٻچو دانڌل: (هن ڳوٺ کي ڪارو گونگڙو، زيرو پوائنٽ بہ چيو ويندو آهي)

هن ڳوٺ جا پنج ماڻهو فوت ٿيا. 1. مسمات چاڪِي زال اسماعيل رڇو، 2. مسمات حوا زال عثمان رڇو، مسمات جنت ڌيء محمد حسن رڇو، 4. مسمات ناٿي زال گابار رڇو، 5. امير ولد محمد قاسم رڇو.

ڳوٺ بصريو ونگائي (ديهہ گجو)

هن ڳوٺ جا ٽِيهہ گهر پٽ پيا، ٻارنهن چوپايو مال مري ويو، بہ هوڙا تباهہ ٿيا، هڪ سو پنجاهہ ايڪڙ زمين تي تيار فصل تباهہ ٿي ويو.

ڳوٺ حاجي قاسم ٿهيم (ديهہ ڊوهاڙ، تعلقو جاتي)

هن ڳوٺ جو هڪڙو ماڻهو مري ويو هو جنهن جو نالو اسحاق ولد حاجي حسين ٿهيم. هن جو لاش ڪونہ مليو.

ڳوٺ الهڏنو ٿهيم (ديهہ ٽنگو، تعلقو جاتي)

هن ڳوٺ جا ٽي ماڻهو مري ويا جن جا لاش ڪونہ مليا. 1. عثمان ولد عمر ٿهيم، 2. عبدالغفور عرف ڪارو ولد شفيع محمد ٿهيم، 3. محمد يعقوب ولد اسحاق ٿهيم

سائين نور محمد ٿيهمور ڏڪارو ٿيندي ڇوڻ لڳو.

پائو! مهاڻا ايڏو درد سَهندي بہ سمنڊ سان پنهنجو نينهن وارو ناتو ٽوڙين نہ پيا ۽ نيائيندا اڇن.

سارنگ کي خيالن ۾ ڏسندي امير بخش وراڻيو.

”ادا سارنگ! ڇا پيو سوچين...؟“

سارنگ پاڻ کي خيالن مان ڇڏائڻ جي ڪوشش ڪندي، سيني ڏانهن ڳوڙهن پرين اکين سان ڏٺو. سيئي وينل جيڪي اڳي ئي جهريل جيءُ هجن، سي اندر منجهہ سڏڪو پري خاموش ٿي ويا... پوءِ امير بخش ڏانهن سارنگ نهاريندي وراڻيو.

ادا... بس ائين ئي... سائين نور محمد جي ڳالهه بڌي مان انهن ڳوٺن جي پس منظر ۾ هليو ويو هوس ته... باقي بچيل زندگيون پنهنجي عزيزن جي وڇوڙي ۽ وڇ ۾ ڪيئن جيئنديون هونديون۽ ڏينهن راتيون سندن ڪيئن گذرندا هوندا..!؟

امير بخش جت اکين ۾ آيل ڳوڙهن کي هٿ سان اگهي چوڻ لڳو.

سارنگ! اسان سان اهو ئي ته الميو آهي جو روئي سڏڪي، ساهه جي تندن جي تنڻ جي ڳالهه به ڪنهن سان ڪري نه ٿا سگهون... نه ئي ڪنهن کي هن تباهيءَ جي باري ۾ ٻڌائي سگهون ٿا. بس اڄ محفل جو رنگ اهڙو رچي ويو جو سيئي دل ڪولي اندر جي اڌمن جو اظهار ڪري وينا. سائين نور محمد گهڻن ڳوٺن جو ذڪر ڪيو، شايد اهي اٺيهه ڳوٺ هئا، ٻه ان ڪان علاوه، ڪوڙ ٻيا ڳوٺ آهن، امير بخش کي ڪا ڳالهه ياد آئي پوءِ نور محمد ٿهيمور کي چوڻ لڳو.

”ادا... نور محمد....“

”جيءِ.... ادا....“ نور محمد وراڻي ڏني ته امير بخش چوڻ لڳو.

پاڻ واري يار نواز دٻلي ريڙهي مياڻ واري کي سڃاڻين؟ نور محمد مشڪندي، اها کهڙي ڳالهه پڇين پيو. اهو ته پنهنجو پيارو دوست آهي. ڪچهري ۾ وينلن جا ڏيان هنن ڏانهن ڇڪجي ويا. امير بخش ماضيءَ واري واقعي کي ياد ڪندي وراڻيو ادا... ان طوفان ۾ نواز دٻلي جو پاءُ امير دٻلو جيڪو ٻارنهن سالن جو هو. اهو ڳوٺ جي خلاصين سان گڏ ڪاڄَر ڪريڪ ڪان مڇي ماري واپس اچي رهيا هئا ته ان وقت ڪاڄَر ڪريڪ تي ڳوٺ ريڙهي مياڻ وارن جون پنج لانچون ٻيڙل هيون. ناڪئي حسين ولد محمد اڇو جون ٻه لانچون الصدام حسين ۽ بسم الله به هيون انهن ۾ پاڻ به وينو هو انهن ٻنهي لاچن ۾ ڪل يارنهن ماڻهو هئا. جڏهن طوفان آيو ته تخطي سان تخطو نه مليو. نيوي جي هيليڪاپٽرن جيڪي طوفان ۾ قاتل ماڻهن کي ڪڍڻ آيا هئا انهن صرف چئن ماڻهن کي بچائي ورتو جيڪي الصدام لانچ وارا هئا. 1 صديق،2 عزيز،3 علي ۽ هارون جن کي 21-05-1999 تي ڪراچي آندو ويو. باقي ست ڄڻا جن ۾ ناڪئو حسين ولد محمد اڇو، جنهن جي عمرپنجونجاهه سال هئي ملڪائي پاڙي جو هو. 2 محمد صديق عرف ڪَن ڪٽيو ولد محمد عمر ٽيتاليهه سال هئي. 3 هارون ولد حسين موساڻي پنجويهه سال عمر، 4 عزير ولدحسين ونگائي ويهه سال عمر، 5 سڏير ولد بخر جلالاڻي عمر ارڙنهن سال، 6 هارون ولد حمزو طالباڻي سترنهن سال عمر ۽ ستو امير دٻلو ولد عبدالله دٻلو عمر ٻارنهن سال جيڪو سيني ڪان ننڍي ۾ ننڍو هو ۽ ٻئي ڪلاس ۾ پڙهندو هو سي لهرن جي ور چڙهي ويا. باقي ٽي لانچون اهي به ريڙهي مياڻ جون هيون، ڪل سٺ ماڻهو لاپتا ٿي ويا. اها ڳالهه ٻڌي هرڪو ماٺ ۾ پئجي ويو. پوءِ امير بخش چوڻ لڳو. ادا... انهن سٺ مهاڻن مان ڪجهه جا نالا ياد اچن ٿا.

اڪرم، حسن عرف جمعو، ناڪئو صديق عمر، يونس، آچار، حسين، عبدالله، حمزو، مصطفیٰ، عثمان، ناڪئو حسن، يوسف عرف جوسو، غلام مصطفیٰ، حمزو عرف جمعو، موسو، عبدالله عرف وڪيو، علي محمد، محمد عرف علو، محمد صفر، اڪرم ولد حاجي محمد صديق، صالح، رشيد، صديق عرف صفر، علي محمد، عمر، يعقوب، اسماعيل، يوسف ۽ ٻيا ٻہ خلاصي هئا. ريڙهي مياڻ جون باقي لانچون الملڪ، الرياض ۽ الله ملايو هيون.
ڳوٺ عبدالرحمان ٿيهمور: هن ڳوٺ جا چار ماڻهو فوت ٿيا، ويهہ چوپايو مال مري ويو، ٽيانوي گهر تباهہ ٿيا ۽ چوڏهہ هوڙا تباهہ ٿيا.
ڳوٺ ابراهيم رَڄو: هن ڳوٺ جا اسي گهر تباهہ ٿيا.
ڳوٺ ملير ٿيهمور: هن ڳوٺ جي مهاڻن جا هڪ سو ڏهہ هوڙا تباهہ ٿيا، ڏهہ چوپايو مال مري ويو ۽ پنجاهہ گهر پٽ پيا.
ڳوٺ گل ٿهيم: هن ڳوٺ جا ٽيهہ گهر پَٽَ ٿيا، ٻہ هوڙا تباهہ ٿيا، هڪ سو نوي چوپايو مال مري ويو، ڏهہ مِٺي پاڻي جا کوهہ کارا ٿي ويا ۽ ٻہ مَڇيءَ جا تلاءُ ختم ٿي ويا. امير بخش کي ڳوٺ ياد آيا، پوءِ چوڻ لڳو.

ادا، تعلقو شاهہ بَندَر بہ هن طوفان کان بچي ڪونہ سگهيو. هن تعلقي ۾ جن ڳوٺن ۾ جاني ۽ مالي نقصان ٿيو تن جو ذڪر ڪرڻ صحيحح ٿيندو.
ڳوٺ عمر پَٽيل: هن ڳوٺ جا سترهن گهر پَٽَ پيا ۽ ٻہ هوڙا تباهہ ٿيا ۽ پيئڻ جي پاڻيءَ جو هڪڙو تلاءُ کارو ٿي ويو.
ڳوٺ اسماعيل اپلاڻو: هن ڳوٺ جو هڪڙو ماڻهو فوت ٿيو، گهر پٽ پيا، چوپايو مال مري ويو ۽ هوڙا تباهہ ٿيا.
ڳوٺ حاجي صالح سمگڻ: هن ڳوچ جا چار ماڻهو مري ويا، گهر پٽ پيا ۽ ٻہ هوڙا تباهہ ٿيا ۽ چوپايو مال مري ويو.
ڳوٺ وڏيرو گل محمد اپلاڻو: هن ڳوٺ جا ٻہ ماڻهو فوت ٿيا، اٺ هوڙا تباهہ ٿي ويا، پنجاهہ مِٺي پاڻيءَ جا کوهہ کارا ٿي ويا ۽ نَوي انبن جا وڻ تباهہ ٿي ويا. اسان جا مهاڻا جيڪي هوڙن ۾ سمنڊ ۾ هجن، سي هوڙن سميت طوفان ۾ تباهہ ٿي ويا، ڪين خبر ئي نہ پيئي تہ ڪو ايڏو طوفان ايندو ۽ ڪک پن نہ رهندو. امير بخش جت ٽڌو ساهہ پري وري چوڻ لڳو.

جڏهن مهاڻا سمنڊ ۾ بي خوف ٿي مَڇي مارڻ ويندا آهن. ڪين اها خبر هوندي آهي تہ سمنڊ جون بي رحم لَهرون موت جيان پيڇو ڪنديون رهن ٿيون. مُهاڻا پوءِ بہ موت جهڙين لَهرن ۾ بي خوف نهاريندا ۽ مَڇي ماريندا آهن. ڀلا ڪير اڪين سان موت کي سامهون ڏسندي بہ بهادريءَ سان پنهنجي ڪرت ڪندو؟ ڪوئي نہ... پر اهو مهاڻو هن مٽيءَ جو ماڻهو، جنهن پنهنجي وجود کي خوف ۾ اچڻ نہ ڏنو ۽ خطرن سان ڪيڏڻ شروع

ڪيو. اهي مهاڻا موت جي منهن مان ٿي پنهنجي جياپي واري مَڇي ڪڍي ايندا آهن، ڪين ٻچڙن جي بک واري احساس ايڏو بهادر بڻايو آهي.

اسانجي ڳوٺ جان محمد جت جا پنج مهاڻا جن ۾ حسين پٽ بيهن، ٻيو صديق پٽ عمريو، ٽيون آچار پٽ عمريو.

انهن کي پندرهن سال ٿي ويا آهن، جيڪي انديا جي مختلف جيلن ۾ قيد آهن، جن کي اجان ڇڏيو ڪونہ ويو آهي. اسان جي ڳوٺ جا ٻہ ٻار امير بخش سولنگي جنهن جي عمر ست سال هئي، هن کي انديا جي جيلن ۾ ڇهہ مهينا ڪن ٿيا آهن. ٻيو ڇوڪرو ڪاتيار هو، اهو چوٿين ڪلاس ۾ آٿرڪيءَ ۾ پڙهندو هو.

سمنڊ ۾ مَڇي مارينڌڙ مهاڻا سدائين سورن ۾ آهن. مَڇي مارڻ وقت ڪين اهو خوف هوندو آهي تہ پاڪستاني حدن ۾ انديا جي نيوي وارا اچي اسانکي پڪڙي نہ وجن.

لانڍيءَ ۾ هڪڙو نوجوان آيو، تنهن کي وڏيري جڙيو ٽيهمور آواز ڏنو... وڏيرو اٿيندي ان نوجوان کي چيو.

توهين مهمانن جا هٿ ڌوئاريو، آءٌ ماني ڪٽائي ٿو اچان.

امير بخش ڪجهہ سوچي چوڻ لڳو. ادا... جيستائين ماني اچي، آءٌ هيل تائين سمنڊ ۾ آيل طوفانن بابت ٻڌائيندس.

عربي سمنڊ ۾ طوفان هوندا ئي آهن. جيڪي طوفان اسان جي ساحليءَ پٽيءَ تي آيا، تن بابت سائين عزيز جعفراڻي پنهنجي ڪتاب "تاريخ جاتيءَ جا نوان ورق" ۾ جيڪو 2003ع ۾ شايع ٿيو، ان ۾ ذڪر ڪري ٿو:

عربي سمنڊ 1864ع کان وٺي 1889ع تائين جي عرصي ۾ گهٽ ۾ گهٽ 54 طوفان آيا. پاڪستان ٺهڻ کانپوءِ 1964ع ۾ هڪ وڏو طوفان آيو، جنهن ڪري ساحليءَ پٽيءَ (علائقي) ۾ رهندڙ چار سئو مهاڻا مري ويا، ٻن لکن جي لڳ ڀڳ ڍور مري ويا، ان کان علاوه پنجاهہ هزار گهر مڪمل تباهہ ٿي ويا.

1881ع کان 1970ع تائين جي عرصي ۾ 98 سامونڊي طوفان آيا، 18 جون 1898ع ۽ ان کان پوءِ 1952ع تي اچڻ وارن طوفانن جو رخ ڪراچيءَ جي طرف رهيو، انهن ٻنهي طوفانن ڪراچيءَ جي ڏاکڻي علائقي ۾ وڏو نقصان پهچايو. ان کان پوءِ 6 جون 1952ع تي سمنڊ ۾ ايندڙ طوفان ڪراچيءَ جي اولهہ وارن علائقن کي نقصان پهچايو. 16 جون 1957ع تي پڻ ڪراچي طرف طوفان آيو. 20 مئي 1999ع تي آيل سامونڊي طوفان ٺٽي ۽ بدين ضلعي ۾ وڏي تباهي آندي، جيڪو 19 مئي خميس ڏينهن صبح جو سوير سخت مينهن سان گڏ سون مياڻي کان ڪيٽي بَندَر تائين لڳندو آيو.

انهيءَ طوفان کي موسميات کاتي طرفان سائيڪلون ٿو جي جو نالو ڏنو ويو. ان وقت هوا هڪ سئو کان 125 ڪلوميٽر في ڪلاڪ جي رفتار سان لڳي رهي هئي.

ساموندي وير چڙهڻ جي ڪري ڪيترائي ڳوٺ پاڻيءَ جي هيٺ اچي ويا، سمنڊ ۾ ڪيترائي هوڙا هڪٻئي سان ٽڪرائجي ويا. شاهه بَندَر تعلقي ۾ ڳوٺ حاجي عبدالغني جت، ڪوڏيارو شريف، ڳوٺ حاجي علي محمد، ڳوٺ عثمانجت، ڳوٺ يوسف جت، ڳوٺ اسحاق جت، ڳوٺ صالح محمد جت ۽ ٻيا ڪيترائي ڳوٺ پاڻيءَ هيٺ اچي ويا.

ڊيلٽا واري علائقي جون ديهون ڪوبر، جادو، ڪاريون، ترساڻ، حجامڙو مڪمل ٻڏي ويون، جڏهن ته ڳاڙهو، سجڻ واري، ٻاٻيهيون، ڏانڌاري، ساڪرو، ٻهارا، ڪاروچاڻ، جوهر، گرنار، لوڏاٽو، شاهه بَندَر، ڪوڏياريون، چڇ جهان خان سخت متاثر ٿيون. جڏهن ته سڀ کان زياده تباهي جاتي تعلقي ۾ آئي. ڳوٺ عبدالرحمان دانڌل، طالب رَڄَو، علي محمد رَڄَو، ڳوٺ الله رکيو رَڄَو، طوفان ۾ پنهنجو وجود وڃائي وينا. شاهه بَندَر تعلقي جا ٻيا ڳوٺ جيڪي سخت متاثر ٿيا تن ۾ باگاڻا، جونگو جلباڻي هئا.

ساموندي پٽيءَ ۾ طوفان 15 اپريل کان پوءِ 15 جولاءِ تائين ان کانپوءِ 15 سيپٽمبر کان 15 ڊسمبر تائين اچن ٿا.

امير بخش ائين چئي ماٺ ٿي ويو. هن جي نگاهه در جي طرف هلي وئي، ايتري ۾ ڪي نوجوان لانڍيءَ ۾ ماني کڻي آيا.

***

سج جا ڪرڻا زمين جي مٿان آرس پيچڻ لڳا. هوا ديوين جي وٽن منجهان شور ڪندي گذرندي وئي ٿي. سارنگ جي نگاهه هڪ ڳوٺ جي ٻاهران ڪورن جي مٿان پئي، ڪن ڪورن جي پاسن مان دونهون ٿي نڪتو تہ ڪن جي ٻاهران ڪاٺين جا ڍڳ لڳا پيا هئا. علي نواز اسڪوٽر جي رفتار جهڪي ڪندي سارنگ کي چيو.

ادا... اسين ڳوٺ محمد ملا ٽيهمور کان گذرون پيا، هت ڪيترن ئي ڳوٺن جي ٻاهران ڪورا ڏسندا، بس غريب ماڻهن جو گذر ٿيو وڃي. سارنگ ڪورن ڏانهن ڏسندي علي نواز کي چيو.

”نواز! هلي ڏسون... ڪورا ڪيئن آهن...؟“

نواز مشڪي ڪيس وراڻي ڏني تہ سارنگ! آءٌ ڪورن بابت توکي ٻڌايان پيو. علي نواز ڪورن جي طرف نهاري ڳوٺ کان ٻاهران نڪرندي جڏهن اسڪوٽر ڪلراٺي زمين تي هلائڻ لڳو تہ نواز ڪورن جي ڳالهہ ڪئي.

سارنگ! اهي ڪورا ڪوئلي ناهڻ وارا آهن، جن ڪورن جي پاسي ۾ ڪاٺيون ڏٺيون اهي اڪثر ڪري ديوين ۽ ٻٻر جي وٽن جون هونديون آهن، تن ۾ سڪيون ۽ آليون بہ ٿين، سي ڪوري منجهہ سڌيون سڌيون رکبيون آهن، تن ڪاٺين جي مٿان سنهين ڪاٺين جو گهاٽو تہ ڏبو آهي، تنهن کان پوءِ ڪوري جي ٽوپيءَ ذريعي ٽانڊو دڪائي چڏبو آ، جيڪو سنهين ڪاٺين جي تہ مٿان پيو دڪندو آهي ۽ اتي ئي ٽانڊو دکي دکي هيٺ تر ۾ڪرندو رهندو آهي، پر ڪاٺين کي ساڙيندو ڪونهي ۽ ڪاٺيون اتي جو اتي ساڳي حالت ۾ جيئن رکيو ويون هجن تيئن ئي بيٺيون هونديون آهن ۽ ڪوئلو بڻجي وينديون آهن. جي واءُ جهجهو هوندو تہ ٻن ڏينهن ۾ ڪوئلو تيار ٿي ويندو، نہ تہ چار کان پنج ڏهاڙا لڳيو وڃن.

ائين چئي علي نواز اسڪوٽر جو رخ موڙي هلائيندو سير درياءَ کي پار ڪيو تہ سارنگ جي نگاهہ هڪ ڳوٺ جي ٻاهران ڪوري تي پئي، جتي هڪڙو ماڻهو سوراخ بند پيو ڪري. علي نواز ان ڏانهن ڏسي ڪنڌ ورائي سارنگ کي ڏسي هٿ سان ڪوري جي طرف اشارو ڪري چوڻ لڳو.

ادا... هي ڳوٺ حاجي رمضان ٿهيم جو آهي، جيڪو ماڻهو ڪوري وٽ ڏسو پيا، هومارا يعني سوراخ بند پيو ڪري، ان کي مستري چوندا آهن، اهو جڏهن محسوس ڪندو آهي تہ ڪوري منجهہ ڪاٺيون ڪوئلو ٿي ويون آهن، پوءِ پاڻيءَ جو پوچو ناهي مارا

(سوراخ) بند ڪندو، جيڪي ڪوري جي پاسن ڪان هوندا آهن.

علي نواز ائين چئي ڪنڌ ورائي سارنگ کي ڏسي پنهنجو خيال اڳيان ڪندو گاڏي هلائيندو سارنگ کي چيو.

ادا... مستري مارا بند ڪرڻ کان پوءِ مٽيءَ جو سنهڙو راڳو ناهي ڪوري جي مٿان ڏيندو، جيئن ڪوئلو ٺڏو ٿي وڃي، پوءِ هڪڙو ڏينهن ڇڏي ٻئي ڏينهن ڪوري کي کوليندو آهي ۽ ڪانيون سڌيون جيئن ڪوري منجهه وڌيون ويون هيون تيئن ئي ٻاهر ثابت ڪڍندو ويندو. پوءِ شهر ڪان واپاري ايندا، جن ۾ اڪثر پناڻ هوندا آهن، سي ڳوناٽن کان سئو رپيا مڻ جي حساب سان ڪوئلو وٺي، ٽرڪون ڀرائي وڏن شهرن ڏانهن ڪٽائي ويندا آهن. اهو ڪوئلو اتي اڍائي سئو رپيا مڻ يا ان کان مٿي وڪرو ڪندا آهن.

امير بخش ۽ نور محمد جيڪي اڳيان هئا، سي پير واري ڳوٺ ۾ داخل ٿيا، اسڪول وٽ پهچي لهي بيٺا، علي نواز گاڏيءَ جي رفتار جهڪي ڪندي سارنگ کي چوڻ لڳو.

ادا... ڳوٺ الهڏنو ٿهيم رسيا آهيون. اسان جو دوست سائين محسن ٿهيم جو ڳوٺ آهي ۽ جنهن اسڪول وٽ امير وارا بيٺا آهن اتي پڙهائيندو آهي. شايد... چانهه چڪو پي پوءِ هلندا. علي نواز اڃي پنهنجي اسڪوٽر بيهاري، هڪڙو نوجوان جنهن کي ڪاري ڏاڙهي ۽ مٿي تي ناسي رنگ جي ٽوپي پاتل هئي، تنهن مشڪندو اچي هنن سان هٿ ملايو ته ان جو تعارف ڪرائيندي علي نواز چيو.

سارنگ! سائين محسن ٿهيم اهو آهي، جنهن وٽان چانهه پي هلنداسين.

نواز! ڪوڙ چاهيون، جهجهيون چانهيون... اچو ويهو. سيئي ڪرسين تي ويهي رهيا. سائين محسن ٿهيم مشڪندو، خوش ٿيندو گهر ڏانهن هليو ويو... پنجن ڇهن منٽن کانپوءِ واپس وريو، ڪيس ٿورو سست ڏسندي امير بخش چيس.

سائين محسن! پريشان پيا ڏسجو... خير ته آهي؟

ها... ادا... خير آهي... ماسيءَ حڪيمان جي طبعيت نيڪ ڪانهي، الائجي ڪنهن چيس ”اخبار ۾ آيو آهي ته ساموندي طوفان اچڻ وارو آهي.“

اهو ٻڌندي، گهران نڪرندي ڊوڙندي سڏ ڪن فاصلي تي مسجد ۾ ويهي رهي، تنهن کي گهر وارا دلاسا ڏئي، ”ماسي طوفان ڪونهي.“ ائين چئي گهر وٺي آيس. امير بخش ڏکارو ٿيندي محسن کي ڏسي چيو.

يار... اڃان تائين اسان جون امڙيون اهو صدمو وساري نه سگهيون آهن، ڪئين سال گذري ويا.

پائو... جن کي صدمو رسيو هوندو، سي ڪٿي ٿا سک سان هلي ڦري سگهن.

اهي لفظ ٻڌي سارنگ جي دل ڀرجي آئي، ڪرسي سوري سائين محسن جي ڀرسان اچي چوڻ لڳو.

سائين! توهين ماسيءَ حڪيما جي باري ۾ ۽ ان واقعي بابت ڪجهه ٻڌائيندا؟

سارنگ جي اهڙي سوال تي سائين محسن خاموش ٿي ويو، پوءِ ٿڌو ساهه ڀري چوڻ لڳو.

جڏهن طوفان آيو، اسان جو سڄو ڳوٺ تباهه ٿي ويو، ڪا به شيءِ بچي ڪانه، رڳو سر بچائي ڳوٺ وارن مسجد ۾ پناهه ورتي. هي ڳوٺ ديهه ٽنگو ٽپو ڏوجو، يونين ڪائونسل ڪوني ۾ آهي. هينئر ڳوٺ ڏسو پيا، اهو ٻيهر نئين سر ڳوٺ وارن جوڙيو آهي.

سائين محسن ٿهيم ڪجهه سوچيندي وري چيو.

ادا... هن ڳوٺ جا ٽي ماڻهو طوفان ۾ مري ويا. محمد عثمان ٿهيم ولد محمد عمر ٿهيم. ٻيو عبدالغفور ٿهيم ولد حاجي شفيع محمد ٿهيم. ٽيو ايوب ٿهيم ولد اسحاق ٿهيم. طوفان جي اچڻ کان اڳ اسان جي ڳوٺ جا ڏهه پندرهن هوڙا درياءَ تي ويا هئا، سي ٻانڊو ۽ حرامي ڍورو اهي سير ڪاري ۾ آهن. هوڙا تن تان ڍورن سمنڊ ۾ ويا ها، صفر جي ٽين تاريخ تي جوئار ختم ٿي، سڀ هوڙن وارا واپس ڳوٺ اچي ويا، باقي ناڪئو محمد عثمان جو گذارو ڪونه ٿيو هو. اهو سمنڊ منجهه رهجي ويو، سندس هوڙي ۾ چار خَلاصي هئا.

عبدالغفور ٿهيم، ايوب ٿهيم، قاسم شاهه، قاسم ٿهيم ۽ پنجون پاڻ هو. هي سمنڊ ۾ هلندا رهيا، اوچتو طوفان آيو، سمنڊ جي تيز لَهرن تي هوڙو ڦيرا ڪائيندو رهيو، طوفان اهڙو هجي جو هڪٻئي کي ڏسي نه سگهيا.

قاسم شاهه ۽ قاسم ٿهيم جيڪي تارو هئا، سي سمنڊ ۾ ٽپو ڏئي تري ڪناري تي تمر جي وڻن کي مضبوطيءَ سان پڪڙي ويهي رهيا. عبدالغفور ٿهيم ۽ ايوب ٿهيم ٻئي اڻ تارو هئا، تن ڪافي وقت تائين لَهرن سان مقابلو ڪيو. هوڙو آسيرو پاسيرو ٿيندو، نيٺ هي سمنڊ ۾ ڪري پيا. ناڪئو محمد عثمان هوڙي ۾ هو. نيٺ تنهن کان به هوڙو ڇڏائجي ويو... ڪيس لَهرون ڦيرائيندڀون رهيون، هي تري اچي جيئن ڪناري جي ڀرسان آيو ته هن قاسم شاهه ۽ قاسم ٿهيم کي ڏسندي پڪاريو، اهي آواز ٻڌندي به خوف کان تمر جي وڻن منجهان هٿ ڪڍن نه پيا. هٿ ڪڍڻ سان ڪين پنهنجي موت جو خوف ورائي ٿي ويو. طوفان تيزيءَ سان هلي رهيو هو، محمد عثمان کي وري لَهرون پاڻ سان سمنڊ جي طرف ڌڪي ڪٽي ويون.

صبح جي وقت طوفان ختم ٿيو. سج ٻاهر نڪري آيو، قاسم شاهه ۽ قاسم ٿهيم ڳوٺ اچي رسيا. تن ٻڌايو تہ ”توهان جا همراهہ ٿئي هوڙي سوڌو ٻڏي ويا، وڃو تن جا لاش ڳولي ڪڍي اچو.“

جيئن ئي اها خبر ٻڌي سون، ٽيهہ ماڻهو ٻن هوڙن منجهہ چڙهي سمنڊ ۾ پنهنجن جا لاش ڳولڻ وياسين، اسان سان ايوب ٿهيم جو پيءُ اسحاق ٿهيم ان وقت جنهن جي عمر سَٺِ سال هئي سو سمنڊ ۾ هلندي هلندي جنهن لاش کي ڏٺو ٿي ان کي چنبڙي ٿي پيو... جڏهن خبر ٿي پيس اهو لاش سندس ايوب پٽ جو ڪونهي پوءِ دانهون ٿي ڪيائين. سمنڊ ۾ لاش ئي لاش ترن پيا. هزارين مهاڻن جون زندگيون ڳريل، سُڃيل ڏٺيون سين، اهو سڄو ڏينهن هلياسين. ٿنهي مان ڪنهن جو لاش ڪونہ مليو، پوءِ رات جو واپس آياسين، وري ٻئي ڏينهن اسين سمنڊ ۾ وياسين. سِيرَ درياءَ منجهہ ڪنڊڙو ڊوري تي پهتاسين، اتي هوڙو ٽٽل حالت ۾ ڏٺوسين... اسين ان هوڙي مان موٽر ڪڍي، ٽورو اڳتي وياسين، ڪناري تي محمد عثمان جو لاش نظر آيو، جنهن جو هڪڙو هٿ تمر جي وڻ ۾ هو، باقي ٻن ڄڻن جا لاش ڪونہ مليا. ايتري ۾ هڪڙو ڇوڪرو اسڪول ۾ چانهہ کڻي آيو، پر سيني جي دل ڪوماڻيل هئي. سارنگ چانهہ پيئڻ کان انڪار ڪيو. ۽ سائين محسن ڏانهن پنل اکين سان ڏٺائين، پوءِ سائين محسن ڳالهہ اڳتي واري ٻڌائڻ لڳو.

ادا.... اسين پنهنجن جا لاش ڳوليندا رهياسين، مهيني کان پوءِ جنهن هنڌ ناڪئو عثمان جو لاش مليو هو. ان کان ٿورو اڳيان عبدالغفور ٿهيم عرف ڪارو جنهن جو هڏائون پڃرو مليو. ان جي قميص وڻ ۾ ٽنگيل هئي، شايد... ڪنهن هن جي قميص لاهي ٻڏي ڇڏي هئي، متان مٺ مائٽ ۽ عزيز قميص جي وسيلي پنهنجي کي سڃاڻي کڻي وڃن.

اسان قميص کنئي سون، هڏن کي ڏسندا رهياسين. حاجي شفيع ٿهيم جيڪو منهنجو سهرو هو. رڙ ڪري چيو هي منهنجو ٻچڙو آهي، تنهن هڏن ۾ قاتل واڇ کي ڏسي پٽ کي سڃاتو، جيڪا واڇ هن پٽ کي حج تان موٽي اچي ڏني هئي. اها واڇ ڏسي روئڻ ۽ رڙيون ڪرڻ لڳو. باقي هڪ ڄڻي جو اڃان تائين لاش ڪونہ مليو آهي.

ايوب جي ماءُ حڪيما پٽ جي هڏڙن کي ڏسي چري ٿي پئي آهي، اڄ تائين پٽ جي صدمي کي وساري ناهي سگهي. هن وقت بہ جي اها خبر ڪير ٻڌائيندس تہ ماسي

حڪيمان طوفان پيو اچي تہ پوءِ هوءَ چرين جيان گهران نڪري ويندي، ڊوڙندي مسجد ۾ وڃي ويهي رهندي. قرآن ڪڻي پئي پڙهندي، جڏهن تہ پڙهيل بہ ڪونهي، ائين پئي ورق اٿلائيندي ۽ روئيندي رهندي. پوءِ ڳوٺ وارا اهو چئي گهر وٺي ايندا اٿس تہ ”اهڙي ڪا ڳالهہ ڪانهي“ پوءِ دلاسا ڏئي وٺي ايندا آهن، جيڪي تئي ڄڻا طوفان ۾ فوت ٿي ويا تن ۾ عبدالغفور عرف ڪارو منهنجو سالو هو، ٻيو منهنجي گهر واريءَ جو مامو ۽ ٽيون ماسات هو.

ڪجهہ ٻيا ڳوٺن وارا اچي ڪچهري ۾ ويٺا... سائين محسن کي ڪا ڳالهہ ياد اچي وئي، سيني ڏي اهڙي انداز سان ڏنائين، ڄڻ ڪين چوندو هُجي ”ويهو... وڃو نہ“ پوءِ ٿڏو ساهہ ڀري چيائين.

ادا... اسان جي ڳوٺ کان ٽي ڪلوميٽر ڏکڻ طرف ڪلڪان چاڻي جي ڊنڊ جي ڪناري تي ڳوٺ يوسف شاعر ملاح، ديهہ ڊوهاڙ، تپو ڏوجو، يونين ڪائونسل ڪوني، هن ڳوٺ جا نوَ ماڻهو ۽ هڪ معصوم ٻار شبو ٿهيم جنهن جي عمر اَٺ سال هئي، هي ڪل ڏهہ ڄڻا ريتي هوڙي ۾ چڙهي درياهہ منڊڙيءَ کان ٻڌي سر ويا، اوچتو طوفان آيو، ريتي هوڙو ٻڏي ويو. طوفان ۾ سمنڊ جي تيز لهرن ڏهن مهاڻن کي چولين جي ذريعي ٻڌي سر جي ڪناري تي رسايو، جيڪي زخمي ٿي پيا . طوفان تيز هلندو رهيو، هنن تمر جي وڻن جي ٽارين ۾ هٿ وجهي پوءِ پاڻ کي هڪٻئي سان ٻڌائون. نون ملاحن چا ڪيو جو وچ ۾ معصوم ٻار شبو ٿهيم کي ٻڌي ڇڏيو. جڏهن ٻئي ڏينهن طوفان ختم ٿيو، سج ايريو تہ چوڪرو شبو ٿهيم چا ڏسي تہ سندس سيئي ساٿي فوت ٿي چڪا هئا. هي انهن جي لاشن کي ڏسي ڊپ مان اٿي ڀڳو ۽ ڊڪندو رهيو. ڪيس اڃ ۽ بک بہ تنگ ڪيو هُجي. ڪناري سان هن کي پاڻيءَ جي ڊمي سمنڊ ۾ ترندي نظر آئي، جا ڪناري سان لڳي هلندي رهي. شبو جي نگاهہ جيئن ڊميءَ تي پئي، هن همت ڪري اها ڊمي ٻاهر ڪڍي ان جو ڍڪ کولي پاڻي پيتائين تہ ڪجهہ ساهہ پيٽ ۾ پيس، پوءِ هيڏانهن هوڏانهن نهارڻ لڳو. ايتري ۾ ڪيس سمنڊ ۾ هوڙا نظر آيا، جيڪي پنهنجن پيارن جي لاشن کي ڳولڻ جي لاءِ نڪتا هئا. هن قميص لاهي رامتو ڪري هوڙن وارن کي آواز ڏنو، جڏهن هوڙن وارا ڪناري تي آيا، جيڪي هن جي ئي ڳوٺ جا هئا. انهن شبو کي سڃاتو، ڪائنس پڇيائون .

”تون... هت اڪيلو ڪيئن؟؟

شبو انهن کي نون لاشن جي ڳالهہ ڪئي ۽ چيو.

”لاش ڪٿو.“

نہ... اسان سان هل توکي ڳوٺ رسايون... اسين ٻين جا لاش ڳولي وٺون.

هوڙي وارن شبو کي ماني ڪارائي ڪيس پاڻي پياريو، شام جي وقت ڪيس ڳوٺ وٺي آيا. شبو ڳوٺ وارن سان سڄي حقيقت ڪئي، آءٌ بہ اتي هوس ، پوءِ ڳوٺ وارا هوڙا

ڪاهي ويا ۽ ٽوَنِ ملاحن جا لاش ڪٽي آيا. نور محمد ٿهيمور جي موبائيل جي گھنٽي وڳي، جڻ ننڊڙو ٻار ٺهڪ ڏئي. سيني جا ڏيان هن ڏانهن ڪڇي ويا. نور محمد پاڻ بہ مُرڪي وينو. ڪيسي مان موبائيل فون ڪڍي، ڪَن تي رکي ڳالهايو.

”هيلو، ڪير؟“

”ها، ها. اسان اڃون ٽا.“

”توهان مهمانن کي ويهارجو، سڌ پنڌ تي آهيون. ڏهہ- پندرهن منٽن ۾ رَسي ويندا سين.“

ايئن چئي نور محمد موبائيل فون بند ڪري نواز ۽ امير بخش ڏانهن نهاريندي چيو: ”ادا! روپا ماڙي ۽ گولاڙچيءَ کان دوست آيا آهن، سي آفيس ۾ وينا انتظار پيا ڪن. هاڻ هلو. پوءِ نواز، امير ۽ نور محمد سنگت کان موڪلايو. نور محمد اسڪوٽر چالو ڪري امير بخش کي پويان ويهاريو. نواز اسڪوٽر چالو ڪري سارنگ کي پنيان ويهاريو ۽ جاتي شهر طرف هلڻ لڳا. ڏهن- پندرهن منٽن ڪانپوءِ هي جاتي شهر ۾ داخل ٿيا. ٽاٽي واري گهٽي وٺي آفيس ۾ آيا. نور محمد مهمانن کي ڏسندي خوشيءَ مان سيني کي ياڪر پائي مليو. پوءِ ڪچهري مچي ويئي. ڪچهريءَ هلندي نهال خان راهمون، جنهن جي عمر 60 سالن کان مٿي هئي، مٿي تي ڳاڙهي ۽ ناسي رنگ جي سنڌي ٽوپي پاتل هئس. هن ٽوپي لاهي اڃن ۽ ڪارن وارن تي هٿ ڦيري، وري ٽوپي مٿي تي رکي، پر ۾ وينل دوست کي چيو: ”يار! واهُ اهڙو گهُليو آهي جو خبر ئي ڪانہ ٿي پوي تہ اڳي پڪي پوڙهي ۽ ڏاڙهيءَ واري کي هٿ ۾ تسبيح هوندي هئي، پيا ٻاڏائيندا هئا. هاڻ جنهن کي ڏِس، بازار ۾، چوڪ ۽ چوواٽن تي، هٿ ۾ پلاسٽڪ جي دٻلي اٿن. ڪنهن وقت ڪَن تي، تہ ڪنهن وقت وات تي رکيو پيا ڳالهائيندا.“

نهال خان جيئن جملو پورو ڪيو تہ ٺهڪڙو مچي ويو. ايتري ۾ نهال خان جي سامهون وينل همراهہ چيو: ”ادا! ان بائيل نياڳيءَ ۾ الائجي ڪهڙو اثر آهي جو هرڪو چرين وانگيان پنهنجي ليکي ڪِلي ۽ ڳالهائي پيو. توهين شهرن کي ڇڏيو، ٻهراڙين ۾ ٻار ۽ عورتون گاهہ ڪندي ۽ لاباري تي ويندي اها بائيل اٿن.“

نهال خان ڪيس مُرڪي موٽ ڏني: ”اڙي ادا منل! اها بائيل ناهي، موبائيل آهي موبائيل!“

”نهال خان! بائيل هجي يا موبائيل، انهي نياڳيءَ ننڍي وڏي کي ڪوڙ سيکاري ڇڏيو آهي. وينا هڪ جاءِ تي هوندا، ڏس ٻِي جاءِ جو ٻڌائيندا. ڪالهہ وين ۾ آيس پئي تہ هڪ همراهہ اها پلاسٽڪ جي دٻلي ڪڍي اُبتا سُبتا انگ آگر سان ملائي ڪَن تي رکي ڳالهايو: ”ادا جعفر! آئون ٽن ڏينهن کان بستري تي آهيان، گهران نڪري نہ سگهيو آهيان، مهرباني ڪري سؤ روپين جو بئلينس موڪل، پوءِ رات جو ڳالهائينداسين.“ اها ڳالهہ ٻڌي سيئي وينل خاموش نگاهن سان ڪيس ڏسڻ لڳا، پر همراهہ نَڪ جو اهڙو پڪو

هو جو تہ اڪَ ئي نہ پيو چنيي. ڪجھ گهڙين ڪانپوءِ اُن همراھ جي موبائيل جي گهنٽي وڳي. ڪن تي رکي مُرڪي ڳالهايائين: ”ادا جعفر! مهرباني!“

”هاڻ ڏِسو، اها پلاسٽڪ جي دٻلي ڪهڙا ڪهڙا ڪم ڪري ٿي، پلا ڪوڙ ڪي ڪو پڪڙي ڏيڪاري. وينا مائيءَ جي پاڪر ۾ هوندا، چوندا نماز پڙهڻ پيو وڃان.“ منل جي ڳالھ تي هر ڪنهن ڪان ٺهڪ نڪري ويو. وري منل چوڻ لڳو: ”ادا! نماز جي ڳالھ نڪتي آهي تہ توهان کي مکڻ ملاح جي ڳالھ ٻڌايان ٿو. مکڻ ملاح منهنجو پڳ مَٽ يار آهي. هاڻ پيريءَ ۾ پير جهليو وينو آ، گهران نڪري ڪونہ. ڪجھ وقت اڳي گهر ۽ مسجد واري گهٽيءَ ۾ ڏسبو هو.“ اها ڳالھ ٻڌي نهال خان حيرت مان مِنل کان پڇيو: ”يار منل! مکڻ اهڙو لاچار ٿي پيو آ ڇا؟“

”ادا نہ، مکڻ جي طبيعت نالي جي اُبتڙ آهي. مکڻ بدران سندس نالو پٿر هجي ها. هاڻ ڏاڍو ضديرو ٿي پيو آهي.“

”پر ادا، ٻڌائين ڇو نٿو؟ مکڻ کي ڇا ٿيو آ؟“

منل وات مان گٽڪو ڪڍي پاسي کان پچڪاري اُڇلائي چوڻ لڳو: ”نهال خان، اهڙي ڳالھ ڪانهي، هر جمعي جي نماز تي مولوي آچار ملاح جو خطبو ٻُڌڻ ويندو هو. مولوي آچار جو هڪڙو ئي خطبو جيڪو ڪيس ياد هوندو هو، هر جمعي جي نماز ڪانپوءِ نمازين کي اهوئي ٻڌائيندو هو. قبر جو عذاب، دوزخ جي باھ واريون ڳالهيون، ڪوڙ واري جي زبان ۾ ڪيڙا پون. اهڙي انداز ۾ چئي ويندو هو جو هر ڪنهن جي ٻُت مان ساھ ڇڏائجي ويندو هو. مکڻ ملاح اِهي ڳالهيون ٻُڌي ڪٽس ۾ ونجي ويو ۽ پوءِ پڻ ۽ ڊپ وارا خيال ورائي ويس. اهڙو ٽپجي پيو جو گهر کان نڪري ئي نہ پيو. جڏهن آءٌ ملڻ ويومانس، مونکي ايئن لڳو ڄڻ موت کان اڳ قبر ۾ دفن ٿي ويو هجي. حال احوال پڇندي مکڻ ملاح ٻڌايو تہ: ”ادا، مولوي آچار جي تقرير هاڻ ٻُڌان ئي ڪونہ، جنهن ههڙا حال ڪيا هِن.“

”ڇو ادا مکڻ؟“

”مِنل! مسجد ڏي وڃان ڪونہ، موت کان اڳ موت وارو پڻ ڏڪائي ڇڏي ٿو.“

منل اها ڳالھ اهڙي انداز سان ڪئي جو ڪچهريءَ ۾ ٺهڪڙو مچي ويو. نور محمد ڳيل وقت تائين ڪِلندو رهيو. نهال خان ڪچهريءَ جو رُخ بدلائيندي نور محمد کي چيو: ”ادا! اسان سيئي سنگهار ملاح جي ڌيءَ مِنيءَ جي شاديءَ ۾ سڏ پرڻ آيا آهيون. سوچيوسين پهريائين توهان دوستن سان ملي ونجي، پوءِ ميلو ٿئي الائجي نہ.“

”ادا، جيءُ آيا، ڀلي آيا... جوڙ، چڱا ڀلا.“

سارنگ جيئن ئي اها ڳالھ ٻُڌي تہ سمنڊ جي ڪُن ۾ ڦاٿل هوڙي وانگر هي خيالن ۾ ڦيرا ڪائيندو رهيو. ”مِنيءَ جي شادي“ اِن جملي کي ذهن ۾ ورجائيندي هن جي ٻُت مان چرڪ نڪري ويو. ڪيئي سوال سندس ذهن ۾ طوفان جيان هلچل مچائيندا رهيا.

”مِنيءَ جي شادي- سنگھار ملاح جي ڌيءَ!؟“

نہ نہ. زندگي ايڏو مذاق نہ ٿي ڪري سگھي. ايئن نٿو ٿي سگھي.

هي خيالن ۾ سوڙهو ٿيندو ويو. ايتري ۾ نور محمد جو آواز سندس ڪَن تي پيو، جيڪو نهال خان کي چئي رهيو هو: ”ادا! ناڪئي سنگھار جو مونکي بہ سڌ پرٽو آهي، اها ڳالھ وسري ويئي هئي، سنو ٿيو توهان ٻُڌايو. ويچارو ڪيئي سالن ڪانپوءِ خوشي ڪري پيو. ڪجھ سال اڳي سندس نوجوان پُٽ وڪيو ڪانئر درياھ تي هوڙي جي ٻُڏڻ سان فوت ٿي ويو هو. ويچاري جو لاش ئي ڪونہ لڌو. ان ڪانپوءِ سنگھار چرين جيان رهندو پئي آيو.“

سارنگ اها ڳالھ ٻڌي تہ جان ۾ جان اچي ويس. نور محمد ڏانهن ڏِسي وري پاڻ کي آٿت ڏيڻ لاءِ چپن ۾ چيائين: ”نہ نہ، هي سنگھار ناڪئو آهي. مِنيءَ جو پيءُ آفيسر هو.“ منل ڪچهريءَ وارن ڏي نهاريندي، ڪجھ سوچڻ لڳو. هن کي خيالن ۾ ڏسندي نهال خان سندس ڪلهي تي هٿ هٽي چيو:

”منل....“

”جي... جي ادا...“

”ڇاپيو سوچين...؟“

”يار... پيريءَ ۾ ويسر جي بيماري ٿئي ٿي. سائين الله بخش ٿيمٽو ملاح، سائين علي اڪبر ٿيمٽو ملاح بئي رٽائر استاد آهن. اهي پرائمري اسڪول ۾ ويٺا منهنجو انتظار ڪن پيا. ڪين غلام مرتضيٰ ٿهيم پٽيوالي جي هٿان نياپو موڪليو هو. هاڻ اٿو تہ هلون.“ ائين چئي، منل اٿيو تہ ان سان گڏ نهال خان بہ اٿي بيٺو. پوءِ ڪچهريءَ وارن کان موڪلائي اسڪول جي طرف هليا ويا.

# باب ستون

مِني اڳڻ تي ويٺي ماضيءَ جي خيالن ۾ وڪوڙجي وئي. سندس ماءُ سُڪي پاڙي ۾ ويل هئي. هيءَ ڪوٺي تي چڙهي آئي. ڇت جي پاسي ۾ ڪو به پڪو ڪچو ڪوٺو ڪونه هو، ٿنهي پاسن کان هيٺ پٽ تي ڇني ۽ منهه وارا گهر هئا، هن کي سارنگ جا خيال ورائي ويا. ڇهري تي اداسي ڇانئجي ويس. اها ڳُٽتي ورائي ويس ته سارنگ جو پتو پار ڪنهن کان پڇان؟ ڪيئن نياپو موڪليان!؟ وقت اهڙي لڪ لڪوٽي واري راند ڪئي جو سڀ ارمان وقت جي واءُ ۾ ڪک پن تي ويا. مِني ٿڌو ساهه ڀري چيو ”ڪاش! وقت ٿوري مهلت ڏئي ها... سارنگ سان من جي ڳالهڙي ته ڪري ڇڏيان ها...!؟ هاڻ مون کي الائجي ڪهڙن ڏوراپن سان ياد ڪندو هوندو...“

مِني ڇت تي هلندي خيالن ۾ اهي ويچار ونديندي رهي ته خيال آيس، سارنگ شيخ محلي ۾ پرائمري اسڪول ۾ پڙهائيندو هو. ان ڏس تي به اکر لکي موڪليان، ڪجهه من جي مونجهه لهي پوندي. وري اهو خيال آيس، شيخ محلي ۾ ٻه ٽي پرائمري اسڪول هئا، هي الائجي ڪهڙي اسڪول ۾ هوندو؟ ڪهڙي ڏس تي خط لکان...؟ اهو سوچي وري پنهنجو پاڻ سان ڳالهائڻ لڳي.

جڏهن انسان بي وس ٿيندو آهي ته وقت هن جون سڀ واٽون وڄائي ڇڏيندو آهي، ڳس پنڌ پاڻمرادو وقت جي واءُ ۾ لٽجي ويندا آهن، هاڻ سڀ ڳس ۽ واٽون، راهون ۽ رستا گم ٿي ويا آهن، آءٌ منجهي پئي آهيان. ڪا ڳالهه ڏيان ۾ ڌرجي نه ٿي، نه ئي ڪو پل پرجي پنهنجو ٿئي ٿو. هڪ هڪ گهڙي گهاوَ جيان ڀانيان پئي. ها... ڪيئن توکي ٻڌايان ته تنهنجو پاڙو ڇڏيندي پاڻ کي جدائيءَ جي جنڊ ۾ پيسجندي محسوس ٿي ڪريان. ڪا ڳالهه سمجهه ۾ اچي نه ٿي، نه ئي ڪا اهڙي واٽ. ها... سارنگ... وقت جي اهڙي وير ۾ وڪوڙجي وئي جو ڪو ڪنارو ۽ ڪنڌي ڏسڻ ۾ اچي نه پئي. جيڪر هڪ وار ٿوري ڳالهه ٻڌين ها ته اڄ ايئن اڪيلائپ وارا ايذاءَ ويني نه ڪاوان ها. تون به الائجي ڪهڙين ڦيرين ۾ هئين؟ اها ڳالهه مونکي سمجهه نه آئي هاڻ ڇا ڪريان؟ نه ئي توکي ميار ۽ ڪو مهڻو ڏئي سگهان... هاڻ سڀي ڄمار تنهنجي يادن جي رَڃَ ۾ قاتل مَڇيءَ جيان ڦٽڪندي رهنديس. وڏي ڳالهه اها ته نه ڪي سڏڪا ڀري ڪنهن سڪ واريءَ ساهيڙيءَ کي سوز غم جي ڪهاڻي ٻڌائي سگهان ٿي... ڀلا ٻڌايان ته ڇا ٻڌايان؟ ائين چئي سڏڪو ڀري دل ۾ چوڻ لڳي.

”واهه ڙي وقت واهه...! واقعي بي رحم آهين، ڪن جو ساهُ ڪَڍڻ کان پوءِ اُن کي موت ڏئي ڇڏيندو آهين. ته ڪِن کي وري جيئري اِهڙو موت ڏئي ماريندو آهين، جو هو نه

جي ۽ نہ مري سگهندا آهن.“

مِني انهن ئي خيالن ۾ بيني هئي تہ اوچتو گهٽيءَ ۾ ڪنهن نوجوان ڪي ڏٺائين، جنهن جو مهانڊو سارنگ جهڙو هو. هيءَ تڪڙ ۾ هيٺ لهندي آئي، آخري ڏاڪي تي پير ترڪي پيس ۽ ڦهڪو ڏئي پٽ تي ڪري پئي. هن جي وات مان رڙ نڪري وئي.

”او سارنگ“.

اندر ۾ سڏڪو پري اٿڻ جي ڪئي پر اٿي نہ سگهي ۽ اتي ئي ويهي رهي. اوچتو آسمان تي بادل ڪني تي ويا، سارنگ جهڙو ساٿ ڪري بيهي رهيا، اک ڇنڀ ۾ ڌرتيءَ تي مينهن جون ڪٽيون پوڻ لڳيون. هيءَ همٿ ڪري پاسي واري پٽ کي هٿ ڏئي اٿي تہ سندس ماءُ سکي در کان اندر آئي، هن کي سست ڏسي چوڻ لڳي .

”ڇا ٿيو مِني...؟“

”امان...!“ ڪري پيس، گوڏي ۾ ڏک لڳي ويو، سُکي پرسان اچي سهارو ڏئي اندر ڪوٺيءَ ڏانهن وٺي ويندي چوڻ لڳس.

ٻچڙي! خيال سان پير کڻندي ڪر، اهي ڪهڙا ويچار اٿئي جو ٿيلهو کائين ٿي؟ توکي خبر آهي تہ ٿورن ڏينهن ۾ تنهنجي شادي ٿيندي، هڪ ٻئي ڏينهن تنهنجا مهمان ايندا، توکي اهڙي حال ۾ ڏسي اهي ڇا سوچيندا.؟

”امان! آءٌ ٺيڪ آهيان تون ڳڻتي نہ ڪر.“

برسات ٿورو وسي بند تي وئي، ڪَڪَر الائجي ڪهڙي طرف هليا ويا، سج جي ڪرڻن کي موقعو ملي ويو، ڌرتيءَ تي ڪرندا روشني پَکيڙِندا رهيا. سينگهار گهر ۾ داخل ٿيو، ڪمري ۾ اچي سگريٽ دکائي سکيءَ کي آواز ڏيڻ جو سوچي در ڏانهن ڏٺو تہ سکي ڪمري ۾ آئي مڙس جي پرسان ويهي چوڻ لڳي.

” ڏادي دير ڪيئي..؟“

”سکي! “

”جي... چئو!“

”پاڻي پيار تہ پوءِ... “سينگهار جملو پورو ئي نہ ڪيو تہ سکي اٿي وڃي وراندي مان منجهڻ تي رکيل مٽ مان پاڻيءَ جو گلاس پري آئي. سينگهار پاڻي پيتو تہ گلاس وٺندي سکيءَ چيو.

سياڻي کان منهنجي پيڻ ايندي ڪم ۾ هٿ وجهائڻ جي لاءِ...

سينگهار ڪجهہ سوچيندي سکي جي منهن ۾ نهاري وري خيالن ۾ گم تي ويو.

ڇوڪريءَ جا پيءُ ڇا پيو سوچين...؟

”ڇوڪري هن شاديءَ ۾ خوش آهي يا نہ.؟ اسان ڪائنس بغير صلاح جي شادي ڪرائڻ جو سوچيو آهي. ڇوڪرو پنهنجو پائٽيو آهي، پر..!“

مڙس جي ڳالهہ کي سکي سمجهندي ۽ مِنيءَ جي خاموشيءَ کي جاڻيندي ماٺ ۾ هئي،

پوءِ ڪجهه سوچي چوڻ لڳي.

سينگهار! پر ڇا... سڀ ڪجهه تنهنجي صلاح سان ٿيو آهي. پلا... مِني سان ڳالهه ڪريون ها ۽ مِني هائوڪار واري موٽ نه ڏئي ها ته پوءِ تون...

”ها... آءٌ مِنيءَ جي ڳالهه نه مڃان ها...“

سڪي ڏڪاري ٿي خيالن ۾ ونجي وئي ۽ سوچڻ لڳي، جيئن سکر مان حيدر آباد آياسين. چند مهينا رهي سينگهار رٽائرمينٽ ڪئي، هت اچڻ کان پوءِ به مِنيءَ جي چهري تي مرڪ ڏٺي ڪونهي، نه ئي مون ڏيءَ جي خاموشيءَ کي سمجهڻ ۽ پرکڻ جي ڪوشش ڪئي. ڪٿي مون سينگهار جي ڳالهه تي ڌيءَ سان بي واجبي ته ناهي ڪئي.!؟ اهو سوچي سڪي ڪِجهه وقت سوچن ۾ پئجي وئي پوءِ وري خيالن ۾ پاڻ کي آٿت ڏيندي.” پلا ڇا ڪريان... هت اچڻ سان سينگهار جي پائرن ويهڻ به نه ڏنو، جڏهن شاديءَ جي تاريخ ورتئون، تڏهن ماٺ ڪيائون. ”نه... نه... مِني نه... تنهنجو ڪو ڏوهه ڪونهي، اسين توسان سچا ڪين رهياسين. شايد... تون سڄاڻي وئينءَ...“

سڪي خيالن ۾ پنهنجو پاڻ کي ڌيءَ جو قصوروار ٺهرائيندي پاڻ تي ملامت ڪندي رهي. سينگهار سڪي جي ڪلهي تي هٿ رکيو ته سڪي جي اکين مان ڳوڙها ڳڙي پيا.

”سڪي! روئين پئي...؟“

ها سينگهار! هاڻ سڄي حياتي ان ئي غم ۽ ڏک ۾ روئيندي رهنديس ته اسان کي هڪڙو ئي اولاد هو، مِنيءَ کي پٽ جيان پاليوسين، پر ڌيءَ کي بي زبان سمجهي ڪيس پرڻايون پيا. ڪاش پٽ سمجهي ڪائنس من جي خاموشيءَ جو راز پڇي وٺون ها... اولاد جڏهن جوان ٿيندو آهي ته اسين ماڻهو الائجي نپائڻ ۽ پالڻ وارا احسان جتائي ان جو بدلو وٺندا آهيون ۽ اهو بدلو اسين نياڻين کان وٺندا آهيون. هن جي خواهش ۽ ارمانن کي پنهنجي حق جتائڻ واري احسان ۾ ها... سينگهار ها... اسان مِنيءَ کان پنهجي نپائڻ جو بدلو ورتو آهي... سڪي جذباتي ٿيندي سينگهار ڏانهن نهاري چيو.

پلا... تون ئي ٻڌاءِ، مِنيءَ جي جاءِ تي تنهنجو پٽ منل نالي هجي ها... ته پوءِ بغير ان جي رضا جي ڪو قدم کڻين ها..!؟

”نه...“ سينگهار ڪان لفظ ”نه“ نڪري ويو. سڪي ڪاوڙ ۾ پرجي وئي، وري چوڻ لڳي.

چوته پٽ جي پسند ۽ خواهش ٻڌي پيءُ ماءُ ان جو انگل سمجهي پورو ڪندو آهي. چوته سڪي لڏو پٽ جيئن ڪري ۽ جيئن چوي... اِئين نه... هاڻ تون ٻڌاءِ، ايڏو پڙهيل آهين.؟ آءٌ ته چند اکر پڙهيل هئس، پوءِ به تون ايڏي وڏي ڏاڍائي ڪري وئين ۽ آءٌ به ڪيڏي بي وقوف ٿي ويس جو توسان ها ۾ ها ملائيندي رهيس. آءٌ ماءُ آهيان ڌيءَ جي اندر جي مانڌ کي ڄاڻان ٿي، پوءِ به آءٌ سچ پچ سني ماءُ وارو ڪردار نڀائي نه سگهيس. هاڻ سڄي حياتي مِنيءَ جي ارمانن جو پڇتاءُ پيو اندر کي ڪوريندو ڪائيندو ۽مِنيءَ سان اک ۾ اک نه ملائي

سگهنديس. ويچاري ڪان مون به ڪجهه پڇيو ڪونه، نه ئي تون ۽ مان ويهي ان رشتي بابت صلاح ڪئي. ويچاريءَ ڪي جيئن چيوسين، تئين ڪنڌ جهڪائي حياءَ ۽ شرم ڪان ها ڪندي رهي.

سڪي جذبات ۾ اچي وري سينگهار ڪي چوڻ لڳي.

پلا... ايترو به ڇوڪريءَ جو حق ڪونه هو جو پڇي وٺون ها. هوءَ اهو ته چئي ها، گهٽ ۾ گهٽ اَبي امان مون ڪان پڇيو آهي...! اهو پڇڻ وارو حق به اسان ڏيءَ ڪي نه ڏنو. پوءِ ڪيس اولاد پياري، اولاد لاڏلي ڏيءَ چئي اسان ان سان ڪيڏو ڪوڙ ڳالهائيندا آيا آهيون. هاڻ مِنيءَ جي ماڻ واري حالت ڏني نه ٿي ٿئي، جڏهن به نهاريندي آهيانس ته، ان جون اکيون الائجي ڪيترا سوال ڪنديون آهن. مِني خاموش هوندي به خاموش ناهي هوندي! سينگهار سچ ٿي چوان ۽ تون ۽ مان برابر مِنيءَ جا ڏوهاري آهيون.

اهي لفظ ٻڌي سينگهار اڻ چاتل سورن ۾ ونجي ويو. ڪنڌ هيٺ ڪري ويچارن ۾ ويڙهبو ويو . گهر ۾ هڪ ڇوڪري داخل ٿي ته سڪي ان ڪي ڏسندي اٿي آئي.

”ساران...!ڪٿي آهين؟ گهڻن ڏينهن کان پوءِ آئي آهين .“

”ماسي..!“ ڪيئن ڪريان؟ جڏهن کان خبر پئي ته، ادا وَلڻ انديا جي جيل مان مهاڻن سان گڏ آزاد ٿي اچي پيو. پوءِ به ٿي ڏهاڙا ان جي انتظار ۾ ڪيڏانهن نڪري نه سگهيس. جن عزيزن اها خبر ٻڌي پئي سي آيا ويا پئي، رات ادا ولڻ گهر پهتو. منائي ڪٿي آئي آهيان.

”ڏيءَ....! مبارڪ هجئي.“

”ماسي..! خير مبارڪ ... مني ڪٿي آهي؟“

”پنهنجي ڪمري ۾ آهي اها منائي ان کي ڏي. آءٌ چانهه ناهي ڪٽي ٿي اچان.“

”ماسي...!چانهه جي تڪليف نه ڪر گهر منجهه مهمان آهن، آءٌ منيءَ سان ملي هلي وينديس.“

”چڱو ڇوڪري، جيئن تنهنجي خوشي.“

ساران خوشيءَ مان هلندي منيءَ جي ڪمري ۾ آئي ته منيءَ ڏسندي اٿي ڀاڪر پاتو.

”واهه... ساران واهه...! آءٌ ويني ڪانگ اڏاريان.“

”ڪنهنجي لاءِ...؟“

”تولاءِ...!“

نه...نه... اها ڳالهه ڪانهي. پوءِ ساران منائي ڏيندي چوڻ لڳس. ”ادا... وَلڻ رات آزاد ٿي آيو آهي، ان جي خوشي ڪئي آ.“

”ساران...! مبارڪ هجئي.“ منيءَ خوش ٿيندي وراڻي ڏني. ساران ڪي ذهن ۾ منيءَ وارو جملو ”ويني ڪانگ اڏاريان“ ڦرڻ لڳو. پوءِ آهستي چوڻ لڳي.

”خبر ڏينم...“

”کهڙي... ساران...“

”تو ڪنهن لاءِ پئي ڪانگ اڏاريا، مونکي بہ ڪل پوي.“

اهو ٻڌي مني خاموش ٿي وئي دل ۾ گوتو آيس تہ، ساران پياري سهيلي آهي ان سان ڳالهہ ڪريان من گس پنڌ نڪري پوي. اهو سوچي سمورو احوال ساران سان ڪيائين تہ، هوءَ حيران ٿي وئي ڪيس يقين نہ ٿي آيو. ”مني محبت ۾ ايڏو پنڌ ڪيئن ڪيو.“

ساران ڪي خيالن ۾ ڏسي مني آواز ڏنو.

” ساران...“

”جي.. جي... چئو...“

”هاڻ هن هوري ڪوري ۾ آهيان ڪِ.. ڪيئن ان ڪي نياپو موڪليان..!؟“

مني جي اکين ۾ آيل لڙڪن کي ڏسندي ساران ڪجهہ وقت خاموش رهندي پوءِ چوڻ لڳس.

”چو پئي ڳڻتيون ڪائين ڏينهن ٻڌجي ويا اٿئي، جي توکي سَنهيو موڪلڻو هو تہ اهو اڳ ۾ ڪرين هان. هاڻ جيڪو واءُ لڳي پيو تنهن کي منهن ڏي چو پئي پاڻ تان ڏِڪ لاهين . اتر ڪان جيئن آئينءَ هڪ اکر بہ تو ڪين ٻڌايو. اجان اهو وقت هو جو ڪجهہ ڪري سگهيس پئي.پر ...“

”پر ... ڇا...“ مني جذباتي ٿي وراڻيو. ساران سمجهہ ڪان ڪم وٺندي چوڻ لڳس...؟

”مني...! ڇيو مچ سارنگ جا خيال دل مان ڪڍ ڪٽي.“ آءٌ هلان پئي گهر منجهہ مهمان آيا آهن.

مِنيءَ کي ساران جي چيل جملي پريشان ڪري ڇڏيو ” مِني! ڇيو مچ سارنگ جا خيال دماغ مان ڪڍ ڪٽي“!! هيءَ بار بار انهيءَ جملي کي دل ۽ ذهن ۾ ورجائيندي ۽ سارنگ کي ياد ڪندي بيمار ٿي پئي. هن پنهنجي بگڙجندڙ حالت جي ڪنهن سان بہ ڳالهہ ڪانہ ڪئي. هلڪو هلڪو بخار رهڻ جي ڪري اوچتو طبيعت گهٽي خراب ٿي ويس سڄو جسم ٽانڊن جيان ٻرڻ لڳس. هن جي اهڙي حالت سُکي ۽ سينگهار ڏسندي ٻئي ڏاڍا پريشان ٿي ويا. سکي سڏڪو پري مڙس ڏانهن نهاريو تہ، سينگهار بہ سکيءَ جي حالت کي گهڻو وقت ڏسي ڪونہ سگهيو ۽ تڪڙو تڪڙو ٻاهر نڪري ويو. پاڙي واري ڊاڪٽر جبار کي وٺي آيو. پر ان جي دوا بہ ڪو اثر ڪونہ ڏيکاريو، مني بخار ۾ ڪڙهندي رهي. ان ئي شام جو هڪ پوڙهي سندن گهر ۾ آئي اڱڻ تي اتر جي ڪنڊ ۾ کٽ تي سينگهار کي پريشان حال ۾ وينل ڏسندي پوءِ هيڏانهن هوڏانهن نهاريائين تہ سامهون ڪمري جي ڪليل در منجهان سکيءَ کي ڏٺائين جيڪا ڏيئَ کي مٽي تي زور پئي ڏئي. پوڙهي تڪڙي تڪڙي ڪمري ڏانهن وئي، تہ جيئن ئي سکيءَ جي مٽس نظر پئي تہ ڪاوڙ ۾ پرجي وئي ۽ چپن ۾ چيائين. ”اها خيري ڪٿان آئي.... جنهن بہ گهر ويندي گُلم ڪري ايندي.“ خيري

ڪٽ تي ستل منيءَ کي ڏسندي پوءِ سکيءَ کان پڇڻ لڳي.

”ياڳَ واري سُکي..! ڇا ٿيو آ مِنيءَ کي...؟“

”ماسي...! هلڪو تپُ اٿس ڊاڪٽر دوا ڏئي ويو آهي. “ خيري هوشيار ۽ چالاڪ هئي پوءِ سکيءَ کي نماڻي انداز ۾ ظاهري همدردي وچان چوڻ لڳي.

”سُکي..! سورَ نہ ڪاءُ، آءٌ اجهو ڪي آيس.“

خيري ڪمري کان ٻاهر نڪري سينگهار جي پر سان اچي چوڻ لڳي. ”ابا...! پريشان نہ ٿيءُ، آءٌ بي بي حاجران کي وٺي پئي اچان“. سينگهار ڪجهہ چوڻ تي چاهيو، ايتري ۾ خيري در کان ٻاهر هلي وئي. ٿوري جهڙ کان پوءِ خيري گهر ۾ داخل ٿي تہ هن سان گڏ هڪ عورت جنهن جي منهن تي نقاب هو، بت ۾ پريل ۽ خيريءَ کان قد ۾ ڊگهي هئي. ٻئي تڪڙيون هلنديون ڪمري جي طرف ويون. سکي ڏيءَ جي متي کي زور ڏنا پئي سا هنن کي ڏسندي ڪاوڙ ۾ پرجي وئي. وري ڪاوڙ کي اندر منجهہ ضبط ڪري خاموش نگاهن سان ڏسندي رهي. سُکي اجان خيالن ۾ هئي تہ خيري هٿ جي اشاري سان گڏ آواز ڏئي سکيءَ کي چيو.

”سکي..! تون جهٽ سوا ٻاهر وَڃُ، بيبي حاجران پڙهندي ۽ دم ڪندي.“سکيءَ کي ڳالهہ نہ وڻي پر ماٺ ڪري ٻاهر هلي آئي ۽ مڙس کان پڇيائين.

”بيبي حاجران ڪيئن آئي آهي؟ سينگهار پريشانيءَ مان وراڻيو.

”خيري وٺي آئي اٿس.“

”تو چيو هوندس...؟“

”نہ...“

سکي اهو جواب ٻڌي ماٺ ٿي وئي ڪيس ڪجهہ سمجهہ ۾ نہ پئي آيو. پوءِ مڙس کي چوڻ لڳي.

”توکي خبر آهي، اها خيري گهَر گهَر ڦيري نہ پائي تہ سُکُ ئي ڪونہ اچيس، انهيءَ ڪَئين گهرن کي ڦريو گهمائي ڇڏيو آهي. سکي بيچينيءَ مان هلندي ڪمري جي ٻاهران اچي بيهي رهي. مني بخار ۾ اکيون پٽڻ جي ڪوشش ڪئي پر اکيون پٽي نہ سگهي. پرهيءَ چپن ۾ سارنگ... او... سارنگ... جو نالو وٺندي رهي تہ خيري وڏي آواز ۾ چيو.

”بيبي! سارنگ جن.“

اهو آواز سکيءَ ٻڌو تہ تڪڙي ڪمري آئي ۽ پريشاني واري حالت ۾ خيري ۽ بيبي حاجران کي ڏسندي رهي. بيبي حاجران منهن ۾ گهنڊ وجهي سکيءَ کي چيو.

”سکي..! اهڙا ڪيئي سارنگ جن مون پڄائي ڇڏيا آهن. تون بي فڪر ٿيءُ.“ پوءِ مني ڏانهن نهاري بيبي چوڻ لڳي.

”اي سارنگ جن، هاڻي تون ويندي ڪيڏانهن، چوانءِ ٿي هتان نڪري وڃ. ڇڏ معصوم منيءَ جي جان.“ ائين چئي پوءِ سُکيءَ ڏانهن ڪنڌ ورائي چيائين.

”سکي...! هڪ ڏندو آٽي ڏينم، جي اهو ناهي تہ مانيءَ وارو تئو گرم ڪري ڪٽي آ.“

اهي لفظ ٻڌي سکي جي بت مان ساهہ ڇڏائي ويو. خيري سمجهي وئي تہ ماءُ جي دل آهي

اها ڪٽي ائين ڪندي. پوءِ پاڻ وجي تئو گرم ڪري ڪٽي آئي. بيبي حاجران پڙهندي چِٽ ۾ نهاريندي وڏي آواز ۾ چوندي رهي.

آئو.. آئو، سارنگ جن کو کَڍ پچائو.
بيبي دا چگا حال بڻائو، آئو.. آئو.
جلدي آئو سارنگ جن کو کَڍ پَچائو.
آئو آئو ميکون گوشت ککڙ کوائو.
آئو.. آئو، سارنگ جن کو کَڍ پچائو.

پوءِ بيبي حاجران چپن کي پڪوڙيندي وات مان شو... شو... جو آواز ڪڍندي شوڪارو هنيو. ايتري ۾ خيريءَ کان گرم تئو وٺندي منيءَ جي پير تي هٽي ڪڍيو ته منيءَ کان اُپ ڏاريندڙ دانهن سان گڏ، سارنگ مري ويس آواز نڪتو ۽ مني اچل ڪائي بيهوش ٿي وئي. سکيءَ جي اکين اڳيان انڌيرو ڇانجي ويو. هوءَ ڪرڻ کان پاڻ کي بچائيندي کٽ جي پيرانديءَ کان پَٽَ تي ويهي رهي، ۽ ٻئي هٿ اکين تي ڏئي سڏڪ ۾ پئجي وئي. منيءَ جي دانهن تي سينگهار ڊوڙندو آيو. بيبي حاجران در وٽ سينگهار کي روڪي چيو.

”سارنگ جن کي کڍي پچايو اٿم، ٻه هزار روپيه کڍ.“

سينگهار کي ڪجھ سمجھ ۾ نه آيو هن تڪڙ ۾ کيسي مان هزار هزار جا ٻه نوٽ ڪڍي بيبي کي ڏنا ته هوءَ مرڪندي هلي وئي ۽ خيري به خوشيءَ مان ڪلندي وئي. سينگهار همٿ ڪري سکيءَ کي اٿاري کٽ تي ويهاري. پوءِ پنهنجو پاڻ تي ملامت ڪندو تڪڙو تڪڙو وڃي ڊاڪٽر جبار کي وٺي آيو. تنهن منيءَ کي تپاسي، پير جي ملم پٽي ڪئي ۽ دوا ڏني پوءِ سينگهار کي چوڻ لڳو.

”ادا... توهان پڙهيل هوندي به اِئين سُوچڻ، سَمجهڻ ڪانسواءِ اِهڙو ڪم ڪيو آهي، جو آءٌ توهان کي ڇا چوان. اجايو ڌيءَ جي زندگي حرام ڪئي اَٿوَ. منيءَ کي جن وغيره ڪونهي بخار جي دٻاءَ ڪري هن ڳالهايو آهي. وڌيڪ نه سوچيو نه ئي ٻيهر اهڙي حرڪت ڪجو، مني ٿورڙن ڏينهن ۾ ٺيڪ ٿي ويندي. ڊاڪٽر جي وڃڻ کان پوءِ سينگهار ۽ سکي هڪ ٻئي کي ڏسندا رهيا، پوءِ ٻنهي سڄي رات جاڳندي منيءَ جي پرگهور لهندي گذاري. صبح جي وقت مني اک پٽي ماءُ ڏانهن نهاريو ته سکيءَ کي پڇتاءُ جو احساس اندر منجھ ڪوري ڪپي رهيو هو پوءِ ٿورو مرڪي ڌيءَ کي چوڻ لڳي.

”مِني..! هاڻي تون ڪيئن آهين.؟ “

”امان...! آءٌ ٺيڪ آهيان باقي بيبي حاجران وارو ڏنل ڏنپ سڄي زندگي دل مان نه ويندو.“

”مني...! اها مارَ پئي خيريءَ کي جنهن توکي اهڙي طرح ڏنيرايو جو مونکي به خبر ڪانه پئي.“

مني پير جي درد ۾ ڪڙهندي رهي هن دل ۾ چيو جيڪو ٿيڻو هو سو ٿي ويو، جڏهن سارنگ جي جدائي واري درد کي برداشت ڪندي هلان پئي ته پوءِ جسم جي ڦٽن جا سور ڪجھ به نه آهن.

ж

# باب اٺون

ٻئي ڏينهن سارنگ منجهند جي ماني کائي دوستن کان موڪلايو. علي نواز اسڪوٽر تي ويهاري ڪيس اسٽاپ تي پهچايو. پوءِ علي نواز ڪائنس موڪلائي هليو ويو. سارنگ ڪوسٽر ۾ ويٺو، چند منٽن کان پوءِ ڪوسٽر چوهڙ جمالي جي طرف روانو ٿي. ڪنڊيڪٽر ڀاڙو وٺڻ لڳو، سارنگ کان ويهه رپيا ڪنڊيٽر ورتي، ورتي ٻين وينل ۽ ٻيٺل مسافرن کان ڀاڙو وٺڻ لڳو. ڏيڍ ڪلاڪ کان پوءِ ڪوسٽر چوهڙ جمالي شهر ۾ شاهه روڊ تي اچي بيٺي. سارنگ هيٺ لٿو، ان وقت سج لهڻ وارو هو، سارنگ پيٽرول پمپ جي ڀرسان سير ڪوهستان جنرل اسٽورتي اچي هڪ نوجوان کان پڇيو.

"ادا... عرفان ڪتري" ڪڇَ، گندَ ۽ سائنَ جو واپاري آهي، ان جو ڏس ڏيندا...؟ نوجوان ڪلي وراڻي ڏني.

ڀاءُ! توهين دڪان وارو پاسوڏيئي جيلاني گڊس ٽرانسپورٽ جو اڏو اڳيان ايندو، تنهن جي ڀرسان ٿوري ڀنڌ تي عرفان جي ڪچ جو دڪان آهي، هي سجاول روڊ آهي، اهو وٺي وڃو.

سارنگ ان ڏس تي هلندو آيو، هن جعفري واري چَني اڳيان هڪ همراهه کي بيٺل ڏسي پڇيو.

ادا... سائين عرفان ڪتريءَ سان ملڻو آهي.

ها... اچو عرفان ويٺو آهي... ائين چئي اهو نوجوان واپس چني ۾ آيو. سارنگ ان جي پٺيان هلندو اندر آيو. چَني ۾ ٽي چار ڄڻا صوفي تي ويٺا هئا، انهن جي سامهون هلڪي ننڍڙي ڏاڙهيءَ سان نوجوان ويٺو هو، جنهن نوجوان جي پٺيان سارنگ آيو، اهو ڏاڙهيءَ واري نوجوان ڏانهن اشارو ڪري چوڻ لڳو.

"ڀائو! اهو عرفان آهي." اهي لفظ ٻڌي عرفان ڪرسيءَ تان اٿي سارنگ ڏانهن مرڪي هٿ وڌايو ۽ ائين مليو ڄڻ سارنگ کي اڳي ئي کان سڃاڻيندو ۽ ڄاڻيندو هو.

"ادا... ويهو..." عرفان صوفي جي طرف ويهڻ جو اشارو ڪري چيو. صوفي تي وينل ٽئي ڄڻا اٿي سارنگ سان هٿ جوڙي مليا. پوءِ اهي پنهجي جاءِ تي ويهي رهيا. عرفان ان نوجوان کي ڪجهه چيو، جيڪو سارنگ کي اندر وٺي آيو هو، پوءِ ٻاهر هليو ويو. عرفان ڪيڪاريندي سارنگ کي چيو.

"ڀائو! ڪهڙا حال آهن."

"ادا... سڀ ٺيڪ آهي."

عرفان خوش ٿيندي سارنگ ڏانهن ڪرسيءَ جو منهن موڙي پنهنجائپ منجهان

چوڻ لڳو.

ادا... توهان جو ذڪر سائين حافظ حبيب سنڌي گهڻو وقت اڳ ڪيو هو، هينئر آيا آهيو، اسان جي اکين تي، جي آيا ڀلي آيا. عرفان صوفي تي وينل ٺهي نوجوانن ڏانهن نهاري ڪين سارنگ جو تعارف ڪرائيندي چوڻ لڳو.

ادا... مير محمد! هي سارنگ آهي، اسان جي پياري دوست حافظ حبيب سنڌيءَ جو گهاٽو دوست ۽ حاجن جو قربائتو دوست آهي.

ڀائو! ڀلي ڪري آيا. مير محمد ڀيهر سارنگ کي هٿ جوڙي سڪ مان سلام ڪيو، ڪيس سارنگ به ساڳئي ئي نموني سان هٿ جوڙيندي چيو. ”ادا... مهرباني.“

عرفان مرڪي سارنگ کي چيو.

ڀائو سارنگ! هاڻ توهان جو ٻين دوستن سان تعارف ڪرايان ٿو، اهو نوجوان جيڪو توهان جي پر ۾ وينو آهي، حسين بخش هالو ۽ ٺنهن جي پاسي ۾ عبدالغفور هالو آهي. عرفان ٽيبل جي خاني مان رسالو ڪڍي سارنگ کي ڏيکاريندي چيو.

سارنگ! اسين ”العلم“ اسڪول مئگزين ڪڍندا آهيون. اهو رسالو ڪميونٽي بنياد تي ڪڍندا آهيون، جيڪو ٻار جي اصلاح واسطي هوندو آهي، جنهن جو باني چيئرمين ڊاڪٽر برڪت علي خواجه (ڪميونٽي بيسڊ ايجوڪيشن سوسائٽي جاتي)، چيئرمين مسٽر عبدالحميد ميمڻ ۽ مسٽر عزيز جعفراڻي (ائڊمنسٽريٽر) ۽ چيف ايڊيٽر مجله (العلم) ۽ مس پروين ٽالپر ايڊيٽر مجله (العلم). 1992ع ۾ ڪميونٽي سينٽر جو بنياد وڌو، آءٌ ان جو بنيادي ميمبر آهيان.

ائين چئي عرفان هٿ وارو رسالو سال 5-2004 ع سارنگ کي ڏنو. سارنگ رسالو وٺي پڙهڻ لڳو. ڇني ۾ ٽي ڄڻا اندر آيا، جن عرفان سان واپار بابت ڳالهه ٻولهه ڪئي.

ڇني جي ٻاهران روڊ تان هلندڙ گاڏيون هارن وڄائينديون ٿي ويون. هوا تي گاڏين جي هلڻ جو آواز ڇني ۾ ڇٽو ٿي آيو. مير محمد ملاح خاموش وينو سارنگ کي ڏسي، ڪجهه سوچي وينو، شايد... هن جي دل ۾ ڪا ڳالهه هئي،جيڪا هن سارنگ سان ڪرڻ پئي چاهي، پر سارنگ جو ڌيان رسالي ۾ ڏسي خاموش ٿي ويو. ڇَني جي اندر ٿڌڙي هوا تيزيءَ سان پئي اچي. عرفان محسوس ڪيو ته در جي سامهون کان ايندڙ هوا سارنگ کي تنگ پئي ڪري، پوءِ اٿي ان در جي تاڪ کي ورائي ڇڏيائين، جيڪو ڪاٺ جو ٺهيل هو. عرفان ڪنهن گاڏيءَ جي بيهڻ جو آواز ٻڌندي ڇَني جي ٻي در ڏانهن نهاري ڪجهه سوچي حسين بخش کي چيو.

ادا...! سائنَ جي گاڏي بيٺي آهي ۽... ها... ٿالهه ڪڻ ۽ به ڪلو سانا گاڏيءَ مان ڪٽي وٺ.

حسين بخش اٿيو ٻاهر هليو ويو، عرفان ان ڇوڪري کي آواز ڏنو جيڪو چانهه وٺي آيو هو.

ادا... توهين سانا وني صاف ڪري ڏيو، آءٌ پاڻ ٻوڙ ٿو رڌيان. ادا سارنگ کي ڪارائيندس، سڪ وارو ساٿي آهي. پوءِ اهو نوجوان حسين بخش جي پنيان هليو ويو، چند منٽ گذريا ته چوڪرو ٿالهه ۾ سانا (جهينگا) کڻي اچي عرفان کي ڏيکاريا. عرفان ٿالهه ۾ سانن ڏانهن نهاري چيو.

ها... اهي جلدي صاف ڪري وٺ، پوءِ سيئي مصالا ۽ گيهه کڻي اڳيان رکو، آءٌ سارنگ سان ڪچهري ڪندس ۽ ٺاهيندس پيو.

سارنگ کي خيال آيو ته عرفان کان سانن (جهينگن) جي باري ۾ ڄاڻ وٺان، پوءِ کيس چيائين ته.

ادا... ٻڌائيندا ته سانا گهڻن قسمن جا هوندا آهن؟

عرفان مرڪيو ته مير محمد چيو. ”آءٌ ٻڌايان.“

عرفان چيس. ڏسان مونکي ڪيترا قسم اچن ٿا، پوءِ توهين وارو ونجو. عرفان جي اها ڳالهه مير محمد کي وڻي وئي، مشڪي ڪنڌ ڌوڻي عرفان کي ٻڌاڻ جو اشارو ڪيائين. عرفان سيني وينلن ڏانهن نهاري پوءِ سارنگ کي چوڻ لڳو.

ادا سارنگ! سانو جنهن کي جهينگو به چون، جهينگو يا جهينگا اهو لفظ شهرن ۾ استعمال ٿيندو آهي ۽ اسان سانا چئون ٿا.

سانو... حقيقت ۾ امير ماڻهن جو ٻوڙ آهي، جيڪي وڏي شوق ۽ چاهه سان کائيندا آهن. چو ته هي سانو مهانگو ٿئي ٿو، هڪ سؤ رپين کان مٿي وجي هزار رپين جي وچ ۾ وڪامجي ٿو.

عرفان ڳالهه ڪندي چني کان ٻاهر نهاريو، جتي پَٽَ تي ”ڪِچَ“ پئي هئي، جنهن ۾ مختلف مَڇين، سنهين مَڇين جي گڏيل ڪچ هئي، پر ڪاري جي مَڇيءَ جي ڪچ الڳ ڊگِڙيءَ جي صورت ۾ اس تي پئي سڪي ته ان جي پرسان مِني جي مَڇيءَ جي ڪچ هئي. عرفان پنهنجو خيال ڪچ تان هٽائي سارنگ کي چيو.

ادا... اها ”ڪچ“ ڪڪڙين جي کاڌ خوراڪ يعني فيڊ ۾ ڪم اچي ٿي. ايتري ۾ ٻه نوجوان چَني اندر آيا، تن سيني وينلن سان هٿ ملايو، پوءِ هڪڙي ڄڻي عرفان کان پڇيو.

”سائين! توهان نوڙيءَ تي ٽرڪ موڪليو، ڪچ مَڇيءَ کڻي اچي، اسين هينئر ڪراچي سانا کڻي پيا وڃون.“ نوجوان ائين چئي واپس هليا ويا. چوڪرو سانا صاف ڪري کڻي آيو. عرفان ان کي ڏسي ٿالهه وني پنهنجي اڳيان ٽيبل تي رکيو ۽ چوڪري کي چيائين. ”ادا... ٻيو سامان جلدي کڻي اچ.“

”جي...“ چوڪرو چئي هليو ويو. عرفان صاف ٿيل سانن کي ڏسي سارنگ کي چيو.

”ادا! سانن جا قسم جيڪي ياد اچن ٿا اهي توهان کي ٻڌايان ٿو.“

1. ڪِڏي: جنهن جو قد ٻن انچن کان اڍائي انچ ٿئي ٿو ۽ ها... جي اسين ان لفظ جي پهرين حرف يعني "ڪ" جي مٿان زبر ڏينداين ته لفظ "ڪَڏي" ٿي پوندو. ڪَڏي هڪ جيت جو قسم آهي، پاڻي ۾ هوڙن کي لڳيو پوي، ڪاٺ کي ٽڪي ڇڏيندو آهي.

2. ڪسَ: هي به ساني جوهڪ قسم آهي، جنهن جو قد هڪ انچ ٿئي ٿو. ياد رهي ته سسي ماپ ۾ ايندي ناهي، هي سانو (ڪس" سڪائڻ کان پوءِ هڪ به سوت جيترو ٿي ويندو آهي، بنگالي قوم هن کي شوق سان کائيندي آهي.

مير محمد اندر ۾ وَٽ کائي رهيو هو، هن جي دل چئي رهي هئي ته سانن جا قسم آءٌ ٻڌايان، پر... عرفان ڪيس اڳ ۾ به چئي چڪو هو ته آءٌ پاڻ کي به ڏسان، مون کي ڪيترا قسم اچن پيا. پوءِ توهين وارو ونرائجو. مير محمد اهي لفظ دل ۾ ورجائي ماٺ ٿي ويو. عرفان به هن جي بي چيني محسوس ڪري ورتي پوءِ مشڪي ٻڌائڻ لڳو، ٽيون قسم:

3. ڪِيڪَٽ: جيڪو وڏي ۾ وڏو سانو آهي، جنهن جو قد ڏهه انچ کان ٻارهن انچ ٿئي ٿو. ڪيڪٽ جون مڇون فوٽ کان ڏيڍ فوٽ تائين ٽين ٽيون، هن جون مڇون ڇتيءَ جي بيماريءَ ۾ ڪم اچن ٿيون. هن جي مڇن جو رنگ اڇو ڳاڙهو هوندو آهي، ڪيڪٽ کائڻ ۾ سنو هوندو آهي. ان وچ ۾ حسين بخش ڳالهائيندي چيو.

"پائو سارنگ!" ماڻهوءَ جي جسم ۽ ڇهري تي اڇا داغ (ڇٽي) ٿئي ٿي ته اهو ڪِيڪَٽ جي مڇن جو هار ناهي ڳچيءَ ۾ پائيندو ته ڇٽي پندرهن ويهن ڏينهن ۾ آهستي آهستي گهٽجي ويندي. ڪيڪٽ جي وار ۾ اندر سنهو سوراخ هوندو آهي، جنهن مان سنهڙو ڌاڳو آرپار هليو ويندو آهي ۽ ڪيڪٽ جي مڇ جي وار مٿان ٿوري ٿوري فاصلي تي نشان هوندا آهن.

ڇوڪرو گئس جو چلهو ۽ سامان کڻي آيو، جيڪو عرفان جي اڳيان ٽيبل تي رکيائين. ٻاهه ٻاري عرفان سانن جو ٻوڙ چاڙهڻ لڳو. پوءِ سارنگ جي طرف نهاري چوڻ لڳو، چوٿون قسم:

4. سانو پٽاڙي: هن ساني کي "ڪارو ٽائيگر" به چوندا آهن. هن جي ٻت تي ڇل (ڇِلَر) سخت هوندو آهي، جنهن مٿان ڇٽ ٽين ٽا، هن کي مڇون ٽينديون آهن ۽ هن ساني جو قد پنج انچ کان ست انچ ٿئي ٿو. ياد رهي ته سيني سانن تي ڇل (ڇِلَر) هوندو آهي، پر پٽاڙي ساني جو ڇل سخت ٿئي ٿو.

5. چيرو سانو: هي سانو ڳاڙهو ٽيندو آهي ۽ بلوچستان جي پاسي وارو چيرو سانو سفيد هوندو آ. هن جو قد به انچ کان پنجن انچن تائين ٿئي ٿو.

6. پَٽاسَ سانو: هن جو قد ٽي انچ کان پنج انچ ٿئي ٿو، هن جو رنگ اڇو ۽ ٿورو ڳاڙهو گڏيل ٿئي ٿو.

7. ڀُڏي سانو: سڪل سانن (جهينگن) کي ڪُٽي ان جو ڇلڪو (کل) ڀڏيءَ جي شڪل اختيار ڪندو آهي، جيڪو ڪڪڙين جي کاڌ خوراڪ لاءِ استعمال ٿيندو آهي، يعني ڪڪڙين جي فيڊ جو ڪم ڏئي ٿو.

8. ٽائيگر سانو: هي سانو رنگ جو پٽاپٽي هوندو آهي ۽ شڪل جو ڪارو ۽ ڳاڙهو ٿئي ٿو. هن جو قد چار کان ڇهه انچ تائين ٿئي ٿو.

9. ڪلري سانو: هن جوقد ٻن انچن کان چار انچ ٿئي ٿو، رنگ جو اڇو ٿئي ٿو ۽ ڪجهه مخصوص ڪارا پٽا هن جي ڇل تي هوندا آهن.

10. گهوڙيلو سانو: هن جو قد ڪلري ساني جيترو ٿئي ٿو، جڏهن جون ۽ جولاءِ مهيني ۾ شڪار تي بندش هوندي آهي ته سمنڊ ۾ هوڙا ۽ لانچون بند ٿي ويندا آهن، انهن مهينن ۾ گورنمينٽ جي بندش هوندي آهي، پوءِ سمنڊ ۾ رهندڙ ماڻهو ننڍڙين ٻيڙين وارا اهي سمنڊ ۾ ٻيٽن تي نڪاٽا ناهيندا آهن، جنهن کي ”ٻَنَ“ چوندا آهن. ٻن تي رهندڙ مهاڻا، ملاح پنهنجا رَڇَ ٻڌي سانو ماريندا آهن، پوءِ انهن سانن کي سڪائي خشڪ ڪري ڪٽي انهن مان سانا ڪڍندا آهن ۽ ڀڏي پڻ جيڪا فيڊ ۾ ڪم ايندي آهي. ياد رهي ته انهن سانن کي ”حاڪم“ چوندا آهن، جنهن جو ڳاڙهو هلڪو رنگ يعني هيداڻ جهڙو ٿي وڃي ٿو ۽ مارڪيٽ ۾ چڱي اگهه تي وڪامجندو آهي، جنهن ڪري ٻيٽن ۾ رهندڙ ماڻهن جو بندش وارن ڏهاڙن ۾ گذر سفر ٿيو وڃي.

عرفان پنهنجو ڌيان ٻوڙ ڏانهن ڏنو. ٻوڙ کي ڇمڇو گهمائي مير محمد ڏانهن نهاريو، جيڪو ڳچ وقت کان وينو ٻڌي سو سارنگ ڏي نهاري، هڪ نگاهه وينلن تي اهڙي طرح وڌائين، جيئن ڪين چئي رهيو هجين ته منهنجي ڳالهه ٻڌو.

مير محمد جي ٻي چينيءَ واري ڪيفيت کي عرفان سمجهندي چيو.

ادا... مير محمد! هاڻ توهان کو پنهنجو قصو ٻڌايو.

اهي لفظ ٻڌي هن جي چهري تي مرڪ پکڙجي وئي، ڄڻ هن جي دل جي مراد ٿيندي هجي، پوءِ ذهن تي زور ڏيندي چوڻ لڳو.

ادا سارنگ! آءٌ ناڪئو آهيان، توهان کي دوست عرفان سَانَ جا قسم ٻڌايا، آءٌ توهان کي بولي رَڇَ بابت ٻڌائيندس.

اسين بولو رَڇَ، جنهن ۾ ستن فوٽن جا ٽي وام ٿين ٿا، يعني ايڪويهه فوٽ ڪاني، اٺيءَ هٽي ان ۾ هڪ سئو ويهه فوٽن کان هڪ سئو چاليهه فوٽ رسو ٻڌي، بولو رَڇَ جنهن جو هڪ ڪنارو رسيءَ ۾ ٻڌي ٽيهه کان ٽيهه وات وارو رَڇَ کولي ٻيو رسو ٻڌوسين ۽ پاڻيءَ ۾ لاٿوسين، ان وري ستر وام (وام ۾ ڇهه يا ست فوٽ ٿيندا آهن) يعني چار سئو نوي فوٽ رسو جنهن کي وائر چئجي ٿو. ان ڪانپوءِ اسان جو رَڇُ ٻڌجي ويو، تقريبن ان ڪم ۾ هڪ کان اڍائي ڪلاڪ وقت لڳيو وڃي. اسين وير آلڙ تي رَڇَ ٻَڌون، پوءِ اهو پيا انتظار ڪريون ته ڪڏهن ٿو پاڻي بيهي جو اسين رَڇَ ڪڍون. پنجن

ڇهن ڪلاڪن ڪان پوءِ يعني ان وقت رات جا نوَ ڏهه پيا ٿين، ان گهڙيءَ چاندوڪي به نه هئي، اونداهيءَ ۾ هجون، سمنڊ جون لَهرون خوفنائتيون ڦوڪون هڻنديون اسانجي هوڙي سان لڳنديون ٿي رهيون، جڏهن پاٽي تڪ يعني بيهڻ لڳو، اسين رَڇ ڇڪي پوءِ مَڇيءَ هوڙي ۾ چاڙهي، وري واپس پئي شڪار جي لاءِ رَڇَ ساڳيءَ جاءِ لاهيون. اسين چار ڄڻا لاٽل مَڇي ڇانٽي، جدا جدا ڪري ٽانڪيءَ ۾ رکون، ان ۾ ڪيتريون مَڇيون جان جي خطري واريون به ڦاسيو پَون، سين بيٽريءَ تي بلب ٻاريون ڪڏهن اُهو جهٽڪو ڏئي بند ٿيو وڃي. پوءِ اونداهيءَ ۾ خبر ئي نه پئي پوي، اسان مَڇي ڇانٽي ڪندا رهياسين، هڪ ڀيري سيئري مَڇي جنهن جي بدن تي ڪنڊا هوندا آهن تنهن منهنجي سڄي هٿ جي ڇيچ کي ڇڪ هنيو ته، اُن ئي وقت منهنجو سڄو بدن سُن ٿي ويو، سيئري مَڇيءَ جو زهر سڄي جان ۾ پکڙجي ويو. آءٌ بي هوش ٿي ويس، مونکي ڪائي خبر ڪانه پئي پوي. ڇئن پنجن ڪلاڪن ڪانپوءِ ٿورو ٿورو هوش آيو، پوءِ به اهڙي حالت هئي جو هٿ چوري نه سگهان، نه ئي ڪا شيءِ کڻي ڪائي ٿي سگهيس.

مير محمد خاموش ٿي ويو. عرفان جهينگن جي ٻوڙ کي ڏسي ڪنڌ مٿي کڻي چوڪري کي چيو.

ادا... مانيون وني اچ ڀاڄي تيار آهي. پوءِ ٿوري ڀاڄي پَليٽ ۾ ڪڍي سارنگ کي ڏيندي چيو.

ادا... ڏسو ڀاڄي ڪيئن ٿي آهي؟

سارنگ هن جي محبت واري انداز کي ڏسندي، مرڪي هٿ وڌائي پَليٽ وني ٿوري ڀاڄي کڻندي کائيندي مشڪي ڏنو، ڇڻ هن جي انهيءَ مرڪ عرفان کي ووٽ ڏئي ڇڏيو هجي، پوءِ ڪيس چوڻ لڳو.

ادا...! واهه جي ڀاڄي ٺاهي اٿوَ... سچ پڇو ته مون ڦهريون ڀيرو سانن جي اهڙي ڀاڄي کاڌي آهي. اهي لفظ ٻڌي عرفان مشڪي ڏنو، ايتري ۾ ڇوڪرو ماني وني آيو.

ڇني جي ٻاهران چاندوڪي پٽ کي کير جهڙو ٻڻائي ڇڏيو هو. ڪاٺ جي جافريءَ مان چنڊ جي روشني اندر آئي ٿي، ماني کائڻ کان پوءِ ناکئي مير محمد پنهنجو هڪڙو واقعو ياد ڪندي ٻڌايو ته. سمنڊ جي اوچتي طوفان ۽ برسات ۾ اسان جو هوڙو ٻڏي ويو. اسين هر شيءِ جو آسرو لاهي جان بچائڻ ۾ پورا هئاسين. ڪاري پاڻيءَ ۾ ترندا اچي تمرن جي وڻن تي چڙهي ويناسين، بس انهن ويچارن ۾ سڀ وينا هجون ته ”طوفان جهڪو ٿئي، ڪا واهه ڏسون، ڪو هوڙو ڏسون، پيا سمنڊ جي خوفائتين لَهرن ۾ نهاريون ۽ بس انهن ڳڻتين ۽ انتظار ۾ اسين چار ڏينهڙا بک تي بغير ڪنهن شيءِ کائڻ جي وينا رهياسين.

پنجين ڏينهن تي هڪڙو هوڙو نظر آيو، انهن کي اشارا ۽ آواز ڪياسين، جڏهن هوڙو ويجهو آيو، ڏٺوسين پنهنجن مهاڻن جو هو، پوءِ پيٽ ۾ ساهه پيو ۽ جان ۾ جان

آئي تنهن ۾ چڙهياسين، تن اسان جي حالت ڏسي اسان کي ڪارايو ۽ پياريو ۽ ڪنڌيءَ تي رسايو. پوءِ رات جو دير تائين سيئي ڪچهري ڪندا رهيا. عرفان مُرڪي سارنگ کي چيو: ”ادا! قسمت سان آيو آهين، منهنجي صلاح آهي تہ درياھ جي پنڌ جو مزو وٺي ڏِس. ڍانڊو تڙ تي منهنجو ياءُ ۽ چاچو رهندا آهن. توهان انهن سان ملندا تہ ڏاڍو مزو اچي ويندو. صبح جو سوير اسان جي گاڏي هتي سانا ڪٽي ايندي، جيڪا پوءِ واپس ويندي. توهان ان ۾ چڙهي وڃجو.“

***

صبح جو سج جا ڪرڻا چني جي جافريءَ مان اندر ٿي آيا. سارنگ اٿي تيار ٿي وينو تہ ڇوڪرو چانهہ بسڪوٽ ڪٽي آيو. عرفان بہ اچي وينو، هن جي نگاهہ چني ۾ ڪاٺ واري دروازي ۾ هئي، ايتري ۾ هڪڙو نوجوان اندر آيو، عرفان ڪيس ڏسي چيو.

گاڏي اچي وئي؟

”جي سائين!“

ادا سارنگ کي وڃي وڃ نوڙيءَ ۾ سجاد هوندو، تنهن کي چيو اٿم، سارنگ کي ان وٽ پهچاءِ.

”جي سائين!“

سارنگ اٿي عرفان کان ٿورائتي نگاهن سان موڪلايو تہ هن کي عرفان چيو.

”ادا! توهين جيئن سجاد وٽ رسندا تہ اهو توهان کي آٽرڪي تڙ تي وٺي ويندو، اتان پوءِ توهين ڍانيو ويندا، جتي طفيل توهان جي انتظار ۾ بيٺو هوندو.“

”جي ادا!“ ايئن چئي سارنگ ٻاهر نڪتو تہ ڊاٽسن مان ڊرائيور لهي اچي سارنگ سان ۽ عرفان سان هٿ ملايو، پوءِ سارنگ ڊرائيور سان اڳيئن سيٽ تي اچي وينو، گاڏي پنهنجي منزل ڏانهن هلڻ لڳي.

ڊاٽسن ڪجهہ وقت پڪي تان هلندي پوءِ ڪلراٺي زمين وارو ڪچو رستو ورتو. زمين ويران هئي جنهن ۾ سڪل ديوين جي وڻن کان سواءِ ڪلراٺي زمين ۾ ٻيو ڪو وڻ نہ هو. گاڏي هلندي رهي، ٽن ڪلاڪن جو سفر ڪري نوڙيءَ ڳوٺ ۾ دڪان جي اڳيان بيهي رهي، دڪان جي پاسي ۾ ڍورو هو، جنهن جي ڪنڌيءَ وٽ چار پنج هوڙا بينل هئا، جن تي ننڍڙا ٻار ڪي وڏڙا بينا هوڙي کي صاف ڪن. هڪڙو قد جو ڊگهو نوجوان مشڪندو اچي سارنگ سان مليو ۽ پنهنجو تعارف ڪرائيندي چيو.

”ادا... منهنجو نالو سجاد آهي.“

جڏهن تہ سجاد کي سارنگ جي خبر هئي، پوءِ سجاد مشڪندي چوڻ لڳو،

”جي آيا، ڀلي آيا.اچو... ويهو چانهہ پي پوءِ ٿا اڳتي هلون.“

ايئن چئي سجاد وک وڌائي دڪان ۾ اندر آيو، سارنگ هن جي پنيان اندر آيو،دڪان ۾ وينل بہ ٽي ماڻهو اٿي اچي سارنگ سان مليا. سجاد پنهنجي ڳوٺ جي باري ۾ ٻڌائڻ لڳو.

سارنگ! نوڙيءَ جو سُڪو پَٽُ آهي، تعلقي ڪاري چاڻ جو ڳوٺ آهي. هن ڳوٺ مان درياءَ

جون چاڙون (ناليون ۽ ڍورا) نڪرن ٿيون. هت رهندڙ ذاتيون جت، ملاح، دانڏل، جيڪي حاجي ابراهيم واڙيءَ واري جا خليفا آهن، دانڏل ذات جا ٻه پاڙا آهن. هڪڙو ”اچڙن“ جو پاڙو، ٻيو ”ميرن“ جو پاڙو.

چوٿين ذات سومرن جي آهي، جن جو هت هڪڙو گهر آهي، نوڙيءَ جي ڳوٺ پرسان آسپاس جتي مهاڻا رهندا آهن، انهن جا اٽڪل هن وقت ٿي چار سئو گهر آهن. جت اصل ۾ مهاڻا ڪونہ هئا، پر هي مالوند ماڇهو هئا، جيڪي ٻنيون آباد ڪندا هئا، جڏهن ڪوٽڙي بئراج نهيو، هوري هوري پاڻي بند ٿي ويو، مقامي آباديون ختم ٿينديون پئي ويون. وقت تي پاڻي نہ اچڻ ڪري فصل سڪڻ ۽ تباهہ ٿيڻ لڳا. مالوند ماڻهن جو مال بک مرڻ لڳو، سندن گذر سفر ڏکيو ٿيندو ٿي ويو، جيئن ملاح (مهاڻا) جن جو گذر سفر مڇي ۽ مٺي پاڻي تي هو. درياهہ جي ڪنڌيءَ ۽ ڍورن ۾ رهندڙ ماڻهو جيڪي ٻين ذاتين وارا هئا، تن پنهنجي جياپي ڪاڻ مڇي مارڻ جو ڌنڌو شروع ڪيو.

ايتري ۾ هڪڙو نوجوان چانهہ کڻي آيو، جنهن کي سجاد اڳ چئي ڇڏيو هو، سجاد ٽن ڪوپن ۾ چانهہ لاهي، هڪڙو ڪوپ سارنگ کي ڏنو، باقي ٻہ ڪوپ وينلن کي چانهہ جا ڏنا، چانهہ پيئڻ ڪانپوءِ سجاد اٿندي چيو.

پائو سارنگ! اچو...

جي.... سارنگ چپن ۾ چئي دڪان ۾ وينل ڳوناڻن کان موڪلائي ٻاهر آيو. هن جي نگاهہ وري هوڙن تي پئي، جن کي ٻارن ويني ڪرچيو. سارنگ جو ڌيان هوڙن ڏانهن ڏسي سجاد ڪيس چيو.

ادا سارنگ! جيڪي هوڙا بينل ڏسو پيا، اهو ڏٻو ڍورو آهي، هن وقت پاڻي آهي ڪونہ، آلڙ ۾ اهي هوڙا بينا آهن، ان ڏٻو ڍورو ڪانپوءِ تي درياهہ نڪرن ٿا.

1. لياري درياهہ: جيڪو حاجي ابراهيم واڙيءَ واري کان گهمندو وجي واڙي درياءَ ۾ پوي ٿو. پوءِ اتان سمنڊ ۾ داخل ٿئي ٿو.

2. شڪرانو درياهہ: اهو درياهہ بہ حاجي ابراهيم حيدري واڙيءَ واري کان ڦرندو گهمندو پوءِ سمنڊ ۾ داخل ٿئي ٿو.

3. مل درياهہ: اهو درياهہ ڏٻو ڍوري کان ٿورو اڳيان گذري ڪانئر درياهہ ۾ پوندو آهي، پوءِ وڃي سمنڊ ۾ پوي ٿو.

سجاد ٻانهن ۾ پيل گهڙيءَ ۾ ڏسندي سارنگ کي چيو.

”ادا! اچو هلو... رستي ۾ ڪچهري ڪنداسين.“

ڊاٽسن جو ڊرائيور لهي ويو، ان جي جاءِ تي سجاد وينو. سارنگ اڳين سيٽ تي اچي وينو، سجاد گاڏي چالو ڪري دڪان جي پاسي وارو گس وٺي نوڙي ڳوٺ کان ٻاهر نڪري آيو. ڊاٽسن ڪلراني زمين تان هلندي رهي، سجاد گاڏيءَ جي رفتار هلڪي رکندي چوڻ لڳو.

”سارنگ! اسين ڪاري سمنڊ جي ڀيٽن ۾ رهندا هئاسين، مِٺي پاڻيءَ جي نہ هئڻ ڪري سمنڊ اچي اسان جي گهرن ڪي ڇهتو. زمينون ڪاريون ٿي ويون. پوءِ اسين 1985ع ۾ پنهنجا اصل گهر ڇڏي، اچي نوڙيءَ ۾ آباد ٿياسين.“

سجاد پنهنجي پاسي واري ٽِڪَ (شيشي) ۾ نهاريندي چوڻ لڳو.

ادا... ڏسين پيو زمين جي حالت پاڻيءَ ڪانسواءِ ڪيئن سڪي سڙي وئي آهي. اڳي تہ آنچر يعني جهجهوپاڻي هوندو هو، هاڻ تہ پيئڻ لاءِ لَپ پاڻي جي ملي ڪانہ ٿي. سجاد ائين چئي خيالن ۾ گم ٿي ويو. گهڙي پنڌ ڪان پوءِ سجاد پاڻ کي خيالن مان ڇڏايو. سجاد جي چهري تي پريشانين واريون لڪيرون ڏسندي ڪيس سارنگ دوستي ۽ هجت واري انداز ۾ چوڻ لڳس.

”سجاد! ڪهڙي ڪن ۾ وجين ڦاٿو هئين؟“ سجاد ٿڌو ساهہ ڀري وراڻيو.

”ادا... پاڻي ڪانسواءِ ڪهڙو جيئڻ ۽ مرڻ. بس انهن سوچن ۾ ورتل هوندا آهيون. الائجي ڪڏهن درياءَ منجهہ پاڻي ايندو ڏينهون ۽ ڀورا وهندا ۽ زمين آباد ٿيندي.“

سارنگ مذاق وارو انداز ڪندي وري ڪيس چيو. ”ڪٿي ائين تہ ناهي سون پريءَ جي خيالن ۾ ونجي ويو هجين.“ سجاد ٽڪ ۾ نهاري وري سارنگ کي ڏسي چيو.

”نہ يار! اهڙا خيال ڪٿي ٿا ذهن ۾ جڙن، اسين پيٽ گذران لاءِ پريشان... اهڙا خيال ڀوءُ واري ماڻهوءَ کي ايندا آهن.“ سارنگ کان هلڪو ٽهڪ نڪري ويو، سجاد بہ مرڪي ڏنو، پر هن جي چپن تان مرڪ اوچتو غائب ٿي وئي، ڏکاري انداز ۾هڪ واقعو ياد ڪندي سارنگ کي چوڻ لڳو.

ادا...! مون ڏٺو ڀوري ڪان مَڇي ڏاتسن ۾ پرائي پئي، اوچتو واءُ گهليو، هوا جو رخ ڏسي سمجهي ويس، جاڻ طوفان اچي ويو. پوءِ ڏانهن ڪري مَڇي پرڻ وارن کي چيم.

”جلدي ڪريو، برسات رسڻ واري آهي، گاڏيون ڀريو...“

اجا ڪجهہ منٽ مس گذريا، گاڏيءَ ۾ همراهن ٽڪڙ ۾ مَڇي ڀري تہ هوا سان گڏ برسات ۽ سمنڊ جو پاڻي پيرن ۾ اچي پيو. آءٌ ڏاتسن چالو ڪري ونئي پڳس، پر طوفان ۽ برسات ايتري پئجي وئي جو ڏاتسن جي اندر پيرن ۾ اچي پاڻي پيو. ڏاتسن جا ڦيٿا ظاهر ئي نہ پيا ٿين، نہ ئي گس جي خبر پئي پوي. پتو ناهي تہ مون ڪيئن ڏاتسن ڊوڙائي اچي ڪوڏاريو ڳوٺ ۾ سُڪيءَ تي پهچاءِ، ان وچ ۾ گاڏيءَ جي بريڪ ختم ٿي وئي ۽ ڪلراٺي زمين تان گاڏي هلندي رهي، جڏهن ڳوٺ ڪان گاڏي گذري تہ سجاد خالي پاسي ڪان نهاري ڏيوين کي ڏسندي سارنگ ڏانهن نهاري چوڻ لڳو:

”ادا! اسان ڪليري ڳوٺ مان گذرون پيا.“وري زمين ڏانهن نهاريندي سجاد چيو: ”ادا! مَل درياءَ جا نشان ڏسو، ڪيئن سڪو پيو آهي. مَل درياءَ ۾ جڏهن پاڻي هوندو هو تہ ان ۾ ايترا واڳون هوندا هئا جو ماڻهن کي ڪائي ويندا هئا. اهو مَل درياءَ نوڙيءَ مان گذري وڃي سمنڊ ۾ پوندو هو، ان وقت سمنڊ جي ڪناري تائين هي سڀ زمينون آباد

هونديون هيون، جنهن ۾ سارين جو پلوڙ فصل ٿيندو هو ۽ سونهڻ گاهه جام هوندو هو. هت رهندڙ ماڻهن وٽ مينهون، رڍون، ڳئون، جيئن ته مالوند ماڻهو رهندا هئا، انهن وٽ چوپايو مال تمام گهڻو هوندو هو، ان وقت مهاڻا قوم دبلا، ملڪائي، ديرائي، جت ۽ ونگرا رهندا هئا. زمين جي ڪاري ٿيڻ ڪان پوءِ سيئي هتان لڏي ڪراچيءَ طرف ابراهيم حيدري، ڪي ريڙهي مياڻ ۾ آباد ٿيا. باقي ڪجهه جت ۽ دبلا ڪيٽي بَندَر پاسي وڃي مڇي مارڻ وارو ڌنڌو شروع ڪيو. هاڻ اتي پئسن جو پاڻي يعني مقامي ماڻهو پاڻيءَ جو ٽينڪر گهرائي پيئندا آهن، ٽيهن رپين جو هڪ پيپلو (ڪين) وٺندا آهن.

سارنگ ڳالهه ٻڌندو ڪلراٺي زمين ڏي نهاريندو رهيو. هي پري ڪان هڪ ملاح کي ڏٺو، جنهن جو ڏبرو جسم ڪلراٺي زمين جهڙو هو، هو ڳٽتين ۾ وک کڻندو، اس ۾ هلندو، ڪنهن وقت مٿي آسمان ڏي نهاريندو، وري زمين جي ڪلر واري وجود کي ڏسندو هلندو ٿي ويو.

سارنگ جي دل مان دانهن نڪري وئي.

”مٿيءَ ۽ مهاڻن جو درد هڪ جهڙو.“

”سارنگ درد جي آويءَ ۾ پچندو ٿي رهيو، هن جي ذهن ۾ ڪئين سوال اپرندا رهيا، پنهجي اندر ۾ ڳالهائيندو رهيو.

ساموندي ۽ ساحلي پٽيءَ تي صدين ڪان رهندڙ هي انسان مهاڻا جيڪي پنهنجي محنت سان ٻين کي جياريندا ٿي آيا، سي اڄ پنهنجي جياپي ڪاڻ ٻين ڏانهن نماڻا نيڻ کڻي پيا واجهائين.“ سارنگ کي خيالن ۾ گم ڏسي سجاد کيس چيو.

”سارنگ! ڇا پيو سوچين؟“

سارنگ خيالن مان پاڻ ڪان ڇڏائي ڪجهه چوڻ ڪانسواءِ ماٺ ٿي ويو، پر سجاد هن جي سوچ کي پرکي ويو، پوءِ کيس چوڻ لڳو.

”سارنگ!“

”جي...“ سارنگ آهستي جواب ڏنو، سجاد کيس مرڪي چيو.

سارنگ! تنهنجين سوچن ۾ سرجندڙ سوالن کي سمجهي ويو آهيان. شايد... تون ڪجهه چوڻ چاهين پيو، پر چئي نه سگهيو آهين.

ايئن چئي سجاد ڊاٽسن کي اولهه طرف موڙي چيو: ”ادا! اسان درس ۽ پنهورن جي ڳوٺ ٻاهران گذري رهيا آهيون.“ پوءِ سجاد گاڏي موڙي ٿڌو ساهه پري چيو:

”تو... مٿيءَ ۽ مهاڻن کي پري ڪان ڏٺو آهي، پر هن وقت ٻنهي جي اندر ڏک سور ساڳيو پيو پلجي ۽ ماٽيءَ ۾ مهيءَ جيان پيو ولوڙجي. يلا... هت ڪير ٿو ڄاڻي مِٽي، مهاڻن ۽ ملاحن جو درد ڪهڙو آهي...!؟ اسان مهاڻن جي اندر جا وڍ ۽ ولوڙ اهوئي ڄاڻيندو جنهن کي هن مٽيءَ جي مهڪ سان محبت هوندي، کيس پنهنجي وجود ڪان وڌ پاڻيءَ سان پيار هوندو. مهاڻا ۽ ملاح هي هينيون طبقو سماجي ۽ بنيادي سهولتن ڪان ڪٽيل صرف پاڻيءَ

تي پلجن، هاڻ اهو پاڻي بہ ڪونهي.

سجاد ماٺ ۾ پئجي ويو، ٿوري سانت ڪانپوءِ چوڻ لڳو: "سارنگ! هڪ ڳالهہ چوانءِ...."

"چئو ادا...!" سارنگ ڪنڌ ورائي سجاد ڪي موٽ ڏني.

سارنگ! موت ڪان هر ڪو ڊڄندو آهي، موت جي منهن ۾ ڪوئي ناهي ويندو، پر هن وقت مهاڻو اهڙي ڪنڌيءَ ۽ جاءِ تي بيٺو آهي جو چئني پاسن ڪان موت ئي موت جو گهيرو يعني چئو ڪنيو موت سان ٻڌو پيو آهي. ان حالت ۾ رهندي بہ مهاڻا موت جي منهن ۾ اکيون ملائيندا، بي خوف ٿي جياپي جي جنگ پيا وڙهن، هي ابوجهہ موت کي مات ڏئي پنهنجو حق حاصل ڪري وٺندا.

سارنگ خاموشيءَ سان ڳالهہ ٻڌندو رهيو، هن جي اندر ۾ ڪلراٺي زمين/ مٽيءَ جو درد اٿل پٿل ڪائڻ لڳو.

اسان ننڍپڻ ۾ سنڌو نديءَ جي ڇولين کي ڇير جهڙي مٺڙ آواز تي ناچ ڪندي ڏٺو. اهي ڇوليون ڪُڏ ڏينديون مرڪنديون خوشحالي جا سر آلاپينديون هيون، تہ ڪنڌين تي بيٺل ڪانهہ سنڌوءَ جي ڇولين کي ڏسي جهومي پوندا هئا. پري پري تائين رهندڙ مهاڻا هوا جي شور ۾ سنڌوءَ جو آواز ٻڌي خوش ٿيندا هئا ۽ ائين محسوس ڪندا هئا. ڄڻ ڪين سنڌو چوندي وجي ."مان سنڌو آهيان صدين ڪان وٺي ساحلي پٽي وارن لاءِ گيت ڳائيندي پئي اچان، پنهنجي پاڻيءَ سان زمين کي وهنجاري ڇڏيندي آهيان ۽ اها زمين پنهنجي بدن تي ساوڪ پري پوشاڪ پهريندي آهي تہ ڏاڍو خوش ٿيندي آهيان. پوءِ ٿڪ ڏيندي سمنڊ جي لَهرن سان اچي ڀاڪر پائي ملندي آهيان. ها... ڪاري پاڻيءَ سان ملي هڪ ٿي ويندي آهيان. اوچتو سارنگ ڇرڪ پريو. هن ٻنهي طرفن ڪان ڪلراٺي مٽيءَ، لاٽن ۽ ديوين جي وٽن ڏانهن نهاريو تہ ڪيس سجاد چوڻ لڳو.

ادا سارنگ! انسان جي ارتقا، پاڻي، باهہ ۽ هوا تي ٿي آهي. پاڻي هر جيوت کي جيئدان ڏنو ۽ پاڻيءَ ڪانسواءِ ساهہ وارو زندهہ رهي نٿو سگهي. هزارن سالن ۽ صدين ڪان وٺي مهاڻو سامونڊي پٽيءَ تي رهندو پيو اچي، پر اڄ اها ساحلي پٽي ان جي پيرن مان کسڪائي ٿي وڃي ۽ صدين جي وارثيءَ وارو سندن حق ماريو ٿو وڃي. هنن جي روزگار جا وسيلا ختم ڪيا پيا وڃن، هتان جو ملاح، مهاڻو، معاشي بدحاليءَ سان گڏ بيروزگاريءَ جي ٻرندڙ باهہ ۾ پچري ۽ جلي پيو. ڪلراٺي زمين مٿان هوا تي ديوين جا ننڍڙا وڻ لڏندا رهيا، سجاد زمين ڏانهن نهاري ٿڌو ساهہ پري ڇيو.

ادا... توهان مهاڻن جي زندگيءَ جا عڪس هن مٽيءَ مان چٽا ڏسي سگهو ٿا. هيءَ مٽي توکي خود شاهدي ڏيندي تہ هتان جا ماڻهو زندگي ڪهڙي پيا جيئن، هر طرف ويراڳيءَ جو واءُ پيو لڳي، پيٽيون يعني (جايون، پٽ، جتي مال گاهہ چرندو هو) برباد ٿي ويون.

ادا... جنهن تيريءَ سان دنيا جديد کان جديد دور ڏانهن وڌندي پئي وڃي، ان جي پيٽ ۾ اسين ٻٽي غلاميءَ ۾ جڪڙندا وڃون ٿا. جيئڻ جا سڀ وسيلا وڃن پيا کسجندا. پاڻيءَ کانسواءِ اسان جا ماڳ وڃن پيا اجڙندا. ڪي ڪيڏانهن پيا وڃن، ڪي ڪيڏانهن...!

سجاد جي درد ڀري گفتگو سارنگ کي سوچن ۾ ويڙهي ڇڏيو، هن جي ذهن ۾ ڪيترائي سوال اڀرڻ لڳا. هن جي نگاهه ڀري کان ٻارڙن تي پئي، جيڪي پنهنجن گهرن اڳيان پيرن اگهاڙا ڪلراٺي زمين تي ڊوڙندا ٿي رهيا. سارنگ ان ڳوٺ جو نالو پڇڻ پئي گهريو ته... سجاد ڳوٺ جي ڪانئين ۽ ڪڙن جي نهيل گهرن ڏانهن ڏسي وري سارنگ کي چوڻ لڳو.

ادا! مَل درياهه جتان سمنڊ ۾ داخل ٿئي ٿو، اتي هيٺئر ٽي ڳوٺ آباد آهن.

1. ”حاجي محمد جت“ جيڪو درياهه جهڀ ۽ ديهه ڪن ۾ آباد آهي.
2. ”حاجي منو جت فقيراڻي“ درياءَ ڪانئر ۽ ديهه آڏياڙيءَ ۾ آباد آهي.
3. ”حاجي ابراهيم جت ونگائي“ جيڪو اوڙڪ (ٻاڙو) ونگائي سڏبو آهي. هي ڳوٺ مَل درياءَ تي ديهه ٽڪو ۾ آباد آهي، اتي ٽي چار سئو گهر جتن جا آباد آهن، سي گهرن ۾ جتڪي ٻولي ڳالهائيندا آهن.

سارنگ مَل درياءَ مان نڪتل واهه ڏانهن نهاريو، جنهن ۾ پاڻي ڪونه هو، پر ان جي ڪوٺائي ٿيل نظر آيس. سجاد هن جي اکين ۾ نهاري سمجهي ويو، پوءِ چوڻ لڳو.

ڀائو! اسين هڪ دفعي چئن ڳوٺن وارا گڏجي، جنهن ۾ ڳوٺ حاجي محمد جت، حاجي عالم جت، حاجي علي محمد جت ۽ يوسف جت ڳوٺ شامل هئا. اسان سال 1986ع ۾ هڪ لک رپيا خرچ ڪري ماڇڪي ناليءَ مان پنهنجي خرچ تي واٽر ڪڍي نوڙيءَ تائين پهچايو، پر ڏک جي ڳالهه اها ته مهينو مس پاڻي هليو، جيڪو واري وارو هو، سو به زور تي پنهنجي مڙسيءَ تي ورتوسين، مهينن ڪانپوءِ وري اهڙا جو اهڙا، پاڻي جي لپ لاءِ پيا سڪون. چوندا آهن ”غريب جا ڀاڳ به غريب.“

وري اسان ڳوٺ وارن گڏجي ٻن سالن کان پوءِ لک سوا خرچ ڪري ٻيو دفعو واٽر ڪوٺايو، پوءِ به پاڻي نه مليو، نيٺ ٽئين سال به واٽر ڪوٺايوسين، واري وارو پاڻي مليو، ٽي مهينا مس هليو، ان ڪانپوءِ سدائين سڪيءَ تي آهيون. پاڻيءَ جي لَپَ ڪنهن به درياهه ۾ ڪانهي ڪا. سج جا ڪرڻا ڌرتيءَ تي تيز تکا ٿيندا ويا، ڪلاڪ ڏيڍ ڪانپوءِ گاڏي اچي آٽرڪي ٽڙ تي پهتي، ٽڙ وٽ چار پنج هوڙا بيٺل هئا. هڪ به ڪاٺ جا دڪا نهيل، انجي پرسان چني ۾ چانهه جو هوٽل هو. قد جو ڊگهو همراهه، سانورو رنگ مشڪندو هوٽل مان ٻاهر آيو، ڪيس سجاد سڃاتو، گاڏيءَ مان هيٺ لهي ان سان مليو. سارنگ به هيٺ لهي آيو، ان همراهه سارنگ کي پنهنجائپ واري انداز سان ڀاڪر پائي مليو.

”ڀائو! ڀلي آئين.“ سارنگ کي ائين چئي پوءِ سجاد جو هٿ پڪڙي چوڻ لڳو.

”سجاد! گهڻن ڏهاڙن کان پوءِ مهنڙو ڏيکارو اٿئي.“ سجاد کيس ورندي ڏني.

”گلڻ...! چا ڪريون... وقت ملي ئي ڪونہ پيو.“

گلڻ هوٽل ۾ اچي ڪاٺ جي بينچ تي وينو، دخل تي وينل همراهہ ڏانهن منهن ڪري چوڻ لڳو.

”ادا... مهمان آيا آهن، چانهہ پيار.“

”گلڻ! کير ختم ٿي ويو آهي.“ اهي لفظ سجاد ٻڌي گلڻ کي چوڻ لڳو.

يار! چانهہ جي ڳالهہ ڪانهي تڙ تي هلي ٻيهون، ڪو هوڙو ڏسون هن دوست کي ڏانڊيو تڙ تي موڪلڻو آهي.

اچو... ائين چئي گلڻ اٿيو تہ سارنگ ۽ سجاد بہ هن سان گڏ اٿيا... رستي ۾ ٻہ ٽي نوجوان سجاد سان اچي مليا. سارنگ جي نگاهہ تڙ تي بيٺل هوڙن ۾ هئي، هڪ هوڙي مان مهاڻا سائي رنگ جو پلاسٽڪ وارو رَڇَ هيٺ لاهي رهيا هئا، رَڇَ کي ٽي ڄڻا هڪ پاسي کان ۽ ٽي ڄڻا ٻئي پاسي کان ڇڪيندا هوڙي مان سڪيءَ تي لاهيندا ٿي ويا. هو اهڙيءَ طرح سان رَڇَ کي لاهي رهيا هئا، جيئن رَڇَ هيٺ نہ ڪري، ڪنهن ڪانٽيءَ منجهہ اٽڪي ڦاسي نہ پوي. رَڇَ جي ٻنهي طرفن کان رسيءَ ۾ ٻڌل گول پڪي مٽيءَ جون اڌ کلو ۽ کلو واريون پاريون هيون. ائين ڪندي هڪ گهاٽيتو هوڙو ڪاري پاڻيءَ منجهہ شور ڪندو اچي تڙ تي بيٺو، جنهن ۾ تيرهن چوڏهن ماڻهو، ڪي وينل تہ ڪي بيٺل هئا، جن جي چهري تي ٿڪَ سان گڏ سرهائي بہ هئي، ڪي مهاڻا هوڙي منجهہ پنهنجو سامان سهيڙڻ لڳا، شايد... اهي سمنڊ مان مَڇي ماري آيا هئا. سجاد رَڇَ لاهيندڙ ڏانهن ڏسي پوءِ سارنگ کي چوڻ لڳو.

پائو! توهين مهاڻن کي رَڇَ لاهيندي ڏسو پيا، انهن کي رَڇَ لاهڻ ۾ ڪلاڪ سوا لڳي ويندو، سو بہ سڪيءَ تي ۽ سمنڊ ۾ مَڇي مارڻ جي لاءِ رَڇَ هَٽڻ ۾ ڪين وڏي محنت ڪرڻي پوندي آهي. سجاد ڳالهہ ڪري رهيو هو تہ هڪڙو ڊگهي قد وارو نوجوان رنگ جو سانورو سجاد سان اچي مليو،کيس سجاد ڀاڪر پائيندي چيو.

ادا... غلام محمد ڪاتيار ڪهڙا حال اٿئي؟

پائو سجاد! ڪهڙا حال پيو پڇين... يار... ٿي سؤٽ هوڙي سوڏو پڪڙجي ويا.

هوڙو ڪنهن جو هو؟ سجاد ڪائنس پڇيو.

احمد ڪاتيار جو... غلام محمد مختصر جواب ڏئي خاموش ٿي ويو. هن سارنگ ڏانهن نهاريو، کيس ياد نہ پيو اچي تہ مون مهمان کي هٿ ڏنو آهي يا نہ...!! پوءِ سارنگ ڏانهن ڏسي هٿ ملايائين.

پائو! معاف ڪجو ڳالهين ۾ پئجي ويس، توهان سان هٿ ڪونہ ملايو.

ادا... اهڙي ڳالهہ ڪانهي ڪڏهن ڪڏهن ائين ٿي ويندو آهي.

ها پائو! اٿارن ۾ ورتل انسان ائين ئي هوندو آهي.!! غلام محمد ائين چئي وري سجاد کي پنهنجي ڏک جي ڳالهہ ٻڌائڻ لڳو.

ادا... منهنجا ٽي سئوٽ محمد يونس، علي نواز ۽ احمد چاچي مرحوم طيب جا پٽ آهن، هي هڪ ئي گهر جا ٽئي ڀاتي ۽ ڪمائڻ وارا به اهي هئا، سي "القادري" هوڙو کاهي ويا، جيڪو سير درياهه کان پڪڙيو ويو. ڪين انديا وارا ڪٽي ويا. ان هوڙي ۾ منهنجي سئوٽن سان گڏ ڇهه ڄڻا ٻيا هئا، سي سيئي ڳوٺ حاجي يوسف ڪاتيار جا آهن، جنهن ۾: ناڪئو عبدالرحمان پٽ حاجي صديق ڪاتيار، عبدالغفور، حبيب الله ولد عرس ڪاتيار، ايوب ولد اسماعيل ڪاتيار، علي نواز ولد عرس ڪاتيار۽ محمد عثمان ولد دلبر ڪاتيار شامل آهن." سجاد هن جي ڇهري ڏانهن نهاري چوڻ لڳو. ادا... احمد ڪاتيار جا اڳ ۾ به هوڙا جهليا هئا...؟

ها... پروڪي سال 2005ع ۾ احمد ڪاتيار جا ٻه هوڙا جيڪي پنهنجي سمنڊ وارين حدن ۾ هئا، انديا وارا اچي تن کي پڪڙي ويا، انهن ۾ هڪڙو ڇوڪرو محمد ولد خير محمد ڪاتيار جو هو، جيڪو اڃان تائين انديا جي جيل ۾ آهي. جيڪي هوڙا پڪڙيا انهن جي قيمت لڳ ڀڳ چوڏهن لکن جي آهي. احمد ڪاتيار وڏي جگر وارو ماڻهو آهي. اسان اهو پهريون مالڪ ڏٺو آهي، جنهن جو ايڏو نقصان ٿيڻ کان پوءِ به هو پنهنجي يعني قيد ٿيل مهاڻن جي ٻچن ٻارن جي سار لهندو اچي پيو. هر مهيني جي پندرهن تاريخ تي انهن نون مهاڻن جي گهر ۾ اچي ڪين گذر سفر لاءِ هر هڪ جي گهر کي ٻه ٻه هزار رپيا ڏئي ويندو آهي، هي هر ڪنهن ذات واري سان چڱو هلندو آهي. سارنگ تڙ طرف نهاري سجاد کان پڇيو: "ادا! هن وقت ڪهڙين ذاتين وارا هت رهن ٿا؟"

"ادا! اسانجي ڳوٺ حاجي يوسف ڪاتيار ۾ هن وقت جيڪي ذاتيون رهن پيون تن ۾ ڪاتيار، سولنگي، ڏانڊل، پنڙ، سيد، سهتا، درس، ڇڇائي ملاح ۽ سومرا رهن پيا." غلام محمد ڪاتيار ڳالهه پوري ڪئي ته گلڻ تڙ تي بيٺل هوڙن ڏانهن هليو ويو.

سجاد ۽ سارنگ ٻئي بيٺا ڳالهه ٻڌن... پوءِ غلام محمد ذهن ۾ خيال آڻيندي سجاد کي چوڻ لڳو.

"ادا سجاد...! هلو اسان وٺ ترسو." سجاد مرڪي جواب ڏنو.

"يار! ڪنهن ٻئي دفعي." پوءِ سارنگ ڏي نهاري وري غلام محمد کي چيائين.

هي دوست سارنگ آهي، هن کي ڏانديو تڙ تي ڀاءُ طفيل ڏانهن موڪلڻو آهي.

ايتري ۾ گلڻ تڙ تان موٽي آيو ۽ سجاد کي چيائين.

ادا! اچو... هڪڙو هوڙو ڏانديو وڃي پيو. پوءِ سجاد ۽ سارنگ ان هوڙي طرف وڌي ويا، هنن کان غلام محمد ڪاتيار موڪلايو ۽ هو هوٽل جي طرف هليو ويو. جڏهن هوڙي وٽ پهتا ته سجاد مرڪي سارنگ کي چوڻ لڳو.

ڀائو! توهين ڏانديو تڙ تي جيئن پهچندا ته اتي طفيل ۽ منهنجو چاچو اوهان کي ملندو.

جي ادا... مهرباني... سارنگ وراڻيو ته سجاد ڀاڪر پائي کيس چيو.

ادا... مهرباني جي ڪهڙي ڳالهه...

پوءِ سارنگ مشڪي گلڻ سجاد کان موڪلائي اچي هوڙي ۾ وينو. سارنگ هٿ لوڏي دوستن کي الوداع چيو. پاٽڻي ڪرسيءَ تي اچي وينو ته ٽن چئن جڻن رسيءَ کي ڇڪي موٽر چالو ڪيو، گهاٽيئو هوڙو پاڻيءَ کي چيريندو ڊانديو تڙ ڏانهن هلڻ لڳو. هڪڙي نوجوان اچي سارنگ سان هٿ ملايو، هن پنهنجو نالو سومار منڊرو ٻڌايو ته ڪيس سارنگ چيو.

ادا! ڪٿان پيا اچو؟ سارنگ جي ان سوال تي سومار مرڪيو، هي قد جو هلڪو، هوڙي ۾ وينل خَلاصين کي ڏسندي جيڪي مرڪي رهيا هئا، پوءِ سومار چوڻ لڳو.

پائو! اسين سمنڊ مان مَڇي ماري پيا اچون،ا سان جي هوڙي جو مالڪ محمد حنيف ڪاتيار جيڪو آٽرڪيءَ جو آهي، ان ڪري اسين ڪجهه گهڙيون اتي بيناسون،هاڻي مَڇي ڪٽي ڊانديو تڙ پيا وڃون.

سارنگ هوڙي جي ٽانڪيءَ پرسان وينل مهاڻن کي ڏٺو، جن جي توجهه هنن ٻنهي ڏانهن هئي، پوءِ سارنگ کي خيال آيو ته ”هن کان مَڇيءَ جي باري ۾ پڇان“.

ادا! توهان ڪهڙي مَڇي ماريو پيا اچو؟

پائو! مسڪا مَڇي ۽ سول مَڇي، جيڪا ڊانديو تڙ تي لاهينداسين، اتان واپاري ڊاٽسن ۾ ڪراچي ڪٽائي ويندا.

هوڙي ۾ هڪڙو نوجوان پاهوڙو معنيٰ ناتاريءَ جي رَڃَ کي ڇڪي وينو، سارنگ کي ان طرف ڏسندي سومار منڊرو هن کي چوڻ لڳو.

ادا... اسين ڊانديو تڙ تي پهچڻ وارا آهيون، جڏهن ڊانديو تڙ پهچنداسين ته اهو نوجوان ناتاري اچلائي هوڙو بيهاريندو.

سارنگ ان جوان تان نظرون هٽائي پوءِ هوڙي ۾ پيل پٽرن (پارين) ڏانهن ڏٺو، جيڪي رسن ۾ ٻڌل هئا ۽ اهي رَڃَ کان الڳ پيا هئا. هوڙي جي رفتار جهڪي ٿيندي وئي، سارنگ ڊانديو تڙ ڏانهن ڏسڻ لڳو، جتي پندرهن ويهه هوڙا بيٺل هئا، ڪن هوڙن ۾ مهاڻا سامان چاڙهي رهيا هئا ته ڪن هوڙن مان مهاڻا رَڃَ هيٺ لاٿا پئي. سارنگ جنهن هوڙي ۾ وينو هو، ان جو موٽر بندٿي ويو، پوءِ آهستي آهستي اچي ڪنڌيءَ پرسان پهتو. سومار منڊرو آواز ڏئي هڪڙي نوجوان کي چيو.

”آڏيو رکو...“ پوءِ سارنگ ڏانهن نهاريندي چيائين.

ادا لهو... جيئن سارنگ هيٺ لهي سگهي تي اچي بيهو ته هن سان گڏ سومار منڊري هوڙي تان لهي پرسان بيهندي چيو.

پائو! سيٺ طفيل ڏانهن هلڻو آهي.؟

”ها ادا...“

اچو... ان جي جاءِ تي هلون.

سارنگ ان سان گڏ هلندو تڙ تي بيٺل هوڙن کي ۽ سڪيءَ تي بيٺل ڊاتسن ڏي نهاريو ڪن ڊاتسن مان مهاڻا برف جون ناديون لاهيندا، ڪاٺ جي تختي تي رکي ان کي لوهي شيخن سان گهليندا هوڙي ۾ وجهندا ويا. هڪڙي ڇٽي آواز ڏنو، جيڪو هوڙي تي بيٺل هو.

”او... گامون... ڍر نہ ڪر... ناديءَ کي ڇڪي وٺ.“

سارنگ ان شخص ڏانهن نهاري ساڄي طرف مڙيو. هن جي اڳيان سومار منڊرو هلندو پيو وڃي، ڪجهہ قدمن ڪانپوءِ هڪڙي لنگهہ کان اندر ٽپي سومار سامهون ڇني جي اندر هليو ويو. سارنگ جي نگاهہ ڇني ٻاهران اگڻ تي پئي جتي سج جي روشني ۾ سنها سنها اڇڙا جيت جيڪي سڄي اگڻ تي گهمندا پئي رهيا. هي انهن جيتن کي ڏسي بيهي رهيو. پوءِ ڇني کي ڏسڻ لڳو.

ڇنو خوبصورت ڊزائين ۾ نهيل هو. ڪاٺ جي پٽين تي رنگين سهڻا ڇٺ نهيل هئا. اهو ڏسي هن کي ڪيٽيءَ بَندَر جا دڪان ياد اچي ويا. ڪجهہ منٽن ڪانپوءِ سومار ڇَني کان ٻاهر آيو، هن سان هڪڙو بزرگ شخص سفيد ڏاڙهي، ڇپن ۾ مرڪندو سومار سان گڏ ٻاهر آيو، هن سارنگ کي ڏسندي چيو.

”توهان طفيل جا مهمان آهيون؟“

”ها... چاچا.“ سارنگ آهستي چيو.

سومار منڊري موڪلائيندي سارنگ کي چيو.

هي چاچا حاجي محمد احمد جت آهي، هاڻ آءٌ هلان پيو، ائين چئي سومار هليو ويو.

”ابل! اچو...“ حاجي محمد احمد مُرڪي سارنگ کي ڇني ۾ وٺي آيو.

ڇني ۾ ڪاٺ جي ننڍڙين جافرين منجهان سج جا ڪرڻا اندر ليئو پائيندا تي رهيا، ڇني جي اندر کٽ تي خوبصورت چادر وڇايل ۽ ننڍين ٽنگن وارو ڪاٺ جو صندل، تنهن پرسان پاڻيءَ جو ڪولر رکيل هو، ان جي پرسان اڇي رنگ جون پلاسٽڪ واريون ڪرسيون قطار ۾ رکيل هيون، پٽ تي ڊزائين واري پلاسٽڪ وڇايل هئي.

حاجي محمد احمد جنهن جي ڇپن تي مرڪ پکڙيل هئي، مهمان جي اچڻ ڪري هن جو من خوشيءَ کان جهومڻ تي لڳو. پوءِ اشارو ڪندي سارنگ کي چوڻ لڳو.

”ادا... کٽ يا ٻاجهٺ تي ويهو.“ سارنگ کي ٻاجهٺ جو لفظ سمجهہ ۾ ڪونہ آيو، پوءِ وک کڻي کٽ تي سيرانديءَ کان ويهي ڪلهي تان ٽيلهو لاهي پاسي کان رکيو. سارنگ کي چاچي ٻيهر پنهنجو تعارف پاڻ ڪرائيندي چوڻ لڳو.

ادا...! منهنجو نالو حاجي محمد احمد سنواٽي ونگائي آهي. ونگائي جو لفظ ٻڌي جيئن سارنگ غور سان ڏانهس نهاريو تہ پوءِ هن مشڪي ڏنو ۽ سارنگ کي وري چوڻ لڳو.

ادا...! ونگائي اسان جو پاڙو آهي ۽ جتن جي اوڙڪ آ، ونگائي ڪاري ۾ بہ آهن، هت

پنجاهہ کن گهر ٿيندا، اسين ريڙهي مياڻ ۾ رهندا آهيون، ريڙهي مياڻ ۾ ونگائين جا ٻہ پاڙا آهن. هڪڙو پاڙو وڏيرو حاجي امين جت ونگائي ۽ ٻيو پاڙو خليفو حاجي علي محمد جت ونگائي جو آهي.

سارنگ جو ڌيان وري ڇني کان ٻاهر انهن اڇن جيتن ڏانهن هليو ويو، هن جي اهڙي نهار کي حاجي محمد احمد سمجهي ويو.

”ادا... جيتن کي ڏسين پيو.؟“

”ها... سائين!“

حاجي محمد احمد مشڪي چوڻ لڳو: اهي جيت ”گذر“ آهن، جيڪي سنهي مڇي، جنهن کي ڪچ چئون، ان مان نڪرندا آهن. اسين اڳڻ تي سنهي مڇي سڪائيندا آهيون. سارنگ ڇني ۾ نهاري خاموش ٿي ويو تہ حاجي محمد سنواٽي ڪيس چوڻ لڳو:

”ادا... سارنگ! توهان جي پوري نالي جي ڄاڻ اڳ ۾ طفيل ڏئي ڇڏي، هن کي ضروري ڪم ٿي ويو ۽ ڪراچي هليو ويو، مونکي توهان جي لاءِ هتي رهائي ويو.“

”چاچا، مهرباني!“ سارنگ موٽ ڏني.

ڇني جي اندر در کان ۽ ڪاٺ جي جافرين مان ٿڏڙي هوا اندر آئي ۽ ڪن ماڻهن جي ڳالهائڻ ۽ شور جو آواز پڻ اندر ٿي آيو، جيڪو سارنگ سمجهي نہ سگهيو. سارنگ در ڏانهن نهاري وري ماٺ ٿي ويو. اهو ڏسي حاجي محمد احمد سنواٽي کان هلڪي کل نڪري وئي، پوءِ مشڪندي چوڻ لڳو. ”پائو! شايد... توهان جون ڌيان ڇني کان ٻاهر هليو ويو.“

”ها... سائين!“ سارنگ مشڪي جواب ڏنو.

ادا... تڙ تي مهاڻا هوڙن مان مَڇي لاهيندا هوندا، اهي سمنڊ مان شڪار ڪري موٽي آيا آهن، تڏهن خوشيءَ منجهان وڏي آواز ۾ پيا ڳالهائين. ائين چئي حاجي محمد احمد سنوائي ڪاٺ جي صندل تان اٿي چوڻ لڳو.

توهين! چانهہ پيئندا يا ماني کائيندا. حجاب نہ ڪجو؟

چاچا! ماني کائيندس... پر سارنگ جي ذهن ” لفظ ٻاجهٽ ڦرندو رهيو، پوءِ هن حاجي محمد احمد سنوائي کان پڇيو، جيڪو ڪاٺ جي صندل تي وينو هو.

”سائين! ٻاجهٽ جو مطلب سمجهائيندا؟“ سارنگ جي اهڙي سوال تي مرڪي چوڻ لڳو.

ادا! ٻاجهٽ، اسان ننڍين تنگن واري ڪاٺ جي صندل کي چئون. اهي لفظ ٻڌي سارنگ مشڪي ماٺ ٿي ويو. حاجي محمد احمد سنوائي ڪجهہ سوچي ڇني کان ٻاهر هليو ويو، سارنگ هن کي ڪنڌ ورائي ڏٺو تہ هو ڇني جي ٻاهران ڪنهن نوجوان سان ڳالهائي رهيو هو. سارنگ جو ڌيان وري تڙ تي بيٺل هوڙن ڏانهن هليو ويو، جن جوآواز ڇني ۾ اندر ٿي آيو. انهن آوازن سان گڏ تڏيءَ جو آواز سيٽيءَ وانگر وڄندو ڇني جي

جافرين مان اندر پئي آيو. هي اجان پنهنجن خيالن ۾ هو تہ حاجي محمد احمد سنواڻي اندر آيو. هن سان گڏ هڪڙو نوجوان ۽ ٻيو سندس همعمر شخص، قد جو ڊگهو مشڪندا اندر آيا. هنن سارنگ سان هٿ ملايو، پوءِ ٻئي ڄڻا ڪرسين تي ويهي رهيا. حاجي محمد احمد سنوائي سگريٽ دڪائي ڪاٺ جي صندل تي ويهندي دوستن جو سارنگ سان تعارف ڪرائڻ لڳو. هو پنهنجي همعمر دوست ڏانهن نهاري چوڻ لڳو.

سارنگ! هي منهنجو پيارو دوست ناڪئو حاجي حسين قاسماڻي جت آهي. اسان گهڻو عرصو گڏجي سمنڊ ۾ مَڇي ماري آهي، جڏهن سنڌوءَ ۾ مٺو پاڻي موجن سان وهندو هو تہ ان وقت اسين صرف پَلن جو واپار ڪندا هئاسين.

ائين چئي وري نوجوان ڏانهن نهاري ان جو تعاف ڪرائيندي محمد احمد سنواڻي چيو."يائو! هي ناڪئو محمد ڪاتيار آهي." پوءِ سارنگ جو انهن سان تعارف ڪرايو. ناڪئي حاجي حسين ڪجهہ سوچي چيو.

ادا سارنگ! واهہ جو اهو وقت هو، پلا گهڻا ماريندا هئاسين. هن جي ڳالهہ اڌ ۾ ڪٽيندي حاجي محمد احمد چيو.

يائو! ڪچهريءَ ۾ پلن جو ذڪر نڪتو آهي تہ پوءِ ٻڌو.

1965ع ۾ اسين پلن جو واپار ڪندا هئاسين، تڏهن ڪيرو پَلو ٻہ رپيا ۽ آنيءَ وارو پَلو اڍائي رپيا ڪلو وڪامندو هو. ان وقت اسين پَلو، روڙي ڪريڪ، لياري ڪريڪ، شڪرانو درياءَ ۽ مَل درياءَ مان ماريندا هئاسين. هر هوڙي وارو روزانو ٻہ سئو کان وٺي ٽي سئو تائين پَلا ماريندو هو. جڏهن اسين لياري ٽڙ، شڪرانو ٽڙ ۽ مَل درياءَ تان هوڙن منجهان هڪ هزار کان وٺي ڏهہ هزار پَلا ڪراچي ڪٽي وجي حاجي ابراهيم ميمڻ، جيڪو پَلن جو وڏو واپاري هو. اسين ڪڏا مارڪيٽ ۾ ان کي ڏئي ايندا هئاسين. حاجي ابراهيم ميمڻ اهي پلا سجي سنڌ ۾ موڪليندو هو. حاجي حسين ڏانهن محمد احمد جت نهاريندي چيو.

"ادا... اڳي جا واپاري نج نموني وڻج واپار ڪندا هئا، ڏيتي ليتي جا چڱا هوندا هئا، هاڻ واپارين وٽ انسان ابتا پيا ڪلجن."

پوءِ ناڪئو حاجي حسين چوڻ لڳو.

"يائو! اسين رات ڏينهن پلا ڪائيندا هئاسين، پر ڊوءُ نہ ٿيندو هو."

پَلي جي ڳالهہ ٻڌندي سارنگ جي منهن ۾ پاڻي اچي ويو، پوءِ حاجي محمد احمد جت ڏانهن نهاريندي چوڻ لڳو.

چاچا محمد! توهين اهو ٻڌايو، ڪڏهن پَلو خود پڇايو اٿوَ؟

سارنگ جي اهڙي سوال تي هن مرڪي ڏنو... پوءِ ٿڌو ساهہ ڀري چيو.

ها سارنگ! مون خود پَلو پڇايو آهي، سچ پڇين تہ پَلي جو نالو وٺندي اسان کي سٺ وارو ڏهاڪو ياد اچي ويو... ڇا تہ ان وقت جو پَلو هوندو هو... پَلي جو نالو وٺندي

ڏس وات ۾ پاڻي اچي ويو آ.

اها خبر حسين ناڪئي کي آهي ته آءُ پَلو پچائي ڄاڻان... پَلي پچائڻ جا ڪيترا طريقا آهن. سگهڙ عورتون هن جا گهڻا طريقا ڄاڻين... پر آءُ هڪڙو طريقو ٻڌائيندس. اسين ديڳڙيءَ ۾ پاءُ ڪان ٿورو مٽي پاڻي پري ان جي مٿان ڪانيون رکي، ان ڪان اڳ پَلي کي صاف ڪري تنهن ۾ مصالا پري، بصر، ڏاڻا، مرچ، ثوم وغيره وجهي ڪانين جي مٿان پَلو رکي ڍڪ ڏئي ڇڏيندا هئاسين. گهٽ ۾ گهٽ ٻه ڪلاڪ ڍڪ رکيل هوندو هو، پر وقفي وقفي سان ڍڪ لاهي ڏسندا هئاسين، جيئن مَڇيءَ واري بوءِ ٻاڦ جي ذريعي پَلي منجهان نڪري وڃي. پوءِ پَلو تيار ٿي ويندو هو... ديڳڙيءَ جو پاڻي سڪي ويندو هو.

ناڪئو محمد ڪاتيار ڳالهه ٻڌي حاجي محمد ڏي نهاري چوڻ لڳو.

حاجي! ڪڏهن تو اهڙي ڳالهه نه ڪئي... ٻيلي هاڻ تنهنجي هٿ جو رَڌل پَلو ڪائبو... جنهن جي توهين ايڏي تعريف ڪري ويٺا آهيو... حاجي محمد احمد جت مرڪي سگريٽ دکائي ڦوڪ هنئي، پنهنجي پهرين ڳالهه جي ذهن ۾ ڪڙيءَ سان ڪڙي ملائيندي چوڻ لڳو.

ادا... جڏهن پَلو سمنڊ ڪان اچي مِٺي جي مٽيءَ ڪائيندو هو ته پَلي ۾ مزيدار ذائقو پيدا ٿي پوندو هو. ائين چئي حاجي محمد احمد اٿي ٻاهر هليوويو، محفل ۾ ٿوري جهٽ لاءِ ماٺ ڇائنجي وئي، چند منٽن ڪان پوءِ جيئن حاجي محمد واپس آيو ته ناڪو حاجي حسين ٿڌوهه ساهه پري چوڻ لڳو.

ادا... اسين ان وقت کي ياد ڪري ڪڏهن ڪڏهن روئي ويهندا آهيون. پاڻي سان گڏ ملاح، مهاڻن جون موجون هونديون هيون. هاڻ ته سيئي درياءَ سڪا پيا آهن، تن ۾ سمنڊ جو ڪارو پاڻي اچي ويو آهي. هاڻ اهو پَلو به رهيو ڪونهي،جنهن جي خوشبوءِ ۽ سواد پري پري تائين پکڙجي ويندو هو. ان پَلي جي کل سون جيان چمڪندي هئي ۽ ان جو پيٽ ٿلهو هوندو هو، جيڪو چربيءَ سان پريل هوندو هيو. چوندا آهن ته ”پَلي جو پاءُ، مَڇيءَ جو مڻ.“

ناڪئو حاجي محمد ڇپن تي زبان ڦيري ٿڌو ساهه پري، سگريٽ دکائي سيني ڏانهن نهاري ماٺ ٿي ويو، هن ڏانهن حاجي حسين نهاري ٽوڪ واري انداز ۾ چيو.

حاجي! ڪجهه ٻڌاءِ ڪٿي، ڇئو ڪٿي... يادگيرن جا وڍ ڪنهن کي ناهن!؟ حاجي محمد دوست جي اهڙي انداز کي ڏسي مرڪي ويٺو... پوءِ چوڻ لڳو.

حسين! تون ڳالهه ته ڪري وئين، سڄي ڄمار درياهه ۾ گذاري اٿئي، پلا... تون ڪاري جي مَڇين بابت ٻڌاءِ. ڪڇهريءَ کي مزيدار ٻڻاءِ... نوجوان ناڪئو محمد ڪاتيار به ٻڌي ۽ مهمان سارنگ به، ۽ ها... درياءَ جون مَڇيون ڪهڙيون آهن ۽ انهن جو قد ٻت ۽ وزن ڪيترو ٿئي ٿو.؟ پوءِ آءُ توکي مِٺي جون مَڇيون ٻڌائيندس. مَڇيءَ جي ڳالهه ٻڌندي سارنگ هنن ڏانهن دلچسپيءَ سان نهاريندو رهيو.

حاجي محمد احمد جت جي عمر چوهتر سال ڪان مٿي، ٻت ۾ چُست پٺي لڳو ۽

ناڪئي حسين جي عمر پنجاهہ سال جي لڳ ڀڳ هئي، ناڪئي محمد ڪاتيار جي عمر ويهہ سال، هي خاموشيءَ سان وينو پنهنجي ڳالهہ ٻڌي. سارنگ جي ذهن ۾ درياءَ جي موج مستين وارونظارو ڦري آيو... حاجي حسين اتي ڪنڌ ۾ ڪرسين جي پرسان پاڻيءَ جو ڪولر پيو هو، تنهن مان پاڻيءَ جو گلاس ڀري پي گلاس ڪي ڪولر جي مٿان رکي، واپس پنهنجي جاءِ تي اچي وينو. هي ذهن ۾ مَڇين جا نالا ياد ڪندي پوءِ وينلن ڏانهن نهاري چوڻ لڳو.

ادا...! ڪاري جي مَڇين جا نالا ٻڌو... پر ان ڪان اڳ ۾ هڪ ڳالهہ ڪندس تہ سمنڊ ۾ بہ انتها مَڇيون آهن، پر آءٌ ياد ڪندي جيڪي ٻڌائي سگهيس.

1. ڍانگر مَڇي (مادي): هيءَ مَڇي مِني ۽ ڪاري پاڻيءَ منجهہ سامائجي تي، وڏي ڍانگري مَڇيءَ جو قد ٽي چار فوٽ تائين ٿئي ٿو ۽ سندس وزن اٺ ڪلو ڪان ڏهہ ڪلو ٿئي ٿو.

2. ڍانگرو مَڇي (نر): جيڪو مڻ جو ٿئي ٿو، هن تي چل (ڇِلَر) آهي ۽ ڪنڊو پنن ۾ ٿئيس ٿو، رَڃَ ۾ هن جو منهن ڦاسندو آهي.

3. گولي مَڇي: هن مَڇيءَ جو قد بہ ڍانگريءَ مَڇيءَ جيترو ٿئي ٿو ۽ وزن بہ وڏي مَڇيءَ جيترو اٿس، ڏسڻ جي سني ۽ سهڻي ٿئي ٿي، ڪائڻ ۾ بہ سني آهي.

4. ڏاني مَڇي: هن جو قد بہ ڍانگريءَ مَڇيءَ جيترو آهي ۽ وزن بہ اوترو ئي آهيس.

5. دوٿار مَڇي: هن مَڇيءَ جو قد ڍانگريءَ مَڇيءَ ڪان ٿورو هلڪو ٿئي ٿو ۽ وزن ٽي ڪلو، ساڍا ٽي ڪلو ٿئي ٿو، ڪائڻ ۾ مزيدار آهي.

6. سوئو مَڇي: هن مَڇيءَ جو قد پنج يا ڇهہ فوٽ تائين ٿئي ٿو ۽ وزن پندرهن ڪلو ڪان ويهہ ڪلو تائين ٿئي ٿو. هن مَڇيءَ جي ويڪر ڏيڍ فوٽ ٿئي ٿي. ڪائڻ ۾ ڏاڍي سني آهي. هن جي ڦوٽي مان آپريشن جو ڌاڳو نهندو آهي، هن ڪي مهاڻا شڪار ڪرڻ جي لاءِ مٿس ڊيزل هاريندا آهن، جيئن بي هوش ٿئي ۽ هيءَ مَڇي طاقت واري آهي، ڪو بہ رَڃَ هن ڪي ايئن جهلي نہ ٿو سگهي.

7. ڪوڪر مَڇي: ڇِلَر واري مَڇي آهي، هن جو قد اڌ فوٽ ڪان ٻن فوٽن تائين ٿئي ٿو، جيڪو پاڻيءَ جي حساب سان واڌ ڪائيندو آهي، هن مَڇيءَ جي نالي سان سنڌ ۽ پنجاب ۾ ذات آهي.

8. پون ڦاٽي مَڇي: گول مَڇي ٿئي ٿي، اڳيان پويان هڪجهڙي آهي، ٿالهہ وانگر هن جي شڪل ٿئي ٿي، هن جي مٿان سنهو ڇِلَر آهي،

9. عال مَڇي: هن مَڇيءَ ۾ ڪنڊو ٿئي ٿو ۽ پَلي وانگر آهي، ٽن فوٽن ڪان پنجن فوٽن تائين قد اٿس، ڪائڻ ۾ بهترين مَڇي آهي.

10. سيئر مَڇي: سيئر مَڇيءَ جهڙي ٻي مَڇي آهي ئي ڪانہ. ڪائڻ ۾ جهڙو پَلو، هن جو قد پنج ڪان ڇهہ فوٽ ٿئي ٿو ۽ وزن ۾ ڏهن ڪان ٻارهن ڪلو ڪان متي ٿئي ٿي.

11. پاپَليٽ يا پٽون: هن مَڇيءَ جا بہ قسم ٽين ٿا. هڪ ڪارو پاپَليٽ، جنهن ڪي ڪارو

”پٿون“ چون، قد ۾ فوٽ ڏيڍ جيتري ٿئي ٿي، گول پليٽ يعني ٿالهيءَ جهڙي آهي، هيءَ تمام مهانگي مڇي آهي،هن جي وچ جو ڪنڊو نرم ٿئي ٿو. ٻيو اڇو پاپليٽ، ڪائڻ ۾ ڪاري پاپليٽ کان وڌيڪ مزيدار آهي، هن جو ڪنڊو ملائم ٿئي ٿو.

12. چوڏي مڇي: هيءَ ننڍي مڇي آهي، جيڪا کاري ۽ مٺي پاڻيءَ منجهه ٿئي ٿي، قد چار انچ جيترو اٿس، چوڏي مڇيءَ جو هڪڙو قسم وڏو ٿئي ٿو، تنهن کي ”ڦاڙ“ سڏيندا آهن، هن جي آني مزيدار ٿيندي آهي، پر پلي جي آنيءَ کان گهٽ مزو اٿس.

13. ڦار مڇي: چلر واري مڇي آهي، هن جو وزن ٻن ڪلو کان چار ڪلو تائين ٿئي ٿو ۽ قد ۾ ٻن يا ٽن فوٽن جيتري ٿئي ٿي، هيءَ مڇي چوڏيءَ جو هڪ قسم آهي.

14. ڪرنگاڻ مڇي: جنهن کي اردو ۾ ”سرمائي“ مڇي چون ٿا، تمام حسين ۽ سهڻي مڇي آهي، هن جو سونهري رنگ ٿئي ٿو، هن جي مٿان چلر ڪونہ ٿئي، وزن ۾ ڏهه ٻارنهن ڪلو ٿئي ٿي، سندس قد چار ۽ ساڍا چار فوٽ ٿئي ٿو، ڪائڻ ۾ گوشت وانگر، پچڻ ڪانپوءِ گوشت جون ڦارون محسوس ٿين ٿيون.

15. ڏنديو مڇي: هن مڇيءَ ۾ ڪنڊو آهي ۽ چلر بہ ٿئي ٿو، ڪائڻ ۾ سٺي مڇي آهي، هن جو وزن ڪلو کان ڏيڍ ڪلو تائين آهي، هيءَ شڪل ۾ اڌ گول جهڙي مڇي آهي، هن جو قد فوٽ کان ڏيڍ فوٽ جيترو آهي.

16. ڪڳو مڇي: هن مڇيءَ تي چلر ڪونہ ٿئي، هن مڇيءَ جي پيٽ ۾ آني ڦاٽي پوڻ کان پوءِ ٻچا منهن ۾ جهلي ڪجهه وقت ڪانپوءِ ٺوڪاري وات مان ٻچا ٻاهر ڪڍي ڇڏيندي آهي. هن مڇيءَ کي ”رڙ“ بہ چوندا آهن ۽ ڪاري ۾ ڪڳو چون. هن ۾ ٽي ڪنڊا ٿيندا آهن، هڪڙو ڪنڊو پٺيءَ ۾ ۽ ٻہ ڪنڊا ڳلن وٽ ٿين ٿا. هن جا ڪنڊا نقصان وارا ٿين، جنهن ماڻهوءَ کي ڪنڊو لڳي پوي تہ جڏو ٿيو وڃي، سندس ڪنڊا ڪارائيءَ وانگر ٿين، لڳڻ سان ماڻهوءَ جي جسم اندر جهري پون ٿا. سي آپريشن کان سواءِ نٽا نڪرن. هن مڇيءَ جو قد ٽي چار فوٽ ٿئي ٿو ۽ وزن پنج ڇهه ڪلو اٿس.

17. ڪُئي مڇي: هيءَ مڇي گولائي ۾ ٿئي ٿي، قد اڌ فوٽ کان هڪ فوٽ تائين اٿس، پنن تي ڪارا ڪارا ڇٽ ٿين ٿا، هن جو ڪنڊو بہ نقصان وارو آهي. هن مڇيءَ جو وزن ڪلو- سوا جيترو ٿئي ٿو.

18. ڪنگو مڇي: هي ڪاري جي مڇي آهي. هن جي شڪل ٻگهه پکيءَ جي چنهنب جهڙي هوندي آهي.

19. بوئڻ مڇي: هيءَ مٺي جي مڇي آهي، پر ٻنهي جي شڪل هڪجهڙي آهي، جيئن ٻگهه پکيءَ جي چهنب هوندي آهي، تيئن ڪنگو مڇيءَ جو منهن ٿئي ٿو. هيءَ مڇي ڪاڏي ۾ پلي ٿئي ٿي، پر ڏسڻ ۾ نانگ جهڙي هوندي آهي، هن مڇيءَ جو قد پنج انچ کان ڇهه انچ جيترو ٿئي ٿو ۽ هيءَ مڇي ڪاري جو بوئڻ آهي.

20. دواڻ مَڇي: هيءَ مَڇي شڪل جي ڪاري ٿئي ٿي، سندس قد ٽن کان چار فوٽ ٿئي ٿو، ويڪر ۾ هڪ فوٽ جيتري آهي ۽ وزن ۾ چار کان پنج ڪلو آهي.

21. مور منگر مَڇي: هيءَ حسين مَڇي آهي، هن کي ڪنڊو ڪونہ ٿئي ٿو، قد ۾ پنج کان ڇهہ فوٽ جيتري آهي، وزن ۾ چار پنج ڪلو ٿئي ٿي، لذت واري مَڇي آهي. هيءَ مَڇي کائڻ کان پوءِ انسان (مرد ۽ عورت) آرام سان ننڊ ڪري ڪونہ سگهندو آهي.

22. پَڏڻ مَڇي: هيءَ ننڍي مَڇي آهي، قد ۾ ٽي کان چار انچ جيتري ٿئي ٿي.

23. مُسڪو مَڇي: هن مَڇيءَ جو وزن بہ اڍائي ڪلو ٿئي ٿو ۽ قد ۾ هڪ فوٽ کان ڏيڍ فوٽ تائين ٿئي ٿي، هيءَ مَڇي شڪل ۾ سهڻي ۽ ڪاڏي ۾ سني آهي، سيئڻ يعني ڦرائي ڪري کائڻ سان وڏيڪ لذت واري ٿيو پوي.

24. لوڙ مَڇي: هيءَ مَڇي ڪاري رنگ جي ٿئي ٿي، ڪاري ۽ مِٽي جي مَڇي آهي، هن جو ڪنڊو زهر وارو ٿئي ٿو، جنهن کي لڳندو آهي، چوويهہ ڪلاڪن تائين سور هلندو آهي. هيءَ مَڇي قد ۾ ٽي چار انچ ۽ ڇهہ انچ بہ ٿئي ٿي.

25. ڏائي مَڇي: هن مَڇيءَ جو قد بہ کان چار فوٽ ٿئي ٿو، شڪل ۾ ڪاري آهي، هيءَ مَڇي ڪِڪِي آهي، پر مصالي ۾ نهيو وڃي.

26. ويسَر مَڇي: ويسَر مَڇيءَ جو قد اٽڪل بہ سئو فوٽ ٿئي ٿو، ويڪر پنجاهہ فوٽ اَٽس. هيءَ سمنڊ جي وڏي مَڇي آهي، جيڪا هوڙن کي ٻوڙي ڇڏيندي آهي. ويسر مَڇي نڪ مان مٽي ساهہ کڻي پاڻيءَ جو ڦوهارو ڪيندي آهي، جيئن پائيپ مان زوردار پاڻي نڪري. هن مَڇيءَ جي ويجهو ڪمزور دل وارو ماڻهو وڃي نہ ٿو سگهي. ويسر سنڌ ۾ هڪ ذات بہ آهي.

27. ويلڙو مَڇي: جيڪا اڌ فوٽ جيتري ٿئي ٿي، هيءَ مَڇي ويسر مَڇيءَ جي نَڪَ ۾ وڃي ڪيس ماري ڇڏي ٿي، جيئن ”لَڪَ ڪي ڪَڪُ“. ويسر مَڇي جيڪا بہ سئو فوٽ قد ۾ پڻ وڏي، طاقت رکي ٿي، جڏهن سمنڊ ۾ ويلڙو مَڇيءَ کي ڏسندي آهي تہ اها جوءِ ڇڏي ويندي آهي، جيئن ”ڪانءُ پچي ڪمان ڪان“. ويسَر مَڇي ويلڙو کان ايترو ڊڄندي آهي.

28. لَچڪ مَڇي: هن مَڇيءَ جو قد اڌ فوٽ کان ڏيڍ فوٽ جيترو ٿئي ٿو، هيءَ مَڇي بواسير مرض جي لاءِ فائديمند آهي. هن مَڇيءَ جو دونهون ڏنو ويندو آهي،هن مَڇيءَ جو وزن ڪلو سوا ٿئي ٿو.

29. گلو مَڇي: هيءَ مَڇي ڪاري ۽ مِٽي جي مَڇي آهي، قد ۾ هڪ انچ کان ڇهہ انچ تائين ٿئي ٿي، کائڻ ۾ گوشت وانگر آهي.

30. پِنڻ مَڇي: هيءَ مَڇي گول ٿيندي آهي، هن کي پَکَ يعني ”پَرَ“ ٿيندا آهن، هن مَڇيءَ جو جزو عورت جهڙو ٿيندو آهي، مهاڻا هن کي پڪڙي سندس پُڇَ جو ڪَنڊو پچي ڇڏيندا آهن، چو تہ اهو زهريلو ڪنڊو ٿيندو آهي، جيئن ڪنهن کي نقصان نہ پهچائي، ننڍي مَڇيءَ جو قد ڇهہ فوٽ ٿيندو آهي ۽ ويڪر ۾ بہ ڇهہ فوٽ ٿئي ٿي.

31. ڳِسَر مَڇي: هن جو وزن ويهہ ڪلو ڪان ٽي مڻ تائين ٿئي ٿو. قد ۾ پندرهن ويهہ فوٽ جي آهي، شڪل ۾ ڳاڙهي آهي ۽ گيسر اوڙڪ وارا جت بہ آهن.

32. واڪيٽي مگر: هن مَڇيءَ جي اڳيان سونڊ ٿئي ٿي، قد ۾ پنج فوٽ جيتري ٿئي ٿي ۽ ويڪر ۾ ڏهہ فوٽ آهي، هن جي پنن تي ڇِلَر نہ ٿئي ٿو.

33. ڍوڪا مگر: هن مَڇيءَ جون اکيون پکن ۾ هونديون آهن، قد پندرهن ڪان پنجويهہ فوٽ ٿئي ٿو ۽ وزن پنجن مڻن ڪان ڏهہ مڻ تائين اٿس.

34. اَنڌي مگر: هن جو قد سئو فوٽ ٿئي ٿو، وزن ۾ ٽي ٽن اٿس (ٽن ۾ 28 مڻ هوندا آهن). هيءَ انڌي مَڇي آهي، درياءَ جي ڪابہ شيءِ وات ۾ اچي ويندس تہ ان کي ڪانئي ڇڏيندي آهي.

35. موري مَڇي: سفيد هوندي آهي، هن جي مٿي ڇِلَر هوندو آهي، هيءَ مَڇي ڇوڏيءَ جو نسل آهي.

36. گهوڙو مَڇي: هن مَڇيءَ کي منديءَ ڪان وٺي پڇ تائين پر هوندا آهن، وزن پنجويهہ ڪلو تائين ٿئي ٿو ۽ هن جو قد ست فوٽ ڪان ڏهہ فوٽ آهي.

37. ٻِلي مَڇي: قد ڏيڍ فوٽ اٿس، هن جي شڪل ٻليءَ جهڙي ٿئي ٿي، هيءَ مَڇي انڌي بہ آهي.

38. ٽاٻنو مَڇي: جنهن مٿان ڇِلَر نہ ٿئي، وزن اڌ پاءُ ڪن ٿئي ٿو، هيءَ مِني ۾ بہ ٿئي ٿي.

39. رنگڻ مَڇي: هن مَڇيءَ جو قد ڇهہ ست فوٽ ٿئي ٿو ۽ وزن ڏهن ڪان پندرهن ڪلو ٿئي ٿي، شڪل گولي مَڇيءَ جهڙي اٿس. ڇني ۾ هڪڙو نوجوان اچي سيني سان هٿ ملائي حاجي محمد احمد کي اشاري ۾ ماني کٽي اچڻ جو چيو تہ ڪيس حاجي محمد احمد موٽ ڏيندي چيو. ادا... ٿورو ترس... پوءِ توکي ٻڌائيندس، اسان جو مقابلو پيو هلي. اهي لفظ ٻڌي نوجوان مرڪندو هليو ويو.

40. ڀَنيور مَڇي: هن جو قد ٽي ڪان چار انچ ٿئي ٿو، هي سني مَڇي آهي، هن کي انگريزيءَ ۾ ”ليڊي فش“ چوندا آهن، هيءَ مَڇي انگريزن کي ڏاڍي سهڻي لڳندي ۽ وڻندي آهي.

41. گور مَڇي: هن مَڇيءَ جو قد پنج ڪان ست فوٽ ٿئي ٿو ۽ وزن پنجويهہ ڪلو ٿئي ٿو، هيءَ هر رَڇَ ۾ ايندي آهي، هي طاقت واري مَڇي آهي جيڪا ٻُلَ هٽندي آهي، جي ماڻهو کي لڳي تہ آر پار گولي وانگر هلي وڃي، ڪاٺ ۾ لڳي تہ ڏر ڪري هلي وڃي.

42. مالار مَڇي: هيءَ وڏي مَڇي آهي. هيءَ سمنڊ ۾ ٽپا ڏيندي آهي، هيءَ مَڇي انسان دوست مَڇي آهي، جيڪو ماڻهو درياءَ يا سمنڊ ۾ ٻڏندو آهي، هيءَ مَڇي ان کي پنن تي کڻي بچائي ونندي آهي.

43. سيرول مَڇي: هن جو منهن لغڙ جهڙو هوندو آهي، قد پنج فوٽ ۽ وزن پندرهن ڪان

ويهہ ڪلو ٿئي ٿو، رنگ ۾ اڇي آهي، ڪائڻ ۾ سني آهي.
44. ميگيو مَڇي: هن مَڇيءَ جو قد اڻ ڪان ڏهہ فوٽ ۽ وزن ويهہ ڪلو ٿائين ٿئي ٿو.
45. مَيو مَڇي: هن مَڇيءَ جي پنيءَ ۾ ڪاري مس هوندي آهي، پاڻ رنگ جي اڇي، جهڙو ربڙ، پر قيمتي مَڇي آهي.
46. پنبلو مَڇي: هن ۾ هلڪو ڪنڊو ٿئي ٿو، باقي گوشت اٿس، قد اڌ فوٽ ڪان متي آهي، هيءَ رنگ جي ڳاڙهي ٿئي ٿي.
47. چند مَڇي: هن جو قد ٽي ڪان چار فوٽ ٿئي ٿو ۽ وزن ۾ ٻہ ڪلو جيتري آهي، هي مَڇي مِني ۾ اڇي سگهي ٿي.
48. سيري مَڇي: هن مَڇيءَ جي ڪنڊي ۾ زهر ٿيندو آهي ۽ هن جو ڪنڊو سنهو ٿيندو آهي، قد ۾ اڌ فوٽ جيتري ٿئي ٿي. هن مَڇيءَ جي شڪل ڏيڏريءَ وانگر هوندي آهي، هيءَ مَڇي جنهن ماڻهوءَ کي ڪنڊو هڻي ٿہ اهو مري ويندو آهي، هي مَڇي سمنڊ ۾ تمام نقصانڪار ليکي ويندي آهي.
49. موئڻ مَڇي: هيءَ مَڇي نڪ مان ساهہ ڪڻندي آهي، هن ۾ بجلي جيان ڪرنٽ هوندو آهي، ڪنهن مهاڻي جو جيڪڏهن هن مَڇيءَ کي هٿ لڳي ويو تہ اهو ٿوري جهٽ لاءِ ائين پيو محسوس ڪندو آهي تہ جڻ ڪلهي ڪان ٻانهن نڪري وئي اٿس، هن مَڇيءَ ۾ ايترو ڪرنٽ ٿئي ٿو. هن مَڇيءَ ۾ ڪنڊو نہ هوندو آهي.
50. ٿورو مَڇي: هن مَڇيءَ کي موالي مَڇي بہ سڏيندا آهن، هيءَ مَڇي ٻيڙي ۽ سگريٽ چڪيندي آهي، مهاڻا شوق سان ڪيس ٻيڙي ۽ سگريٽ دڪائي وات ۾ وجهي ڇڏيندا آهن. جڏهن هيءَ ڦوڪجي ويندي آهي تہ مَڇيءَ جي پيٽ ۾ هوا پرجي ويندي آهي، ڦوڪٽي جيان ڦوڪجي ويندي، وري هوا ڇڏيندي آهي، وري ڦوڪجي ويندي آهي، هيءَ مَڇي ان عمل ۾ هلندي رهندي آهي.
51. لوئر مَڇي: هيءَ مَڇي چوڏي مَڇيءَ جو هڪڙو قسم آهي.
52. جِهرڪي مَڇي: هيءَ مَڇي پاڻي منجهہ اڏرندي آهي، هيءَ پاڻيءَ مان نڪري ٽيهہ چاليهہ فوٽ اڏري پري ڪرندي آهي، هن جو قد چار انچ ٿئي ٿو، هن کي ٻہ پَرَ هوندا آهن.
53. چمو مَڇي: هيءَ مَڇي شڪل ۾ سهڻي آهي، قد فوٽ ڪن جيترو اٿس، هن جو رنگ سرمي جهڙو آهي.
54. چاڪو مَڇي: هي مَڇي (پنڻ مَڇيءَ جو هڪ قسم آهي) قد اڌ فوٽ ٿئي ٿو، هن جو رنگ اڇو ٿئي ٿو.
55. ڪول گر مَڇي: قد چار انچ ڪان اڌ فوٽ اٿس، هن جي شڪل پَلي سان ملندڙ جلندڙ آهي.
56. شيل مَڇي: هن مَڇيءَ جو قد ست ڪان 11 انچ ۽ ويڪري چار انچ، وڏي قيمت واري

مَڇي آهي، رنگ جي اڇي آهي.
57. جليبي مَڇي: هيءَ مَڇي ڪاري جي آهي، ڪاڏي ۾ ڪم اچي ٿي، هن جو قد ڇهه انچ کان اٺ انچ جيترو ٿئي ٿو. هيءَ مَڇي منهن واري پاسي کان ٿلهي ۽ پڇ واري پاسي کان ٿورو سنهي ٿيندي آهي.
58. هيرو مَڇي: هي ڪاڏي واري مَڇي آهي، ڪاڻ ۾ سني ٿئي ٿي، قد ۾ فوٽ کان ٻه فوٽ ٿئي ٿي ۽ وزن ۾ ڏيڍ ڪلو جيتري ٿئي ٿي.
59. ڪرمنگر مَڇي: هيءَ زهريلي مَڇي آهي، ماڻهوءَ کي ڪايو وجي، هر شيءِ ڪائيندي آهي. ڪر منگر پنهنجي ٻچن کي ٻه ڪايو وجي.
60. قهر مگر: هيءَ وڏي ۾ وڏي مَڇي آهي، هن جو قد سئو فوٽ کان ٻه مٿي ٿئي ٿو.
61. ڪيرو مگر: هيءَ جَڏي مَڇي آهي، نقصانڪار ڪانهي، قد ويهه فوٽ، وزن اڌ مڻ جيترو اٿس.

سنهيون مَڇيون جن کي ”گند“ ۽ ”ڪچ“ چيو ويندو آهي. هي ننڍيون مَڇيون ڪڪڙين جي فيڊ يعني کاڌ خوراڪ جي لاءِ ڪم ايندڀون آهن، جنهن ۾ مٿو، پڏڻ، پشاري، گلو، ڪيڪڙي، چاڪو، لوهر، ڪارڙي، چند، ڊوما وغيره آهن.

اهي مڪس يعني گڏيل مَڇيون جنهن کي ”ڊوما“ گند چيو ويندو آهي، ان قسم جون مَڇيون سنهي ڪچري ۾ ڪوڙ ساريون هونديون آهن، جنهن مان ڪڪڙين جي فيڊ تيار ڪئي ويندي آهي.

ادا... سمنڊ جي دنيا ڏاڍي عجيب و غريب آهي، هن ۾ هزارين ڪوڙ ساريون مَڇيون آهن، جيڪي مون کي نالا آيا سي ٻڌايا اٿم... جيئن ئي حاجي حسين ناکئو ڳالهه پوري ڪئي ته حاجي محمد احمد اٿيو...

پائو...! هلو نماز پڙهي اچون... ۽... ماني ٻه تيار آهي، پوءِ اچي ٿا ڪائون، ايئن چئي سيئي اٿيا. چني کان ٻاهر نڪرندي سارنگ تڙ تي پندرهن ويهه هوڙا ڏٺا، ڪيترن جي اڳيان ڊاٽسن بيٺون هيون، ڪن ڊاٽسنن مان مهاڻا برف جون ناديون لاهي رهيا هئا ته ڪن مان خَلاصي مَڇيءَ جون چليون پريندا ڊاٽسنن ۾ ٿي هنيائون. سارنگ جنهن ڊاٽسن جي پر مان گذريو پئي ته ان ۾ مهاڻن مَڇي لاٿي پئي، هوڙي ۾ بيٺل ناکئو وڏي آواز ۾ خَلاصين کي آواز ڏيندو پئي ويو.

”اڙي...! جلد پريو چَل.“

”ها...“ چَل ۾ مَڇي پريندڙ خَلاصي موٽ ڏني ته ناکئو چل ۾ نهاريندي چيو.

دادن! دبي دبي پريو...

جيئن دادن چَل کي پريو ته سندس پَر ۾ بيٺل همراهه چَل ڪٽي هوڙي کان هيٺ پاڻيءَ ۾ بيٺل نوجوان جنهن جي گوڏن تائين پاڻي هو، هن جا ڪپڙا پسيل هئا، ٽڏڙي هوا هن جي جسم کي ڏڪائيندي هلي وئي... هو مٽي تي چل ڪٽي سڪيءَ تي بيٺل ٻئي همراهه کي ڏني، جنهن چل کي ڊاٽسن ۾ اڇلايو ته اتي بيٺل همراهه ڪٽيل برف ٿالهه ۾

ڪٽي ڍانسن ۾ رکيل مَڇيءَ مٿان هاري... جيئن مَڇي ٿڌي رهي. ٿورو اڳيان اڇي رنگ جي ڍانسن بيٺل هئي، جنهن مان مهاڻا برف لاهيندا ٿي ويا، ڪي برف جي ناديءَ ۾ ٻلُ هڻي ڇڪيندا ڪاٺ جي تختي مٿان گهليندا هوڙي ۾ وجهندا ٿي ويا... هوڙي ۾ ٻہ ڄڻا بيٺل همراهہ اهي برف جون ناديون هوڙي جي ٽانڪي ۾ وجهندا ٿي ويا.

سارنگ هوڙن وٽ بيهي رهيو. حاجي محمد احمد جت نماز پڙهي واپس آيو تہ سارنگ کي سڏ ڪيائين، پوءِ ٻئي گڏجي ڇني ۾ آيا. نوجوان جنهن ماني تيار ڪئي هئي سو ماني هنن جي اڳيان لڳائي. ڪجھ واري مَڇيءَ جي ڀاڄي اهڙي طرح سان ناهي وئي جو سارنگ ان کي ڇانورن جو پت سمجهي کائڻ لڳو. پوءِ هن ان نوجوان ڏي نهاريندي چيو.

ڀائو! ڇانور ڏاڍا مزيدار آهن. سارنگ جي ان جملي تي سيني کان کل نڪري وئي. حاجي محمد احمد کلي سارنگ کي چوڻ لڳو.

ادا... اهي ڇانور ڪين آهن، پر مَڇيءَ جي ڀاڄي آهي... ها... منگر مَڇيءَ جي ڪٽي هئي.

ماني کائيندي سيني ان نوجوان جي تعريف ڪئي. واهہ... واهہ جو مزو اچي ويو. ماني کائڻ کان پوءِ حاجي محمد احمد سگريٽ دکائي چيو، يار! هنيئر منهنجو وارو آهي. حسين! توکي پوءِ وارو ڏيندس.پوءِ سارنگ ڏي ڏسي چوڻ لڳو.

”هي ڇا ڄاڻي درياءَ جي ڏڏِڪَنِ ۽ سمنڊ جي سورن جي ڪهاڻي کي، ناڪئو تي ڪري ساموندي بيت ٻڌائي تہ سلام ڪندس.“

حسين هن جي ڳالهہ ٻڌي منهن ڦٽايو ڪونہ، پر مرڪي ڪيس چيو.

”ها... ٻڌاءِ... يڪي ماٺ ۾ هئين پيٽ ۾ ور پيا پونئي.“

ناڪئي حاجي کي چٽائي ڏسي ورندي ڏئي پوءِ ڪچهريءَ ۾ ڳالهہ ڪئي.

پهرين ڳالهہ تہ... ڪنڌي، ڪپر تي رهنڊڙ مهاڻن جي من واري آنڌ مانڌ جي سڪي وارن کي کهڙي سڌ ۽ ڄاڻ پوندي. مهاڻن جو ڏک کهڙو ۽ ڏينهڙا ڪيئن گذرندا آهن. ويچارا سڀ آسرا لاهي پوءِ سمنڊ جي لَهرن ۾ نينهن اٽڪائي هلندا آهن، بس پوءِ هڪ ئي اميد جي ڏور ڪين سمنڊ جي تيزدار لَهرن مان بچائي آڻيندي آهي. اها ڏور ٻچڙن جي ۽ انهن جي ٻڪئي پيٽ جي دانهن... پيلا... ڍوءُ وارو ڪتي ٿو ڄاڻي، ٻڪئي جي پيٽ ۾ ٻک جا وٽ ڪيئن پوندا آهن.؟ مهاڻو ويلي ويلي تي ڪيئن تڙپندو آهي. موت جي منهن ۾ وڃي پنهنجي ٻَچن جي روزي ڪيئن آڻي پيو. هن سمنڊ جي دنيا ۾ اهو ماڻهو ڪمائي ٿو، جيڪو لَکَ پَتي آهي، ڪَکَ پَتي سڪيءَ تي ۽ سمنڊ ۾ بہ اهڙو جو اهڙو.

ناڪئي حاجي محمد احمد کي ڪا ڳالهہ ياد آئي، ڪجھ وقت سوچ ۾ پئجي ويو. پوءِ پنهنجن ڇپن تي هي بيت جهونگارڻ لڳو.

”جيئن جُهڳا پائِين جهول ۾، اِئين مَ مَرَن مَڇَ
سَــبر دار سمونـڊ جـا، رائـو رنـگـيـج رَڇَ
هـي ڇـاڙون ۽ ڇَڇَ، اوڙاهه اجا اڳاهون ٿئا.!“

ڪچهريءَ ۾ جهٽ لاءِ سانت اچي وئي، پوءِ حاجي محمد احمد جت چوڻ لڳو. ادا... ڪجهه مِني جي مَڇين جا نالا ٻڌو.

مِني جون مَڇيون ٻن قسمن جون ٿين ٿيون، هڪ ڇِلَر واريون ۽ ٻيون بغير ڇِلَر واريون، جنهن کي ”لئي“ مَڇي چئبو آهي.

مِني جون مَڇيون:

1. پَلو: هيءَ ڇِلَر واري مَڇي آهي، جڏهن منو پاڻي درياهه ۾ هوندو ته پنج ڪلو وزن تائين پَلو پلوڙ مرندو هو، پر هينئر جيڪو پَلو مري ٿو اهو هلڪو ٿئي ٿو.

2. مُنڍي مَڇي: هي ڇِلَر واري مَڇي آهي، هن جو وزن ٻن کان چار ڪلو تائين ٿئي ٿو، هيءَ مَڇي رنگ جي ڪاري آهي، هن کي ”ڪاري منڍي“ چئبو آهي.

3. ڇٽي مڇي: هيءَ مَڇي وزن ۾ ڏهن کان پندرهن ڪلو تائين ٿئي ٿي، ماڻهوءَ کي ٻه هن مَڇيءَ کان ڊپ ٿيندو آهي، هن مَڇيءَ تي ڊرم (نشان) ٿيندا آهن ۽ ڇِلَر واري مَڇي آهي.

4. ٿيري مَڇي: ٿيري مَڇي رنگ جي اَڇي ۽ ڪاري ٿئي ٿي، ڍَنڍَ ۾ رهي ته ڪاري ٿئي، هن مَڇيءَ جو قد چار فوٽ کان پنج فوٽ تائين ٿئي ٿو، وزن پنج ڪلو کان اٺ ڪلو اٿس.

5. ڪُرڙي مَڇي: هن مَڇيءَ جو قد ڏيڍ فوٽ کان پنج فوٽ ٿئي ٿو، وزن اٺ ڪلو تائين ٿئيس ٿو.

6. موراڪو: هن مَڇيءَ جو قد ٻه اڍائي فوٽ ٿئي ٿو، قد جو ڊگهو، رنگ سونهري، اڇو ٿئي ٿو. ۽ هلڪي ڳاڙهاڻ تي رنگ ٻه ٿئيس ٿو.

7. موراڪي: هيءَ مڇي اَڇن ۽ڳاڙهن ڇلَرن سان ٿئي ٿي. هن جو وات ننڍو ٿيندو آهي. 5 کان 10 ڪلو تائين هن جو وزن ٿيندو آهي.

8. ڳانير: هيءَ مَڇي رنگ جي سفيد ۽ قد ۾ ننڍي ٿئي ٿي، هن مَڇيءَ جو شمار ننڍين مَڇين ۾ ٿئي ٿو.

9. پوپَري: هيءَ ننڍي مَڇي آهي، قد اٺ ڏهه انچ آهي، رنگ جي اڇي آهي.

10. ڄَرڪو: هيءَ مَڇي ٻِنا ڇِلَر واري آهي، هن جو قد ڏهن فوٽن تائين ٿئي ٿو.

11. ڇڻ: هيءَ صفا ننڍي مَڇي آهي، هن کي مَڇيءَ جو ٻچو ٻه چئجي ٿو.

12. گندڻ: هيءَ ڇِلَر واري مَڇي آهي، هن جو وزن اٺ کان ڏهه ڪلو تائين ٿئي ٿو.

13. سڱاري مَڇي: هيءَ ٻِنا ڇِلَر واري مَڇي آهي، رنگ جي اڇي ٿئي ٿي، قد ۾ چار کان پنج فوٽ ۽ وزن ڏهن ڪلو تائين اٿس.

14. بوئڻ مَڇي: هي مَڇي رنگ جي سائي ٿئي ٿي، بنا ڇلر واري مَڇي آهي، قد ٻن ڪان اڍائي فوٽ جيترو آهي، هن جو وزن اڌ ڪلو ڪان متي ٿئي ٿو.

15. ڏائي مَڇي: هيءَ رنگ جي ڪاري آهي، ڇلر واري مَڇي آهي، هن جو وزن ٻن ڪان اڍائي ڪلو تائين ٿئي ٿو.

16. سريو مَڇي: هيءَ مَڇي ڇلر واري آهي، هن جو وزن اڌ ڪلو ڪان ڪلو تائين ٿئي ٿو، قد ۾ فوٽ ڏيڍ جيتري آهي.

17. گرم مَڇي: هي رنگ جي اڇي آهي، وزن ۾ اڌ پآءُ ڪان ٿوري متي ٿئي ٿي، ڪانسواءِ ڇلر واري مَڇي آهي، قد ۾ اڌ فوٽ جيتري ٿئي ٿي.

18. ڇلوري مَڇي: هيءَ رنگ جي اڇي ۽ ڪانسواءِ ڇلر واري آهي، هن جو قد فوٽ جيترو ۽ وزن اڌ ڪلو ٿئي ٿو.

19. ڏونگڻو مَڇي: هيءَ مَڇي رنگ جي اڇي ۽ ڪانسواءِ ڇلر واري ٿئي، ڪلو ڪان گهٽ وزن اٿس.

20. ڳگو: هن جو قد ٽي انچ جيترو ٿئي ٿو، رنگ جو هيڊو ۽ هن جو ڪنڊو زهرو وارو آهي.

21. لوهڙ مَڇي: هيءَ مَڇي ڪاري رنگ جي ٿئي ٿي، هن جو ڪنڊو ڳگو مَڇيءَ جي ڪنڊي ڪان وڌيڪ زهريلو ٿئي ٿو، اڌ پآءُ ڪان ٿورو متي وزن اٿس.

22. منڍڙو مَڇي: هيءَ ڇلر واري مَڇي آهي، وزن اڌ پآءُ ڪان ٿورو متي اٿس ۽ رنگ جي ڪاري آهي.

23. مٿو مَڇي: هيءَ ڇلر واري مَڇي آهي، رنگ جي ٿوري سائي ٿئي ٿي، هن جو وزن اڌ پآءُ ڪان پآءُ جيترو آهي.

24. گلو مَڇي: هيءَ مَڇي ڇلر واري آهي، هن جو قد ڏيڍ فوٽ جيترو ٿئي ٿو، وزن پآءُ ڪان اڌ ڪلو تائين اٿس.

25. ديو مَڇي: رنگ جي ڪاري آهي ۽ ڇلر واري ٿئي ٿي، وزن اڌ پاءُ ڪان ٿورو متي اٿس، هن ۾ ويکر ٿئي ٿي، قد ۾ اڌ فوٽ جيتري آهي.

حاجي محمد احمد سگريٽ دڪائي سنگت ڏانهن نهاري وري چوڻ لڳو ته هيٺيون ٽي مَڇيون فارمن ۾ پيدا ٿين، پوءِ هنن جو نسل ڍنڍن ۾ وڌو ويو.

1. گلفام مَڇي: هن مَڇيءَ جو وزن ٽي ڪلو ڪان پنج ڪلو ٿئي ٿو، رنگ جي سونهري آهي، هيءَ ڇلر واري ٿئي ٿي.

2. گراس مَڇي: ڪڏهن ڪڏهن پندرهن ڪان ويهه ڪلو جيتري مَڇي مهاڻا ماري اچن ٿا، هي مَڇي رنگ جي نيري ٿئي ٿي ۽ ڇلر واري مَڇي آهي، هن جو قد چار ڪان ڇهه فوٽ ٿئي ٿو.

3. سلوَر مَڇي: هيءَ مَڇي رنگ جي اڇي آهي، ٻن کان ٽي فوٽ قد ۽ وزن ۾ پنج ڪلو جيتري ٿئي ٿي.

انهيءَ وچ ۾ ڪچهري هلندي هڪ نوجوان اچي حاجي محمد احمد جي پرسان ڇوڻ لڳو.

”سائين! چانهه ٺاهي اچان...؟“

واهه... اهڙي ٻي ڳالهه...! پوءِ ته ڪچهريءَ جو مزو وڌي ويندو. حاجي حسين وراڻيو ته نوجوان ٻاهر هليو ويو. سارنگ کي هڪ خيال آيو ۽ ٽنهي ڏي نهاريندي ڇوڻ لڳو.

”ٽئي ناکئا وينا آهيو! مونکي رَڇ جا قسم ٻڌائيندا.“

سارنگ! اها پڇڻ جي ڳالهه آهي، مهاڻن جو ڪم رَڇ سان ئي ته هوندو آهي. حاجي محمد ائين چئي رَڇ جي قسمن جا نالا ٻڌائڻ لڳو. هر ماڻهو پنهنجي سرنديءَ جي حساب سان رَڇ ٺهرائيندو آهي، جنهن ۾ جيتري طاقت هجي. رَڇ پنجاهه هزار کان هڪ لک تائين خرچ ڪائي ٿو.

شروع ۾ مهاڻا ملاح مَڇي ماريندا ۽ رَڇ پاڻ ئي ٺاهيندا هئا، جيئن بندرگاهن جو اوج ٽٽو ۽ درياهه جو پاڻي هوري هوري گهٽبو ويو ۽ ڍورَن ۽ نارَن تي رهندڙ ماڻهن جو گذر سفر ختم ٿيندو ويو ته پوءِ انهن پنهنجي جياپي لاءِ مڇيءَ مارڻ جو ڌنڌو ڪيو. ٻي ڳالهه ته ننڍيون ننڍيون زميندا ريون به ختم ٿينديون ويون. هينئر تقريبن سيني ذاتين وارا مڇيءَ جي وسيلي پنهنجو گذر ڪن ٿا ۽ ننڍا وڏا رَڇ به پاڻ گهرن ۾ ٺاهين ٿا.

حاجي حسين دوستي واري حجت سان منهن ۾ گهنڊ وجهي ناکئي حاجي محمد کي ڇوڻ لڳو. ”يار! تون رَڇ جا قسم ٻڌاءِ. ڇڏ اجائي ڳالهه کي ناکئو ٿي نخرا نه ڪر.“ اهي لفظ ٻڌي سيني کان ٺهڪ نڪري ويا، خود حاجي محمد جت کان به کل نڪري وئي. پوءِ سگريٽ جو ڪش هڻي ڇوڻ لڳو.

ادا سارنگ! رَڇ جا ڪيترائي قسم آهن، پر نقصان وارا رَڇ جن ۾ بولو رَڇ، ڇيل گجو، ڳت ۽ قطرو رَڇ آهن.

1. بولو رَڇ: هي ظالم رَڇ ٿئي ٿو، هن رَڇ کي سمنڊ ۾ اڇلائڻ سان مٽي مٽي اڌم ڪري چڙهي ايندي آهي. تَر جي گهرائيءَ کي ختم ڪري ڇڏيندي آهي، ان ۾ سنهي مَڇي مري ويندي آهي ته ان جي بدبوءِ پاڻيءَ ۾ پکڙجي ويندي آهي، پوءِ ان جي ڌپ تي وڏي مَڇي ان طرف ايندي ڪانهي. ان ڪري بولو رَڇ سان وڏي مَڇي تمام گهٽ مري ٿي.

هي رَڇ مَڇي ۽ سانا مارڻ جي ڪم ايندو آهي. بولي رَڇ جا به قسم آهن.

*. سنڌي رَڇ. هي ٻاهران اچي ٿو، پوءِ اسين ان کي ٽڪرا ياڳا ڪري وڏي سانن ۽ مَڇيءَ جي حساب سان رَڇ ٺاهيندا آهيون.

*. نمونو بنگالي رَڇ.هي رَڇ اڪثر ڪري بنگالي ٺاهيندا آهن، اسين پاڻ انهن کان خريد ڪندا آهيون.

2. ٽُڪڙي رَڇ: جيڪو ننڍين ۽ وڏن سائن جو رَڇ آهي، هن رَڇَ ۾ پنج يا ڇهه ماڻهو ڪم ڪندا آهن، جنهن ۾ ٻه آني جو رَڇ، چار آني جو رَڇ، ڇهه آني جو رَڇ، آٺ آني جو رَڇ، نوَ آني جو رَڇ، ڏهه آني جو رَڇ، ٻارهن آني جو رَڇ، چوڏهن آني جو رَڇ. رَڇَ مختلف ملڪن جا ٺهيندا آهن. جاپاني رَڇَ مهانگي ۾ مهانگا آهن، ان کانپوءِ گهٽ قيمت تي ڪوريا جو رَڇ آهي، چائنا جو رَڇ سيني کان گهٽ رقم واروآهي. ٻي ڳالهه ته پلاسٽڪ جا رَڇَ جاپان جا ٺهيل هوندا آهن. ريشم جا رَڇَ جاپان، ڪوريا، چائنا ۽ تائيوان جا ٺهيل هوندا آهن.

3. ننڍو ڳجو رَڇ: جيڪو ننڍو ٿئي ٿو، هن ننڍي رَڇَ کي مهاڻا "هٿ ڳجو" چون ۽ هن رَڇَ ۾ ٻه ماڻهو ڪم ڪندا آهن.

4. وڏو ڳجو رَڇ: هن رَڇَ ۾ پندرهن کان ويهه ماڻهو ڪم ڪندا آهن، هونئن ٻه جيترو وڏو رَڇَ هوندو آهي، اوترو گهڻا ماڻهو ڪم ڪندا آهن.

5. ڏِڪَ رَڇ: هن رَڇَ جي اک ٻارنهن انچ ٿئي ٿي، هن رَڇَ سان وڏي مَڇي مرندي آهي، هن رَڇَ ۾ پندرهن ويهه ماڻهو ڪم ڪندا آهن.

6. پَلن جو رَڇ: هن رَڇَ سان پَلو ۽ پاپَليٽ ماريو ويندو آهي.

7. چوڙيو رَڇ: هي رَڇَ چار انچ جو ٿئي ٿو، هن رَڇَ ۾ هر سنهي مَڇي ڦاسي سگهي ٿي.

8. بارودي سرنگهه رَڇ: هينئر نئون رَڇَ نڪتو آهي، هن رَڇَ سان مَڇيءَ جو نسل تباهه ٿئي ٿو، ان لاءِ مهاڻن وڏو احتجاج به ڪيو، پر پوءِ به ان رَڇَ کي ختم نه ٿو ڪيو وڃي.

9. ريبيون رَڇ: هن رَڇَ ۾ ويهه پنجويهه ماڻهو ڪم ڪندا آهن. ريبيون رَڇَ مهاڻا پنهنجن گهرن ۾ ٻه ناهيندا آهن، عورتون ۽ مرد گڏجي ڪم ڪندا آهن، مَڇيءَ جي حساب سان ريبيون رَڇَ جي اک اٺ انچ يعني اٺ ٻاريو، ڏهه انچ يعني ڏهه ٻاريو، پنج انچ يعني پنج ٻاريو، ٻارهن انچ يعني ٻارهن ٻاريو.

هڪڙو ماڻهو روزانو هڪ ڪلو سٽ مان رَڇَ ناهي سگهي ٿو، پر سٽ جيڪڏهن پنجن ڇهن ماڻهن ۾ ورهايو ويندو ته پوءِ جلدي تيار ٿي ويندو. رَڇَ ڪانسواءِڻ جي تور، ٽامي جي تور ڪانسواءِ بانس جي ڦٽس سان ناهيندا آهن.

10. ڪترو رَڇ: هن رَڇَ ۾ هر مَڇي مرندي آهي، سمنڊ ۾ ٽيهن کان چاليهه ماڻهو ڪم ڪندا آهن.

حاجي محمد احمد جت جيئن ته پاڻ به ناکئو هو، رَڇَ جو ذڪر ڪندي پوءِ ڪجهه سوچي چوڻ لڳو.

جڏهن ناکئا مهاڻا پَن (گهٽي مَڇي) ڏسندا آهن، رَڇَ اڇلائي هوڙو گهمائي مَڇيءَ کي چئو طرف ڦري ويندا آهن، جهڙوڪ سوئو مَڇي. سوئو مَڇي کي ڪمزو ڪرڻ لاءِ مٽس ڊيزل هاريو ويندو آهي، پوءِ مَڇي بيهوش ٿي ويندي آهي. لوهه جا ڪُلابا (وڏي شيخ جنهن جي منهن ۾ سنهو تيز ڪنڊو) پندرهن ويهه مهاڻا ڪٽي سيئي مَڇي کي هٽندا هوڙي ۾ اڇلائيندا آهن.

درياءَ ۾ هوڙن جي هلڻ جو آواز ڇَني ۾ ڇتو ٻڌڻ ۾ ٿي آيو. محمد ڪاتيار ناکئي جو خيال ان طرف هليو ويو، هن ڪي خيالن ۾ ڏسي حاجي محمد سنواٽي چوڻ لڳو.

پائو ڪاتيار... ڪهڙن خيالن ۾ وتين پيو لڙهندو، تون بہ ڪچهريءَ ۾ ڳالهاءِ... يا وات ۾ مڱ اٽئي...!

محمد ڪاتيار مشڪي سنهڙي ڪاريءَ ڏاڙهي ڪي ڪنهندو سيني ڏي نهاري چوڻ لڳو...

يار... آءٌ ڪيئن وچ ۾ ڳالهايان بہ وڏا ناکئا ويٺا آهن، انهن جي اڳيان ڪهڙي هلندي، پر هڪڙو واقعو جيڪو مون سان پيش آيو هو سو ٻڌايان ٿو.

حاجي محمد احمد سگريٽ دکائي مشڪي محمدڪاتيار جي ڪلهي تي هٿ هڻي ”هوشياري وٺ“ پوءِ ڪلي محمد ڪاتيار کي چوڻ لڳو.

ادا... اسين شام جي وقت درياءَ ڪاجهر تي ٻيٺا هئاسين، آسمان تي ڪڪر ڀرجي ڪار ٿي وئي، تہ اسان کي هڪڙي هوڙي واري اطلاع ڏنو. ”ڀڄو ڙي...! محفوظ هنڌ تي وڃو.“ رات اونداهي ٿي وئي، ڪيڏانهن ڀڄڻ جي وات نہ ملي. اهو رات جو ساڍا ٿي وقت هو. واءُ سان برسات گڏ ٿي، اسان جي مٿان وسڪارو ٿي ويو، اسين سيءَ ۾ رڙڻ لڳاسين، پوءِ هوڙي مٿان ربڙي (پلاسٽڪ) ڏئي ويناسين. ڪن دوستن طعام تيار ٿي ڪيو، اوچتو سمنڊ جي اهڙي تيز لَهر آئي جو ان ۾ اسان جا ڪاڏا ٻاڏا سڀ لڙهي ويا... هوڙو هيٺ مٿي ٿيڻ لڳو، اسان کي ساهہ جي اچي لڳي... اسان جو هوڙو پاڻي ۾ ڀرجي تارو تار ٿي ويو. انهيءَ لَهر جي اوچائي چوڏهن ڪان پندرهن فوٽ هئي. اچانڪ هوڙي جو ڳيو (پاٽيو) ڪاٺ هيٺان نڪري ويو، هوڙو پاڻيءَ اندر ٻڏڻ لڳو. لَهر آئي، جنهن هوڙي کي ڪٽي تمر جي وڻن مٿان اڇلايو. هڪڙو وڏو واريءَ جو دڙو هو ان مٿان ڪرياسين. هوڙي جي اندر ربڙي (پلاسٽڪ) هئي جا مَڇيءَ کي ويڙهيل هئي، پر مَڇي ان مان نڪري وئي ۽ ربڙي بچي وئي. هوڙي ۾ پيل سامان، بسترا وغيره سڀ لڙهي ويا. پوءِ اسان ان ربڙيءَ ۾ چار پهر گذارياسين، ٻيو ڏينهن بہ اسانکي اُن دڙي تي ٿي ويو. ڪاٻہ واهہ ڪونہ هئي، بک ۽ اُڃ تي ويٺا رهياسين. ٽئين ڏهاڙي صبح جو سوير فجر جي نماز پڙهڻ لاءِ اٿياسين، اسان جون اکيون سمنڊ ۾ هيون، هرڪو پيو طرفن ڏي ڏسي ۽ نهاري، من ڪو هوڙو نظر اچي ۽ ڪنهن ڪنڌيءَ پيڙا ٿيون... ٻيو ڏينهن بہ چڙهندو پيو وڃي، اسان بک ۾ ويني پيگاسين، پوءِ اچتو هڪڙي هوڙي تي نگاهہ پئي، اسان ان کي رڙيون ڪيون. رانٻٽا (جهنڊا) ڪياسين، پوءِ اهو اسان جي لاءِ بيهي رهيو، اسين ان تي رسي وياسين، تن پاڻي وغيره پياريو ۽ اٽي جو سيدو ٻڌائي اسانکي ڪارايو. پوءِ اسان ڏٺوسين تہ سمنڊ ۾ ست هوڙا ٻيا بہ ختم ٿي ويا. ان جي هوڙي کي ڏسندا رهياسين. ايتري ۾ انهن جا ماڻهو اچي پهتا. اسين پاڻ بہ نهاريندا پيا اچون، ڪٿي ڪو ماڻهو تہ ڪونهي. هاڻ هوڙي ۾ اسين ڪل پنجاهہ سٺ ماڻهو ٿي وياسين، اُنهن اسان سيني کي

آترڪيءَ پهچايو.

محمد ڪاتيار ڳالهه پوري ڪري ٻانهن ۾ پيل واچ ڪي ڏسي اٿيو....

ادا... آءٌ هلان ٿو، رات جو سوا هڪ پيو ٿئي، صبح جو دڪان بہ کولڻو آهي. ائين چئي سيني کي هٿ ڏئي موڪلائي هليو ويو.

حاجي حسين مشڪي پنهنجي دوست حاجي محمد احمد کي چيو يار... ڪو اهڙو واقعو ٻڌاءِ، ڪا درياءَ جي ڏڏڪي واري ڳالهه ٻڌاءِ، جيئن ننڊ ڦٽي پوي...

حاجي محمد ٿورو مرڪي پيو، ڪا ذهن تي ڳالهه ياد آيس، پوءِ مشڪي دوست کي چوڻ لڳو:

تون ڪونہ ڇڏيندين...! ائين چئي سارنگ کي ٻڌائڻ لڳو.

مَل درياءَ جي ندي جڏهن سمنڊ ۾ چوڙ ڪندي هئي، ان وقت مَل جو مانوارو اوج بہ اوج هو... انهن ڏينهن جي هڪڙي ڳالهه ياد اچي ٿي پر پهريان بيت ٻڌو:

لاڄون تا لڌن، اچن سڙهہ اپڙيا
ڪارڻ تن پرين، ويني واٽون نهاريان.!

رات جي وقت هڪ عورت درياءَ جي ڪَپَ تي اچي بيني، هن کي پرينءَ سان ملڻ لاءِ پرئين پاسي وڃڻو هو. تنهن درياءَ ۾ ڪپر سان پَنَ جو ترهو ڏٺو،جيڪو ترهو ڪونہ هو. اوندهہ ۾ چٽو ڏسڻ ۾ نہ ٿي آيس، پر هوءَ پَنَ جو ترهو سمجهي لَهي اَچي پنهنجي پيٽ هيٺيان رکي تَري پرئين پاسي وئي ۽ پنهنجي سڄڻ سان چند گهڙيون گهاري واپس انهيءَ تي ترندي آئي پئي، جڏهن ڪناري جي ويجهو پهتي تہ ڪيس ڏپَ محسوس ٿي، هيڏانهن هوڏانهن ڏٺائين تہ اوچتو هن کي پنهنجي هيٺان ڏپَ آئي، غور سان ڏٺائين تہ اهو تَرهو ڪونہ هو، پر ڪنهن ماڻهو جو لاش هو. پوءِ لهي پاڻي منجهان تري هلي وئي وڏي بهادر عورت هئي.

اها ڳالهه ٻڌي حاجي حسين کي خيال آيو... پوءِ ڪيس چوڻ لڳو:

”ياد اٿئي محمد...! ڏاڍي پراڻي ڳالهه آهي، چئبو اها عورت اجان ياد اٿئي!؟“

جافرين مان تڏڙي هوا اندر اچي سيني کي ننداڪڙو ٻٽائي هلي وئي. ايتري ۾ درياهہ ۾ هوڙي جي شور سان گڏ گانن جو آواز تڏڙي هوا تي چٽو چني ۾ آيو ۽ خلاصين جا خوشيءَ وارا ٻول بہ ٻڌڻ ۾ آيا. حاجي محمد احمد جت وراڻيو:

”ادا سارنگ، اهو هوڙو، جنهن جو آواز ٻڌين پيو، سي مڇي ماري آيا آهن، شايد جهجهي مڇي لڳي اٿن جو خلاصي خوش ٿيندا ٺهڪڙا ڏيندا تڙ تي اچن پيا.“ سارنگ ڪنڌ لوڏيو. پوءِ سندس اکين کي تڏڙي هوا ننداڪڙو ٻٽائيندي هلي وئي.

ٻئي ڏينهن حاجي محمد احمد جت جو ناکئو دوست آيو، سيني کي دعوت ڏئي وني ويو، چنڊ جي چوويهين تاريخ هئي، منجهند جا ٽي پيا ٿين، ناکئي حاجي حسين ڪاسماڻي جت جو هوڙو هو، هو هوڙي ۾ چڙهي سڪاڻ تي وينو ۽ هن آواز ڏنو

”اچو... هوڙي ۾ چڙهو ناتاري ڪٽو.“

”او... شانو! ڏي خبر سامان سڀ اچي ويو.“

شانو جيڪو موٽر جي پر ۾ بيٺو هو، تنهن هوڙي ۾ رکيل سامان تي نظر ڦيرائي ناڪئي ڏي ڏسي جواب ڏنو.

”ها... ناڪئا... ها...“ پوءِ وري سامان ڏانهن ڏسي پڪَ ڪري ناڪئي کي ٻڌائڻ لاءِ آواز ڏئي چيو.

ناڪئا! برف جون پنجاهہ ناديون، تيل، ڊيزل جا چار ڊرم، ائين چئي شانو ڪجهہ ياد ڪندي هوڙي منجهہ پيل راشن جيڪو وڏين ٿيلهين ۾ بند هو انهن ڏانهن ڏسي چيو.

ناڪئا! گيهہ، کنڊ، چانور، اٽو، بصر، مصالو، ساوا مرچ، دال ۽ ڏاٽا.. شانو ٻئي طرف نظر ڦيرائي چيو.

مِني پاڻيءَ جا ڊرم ۽ ڪانيون بہ آهن.

حاجي محمد احمد مشڪي سارنگ کي چيو.

ادا... ڏسين پيو خَلاصين جي محنت، هي تمر وڻ جون ڪانيون تمام گهڻو استعمال ڪندا آهن، ڇو تہ هيءَ لسي ڪاني ٿئي ٿي ۽ هن ۾ ڪنڊو ناهي هوندو. ٻئي نمبر تي ديويءَ جون ڪانيون باهہ ٻارڻ جي ڪم اَچين.

ناڪئو مرڪي جڏهن شانو جي ڳالهہ مان مطمئن ٿيو هجي. پوءِ سڪيءَ تي بيٺل دوستن ڏي نهاري هٿ لوڏي ڊرائيور کي آواز ڏنو.

احمد! موٽر چالو ڪر...

موٽر جو آواز هوا ۾ شور ڪرڻ لڳو. هوڙو سُڪيءَ کي (ڊانڊيو تڙ) ڇڏڻ لڳو ۽ سمنڊ ڏانهن هلندو رهيو. خَلاصي پنهنجين ڪچهرين ۾ لڳي ويا، ناڪئو سڪاڻ (اڳين حصي) تي ٽيپ چالو ڪري ڪنڌ ڏوٽيندو رهيو، خَلاصين کي ڏسندو، ڪنهن ڪنهن وقت سمنڊ ۾ جُوهہَ وجهي مشڪندو رهيو. لَهرون ناريءَ جي سندر انگ جيان ڇلڪنديون، موج مستيون ڪنديون هوڙي سان جڏهن لڳي ٿي ويون تہ پاڻيءَ جون ڇنڊون يعني هلڪيون بوندون خَلاصين جي مٿان اڇي ڪريون.

حاجي محمد احمد خَلاصين ڏانهن نهاري سارنگ کي چيو.

ادا... هوڙي ۾ جيڪي ڪم ڪندڙ وينا آهن، تن کي ساموندي (مهاڻي) ٻوليءَ ۾ خَلاصي چئبو آهي. هي ڏاڍا بهادر ۽ محنتي هوندا آهن.

سمنڊ جون لَهرون هر هر اچي هوڙي کي ائين لوڏي رهيون هيون، جيئن ماءُ پنهنجي ٻار کي لوڏ يا پينگهہ ۾ لوڏيندي آهي. سارنگ لَهرن جي اهڙي پيار پري انداز کي ڏسي دل ۾ خوش پئي ٿيو، وري بادلن کي ڏسڻ لڳو جيڪي پري کان ائين ٿي لڳا جڻ لَهرن جي وجود مان ايري آڪاش ڏانهن ڊوڙندا پيا وڃن. درياهہ ۾ رَڃَ تي بيٺل هوڙي کي ڏسندي ناڪئي چيو: اهو شمن ساڪراڻي جو هوڙو آهي. پوءِ ان هوڙي کان سارنگ وارن جو هوڙو خيال سان مٽيندو هلندو ويو. سڄو آسمان بادلن جي سونهن سان سينگارجي ويو، گهاٽا، ڪارا ۽ اڇا بادل ڪنهن رنگ جي مت پيد کان سواءِ هڪٻئي سان محبت پريون مِنيون ڏئي گڏ هلندي ٿي رهيا.سارنگ اهو ڏسي دل ۾ چيو.

ڪاش! انسان بہ ڌرتيءَ تي ايئن ڪاري ۽ اڇي رنگ ۽ نسل جي فرق کي مٽائي محبت جون جوڙيون ٺاهي هلن، ڪيڏو نہ ڌرتي سک جو ساهہ پٽي، سونهن ۽ سڳنڌ پريا هزارين گل ٽڙي پوندا.

سمنڊ ۾ ڪيترائي هوڙا رَڇَ هڻي بيٺا هئا، جيڪي رَڇَ جي ڏور تي بيٺا لڏن. هوڙو هلندو جڏهن رَڇَ لڳل هڪڙي هوڙي جي پرسان آيو تہ ان هوڙي منجهہ خَلاصي ويٺا آرام ڪن تہ ڪي وري چاهت جي چوڪڙي ٺاهي ڪچهريءَ ڪندا ٿي رهيا. ان هوڙي تي يارهن ٻارهن سالن جو چوڪرو پنهنجيون ننڍڙيون ٻانهون ڪنڌ جي هيٺان ڏئي گهريءَ ننڊ ۾ ستو پيو هو. شايد... لَهرن ۾ لڏندڙ هوڙي تي ماءُ جي هَنجَ جيان آسيس محسوس ڪندي ننڊ اچي وئي ويس.

سارنگ جي پاسي کان وينل هڪ خَلاصي اٿي ان هوڙي ڏي نهاريندي هٿ لوڏي ناڪئي کي ڪيڪاريندي چيو.

اسلام عليڪم! ناڪئا! ڪهڙا حال آهن. ”يائو..! هوا تيز آهي، مزو ناهي، آسري تي رَڇَ پوکي بيٺا آهيون.“

چڱو يار! اسين اڳيان هلون ٿا. خَلاصي ائين چئي ويهي رهيو. هن سارنگ جي نگاهہ کي پاڻ ڏانهن ڏنو، پوءِ سارنگ کي چوڻ لڳو.

يائو! اسين خَلاصي روزيءَ جي ڪاڻ، ڪڏهن ڪنهن ناڪئي سان، تہ ڪڏهن ڪنهن هوڙي ۾ هلون..! انهيءَ ناڪئي سان ڪم ڪيو آهي، ويچارو پلو آ، خَلاصين کي ڏاڍو پائيندو آهي، حصو پٽي پرو ڏئي ڇڏي، ڪس ڪائڻ وارو آهي.

جي... ادا... سارنگ مختصر جواب ڏنو. هوا تيز گهلڻ تي هوڙو لَهرن ۾ هيٺ مٿي ٿيندو رهيو ۽ هلندو رهيو. سارنگ جو سڄو خيال پاڻ کي سنڀالڻ ۾ هو، هن ڪنهن سان بہ ڳهٽو نہ ٿي ڳالهايو. ڪنهن ڪنهن مهل خوف جون لڪيرون هن جي منهن تي ٺهي ٿي ويون. اوچتو هڪ لَهر تيز اچي هوڙي سان ٽڪرائجي هن مٿان بوندون وسائي وئي هلي. هي مُنهن تي هٿ ڦيري لَهرن کي ڏسڻ لڳو. شايد... لَهرون هن جي چهري تي بوندون وسائي اهو چئي هليون ٿي ويون. ”مايوس نہ ٿي... اسان جي موجن ۾ نهاري مرڪڻ سک، زندگي تيز هوائن، ڪُنَ ۽ اوڙاهہ جو نانءُ آهي، نہ ڪي موت جو.“

اهو سوچي سارنگ جي بدن مان سيءُ ايري ويو، جهٽ گهڙيءَجي لاءِ ڪجهہ سمجهہ ۾ نہ ٿي آيس، هن خَلاصين جي چهري ڏانهن ڏنو، جيڪي سڪون سان ويٺا هئا. ڪنهن ڪنهن وقت سمنڊ جون تيز لَهرون اچي جهمريون پائينديون، چير جهڙو آواز ڪنديون، مستيءَ وچان هوڙي سان ڪيچل ڪنديون ٿي ويون تہ هوڙو سڄو پاسيرو ٿي ويو.

ꕤ

# باب نائون

جڏهن سج لهي سانجهي ٿي، سمنڊ ۾ انڌيرو ڇائنجي ويو، رڳو تيز هوا، لهرن جي پاڻيءَ جو شور سيني جي ڪنن ۾ پڙلاءُ ڪندو رهيو، سمنڊ تي هلندڙ هوڙن پنهنجيون بتيون ٻاري ڇڏيون . بيٽريءَ تي لڳل بتيون چمڪا ڏينديون رهيون. سارنگ هوڙن جو اهڙو ڏيک ڏسي پنهنجي من ۾ ڏاڍو خوش ٿيو، هن جي اندر ۾ جيڪو خوف هو. سو جهٽ ڪن لاءِ ختم ٿي ويو، مرڪ هن جي چپن تي پکڙجي وئي، هن وري انهن هوڙن کي ڏٺو... ايتري ۾ سمنڊ جي تيز ڏار لهر هوڙي سان ٽڪرائجي خَلاصين جي مٿان ڇنڊ (پاڻي جي هلڪي بوند) وجهي هلي وئي. سياري جي رات هئي، سيءُ کي وارو ملي ويو. خَلاصي سيءَ کان بچڻ جي لاءِ پنهنجي منهن تي ڪاڏ ۽ ٻوڪي هٽي ڪپڙي سان نڪَ ۽ ڪنَ بند ڪيائون. هوڙو ٿورو ئي اڳتي هليو ته خَلاصين اتي رَڇ هڻڻ جي تياري ڪئي ميرا پساڻا (درياءَ جي مَڇي مارڻ وقت پاتل ڪپڙا) هئا. ”ناکئو... هوشياري وٺرائيندي ڪين آواز ڏنو.“

”ڪاميٽ اڇلايو...“ بانس جي هينان پنج ڏهه ڪلو جا پٿر ٻڌل ، بانس جي وچ تي بوچ يعني هلڪو پاڻي جو ٽڪر جيڪو بانس کي پاڻيءَ منجهه ڪرڻ ناهي ڏيندو ۽ سڌو رڪندو آهي، جيئن رامٿو ڦڙڪندو رهي.

ڪاميٽ اڇلائڻ کان پوءِ ڊڪ رَڇَ پوکي هوڙو تي سئو وام (هڪ وام ۾ ڇهه فوٽ هوندا آهن) هلي. خَلاصين ٻيو ڪاميٽ اڇلايو، پوءِ چار سئو وام هوڙو هلي، خَلاصين ٽيو ڪاميٽ اڇلائي رَڇَ پوکندا رهيا، وري ٽي سو وام هوڙو هلي رَڇ پوکي واڙي درياءَ جي ٻاهران ڪلئي آسمان ۾ بيهي رهيو. خَلاصين رَڇَ جي آخري رسيءَ کي هوڙي جي موهريءَ يعني هوڙي جي منڍ واري ڪانيءَ ۾ ٻڌو ته هوڙو رَڇَ تي بيهي پينگهه جيان لَهرن ۾ لڏندو ٿي رهيو.

سمنڊ جون لَهرون مڌر گيت جيان آواز ڪنديون ناريءَ جي مستي پريل جوين جيان ڪڏنديون اچي هوڙي سان ٽي لڳيون، هوڙو لَهرن جي سندر آواز تي رقص ڪندو ٿي رهيو. آسمان ۾ بادل وسڻ وارا ويس ڪريو بيٺا هئا، جڻ اهي بہ لَهرن سان پنهنجي پيار جو اظهار ڪندي سڄي آسمان ۾ خوشيءَ مان ڊوڙندا رهيا. بادل خوشيءَ مان جيئن پيار جون بوندون وسائڻ شروع ڪيون تہ ڇوليون جوش مان شور ڪنديون، مٿي ڪُڏ ڏينديون اچي هوڙي جي منڍ واري حصي سان ٽڪرائينديون، هوڙي جي مٿان ڇَنڊَ وسائي هليون ويون. جڻ هنن بہ بادلن جي بوندن کي پنهنجين بوندن سان پيار پري موٽ ڏئي، سڪ وارو ساٿ نڀائي ڇڏيو. آسمان ۾ بادلن ۽ لَهرن جي اهڙي انداز کي ڏسي

سارنگ سوچڻ ۾ پئجي ويو. فطرت ۾ ڪيڏو نہ سچ ۽ پيار سمايل آهي ۽ ڪشش واري سونهن. لَهرن جي ڇَندَ تي خَلاصين جا بدن پُسي رهيا هئا. وري تيز هوا تن جي پسيل بدن کي ٿڌاڻ بخشيندي ٿي رهي، ٿوري دير ڪانپوءِ برسات بيهي وئي. خَلاصين کي رَڇ پوکڻ ۾ بہ اڍائي ڪلاڪ لڳي ويا. ناکئو ٿنهي ڪاميٽن ڏي نهاريندو سکون جو ساهہ کڻي اطمينان ڪري ٽيپ جي آواز تي سمهي پيو، کي خَلاصي آرام ڪرڻ لڳا تہ کي وري پنهنجي ذاتي زندگي جي ڏکن سورن وارين ڪچهرين ۾ لڳي ويا. هڪڙي پڪي عمر واري خَلاصي لَهرن منجهہ نهاري پوءِ پر ۾ وينل ساٿيءَ کي چيو.

غني! هن ناڪئي سان آيا آهيون، هوا تيز آهي، من جوئار سني لڳي پوي، پوءِ ٿڌو ساهہ ڀري چوڻ لڳو.

يار! بہ جوئار خالي هليا آهيون، هي لڳي پوي ۽ ٻچن جي روزي نهي پوي.

غني هن جي ڳالهہ ٻڌي پاڻ کي خيالن منجهان ڇڏائيندي ٿڌو ساهہ ڀري پنهنجي ساٿيءَ کي نالي سان سڏيندي چيو.

بشير! هي جي درياءَ پار موج مستيون آهن يا تہ پنهنجي موت جا ڏينهن آهن يا ڪمائي جا پار ٿا ڏسجن، وڏن جي چوڻ مطابق.

درياءَ جي مستي ۽ موج اهي موت جا پار ٿيندا آهن. جڏهن درياءَ کِلي تہ ائين سمجهو تہ پاسن کان موت بيٺو آهي. بشير بادلن ڏي ڏسي وري هوا تي ايندڙ تيز ڇولين منجهہ نهاري غنيءَ کي چيو.

ادا... مجبوريءَ ۾ درياءَ ۽ سمنڊ ۾ اکين سان موت کي ڏسندي مرکي ڳالهائڻو پوي ٿو. مون پنهنجي عمر ۾ سجڻ ۽ عزيزن جا ۽ سڪ وارن جا سوين لاش اکين سان ڏٺا آهن، پوءِ بہ گذر جي لاءِ هٿ اڇڻو پوي ٿو. ڇا ڪجي هن دور ۾ گذر ڏاڍو ڏکيو آهي، جي منو پاڻي هجي ها تہ سکي تي وينا گذران ڪريون ها.

هڪڙو نوجوان خَلاصي جنهن ٻنهي جي پئي ڪچهري ٻڌي، تنهن هنن ڏانهن نهاري سوچن ۾ محبوب جي تصوير جوڙيندي مرکي کين چيو. ادا... بشير، پائو غني! مايوسيءَ واريون ڳالهيون ڪرڻ ڇڏيو، ڪيو پرين جي پچار تہ اسين بہ حصو وٺون.

نوجوان خَلاصيءَ جي ڳالهہ تي بشير ۽ غنيءَ مرکي ڏنو، پوءِ بشير کيس سڏيندي چيو.

حميد! دل جا ڦٽ نہ پڇو... جي اسين توهان سان ڪچهريءَ ۾ کلون ٿا تہ ائين چوندي ڪوڙ پيا ڳالهايو. ڪهڙا ڏک هئا... باقي سڄي رات انتظار ۾ گذارڻ... ڪڏهن دل گهريا دوست مولا ملائيندو... هاڻ انهن سانوڻين کي ساريندي دل پرجيو پوي.

بشير جي منهن تي لَهرن جي ڇنداڻ اڇي پئي. هن منهن تي هٿ ڦيري ٿڌو ساهہ ڀري حميد ڏي نهاري چيو.

حميد! اهڙو ظالم سانوَڻ اسين سنيرون ئي ڪونہ. گدڙ چيٽ واري مهيني ۾ ڄائو،

توکي کهڙي خبر، سانوَڻ اسان ڪيئن گذاريا..!؟ تو ڏٺو هوندو هڪ ٻہ سانوڻ. حميد ڳالھ سمجهي ويو، مون بشيرکي چيڙائي وڌو آهي، پوءِ ٿورو شرمندو ٿي ماٺ ڪيائين. غني وارو وٺندي حميد کي ڏسي چيو،" يار! درياءَ ۾ رهڻ کان پوءِ اسان کي پرينءَ جي ڪا بہ خبر نہ ٿي پوي... سُڪيءَ تي سڄڻن جا ڪهڙا حال آهن. ڪيئن ٻچا ويلا گهاريندا هوندا، جڏهن واپس سڪيءَ تي ورون ٿا تہ ڪي عزيز مٽ سڄڻ گذاري ويندا آهن، تن کي آخري گهڙيءَ ۾ نہ ڏسي اندر ڳريو پوي... غني ٿڌو ساهہ پري وري چيو.

حميد! درياءَ جا اهي وَڏَ ۽ سُور ڪهڙا بيان ڪجن. بس دعا گهرو تہ خدا ڪري جوئار لڳي پوي. واپس وري هلون. ٻچڙن جون نگاهون تڙ تي هونديون، ڪڏهن ٿا بابَل ۽ پائر موٽيو اچن، وڏيک انتظار ۽ الڪو امڙ ۽ ابي کي هوندو آهي، ڪڏهن ٿا گهاٽو ڪمايو گهر اچن.

حميد اها ڳالھ ٻڌي غني ڏانهن نهاري نہ سگهيو. هي سمجهي ويو تہ غني کي پنهنجن ٻارن جي ياد ستايو آهي. اوچتو هوا سان گڏ تيز برسات هوڙي مٿان وسڻ لڳي، خَلاصين برسات کان بچڻ جي لاءِ ترپال (ٿلهي چادر يا پوش) هوڙي جي مٿان لڳائي سمهي پيا. هوڙو لَهرن تي پينگهہ جيان لڏندو ٿي رهيو. سارنگ ٿورو اڳ خَلاصين جي ڪچهري ٻڌي هئي، هي سست ٿي ويو. دل تيزيءَ سان ڌڙڪڻ لڳيس. سندس ڪنن ۾ هوا ۽ لَهرن جو شور ايندو رهيو، وري پاڻ کي سنپالي اکيون ٻوٽي سمهڻ جي ٿي ڪيائين، پر ڪيس خوف ۾ ننڊ آئي نہ ٿي. جڏهن برسات بيهي وئي تہ هن جي ڇهري تان ڊپ ۽ خوف واريون لڪيرون هوريان هوريان مٽجڻ لڳيون. خيال کي هٽائي آسمان ۾ بادلن جي ڊوڙ کي ڏسڻ لڳو. اوچتو ناکئي جي اک کلي وئي، هن واچ کي ڏٺو، رات جا نوَ پيا ٿين پوءِ آواز ڏنائين.

”او... پانداري! اٽ سانجاڻ ڪر.“

هن اُٿي ڪانيون ڪٽي هوڙي جي ڦني يعني اڳئين حصي تي اچي رکيون، پوءِ ڪُل (چلهہ) ۾وجهي ٻاريائين، پانداري رڌپچاءَ وارو سامان پاڻ ڪٽي آيو ۽ ماني پچائڻ ۾ لڳي ويو. سارنگ زندگيءَ جي هن عجيب رنگ کي ويني ڏٺو، پوءِ پنهنجو ڌيان پانداريءَ ڏانهن ڪري دل ۾ چيائين: پانداري هوا جي شور ۾ لڏندڙ هوڙي تي ڦڙتيءَ سان وينو ماني پچائي ۽ خَلاصي سان چرچا پوڳ پيو ڪري... اهو سوچي وري چپن ۾ چوڻ لڳو. هي ڪيئن تہ وينا پاڻ کي ريجهائين ۽ کلائين، موت جي منهن ۾ ويني ٿا مرڪن، ڪيڏا بهادر آهن... ڪوهين ڏور محل، ماڙين ۽ شهرن ۾ رهندڙ ماڻهو جن کي سماجي زندگيءَ جا ڪيترا سک ۽ آرام ميسر آهن. انهن کي نہ لَهرن جي ڌڌڪن جو خوف... نہ اوڙاهہ جو اونو... نہ ئي طوفان جي چنتا... پوءِبہ منهن تي سوين پريشانيون ۽ ڏک جون پيا ڳالهيون ڪندا.

ڪاش! اهي هڪ دفعو هنن مهاڻن جي زندگيءَ جي هڪ جهلڪ پسي وٺن ۽ هنن جي اندر وارو درد پنهنجي اکين سان ڏسن هنن جي هڪ پل جو درد پنهنجي سيني ۾ سانڍي ساهہ کڻن...!! اوچتو لَهرن جا تيز ڇنڊا هن جي منهن تي پيا، خيالن مان آزاد ٿي ويو. سارنگ سمنڊ ۾ بيٺل ٻين هوڙن ڏانهن نهاريندو رهيو، جن رَڇَ هنيا هئا، هي بادل جي سونهن ۽ سمنڊ ۾ بيٺل هوڙن کي ڏسندو پاڻ کي وندرائيندو ٿي رهيو. حاجي محمد احمد مشڪي سارنگ کي چيو.

”ادا... ڪيئن پيو پائين ۽ ڏسين پيو ڇولين کي ڪيئن پيون شور ڪنديون اچن.“

ها... سائين! هنن نظارن کي آءٌ ڪڏهن وساري ڪين سگهندس. مونکي اڄ خبر پئي مهاڻا ڪيڏي دل وارا ٿيندا آهن ۽ خطرن کي ڏسندا کلندا رهندا آهن. پوءِ حاجي محمد احمد چوڻ لڳو.

هوڙي ۾ مَڇي کائڻ جو مزو ئي پنهنجو آهي. هيٺ پنداريءَ دال يا سبزي چاڙهي هوندي. صبح جو خَلاصي جڏهن رَڇ ڪڍندا پوءِ مَڇين کي ڏسجان، جهڙي مَڇي چوندي اها پانداري ڪان تيار ڪرائيندا سين.

ٻن ڪلاڪن ۾ پانداري ٻارهن ماڻهن جي لاءِ ماني پچائي، جنهن ۾ هڪ ناکئو، پانداري ۽ اَٺ خَلاصي هئا، سارنگ ۽ حاجي محمد احمد هو. پانداري ماني تيار ڪري کڻي آيو. ان وقت سمنڊ ۾ وڏي گجگوڙ ٿي وئي، هوا تيز گهلڻ لڳي، سارنگ جو ڌيان سمنڊ ۾ لَهرن ڏانهن ٿي ويو، جيڪي تيزيءَ سان اچي هوڙي سان اهڙي انداز ۾ٽڪرائجي ويون جو سارنگ ائين محسوس ڪيو ڄڻ هوڙو پرزا پرزا ٿيڻ وارو آهي. هن جي نرڙ تي پگهر اچي ويو. سيني خَلاصين جا ڌيان هن ڏانهن هليا ويا، ناکئي مشڪي ڪيس چيو.

ادا... اهو روز پيو ٿيندو آ، اهڙي ڳالهہ ڪانهي توهين ماني کائو. سارنگ ماني کائڻ لڳو، پر هن جي خيالن کي درياهہ جي لهرن جو خوف وکوڙي ويو ۽ پيٽ پري ماني ڪونہ کاڌائين. ڪن خلاصين ماني کائڻ کانپوءِ گٽکو وات ۾ وڌو تہ ڪي وري چورو ۽ سوپاريون وات ۾ وجهي، هوڙي ۾ ڦرندا هڪٻئي سان ڪِل پوڳ ڪندا رهيا. ڪن موريءَ تي ويني سگريٽ جا ڪش پئي هنيا. ٿوريءَ دير کانپوءِ هرڪو پنهنجي پنهنجي جاءِ تي سمهي رهيو. دريائي لهرون لڏنديون تيزيءَ سان هوڙي مٿان ڇنڊ وجهنديون ويون. سارنگ جو جسم لَهرن جي ٻوندن تي ٿڌو ٿي ويو. هن ٽڪ محسوس ڪيو ۽ حاجي محمد جي پر ۾ سمهي پيو. ڪيس ننڊ وٺي وئي.

جڏهن رات جو پويون پهر ٿيو، يعني ٽئين ٻجي کانپوءِ سيئي خَلاصي اٿي رَڇَ کي هينان واري رسيءَ کان، ڪي وري رَڇَ جي مٿان واري رسيءَ کي ڇڪيندا هوڙي ۾ چاڙهيندا مَڇي ڪيندا رهيا. سوئو، گور، مسڪا، عال ۽ منگر مَڇي ڪيندا ٽانڪيءَ ۾ وجهندا ٿي ويا، ڪي خَلاصي برف ڪٽيندا هٽندا ويا، ناکئو مَڇيءَ کي ڏسندو من ۾

خوش پئي ٿيو ۽ دل ۾ چوڻ لڳو.

”ججهي مَڇي لڳي آ...“

خَلاصين کي رَڇ ڪٽڻ ۾ ست اٺ ڪلاڪ لڳي ويا، سج اپري چڪو هو، پر بادلن سج جي ڪرڻن کي سمنڊ جي مٿان ڪرڻ نہ ٿي ڏنو. هوا تيز گهلندي رهي، اوچتو بادل هڪ طرف ڊوڙندا ويا، سج جا ڪرڻا سمنڊ مٿان چمڪڻ لڳا. ناڪئو واڇ ۾ ڏسندي ”يارهن ٿيا آهن.“ ائين چئي آواز ڏنو. چانهہ ناهيو پر مهمان جي لاءِ سني چانهہ چاڙهجو. پانڊاريءَ ڏانهن ناڪئو نهاري وري حاجي محمد احمد کي چوڻ لڳو. يار! ڪٿي تو وارو مهمان سارنگ بي سڪو تہ ڪونہ ٿي پيو آ...؟“

اهي لفظ سارنگ ٻڌي ڳالهايون.

نہ سائين! مان وينو ڏسان تہ ڪيڏي محنت پيا ڪريو ۽ خطرن سان کيڏو. سمنڊ جي اندر پورهيو ڪري رَڇ لاهڻ، مَڇي ڪڍڻ ڪيڏو ڏکيو ڪم آهي...!؟ ناڪئو هن جي منهن ۾ نهاري کيس ٿورو سست ڏسي چوڻ لڳو.

پائو! ڪٿي سمنڊ جي چولين کي ڏسي تنهنجي دل ڏکي تہ نہ ٿي يا گهٻرائين پيو...؟

”نہ... اهڙي ڳالهہ ڪانهي.“

تون نئون ماڻهو آهين، تو کي پري ڪونہ وٺي وينداسين.... ڏسون پيا ڪو پنهنجو هوڙو اچي مٽيو تہ توکي واپس موڪليندا سين، باقي اسان جي منزل اجا اڳي آهي. ادا حاجي محمد اڳئي چئي چڪو آهي. ناڪئي جا لفظ ٻڌي سارنگ ماٺ ٿي ويو. جڻ هن جي ڌڙڪندڙ دل واري ڳالهہ پرکي ويو .

ناڪئو زماني جو ماڻهو هو. سارنگ سان ڳالهيون ڪندي سندس خيال مٽائيندو رهيو. پوءِ حاجي محمد احمد جت پنهنجي دوست ناڪئي ڏي نهاري چيو. يار! تون پريشان نہ ٿي، نيٺ ڪونہ ڪو هوڙو اچي ويندو، اسين واپس ويندا سين، پر هي بيت ٻڌو.

سڪاڻيا مَ سمهو، پاسو پر ڏيئي
ڪَپَر تو ڪُن ڪري، جيئن ماڻِيءَ مَنجهہ مَهي
ايڏو سور سهي، ننڊ نہ ڪجي ناڪئا!
وري ٻيو بيت ٻڌو. حاجي محمد ڪلندي وراڻيو.
وڻجاري جي ماءِ! وڻجارو نہ پَلينِ
آيو ٻارهين ماهہ، پڻ ٿو سفر سنبهي.

هن جا بيت ٻڌي سيني خَلاصين واهہ... واهہ ڪئي.

چانهہ پيئڻ کان پوءِ کي خَلاصي رَڇَ کي ناهڻ ۾ لڳي ويا. سارنگ انهن کي ڏسندو جڻ عجب ڪائيندو رهيو. ”هي ڪيڏي پيا محنت ڪن“ دل ۾ چئي ماٺ ٿي ويو. سارنگ درياهہ ۾ ايندڙ ويندڙ هوڙن کي ڏسندو رهيو. سج جا ڪرڻا درياهہ جي مٿان

نشان ناهيندا رهيا. ڪٽي ڪٽي سنهي مڇي پاڻيءَ منجهه اُڇل ڪائي مٽي اچي وري پاڻيءَ ۾ ويئي ٿي هلي. پانداري هوڙي جي صفائي ڪري پاڻي ٻاهر ڪڍي، پوءِ اٽي منجهند جي ماني تيار ڪرڻ ۾ لڳي ويو. هن گور مَڇي سيئڻ جي لاءِ ڪنئين، وري آسمان بادلن سان پرجي ويو. سج جا ڪرڻا لڪي ويا، ناکئو هوڙي ۾ گهمندو ڦرندو رهيو.

پانداري جلديءَ ۾ ماني تيار ڪري ڪٽي آيو، سارنگ کي گورُ مَڇي ڏاڍو مزو ڏنو، هي ماني گهٽ پر خالي مَڇي کائڻ لڳو.

حاجي محمد احمد ٻانهن ۾ پيل واچ کي ڏسي وري سمنڊ ڏي نهاريو، هن پري کان ڪنهن هوڙي کي ايندو ڏسي ناکئي کي چيو.

يار... وارو ڪر، ان هوڙي کي اشارو ڪر ته هيڏانهن اچي. ناکئي هائوڪار ۾ ڪنڌ لوڏي رامٽو (جهنڊو) ڪٽي ٻانهن مٿي ڪري ان هوڙي کي اشارو ڪيو. ڏهن پندرهن منٽن کان پوءِ هوڙو لَهرن ۾ لڏندو اچي هنن جي هوڙي سان گڏيو ته ناکئي تن کان پڇيو.

”توهين بَندَر تي وڃو پيا...؟“ ان هوڙي جي ناکئي جواب ڏنو.

”ها... اسين ڍانڍو بَندَر تي وڃون پيا.“

”يار... اسان جا ٻه مهمان ڪنيون وڃ.“

”سَدا اَچن... ڀَلي اَچن...“ ٻئي هوڙي جي ناکئي خوشي مان مرڪي جواب ڏنو. حاجي محمد احمد ۽ سارنگ سيني خَلاصين، پانداري ۽ ناکئي کان موڪلايو، ناکئي مرڪي حاجي محمد احمد کي چيو.

”حاجي! اسين اجان ڇهه ست ڏينهن سمنڊ ۾ هونداسين.“

”جي...“ پوءِ سارنگ ۽ حاجي محمد احمد اچي ٻئي هوڙي ۾ چڙهيا، جيڪو ڍانڍو تڙ ڏي پئي آيو. هوڙي ۾ وينل خلاصي اُٿي اچي حاجي محمد احمد جت ۽ سارنگ سان مليا ته ناکئي هوڙي ۾ وينل هڪ پانداريءَ کي آواز ڏنو: ”گوهر! مهمانن جي لاءِ چانهه ناهي وٺ.“

سارنگ ڏانهن نهاري حاجي محمد احمد چيو.

ادا! اسين واريءَ درياءَ کان واپس موٽيا آهيون، جنهن هوڙي ۾ اسين هئاسين، اهو رَڃَ وڃهندو اجان اڳتي نڪري ويندو. هاڻ اسين پنجن ڇهن ڪلاڪن ۾ پنهنجي تڙ ڍانڍو تي پُڄي ويندا سين، اٽڪل رات جو اٺين، نائين وڳي رسي وينداسين.

رات جو ساڍي اٺين وڳي ڌاري حاجي محمد احمد ۽ سارنگ ڍانڍو بَندَر تي پهتا، هي جيئن ئي ڇِني ڏانهن اچن پيا ته حاجي محمد احمد ڇني جي لنگهه وٽ نوجوان کي بيٺل ڏسي آواز ڏنو. ”او... سائين جمن! ماني تيار ڪري وٺ پر منگريءَ مَڇيءَ جو ڪٽير ۽ مُسڪن جو ٻوڙ ٺاءِ.“ ائين چئي وري سارنگ کي چوڻ لڳو.

ادا... سارنگ! هي جمن شاهه آهي، ان رات ٻه هن ئي ماني تيار ڪئي هئي. توهان

پُل ۾ چانور سمجهي ڪاڏا پئي. سارنگ ڪان ڪل نڪري وئي. ٻئي چني ۾ آيا. سارنگ ٿڪ محسوس پئي ڪيو. ڪٿ تي آهلي پيو ته ڪيس ننڊ وٺي ويئي.

رات جو سائين جمن شاهه ماني تيار ڪري چني ۾ آيو. ايتري ۾ هڪ بزرگ شخص جنهن جي اڇي ڏاڙهي هئي. تنهن چَني ۾ اَچي سلام ورايو ته حاجي محمد احمد پيار منجهان هن سان مليو. ايتري ۾ سارنگ به سجاڳ ٿيو ته ڪيس حاجي محمد احمد جت چيو.

ادا... سارنگ ماني لڳي وئي آهي. هٿ منهن ڌوئي وٺو ۽ هي منهنجو ماسات محمد صالح جت آهي، هن جي ماءُ مون کي پاليو آهي. سارنگ اٿي ادب سان ساڻس مليو، پوءِ هٿ منهن ڌوئڻ جي لاءِ چني کان ٻاهر آيو. هن جي نگاهه اڇن جيتن تي پئي، جيڪي چنڊ جي روشنيءَ ۾ چٽا ڏسڻ تي آيس. هي پير سنڀالي ڪٽندو هٿ منهن ڌوئي واپس چني ۾ آيو.

ماني ڪائيندي حاجي محمد صالح جت سارنگ کي ڏسندي رهيو. ڪيس سارنگ جي باري ۾ ماسات حاجي محمد احمد جت اڳئي ٻڌائي ڇڏيو هو. مانيءَ کان پوءِ ڪچهري ڪندي حاجي محمد صالح درياءَ جي واقعي جي هڪ ڳالهه سارنگ کي ٻڌائڻ لڳو.

ابل! توهان درياءَ جي ڏڏڪن ۽ لَهرن کي ڏٺو آ، پر جڏهن طوفان ايندو آهي، مهاڻن جو سڀ ڪجهه درياءَ ۾ لڙهي ويندو آهي، ڪي ويچارا جان بچائي ناهن سگهندا. پوءِ ڏڪاري انداز ۾ وري چوڻ لڳو.

چوندا آهن "ڪک ٽَريو وڃي، پَٽر ٻڏيو وڃي". حسين اڇو ملڪائي جي لانچ هئي ۽ حسن ملڪائي جنهن جو هوڙو هو، لاڪاري درياءَ جي ٻاهران رَڇَ ٻڌائون ته اوچتو پاڻي تيز ٿيڻ لڳو ۽ چڙهندو آيو. حسن ملڪائي پنهنجي عزيز حسين اڇو ملڪائي (جيڪي ٻئي وڏا ناڪئا هئا) کي چيو.

پاڻي پنا پيو ڪري ڪو خراب ٿئي ٿو... آءٌ پڇان ٿو تون به هل... حسين اڇو ملڪائي انڪار ڪندي. "منهنجو هوڙو وڏو آهي ۽ تنهنجو هوڙو ننڍو آ، تون پلي هل آءٌ ٽاپو ٻڌندس."

پوءِ حسن ملڪائي وڃي محفوظ هنڌ تي ڪانيون ڳڏ ڪري وٽن منجهه هوڙو ٻَڌو، جڏهن طوفان آيو ۽ پاڻي چڙهيو پئي ته حسين اڇو ملڪائي جي لانچ ٻڏي تي وئي. هي ست ماڻهو پنهنجي جان بچائڻ لاءِ ترهي تي چڙهي وينا. هوا جون لَهرون ڪُن جيان ڦيرو ڪائي سندن ترهي کي سمنڊ ڏانهن گهلي ويون، سي وري هٿ ڪين آيا. اڄ ڏينهن تائين تن جو پتو ڪونه پيو.

اَبُل سارنگ! ننڍي هوڙي وارو بچي ويو، وڏي لانچ وارو وڏائيءَ ۾ ٻڏي ويو. ائين چئي حاجي محمد صالح جت بيت ٻڌائڻ لڳو.

الا مَ شال اولين، ٻيڙا مٽي ٻيٽ
جهاز جوکو نہ ٿئي، ڦرهي نہ ٿئي ڦيٽ
لطيف چئي ليٽ، پرين جي گهر جي!

پوءِ وري ٻيو بيت ٻڌائڻ لڳو.

سامونڊي ساري مٽي تڙ گذاريان
مونکي تي ماري، پريان سندي ڳالهڙي
اها عال ڪٽي وڏائون اتر آسري
الا مَ جهوري ان جي اولو جي آلڙي
وڻجارن وري وڏائون ٻيڙا ٻاهر تي.

پوءِ حاجي محمد صالح 1999ع جي طوفان جي ڳالهہ ڪندي چوڻ لڳو

ياڻو! 1999ع واري طوفان ۾ رڙيون ۽ خوفنائتا آواز هئا ۽ ٻاهہ هئي. جنهن ڪاٺ ڪي ساڙي تي چڙيو. هن طوفان هزارين مهاڻن جون زندگيون ٻوڙيون. ڪٽي سوين هوڙا غرق ٿيا. اسين بہ سمنڊ ۾ هجون، سمنڊ ۾ ڏبائي وارن جا هوڙا نڪتا. ڪاجهر درياءَ تي مَچي لاءِ رَڃ وڏائون. اوچتو طوفان آيو. هنن رَڃ ڪنيا تہ هوڙو خراب ٿي پين، سڏ ڪيائون ٻئي هوڙي ڪي... جڏهن ٻيو هوڙو آيو انهن جو بہ مشين خراب ٿي پيو، تنهن ڪي ڦتل هوڙن وارن چيو.

”اسان ڪي ڪنڌيءَ تي وني هل“

”ادا... منهنجي هوڙي جو پرزو خراب ٿي پيو آهي تنهنڪري توهان جو هوڙو آءٌ ٻڌي ڪين سگهندس، باقي ماڻهو چڙهي اچن تہ ڪنڌيءَ رسائيان.“ انهن ڦتل هوڙي وارن موٺ ۾ چيو.

”اسين چار لک جو هوڙو ڪيئن ڇڏيون.“

پوءِ اهي ٻئي آيل هوڙي منجهہ ڪين چڙهيا، سي ڦتل هوڙي ۾ رهجي ويا، سي وري ڪنڌيءَ ڪين رسيا طوفان ۾ مري ويا.

حاجي محمد صالح ڳالهہ پوري ڪئي. سارنگ کي حاجي محمد احمد چيو.

ادا... توهان آرام ڪريو، صبح جو دوست جو هوڙو ڊانڊيو تڙ ڪان ٿورو پري بولو رَڃ هڻڻ ويندا وري واپس موٽندا. اسين بہ تن سان هلي ۽ موٽي ايندا سين.

صبح جو ست پيا ٿين، سارنگ ننڊ مان اٿيو، هن حاجي محمد احمد کي ڏٺو جيڪو اڳئي تيار وينو هو، هن سارنگ کي ڏسندي چيو. ”ادا... توهين تيار ٿيو، نيرن ڪريو تہ هلون. هوڙي وارا دوست مال پري وڃڻ جي پيا ڪن.“

سارنگ خوشيءَ وچان جلديءَ ۾ تيار ٿي ويو. سائين جمن شاهہ ڪٽڪ جون

مانيون، مَڇي سيئل ۽ آنا فرائي ٿيل چنني ۾ ڪٽي آيو. سارنگ چنني ۾ نهاري حاجي محمد صالح جت کي چني ۾ نہ ڏسي هن حاجي محمد احمد کان پڇڻ تي گهريو تہ اڳ ۾ ئي هن چئي ڏنو.

سارنگ! ماني کآءَ تہ هلون... ماسات حاجي صالح جت سوير ئي آٽرڪي هليو ويو. ڏهن منٽن ڪانپوءِ سارنگ ۽ حاجي محمد ٻئي چني مان ٻاهر نڪري سامهون ڊانڊيو تڙ تي هوڙو بيٺو هو. خَلاصي ان ۾ ويٺا سي هنن ڏي پيا نهارين، ايتري ۾ وڏي آواز سان ناڪئي چيو.

”حاجي! اچو... وڪ وڌايو.“

هوڙو درياءَ ۾ هلندو رهيو. ڪجهہ پنڌ تي وڃي خَلاصي رَڇَ هڻڻ جي تيار تي ڪئي تہ حاجي محمد احمد جت مشڪي سگريٽ دکائي سارنگ ڏي نهاري چيو.

ادا... ڏسين پيو خَلاصي ڪيئن پيا تياريون ڪن، خَلاصي پنهنجي ڪم ۾ لڳي ويا تہ حاجي محمد احمد ڪيس ٻڌائڻ لڳو.

لوهہ جو ڏمڪ (بجلي جي ڪنيو) ان جي منهن کي ڪٽي هڪ پاسي هيٺين پور ۾ ڪاٺ جو ٽڪرو جيڪو ڏهہ ٻارهن فوٽ جو ٿئي ٿو. ان جي ٻي پاسي کان مٽي وارو بانس جيڪو ويهہ کان پنجويهہ فوٽ جو هوندو آ، اهو ٻڌو ويندو آهي. پوءِ هوڙا بيهاري انهن کي ناتارين سان قابو ڪري پوءِ ڏمڪ کي پندرهن ويهہ ماڻهو هيٺ سمنڊ جي اندر زمين ۾ گڇائي پوءِ ڪنيو ٻاهر ڪڍندا آهن، پر ڪاٺ جا ڪلا زمين ۾ ڪپي ويندا آهن ۽ اتي رهجي ويندا آهن.

ادا... سارنگ ڏسو، ٻن طرفان کان ڪاٺ جي ڪلي ۾ ٻڌل وائر جيڪا تقريباً ستر اسي فوٽ جي هوندي آهي. ان جي وائر ڪٽي تنهن ۾ بولي رَڇَ جو هڪڙو پاسو هڪڙي ڪِلي ۾ تہ ٻيو پاسو ٻئي ڪلي ۾ ٻڌندا، پوءِ رَڇَ کي سمنڊ ۾ اڇلائيندا. رَڇَ لڳڻ کان پوءِ هڪڙو هوڙو جيڪو مدد لاءِ ڏسين پيو اهو واپس هليو ويندو، باقي جنهن هوڙي ۾ ويٺا آهيون ان ۾ پنج ڇهہ خَلاصي يا اٺ لاسي رهجي ويندا، جيڪي شڪار لاءِ ٻيٺا هوندا.

سارنگ ڏٺو تہ رَڇَ لڳي ويو، ٻيو هوڙو واپس هليو ويو. حاجي محمد احمد سمنڊ جي لَهرن کي ڏسي سارنگ کي چيو.

ادا... هاڻي پاڻيءَ جو تيز وهڪرو ٿي ويو آ، تنهن ۾ ٿيندي مَڇي، سانو، بولي رَڇَ ۾ اندر اچي ڦاسي پوندا ۽ واپس ڪين ٿيندا، جڏهن پاڻيءَ جي تيزي گهٽجي ويندي تہ پوءِ هوڙي وارا رَڇَ کي ڇڪيندا. سارنگ جو ڌيان خَلاصين جي طرف هو، هوري هوري پاڻي گهٽجي ٿي ويو. ناڪئي هوڙي منجهہ خَلاصين کي همٿائيندي آواز ڏنو.

”ڇڪيوس... هوداريو... همٿ ڪريو... شاباس!“ ناڪئي ٻئي خَلاصيءَ کي آواز ڏنو.

”اڙي گلو! او... چٽا موالي. چا پيا ڪريو. جلدي ڪڍوس مَڇي چڱي ڦاٿي آهي.“ ناڪئو خوشيءَ مان رڙيون ڪندو آواز ڏيندو رهيو. خَلاصي جوش وچان رَڇَ کي ڇڪيندا، مٽي ڪٽندا، رَڇَ کي هوڙي ۾ لاهيندا ويا، بولي رَڇَ ۾ ڦاتل مَڇي ڦٽڪندي رهي. اهو ڏسي ناڪئو خوشيءَ مان مرڪندو رهيو. خَلاصين جي چهري تي خوشي اچي وئي، جڻ

سندن محنت سا‌پيان ٿي وئي، ڪي خَلاصي رَڃ مان مَڇي ڪيندا ٽانڪيءَ ۾ اڇلائيندا، ڪي خَلاصي برف ڪٽيندا هٽندا ٿي ويا. جڏهن پوري مَڇي ٽانڪيءَ ۾ پئجي وئي، ان کي بند ڪري ڇڏيائون تنهن کان پوءِ ناڪئي ڏي نهاري. حاجي محمد احمد چيو.

”يار... اسين تڙ تي ويندا‌سين.“

”چڱو... توهان کي اڪاري پوءِ اسين اڳتي ويندا‌سين.“

جڏهن واپس ٿي وريا، حاجي محمد احمد سگريٽ دکائي سارنگ کي چيو.

چنڊ جي حساب سان جوئار (پاڻي جو متي چڙهڻ) چنڊ جي چوويهہ تاريخ کان مَڇيءَ جو جوئار شروع ٿيندو آهي، جيڪو نئين چنڊ جي ٽي تاريخ، چار تاريخ کان پوءِ ختم ٿي ويندو آ. ان جوئار ۾ مَڇي مرندي آهي، چار تاريخ کان پوءِ هوڙا سمنڊ کان واپس ايندا آهن. وري نائين ڏهين تاريخ کان پوءِ ٻيهر جوئار شروع ٿيندي آهي تہ مهاٽا هوڙا ڪاهي ويندا آهن.

سج جا ڪرڻا ڊانڊيو بَندَر تي بيٺل هوڙن مٿان ڪرندا رهيا، تکي اس ۾ مهاٽا مَڇي لاهيندا ڊاتسن ۾ پريندا ويا، ڪي درياءَ ڏانهن شور ڪندا ٿي ويا... ان ۾ ويٺل خَلاصي، ناڪئا اميد ۽ آسري واري ڏور تي هڪ ٻئي سان ڀوڳ ۽ چرچا ڪندا ڪلندا رهيا، هوڙو پاڻيءَ منجهہ شور ڪندو، ڊانڊيو تڙ تي پهتو، حاجي محمد ۽ سارنگ ٻئي هوڙي مان لهي سڪيءَ تي هلڻ لڳا تہ هڪڙي نوجوان اچي ٻنهي سان هٿ ملايو. پوءِ حاجي محمد کي چيو. سائين اچو...! توهان جي انتظار ۾ هئاسين.

ٽئي هلندا ڪچهري ڪندا ڇني ۾ آيا تہ سارنگ آرس پيجي ڪرسيءَ تي ويهندي چيو.

”سائين! مان هلندس، مونکي ڪارو ڇاڻ وجڻو آهي.“ اهي لفظ ٻڌي حاجي محمد مرڪي ڏنو ۽ چيائين: سارنگ! تڪڙ ڪهڙي آهي، سواري بيٺي آهي. توهان کي ڪاروڇاڻ پَتڻ تي صبح جو ڊرائيور پهچائي ايندو. اهي لفظ ٻڌندي سارنگ کي اطمينان ٿيو.

# باب ڏهون

سمنڊ جي لهرن ۾ هوڙا راند ڪندا، ريڙهي مياڻ جي ڪنڌيءَ وٽ اَچي بيٺا. هوڙن ۾ ميڇي ڀريل هئي، جيڪا مهاڻا سمنڊ مان ماري آيا هئا. تنهن مان خلاصي ميڇي لاهيندا، خوشيءَ وچان هڪ ٻئي سان ڀوڳ ڪندا رهيا. ڪي خلاصي پُساڻ واريون ٿيلهيون ڪٽي هوڙي مان سُڪيءَ تي لهڻ لڳا، ڪن ڪي هٿن ۾ ميڇي هئي، جيڪا پنهنجي ٻچن لاءِ ڪٽي آيا پئي. ڪنڌيءَ تي دڪانن جي اڳيان مهاڻا ٽوڪرين ۾ ميڇي ڪپائي رهيا هئا، سڏ پنڌ تي ونگائي جت ۽ آمر جتن جا سيڌي سامان وارا دڪان ۽ هوٽل هئا. 70_1960ع جي ڏهاڪي ۾ اهي جت سوڪي بندر کان گاهه، ڪارو چاڻ ۽ روڙو درياهه ۽ انهن جي ڀر وارن ڳوٺن مان لڏي آيا هئا. سچ جا پاچا چنن، مَنهن ۽ دڪانن جي پٽين تي ڪرندا رهيا. ڪنڌيءَ کان پَڪي اُڏرندا دڪانن جي ڇتين مٿان هلندا ويا. دڪانن جي ٿوري فاصلي تي مايون ڳيچ ڳائي رهيون هيون. گهوٽ جي ماءُ خوشيءَ ۾ جهمريون هڻندي چوڻ لڳي.

او ڏيءَ... زيبو...

او... ڀيڻ... ڀاڳي

او... ادي جُلا...

او... حوا...

او... حميران...

او... سڪينا...

او... رخسانا...

”اچو... اچو ونهاءَ ڪٽو، دير پئي ٿئي.“ زيبو ماءُ جو آواز ٻڌي هٿ سان ڳيچ ڳائيندڙن عورتن، ننڍين وڏين ڇوڪرين کي روڪي پوءِ ماءُ ڏانهن مُنهن ڪري چوڻ لڳي.

”او... امان! ايڏي تڪڙ ڇا جي... صبر کان ڪم وٺ، صبر سان ڪم سڀ ٿي ويندا، اسين ونهاءَ ناهي ٿيون ونون.“

”ڇوريون... آن کهڙو کهڙو سامان رکيو ٿالهه ۾ ٻڌايو...؟“

زيبو مُرڪي سامان ڏانهن نهاري ماءُ کي ٻڌائڻ لڳي.

”او... امان! ڪنوار جو اَکين لاڙو،

جوڙي ڪپڙن جي،

منائيءَ جي پيتي،

عطر جي شيشي،

صابڻ جي چڪي،

پنج ڪلا اٽي جا،
ڪلو سچي گيهه جو،
پيرن جي جُتي،
ڪنوار جي لاءِ سونَ جي مُندي،
هار نوٽن جو،
ڪلو ڪن موڙو،
ڪلو سيويون،
ٽي ڪلو ڪنڊ،
ڪيسو ڦل،
بيسڻ اڌ ڪلو ۽
تيل سُرهو ڪنيو آ.“

گهوٽ جي ماءُ ونهاءَ ٻڌي اڱڻ تي بيٺل عورتن ڏانهن نهاري پوءِ زيبوءَ ڪي چوڻ لڳي.

اڙي..... چوريون... ونهاءَ ڪيئن ٿاهيون اٿو.؟

توهين ڪنديون خوشبوءِ واريون وساري آيون آهيو. زيبوءَ ڪي ڳالهه ياد آئي، ها... ها... امان اهي بابا آنديون آهن. ڪٽي پئي اچان، پر ڏسجانءِ ڪنديين ۾ الائچي، ميلب، سوپاريون، ڪچڙ ڪپوريون، جعفر ۽ لونگ جڙيل آهن ڪي ناهن.زيبوءَ هلندي ڪنڌ ورائي ماءُ ڪي موٽ ڏني. ها... ها... تون وسامج نہ.

ٿوري جهٽ ڪان پوءِ زيبو ڪنديون ڪٽي آئي، ماءُ ڪي ڏيڪاريائين.

”چوري.... ها... ها... اهو ڦُل ونهاءَ تي ويو.“ زيبوءَ جي چپن تي مُرڪ پکڙيل، سندس چهرو خوشيءَ ۾ ٻهڪيو پئي. پر ۾ بيٺل ڇوڪري زيبوءَ جي چهري تان نگاهه هٽائي گهوٽ جي ماءُ ڪي آواز ڏنو.

”او... ماسي حليما! هاڻ ٻڌاءِ ونهاءَ ٿيو...؟“

”ها... ها... چوريون ونهاءَ ڪٽو.“ ايئن چئي حليما ڇوڪرين ڪي نالي نالي سان آواز ڏئي چيو.

”او... زيبو! تون گهوٽ جي ڀيڻ آهين، ونهاءَ متي تي ڪڻ هلون.“

او... حوا! گهوٽ جي ماسي،
او... ڀاڳي! گهوٽ جي ڦُڦي!
او... جُلا
او... حميدا

”او... رخسانا! تون گهوٽ جي منڙي ماسات آهين، ڳيچ ڳايو...“

پوءِ... جُلا سُر ڪڍيو، حليما خوشيءَ ۾ مُرڪي، در وٽ بيٺل مُڙس ڪي آواز ڏئي

چيو.

او... غلام رسول... هل ٻاهر اتي چا پيو ڪرين، ۾... ها... پنهنجي نندي پٽ پنهل کي ٻہ ساڻ ڪري گاڏي وٽ هلو، اسين ونهاءَ ڪنيون اچيون ٿيون.“ هوا ۾ ڳيچ جو آواز وڏي جوش سان پکڙجي ويو.

”سهرا مجيد جا سپ ڪان سُهڻا،
جنهن کي ٿاهي سِهرو ٻڌايان،
آ راڻا مِلي ڍولا...“
توکي مَن اندر ۾ لڪايان،
توکي مَن اندر ۾ ويهاريان،
توکي جيءَ اندر ۾ ويهاريان،
آ راڻا مِلي ڍولا...“
توکي مَن اندر ۾ لِڪايان،
سِر مَجيد جا سَپ ڪان سهڻا،
جَنهن کي ٿَاهي مان سِهرو ٻڌايان،
آ راڻا مِلي ڍولا...“
توکي مَن اندر ۾ ويهاريان،
اکيون لاڏي جون سَپ ڪان سهڻيون،
اکيون مَجيد جون سَپ ڪان سهڻيون،
جَنهن کي ٿاهي مان ڪاجَل پَايان
آ راڻا مِلي ڍولا...“

توکي مَن اندر ۾ لِڪايان
توکي مَن اندر ۾ ويهاريان.
ڏند لاڏي جا سپ ڪان سهڻا،
جَنهن کي ٿاهي مان مِسي لڳايان،
آ راڻا مِلي ڍولا...“
توکي مَن اندر ۾ لِڪايان،
هَٿ لاڏي جا سَپ ڪان سهڻا،
جَنهن کي ٿاهي مان مَهندي لڳايان،
آ راڻا مِلي ڍولا...“
توکي جيءَ اندر ۾ وِيهاريان،
توکي مَن اندر ۾ لِڪايان،

آ راڻا مِلي ڍولا..."

حليما جي گهر جي پاسن وارين جاين جي ڇت تي عورتون بيٺيون ڏسن. ڪي مائرون پنهنجن ٻارڙن کي چيلهه تي کڻي ونهاءَ وارو ڏيک پيون ڏيکارين... حليما جي گهر ٻاهران ڊاٽسن بيٺي هئي، جنهن کي ننڍڙا ننڍڙا ٻار چوڌير وڪوڙي بيٺا هئا. غلام رسول جي قميص کي ننڍڙو ڇهن ستن سالن جو ڇوڪرو پڪڙي بيٺو روئي ۽ چوي...

"ماما... ماما... آءٌ هلان... آءٌ به هلان..." غلام رسول ڳيچ ڳائيندڙ عورتن ڏانهن پئي ڏٺو، جيڪي گهر کان ٻاهر اچي رهيون هيون. زيبوءَ جا ٻئي هٿ ٿالهه ۾ هئا، هوءَ مُرڪندي جهمر هڻندي ڪنهن ڪنهن وقت سڄو هٿ، ڪنهن ڪنهن مهل کٻو هٿ ٿالهه مان ڪڍي لوڏي ڳيچ ڳائيندڙن عورتن سان ڳيچ ڳائيندي اچي ڊاٽسن وٽ بيٺي. غلام رسول جي قميص کي ننڍڙو ٻار ڇڪي روئي، چئي رهيو هو.

"او... ماما!"

"او... ماما..."

"آءٌ هلان..." غلام رسول عورتن تان ڌيان هٽائي ٻارڙي کي ڏسي جهڪي هن جي اکين مان وهندڙ ڳوڙهن کي هٿ سان اگهي مٽي کڻي چمي ڏئي چيو.

"ها... توکي وٺي هلان پيو" ٻارڙي مُرڪي ڏٺو... ڊاٽسن ۾ وينل ماءُ کي ڏسي هٿ لوڏيو، زيبو ڊاٽسن جي پويان ويهندي ٿالهه کي جهوليءَ ۾ رکيو ۽ پيون عورتون به ويهي رهيون. حليما خوشي مان اچي مُرس کي چيو.

"توهين کهڙي اُلڪي ۾ بيٺا آهيو، ويهو ته هلون."

"او حليمان! آئون سائين يونس خاصخيليءَ جي اوڏ (انتظار ۽ پريشاني) ۾ آهيان. اهو اڃا ڪو نه پهتو آ، توکي خبر آهي.؟ سائين يونس خاصخيلي جي ڏاڏي ياڳل سوڪيءَ مان جڏهن هتي لڏي آئي هئي، انهن ڏينهن ۾ چاچا طالب به لڏي آيو هو. تڏهن کان وٺي سائينءَ وارن جي وڏڙن سان اسان جي وڏڙن جي صحبت هلندي پئي اچي. سو ٿوري دير ڏسون ٿا، سائين يونس آيو ته واهه، نه ته پاڻ هليا هلنداسين."

ايئن چئي غلام رسول سامهون گس ۾ نهارڻ لڳو، ڪجهه وقت انتظار ڪيو. پوءِ دل ۾ چيائين

"سائين يونس کي ڪم تي پيو هوندو جو اڃا پهتو ڪونهي." غلام رسول هڪ نگاهه وري گس ۾ وجهي، پوءِ گهر واري کي آواز ڏنائين

"او حليمان! ويهه ته هلون..." پوءِ غلام رسول پُٽ سان ڏ ڊرائيور جي پرسان وينو، ننڍڙي ياڻج کي جهوليءَ ۾ ويهاريو. حليما ڊاٽسن ۾ چڙهڻ وقت رخسانه جي ڪُلهي تي هٿ رکي ڊاٽسن ۾ ويني ۽ وري ياڳي جي ڪُلهي تي هٿ رکيو، جيڪا زيبوءَ سان گڏ ڳيچ ڳائي رهي هئي. پوءِ ڊاٽسن ريڙهي مياڻ جي ڪچي رستي تان هلندي ور ڪائي پڪو رستو وٺي هلڻ لڳي. موڙ کان ساڄي پاسي وارو رستو هلندي لالا آباد ڳوٺ ۽ قائد آباد کان ٿيندي گلشن حديد کان هلندي دابيجي، مارڪيٽ، گهارو شهر ۾ ڊاٽسن داخل ٿي.

اسپيڊ بريڪر وٽان هوريان هوريان هلڻ لڳي ته زيبو سُر ڪڍيو ته پر ۾ وينل ٻين عورتن ڳيچ ڳائڻ شروع ڪيو. روڊ ۽ رستن تي هلندڙ ماڻهن ۽ ريڙهن وارن جا منهن هنن ڏانهن ٿي ويا. ڪيلن ۽ جوس وارا ڇوڪرا ڊوڙندا ڊاٽسن جي پويان هوڪا ڏيندا

"ڪيلا منا ڪائو، قربائتا ڪيلا"

"جوس پيئو، اندر ٺاريو"

"جوس پيئو، رت وڌايو"

زيبو ڳائيندي ڳائيندي ڪيلن ۽ جوس وارن ڇوڪرن کي هٿ سان انڪار ڪندي، ٻانهن کي اهڙي انداز ۾ لوڏيو ته ڇوڪرن ڪان ٿهڪ نڪري ويا ۽ بيهي رهيا. ڊاٽسن ڇڇو مَل ڪريانا اسٽور جي اڳيان هلندي گولائيءَ وٽان ڦيرو ڪائي ڳاڙهو طرف هلڻ لڳي ته زيبو ڳائڻ بند ڪيو.

ساڪرو ڪان هلندي ڪلاڪ ۾ اچي ڳاڙهي پهتي. شهر جي گهٽين مان هلندي ڪنوار جي گهر ڪان ٿورو پر پرو ڊاٽسن بيهي رهي. ٿورو اڳ حليما ڊاٽسن کي پويان ڏک هٽي بيهارڻ جو اشارو ڪيو هو. جيئن ڊاٽسن بيهي رهي ته گهوٽ جي ماءُ حليما هيٺ لهي جهمر هڻندي وڏي آواز ۾ چيو.

"لهو... لهو... ڇوريون ڳيچ ڳايو... او... جُلا سُر ڪڍُ."

زيبو هيٺ لهي ونهاءَ مٽي تي ڪنيو ته ٻيون عورتون ڳيچ ڳائڻ لڳيون.

ڳيچ ڳائينديون سيئي ڪنوار جي گهر ۾ داخل ٿيو، تن کي ڏسندي ڪنوار جي ماءُ سُکي خوش ٿيندي گهوٽ جي ماءُ حليما سان ڀاڪر پائي ملندي چوڻ لڳي.

"اي... ڀلي ڪري آيا... گهوٽ جي ماءُ توکي لک لک مبارڪون، تنهنجا پير منهنجون اکيون..." گهوٽ جي ڀيڻ زيبو ونهاءَ وارو ٿالهه مٽي تان لاهي هٿ جي ترڻيءَ تي رکي بيهي رهي ته حليما ڏيءَ کي چيو.

"هلو سٽئي سهاڳڙيون اچي لاڏيءَ کي ساٿ ڪريون" پوءِ سٽئي سُهاڳڙيون ڳيچ ڳايو.

ونهاءَ ڪٽي آهيون، ستين سهاڳڙيون
آئيــن اچــي لاڏيءَ کـي سـاٿ ڪـريـو
لانهي چانهي، لانچ لانهي، سو سهاڳ، سو نهڙيا
لاڏي جون آکيو چئي جاءِ لاڏي مرڪيو ٿي مِانڙي
هريو هريڙو هريو لاڏو، لاڏو سيجڙي چڙهيو، لڏڻ ماءُ گهر آيو،

اهوڳيچ ڳائي گهوٽيتيون اندر اچي وري ٻيو ڳيچ ڳائڻ لڳيون.

ونهاءَ رکيو ٿالهيءَ ۾، آءٌ ڳنيو ٿِي اَچان
لاڏو منهنجي اڳ ۾، آءٌ نَچندي اَچان

سِهرا رکيو ٿالهيءَ ۾، آءٌ کنيو پي اَچَان
لونگ ڦوٽا ٿالهيءَ ۾، آءٌ کنيو پي اچان.

کنوار جي لاءِ گهوٽيتن چوڙيون، ڇير، ٻِچون، ونجٽيون ۽ ڪپڙا آندا هئا. تن کنوار جي انيئار کي اُهي ڏنا. انيئار جيڪا کنوار جي ماسي هئي سا ڪپڙا کڻي ڪمري ۾ آئي، جت کنوار سهيلين سان ويٺي هئي ۽ڪين چوڻ لڳي.

او... ساران....

او... رقيا....

او... صغران.....

او... طاهرا..... اچو کنوار کي تيار ڪريو، گهوٽيتا انتظار ۾ ويٺا آهن. پوءِ ساران سهيلين سان گڏجي گهوٽيتن جي طرفان آيل هيڊي رنگ جو وڳو کنوار کي پارايو ۽ چوڙيون بہ جيڪي هيڊيون هيون سي کنوارکي پارائينديون ڳيچ ڳائينديون رهيون. پوءِ ساران کنوار جي پير ۾ چانديءَ جي ڇير ٻڌي تہ ٻين سهيلين پيرن جي آڱرين ۽ هٿن جي آڱرين ۾ ٻِچون يعني چانديءَ جا ڇلا پارايا. پوءِ کنواريتن ڳيچ ڳائڻ شروع ڪيا. کنوار تيار ٿي وئي تہ انيئار چوڻ لڳي.

”او... ساران....!او... طاهرا..... کنوار جي ونهاءَ جو وقت ٿي ويو آهي. وجو گهوٽيتِن کي سڏ ڪريو ۽ اَچن پنهنجي رسَم ڪَن. ساران ۽ طاهره ڪمري مان نڪري ويون. ٿورڙيءَ جهڙ کان پوءِ ڳيچن جو آواز ڪمري طرف وڌندو آيو.

ستئي سهاڳڙيون ڳيچ ڳائينديون کنوار جي ڪمري ۾ آيون، کنوار سهيلين سان ويٺي هئي. کنوار جي اَنيار ڪُرسي کڻي اندر آئي، ڪُنڊ ۾ رکي کنوار جي سهيليءَ کي چيو.

”کنوار کي ڪرسيءَ تي ويهاريو.“ پوءِ سهيلين کنوار کي ڪُرسي تي ويهاريو، منيءَ جون نگاهون شرم کان هيٺ جهڪيل هيون، هوءَ ڪنڌ هيٺ ڪري ويٺي رهي. گهوٽيتن پنهنجا ساٽ سنوڻ شروع ڪيا، گهوٽ جي ماءُ حليما خوش ٿيندي چيو.

”زيبو...! کنوار کي گندي پاراءِ“ زيبو کنوار کي گندي پارائي تہ ٻيون ڳيچ ڳائڻ لڳيون.

منهنجي اَباڻن موڪلي، پَرم واري چُنڙي
منهنجي سَنگهارن موڪلي، پَرم واري چُنڙي
ڪراچي شهر مان چُنڙي گهرايم.

گهوٽ جي ماءُ حليمان کنواريتن کان پڇيو، توهان کنوار جون ست مينديون ناهيون آهن.

ها... ها... ناهيون آهن.

گهوٽ جي ماءُ حليما کنوار کي نوٽن جو هار پارايو تہ ستئي سهاڳڙيون ڳيچ ڳائڻ

لڳيون.

منهنجي ڳلي ڳچيءَ جو هار، هو... ڙي
او... منهنجو پنهل سان ڏاڍو پيار هو
الا هار تہ ڪراچيءَ شهر جا
جنهن تي لاڏيءَ ڪيو سينگار.

گهوٽ جي پُڦي ڀاڄي چوڻ لڳي. ”اچو ڙي ساٿ ڪريون.“

پوءِ ڪنوار جون سهيليون سيئي ڪنوار جي پرسان اچي ويٺيون. ڀاڄي تيل جي وَٽي ڪٽي ويهي رهي تہ ڪنوار جون سهيليون ۽ گهوٽيتيون واري واري سان تيل جي وٽيءَ مان آڱريون ٻوڙي ڪنوار جي متي جي وارن ۾ مکينديون ويون، گهوٽيتيون ڳيچ ڳائينديون رهيون.

ونهاءَ جي ڪٽي آيو ڙي لاڏا ستين سهاڳڙيون
آئين اچو ساٿين واريون اچي ساٿ ڪريو.

پوءِ گهوٽ جي ماءُ اکين لاڙو ڪٽي ستن ئي سهاڳڻين جي اکين تي رکيو، جيڪي سهاڳڻ وڏي عمر واري هئي، آخر ۾ ان جي اکين تي رکي پوءِ ڪنوار کي ٻڌي ڇڏيو تہ گهوٽيتين سهرو چيو.

اکيو لاڏيءَ جون ڇُئي جي، لاڏي مرڪيو ٿي ماڻين
مُند وسي، مينهن وسن، لاڏي مرڪيو ٿي ماڻين.

پوءِ گهوٽ جي ماءُ ڪنوار جي مٿان نوٽ گهورڻ لڳي تہ ٻيون گهوٽيتيون عورتون گهور گهوريندي ڳيچ ڳائڻ لڳيون.

گهوٽ جي پيڻ گهور ڏي، تہ مـَن سنيالا
گهوٽ جي پڦي گهور ڏي، تہ مـَن سنيالا
لاڏي جو گهر وَسي.

ايتري ۾ گهوٽيتيون ڪنوار جي مٿان گهور گهوري هليون ويون. پوءِ ڪنواريتن ٻئي ڪمري ۾ گهوٽيتين کي چانهہ پيارڻ لاءِ وٺي ويا. ٿورو وقت ويهي گهوٽيتا موڪلائي هليا ويا. ان کان پوءِ انئيار ڪنوار جي سهيلين سان ڪچهري ڪندي ساران کي چوڻ لڳي.

”ساران...! تون ڪنوار جي پياري ۽ گهري سهيلي آهين. ونهاءَ وارن ڏينهن ۾ ڪنوار کي ڪاڏو ڪارائڻ ۽ ان جي سار سنڀال لهڻ جي ذميواري تو تي آهي. ۽ تون ڪنوار کي ميڏيون(چوٽي)، پيني هٽندينءَ.“ طاهره جيئن ئي انئيار جو اهو جملو ٻڌو تہ مرڪي ڀوڳ ڪندي ساران جي چوٽيءَ کي ڇِڪَ ڏيندي چيائين.

”ساران...! تون بہ نہ بچينءَ، هاڻي تنهنجو وارو ايندو.“ اهي لفظ ٻڌي ساران شرمائي ڪنڌ هيٺ ڪري ڇڏيو.

پيني يا اُپٽاڻو هٽڻ واري رسم ۾ ڪنوار کي ڪنواري ڇوڪري هٿندي آهي ۽ اهائي ڪنوار جي سار سنڀال لهندي آهي. جيئن ان جو لايو سجايو ٿي وڃي. طاهره سامهون وينل انئيار کي چوڻ لڳي.

”پاڻ وارا اصلي سَوڻ تہ رهجي ويا.؟“

”ڪهڙا سَوڻ...!؟“

”انئيار...! سَت ميندين (ميندين) يعني ڇوڙين واري رسم تہ رهجي وئي.؟“

”طاهره...! هاڻي مهاڻن ۽ ملاحن جا ساڻ وڃن پيا بدلبا، ڪٿي ڪهڙا سات ٿين تہ ڪن مهاڻن ۾ ڪهڙيون رسمون. اسان ۾ جيتريون ذاتيون ۽ اوڙڪ آهن تہ اوترا ساڻ بہ نوان.“

طاهرا ڳالهہ کي سمجهندي ڪنڌ ڌوڻي، ها... انئيار سچ پئي چوين. ٻئي ڏينهن سانجهيءَ جو سانجهيئڙو ڳائڻ لاءِ ڪي سهاڳڙيون ڪنوار جي در وٽ اچي ٻيهي رهيون. اتي ئي ٻيني سانجهيئڙو ڳائينديون رهيون. سانجهيئڙي ۾ نصيحت ڀريا ٻول هئا. جيئن انهن ٻولن کي ٻڌڻ سان ڪنوار ساهري گهر وڃي عمل ڪري، سڪيو گهر ماڻي ۽ ساهرن ۾ عزت ماڻي.

ٻئي ڏينهن ڪنواريتا جنهن ۾ ڪنوار جي ماسي، ڀڦي، ماسات ۽ سهيليون گهوٽ جي لاءِ مينڌي (ميندي) کڻي ريڙهيءَ ۾ گهوٽ جي گهر آيون. حليما اڳئي پاڙي وارن ۽ سڱ وارن مٿن مائٽن کي ٻڌائي آئي هئي، سي سڀئي هن جي گهر ۾ ڪٺي ٿيل هيون. جيئن ڪنواريتن کي ڏسندي حليما، زيبو، ڀاڳي، حوا، جُلا، رخسانا ۽ ٻيون عورتون وڌي چاهہ سان مليون. ڪنواريتون گهوٽ جي لاءِ ونهاءَ کڻي آيون هيون. جنهن ۾ پنجن سَون وارو ڪيڪ، ان سان گڏ چاڪو، پنجن سون جو نوٽن وارو هار، منائي جي پيتي، کير جو لوٽو ۽ سرهاڻ جي بوتل هئي.

ڪنواريتون ڳيچ ڳائينديون رهيون تہ گهوٽيتيون، گهوٽ جون ڀيڻون، ماسيون، ڀڦيون ڪنواريتن جي مٿان ڦل ڇٽينديون رهيو. سامهون اڱڻ تي گهوٽ ڪرسي تي وينو هو. گهوٽ جي ڀيڻ زيبو ڪاٺ جي ٻاجهٽ (ننڍي صندلي) کڻي اچي گهوٽ جي اڳيان رکي، ان تي پوش وڇائي مرڪندي ڪنواريتن کان مينڌيءَ جو ٿالهہ وٺي اچي ٻاجهٽ تي رکيو. گهوٽ جي چوڦير سندس مٽ مائٽياڻيون ۽ پاسن کان پاڙي واريون ڪٺي ٿي ويون، پوءِ ڪنواريتن رسم شروع ڪئي، ڪنواريتن گندي ۽ هار گهوٽ کي پارايو ۽ موڙ ٻڌي ڳيچ ڳائڻ لڳيون.

سِهرا بَڌڻ آيون لاڏي کي،
آ مَن سِهرا بَڌڻ آيون،
سِهرا بڌڻ آيون لاڏي کي.

پوءِ ڪنواريتن ٻاجهڻ تي رکيل ٿالهہ مٿان پوش لاٿو تہ گهوٽ جون پيٽون گهوٽ جي هٿ ۾ چاڪو جهلائي ڪيڪ ڪٽرايو تہ ڳيچ ڳائڻ جو آواز ٿيو.

منهنجي ڪِنئيڻ پيئڻ جو ڪيڪ،
ڪيڪ منهنجو آٽي ڏي،
منهنجي ڪِنئيڻ پيئڻ جو ڪيڪ.

ڳيچ جي آواز تي گهوٽ ڪيڪ جا ٽڪرا ٽڪرا ڪندو ويو، گهوٽيتين ۽ ڪنواريتين ڪيڪ جا ٽڪرا ڪٽي هڪٻئي کي کِل خوشيءَ مان کارائينديون رهيون. ڪنوار جي ماسي قد جي ڊگهي، ٻُت ۾ ڀريل، وار وڏا، چيلهہ تائين لڙڪيل، متي واري گندي، هن جي ڳچيءَ ۾ رومال جيان ويڙهيل ۽ هوا تي وار لُڏيا ٿي. هوءَ اهڙيءَ طرح سان بيٺي مرڪي جڻ گهوٽيتين کان وڌ خوشي ڪيس ٿي رهي هئي. هوءَ چالاڪ هئي، تنهن هوشياريءَ سان ڪيڪ جا ٽڪرا مُنهن ۾ اهڙيءَ طرح لڪائي بيٺي هئي جو ڪنهن کي سُڌ ئي ڪانہ پئي. هوءَ اکيون ڦيرائي سيني ڏانهن بيٺي، ڏسي ۽ مرڪي. شايد... هن جون نگاهون ڪنهن کي ڳولين پيون، جنهن سان ڀوڳ ڪرڻ جو دل ۾ خيال اٿليو پئي. پوءِ گهوٽ جي ماءُ حليما تي نگاهہ پيس. هوري هوري عورتن جي پاسن کان مٿيندي گهوٽ جي پٺيان هلندي، حليما جي پرسان آئي، جيڪا پاڙي واريءَ سان ڪنوار بابت ڳالهڙيون ڪري رهي هئي. جيئن ئي وات پٽي ٿهڪ ڏنائين تہ ڪنوار جي ماسي ساڄي هٿ وارو ڪيڪ حليما جي وات ۾ وڌو تہ هُن جو وات ڀرجي ويو، پوءِ ٻئي هٿ وارو ڪيڪ حليما جي مُنهن تي دڦيو تہ حليما جون اکيون پورجي ويون، ڪيس سيئي ڏسي کلڻ لڳا. هرهڪ جون نگاهون گهوٽ جي ماءُ ڏانهن کڄي ويون. عورتن ۽ ننڍڙن ٻارڙن کان ٽهڪ نڪري ويا... ٻارڙا ڪيس ڏسي ڏاڍو کليا پئي. هڪڙي ٻارڙي چيو: ”ماسي حليما جهڙي ڀولڙي!“ ڪي عورتون پنهنجي وات تي هٿ رکي پيون کلن. ڪنوار جي پڦي حليما کي چوڻ لڳي ”آئي لئي! تو ڏنو ڪيڪ ڪونهي، هاڻ ڏنئي پنهنجو اَڇو مُنهن“ ڪنوار جي ماسي ۽ حليما ٻئي هم عمر هيون ۽ ٻچپن جون سهيليون جيڪي پاڻ ۾ ماسات بہ ٿين. حليما مُنهن تان ڪيڪ کي لاهي اکيون پٽي نلڪي جي طرف هلي وئي، مُنهن ڌوئي آئي. مُنهن ڌوئڻ جي ڪري هن جي ڳچي وارو چولي جو حصو سڄو پسي ويو هو، تنهن کي رئي سان ڍڪي اچي پُٽ جي پرسان بيٺي. پر هن جي ڏندن واري وٺيءَ ۾ اجان ڪيڪ جا ذرا ڦاٿل هئا، جن تي زبان پئي ڦيريائين. ڪنواريتن کير جي رسم شروع ڪئي. ڪنواريتن لوٽو ڪٽي ان مان ٿورو کير گلاس ۾ اوتيو، کير پستن، بادامن، مصري ۽ ڦوٽن جو ڪڙهيل هو، ڪنواريتن بہ سُرڪا گهوٽ کي پياري پوءِ گهوٽ جي انيئار کي بہ سُرڪا پياريائون. پوءِ لوٽي مان ٿورو ٿورو کير سيني کي پيارينديون رهيون، اتي ڪنواريتن ڳيچ ڳايو.

منهنجي کير پيئڻ جو لوٽو
منهنجو مون کي آٽي ڏي
منهنجي کير پيئڻ جو لوٽو.

رسمون جيئن پوريون ٿيون، گهوٽيتن ڪنواريتن کي ماني کارائي، ان شام جو ڪنواريتا هليا ويا. ٻئي ڏينهن گهوٽيتا مينڌي جي رسم لاءِ تياري ڪرڻ لڳا... زيبو مينڌي وارو ٿالهه ڏاڍيءَ خوبصورتيءَ سان سينگاريو هو.

ميڻ بتين ۽ ڦل ڇٽي ٿالهه کي سينگاريو ويو، پوءِ سڀئي تيار ٿي ڪنواريتن ڏانهن مينڌي کڻي ويون. ڪنواريتا هنن جو انتظار ڪندا رهيا.جڏهن ڊاٽسن ڪنواريتن جي گهر وٽ بيني تہ زيبو مينڌيءَ وارو ٿالهه ڪنيو تہ ٻيون ڀيچ ڳائڻ لڳيون.

مينڌي جي ڪٽي آيون لاڏا، ستين سهاڳڻيون
ساٿي واريون آهين، اچو ساٿ ڪريو.

ڀيچ ڳائينديون ڪنواريتن جي گهر ۾ داخل ٿيون. سُکي سيني سان ڏاڍي محبت سان ملي، پوءِ ڪنوار جي ڪمري ڏانهن وٺي وئي. ڪنوار جي چئو ڦير سهيليون ويٺيون هيون ۽ سندس مائٽياڻيون ماسي، ڦڦي، ماسات ۽ پاڙي واريون ڇوڪريون بہ ويٺل هيون، جيڪي ننڍڙي دهل تي سهرا ڳائي رهيون هيون. جيئن گهوٽيتيون اندر داخل ٿيون تہ سڀئي اٿي اچي گهوٽيتين سان مليون. ڪنوار کي گهوٽ جي ماءُ پاڪر پائي ڪيس مٽي تي ڇمي ڏني، پوءِ ڪنوار کي مينڌي لڳائڻ واري رسم شروع ٿي تہ گهوٽيتين ڪنوار جي هٿن پيرن کي مينڌي لائينديون ڀيچ ڳائينديون رهيون.

هٿين گل مينڌي، پيرين گل مينڌي،
لال لنگن کي لايو ڙي،
منهنجو ڪالهو ڪر جو، ڪانگ لنوين.
اڳڻ ٻاروچو آيو.

مينڌي لڳائڻ واري رسم پوري ٿي تہ ڪنوار جون سهيليون نون ڪپڙن، ڳهہ ڳٹن ۾ سينگارجي ڪنوار جي پرسان ٻيٺون هيون. ايتري ۾ انئيار ڪمري ۾ آئي ان جي هٿ ۾ ونجڻيون هيون، جيڪي موتين، ستارن ۽ رنگين جهالرن سان جڙيل ۽ ونجڙين جي ڏيڍ فوٽ ڪاني جنهن جي فٽ ڪن حصي تي خوبصورت رنگين ڪپڙو چڙهيل هيو تنهن مٿان رنگ بہ رنگي گول گول ستارا لڳل هئا. ونجڻين جي وچ واري حصي تي چوڪور ۽ ڪن تي گول نموني ستارا ۽ موتي جڙيل هئا جيڪي ڪنهن سگهڙ عورت جي هٿ جو سهڻو فن ڏيک پيو ڏي. انئيار اهي ونجڻيون ڪنوار جي سهيلين کي ڏيندي چيائين.
او.... ساران

او رُقيا... آواز ڏيئي انهن کي هڪ هڪ کي ونجھڻي ڏنائين. پوءِ هن جي نظر طاهرا تي پئي جيڪا پر ۾ بيٺل گهوٽ جي پڦيءَ سان ڳالهائي رهي هئي. تنهن کي وڏي آواز ۾ چيائين.

”او موتي طاهرا..! هيڏي ته نهار اچي وٺ ونجھڻي بجلي وڃڻ واري آهي.“

انئيار ونجھيون ڏيئي ڳيچ ڳائيندڙ گهوٽين جي پاسي مان هلندي ٻاهر نڪري ويئي. ڪنوار جون سهيليون ونجھيون وٺي ڪنوار کي آهستي آهستي هڻڻ لڳيون. جڏهن رسم پوري ٿي ته گهوٽيتن عورتن جي مک تي ماکيءَ جهڙي منڙي مرڪ پکڙيل هئي، سي هڪ ٻئي سان خوش ٿي پوڳ چرچا ڪنديون ٿي رهيون. ايتري ۾ گهوٽ جي پيڻ زيبو عورتن سان ڪنوار جي سونهن ۽ سباجهائپ جي تعريف ڪندي سُرهي ٿيندي رهي. خوشيءَ وچان ڪپڙن ۾ نه پئي ماپي، چپن تان مُرڪ پري ئي ڪانه پئي ٿئيس. ڏندن ۾ پئي ٽڙي، زيبوءَ جي خوشي ڏسڻ وٽان هئي، هوءَ ڳالهائيندي ڳالهائيندي هٿ لوڏيندي رهي، ائين پئي لڳو ڄڻ سندس سمورو بدن ڳيچن جي آواز ۽ ڍُهلن جي ڌُنن تي درياهي لهرن وانگر لڏندو ٿي رهيو. ڪنواريتن عورتن جي هٿن ۾ مينديءَ جا لپوڙا لڪيل هئا، سي وجهه وٺي زيبوءَ جي پر ۾ اچي اوچتو سندس منهن تي مينديءَ جا لپوڙا ٿڦيا ته زيبوءَ ڪان رڙ نڪري وئي.

”ائي..... انڌو ڪري ڇڏيوَ“ پوءِ منهن تان ميندي لاهيندي، تڪڙي تڪڙي عورتن جي پيهه مان ٻاهر نڪري وَئي، جن به ڪيس ڏٺو اهي سڀ کِل ۾ ڪيريون پئي ٿيون. زيبو جيئن ڪونيءَ مان ٻاهر نڪري اڱڻ تي پهتي ته ڪنهن مٿس پاڻي جو پوپلو هاريو ته ڪانئس دانهن نڪري وئي.

”او..... اِتي به آيون“ پري ڪان اَنئيار سجو لقاءُ بيٺي ڏٺو، تنهن زيبوءَ جي اهڙي حالت ڏني ۽ آلن ڪپڙن کي ڏنائينس جيڪي بت سان چنبڙيل ۽ جسم کي ظاهر ٿي ڪيو. اهو ڏسي اَنئيار تڪڙي تڪڙي آئي ۽ زيبوءَ کي ياڪر ۾ ڪري پر واري ڪمري ۾ وٺي وئي.

”اَئي.... ڪنواريتيون صفا ڪي ڇتيون پيون ڏسجن.“

گهوٽيتين عورتن مان ڪنهن وڏي آواز ۾ چيو، ايتري ۾ ڳيچن جا آواز اڱڻ طرف وڌندا آيا.

گهوٽيتيون ڪنوار جي ڪمري ۾ مان نڪري آيون هجن، تن کي ڪنوار جي ماءُ ٻئي ڪمري منجهه وٺي وڃي ويهاريو.

زيبو ڪپڙا مٽائي گهوٽيتن جي ڪمري ۾ آئي، هڪ عورت زيبوءَ کي نئون وڳو پهريل ڏٺو، جيڪو زيبوءَ کي سهڻو ٿي لڳو، سا هٿ جو اشارو ڪري چوڻ لڳس.

”زيبو.....!“

”جي ماسي.“

”چوري وري به ڪنواريتا ڪم آيئي“

” ها... ها... ماسي! تون ته ڪنواريتن جو پاسو ڪڻندينءَ ڪٿي اها شرارت تنهنجي ته

سِٽيل ڪانهي.“

”ڪمري ۾ ٺهڪڙو مچي ويو، زيبو کي خيال آيو ته ماسيءَ سان مون ڪري انداز ۾ ڳالهايو آ. پوءِ اچي ماسيءَ جي پير ۾ ويهندي ڪيس ڀاڪر پائي چيائين.

”ماسي خالدا..! معاف ڪجانءِ ڀوڳ پئي ڪيم.“

”خالدا جي نگاهه زيبوءَ جي ڳل تي پئي، جتي رَهڙ جو نشان هو، جنهن مان هلڪو رت نڪري وري اتي جو اتي ڄمي ڳاڙهي ليڪ جيئان ٿي بيٺو هو. ان نشان جي مٿان خالدا هٿ رکي چوڻ لڳي.

”زيبو...! هي نشان ڇا جو اٿئي، لڳي پيو ڪنهن پيار جي رَهڙ ڏني اٿئي.؟“

اهو جملو ٻڌي زيبو شرمائي ڪنڌ هيٺ ڪري ڇڏيو، وري پاڻ سنڀالي منهن مٿي ڪري چيائين. ماسي اها عاشيءَ جي شرارت هئي جنهن زور سان منهن تي ميندي ٿڦي، چوريءَ جا ننهن تيز تکا ڪاتيءَ جهڙا هئا. آئون به چوان منهنجو منهن سڙي چو پيو؟

”نه...نه... زيبو هاڻي ڳالهه کي ٽتاءِ نه، اهو نشان تنهنجي آدم جي ننهن پيو لڳي...“

ماسي خالدا وڏي ڀوڳائڻ ۽ خوش طبع عورت هئي. هن جي چرچي تي ٻيو عورتون کلڻ لڳيون ۽ زيبوءَ کي ڏسندي رهيون. ماسي خالدا سان هر ڪا عورت چرچو ڪندي لهرائيندي هئي.

ايتري ۾ گهوٽ جو پاءُ اندر آيو ته سيني عورتن کان رڙ نڪري ويئي. ”اڙي..... هي جهڙو فقير.“ گهوٽ جو پاءُ کلي چوڻ لڳو. ”دوستن ڪپڙا ڦاڙيا آهن. مٿايان نه پيو مٿان ٻيو وڳو به چيرون چيرون نه ڪن، هاڻ هلو ڏاتسن در تي بيٺي آهي.“

پوءِ سيئي عورتون اٿيون ۽ ڪنواريتن کان موڪلائي هلڻ لڳيون. ڪنوار جي ماءُ زيبوءَ جي ڀرسان اچي چوڻ لڳي.

”ڏيءَ...! معاف ڪجاءِ، توکي.......“ زيبوءَ اڌ ۾ جملو ڪٽيندي ڪنوار جي ماءُ کي چيو.“ ماسي.! خوشيءَ جا سَوڻ آهن، ڀلا اسين پاڻ ۾ کل خوشيءَ ۽ ڀوڳ چرچا نه ڪنديون سين ته ڪنهن سان ڪنديون سين هونئن به هي ميلا ۽ خوشيون اسان جي زندگي ۾ ڪڏهن ڪڏهن ۽ سالن کان پوءِ ٿيون. پوءِ گهوٽتيون ڳيچ ڳائيندي وجي ڏاتسن ۾ وينيون. در تي ڪنوار جي ماءُ ۽ اَنئيار ڪين هٿ لوڏي الوداه ڪيو.“

ڪنوار جي پير ۾ وينل سهيليون گَم (غم) ۾ وينيون هيون، ڪين سڪ واري سهيليءَ جي جدائي وارا خيال هر هر ايندا رهيا... شاديءَ ۾ باقي چار ڏهاڙا هئا. ونهاءَ واريون رسمون پوريون ٿي ويون... ڪنوار جون مائٽياڻيون سهرا وينيون ڳائين ته هڪ عورت اندر آئي ته ڪنوار جي ماسي ان کي کيڪاريندي چيو ”لَٿي جيڏل... ڀلي آئينءَ“ موٽ ۾ هوءَ به اچي ڀاڪر پائي مليس. ڳيچ ڳائيندڙ عورتن جو آواز وڌندو ويو.

منـي مارئـي آئـي چولـي واري
وساريان تـي نـــ تـا وســرن
الا ماري آهيان، تنهنجن طعنن

مٺــي مــارئي آئـي چولي واري
مـاري آهـيـان تـنهنجي طعنن.

سج جا ڪرڻا اولهہ جي ڪُنڊ ۾ لڪندا رهيا، هوري هوري سانجهي ٿي وئي. سهاڳڙيون در وٽ اچي بيهي رهيون، مرڪندي خوشي مان ڪنوار ڏانهن نهاري پوءِ سانجهيءَ وارو ڳيچ ڳائڻ لڳيون.

سانجهي، سانجهي، سانجهيئڙو ڏجي
جنـهن گهـر سنجهڙو، سو گهر وسي
سانجهي، سانجهي، سانجهيئڙو ڏجي،
پيـرسين پـيـنـگـهڙو نـہ لـوڏجي
سُـتـڙو، پُـٽـڙو نــہ جـاڳـائــجـي
سانجهي، سانجهي، سانجهيئڙو ڏجي
نــنـڍي وڏي جــي نـمـتا ڪَجي
أڳري مـوئـيـلـڙو نــہ اورانـگجي
سانجهي، سانجهي، سانجهيئڙو ڏجي
تــتــڙو گـيــهہ نــہ تــور جـــي
ٻوهاري سوهاري گهر ڪنڊ نہ رَکجي
سُـتـڙي ڪُـتـڙي، نــہ اُٿــارجــي
سانجهي، سانجهي، سانجهيئڙو ڏجي
جـنــهن گهر سنجهڙو، سو گهر وَسي.

مٺيءَ کي سارنگ جا خيال ورائي ويا. من ۾ چوڻ لڳي. ”او سارنگ! هڪ وار تہ اچين ها، توکي پَر هئا ۽ آزاد هئين، مون ڪيئي ڏهاڙا ڪانگ پئي تنهنجا ڏنا ۽ راهون پئي تڪيون... ڪاش اچي ها... آواز ڏئي ڏسين ها، مني توکي پنهنجو ڪري چڏي ها. شايد... توکي اعتبار نہ هو. هاڻي جدائي جا گيت سڄي حياتي مَن ۾ آلاپيندي رهنديس...“ ائين چئي مني اندر ۾ سڏڪو ڀريو. هن جي ڏکندڙ وجود کي ڪائي سهيلي پرکي ۽ سمجهي نہ سگهي.

))((❋❋❋))((

# باب يارهون

ٻارهين ڏاري ڊانڊيو تڙ کان گاڏي سارنگ کي کڻي کاروچاڻ پَتڻ تي پهچايو. سارنگ پَتڻ ٽپي هلندو، پَٽَ تي لاٽن کي ڏسندو جيڪي هوا تي لڏي رهيا هئا. پنجن ڏهن منٽن کانپوءِ رحيم بخش جي جاءِ تي پهتو ته هن جي نگاهه ايوب تي پئي، هو اٿي اچي سارنگ سان مليو ۽ کيس چوڻ لڳو.

ادا سارنگ! اچي وئين، ڪالهه کان وٺي تنهنجو انتظار هو. ڊاڪٽر جليل اچڻ وارو آهي، توهين ويهو. سارنگ ڪرسيءَ تي ويٺو ته وري ايوب چيو.

ادا سارنگ! توهان جي حاجن پڇا ڪري ويو آهي، مون چيومانس اڄ ايندو ۽ ڊاڪٽر سان سوکي ويندو. پوءِ چيائين سارنگ کي نياپو ڏجان ته اربع ڏينهن پهچي وڃي، ڳاڙهي هلبو. جمعي جي رات دوست جي شادي آهي.

اها ڳالهه ٻڌي سارنگ سوچن ۾ گم ٿي ويو ۽ دل ۾ چوڻ لڳو. مِنيءَ الائجي ڪهڙي حال ۾ هوندي...! هن کي خيالن ۾ ڏسي ايوب چيو.

رات به اسان توهان جو وڏو انتظار ڪيوسين، جو ڊاڪٽر کي اڄ ڪيئن به ڪري وڃڻو هو.

”ادا ايوب! مان سوکيءَ ڪونه ويندس.“

”چو سائين؟ ڊاڪٽر توهان جي لاءِ ترسيو ويٺو آهي. توهين نه ويندا ته ڊاڪٽر به ڪونه ويندو.“

ايوب جي ڳالهه ٻڌي سارنگ ماٺ ۾ رهيو ته کيس ايوب چيو: ”ادا! ڪهڙي ڳالهه جي ڪري پريشان پيا ڏسجو؟“

”نه ايوب، اهڙي ڳالهه ڪانهي ڪا. بس ايئن ئي ٿڪ جي ڪري.“

”ادا سارنگ! ناڪئي هوڙو تيار ڪري ڇڏيو آ، صرف توهان جو ئي انتظار هو.“

سارنگ دل ۾ چيو: ”هاڻ وڃڻو پوندو.“

”ادا! ڇا پيا سوچيو؟“

”ايوب، جيئن تنهنجي صلاح.“ هن جملو پورو ڪيو ته پري کان قد جو ڊگهو نوجوان مشڪندو پئي آيو. ايوب ان ڏانهن ڏسي سارنگ کي چيو:

”ادا... ڊاڪٽر جليل اچي پيو.“

جيئن ئي ڊاڪٽر آيو ته سارنگ ڪرسيءَ تان اٿي کيس هٿ ڏنو. هن سان اهڙيءَ طرح مليو جڻ هڪٻئي کي اڳ کان سڃاڻيندا هئا. ڊاڪٽر مرڪندي چيو.

”ادا ويهو...“ ائين چئي هن ايوب ڏي نهاري چيو.

”ايوب! مهمان جي لاءِ چانهه وٺي اچ پر سٺي نهراءِ.“
ائين چئي هن سارنگ ڏي نهاريو ته ڪيس ٽڪل ٽڪل ڏنائين پوءِ ايوب کي آواز ڏيندي.
”ايوب...“ ايوب آواز ٻڌي واپس آيو.
”تون گهران چانهه سٺي نهراءِ ڪٽي اچ.“
”جي سائين!“
ڊاڪٽر جليل مشڪي سارنگ ڏي نهاري چيو.
”ادا خوش چڱا ڀلا جوڙ.“
”جي ڊاڪٽر...“ سارنگ اجان جملو پورو ئي نه ڪيو ته ڪيس ڊاڪٽر جليل چوڻ لڳو.
سارنگ! توهان اڳين ڀيري آيا هئا، رحيم بخش ۽ بابا توهان جا حال احوال ڏنا هئا. هينئر به رحيم توهان جي انتظار ۾ هو، جو توهان سوڪيءَ جي لاءِ چئي ويا هئا. سو 18 جولاءِ تي توهان جو انتظار ڪيوسين ۽ ڪالهه کان اسان پنهنجيون تياريون ڪري ڇڏيون آهن. بابا ڪراچيءَ مان هليو آ، اهو به منجهند جو پَتڻ تي رسي ويندو. پوءِ پاڻ هليا هلنداسين.
سارنگ خوش ٿيندي آسمان ۾ نهارڻ لڳو، جت بادل ڪني ٿيندا ڪاروچاڻ جي مٿان چانورو ڪري بيهي رهيا، تڏڙي هوا گهلڻ شروع ٿي وئي، هڪڙو پڪي عمر جو همراهه آيو، ڪيس ڊاڪٽر چيو.
الهڏنا! ڏي خبر پاڻ ڪي هلڻو آ، مهمان به اچي ويو. هاڻ هوڙي جي تيار ڪر، دڪان تان ويسي ڪڻ، پنهنجي ڪم جي ڪر، شام جو پاڻ نڪري هلون.
”ڊاڪٽر! ويسي وارو توهين الڪو لاهيو، باقي تيل وغيره.“
ادا... تيل ڳاڙهي شهر مان اچي پيو، تون ڪانيون، ٽانو ۽ پنهنجو بسترو ڪڻ، آءٌ مهمان جي لاءِ بسترو گهرائي وٺان ٿو. ۽ مون مِني پاٽيءَ جا به ڊرم ڀرائي رکيا آهن، اهي ڪٽي هلنداسين. اهي لفظ ٻڌي الهڏنو اٿي هليو ويو، ڊاڪٽر ڪنڌ ورائي سارنگ کي چيو.
”ادا... ڪاري ۾ ويسي راشن ڪي چوَن، جنهن ۾ سيڌو سامان هوندو آهي.“ هڪڙو نوجوان آيو، ڊاڪٽر سان هٿ ملائي پوءِ سارنگ کي هٿ ڏئي ڪرسيءَ تي وينو ته ڊاڪٽر ڪيس چيو: ”هي سارنگ اسان جو دوست آهي.“ ائين چئي وري چوڻ لڳو.
سارنگ! هن نوجوان جو نالو ذوالفقار علي پٽو خاصخيلي آهي، جيئن ئي سارنگ اهو نالو ٻڌو ته حيران ٿي ويو، پوءِ ڊاڪٽر کان پڇڻ لڳو.
”ڊاڪٽر!“
”جي ادا...“
”ذوالفقار علي پٽو خاصخيلي ڪيئن ٿيو...؟“

ادا... هي 1974ع ۾ جناب ذوالفقار علي ڀٽو جي دور ۾ جائو هو، سندس وڏڙن چاهه مان نالو ئي ذوالفقار علي ڀٽو رکي ڇڏيو. هينئر اسين سيئي هن کي ذوالفقار علي ڀٽو چوندا آهيون.

الهڏنو ملاح موٽي آيو، ڊاڪٽر کي چيائين.

سائين!هوڙو تيار آهي ۽ منهنجو پٽ قادر بخش به هلندو.

”چڱو... تون هل، اسين ويسي، تيل ۽ ٻيو سامان کڻي اچون پيا.“

الهڏنو اطمينان ڪري هليو ويو. ايوب چانهه کڻي آيو، مگن ۾ چانهه لاهي سيني کي ڏنائين، ڊاڪٽر ٻانهن ۾ پيل واچ کي ڏسندي سارنگ ڏي نهاري چيو. ادا... شام جا پنج ٿيا آهن، پَتڻ اچڻ وارو آهي، ائين چئي هن ايوب کي چيو.

ادا... تون گاڏي ڪاهي وڃ، بابا آيو هوندو، پوءِ سگهو موٽ ڪر. سامان کڻائي هلندين.

جي سائين! ائين چئي ايوب هليو ويو، ذوالفقار علي ڀٽو چانهه پي اٿيو.

”ڊاڪٽر! آءٌ هلان پيو ڪم آهي.“

”ادا... تنهنجي مهرباني...“ ائين چئي ذوالفقار علي ڀٽو سارنگ کي هٿ ڏئي هليو ويو. ڊاڪٽر اٿي گهر هليو ويو. ڊاڪٽر جي وڃڻ کانپوءِ سارنگ ڇني جي پاسي ۾ ديوين جي وٽن کي ڏسندي ڏسندي خيالن جي ڏور ۾ ويڙهبو ويو. ڪنهن وقت مِنيءَ جون ڳالهيون هن جي اندر ۾ پيار جي احساس کي اياريندڙيون رهيون ته ڪنهن مهل سورٺ جون الوداعي نگاهون، جيڪي گهر کان نڪرڻ وقت ڪيئي سوال ڪنديون رهيون.

”سارنگ ڪڏهن ايندين؟“

”وڃڻ سان متان وساري ويهي رهين..!!؟ سگهو موٽڻ جي ڪجاءِ، انتظار جون گهڙيون ڏاڍيون ڏکيون ٿينديون آهن، جن ۾ اُلڪا ۽ اڻ تڻ جي ڏور ۾ ساهه اٽڪيو پيو هوندو آهي.“ سارنگ کي اڄ پهريون ڀيرو سورٺ جي ياد ويڳاڻو ڪري ڇڏيو. هي خيالن ۾ وينو پاڻ سان ڳالهائي.

”ڪيئن ڪريان..!!؟“

”زندگيءَ جي اهڙي چوواٽي تي اچي پهتو آهيان، جنهن جون واٽون وٿيرڪيون ۽ اٽانگيون ٿينديون وڃن ٿيون، ڪهڙي واٽ وٺي هلان؟! ڪهڙي هنڌ پنڌ تي وڃان؟! مِني ڪهڙي هنڌ تي ملندي؟ يا زندگيءَ جي واچوڙي ۾ گول ڦرندو رهندس.“ ائين چئي هي ٻڏتر ۾ پئجي ويو. اڃان انهن ئي ويچارن ۾ هو ته ڊاڪٽر جو آواز سندس ڪَن تي پيو، جيڪو ماني کڻي آيو هو.

”سارنگ! ماني کاءُ ته هلون.“

سارنگ پاڻ کي خيالن کان ڇڏائي ڊاڪٽر جي پويان اندر ڇني ۾ آيو. پوءِ ٻئي ماني کائڻ لڳا، ايتري ۾ ايوب موٽي آيو، تنهن پاڻيءَ جو گلاس ڀري سارنگ جي

پاسي ۾ ڪرسيءَ تي رکيو.

”ايوب! تون گڏهه گاڏي ڪاهي اچ ۽ سامان سڀ سنڀالي گهران کڻي اچ.“ ڊاڪٽر چيو.

ايوب مرڪندو هليو ويو، سارنگ ۽ ڊاڪٽر ماني کائي هٿ ڌوئي ورتا تہ ايوب گڏهه گاڏي ڪاهي آيو. جنهن ۾ ويسي جو سامان، ٻارڻ لاءِ ڪاٺيون، بسترو، مِٽي پاڻي جا ڊرم، پاٿيا، تيل جو ڊرم وغيره پيل هو. ڊاڪٽر گڏهه گاڏيءَ ۾ پيل سامان ڪي ڏسي چيو.

”ايوب! تون تڙ ڏانهن هل، اسين اچون پيا.“ ڊاڪٽر بيگ ۾ پوليو جو سامان رکندي سارنگ کي چيو.

”ادا... سارنگ! سامان سڀ ويو، هاڻي اٿو تہ هلون، دير پئي ٿئي.“

”جي... ڊاڪٽر...“ سارنگ ائين چئي اٿيو، پوءِ ٻئي ڄڻا تڙ ڏانهن هلڻ لڳا. ستن اٺن منٽن کان پوءِ ٻئي ڄڻا تڙ تي پهتا، ناکئو الهڏنو ۽ ان جو پٽ قادر بخش ٻئي ڄڻا پاٿين کي ڌوئيندا هوڙي ۾ رکندا ويا، پوءِ الهڏني ناکئي پٽ کي چيو.

قادر بخش! تون سامان کي اندر سٽ ۽ تيل جو دٻو ڏي، پاڻي جا ٻوهيا (ڊرم) هيڏانهن کڻي اچ رک.

تڙ تي هوا ٿڌڙي لڳي رهي هئي، وير چڙهيل هئي. ناکئو الهڏنو سامان ساريندي پٽ کي چيو.

”قادر بخش! وڃ گهران ٿانوَ ۽ مَڇي مارڻ جو رَڇ کڻي اچ.“

”جي بابَل...“ ائين چئي قادر بخش تکڙو تکڙو گهر ڏانهن هليو ويو، درياءَ ۾ هوڙا شور ڪندا هلندا ٿي رهيا، لَهرون لڏنديون ڪنڌيءَ سان لڳي واپس ورنديون ٿي ويون. ڊاڪٽر ۽ سارنگ ٻئي ڄڻا هوڙي ۾ اچي وينا، تڙ تي سڪيءَ وٽ بيٺل هوڙي ڏانهن سارنگ نهاريو تہ ڪيس ڊاڪٽر چيو.

سارنگ! سڪيءَ تي هوڙي کي ڏس، واڍا ڪيئن نوان پاٽيا هوڙي کي هڻي رهيا آهن ۽ پراڻا ڳريل تختا ڪڍي هوڙي کي تيار پيا ڪن.

ڊاڪٽر درياءَ جي لَهرن مٿان سج جي ڪرندڙ ڪرڻن کي ڏسي ناکئي الهڏني کي چيو.

”ناکئا! هلڻ جي ڪر،“ ڪڻند درياءَ مان خدا ڏنو جت جي ڳوٺ هلڻو آ.

ناکئو سامان کي ساري رهيو هو، ڪنڌ ورائي ڊاڪٽر کي چيائين.

”سائين! چوڪر قادر بخش اچي تہ هلون.“ ايتري ۾ قادر بخش ٿانوَ کڻي آيو، هن سان بہ ننڍڙا ٻار بہ آيا، سي ڪنڌيءَ وٽ بيهي ناکئي کي ڏسڻ لڳا، ناکئو تن ٻارن ڏانهن نهار ڪري مرکي ڏنو. ٻار ناکئي جي چپن تي خوشي ڏسي پوءِ مرڪڻ لڳا، شايد ان خوشيءَ کان تہ ”بابو ڪمائڻ پيو وڃي، جيئن واپس ورندو اسان کي خرچي ڏيندو“.

ناکئو ٻارن جي نماڻي نهار کي پرکي ويو، کين آواز ڏئي چيو.

پٽ! آءٌ سگهوئي ورندس، توهان گهر وڃو. قادر بخش هوڙي تي لڳل ٽنگ مشين کي هينڊل هٽي چالو ڪيو ته ٻارڙن پنهنجا پٽڪڙا هٿ لوڏي ناڪئي کي الواع چئي گهرن ڏانهن ڊوڙندا ويا. هوڙو درياءَ ۾ شور ڪندو هلندو رهيو، لهرون به لڏنديون هوڙي سان ٽڪرائينديون رهيون. هوڙو ڪنڌي ڇڏي مُنٽي درياءَ مان هلندو رهيو، درياءَ جي ٻل ۾ رَڇَ لڳل هو، مهاڻا گوڏي جيڏي پاڻيءَ منجهه بيٺل هئا.

ڊاڪٽر درياءَ ۾ شور ڪندڙ هوڙن ڏي نهاري ڪنڌ ورائي سارنگ کي چيو.

سارنگ! اسين هينئر درياءَ جي ڦاٽ ۾ پيا هلون.

سارنگ مرڪي ڊاڪٽر ڏي نهاريو، وري هوڙن کي ڏسڻ لڳو، ڪنهن ڪنهن مهل آسمان ۾ بادلن کي ڏنو، جيڪي گهرا ٿيندا پيا وڃن، سارنگ درياءَ جي لَهرن ۾ بادلن جو عڪس ڏسي ڏاڍو خوش پئي ٿيو، اوچتو تيز هوا تي لَهرون لڏنديون اچي هوڙي جي موريءَ سان ٽڪرائي هنن جي مٿان پاڻيءَ جي ڇنڊ وسائي هلي ويون، جڻ اهي لَهرون آيل کي ”پليڪار“ چونديون هجن.

هوڙو پنهنجي منزل ڏانهن هلندو رهيو، ٽنگ مشين شور ڪندي رهي. ڊاڪٽر جي نگاهه ڪنڌيءَ تي تمر جي ننڍن وڻن جي پرسان وينل همراهه کي ڏسندي هٿ مٿي ڪٽي آواز ڏيندي چيو.

”او... احمد پاڻي اتي ڇا وينو ڪرين...؟“

پاڻي هٿ مٿي ڪٽي سلام ڪندي وراڻي ڏي.

”ڊاڪٽر! آءٌ پَنڻ جي لاءِ وينو آهيان.“

هوڙي جيئن پنهنجو رخ موڙيو ته سارنگ درياءَ جي مست لَهرن جي وجود کي ناچ ڪندي ڏنو، لَهرن جي اهڙي لوڏ ڏسي دل ۾ چيو.

انهن لَهرن جي وجود ۾ رقص جو ڪيڏو سهڻو رنگ پريل آ، جڻ ڪنهن موسيقار جي ڌُن تي ناچ، نخرا ڪنديون وڃن ٿيون. سارنگ لَهرن جي سندرتا پرئي وجود کي ڏسي وري پنهنجو خيال ناڪئي ڏي ڪيو.

ناڪئي جي پر ۾ وينل سندس پٽ قادر بخش ٻئي وينا ڪچهري ڪن، جن جو آواز ٽنگ مشين جي شور ۾ هي ٻڌي نه سگهيو.

ڊاڪٽر درياءَ جي طرف نهاري سارنگ کي چيو.

”ادا... هاڻ اسين ڪٽند درياءَ ۾ آهيون.“

ناڪئي جو ڇوڪرو اتي اچي ڪولر مان پاڻي جو گلاس پري پوءِ اچي ڊاڪٽر جي پر ۾ وينو. ناڪئو پنهنجن خيالن ۾ گم هو. سارنگ ناڪئي کي خيالن ۾ جڪڙيل ڏسي اتي وڃي ناڪئي جي پرسان وينو ته ناڪئي الهڏني مرڪي سوچن مان پاڻ کي ڌار ڪندي چيو.

”ادا... ڪيئن پيا درياءَ جي پنڌ کي ڏسو؟“

سارنگ ٿڌو ساهه پري وراڻي ڏني. ”درياءَ جي سيني ۾ لَهرن جي راند ڏاڍو مزو

ڏئي رهي آهي.“

ناڪئو هوڙي کي ڪٽند درياءَ جي ڪنڌيءَ سان ڪندي سارنگ ڏي نهاريو ته ڪيس سارنگ چيو.

ناڪئا! ڇا پيو سوچين، تون تڙ تان ماڻهو ڪٽي ڪنڌيءَ رسائين ۽ ڪنڌيءَ کان ڪٽي پَتڻ پهچائين، ڪو اهڙو واقعو ٻڌايو.

سارنگ جي ان سوال تي ٿورو مشڪيو، پوءِ ڪا ڳالهه ياد آيس، مرڪي ڪيس چوڻ لڳو.

ادا! آءٌ اهو پيو سوچيان... جيئن ٿورو اڳي ڊاڪٽر ۽ توهين وينا ڪچهري پيا ڪريو، جيئن توهان کي ڪنيون پيو هلان، تيئن هڪ دفعي مائي بالي ۽ ان جي ساٿي گلو کي تڙ تان مون ڪنيو، انهن کي ڪانئير درياءَ تي ڪٽي ٿي ويس، ٻئي منهنجي سامهون وينا هجن، ان وقت بادل هوڙي جي مٿان هلڪي هلڪي وسڪار ڪندا رهيا، درياءَ جون لَهرون مستيءَ وچان لڏنديون اچي هوڙي سان لڳي ٿي ويون، اهڙي موسم ۾ تن جي وجود ۾ مستي جاڳي پئي، پوءِ پاڻ ۾ ڪينچل ڪندا، محبت وندڻ لڳا. اها ساڳي ڪٽند درياءَ جي ڪنڌي هئي، جتان هينئر هلي رهيا آهيون. سو هن ڪنڌيءَ کي ڏسندي ماضيءَ وارو اهو واقعو ياد اچي ويو. اها ڳالهه ٻڌي سارنگ ڪنڌي جي طرف نهاريو، جت ڪارو ڪانءُ تمر جي ننڍي وڻ تي وينو ڪان... ڪان ڪري. ان جي پر ۾ اچو ٻگهه اڏري اچي وينو وري اڏرندو هليو ويو. ناڪئو! ڪنڌيءَ طرف نهاري ٿڌو ساهه ڀري چيو.

ادا...! ڪنڌين کي ڏسين پيو ڪيئن اجڙيل آهن. ائين چئي ناڪئو ماٺ ٿي ويو. هن جي چهري تي اداسي ڇائنجي وئي، پوءِ ڏکاري لهجي ۾ چوڻ لڳو.

ادا...! درياءَ جون ڪنڌيون، سونيون هونديون هيون، اهي ماڻهن سان ۽ مالوندن جي ڍورن سان ۽ ڀلوڙ فصلن سان آباد هونديون هيون، ڪيئي هوڙا ڪنڌين تي بيٺل هوندا هئا، جيڪي گيهه، ساريون ڀرائي، ڪي ڪاروچاڻ ويندا هئا. سوڪيءَ بَندَر تي، اتي اَن چڙڻ جا وڏا ڪارخانا هوندا هئا، اتان ڏيهي واپاري سچي گيهه جا هوڙا ڀرائي ويندا هئا، پاڪستان نهڻ کان پوءِ به سوڪيءَ تان اَن، گيهه، ڪاٺ ۽ چوپايو مال ويندو هو... پر... جلد ئي سوڪي ڦٽو ۽ ڪارو ونو...ناڪئو ائين چئي ماٺ ٿي ويو. سارنگ سندس چهري ۾ نهاري وري ناڪئي جي اکين ۾ ڏٺو، جيڪي يادن جي ڳوڙهن سان ڀرجي آيو هجنس. اوچتو تيز لَهر اچي هوڙي سان ٽڪرائي ته هنن جي مٿان پاڻي جون بوندون اچي ڪريون، ناڪئو يادن جي گهيري مان پاڻ کي ڇڏائي سارنگ کي ڏسي مرڪيو.

سارنگ اتي اچي ڊاڪٽر جي ڀرسان وينو، آسمان ۾ ڪارا بادل ڇائنجي ويا، سج جا ڪرڻا اُنهن جي اوٽ ۾ لِڪي ويا. درياءَ ۾ اونداهي ڇائنجي وئي.ڊاڪٽر ڪنڌيءَ جي طرف نهاريو جتي هوڙا بيٺل هئا، پوءِ سارنگ کي چوڻ لڳو.

ادا سارنگ! اسين ڪٽند درياءَ مان پيا هلون، جتي هوڙا بيٺل آهن، اها اوپر طرف

ڪنڌي آهي، سڪي تي حاجي قادر بخش ٻروچ جو ڳوٺ آهي، جيڪو پاڻ گذاري ويو آهي، پر ڳوٺ ان جي نالي سان سڏجي پيو. ان ڳوٺ ۾ صرف ٻروچ ذات وارا رهندا آهن.

هوڙو ٿورو اڳتي هليو ته اولهه جي طرف ڪنڌيءَ وٽ هوڙا بيٺل هئا، ڊاڪٽر هوڙن ڏانهن نهاري چيو.

”ادا...! اهو ڳوٺ احمد ٻالاڻي ملاح جو آهي، هن ڳوٺ ۾ صرف ٻالاڻي ملاح رهندا آهن. ان جي پر ۾ جيڪو ٻيو ڳوٺ ڏسو پيا اهو ڳوٺ اُترادي ملاحن جو آهي.“ سارنگ ڳوٺ جي طرف نهاريو، هوڙو هلندو رهيو، ڪٽند درياءَ جي ٻنهي ڪنڌين طرف نهاريندو رهيو، هو سڄو پيهر هوڙي ڪان هيٺ ڪري ڇولين ۾ پسائيندو رهيو. ٿڌڙي هوا تي هن کي ننڊ اچڻ لڳي، پوءِ اٿي هوڙي ۾ هلندو ناڪئي جي پرسان وينل قادر بخش کي چيائين.

”ادا... چانهه پيار.“

”جي سائين!“

سارنگ اچي ڊاڪٽر جي پرسان ويٺو، ڊاڪٽر کيسي مان سوپاري ڪڍي هن کي صلاح ڪئي.

”سوپاري کائيندين...؟“

”نه ڊاڪٽر... چانهه جي ٻاڙ لڳي آ، سو قادر بخش کي چيو اٿم ته چانهه پيار.“

ڊاڪٽر مشڪي قادر بخش جي طرف ڏٺو، جيڪو ڪانيون لوهه جي دٻي ۾ وجهي باهه ٻاري رهيو هو. ڊاڪٽر ڪٽند درياءَ جي ڪنڌين طرف نهاري چيو.

ادا سارنگ! جڏهن سنڌو درياءَ جو منو پاڻي هنن دريائن ۾ وهندو هو ته هي ڪنڌيون آباد هونديون هيون، هر طرف ساوڪ ئي ساوڪ لڳي پئي هوندي هئي، مال جا وڳ پيا هلندا هئا، انهن ڪنڌين تي ان وقت جيڪو فصل ٿيندو هو تنهن ۾ ساريون، ٻاجهر، مڪائي، جوَ، مٽر، آرڻ جو فصل جنهن ۾ گدرو، هنداڻي اچي وڃن ٿا، ماڻهو سکيا ستابا ۽ خوشحال زندگي گهاريندا هئا.

هوڙو هلندو رهيو، ڪٽند درياءَ جون ڇوليون هوڙي سان راند ڪنديون رهيون. ڊاڪٽر ڪنڌيءَ تي هڪ ڳوٺ کي ڏسندي چيو.

سارنگ! اهو ابوبڪر خاصخيليءَ جو ڳوٺ آهي، ان ڳوٺ جي پاسي ۾ ٻروچن جو ڳوٺ جيڪو عبدالحڪيم جي نالي سڏبو آهي.

سارنگ ڪنڌيءَ جي طرف ڏسندو رهيو، درياءَ مان نڪرندڙ ڇاڙون، ور وڪڙ ڏينديون ڪنڌيءَ جي طرف ويون ٿي.

قادر بخش چانهه ناهي ڪٽي آيو، سارنگ چانهن جو ڍڪ ڀري چوڻ لڳو.

”قادر بخش! واهه جي چانهه ناهي اٿئي.“ اهي لفظ ٻڌي قادر بخش خوش ٿيندي ديڳڙيءَ مان چانهه لاهي ناڪئي الهڏني ڏانهن ڪٽي ويو..

ڊاڪٽر آسمان ۾ نهاري پکين جي اڏرندڙ ولر کي ڏسندي. ادا... آسمان تي ڪوڏيار پکي، بگهو ۽ ٽيٽو پکي اڏرندا پيا وڃن.

درياءَ جي ڪنڌيءَ تي پري کان ٻٽيون ٻرندي ڏسي ڊاڪٽر چوڻ لڳو.

ادا... جنهن ڳوٺ ۾ ٻتيون ٻرن پيون اهو ڳوٺ ابوبڪر خاصخيلي جو آهي، ان ۾ شمسي توانائي جو پلانٽ لڳل آهي. ڊاڪٽر ڏکڻ اولهه طرف نهاري وري چيو.

ادا... اهو ڊورو ”ڪُتيا“ نالي سان سڏيو ويندو آهي.

قادر بخش پنهنجن خيالن ۾ وينو ۽ دٻي مان ٻرندڙ ڪانيون ڪڍي هوڙي ۾ آيل پاڻيءَ ۾ پسائيندو لوهه جي دٻي پرسان رکندو ويو. هو ڪانيون وسائي پوءِ هوڙي مان پاڻي ڪڍڻ لڳو ته سارنگ کي ڊاڪٽر چوڻ لڳو.

”ادا... هوڙي جي وچ واري حصي ۾ ٻه کُڻ هوندا آهن. هڪ وڏو کُڻ، ٻيو ننڍو کُڻ، جنهن ۾ مَڇي ماريندڙ پنهنجو سامان، برف جون ناديون، رَڇَ، پاڻيءَ جا ڊرم ۽ آئل جا ڊرم وغيره رکندا آهن.“

ناکئو چانهه پيئڻ کان پوءِ سڪاڻ تي ويهي سگريٽ دکائي ڇڪيندو رهيو، قادر بخش هوڙي مان پاڻي ڪڍي ڊاڪٽر جي پرسان ويهندي کيسي مان پُڙي ڪڍي ان مان چورو ڪٽي وات ۾ وجهي وري پڙيءَ کي بند ڪري کيسي ۾ رکي ڇڏيائين.

ڊاڪٽر ۽ سارنگ هوڙي جي موريءَ تي وينا هئا، جت بسترو پيل هو، ڪنهن ڪنهن وقت سارنگ بستري تي ٽيڪ ڏئي لَهرن کي ڏسندو رهيو. ڊاڪٽر ٻانهن ۾ پيل واچ کي ڏسندي چيو.

”سارنگ!“ هينئر ساڍا ست ٿيا آهن، اسين پوڻين ڇهين بجي ٽڙ کان نڪتا هئاسين، جي وير نه هجي ها ته اسين سوير ئي ڳوٺ خدا ڏنو جت پهچي وڃون ها. پر وير جي ڪري هوڙي جي رفتار جهڪي ٿي وئي آهي.“ ائين چئي ڊاڪٽر بيگ مان ٽارچ ڪڍي.

ان ۾ سيل وڌا، درياءَ جي ٻنهي ڪنڌين تي اوندهه ڇائنجي وئي، آسمان ۾ بادل گهرا ٿيندا ويا، تڏڙي هوا اهڙي گهلي جو سارنگ ائين محسوس ڪيو ڄاڻ برسات پوڻ واري آهي، درياءَ جي لَهرن تي هوڙو پينگهه جيان لڏندو هلندو رهيو.

قادر بخش اٽي ڊيزل وارو دٻو ڪٽي هوڙي جي ٽنگ مشين جي پرسان دٻي ۾ وڌو، جتان تيل نليءَ جي ذريعي ٽنگ مشين ۾ ويو ٿي. پوءِ هو دٻو ساڳيءَ جاءِ تي رکي هوڙي مان پاڻي ڪڍڻ لڳو.

سارنگ لَهرن کي ڏسندو رهيو، درياءَ ۾ مَڇيءَ ٽپا ڏيندي رهي، ڊاڪٽر سنهي مَڇيءَ جي ٽپن کي ڏسي سارنگ جو ڌيان پنهنجي ڳالهه ڏانهن ڇڪائيندي چيو.

”ادا... جيئن جيئن اوندهه ٿيندي ويندي، تيئن تيئن مَڇيءَ کي ٽپا ڏيندي ڏسندين“. درياءَ جي ڪنڌيءَ کان سنهي مَڇي ٻارن جيان ٽپا ڏيندي رهي. ڊاڪٽر کي ڪا ڳالهه ياد آئي، پوءِ

مشڪندي سارنگ کي چوڻ لڳو.

”سارنگ!“

”جي... ڊاڪٽر!“

سنهي مَڇيءَ جي راند ڏسين پيو. هڪ دفعي ڇا ٿيو جو آءٌ پنهنجي ڊيوٽيءَ تي درياءَ جي ڪنڌيءَ تي ڳوٺن ڏانهن ٻارڙن کي پوليو جا ڦڙا پيارڻ لاءِ هوڙي ۾ چڙهي آيس ٿي، ان ساڳئي درياءَ مان گذري رهيو هوس، رات جو وقت هو، هوڙي جي موريءَ تي ستو پيو هوس، منهنجي سيني تي بتي (ٽارچ) پيل هئي، تڏڙي هوا تي مون کي ننڊ اچي وئي، درياءَ مان اوچتو مَڇي ٽپ ڏئي اچي جهولي ۾ ڪري، آءٌ ڇرڪ ڀري اٿيس ته بتي وڃي درياءَ ۾ ڪري، پوءِ پاڻ تي ڪل آئي، ناکئو جنهن ڏنو پئي تنهن آواز ڏئي چيو.

ڊاڪٽر! مَڇي هئي.

هوڙو شور ڪندو ڪٽند درياءَ جي ڪنڌيءَ جي ويجهو آيو، ڪنڌيءَ تي ويهه پنجويهه گهر هئا، جيئن ڪنڌيءَ تي اڏيل ڪکن وارن گهرن جي پرسان هوڙو آيو ته ناکئي ٽنگن مشين بند ڪئي، گهرن جي ٻاهران ڪنڌيءَ وٽ هوڙو بيهي رهيو، ڊاڪٽر موريءَ تي اٿي بيهي آواز ڏنو.

”او... الهه يار...“

”او... الهه يار...“ ائين چئي ويهي رهيو ۽ سارنگ کي ٻڌائڻ لڳو ته.

ادا... اسين حاجي حسين جت دبائي مرحوم جي ڳوٺ پهچي ويا آهيون، جنهن ماڻهوءَ کي سڏ ڪيو آهي اهو حاجي حسين جت دبائي مرحوم جو پوٽو آهي، تنهن سان پنهنجي گهڻي ڏيٺ ويٺ آهي، پاڻ کي جنهن ڳوٺ ۾ يعني خدا ڏنو جت اچڻو هو اهو ڳوٺ به انهيءَ ڪنڌيءَ تي آهي، پر پاڻ رات الهه يار جت دبائي وٽ رهنداسين، هن جي اوطاق به آهي. ايتري ۾ هڪڙو همراهه گهرن ڪان نڪري درياءَ جي ڪنڌي وٽي پئي آيو، تنهن جي پنيان ٽي چار ٻار هئا ۽ هڪ ٻه پندرهن سورنهن سالن جا ڇوڪرا به هجن، سي هوڙي جي پرسان ڪنڌيءَ وٽ بيهي ڊاڪٽر کي ڏسندي خوشي وچان چوڻ لڳا.

”ڊاڪٽر! اچي وَئين، لَهو هلو اوطاق تي.“

”ها.. لهون پيا.“ پوءِ سارنگ کي ڊاڪٽر چوڻ لڳو.

ادا... جنهن نوجوان کي الهه يار نالو وٺي سڏ ڪيو هو اهو پاڻ آيو آهي، لهڻ جي لاءِ چوي پيو.

پوءِ ڊاڪٽر، سارنگ، ناکئو ۽ سندس پٽ قادر بخش چارئي ڄڻا هوڙي مان هيٺ لهي ڪنڌيءَ تي آيا، سارنگ ڪنڌيءَ تي اڏيل گهرن ڏانهن ڏسي وري هيٺ نگاهه ڪئي، ڪيس سڄو پٽ ڪلراٺو لڳو ۽ ڪٿ ڪٿ پاڻي جا ڊٻا هئا، الهه يار ۽ ٻين نوجوانن ۽ ٻارن سڀني مهمانن سان سڪ وچان هٿ ملايو.

ڊاڪٽر! اچو اوطاق تي هلون... الهه يار ائين چئي پوءِ ڇوڪرن کي چوڻ لڳو توهين وڃو اوطاق تي بسترا ڪڍي اچو ۽ مهمانن جي لاءِ جلديءَ ۾ ماني تيار ڪرايو ۽

بابُل کي ٻڌايو ڊاڪٽر آيو آهي.

ڊاڪٽر ٻتي ٻاري اوطاق جي طرف هلندو رهيو ۽ سارنگ کي گس ڏيکاريندو رهيو، سيئي ڪنڌيءَ ۽ گهرن جي اولهه طرف هلندا رهيا، اتر ۾ هڪ مسجد هئي. ان جي پاسي کان مَٽِي، ڦرندا سيئي ڏکڻ طرف هلندا رهيا، فرلانگ کن پنڌ ڪري هڪ چِني وٽ اچي بيٺا.

”سارنگ! هي اوطاق آهي.“ الهه يار چني مان ٿيندو اوطاق جو در کوليو ته کيس سارنگ چيو.

”ادا... الهه يار ڪٿون ٻاهر ڪيو...؟ “ الهه يار ڪنڌ ورائي وراڻيو.

”منجهه چونه...“

اهو جملو ٻڌي سارنگ ماٺ ٿي ويو. ڊاڪٽر ٻنهي جي گفتگو ٻڌي، سارنگ جي پرسان اچي چيو.

”يار! ٻاهر کان اندر ڀلا آهيون، هتي جي موسم تي ڪهڙو اعتبار، ڪنهن به وقت برسات پئي سگهي ٿي، پوءِ ڪٿون اندر ڪرٽيون پونديون ۽ رات جو ماڪ به جَجهي ٿي پوي، جو سمنڊ جون هوائون تيز لڳنديون آهن، تنهن ڪري اوطاق منجهه سولا ٿينداسين.“

ايتري ۾ ڇوڪرا بسترا کڻي آيا، سي اوطاق ۾ اندر هليا ويا... سارنگ آسمان ۾ بادلن کي ڏسي رهيو هو، ٿڌڙي هوا درياءَ جي ڪنڌيءَ کان اچي رهي هئي. سارنگ کي ڊاڪٽر آواز ڏيندي چيو.

ادا... اوطاق ۾ اچو.

سارنگ اوطاق ۾ اندر آيو ته هن کي اوطاق جو اندريون ڏيک ڏاڍو سهڻو لڳو، ڪوني خوبصورت بانس جي ڪاٺ سان جڙيل هئي، ڪاٺ ۽ پلاسٽڪ جون ڪرسيون ٻارنهن کن پيل هيون، به ڪاٺ جون کٽون وڏن پاون سان جن تي ڇوڪرن بسترا وڇائي ڇڏيا هئا. الهه يار مهمانن کي چيو.

”ڊاڪٽر! توهان کٽ تي سولا ٿي ويهو ٽڪل آهيو.“ پوءِ سارنگ ڏي نهاري چوڻ لڳو.

”ياءُ.... هي غريباڻي اوطاق آهي.“

”جي... مهرباني.“ سارنگ وراڻي ڏئي کٽ تي ويٺو. اوطاق ۾ ٻتيءَ جي هلڪي هلڪي روشني پکڙيل هئي، ايتري ۾ هڪ بزرگ اندر آيو، مهمانن سان هٿ ملائي پوءِ ڊاڪٽر جي پرسان کٽ تي ويهي چوڻ لڳو.

”ڊاڪٽر! جي آيا، ڀلي آيا... خوش آهيو؟“

”جي چاچا...“

”اَبُل! مهمان خوش آهين.“

”سائين! توهان جا لک قرب ۽ ٿورا.“

ڊاڪٽر ان بزرگ شخص جو سارنگ سان تعارف ڪرائيندي چيو. ”ادا... سارنگ! سائين جو نالو ميرا ڏنو، الهه يار جو والد آهي.هن ڳوٺ جو بجير (چڱو مڙس) آهي. هي ڳوٺ سائين جي والد مرحوم جي نالي حاجي حسين جت دبائي سان سڏبو هو، هاڻي سندس ئي نالي سان ميرا ڏنو جت دبائي چوندا آهن.

پوءِ بجير ميرا ڏنو کيسي مان سگريٽ ڪڍي دکائيندي خوشي مان سارنگ ڏي نهاريندي چوڻ لڳو.

ادا... اسان جو هي ڳوٺ ڪٺند درياءَ تي آهي ۽ ديهه ٻنيڙي ۾ آهي. ديهه ٻنيڙيءَ ۾ ٻيا ٻه ڳوٺ آهن، جنهن ۾ ابوبڪر خاصخيليءَ جو ڳوٺ ۽ ٻيو ڳوٺ خدا ڏنو جت دبائي جو آهي. ٿيون اسان جو ڳوٺ آهي.

ائين چئي بجير ميرا ڏنو جت دبائي ٿڌو ساهه ڀري چوڻ لڳو.

ادا... اڳي ديهه ٻنيڙيءَ ۾ جَجها ڳوٺ هئا، پر هري هري پاڻيءَ جي کوٽ ڪري لڏي ويا، جي پاڻي نه آيو ته اسين به مجبور ٿي اَباڻن جا هي ڪک ڇڏي ويندا سين. باقي جيڪي ڳوٺ ديهه ٻنيڙيءَ مان لڏي ويا آهن تن جا ڪجهه نالا ياد اچن پيا، ستن انن سالن ۾ ڪنڌيءَ تان گهڻن ڳوٺن جي لڏپلاڻ ٿي آهي. جنهن ۾ سڄڻ پٽ ابراهيم جت دبائي جو ڳوٺ لڏي ويو. سي ڪيٽي بَندَر لڏي ويا ۽ يوسف جت دبائي ڳوٺ لڏي ويو، اهي به ڪيٽي بَندَر ۾ وڃي ويٺا، ٿيو ڳوٺ پنهون پٽ بچايو جت دبائي ديهه ٻنيڙيءَ مان لڏي وڃي درياءَ ونو، ديهه جادو ۾ وڃي آباد ٿيو، ڪجهه ماڻهو شهرن ڏانهن لڏي ويا، ڪين اهو آسرو هو ته مزدوري ملندي. چوٿون ڳوٺ عثمان وڏيرو جت دبائي، هي سڄو ڳوٺ لڏي ويو، سي پنجاهه کن گهر هئا، جيڪي پينس ڪالوني ڪراچيءَ ۾ وڃي ويٺا آهن. پنجون ڳوٺ محمد حسين جت دبائي، هن ڳوٺ ۾ ٽيهه پنجٽيهه گهر هئا، اهي به ڪراچي لڏي ويا.

ڇهون ڳوٺ بچايو پٽ حسين جت دبائي، هن ڳوٺ جا پندرهن ويهه گهر هئا، سي ڪيٽيءَ ۾ وڃي آباد ٿيا.

اوطاق ۾ وينل سيئي بجير ميرا ڏنو جت دبائي جي ڳالهه ٻڌي رهيا هئا، ايتري ۾ هڪڙو ماڻهو اندر آيو، جنهن سيني سان هٿ ملايو ۽ الهه يار جي پرسان ڪرسيءَ تي وڃي وينو. سائين ميرا ڏنو ڪجهه سوچڻ لڳو.

ڊاڪٽر! ديهه ٻنيڙيءَ جي سونهن وئي اجڙي، مِٺي پاڻيءَ جي نه اچڻ ڪري درياءَ جون ڪنڌيون وڃن پيون ڦٽنديون ۽ ديهن مان ماڻهن جي لڏپلاڻ وڌندي پئي وڃي، سي پنهنجو پيارو ملڪ وڃن پيا ڇڏيندا.

ايتري ۾ ڇوڪرا چانهه جو ٿرماس کڻي آيا. الهه يار اتي ڪوپن ۾ چانهه وجهي سيني وينلن کي ڏني.

ڪچهري ۾ آيل نوجوان ڊاڪٽر ڏي نهاري چوڻ لڳو.

ڊاڪٽر! ڪهڙا حال اٿئي... اوچتو آيو آهين.

ادا... توکي پاڻ خبر آهي تہ 18، 19 ۽ 20 جولاءِ پوليو جا ڏينهن آهن، اسين ان سلسلي ۾ آيا آهيون. صبح جو ٻارڙن کي پوليو جا ڦڙا پياري پوءِ ٻين ڳوٺن ڏانهن ويندا سين ۽ مهمان کي سوکي ڏسڻ جو شوق هو، ان کي بہ وٺي آيو آهيان.

بجير ميرا ڏنو چانهہ جو آخري ڍڪ ڀريو تہ الهہ يار اٿي اچي پنهنجي والد ڪان خالي ڪوپ وٺي ڇوڪري کي ڏنو، پاڻ ڪرسيءَ تي ويهي رهيو. ڊاڪٽر ڪوپ خالي ڪيو تہ الهہ يار اٿڻ جي ڪئي تہ ان ڪان اڳي ڪٿ جي پرسان بيٺل ڇوڪري ڊاڪٽر ڪان خالي ڪوپ ورتو. الهہ يار ڇوڪرن ڏانهن نهاريندي چيو.

”خالي ڪوپ کڻي وڃو ۽ ماني کڻي اچو...“

جي... ادا! ائين چئي ڇوڪرا خالي ڪوپ ۽ ٿرماس کڻي اوطاق مان هليا ويا. سائين مير ڏنو جت دٻائي سگريٽ دکائي مهمان سارنگ ڏانهن نهاريندي چيو.

اَبُل! جڏهن اسان جون ڪنڌيون آباد هونديون هيون، هوڙن وارا ڪنڌيءَ وٽ پنهنجا هوڙا بيهاري پاڻي گهرندا هئا تہ اسين کين پاڻيءَ بجاءِ کير جون گهاگهرون ۽ وٽا ڀري ڀري پياريندا هئاسين، اسان وٽ مال ايترو جَجهو هوندو هو جي کو سک وارو يا کو واٽ ويندي مهمان ترسي پوندو هو تہ اسين خوشيءَ ۾ پيا نچندا هئاسين. ڪنڌيءَ جا پٽ جيڪي هينئر توهان کلر وارا ڏٺا ۽ سنهڙي ٻني تان گذري اچي وينا. بجير ميرا ڏنو سگريٽ جو ڪش هڻي وري پنهنجي ڳالهہ ڪرڻ لڳو.

اَبُل... اهو ٻنو دراصل وڏو بند هو، مون ڪاري مان هوڙي تي ٽريڪٽر گهرائي پنهنجي سڄي ڳوٺ کي بند ڏياريو هو ۽ پاڻيءَ اچڻ بند ٿيو، سمنڊ جي ڪاري پاڻي کي وڌڻ جو موقعو مليو تہ اسان جون آباد سڀ زمينون ڪاريون تي ويون، تلاءُ ڦٽي ويو، ڪاري پاڻيءَ بند کي ڦٽاري ڇڏيو، ائين درياءَ جون ڪنڌيون اجڙي ويون. اڳي ماڻهن جي ميلن سان گڏ پکين جا پڻ ميلا هوندا هئا، اسين پکين جي ٻولين جو آواز ٻڌي من کي فطرت جي موسيقي سان وندرائيندا هئاسين. اهو جملو ٻڌي سارنگ کي جمشيد نرسواڻي جو جملو ياد اچي ويو. چاچا... هڪ ڏاهي جمشيد نرسواڻي پکين جي ٻولين لاءِ چيو آهي تہ:

”اهي پکي فطرت جا موسيقار آهن.“

ها.. اَبُل! بروبر... ائين آهي. هاڻ وڻ بہ ويا تہ واهرا بہ ويا، تڙن جون بازاريون ويون، ڪنڌين جا سهڻا ڪپر ويا.

الهہ يار جي پر ۾ ويٺل نوجوان ڪچهريءَ ۾ وارو وٺندي ڊاڪٽر کي چيو.

ڊاڪٽر! توهان درياءَ جون مستيون ۽ ڪنڌين ۽ تڙن جا ڪجهہ ميلا ڏٺا هوندا، ان وقت هن علائقي ۾ پکي جَجها هوندا هئا، تن ۾ روهاڳي پکي، پيڻ پکي، هنج پکي، چٽوڙ پکي، براڙو پکي، سيلڻ پکي، ڪارا اڇا تتر، گهگ، پکي ڏوهيارو پکي، سانءِ پکي، هنج وڏو پکي، ڪانگ پکي، باري باز پکي، ڪونجون، ڊيوڙو پکي، ٽيٽو پکي،

ڳيرو، ڪينيا پکي، ٻلاڙي پکي، جهرڪٽي پکي ۽ ٻيا ناياب پکي جيڪي روس ۽ سائيبيريا مان ايندا هئا. اجا بہ پکي هئا، جي وسري ويا آهن، پر آءٌ توهان کي هڪ بيت ٻڌايان پيو جيڪو ياد اچي ويو آهي.

ڳيرو ڳوٺ نہ وڃٽو
پر نئين نياپو، ڏجاءِ
نہ ويلو وچ ۾، نہ رات رهجانءِ
جيئن آءٌ چوانءِ، تيئن چئجانءِ
جاڳوڙي، جاني آيا.

بيت ٻڌي سيني واهہ... واهہ ڪئي. ميرا ڏنو جت اوطاق جي در کان ٻاهر نهاري، پوءِ ڊاڪٽر کي چوڻ لڳو.

ڊاڪٽر! ان وقت سڙهہ يعني پڙدن واريون ٻيڙيون هونديون هيون. مال هر ڪنهن پاڳئي وٽ ججهو هوندو هو، مينهون، رڍون، ٻڪريون، ڳئون سي سڀ سگهاريون هونديون هيون، ڪنڌيون مال ۽ محبتي ماڻهن سان پريون پيون هوندوين هيون. اسان وٽ اتر طرف کان ماڻهو ٻارن ٻچن سان ٻيڙيون ڀري سارين جو لابارو ڪرڻ ايندا هئا، جو ساريال يعني سارين جو فصل گهٽو ٿيندو هو. اهي چار چار ۽ ڇهہ ڇهہ مهينا رهي لابارو ڪري ٻيڙيون ڀري ڪٽي ويندا هئا. هاڻ وٿاڻ ويا ڦٽي، پاڳيا بہ ويا لڏي، درياءَ جون ڪنڌيون ڦٽي ويون. اسين بہ هاڻ وينا سوچيون تہ هي اُباڻا ڪڪ آهن. ڪيئن ڇڏيون، آيل ۽ ويلن جي لاءِ اجهو ناهي وينا آهيون.

ائين چئي ٻجير ميرا ڏني ٽڏو ساهہ ڀريو تہ سيني وينلن جي اکين ۾ پاڻي اچي ويو، پوءِ ميرا ڏنو چوڻ لڳو.

”ڊاڪٽر! هاڻ پٽن کي ڏسي پراڻيون ڳالهيون سي ياد پيا ڪريون.“ ڊاڪٽر سنجيده ٿيندي، وينلن ڏي نهاري چيو.

” ادا... جيڪو قرب آهي سو ڪکن ۾، لکن ۾ ڪٿي ڪٿي. اجان ڪنڌيون قرب ڏين پيون، تڏهن تہ اسين بہ آڏيءَ جو لڙي آيا آهيون.“ اها ڳالهہ ٻڌي چڱي مڙس ميرا ڏني جت دبائي مرڪي ڏنو ۽ ڪلندي ڊاڪٽر کي ڏسڻ لڳو. ڊاڪٽر جليل ڪڇهريءَ ۾ وينلن ڏي نهاري پوءِ سارنگ کي ٻڌائڻ لڳو.

”ادا... سنڌو نديءَ جو اصل وهڪرو دادو، نئو ڳجو کان الهندي طرف پنيور کان ويندو ڪاري جي درياءَ کان ٿيندو وڃي سمنڊ ۾ چوڙ ڪندو هو. جڏهن درياءَ رخ بدلايو تہ هي دبي جا رهاڪو لڏي اچي ڪٺند درياءَ تي وينا تہ دبائي جت سڏجڻ لڳا.“

رات جا ساڍا ٻارهن پيا ٿين، ڊاڪٽر جون ننڊاکڙيون اکيون ڏسي ٻجير ميرا ڏني جت دبائي پنهنجي پٽ کي چيو.

ماني ۾ دير لاتي اٿوَ؟ ايتري ۾ ڇوڪرا ماني کڻي آيا... ڳاڙهي چانورن جي ماني،

سانن جو ٻوڙ ٺهيل هو، ڊاڪٽر اٿندي بجير ميرا ڏنو جت دٻائي کي چيو... ماني کائو.! ڊاڪٽر! آئون کائي وينو آهيان، توهان کائو.!

ماني کائڻ کان پوءِ سارنگ اوطاق کان ٻاهر آيو ته الهه يار ڪرسي کڻي سارنگ جي پرسان رکي، پوءِ ٽي چار ٻيون ڪرسيون الهه يار کڻي آيو، جنهن تي بجير ميرا ڏنو، الهه يار وينو ته ڊاڪٽر اوطاق منجهان آواز ڏنو... آءٌ آرام پيو ڪريان.!

ٻاهر ٿڌڙي هوا گهلي رهي هئي، سارنگ ڪنهن وقت ڪنڌيءَ جي طرف ته ڪنهن وقت آسمان ڏانهن ڏٺو پئي. الهه يار ڪجهه سوچي سارنگ کي چيو. ادا... آءٌ صبح جو ڊاڪٽر جليل وٽ ڪارو چاڙهڻ ويو هوس، ان وقت مون سان اهڙي ڳالهه نه ڪيائين جي چوين ها ته اسين توهان جي لاءِ سني ماني تيار ڪرائي ڇڏيون ها.

ادا... اهڙي ڳالهه ڪانهي، اهي ٻه توهان جا قرب آهن. جو پوڻي تي ڪاري پاڻي منجهه وينا آهيون، پوءِ ٻه آيلن سان سک ونڊيو پيا، تن جي سار لهو پيا، باقي جيڪا ڪنڌين ۾ مِٺي پاڻي جي ڳالهه ڪئي اٿوَ ته واقعي ان وقت هي پٽ سڀ سونا هئا.

الهه يار ٿڌو ساهه ڀري چوڻ لڳو.

ياءُ...! اسان کان ڪنڌين جو ۾ مِٺي پاڻيءَ جو ڏک نه پڇ، ڪيئن پنهنجي من کي آٿت ڏئي پيا هلون. جاڻ پاڻي آيو... من هن سال اچي. اهي دليل ڊوڙائي ڏينهن، مهينا ۽ سال ڪيندا آهيون. بجير ميرا ڏني ٻانهن ۾ ٻڌل واچ کي ڏسي پٽ الهه يار کي چيو.

اَبُل! مهمان ٿڪل آ، هاڻ کين آرام ڪرڻ ڏيو پاڻ صبح جو سوير اچي ڪچهري ڪنداسين.

”جي باَبا!“ پوءِ الهه يار سارنگ کي چيو. ادا! موڪلائي ڪانهي صبح جو گڏ.

***

صبح جو سوير سارنگ اوطاق کان ٻاهر نڪري هٿ منهن ڌوئي هن اولهه جي طرف ڏٺو. جتي درياءَ ونو تي ڪجهه گهر نظر آيس، هي اجان انهن خيالن ۾ ٻيٺو هو ته چڱو مڙس ميرا ڏنو، الهه يار ۽ ٻي چار جوانڙا چانهه ۽ ماني کڻي آيا، تن سارنگ کي هٿ ڏنو، پوءِ سيئي اوطاق ۾ آيا ڊاڪٽر به سجاڳ ٿيو. چڱي مڙس ميرا ڏنو سگريٽ دکائي پٽ الهه يار کي چيو.

”اٻل! مهمانن کي ماني کارايو. پر ڪرسيون ٻاهر ڪڍيو، موسم ڀلي آهي.“ پوءِ ڇوڪرا ڪرسيون ٻاهرڪڍي آيا. سيئي ڪرسين تي ويٺا. جڏهن مهمانن نيرن ڪئي ته ڊاڪٽر ٻارڙن کي پوليو جا ڦڙا پيارڻ لاءِ الهه يار کي چيو.

ادا... توهان هلو گڏجي ٻارڙن کي ڦڙا پياري اچون، ڳوٺ خدا ڏنو جت دبائي کان به ٿي اچون.

جي ڊاڪٽر! پوءِ ٻئي ڄڻا گڏجي هليا ويا. چڱي مڙس ميرا ڏنو سگريٽ دکائي سارنگ کي چيو.

ادا... توهان صبح جو درياءَ ونو ڏانهن نهاريو پيا، اتي توهان کي ڪجهه گهر ڏسڻ ۾ آيا، ڪنهن وقت ۾ درياءَ ونو تي جتن جا به سئو گهر هئا سي سڀ لڏي ويا. اتي هڪ ڳوٺ عالي ولد دائود جت دبائي جو هو ۽ ٻيا به ڳوٺ لڏي ويا آهن. اهي ڪنڌيون درياءَ جي سونهن هيون، ڇا ڪجي، اسان جتن جو گذر ٿئي پاڻي تي.

ٿڌڙي هوا لڳي رهي هئي آسمان ۾ جهڙالي موسم هئي، سارنگ کي ٻاهر ويني ڏاڍو مزو اچي رهيو هو، هن جڏهن ڪلراٺي زمين کي ڏٺو ته سندس من ڪومائجي ويو. هن جي ذهن ۾ هر هر درياءَ جي اوج ۽ ڪنڌين جي سونهن جا نظارا ڦرڻ لڳا.

ايتري ۾ ڊاڪٽر ۽ الهه يار واپس آيا، تن سان ٻي چار ماڻهو ٻيا به گڏ آيا، سي سارنگ سان مليا. ڊاڪٽر بيگ ۾ سامان رکندي سارنگ ڏانهن نهاري چيو.

” ادا... هاڻ هلڻ جي ڪجي.“

پوءِ سيئي ڪنڌيءَ ڏانهن هوڙي جي طرف هلندا آيا، جڏهن هوڙي وٽ آيا ته ڳوٺ جي چڱي مڙس ميرا ڏنو جت دبائي پاڪر پائي موڪلايو، الهه يار به وڏي اڪير سان پاڪر پائي ڊاڪٽر ۽ سارنگ سان مليو. ناکئو الهڏنو ناتاري ڪيي ته ڊاڪٽر جليل ۽ سارنگ هوڙي ۾ چڙهي ويٺا، ناکئي جي پٽ تنگ مشين چالو ڪئي ته هوڙو ڪنڌيءَ ڇڏي هلڻ لڳو. ڪنڌيءَ تي بيٺل سيني هٿ لوڏي الوداع ڪيو.

هوڙو درياءَ جي لَهرن مان هلندو رهيو. آسمان ۾ بادل تڙي پکڙي ويا ته سج جا ڪرڻا درياءَ تي ڪرڻ لڳا، درياءَ ۾ ڪِٿي ڪِٿي سڙهه وارا هوڙا هلندڙ هئا، ڪنهن ڪنهن هنڌ درياءَ منجهه بولو رَڃَ لڳل هو، هوڙو خيال سان رَڃَ جي پاسي کان مٽيندو هلندو ويو، ناکئي الهڏني پٽ کي آواز ڏنو.

”او... قادر بخش! ديڳڙي ڏوئي چانهه تيار ڪر.“

”جي بابا... ائين چئي قادر بخش وات ۾ چورو وجهي ديڳڙي ڪٽي هوڙي جي پاسي ۾ ويهي درياءَ جي پاڻيءَ سان ڌوئڻ ۾ لڳي ويو. ناکئو درياءَ جي ڪنڌيءَ طرف نهاري چيو، اسين ميرواهه درياءَ ۾ آهيون. هن ڪنڌيءَ تي اسان جو ڳوٺ عالي ميربحر پاڻٽي جو هو. اسان جا هت ڏيڍ ٻه سئو گهر هئا، سي سڀ لڏي ويا، ڪجهه ڪاروچاڻ ۾ اچي ويٺا آهن، باقي ٻيا ابراهيم حيدري لڏي ويا. ان وقت عالي ميربحر پاڻٽي جي نالي سان ڳوٺ سڏبو هو، ان وقت اسان جي ڳوٺ ۾ جيڪي ذاتيون رهنديون هيون. تنهن ۾ گلڙا، پَنيار، چارڻ، جت، چِيرا، ٻَروچ، مَلاح ۽ ٻين ذاتين وارا ماڻهو ٻه رهندا هئا. اسين 1960ع کان پوءِ لڏي ويا آهيون، ان کان پوءِ هوري هوري درياءَ جي ڪنڌيءَ تي آباد ڳوٺ لڏيندا ويا، هي پَتڻ ۽ ڪنڌيون اجڙي ويون، ناکئو ائين چئي ماٺ ڪري پنهنجن گهرن جي اجڙيل پٽن کي ڏسندو رهيو. نندپڻ واريون ۽ جوانيءَ واريون ڳالهيون ياد ڪندي ڪنڌ هيٺ ڪري ڇڏيو.

ڊاڪٽر ڪنڌيءَ جي طرف نهاري سارنگ کي چيو. ” ادا... اسين ميرواهه درياءَ ڇڏي گاٻار درياءَ ۾ پيا هلون. جي اسين جوئار ۾ اچون ها ته هتڙي هوڙا جام ڏسون ها ۽ مَڇيءَ به ڪائون ها، پر هينئر اسين ڀڳي ڀاڳ ۾ پيا هلون. يعني پاڻي لهي وڃڻ واري وقت کي ڀڳي ڀاڳ چئبو آهي.“

ڊاڪٽر درياءَ گاٻار جي اوڀر طرف نهاري چوڻ لڳو.

ادا! هن ڪنڌيءَ تي رونجها، ٻگدا، مالهيا، جت ۽ ٻين ذاتين وارن جا ڳوٺ هوندا هئا، جيڪي هاڻ مڪمل طور لڏي ويا آهن، هي پٽ ويران ٿي ويا. ڊاڪٽر ٿڌو ساهه ڀري چيو.

شل وري سي ڪنڌيون الائجي ڪڏهن آباد ٿينديون، محبتن جا ميلا لڳندا، هي پٽ ساون گلڙن سان سينگارجي ويندا، هينئر جنهن طرف نهار ته منهن تي مرڪ بجاءِ اداسي اچي وڃي ٿي. مون نندپڻ ۾ اهي سڀ ماڳ ميلن خوشين ڀريا ڏٺا آهن.

قادر بخش چانهه جا ٻه مگا ڪٽي آيو، هڪڙو ڊاڪٽر کي ٻيو سارنگ کي ڏنائين، پوءِ وڃي سکاڻ تي وينو ته ناکئو الهڏنو اٿي اچي ڊاڪٽر جي پرسان ويهي چانهه پيئڻ لڳو. ڊاڪٽر چانهه جو ڍڪ ڀري گاٻار درياءَ جي اپريندي طرف ڏسي سارنگ کي چيو.

ادا... سامهون مسجد ڏسين پيو، اهو ڳوٺ احمد رونجهي جو هو، هينئر ويران ٿي ويو آهي، باقي مسجد بيٺي آهي.

ائين چئي ڊاڪٽر اولهہ جي ڪنڌيءَ طرف نهاري وري چيو.

”اهو ڊورو ڄار وارو آهي جيڪو اصل ۾ اولياءَ آهي، جنهن جي ڪنڌيءَ تي ڄار واري اولياءَ جي مزار آهي.“ ڊاڪٽر درياءَ کي ڏسي چيو.

” ادا... وير اچي وئي آهي، اسين وير جي سامهون هلي رهيا آهيون، هوڙي جي رفتار تڏهن جهڪي پئي ڏسڻ ۾ اچي.“

سارنگ چانهہ جو آخري ڍڪ پيري چيو. ڊاڪٽر! هن چانهہ جو مزو ئي عجيب آهي، اها چانهہ ڪڏهن ڪين وسرندي.

ناڪئي گابار درياءَ ۾ نهاريندي چانهہ جو آخري ڍڪ پيري چيو.

”ادا... اسين سوکيءَ شهر جي ويجهو آهيون، هو ڏِسُ قتل پَٽَ...“ ائين چئي ناڪئو اٿي وڃي سکاڻ تي وينو. قادر بخش آيو، ناڪئي وارو مگو، ڊاڪٽر ۽ سارنگ جا خالي مگا کڻي ڏوئي وڃي رکيا، پوءِ ديڳڙي ڌوئي رکي ڇڏيائين. هوڙو آهستي آهستي هلندو بيهي رهيو. ناڪئي الهڏني آواز ڏنو.

”ڊاڪٽر! سوکي پهچي وياسين لهو.“

”ناڪئا! هتان پنڌ گهڻو ٿيندو ڊوري وٽان هَلُ. “ ڊاڪٽر ڊوري طرف نهاري موٽ ڏني تہ ناڪئو بہ ڊوري طرف نهاريندي سوچي چوڻ لڳو.

”ڊاڪٽر! ڪٿي ائين نہ ٿي جو هوڙو ڦاسي پوي.“

”چڱو... هوڙو بيهار.“ ڊاڪٽر ائين چئي سوکي جي قتل نشانن ڏانهن ڏسندي سارنگ کي چيو.

ادا... هتان لهي پاڻيءَ مان هلڻو پوندو اڳيان هڪڙو ڊورو آهي.

ناڪئو سکاڻ تان لهي پاڻي منجهہ هلڻ لڳو. ڊاڪٽر، سارنگ ۽ قادر بخش ٽئي ناڪئي جي پنيان هلندا رهيا، ٿورو پنڌ ڪرڻ کان پوءِ ناڪئو ڊوري وٽ بيهي رهيو ۽ ڏسڻ لڳو تہ ”جنهن هنڌ پاڻي ٿورو هجي تہ اتان لهي هلجي“. پوءِ ٿورو ور کائي ڊوري وٽ بيهي ڊاڪٽر کي چوڻ لڳو.

ڊاڪٽر! پهرين آءٌ ڊوري ۾ وڃان، ڏسجي پاڻي ڪيترو آهي، پوءِ توهين اچو.

”جي ناڪئا...“ ڊاڪٽر ڪيس موٽ ڏني.

ناڪئو ڊوري ۾ لهي هلڻ لڳو، پاڻي هن جي چيلهہ کان مٿي چڙهيو تہ ناڪئي قميص لاهي سڄي هٿ سان مٿي ڪري اڳتي هلڻ لڳو تہ پاڻي هن جي ڳچيءَ تائين اچي پهتو، ناڪئو هلندو سوکيءَ جي ڳاڙهي سُکي پٽ تي اچي چڙهيو، هو قميص پائي ڊاڪٽر ڏانهن نهاريندي وڏي آواز ۾ چيو.

ڊاڪٽر! جنهن گس تان آءٌ آيو آهيان توهين اتان اچجو ۽ پنهنجيون قميصون لاهي لاٽن جي مٿان رکو.

ڊاڪٽر، سارنگ ۽ قادر بخش ٽنهي قميص لاهي لاٽن جي مٿان رکيون ۽ ڊوري ۾

لهي پيا، پاڻي منجهان هلندي سارنگ کان رڙ نڪري وئي تہ کيس ڊاڪٽر چيو.

”سارنگ! ڇا ٿيو..؟“

”ادا... پير منجهہ ڪا شيءِ لڳي آ.“

پوءِ قادر بخش ۽ ڊاڪٽر ٻنهي سارنگ کي هٿن جو سهارو ڏيندي چيو.

”يار! پير آهستي کڻ تڪڙ نہ ڪر.“

جڏهن ٿئي ڇٽا سوڪيءَ جي ڳاڙهي پٽ تي اچي چڙهيا تہ سارنگ جي ساڄي پير جي تريءَ مان رت وهڻ لڳو... ڊاڪٽر هن جي پير کي ڏسي چيو.

ادا... ڪوڏار تي تنهنجو پير لڳو آ، ڪوڏار جي ڏار شيشي جهڙي تکي ٿيندي آهي، ناڪئو سارنگ جي پير کي ڏسي چيو.

ادا... ڪوڏار منهنجي ساڄي پير جي اڱوٺي کي ڪٽي ڇڏيو آ، اهو ٻڌائڻ وسري ويو، معاف ڪجو.

ناڪئا! ڪا ڳالهہ ڪانهي اهڙن پنڌن ۾ ائين ٿيندو آهي.

سارنگ سوڪيءَ بَندَر جي ڳاڙهي پٽ ۽ ڳاڙهين سرن ۽ پڪين جاين جي نشانن کي ڏسندي بيهي رهيو تہ کيس ڊاڪٽر شعر ٻڌائڻ لڳو.

ڪـــارا تنهنجا ڪيـــڻ ڏِسي
هـــي ٻنيون بارا بيڻ ڏِســي
اڄ دل تي سَڙي، من تو ٻَري.!

واهہ... ڊاڪٽر واهہ... ڏاڍو سنو شعر ٻڌايو اٿئي.

سارنگ! هي شعر حافظ حبيب سنڌيءَ جو آهي، شايد... ويهہ پنجويهہ سال اڳ هن ڪاري کي اجڙندي ڏسي چيو هو. هاڻي خود حافظ حبيب سنڌي کي هي شعر ياد هجي بہ الائجي نہ.

”سارنگ!“

”جي ڊاڪٽر!“

اڄ تہ اڳيان ڦٽل شهر جي بازار ڏسون. ڊاڪٽر هلندي وري چوڻ لڳو.

ادا... اسين سوڪيءَ جو سهڻو اوج ڏسي نہ سگهيا آهيون، باقي وڏڙن کان ڳالهيون اوج واريون ٻڌيون آهن.

ناڪئو الهڏنو اها ڳالهہ ٻڌي رهيو هو، پوءِ ڊاڪٽر ۽ سارنگ کي چوڻ لڳو.

اسان ننڍي هوندي واٽين جي وجهڻ کان پوءِ سوڪيءَ کي ڏٺو هو، جيئن تہ اسين ڳوٺ عالي ميربحر پاتڻيءَ جي ڳوٺ ۾ رهندا هئاسين، جيڪو ميرواهہ درياءَ تي هو، هتان سَڏ پَنڌ جو هو. ناڪئو سوڪيءَ جي بازار کي ڏسندي باروتڻي ڳالهيون ياد ڪندي وري چوڻ لڳو. اسين بہ ٿي ڇوڪرا گڏجي سوڪيءَ ۾ ايندا هئاسين، گهر جو سامان وٺڻ

۽ چانهيون پيئڻ، هڪ چانهه جو ڪوپ ٻه آنا ملندو هو، تنهن وقت سچي گيهه جو سير چار آنا هوندو هو ۽ سچي گيهه جو حلوو چار آنا سير هوندو هو. هتڙي گيهه ججهو تمام گهڻو هوندو هو، درياءَ جي ڪنڌين تي آباد ڳوٺن مان سچي گيهه جون ٻيڙيون پرچي اينديون هيون، ڪنڌين تي جيڪي ڳوٺ هوندا هئا، سي سچي گيهه جا دٻا پري ڪنارن سان رکندا هئا. ناڪئو هلندو ڳالهه ڪندو رهيو. بازار جي قتل نشانن کي ڏسندي بيهي رهيو.

ادا... واڻين جي وچڻ ڪانپوءِ سوڪي شهر جو وڏو ڪاسو جت آمر بڻيو. هي اصل ۾ غريب ماڻهو هو. ڪاسو جت آمر کي جڏهن سترهن ارڙهن سالن جي ڄمار ۾ ماتا نڪتي ته مائٽن گهران ڪڍي ڳوٺ کان ٻاهر ٻه آر ڏيون پري اُتي هڪ ڪکائي پونگي ناهي ڏني هئائونس. جنهن ۾ هو اڪيلو رهندو هو ۽ پوءِ عثمان شيدي ڪيس پاڻ وٽ رهايو، ان جي خدمت ڪئي، هر ڪم ۾ ڀاڱي ڀائيوار ڪيو، تنهن ڪانپوءِ هو وڏو ماڻهو بڻيو. جتن جا فيصلا پاڻ ڪندو هو. ان جا سؤٽ خان محمد جت ۽ اعظم جت هئا. ڪاسو جت آمر ۽ عثمان شيديءَ کي سوڪيءَ وارا ماڻهو ڀائر چوندا هئا. ڪاسو جت آمر کي ٻه نياڻيون هيون. سندس هڪ نياڻي احمد علي جت کي ڏنل آهي، جيڪو سوڪيءَ مان لڏي ڳاڙهو ۽ ٻهارا جي وچ ۾ اولهه جي طرف ڳوٺ ”گنبوا“ ۾ اچي وينو. هينئر ٻه اتي ئي آهي ۽ وڏو زميندار آهي. ڪاسو جت جوانيءَ ۾ گذاري ويو. ناڪئي جي ڳالهه ٻڌي ڊاڪٽر چوڻ لڳو:

ادا! ان زماني ۾ حاجي عثمان مَلڪاڻي (اول) وڏي ۾ وڏو زميندار هو، جنهن جي زمين رتوديرو (ريڙهي وارو) ۽ رتوديرو ضلعي لاڙڪاڻي ۾ تعلقو ٻه آهي، پر آئون ريڙهي واري رتيديري جي ڳالهه ڪريان پيو.

ڪاڪ جي چئني طرفن کان حاجي عثمان مَلڪاڻي جي زمين هئي. هن جي زمين ديهه ڪاهي، ديهه ڪڏي، ديهه ڪيٽي بندر، ديهه ڪاروچاڻ ۽ جاتيءَ کان ويندي بمبئيءَ تائين هئي، جنهن ۾ مولي ٻائيءَ جو اڌ هو ۽ اڌ عثمان ملڪاڻيءَ جو هو. مولي ٻائي تعلقي شاهبندر ۽ محال ڪارو چاڻ جي سڀ کان وڏي زميندار عورت هئي. ان زماني ۾ سجاول کان ڪاڪ تائين بس ويندي هئي. ڪاڪ تي عثمان مَلڪاڻيءَ جي اوطاق هئي.

تنهن کان پوءِ هن سوڪيءَ ۾ اوج ماڻيو. هن بازار ۾ عثمان شيدي جيڪو بهترين درزي هو، جنهن جي ٻن پٽن جون سوڪيءَ ۾ ڪپڙي جون ڪوٺيون هيون، عثمان شيدي ”لس ٻيلي“ مان لڏي اچي سوڪيءَ ۾ وينو. جيڪو ”لاسي“ سڏبو هو. اها ڳالهه ڪري ڊاڪٽر جليل ڪٽي قتل نشانن ڏانهن نهاريندي چوڻ لڳو.

ادا... مون کي ياد ٿو اچي ته عثمان شيديءَ جو وڏو پٽ حاجي محمد قاسم شيدي جنهن جي سوڪيءَ ۾ ڪپڙي جي ڪوٺي هئي جيڪو 1948ع ۾ ڪاروچاڻ ۾ لڏي آيو. پوءِ 1970ع ۾ لڏي وڃي چوهڙ جمالي شهر ۾ وينو، هينئر ٻه هن جو چوهڙ جماليءَ جي پراڻي شاهي بازار ۾ ڪپڙي جو دڪان آهي.

ادا! عثمان شيديءَ کي 5 پٽ هئا. حاجي قاسم شيدي، عبدالرحمان شيدي، ڊاڪٽر عبدالستار شيدي، جنهن کي ”ماما شيدي“ سڏيندا آهن. چوهڙ جمالي ۾ ان نالي سان مشهور آهي. سندس اسپتال هندن جي شيوالي جي پر ۾ ڪٽي محلي ۾ آهي. چوٿون پٽ علي محمد شيدي جنهن کي ”علي پاءُ“ سڏيندا آهن. پنجون پٽ محمد ابو صالح شيدي. عبدالرحمان شيديءَ کي ٻه پٽ آهن. هڪ جو نالو نذير احمد شيدي ۽ ٻئي جو نالو عثمان شيدي آهي. هن تي ڏاڏي جو نالو رکيو ويو. ڪيس سيئي عزيز مٽ مائٽ ”ڏاڏا“ يا ”بابا“ جي نالي سان سڏيندا آهن. پاڻ هن وقت گورنمينٽ هاءِ اسڪول چوهڙ جمالي ۾ ايچ ايس ٽي جا استاد آهن. جليل هلندي ڪلراٺي زمين تي قٽل نشانن کي ڏسندي وري چوڻ لڳو:

ادا! مونکي ڊاڪٽر عبدالستار شيدي ”ماما شيدي“ ٻڌايو هو ته، 1926ـ1927ع ڌاري بابا سوڪيءَ ۾ لڏي آيو هو. ان وقت واڻيا هئا. هڪ جو نالو سيٺ منگهو مل پاٽيا ۽ ٻئي جو نالو سُکيو مَل پاٽيا هو. انهن جي دڪان تي بابا درزيءَ جو ڪم ڪندو هو. هنر ۽ ميناس واري زبان ۽ سني طبيعت جي ڪري سوڪيءَ وارن ماڻهن جي دلين ۾ جاءِ ناهي ورتي. واڻين جو مٿس گهڻو راز ۽ پيار هوندو هو. ان وقت سوڪيءَ ۾ خاصخيلي، لَکيا، ڪٽي، ميمڻ، چارڻ، مالهيا، وَنگرا، دَبلا، سيد، پير، ڪنڀار ڪچي رهندا هئا. موسو ڪنڀار هينئر ابراهيم حيدريءَ ۾ آهي ۽ وڏو مالدار آهي. ان ڪانسواءِ ملاح، رونجها، ٻروچ، شولاڻي ٻروچ، دبائي جت ۽ ڪاسو جت آمر جت هو ۽ پائل ذات وارا ماڻهو رهندا هئا. واڻين جو بابا سان ڏاڍو پيار هو. ڪيس هر فيصلي ۾ ويهاريندا هئا، جيستائين نه ايندو هو ته فيصلو نه ٿيندو هو. ڊاڪٽر جليل ڪٽي ڪجهه سوچيندي چيو.

ادا! عثمان شيدي بُت ۾ پريل ۽ ڇهه فوٽ ڊگهو ۽ خوبصورت هو. لاسي هئڻ جي باجود سنڌي نموني جا لڳندا هئا. هنن جي خاندان ۾ ڪنهن جا به وار گهنڊيدار ناهن. مردن ۽ عورتن جا وار ڊگها ۽ لسا آهن. عثمان شيدي وڏو درزي هو. هن 1941ع ۾ ٺٽي ۾ درزڪو دڪان کوليو. اهو پلنگ پاڙي ۾ هو. ڪانئس انگريز سوٽ ۽ ڪوٽ سبرائيندا هئا ۽ انهن جا ڪپڙا ڇهه ڇهه مهينا به رکي ڇڏيندو هو. پوءِ پنهنجي مرضيءَ سان سبندو هو. تنهن هوندي به انگريز مٿس ناراض نه ٿيندا هئا، جو انهن کي عثمان شيديءَ جي سلائي گهڻي وڻندي هئي. هن جا سبيل ڪپڙا جڏهن انگريز پائيندا هئا ته عثمان شيدي اڳيان ۽ پويان آئينو رکي ڏيکاريندو هو. انگريز خوش ٿي چوندا هئس: ”ماسٽر! گُڊ!“

ان زماني ۾ ٻهراڙين جا ماڻهو صدريون پائيندا هئا، شهر جا ماڻهو قميص ۽ شلوار پائيندا هئا. عورتن جو لباس چولو، سلوار ۽ ڪنجريون (يعني هٿ جا پريل ڪپڙا.) هوندو هو. ٻروچ قوم گج ۽ گهگها پائيندي هئي.

مون کي ”ماما ستار شيدي“ ٻڌايو هو ته ان وقت شهر سوڪيءَ ۾ ٻه ٻه ماڙ جايون هيون. ڇت ڪاٺ ۽ لوهه جي هوندي هئي. فرش تي خوبصورت ٽائلس لڳل هونديون هيون. جيڪي سرنديءَ وارن ماڻهن جي گهرن ۾ هيون. سوڪيءَ جي بازار اتر ۽ ڏکڻ

طرف هوندي هئي. بازار جي وچ ۾ رائيس مل هوندي هئي. والي بال جو گرائونڊ ۽ فوٽ بال گرائونڊ بہ هو. وڏا وڏا ملاڪڙا ٿيندا هئا.

ورهاڱي ٿيڻ وقت سوڪي بندرگاهہ تي ڪيترائي وڏا سڙهہ وارا ٻيڙا ۽ ٻيڙيون اچي بيٺيون. جن ۾ واڻيا چڙهي هليا ويا ۽ ڪوبہ واڻيو سوڪيءَ ۾ نہ رهيو. ان ڏينهن بابا نٿي ويل هو. جڏهن واپس آيو تہ سوڪيءَ کي ويران ڏسي ۽ واڻين کي نہ ڏسي ڏاڍو رُنو. پوءِ سيني ڳوٺ وارن دوستن يارن کي چيائين: توهان واڻين کي روڪيو ها. واڻين ويندي ويندي چيو: ”ڏاڏا عثمان شيدي آهي ڪونہ، اسان هاڻ وڃون پيا“. الهڏنو ناڪئو هلندي هلندي سارنگ کي ٻڌائڻ لڳو تہ:

ادا! سوڪي ڦٽڻ کانپوءِ ماما ستار شيدي وارا ”ٻَبلو“ لڏي آيا، جيڪو ڦاٽ درياهہ جي ڪنڌيءَ تي ڪاروڇاڻ جي اولهہ طرف ڳوٺ هو. سندن ڪاروبار ڪارو ڇاڻ ۾ هو. وري ڪارو ڇاڻ مان لڏي چوهڙ جمالي هليا ويا. تئي ڄڻا هلندا ڪارخاني جي نشان وٽ اچي پهتا، ناڪئو ڪلندي چيو. سارنگ! سوڪيءَ ۾ ڪتي بہ رهندا هئا. توهان کي اُنهن بابت ڊاڪٽر جليل ٻڌائيندو. پوءِ بہ تي وکون کڻي ڊاڪٽر سوچيندي چوڻ لڳو.

ادا... سوڪيءَ ۾ حاجي خميسي ڪتيءَ جو ريزڪي دڪان ۽ ڪپڙي جو دڪان هو. ورهاڱي کان پوءِ 1948ع ۾ ڪاري ڇاڻ مان لڏي اچي سوڪيءَ ۾ويٺو. پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ عبدالرحمٰن ڪتيءَ کي چوڌري جو لقب مليو، ذميندار ۽ مال وند ماڻهو هو. واڻين جي وڃڻ کان پوءِ محمد ڪتي ولد حاجي عمر ڪتي، حاجي خميسو ولد محمد خان ڪتي ۽ ٻين ذاتين وارا جنهن ۾ گل محمد خاصخيلي، آمون خاصخيلي، ابراهيم ڪوريجو، سدا ڪچي جنهن جي سوڪيءَ ۾ چانهہ جي هوٽل هوندي هئي. هينئر حاجي خميسو گذاري ويو آهي. ان جا چار پٽ هئا، عبدالله ڪتي، سليمان ڪتي، زاهد ڪتي جيڪي حياتي آهن، باقي چوٿون پٽ محمد ابراهيم ڪتي فوت ٿي ويو آهي. هاڻ انهن جي ٻن پٽن رياض ۽ آفتاب ڪتي جو ڳاڙهي شهر ۾ جنرل اسٽور آهي. حاجي خميسي ڪتي جو ننڍو ڀاءُ حاجي رحمت الله ڪتي (مرحوم) جيڪو سوڪيءَ ۾ ريزڪي واپاري هو، ان کي ٽي پٽ هئا، محمد حسين ڪتي، محمد اسماعيل ڪتي ۽ عبدالغني ڪتي سي هينئر بہ ڪاروڇاڻ ۾ رهن پيا.

الهڏنو ناڪئو بازار جي ڦٽل نشانن کي ڏسندي چوڻ لڳو.

هتي سوڪيءَ جي خوبصورت بازار هوندي هئي، هت وڏيون وڏيون سرڪاري آفيسون هونديون هيون، جنهن ۾ روينيو، ڪسٽم، ٻيلو کاتو، پوليس ۽ ٻيا سرڪاري کاتا هوندا هئا.

ڊاڪٽر سڄي طرف هڪ پڪي جاءِ جي فرش کي ڏسندي بيهي رهيو، پوءِ الهڏنو ناڪئو ۽ سارنگ بہ ڊاڪٽر سان گڏ بيهي رهيا، فرش تي اُڪريل چوڪور جي خوبصورت نموني مان ائين لڳي رهيو هو ڄڻ هي گهر ويجهڙائي ۾ ڦٽو هجي.

ڊاڪٽر جاءِ جي ڦٽل گيٽ جي ٻن ڏاکڻ ۽ پاسن کان بيٺل ننڍيا ٿُل ڏسي سارنگ

کي ٻڌائڻ لڳو.

ادا... هيءَ جاءِ واڻين جي هئي، سي ذات جا ياتيا هئا. ان جي رائيس هسڪنگ مل يعني چڙهه، ڏر ۽ پيسڻ واري مل هئي. سوکيءَ جا ياتيا واڻيا واپار ۽ زمينداري لحاظ کان عروج تي پهتل هئا. ورهاڱي کان پوءِ اهو به لڏي ويو. اسين هت ڪيترا دفعا سوکي جي ڦٽڻ کان پوءِ آيا آهيون. ڊاڪٽر سوکيءَ شهر جي ڦٽل نظارن کي ڏسندي چيو.

ادا... هن مهل هي اهڃاڻ ٻڌائين ٿا ته ڪنهن سمي ڳُتيل يا گهٽي آباديءَ وارو شهر هو، هتي سيٺ نيٽومل ياتيو جي مل هوندي هئي ۽ چوئٿ رام زميندار ۽ واپاري به هوندو هو. ڪي مسلمان ڪراچيءَ کان لڏي هت آيا، انهن ۾ محمد حسن ۽ محمد ابراهيم شيخ به هئا، جيڪي اصل ۾ عرب هئا. جڏهن سوکي ڦٽو پوءِ اهي ڪارو چاڻ ۾ آيا، پوءِ اتان به لڏي ويا. محمد خان کٽي سوکيءَ ۾ وڏو واپاري هو. ڏوسو واڻيو، ديوان جيوت رام ۽ ڪشن چند سي ڪارو چاڻ جا واپاري هئا. ديوان ڪشن چند ۽ مگهن مل ٻئي سوٽ هئا. مگهن مل سٺ جي ڏهاڪي ۾ انديا لڏي ويو. ڪشن چند 1980ع تائين ڪاري ۾ زمينون سنڀاليندو رهيو، پر رهندو ڪراچيءَ ۾ هو، پوءِ فوت ٿي ويو، هاڻ ان جو ڪو به بچو سوکيءَ ۽ ڪاري ۾ ڪونهي. زمينون اجان به انهن جي نالي تي روينيو جي پراڻي رڪارڊ ۾ آهن. ان جي ڪاروچاڻ ۾ مل هئي، پوءِ اهي پرديسي پَڪين جيان اڏري هليا ويا. ائين چئي ڊاڪٽر ڏک ۾ پرجي ويو ۽ ٿڌو ساهه پري چيو.

سارنگ! سوکي ۽ ڪاروچاڻ جون ڳالهيون جڏهن وڏڙا ٻڌائيندا آهن ته سڄي علائقي جي سونهن پري تصوير اکين اڳيان اچي بيهي رهندي آهي.

ادا... اچو اهو ڪارخانو ڏسون، جتي اسين چانور چڙهائڻ ۽ پيسائڻ جي لاءِ کٽي ايندا هئاسين، سڄي تر مان بيل گاڏيون، ساريون کٽي هن ڪارخاني ۾ ايندڀون هيون.

پوءِ ناڪئو سيني کي ڪارخاني جي نشانن وٽ وني آيو، جنهن هنڌ مشين لڳل هئي. اتي سيمينٽ جا ننڍڙا نَل اجان بينا هئا. هڪ پڪ سرن ۽ سيمينٽ جي ٺهيل ٽانڪي هئي، جنهن ۾ ڪارو پاڻي هو. ڪارخاني کان ٿوري فاصلي تي مسجد هُئي، جنهن جي چوُ ڦير سر ۽ ڪلر هئڻ جي ڪري مسجد جي پتين تي اُن جو اثر چٽو ڏسڻ ۾ ٿي آيو. مسجد کان ڪجهه پرپرو هڪ مقام هو، قبرون ڪلرائيءَ زمين جي ڪري پُسيل ۽ ڊنل نظر ٿي آيون. ڊاڪٽر اُن طرف نهاريندي بُت بڻجي بيهي رهيو. شايد زمين جي ڪاري وجود کي ڏسندي، اُن جي ماضيءَ ۾ گم ٿي ويو. ڪڏهن ڪڏهن ماڻهوءَ کي يادون وڻ ويڙهيءَ جيان وڪوڙي ويندڀون آهن. ناڪئو الهڏنو، قادر بخش ۽ سارنگ، ڪارخاني جي حوض ۾ بيٺل پاڻيءَ کي پيا ڏسن، جنهن جو رنگ ساواڻ تي مائل هو. ٽئي حوض کان ٿيندا، سيمنٽ جي نُلن کان نظر هٽائي واپس هلڻ لڳا ته هنن جي نگاهه ڊاڪٽر جليل تي پئي، جيڪو مسجد وٽ بينو هو. پوءِ ٽئي ڄڻا هلندا، ڪچهري ڪندا ڊاڪٽر جي پرسان آيا ته ناڪئي آواز ڏنو.

”ڊاڪٽر! نماز پڙهڻ ۾ اجان وقت آ. تون هينئر ڪهڙي نماز پڙهڻ وڃين پيو؟“ ناڪئي جي آواز تي ڊاڪٽر جا خيال ٽٽي پيا. ڊاڪٽر ڪنڌ ورائي ٿڌو ساهه ڀري پٽن تي پيار ڀري نگاهه وجهي چوڻ لڳو.

”ادا! هي ماڳ جيڪي مني پاڪٽيءَ جي محبت سان آباد ۽ شاد رهندا هئا. هنن پٽن تي هارين نارين، لوهارن، ڪڙمين، ڪاسبين، ڪنيارن، واڍن، وڻجارن ۽ مال وند محبتي ماڻهن جون ڪچهريون لڳنديون هيون. جيئن متيءَ جي ڪوڏن ڪي ڪولي ڏسبو ته اندر منجهه سچا موتي نظر ايندا آهن. ائين سنڌ جي ماڳن جي ماضيءَ واري ڪهاڻي جي ورقن کي اُٿلائي پٿلائي ڏسنداسين ته ڪيئي محبت ڀرين سچن ماڻهن جي موتيءَ جهڙي جهلڪ نظر ايندي.

اها ڳالهه ٻڌي سيئي ماٺ جي مُٺ ۾ ويڙهجي ويا. ڊاڪٽر ڏانهن نهاريندا، چڻ چئي رهيا هئس. ”ڊاڪٽر اسان کي سوڪيءَ جي محبت واري ڪهاڻي ٻڌاءِ.“ ڊاڪٽر هنن ڏانهن نهاريندي، سندن اکين ۾ آيل سوالن کي سمجهندي چيو.

”ادا! سامهون مسجد ڏسو ٿا، اها موسیٰ ڪنيار ڪڇي جوڙائي هُئي.“ سارنگ هڪدم ڳالهايو.

”ڊاڪٽر! موسیٰ ڪنيار ”ڪڇي“ ڪيئن ٿيو...؟“

”ادا... موسیٰ ڪنيار جا وڏڙا اصل ڪڇ جا هئا. اُهي ڪڇ مان لڏي اچي ڪراچيءَ ۾ وينا. پوءِ 1912ع موسیٰ ڪنيار جي عمر پندرنهن سال هئي. هن جو والد عثمان ڪڇي ڪراچيءَ مان لڏي اچي سوڪي ۾ آباد ٿيو. هنن پنهنجا گهر سوڪيءَ شهر کان ٻاهر جوڙيا هئا. شهر ۾ اڪثر هندو رهندا هئا. مسجد جي پرسان هنن جا گهر ۽ بنا هئا. هي مالوند ماڻهو به هئا. ٻني ٻارو پنهنجو هُين، جيڪو پاڻ هارپو ڪري آباد ڪندا هئا. هزارن جي تعداد ۾ رڍون به هُين، ٻيو چوپايو مال پڻ. هي ڪنيار وارو ڌنڌو به ڪندا هئا. محمد موسیٰ ڪنيار ”ڪڇي“ قربائتو ڪلٽو رلٽو انسان هو. 1897ع ۾ ڪڇ ۾ ڄائو هو.

اِهي ڳالهيون مون کي سندس پُٽ ابراهيم ٻڌايون هيون. ”جيئن اڄ هتي هِنن پَٽن تي آيا آهيون ته سيئي ڳالهيون ياد اچي ويون. اُنهن ڏينهن ۾ سوڪي بندر، وڻج واپار جو وڏو مرڪز هو. جيڪو اڪثر هندو ڪندا هئا. سوڪي شهر ۾ هندو گهڻا هئا. مسلمانن جا ايڪڙ ٻيڪڙ گهر هئا. پر واپار جي لحاظ کان گهمڻ ڦرڻ ۽ ٻين ڪم ڪارين لاءِ پر پاسي جي درياهن کان مسلمان ايندا هئا. پوءِ هوري هوري شهر ۾ اچي رهڻ لڳا. جت به پوءِ آيا ۽ ٻيون ذاتيون به پوءِ آباد ٿينديون ويون. هندو پڙدي جا وڏا پابند هئا. شهر ۾ عورتون گهٽ نڪرنديون هيون.

موسیٰ ڪنيار جوانيءَ ۾ شادي پنهنجن مائٽن مان ڪئي. سندس اولاد ۾ سَت پُٽ ۽ پنج نياڻيون هيون. ڇهه پٽ سوڪي ۾ ڄاوا هُيس، انهن جا نالا هي آهن، عمر، سليم، جمن، حمزو، ابراهيم، عبدالله ۽ ستون پُٽ ”حسن“ اهو ابراهيم حيدري ۾ پيدا ٿيو هو.“

سوڪيءَ بندر جي قتل نشانن مٿان ڪانوَ اڏرندا ويا. پَٽ تي ننڍڙن ننڍڙن لاٽن ڪي هوا لوڏيندي هلي وئي. هي سيٺ ڪارخاني کان واپس موٽڻ لڳا ته ڊاڪٽر چوڻ لڳو.

”ادا! موسيٰ ڪنيار ڪيڇيءَ جو ياءُ آدم ڪنيار ڪيڇي، جيڪو شهر ۾ عثمان شيديءَ جي گهر ڀرسان رهندو هو، ۽ ٿوري فاصلي تي موسيٰ ڪنيار جي ڀيڻ به رهندي هُئي. ان وقت سوڪي شهر ۾ قاسو جت آمر ۽ عثمان شيدي وارا خوشحال هئا. انهن سان موسيٰ ڪنيار جي دوستي ۽ پيت ياڻپي هُئي. قاسو جت آمر واٽين جي ڪارخاني ۾ واپار ڪندو هو. سوڪيءَ جا ماڻهو رئيس قاسو جت چوندا هئس.

الهڏنو پٽ تان ڳاڙهي سر جو هڪ ٽڪرو ڪنيو، اُن ڪي ڏسندو رهيو ته ڊاڪٽر پرسان اڇي چوڻ لڳو.

”ناڪئا! هڪڙي ڳالهه وسري وئي....“ جيئن ئي هن اهو جملو پورو ڪيو ته الهڏني ناڪئي مذاق جي انداز ۾ چيو.

”ڊاڪٽر!“

”جي... چؤ...“

” توڪي ويسر جي بيماري به لڳي آهي.“ ان جملي تي سيني کان ٽهڪڙا نڪري ويا. ڊاڪٽر پاڻ به کلي ڏنو. سارنگ ڪيس ڪُلهي تي هٿ رکي چيو.

” ڊاڪٽر! ڳالهه ٻڌاءِ، ناڪئي جي دل ۾ نه ڪر.“

” نه سارنگ! ناڪئي سان پنهنجي ڪل پوڳ ٿيندي آهي.“ ائين چئي ڊاڪٽر پنهنجي رهيل ڳالهه ٻڌائڻ لڳو.

انهن ڏينهن جي ڳالهه آهي ته احمد لولو جت جنهن کي به نياڻيون ۽ هڪ پُٽ هو. جن جي عمر اَٺ سال، نَو سال ۽ ڏهه سال هئي، جڏهن احمد لولو جت جي گهر واري گذاري ويئي. هڪ ڏينهن احمد لولو جت ٽئي ٻار موسيٰ ڪنيار جي گهر وٺي آيو ۽ چيائين.

”ادا موسيٰ! هي ٻارڙا توهان وٽ امانت ڇڏي وڃان ٿو. جڏهن جوان ٿيندا پوءِ توهان کان وٺي ويندس.“

احمد لولو جت گهمندڙ ڦرندڙ ماڻهو هو. هڪ جاءِ تي پير ڪونه ٽڪندو هوس. ڪڏهن ڪِٿ، ڪڏهن ڪٿ هوندو هو. پر اُن جي خبر چار ڪنهن کي ڪونه ڏيندو هو. جڏهن ٻار جوان ٿيا ته هڪ ڏينهن احمد لولو جت آيو. پنهنجا ٽئي ٻار وٺي ويو. ان جو هڪ پٽ هن وقت ڪوڏارين ۾ رهي ٿو. جيڪو ابراهيم حيدري ۾ اڃان به موسيٰ ڪنيار جن وٽ ايندو ويندو آهي.

ورهاڱي کان پوءِ واٽيا سوڪيءَ مان لڏي ويا. جڻ سوڪيءَ جو اوج موڪلائي ويو. هوريان هوريان منو پاڻي به موڪلائڻ لڳو. زمينون غير آباد ٿينديون ويون. جڏهن موسيٰ ڪنيار ڪيڇي سوڪيءَ کي ڇڏي ابراهيم حيدريءَ ويو پئي ته ان وقت به ٽي سو رڍون هيس. سي سوڪيءَ ۾ ڇڏي آيو.

هڪ دفعي ابراهيم ٻڌايو پئي ته، سوڪيءَ جو ڪوبه ماڻهو بابا وٽ ايندو هو ته ڪانئس حال احوال خبرون چارون پُڇي سوڪيءَ کي ياد ڪندي روئي وجهندو هو.

سچ جا تيز ۽ تکا ڪرڻا سوڪيءَ جي پٽن تي ڪرندا رهيا. ڊاڪٽر سوڪيءَ جي پٽن کي ڏسندي دوستن کي هڪ شعر ٻڌايو.

"اَڏي اَڏي اوڏ، چڏي ويا پيٽيون،
تڪاڻا ۽ تول، پيا آهن پَٽَ ۾."

ادا! وري ٻيو بيت ٻڌو.

ڏوڏن دونهون چڏيو، اُجاڻا اگار،
لَڏي ويا لوهار، ڪير گهڙيندو رُڪ کي.

واهه... ڊاڪٽر واهه...! هاڻي هي سنڌ جي سونهن ۽ اوج پريا پَٽَ الائجي ڪڏهن آباد ٿيندا.....!!؟ ناڪئي وراڻيو. پوءِ سيئي اڳتي هلندا آيا. ڊاڪٽر پنهنجن خيالن ۾ ڪجهه سوچي وري چيو.

"ادا سارنگ! کهڙيون سوڪيءَ جي سونهن پريون ڳالهيون ٻڌايان، سوڪيءَ هر لحاظ کان سُکي ۽ سونهن پري هئي."

ڊاڪٽر جي طرف الهڏني نهاريندي چيو،

"ڊاڪٽر! اُن وقت محال ڪاري آفيسر بيگ محمد قريشي. سوڪيءَ ۾ چار پنج سال رهيو هو. هو سرڪاري گهر ۾ رهندو هو، جيڪو پڪو ۽ ڪشادو نهيل هو. اسان جا وڏا جيڪي ناڪٽا هئا. تن سان گهڻي لڳندي هيس."

ڊاڪٽر ڪنڌ ڌوڻي وراڻيو.

"ها ها... الهڏنا.. واقعي بيگ محمد قريشي هو، هُن جو ڏهٽو خالد قريشي هن وقت ٺٽي ۾ ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر آهي. ان جي وڏيءَ ڀيڻ جو جنم سوڪيءَ ۾ ٿيو."

جنهن جي ٿوري ئي فاصلي تي پڪل سرن جا ٽڪرا پکڙيل هئا. ڊاڪٽر انهن سرن جي پڳل ٽڪرن ڏانهن وڌي ويو. اتي ان پيهڻ جي جنڊ جا ٽڪڙا، نڪر جي ٽانون جا ٽڪرا ڏسندي سارنگ کي ٻڌايو. ادا ! هي پَٽَ ڪنهن گهر جو ڏيک ڏئي ٿو يا ڪنهن دڪان جو، جنهن ۾ نڪر جا ٽانوَ وڪرو ٿيندا هوندا. ڊاڪٽر سوڪي شهر جي اُجڙيل پٽن ۽ جاين جي نشانن کي ڏسندي وراڻيو.

ادا... جڏهن برسات پوندي آهي ته پروارن تڙن جا ماڻهو هتڙي سون جا سڪا ڳولڻ ايندا آهن، هڪ دفعي مونکي به هتان پراڻو سڪو مليو هو، جيڪو اجان مون وٽ پيو آهي.

ناڪئو الهڏنو ڪارخاني کي ڏسندي واپس ورندي ٻيهي رهيو ۽ هٿ جو اشارو ڪندي چوڻ لڳو.

ادا... سوڪيءَ کان ايرندي طرف هڪ مقام آهي. پوءِ سيئي وريا. هرڪو سوڪيءَ

بَندَر ۽ شهر جي قتل نشانن کي ڏسندي حيرت کائيندي ڊوري وٽ اَچي پهتا. ساڳي جاءِ تان پاڻي منجهه لهندا هلندا سکي تي آيا، سيني جون سلوارون پاڻي سان پُڳل هيون. هر کنهن لاٽن جي مٿان رکيل قميص کنئين هلندا اچي هوڙي ۾ وينا. ناکئو الهڏنو سکاڻ تي آيو، قادر بخش ناتاري کٽي ٽنگ مشين چالو کئي.

هوڙو ڳاڻار درياهه ڇڏي سنهڙيءَ درياهه ۾ هلڻ لڳو. ڊاڪٽر کنڌيءَ جي طرف نهاري سارنگ کي چيو.

هن کنڌيءَ تي کنهن وقت اسان پاڻ آباد ڳوٺ ڏٺو هو. هاڻ نہ کوئي گهر ۽ نڙ پيو نظر اچي. هاڻي فقط سياري جي موسم ۾ ملاح گند يعني کچ مَڇي مارڻ لاءِ سنهڙيءَ تي ايندا آهن ۽ اهي عارضي طرح کجهہ مهينن جي لاءِ واهرا اڏي ويهندا آهن ۽ پنهنجو گذر سفر کندا آهن، هوڙو سنهڙيءَ درياءَ ۾ هلندو رهيو. ڊاڪٽر کجهہ سوچيندي چوڻ لڳو.

ادا سارنگ! انهن ڏينهن جو هڪ واقعو ياد اچي ٿو جيکو وڏڙن ٻڌايو هو. هت هندن ۽ مسلمانن جي گڏيل آبادي هئي، وڏا ميلا لڳندا هئا. 1945ع ڌاري هڪ وڏو راڳ کرايو ويو، جنهن ۾ ٽر جي ڳائڻي مائي جيوٽي آئي هئي. جڏهن مائي جيوٽي پنهنجي فن جو مظاهرو کيو تہ مرد ۽ عورتون سڀ هڪ ٿي مائي جيوٽي جي آواز تي مست ٿيندي،سيني پئسن جي گهور لائي ڏني، جنهن ۾ چانديءَ جا سڪا، جن کي ڊينگلا سڏيو ويندو هو سي برسات جيان وسائيندا رهيا. اُن وقت جيوٽي جيکو کلام ڳايو هو. سو محمد هاشم ”لهر“ کيٽيءَ جو هو.

”لاٻارن تي لاڙ جا مگاٽهو،
سَنگَ لُٽي کَن سَٽيون سَٽيون
سارين جون پوکون پَکيون پَکيون.“

جيوٽي سوکيءَ ۾ حاجي امين ونگائي جَت جي پُٽ جي شاديءَ ۾ آئي هئي. هاڻي اهي ونگائي جت ريڙهيءَ مياڻ ۾ وينا آهن، اُهي سوکيءَ ۽ کاري تر جا وڏا زميندار هئا. ڊاڪٽر ائين چئي ماٺ ٿي ويو. هوڙو هلندو رهيو، ناکئو پنهنجن خيالن ۾ وينو پاڻيءَ جي لَهرن ۾ نهاريندو رهيو. ڊاڪٽر درياءَ کي ڏسندي سارنگ کي چيو.

”ادا... هاڻ اسين مُنڊي درياءَ ۾ واپس آيا آهيون.“

يارهين وڳي ڌاري هوڙو هلندو اچي هڪ کنڌيءَ جي پرسان پهتو، جتي هڪڙو گهر هو، ڊاڪٽر ان گهر ڏانهن ڏسي چوڻ لڳو.

ادا... اسين محمد مالهيا جي گهر وٽ پهتا آهيون، اتي ٻارڙن کي پوليو جا ڦڙا پياري ڏهن منٽن ۾ واپس هلنداسين. قادر بخش ناتاري هنئين. ڊاڪٽر، ناکئو ۽ سارنگ سي لهي سکيءَ تي آيا، هکڙو همراهه جنهن جي عمر لڳ ڀڳ پنجاهه سال جي هئي، رَڃَ کي وينو ساري يعني ڳنڍي وينو، جيکو کنهن هنڌان ڇڳل ڏسجي پيو. ان جي پاسي ۾ ڊورو هو جنهن ۾ ٻہ هوڙا ٻينل هئا. ڊاڪٽر ان سان هٿ ملائيندي چيو.

”محمد مالهيا ڪهڙا حال آهن.؟“ ائين چئي ويهي رهيو.

”سڀ خير آهي...“ ان جواب ڏنو.

پوءِ سيني محمد مالهيو سان هٿ ملايو. ڊاڪٽر هيڏي هوڏي نهاري سامهون هڪ ٻار کي ايندو ڏسي ان ڏانهن وڌي ويو، ڪيس پاڻ سان گڏ وٺي محمد مالهيو جي گهر ڏانهن هليو ويو جيڪو ٿوري فاصلي تي هو.

ڊوري ۾ بينل هوڙي کي هڪڙو نوجوان ويٺو صاف ڪري. ناڪئو الهڏنو رَڃَ کي ٽاهيندڙ محمد مالهيو سان گڏ ويهندي ڪيس چوڻ لڳو.

”ادا... محمد اڪيلو ويٺو آهين.؟“

”ها ناڪئا... تون وٽاڻ چڏي وئين، سيئي تڙ ويا ڦٽي، جي پاڻ وٽ ٻور ۾ منو پاٽي نہ اچي ها تہ آءٌ بہ هليو وڃان.“ محمد مالهيو ائين چئي رَڃَ ٽاهڻ ۾ لڳي ويو. سارنگ پٽ جي طرف نهاريندو رهيو. ناڪئو اتي هوڙي جي طرف ويو، ان ۾ وينل همراهہ کي ڪيڪار ڪري واپس اچي سارنگ کي چيو.

ادا... درياءَ ۾ هوڙا ايندا آهن، ڪي هتان گذرندا آهن تہ سي محمد مالهيا وٽ اچي مِني پاٽيءَ جا ڊرم ڀرائي وري اڳتي هلندا ويندا آهن. ويجهڙائي ۾ جيڪي ڪنڌيون آهن انهن ۾ منو پاٽي نڪري ڪونہ... صرف محمد مالهيو وٽ اجان مِني پاٽيءَ جو ٻور آهي، تڏهن هي اڪيلو ويٺو آهي.

محمد مالهيا جي پاسي ۾ سوڪيءَ جون پراٽيون سرون رکيل هيون... هتان سوڪيءَ جا ڦتل آثار ڏسڻ ۾ تي آيا.

ايتري ۾ ڊاڪٽر واپس آيو. هنجي هٿ ۾جڳ هو سو اچي ناڪئي کي ڏيندي چيو.

ناڪئا! هي کير آهي، وٺ ۽ پنهنجي ٽانو ۾ لاهي اچ.

ناڪئو کير وارو جڳ کڻي ويو، ڪجهہ گهڙين کان پوءِ واپس آيو. ناڪئي کان ڊاڪٽر جڳ وٺي ٻار کي ڏنو، جنهن سان گڏ آيو هو. پوءِ سيني محمد مالهيو کان موڪلايو. قادر بخش ناتاري کڍي، ٽنگ مشين کي چالو ڪيو تہ هوڙو هلندو رهيو. مالهيي جي گهر طرف ڊاڪٽر ڏسندي چيو.

ادا سارنگ! محمد مالهيو کي ويهہ ٻار آهن، جڏهن هن جي گهر ۾ ويس تہ محمد مالهيو جي گهر واريءَ جي جهوليءَ ۾ ڏيڍ مهيني جو ٻار هو، آءٌ ان ٻار کي ڏسي بيهي رهيس. مالهيءَ جي گهر واري مرڪي چوڻ لڳي.

ادا... هي منهنجو ٻار... ها... ڏيڍ مهينو اڳ هي ويهون ٻار ڄائو آهي. پوءِ بہ چوان ٿي تہ وڏيڪ ڄڻينديس! اسين پوئي تي وينا آهيون، پوءِ بہ مايوس ناهيون.

ايتري ۾ ناڪئو الهڏنو اچي ڊاڪٽر جي پير ۾ ويٺو تہ قادر بخش سڪاڻ تي ناڪئي جي جاءِ تي وڃي ويهي رهيو ۽ هوڙي کي هلائيندو رهيو. ناڪئو الهڏنو ڪجهہ سوچي ڊاڪٽر کي چيو.

”ڊاڪٽر!“

”جي ناڪئا...“

محمد مالهيو اجا اڪيلو وينو آهي، آءٌ ننڍپڻ کان سڃاڻيانس. هن جي جواني ڏٺي آهي. شاديءَ کان پوءِ جڏهن ڪراچي فشري ۾ ڪمائڻ ويندو هو. محمد مالهيو جي گهر واري ڏاڍي بهادر عورت آهي. اها عورت ننڍڙن ٻارن سان تڙ تي اڪيلي رهي پئي هوندي هئي. هينئر به محمد مالهيو ۽ ان جا پٽ مَڇيءَ مارڻ لاءِ چارچار پنج پنج ڏينهن درياءَ ۾ وڃن، پوءِ به اها عورت اڪيلي پئي تڙ تي گهمندي ۽ ڦرندي. وڏي دل واري عورت آهي.

ناڪئو ڪجهه سوچيندي وري چوڻ لڳو.

ڊاڪٽر! مون پنهنجي عمر ۾ هڪ ٻي بهادر عورت حليما چيري ڏٺي، جنهن کي اوهين به ڄاڻو ۽ سڃاڻو. ڪاڪ ۾ هن جي مامي جو دڪان هوندو هو، سندس دڪان جو سودو سامان هوڙي ۾ ڪٽي ڪاڪ ويندو هوس. جيئن ئي هوڙو ٻهاريندو هوس ته مائي حليما چيري کي مرداڻي لباس ۽ پيرن ۾ مرداڻو بوٽ، مردن وانگر هلندي اچي هوڙي مان مامي جي دڪان جو سودو سامان ڪڻندي هئي ۽ دڪان ۾رکي ايندي هئي. اسان اهو ڏسي حيران ۽ وائڙا ٿي ويندا هئاسين، سڪيءَ تي وينل سيئي مرد حليما چيري ۾ پيا نهاريندا هئا. هوءَ جنهن مهل اڊائي مڻن جي چانورن واري ٻوري کي ٻن هٿن سان پڪڙي ايئن ڪڻندي هئي، جيئن ڪنهن جي ڪَنن کي پڪڙبو آهي. تيئن هوءَ ٻوري کي ڪٽي وڃي مامي جي دڪان ۾ رکندي هئي. سچ پچ اسان مردن جا ڪنڌ هيٺ ٿي ويندا هئا. ناڪئو الهڏنو ڪجهه سوچي مرکي ڊاڪٽر کي چيو.

ڊاڪٽر! آءٌ اصل ۾ چانهه ناهڻ جي لاءِ اتي آيو هئس، پر ڳالهين ۾ ويهي رهيس.

واه... ناڪئا! دل واري ڳالهه ڪئي اٿئي، ڪير جيڪو محمد مالهيو جي گهران آندو اٿم. ان منجهان چانهه ناهي پيار، جيئن، تازا توانا ٿي وڃون.

”جي... اهڙي چانهه ناهي پياريندس. ائين چئي ناڪئو اٿي وڃي ديڳڙيءَ کي ڌوئڻ لڳو. ڊاڪٽر درياءَ ۾ نهاري سارنگ ڏانهن منهن ڪري چوڻ لڳو.

ادا... هوڙو مُنٽي درياءَ کي چڏي اچي نانگواريءَ درياءَ ۾ هلڻ لڳو آهي.

سارنگ نانگواري درياءَ جي ڪنڌيءَ طرف ڏٺو ته ڪنڌيءَ تي اُنن جا وڳر بيٺا چرن. اٽڪل چار پنج اُنن جا وڳر هئا. هڪڙو هوڙو ان ڪنڌيءَ وٽ اچي بيٺو ته اُنن ڊوڙ پري ۽ ان هوڙي طرف تي آيا، تن کي هڪ به نوجوان اُلر ڪندي روڪيو. ڊاڪٽر اهو ڏسي سارنگ کي چوڻ لڳو.

ادا... ڪنڌيءَ وٽ جيڪو هوڙو بيٺو آهي ۽ اُٺ ڊوڙندا تي آيا، ان هوڙي ۾ منو پاڻي هو، اُجارا اُٺ تڏهن ڊوڙن پيا. هاڻ ڏس... اُنن کي ڏهن ٻارهن ٽولن جي شڪل ۾ چڏيندا پيا

وچن، ڏسو هڪڙو اُنن جو وڳر ڪئين پيو پاڻي هوڙي مان پئي، وري ٻئي ٽولي کي چڙيندا. اهي اُٺ جت فقيراڻي جا آهن، انهن جو گذر سفر انهن ئي اُنن تي ٿئي ٿو. دبئي جي لاءِ واپاري اچي هنن کان اُٺ خريد ڪري هوڙن ۾ ڪٽائي ويندا آهن، سي ڪراچيءَ کان پوءِ جهازن جي ذريعي دبئي ۽ ٻين ڏيساور ملڪن ڏانهن ويندا آهن.

هوڙو هلندو رهيو. سارنگ نانگواريءَ درياءَ جي ٻنهي ڪنڌين جي طرف ڏسندو رهيو، جتي تمر جا وڻ بينا هوا تي لڏن. ڊاڪٽر انهن تمر جي وٽن کي ڏسندي چيو.

سارنگ! اهي تمر جا وڻ ننڍڙا آهن، پر انهن جو قد پنجويهہ کان ٽيهہ فوٽ بہ ٿئي ٿو. درياءَ جي ڪنڌين تي جيڪي تمر جا وڻ ڏسي آيا آهيون سي سڀ ننڍڙا هئا.

ايتري ۾ ناکئي چانهہ ناهيندي آواز ڏنو.

ڊاڪٽر! اسين آدهياڙي درياءَ ۾ هلي رهيا آهيون.

ها... ٻيلي چانهہ ۾ اڃان دير آهي ڇا.؟ ڊاڪٽر کيس چيو.

نہ... مگن ۾ لاهي کٽي پيو اچان.

سارنگ آدهياڙيءَ درياءَ جي ڪنڌين تي تمر جي وٽن جا نظارا ڏسندو رهيو، ڪٿي ڪٿي اُنن جا وڳ بينا چرن، ٿڌڙي هوا گهلي رهي هئي، آدهياڙي ۾ هوڙا رَچَ هٽي لَهرن تي بينا لڏن. سارنگ آدهياڙي درياءَ مان نڪرندڙ چاڙن ۽ ڍورن کي ڏسندو رهيو،

ايتري ۾ ناکئو الهہ ڏنو چانهہ جا ٻہ مگا ڀري کٽي آيو، هنن کي چانهہ ڏئي ناکئو پنهنجي چانهہ کٽي سکاڻ تي وينو، قادر بخش اتي اچي ديگڙيءَ مان چانهہ لاهي ڊاڪٽر جي پير ۾ ويهي چانهہ پيئڻ لڳو. ڊاڪٽر جليل چانهہ جي سرڪي ڀري سارنگ کي چيو.

ادا... اسين ڪانئير درياءَ مان هلي رهيا آهيون. جيئن اهو جملو ڊاڪٽر چيو تہ سارنگ کي ناکئي الهڏني جي ڳالهہ ياد اچي وئي، پوءِ چانهہ جو مگو کٽي مشڪندو سکاڻ ڏي ويو ۽ ناکئي جي پرسان ويهي چانهہ پيئڻ لڳو. ناکئو بہ مشڪندي هن ڏانهن ڏسي وري درياءَ جي لَهرن کي ڏسندو چانهہ جو ڍڪ ڀريندو رهيو. هوڙو ڪانئير درياءَ جي ڪنڌي وٺي هلندو رهيو. سارنگ ڪنڌيءَ جي طرف نهاري ناکئي کي چيو.

"ناکئا! ڏي خبر..."

"ادا! جهڙي پڇو..."

توهان ان جوڙي کي ڪانئير جي ڪهڙيءَ ڪنڌيءَ تي اُڪاريو هو...؟

سارنگ جي ان سوال تي ناکئو مشڪي وينو، پوءِ چوڻ لڳو.

ادا... اها ڪانئير جي مياڻ هئي، جتي مون انهن کي لاٿو هو، پوءِ تن جي خبر ڪانہ پئي تہ ڪيڏانهن ويا، نہ ئي ڪانئن مون پڇيو، اسين ناکئا نياڻ جاٺو، پار اُڪارڻ جاٺو.

سارنگ چانهہ جو مگو کٽي موريءَ تي اچي وينو، ڊاڪٽر واچ کي ڏسي چيو.

سارنگ! ٻارهن لڳي پنجٽيهہ منٽ ٿيا آهن، هوڙو ڪانئير ڪريڪ مان هلي رهيو

آهي... ايتري ۾ ناکئو الهه ڏنو اچي هنن جي پرسان وينو، پوءِ ڊاڪٽر ۽ سارنگ کي چوڻ لڳو.

يار! توهين وينا ڪچهري ڪريو، منهنجي دل چيو آئون به وڃي ويهان... ڊاڪٽر مرڪي ڏنو.

واهه... ناکئا! ڪهڙي ڳالهه ڪئي اٿئي، ڀلا ڪجهه ٻڌاءِ.؟

ها سائين! چوندا آهن "سمنڊ جو پنڌ سوين ڪوهه..." ڪجهه پهاڪا ياد پيا اچن.ناکئي جي ڳالهه ٻڌي سارنگ درياءَ جي لَهرن تان نگاهه هٽائي چوڻ لڳو.

"ناکئا! ڪجهه ٻڌاءِ؟"

ادا... اڳي ماڻهو پنڌ گهڻوهلندا ها، مڙس گهوڙي جيان هلندو رهندو هو، ڪوهه جو پنڌ به ڪجهه ڪين پائيندو هو ۽ سگهڙ عورتون (مايون) گهر جي ڪم ڪار کان علاوه ڪي سڄو ڏهاڙو وينيون جنڊ تي اَن پيهنديون هيون، جنهن ۾ چانور، ٻاجهر ۽ ڪڻڪ جو اَن هوندو هو، جنڊ چڱي گهر جي علامت هوندو هو.

ناکئي جي چهري تي لَهرون ڇَنڊَ وجهي هليون ويون، هو مرڪي ڳالهه ڪرڻ لڳو.

هاڻ مڙسن جا پير پنڌ نه ڪن، گهرن مان جنڊ جا آواز اچڻ بند ٿي ويا. چوندا آهن "زالن کان جَنڊَ ويا، مڙسن کان پَنڌَ ويا."

"واهه... ناکئا... واهه!" ڊاڪٽر ۽ سارنگ گڏيل آواز ۾ چيو. ناکئو مسڪرائيندو اٿي وڃي سکاڻ تي وينو.

هوڙو هلندو رهيو،ڪانئير درياءَ جي ڪنڌيءَ جي پرسان آيو ته ڊاڪٽر ڪنڌيءَ تي اڏيل گهرن ڏانهن ڏسي چوڻ لڳو.

ادا سارنگ! اسان حاجي محمد فقيراڻي جت جي ڳوٺ پهچي ويا آهيون، پاڻ کي انهيءَ منجهه هلڻو آهي.

هوڙو ڪانئير درياءَ جي ڊوري ۾ داخل ٿيو ته ناکئي ٽنگ مشين بند ڪئي، هوڙو هوري هوري هلندو اچي گهرن جي پرسان بيهي رهيو. قادر بخش ناتاري هنئين، ڊاڪٽر گهرن ڏي نهاريندي چيو.

ادا... هي حاجي محمد ايوب فقيراڻيءَ جو ڳوٺ آهي، لهو... ڪنڌيءَ تي ٻارن راند پئي ڪئي، سارنگ جي نگاهه مسجد جي مٿان لڳل ڳاڙهي جهنڊي تي پئي ته هن ڊاڪٽر کان پڇيو.

ادا... جليل! ان جهنڊي جو مطلب ڪهڙو آهي...؟ ڊاڪٽر وراڻيو.

سارنگ! جڏهن جمعي جو ڏينهن ٿيندو آهي ته ڳوٺ وارا مسجد تي جهنڊو چاڙهين پوءِ اهو ڪهڙي به ڪپڙي يا رنگ جو هجي، جيئن درياءَ ۾ لنگهندڙ هوڙن ۽ ڪنڌين تي رهندڙ ماڻهن کي خبر پوي ته اڄ جمعي جو ڏينهن آهي، اچو اچي نماز پڙهو.

ڊاڪٽر، سارنگ، ناکئو ۽ قادر بخش هوڙي مان هيٺ لهي ڪنڌيءَ تي آيا. هلندا اچي مسجد جي پاسي ۾ اوطاق نهيل هئي ان ۾ وينا. ڊاڪٽر بيگ ۾ ٻارن کي ڦڙن

وارو سامان ڏسندي بيگ بند ڪري اها ڪٽي اٿيو ۽ سارنگ کي چيو.ادا... توهين اتي اوطاق ۾ ويهو، ٻارن کي پوليو جا ڦڙا پياري اچان ٿو.

ناڪئو پٽ تي وڇايل تڏي تي ليٽي پيو ۽ قادر بخش واپس هوڙي جي طرف هليو ويو. پندرهن ويهن منٽن کان پوءِ ڊاڪٽر واپس آيو، هن سان گڏ ٻه ٽي ڳوناٽا هئا.

ڊاڪٽر کي ڏسندي ناڪئو اٿيو  سارنگ ٻه اٺي سيني سان مليو. پوءِ سيئي هوڙي جي طرف آيا، ناڪئي هوڙو چالو ڪيو، قادر بخش ناتاري ڪنئين، ڊاڪٽر ڳوناٽن کان موڪلائي هوڙي ۾ اچي وينو، سارنگ ان کان اڳ اچي ويهي رهيو هو.

هوڙو ”ڪانئير درياءَ“ ۾ هلندو رهيو. ڊاڪٽر واچ ۾ ڏسندي چيو.

سارنگ! سوا ٽي ٿيا آهن، هوڙو ”باغ واري“ ۾ هلي رهيو آهي.

سارنگ باغ واري درياءَ جي ڪنڌيءَ تي تمر جي وڻن کي ڏسندو رهيو ته ڪيس ڊاڪٽر جليل چيو.

ادا... اها زمين ڪريم ڏنو شاهه ڳاڙهائي سيد جي آهي. هن وقت تنهن جو اولاد ريڙهي ۽ ابراهيم حيدري ۾ اچان ٻه رهي پيو. ڪريم ڏنو شاهه ڳاڙهائي سيد جي زمين ۾ هر قسم جي ميوات جا وڻ هوندا هئا. اهو باغ مل درياءَ جي مِني پاٽيءَ تي جيڪو سنڌو درياءَ مان ايندو هو ان تي آباد ٿيندو هو.

ڊاڪٽر ڪنڌيءَ طرف نهاري تمر جي وڻن مٿان اڏرندڙ اڇن ٻگهن کي ڏسندي وري سارنگ کي چوڻ لڳو.

ادا... سيد ڪريم ڏنو شاهه ڳاڙهائي وڏو ياڳيو هوندوهو، پڻ مالدار هو، ساڻ ۽ پاڏا وڏي شوق سان سانديندو هو، پاڻ ميلي ملاکڙي جو وڏو شوقين هوندو هو، هن وٽ سدائين ماڻهن جا ميلا ۽ ڪچهرا لڳا پيا هوندا هئا. هوڙو باغ واري درياءَ مان هلندو رهيو، اوچتو ناڪئي کي ڊاڪٽر آواز ڏنو.

”ناڪئا! هوڙو بيهار...“ جيئن ناڪئي هوڙو بيهاريو ته قادر بخش ناتاري هنئين، ناڪئو موريءَ طرف اچي ڊاڪٽر کي چيو.

”سائين! ڇا ڏنو اٿوَ...“ ڊاڪٽر مسڪرائي ناڪئي کي چيو.

”ناڪئا! رَڇ وجهه، ٻوڙ تيار ڪر، بک لڳي آ...“ ناڪئو مرڪي چوڻ لڳو.

”جي... سائين!“

پوءِ ناڪئي پُٽ کي اشارو ڪيو، هُن هوڙي مان ننڪڙيءَ رَڇَ جو ٽڪرو ڪنيو. پوءِ ٻنهي قميص لاهي سڪاڻ تي رکي، ۽ پاٽيءَ منجهه لهي ويا. ٻئي ڄڻا باغ واري درياءَ ۾ رَڇَ وجهي هلندا ويا، هوڙو هوا تي لَهرن سان گڏ پينگهه جيان لڏندو رهيو.

ڪنڌيءَ تي تمر جي وڻن جي ساين ٽارين تي هڪڙو ڪانءُ وينو ڪان... ڪان... ڪري، درياءَ ۾ سنهڙي مَڇيءَ جي اڇل ڏسي ڪانءُ اڏرندو لَهرن مٿان ڦيرو ڏئي واپس وڃي ساڳي جاءِ تي ويهي رهيو. سارنگ ناڪئي ۽ ان جي پٽ کي ڏسندو رهيو، جيڪي

رَڇَ وجهي باغ واري درياءَ جي ڪنڌيءَ طرف هلندا ٿي رهيا. ويهن پنجويهن منٽن کان پوءِ سي درياءَ مان نڪري ڪنڌيءَ تي چڙهي هلندا هوڙي جي طرف آيا... ڊاڪٽر جليل انهن ڏانهن نهاري سارنگ کي چيو.

ادا... پنهنجو ٻوڙ تي ويو، مَڇي ماري پيا اچن. ناڪئو مسڪرائيندو پاڻيءَ ۾ لهي هوڙي تي آيو، هن مَڇي هوڙي ۾ رکي چوڻ لڳو.

”ڊاڪٽر! چوڏيون ۽ ڦاڙ مَڇي آهي.“

”يار! هاڻ دير نہ ڪريو... بک ڏاڍي لڳي آهي.“

قادر بخش ست اٺ مَڇيون کڻي چلڻ ۽ صاف ڪرڻ لڳو. ناڪئو باهہ ٻاري، بصر چلي ديڳڙي باهہ تي رکي انہ گيهہ وجهي داڳ پچائڻ ۾ لڳي ويو، ايتري ۾ قادر بخش مَڇي چلي ناڪئي کي ڏني تہ هن مَڇي ديڳڙيءَ ۾ وجهي ٻوڙ پچائڻ لڳو. هوڙو درياءَ جي لَهرن تي لڏندو رهيو، ناڪئي جو پٽ هوڙي مان پاڻي ڪڍندو درياءَ ۾ هاريندو ويو... ناڪئو ديڳڙيءَ کي ڍڪ ڏئي ويسيءَ واري ڳنڍ کولي امن مان ڏاڻا، مرچ، لوڻ ۽ گدامڙي ڪڍي اچي ديڳڙيءَ ۾ وڌا.

سارنگ موريءَ تي آهلي پيو، آسمان بادلن سان پرجي ويو، ٿڌڙي هوا گهلي رهي هئي، ائين محسوس ٿيو ڄڻ برسات پوڻ واري هجي. ڊاڪٽر جليل کيسي مان سوپاريون ڪڍي وات ۾ وڌيون. لَهرون هوا تي لڏنديون اچي هوڙي سان لڳيون، چند وسائيندي يون هليو ويون.

ناڪئي الهہ ڏني پٽ کي آواز ڏنو.

”او... قادر بخش ٿالهہ ڌوئي ڏي، پوءِ ان ۾ چانورن جو اَٽو وجهي ڏيم“. ڊاڪٽر کي بک گهڻي لڳي هئي، سو ناڪئي ڏانهن نهاريندي چوڻ لڳو.

الهہ ڏنا... ماني ۾ دير آهي ڇا...؟

”نہ سائين! ڀاڄي تيار آهي، سگهو ئي ماني پچائي ٿو وٺان.“

”يار! وارو ڪر... ڪٿي برسات نہ وسي پوي.“

ڊاڪٽر اچي موريءَ تي وينو. الهہ ڏنو ڀاڄي لاهي، تئو دٻي جي مٿان رکي، پٽ کي آواز ڏنو.

”اَبُل! پَليٽون ڌوئي وَٺُ.“

”جي بابا...“ ائين چئي هو پَليٽون کڻي درياءَ مان ڌوئي اچي ناڪئي کي ڏنيون. ايتري ۾ هن تئي تان هڪ ماني لاهي پَليٽ ۾ ٻوڙ وجهي پاڻ کڻي ڊاڪٽر جي اڳيان رکندي چيو.

”ڊاڪٽر! ماني کائو... ايستائين ٻيون مانيون پچائي کڻي پيو اچان.“

سارنگ گرهہ کڻي وات ۾ وڌو تہ کيس ڀاڄيءَ ڏاڍو مزو ڏنو. هن ناڪئي ڏي نهاريندي چيو.

”ناڪئا... واهه جو ٻوڙ پچايو اٿئي...“ ناڪئو خوشي وچان مرڪي پيو.

شام جا ساڍا پنج ٿيا، هوڙو باغ واري درياءَ ڪان هلندو لَهرن سان راند ڪندو اڳتي وڌندو ويو. ڊاڪٽر سج جي ڪرڻن ڪي لَهرن مٿان ڪنهن ناريءَ جي چميءَ تي چمڪندڙ ستارن جيان ڏسي ٿو. هن جي نگاهه سامهون ايندڙ ٻيڙيءَ تي پئي ته هن ناڪئي الهڏني کي آواز ڏنو.

او ناڪا..! نندي درياهه ۾ سِڙهَه وارا پاٽ پيا اَچن.“

ڏسي ناڪئي ڏانهن نهاري چيو.

”او... ناڪئا...“

”جي... ڊاڪٽر...“ ناڪئي مرڪي جواب ڏنو.

”يار... چانهه پيار، پر جهڙي سوير پياري هيئي.“

ناڪئو پٺ کي اشارو ڪيو هو اچي سڪاڻ تي وينو. ناڪئو ڏٻي ۾ ڪانيون وجهي باهه ٻاري چانهه ڪاڙهڻ ۾ لڳي ويو. درياءَ ۾ وير اچي چڪي هئي، پاڻي ڪنڌين جي طرف وڌندو چاڙن ۽ ڍورن ۾ تيزيءَ سان ڊوڙڻ لڳو. سارنگ جي نگاهه ڪنڌيءَ جي طرف ويندڙ پاڻيءَ ڏانهن هئي. هوا تي تمر جا وڻ ڪنڌ ڌوڻيندا رهيا... ايتري ۾ ناڪئو ٽن مگن ۾ چانهه وجهي ڪٽي آيو. سارنگ ۽ ڊاڪٽر جي اڳيان ٻه مگا رکي ٽيون مگو هٿ ۾ ڪري پٺ ڏانهن اشارو ڪيو ته ان ڪيس جواب ڏنو.

”بابا... توهين پيو، آءٌ پوءِ پيئندس.“

ناڪئو چانهه جو ڍُڪ ڀري ڊاڪٽر ڏانهن اهڙي اندازسان ڏٺو، ڪائنس اڪين اکين ۾ چانهه جي باري ۾ ڄڻ پڇي رهيو هو. ڊاڪٽر زماني جو ماڻهو هو، ناڪئي جي نهار کي سمجهي ٿوري جهٽ لاءِ پنهنجو خيال تيز ايندڙ لَهرن ڏانهن ڪيو، جيڪي گهڻو تيزيءَ سان هوڙي ڏانهن وڌنديون آيون ۽ اچي هوڙي سان لڳيون. پاڻيءَ جي ڇَنڊَ برسات جيان وسائي هليون ويون... ڊاڪٽر چانهه جي سُرڪي ڀري مشڪي ناڪئي الهڏني کي چيو.

”واهه... الهڏنا... واهه... لَهرن جي ڇنڊ سان گڏ چانهه جي چسڪي اهڙو مزو ڏنو جو ٽڪ ئي لهي ويا...“

ناڪئو پنهنجي تعريف ٻڌي سارنگ جو خالي مگو ڪٽي اٿيو. درياءَ جي ڇولين جي پاڻيءَ سان مگو ڌوئي ان ۾ چانهه لاهي پٺ کي سُڪاڻ تي ڏئي واپس اچي ساڳي جاءِ تي ويهي رهيو. ڊاڪٽر چانهه پي مگو رکيو ته ناڪئو مگو ڪٽي ڌوئي، ڏٻي مان ڪانيون ڪڍي وسائي وجهي سُڪاڻ تي وينو.

ناڪئو هوڙي جو رخ موڙي ڪنڌيءَ جو پاسو وٺي هوري هوري هلندو رهيو. هوڙي جي مٿان بادل ٻه چانورو ڪري هلندا رهيا. ناڪئي درياءَ جي مست لَهرن ۾ نهاري جيئن متي نهار ڪري بادلن کي ڏٺو ته هن جي دل يادگيرين جي درد سان ڀرجي آئي، درياءَ ۾ ٽِڪَ ٻڌي گهوريندو رهيو. سارنگ ڪيس ويني ڏٺو، لَهرن جي شور جيان ڪئين سوال

هن جي ذهن ۾ مانداڻ مچائڻ لڳا. ناڪئي ڏانهن نهاري دل ۾ چيائين.

”ناڪئا درياءَ جي دل ٽيندا آهن، درياءَ جي درد سان گڏ هنن جو درد به سيني اندر ڌڌڪا ڪائيندو رهي ٿو.“

اهو سوچي هي موريءَ تان اٿي سُڪاڻ تي آيو. ناڪئي جي پرسان وينو ته ناڪئو پنهنجو خيال درياءَ تان هٽائي سارنگ ڏي ڏسي مشڪڻ جي ڪوشش ٿي ڪئي، پر مشڪي نه سگهيو. نيٺ سارنگ کان رهيو ڪونه ٿيو، هن ناڪئي الهڏني جي اکين ۾ نهاري چيو.

”ناڪئا!“

”جي... سارنگ چئو...“

”چوندا آهن ته ناڪئي جي دل درياءَ جيڏي ٿيندي آهي، پوءِ تون ڪهڙو ناڪئو ۽ مهاڻو آهين جو مَن جو ڀيد لڪايون وينو آهين. مان توکي ڏسندو پيو اچان، جنهن وقت کان سُڪاڻ تي اچي وينو آهين. سوچون تنهنجي چهري تي عجيب ۽ غريب لڪيرون ناهينديون رهن ٿيون، درياءَ جي وير جيان تنهنجو ڪنهن وقت منهن لهيو وڃي ته ڪنهن مهل ڏک جي وير ۾ وڪوڙجي ٿي ويو.“

ناڪئي اها ڳالهه ٻڌي سارنگ جي اکين ۾ نهاريو ۽ ڪجهه چئي نه سگهيو، لَهرون تيزيءَ سان اچي هوڙي سان لڳيون، هنن مٿان ڇنڊ وجهي هليون ويون. ناڪئي لَهرن ڏانهن ڏٺو ته سارنگ وري چوڻ لڳو.

”ناڪئا! تنهنجون نگاهون درياءَ جي ڇولين ۾ گهورينديون، ڄڻ ڪنهن شيءِ کي ڳوليندڙيون هجن.!؟“

ناڪئي کي سارنگ جي ڳالهه دل سان لڳي. هن دل ۾ چيو.

”توهين سُڪيءَ وارا درياءَ جي گهرائي ۽ مهاڻن جي درد کي ڇا ڄاڻو؟ هيءَ صدين جي درد ڀري ڪهاڻي آهي، جنهن کي هڪ پل ۾ٻڌائي نٿو سگهجي.توهين پهر ٻه پهر رهي، چند گهڙين کان پوءِ پَتڻ اُکري هليا ويندا، پر اسين هي ڪنڌيون، ٻيٺ ۽ ڪڙٻ ڪانن جا ٿهيل گهرڙا ڇڏي ڪيڏانهن ويندا سين. ها... سارنگ ڪيڏانهن ڪين ويندا سين. هن درياءَ جي لَهرن سان ۽ ڪنڌين جي اجڙيل وجود سان گهاٽو رشتو آهي، اسان ٻنهي پر ٽنهي جو درد هڪجهڙو آهي ۽ هڪبئي سان پيا ونڊيون ۽ ڏوريون.“

سارنگ هٿ وڌائي ناڪئي جي ڪُلهي تي رکندي چيو.

ناڪئا! اکين اکين ۾ تون ڪهاڻي ڪري وئين، پر ڪجهه پنهنجي زباني ٻڌاءِ... ناڪئي الهڏني ٿڌو ساهه ڀري چيو.

”سارنگ! تون سڪ وارو آهين، چند گهڙين ۾ پنهنجو ڪري وئين، ڀلا... پنهنجن کي من جي پيڙاهه ٻڌائبي آهي. هاڻ ٻڌ...“ ائين چئي ناڪئو لَهرن ڏانهن ڏسي وري سارنگ جي طرف منهن ڪري چوڻ لڳو.

”ادا... ڪنڌين جو ڏتڙيل وجود، هي ڇاڙون، ڇيچ، ٻيٽ ۽ ٻيلا... ۽ ڊورا سڀ اسان جي وجود جو حصو آهن... ۽ اسان جي زندگي...“ ايئن چئي ناڪئي آسمان ڏانهن ڏسي ڪنڌ هيٺ ڪري ڇڏيو. سارنگ هن جي طبعيت ڪي ڏسي دل ۾ چيو. ”هن جي جسم ۾ رت نہ پر درد ڊوڙندو رهي ٿو.“ لَهرون هوڙي سان لڳي ڇنداڻ وجهي هليون ويون. ناڪئي ٿڌو ساهہ ڀري چيو.

سارنگ! تو سوير صحيح پئي چيو. منهنجون نگاهون درياءَ ۾ ڪنهن شيءِ ڪي ڳولين پيون. ايئن چئي ماٺ ٿي درياءَ جي طرف نهاري چوڻ لڳو.

”سارنگ! هي درياءَ جو پاڻي ڪونهي، پر سمنڊ جو کارو پاڻي آهي، جيڪو دريائن ۽ ڦاٽن ۾ ڊوڙي پيو. آءٌ هن پاڻيءَ ۾ مٺي پاڻي جي بوندن کي ڳوليان پيو، جيڪي اسان جو وجود آهن، درياءَ جي سونهن، ڪنڌين جو جياپو... هاڻ ڪڏهن اهي بوندون هنن لَهرن سان گڏ ڊوڙنديون، مهاڻن جي زندگيءَ ۾ خوشين واريون لَهرون ڊوڙ پرينديون. يار... مون پاڻ کي پئي ڳوليو ۽ پنهنجي وجود کي...“ ايئن چئي ناڪئو پنهنجو منهن ٻئي طرف ڪري ڇڏيو، هن جي اکين مان ٻہ ٽي ڳوڙها ڳڙي درياءَ جي لَهرن ۾ گم ٿي ويا، جيڪي سارنگ ڏسي نہ سگهيو. هي ماٺ ڪري ناڪئي جي پير مان اٿي اچي موريءَ تي ڊاڪٽر جي پرسان وينو ۽ دل ۾ چوڻ لڳو. ”مون اجايو ڪيس ڏکارو ڪيو.“

هوڙو درياءَ جي مست لَهرن سان رانديون ڪندو، لڏندو هلندو رهيو، سج لهڻ واري هلڪي هلڪي ڳاڙهاڻ درياءَ جي لَهرن مٿان اڻ ڇٽو عڪس ڇڏيندي ٿي وئي. هوڙو ڍوري ۾ داخل ٿيو، سامهون ڪنڌيءَ تي مسجد ۽ ان سان گڏ هڪ اوطاق هئي، جنهن جي ٻاهران ڇهہ ست ماڻهو ويٺا هئا. سارنگ جي نگاهہ ڍوري ۾ بيٺل هوڙن ڏانهن ڪڇي وئي، جتي ٿوري ٿوري فاصلي تي هوڙا بيٺل هئا ۽ گهڻا هوڙا ڍوري جي ٻنهي طرفن ڪان سڪيءَ تي بيٺل هئا. ڊاڪٽر ماڻهن ڏانهن نهاري ناڪئي کي چيو.

”ناڪئا! ان ڳوٺ ۾ هلڻو آهي، هوڙو اوطاق جي پير ۾ ڪر...“ پوءِ ڊاڪٽر ڪنڌ ورائي سارنگ کي ٻڌائڻ لڳو.

”ادا... هي ڳوٺ جنهن ۾ اچي رسيا آهيون ۽ رات بہ هت ئي رهڻي آهي. هي ڳوٺ سمنڊ جي ڪناري تي آهي. اسين هن وقت ڇئو ڦير سمنڊ جي گهيري ۾ آهيون، هن ڳوٺ جو نالو ”ٽڪو“ آهي.“

هوڙو جيئن اوطاق جي پير وٽي بيهڻ لڳو، قادر بخش ناتاري اڇلائي تہ هوڙو ٿورو هلي سڪي سان اچي لڳي بيٺو. ماڻهو ڊاڪٽر ۽ ناڪئي کي ڏسندي ڇپن تي خوشي مان مرڪ آڻي اڳتي وڌي اچي بيهي رهيا. ڊاڪٽر ۽ سارنگ هوڙي مان لهي سُڪيءَ تي آيا تہ ناڪئو ۽ قادر بخش هوڙي ۾ سامان کي ناهڻ ۾ لڳي ويا.

ناڪئو سڌو ٿي بيهي ڳوٺ وارن ڏانهن مُنهن ڪري کين هٿ لوڏي چيو ”اچان پيو... اچان... سامان سولو رکي اچان پيو.“

هڪ همراهه آواز ڏنو تہ ڊاڪٽر مس مس آيو آهي، جي آئين، پلي ڪري آئين. پوءِ سيئي سڪ مان اچي ڊاڪٽر سان مليا.

پوءِ سارنگ کي هٿ ڏئي ناڪئي سان اهڙيءَ طرح ڪيڪار ڪئي جڻ ناڪئي جا اڳي کان سڃاڻو هئا. ناڪئو مرڪندو اچي سيني سان مليو، پوءِ سيئي اچي ڇني ۾ ڪچهري ڪرڻ لڳا. آسمان ۾ ڪڪر ڇائنجي ويا، هلڪي هلڪي ٿڌڙي هوا گهلي رهي هئي.

سارنگ ڊوري جي ٻنهي طرفن کان بيٺل هوڙن کي ڏسڻ لڳو، ڪي هوڙا سڪيءَ تي گهرن جي پرسان بيٺل هئا، تن جي پاسن کان ڪلراٺي زمين تي ٻارن پئي راند ڪئي. سارنگ انهن ٻارن تان نظر هٽائي، ڊوري ۾ بيٺل هوڙن کي ڏسڻ لڳو، جن ۾ ڪجهہ ماڻهو بيٺا رَڇَ کي ناهن، ڪي وري هوڙي ۾ سامان ناهڻ لڳا، شايد... اهي سمنڊ جي طرف وڃڻ جي تياري ۾ هئا.

بادل آسمان ۾ گهاٽا ۽ گهرا ٿي ويا، ڄڻ انهن ٽڪي ڳوٺ وارن جي سِڪَ کي سڃاتو هو ۽ هلڪي ڦوهار جيان وسڻ شروع ڪيو. پوءِ سيئي ڇني ۾ اچي ويٺا، ٿڌڙي هوا ڇني جي ڪانين جي سوراخن مان اندر اچي رهي هئي، ڪِنهن ڪِنهن مهل مِينهن جون ڪڻيون هوا سان گڏ اندر ٿي آيون، سيئي ڪچهري ڪرڻ ۾ لڳي ويا. اوچتو ويٺلن جي نگاهہ ڇني جي لنگهہ ڏانهن کڄي وئي، سارنگ بہ ان طرف نهاريو. هڪڙو پوڙهو شخص جنهن جي عمر اَسي سال جي لڳ ڀڳ هئي، ڇپن تي مرڪ آڻيندو لٺ جي سهاري ڇني ۾ داخل ٿيندي سلام ورايو تہ سيئي ان بزرگ جي احترام ۾ اٿي بيٺا، ڊاڪٽر جي پرسان بيٺل همراهه وڌي وڃي ڪيس هٿ ڏنو تہ ان پوڙهي شخص ڇني جي ڪنڌي سان لٺ رکي اڳتي وڌيو سيئي ڪيس هٿ ڏيندا پٽ تي وڇايل تڏيءَ تي ويهندا ويا. پوڙهو شخص وينو تہ هڪ ڄڻي ڊاڪٽر ڏي نهاري چيو.

ڊاڪٽر صاحب! توهان چاچا کي سڃاڻو.؟

ها... اسان جي پراڻي ملاقات آهي... ڊاڪٽر موٽ ۾ چيو.

پوءِ پوڙهو شخص ان همراهه کي نالي سان سڏيندي چيو.

مولوي محمد عظيم! اسان جا ڊاڪٽر سان پراڻا ناتا آهن.

پوءِ ڊاڪٽر مشڪي سارنگ کي چيو

ادا... هي چاچو محمد علي عرف شوڪت ذات جت اوڙڪ ٻيلائي آهي. اها ڳالهہ ٻڌي سارنگ ڪيس چتائي ڏسڻ لڳو ۽ دل ۾ سوچڻ لڳو تہ ”اهڙي برسات ۾ ڪيئن چاچو محمد علي آيو آهي، شايد ڊاڪٽر جي خبر تي آيو آهي.“

سارنگ انهن خيالن ۾ هو تہ چاچو محمد علي چوڻ لڳس.

”اَبُل نوجوان! نالو ڇا اٿئي؟“

”چاچا! منهنجو نالو سارنگ آهي.“

واهہ پلا سائين سارنگ... تون آيو آهين تہ آسمان ۾ سارنگ بہ ساڻ ڪري آيا آهن،

جي آئين پلي ڪري آئين.

”چاچا... مهرباني.“

ڪچهريءَ کي وڌائيندي ڊاڪٽر چوڻ لڳو،

”چاچا! هي اسان جو دوست سارنگ آهي، هن کي سوڪي ڏسڻ جو شوق هو، سو اسين سوڪي بَندَر ڏسي اتان اچون پيا.“

سوڪيءَ جو نالو ٻڌندي چاچو محمد علي ٿڌو ساهه ڀري سيني ڏانهن نهاري، ماضيءَ جي خيالن کي ذهن جي پڙدي تي ڏسندو ڊاڪٽر ۽ سارنگ کي چوڻ لڳو.

اَبُل... سوڪيءَ ۾ اسان ڪئين ساوڻيون گهاريون آهن، سوڪي ۾ سارين جون ملون هونديون هيون، سوڪيءَ جنهن درياءَ تي هو ان جو ن سڀ ڪنڌيون ماڻهن ۽ ميلن سان آباد هونديون هيون، اسين ڪم ڪار سان ڪپڙو گندي يا ڪوٽ ٽوٽ ۾ اَن ڪپندو هو تہ سوڪيءَ مان وٺڻ ويندا هئاسين.

چاچو محمد علي ڪجهہ سوچي وري چوڻ لڳو.

اَبُل جليل! تنهن وقت ۾ بهاري لڳي پئي هوندي هئي، سوڪيءَ جي سونهن بابت چا توهان کي ٻڌايان، بس اهي ڏينهن ڪهڙا هئا... واهہ جا ڏينهن هئا. جڏهن سنگت وارا ايندا هئا، تن کي منائي وغيره ڪارائڻ ۽ گهمائڻ لاءِ سوڪي وٺي ويندو هوس. سوڪيءَ جي بازار ۽ دڪان ڏيکاري چانهہ پياري، خوش ڪري ڪين پوءِ چوندو هئس.

”هاڻ ٻڌايو ڪم ڪار جو...“

ادا... محمد علي! اسين توسان ملڻ آياسين، تو سوڪيءَ جون منايون ڪارايون... ڪوڙ ٿيو، سڪ پوري ٿي. پوءِ اهي سنگت وارا موڪلائي چوندا هئا.

ادا محمد علي! وجون پيا پنهنجي ڳوٺ، سنهڙي واهہ درياءَ ۾ چڙهي، جنگهہ درياءَ کان ٽيندا، واپس ڪاروچاڻ پَتڻ تي هليا ويندسين.

چاچو محمد علي سنگت ۽ جوانيءَ واريون ڳالهيون ياد ڪندي ڊاڪٽر ڏي نهاري چوڻ لڳو.

اَبُل... ڊاڪٽر! اسان جا مائٽ ڪور واهہ ۽ گولاڙچي مان ايندا هئا، صرف سوڪيءَ جي منائي ڪائڻ لاءِ. جڏهن واٽيا هليا ويا. پر اهي منايون جڻ پاڻ سان ڪٽي ويا، پوءِ سوڪيءَ جي سونهن بہ اجڙندي وئي، هوري هوري منو پاٽي ويو ڪٽندو، سوڪيءَ کي ويا سور ورائيندا، سي ماڳ اسان جي اکيان ڦٽڻ لڳا. دريائن جون ڪنڌيون سڪنديون ويون، ڪنڌين وارا قربائتا ڪک اجڙندا ويا. چوندا آهن ”سوڪي ڦٽي، ڪارو چاڻ وٺو، پوءِ نئون ڪيٽي وٺو.“

اوچتو ماڻهن جي گوڙ جو آواز چني ۾ آيو... بہ نوجوان چانهہ جا ٿرماس ڀري آيا، انهن سيني کي چانهہ پياري. چانهن جي سرڪي ڀريندو هر ڪو موسم جو مزو وٺندو رهيو. رات پنهنجي چادر ڌرتيءَ مٿان وڇائي ڇڏي، پوءِ هڪ هڪ تي ڪري ڊاڪٽر ۽

سارنگ کان موڪلائي ويا.مولوي محمد عظيم وينو رهيو، هڪڙو ٻيو نوجوان اٿي چوڻ لڳو.

ڊاڪٽر صاحب! آءٌ اچان ٿو، مانيءَ ۾ ٿوري دير لڳندي.

”جي ادا...“

ٿڌڙي هوا ڇني جي اندر اچي رهي هئي، برسات بہ بيهي چڪي هئي، سارنگ کي مِنيءَ جا خيال ورائي ويا. اندر ۾ بي چين ٿيڻ لڳو. هن دل ۾ سوچيو. اچ اڱارو آهي، اربع جي رات آ، حاجن سان ڪيئن بہ ڪري سياٽي ڪاروڇاڻ ۾ ملڻو آهي ۽ اتان ڳاڙهي وڃڻو پوندو. هي انهن خيالن ۾ هو تہ ڪيس ڊاڪٽر چوڻ لڳو.

”سارنگ!“

”جي... جي... ڊاڪٽر!“

ڇا پيو سوچين، ڪٿي وڃڻ واري ڳالهہ تہ نہ سوچي رهيو آهين؟ سارنگ مرڪي ڏنو، جيئن ڊاڪٽر کي بي قراريءَ جو پتو نہ پوي. ڇو تہ هن ڊاڪٽر کي ڪجهہ بہ نہ ٻڌايو هو، پوءِ کلي چوڻ لڳو.

”ڊاڪٽر! مان ويندس...“

”ڪيڏانهن...“ ڊاڪٽر وڏيڪ پريشان ٿي ويو تہ هن کي ويني ويني ڇا ٿي ويو آهي جو وڃڻ جي وائي وات ۾ آئي اٿس.

سارنگ! خير تہ آهي، ويني ويني ڪهڙو پُور پئجي ويو اٿئي؟

ڊاڪٽر! مون کي ڪاروڇاڻ سياٽي ڪنهن بہ حالت ۾ پهچڻو آهي، ادا رحيم بخش کان موڪلائي اتان ئي ڏينهن جو هليو ويندس.

يار! ڪاروڇاڻ موٽي هلنداسين، اسان کي هڪ ڏينهن رستي ۾ پئجي ويندو.

”نہ يار... ڊاڪٽر ائين نہ، ڪا سواري ڏس.“

”سواري“ ڊاڪٽر مرڪي ڏنو ۽ کلي چوڻ لڳس.

ادا... تون خشڪيءَ تي ڪين آهين، سمنڊ جي گهيري ۾ آهين، ٽڪو آخري ڳوٺ جتن جو آهي، ڇٺو ڦير سمنڊ ئي سمنڊ آهي.

اها ڳالهہ ٻڌي سارنگ پريشان ٿي ويو، هن کي سست ڏسندي ڊاڪٽر من ۾ چيو ”مون کي سارنگ سان مذاق نہ ڪرڻو هو“ پوءِ دلداري ڏيندي چيائين.

ادا... سارنگ! تون هيڻو نہ ٿي، ڪيئن بہ ڪري توکي سياٽي ڪاروڇاڻ پهچائبو. صبح جو سوير ڏسندا سين، هتان هوڙا برف ڪٽڻ لاءِ ڊانديو تڙ ضرور ويندا، ڇو تہ اهي برف ڪٽي پوءِ سمنڊ ڏانهن مَڇي مارڻ ويندا آهن.باهر ڪيترائي هوڙا بيٺا آهن، تن مان ڪجهہ سمنڊ ڏانهن ويندا. باقي توکي ڪنهن نہ ڪنهن هوڙي ۾ ويهاري ڇڏيندس. اهي توهان کي ڊانديو تڙ تي رسائيندا، پوءِ توهان اتان سڌو ڪاروڇاڻ هليا ويندا.

سارنگ اها ڳالهہ ٻڌي خوش ٿيو، هي هڪڙو دفعو ڊانديو تڙ تان ڪاروڇاڻ آيو هو.

سنواٽيءَ جي گاڏيءَ جو هن کي خيال پيو، پوءِ ويتر سندس من ٽڙي پيو.

”ڊاڪٽر! اهو صحيح آهي.“

ايتري ۾ ماني آئي، سيني گڏجي ماني کاڌي. ماني کائڻ کان پوءِ ڳوناٽا ڪچهري ختم ڪري پنهنجن پنهنجن گهرن ڏانهن هليا ويا. ڊاڪٽر کي هڪ دم ننڊ اچي وئي، ناڪو الهه ڏنو ۽ ان جو پُٽ ڪچهري هلندي ئي ڪنڊ ۾ ننڊ پئجي ويا هئا. درياءَ ۾ لهرن جي گوڙ جو آواز ٿڌڙي هوا سان گڏ اندر ٿي آيو ۽ سارنگ جي خيالن ۾ هلچل مچائيندو هليو ويو. هن پنهنجو پاڻ سان ڳالهايو.

آءٌ ڪهڙن پيچرن تي هلان ٿو، هي سڀ اڻ ڏٺل گس ۽ راهون. ڪٿي آءٌ پنهنجي منزل وڃائي ته نه رهيو آهيان. مِنيءَ جي ڳولا ڪرڻ بجاءِ ڊورا، چاڙون چيچ ڏسندو پيو وتان. نه... نه.... مِني به هِنن پَٽن جي آهي.“

هي پاڻ کي دلاسو ڏيندي اٿي ٻاهر آيو رات جي اونداهيءَ ۾ گهور وجهي نهاري ٿو. ڊوري جي ٻنهي پاسن کان بيٺل هوڙن ڏانهن نهاري اونداهيءَ رات سان ڳالهائڻ لڳو.

”اي رات جيئن تنهنجي اونداهيءَ جي ويدن جي خبر نه ٿي پوي، تيئن منهنجي منزل ۽ زندگيءَ جا رستا اوندهه ۾ٽجي پيا آهن. ڪاش هنن اونداهي رستن مٿان مني چانڊوڪيءَ جو پاڇو پوي ته، پوءِ منزل جو گس ڳولي ان طرف هليو وڃان ۽ پنهنجي منيءَ کي ڳولهي وٺان.“

سارنگ اونداهيءَ ۾ پنهنجو پاڻ سان ڳالهائيندو وري اندر آيو پنهنجي جاءِ تي ليٽي پيو. وري سوچن جي سمنڊ ۾ ڪنهن طوفان ۾ ٽتندڙ هوڙي جيان هي خيالن ۾ ٽتندو، ڀڄندو، خيالن جي لهرن ۾ لڙهندو رهيو. ڪنهن ڪنهن وقت درياءَ ۾ هلندڙ هوڙن جي ٽنگ مشين جي بند ٿيڻ ۽ چالو ٿيڻ جا آواز سارنگ کي سوچن جي سمنڊ ۾ ٻڏڻ کان بچائي ٿي ورتو. هن پنهنجو پاڻ سان ڳالهايو. منهنجي زندگي هيئنر هوڙي جي بند ٽنگ مشين وانگر ٻٽجي وئي آهي. هي بي چينيءَ وچان پاسا ورائيندو رهيو .وري مِنيءَ جي خيالن ۾ ايئن گم ٿي ويو. جيئن سمنڊ جي اٿاهه گهرائيءَ ۽ پاتال ۾ وڏا ٻيڙا گم ٿي ويندا آهن.

ٿڌڙي هوا چني ۾ اندر اچي رهي هئي، ڪنڊ ۾ ستل ناڪئي جي هڪ وڏي کونگهري جي آواز تي سارنگ ڇرڪي پنهنجي وجود کي واپس پسي ٿو. ۽ هڪ ڦيرو ٻيهر اٿي ٻاهر وڃي ٿو. چني کان ٿورو پر پرو ڊوري ۽ سڪيءَ تي بيٺل هوڙن کي ويجهي کان اچي ڏسڻ لڳو. جيڪي رات جي خاموشي ۾ پنهنجي ماضيءَ جا ڪيترائي قصا ۽ ڪهاڻيون بيان ڪري رهيا هئا. درياءَ ۾ اوچتو ڪنهن هوڙي جي اچڻ جو شور هوا تي هن جي ڪنن کي ڇهي هليو ويو. هي ڪنڌ ورائي درياءَ جي طرف نهاري ٿو ته هوڙي کي ڊوري جي طرف ايندو ڏسي هي پنهنجي چني ۾ هليو آيو۽ بستري تي آهلي پيو. چني ۾ ايندڙ ٿڌڙي هوا هن جي ساٽي وجود کي ننداکڙو ڪري هلي وئي.

صبح جو سارنگ جي اک کلي وئي، ڊاڪٽر هن کان اڳ ۾ اٿي ٻاهر ويو، سارنگ جيئن اٿي وينو تہ ڊاڪٽر کي نہ ڏسي هي هٿ منهن ڌوئڻ جي لاءِ ٻاهر آيو، ڇني جي ٻاهران ناڪئو ۽ ڊاڪٽر ٻئي ڪچهري بينا ڪن، مهاڻا سڪيءَ تي بينل هوڙن کي هيٺ لاهي رهيا هئا، ان وقت آسمان ڪڪرن سان پرجي ويو، هلڪي هلڪي برسات وسڻ لڳي، سڪيءَ تي هوڙي جي پرسان ويهارو کن ماڻهو بينا هئا، سيني جا پير اگهاڙا، سي جوئار جي خوشيءَ ۾ بينا هئا، تن هوڙي کي ڍوري ۾ لاهڻ جي تي ڪئي. ناڪئو الهہ ڏني چيو.

”سارنگ! اهو هوڙو گهاڙيتو آهي، تنهن جو نالو ”المبارڪ“ آهي، هر هوڙي تي مالڪ پنهنجو نالو رکندو آهي. اهو هوڙو محمد حنيف جت اوڙڪ بولائي جو آهي.“ سارنگ هوڙي وارن ڏانهن ڏنو، جن آواز تي ڏنو.

”اچو اچو... هوداريو...“

”اچو... اچو...“

”جهليو... جهليو...“ هڪڙو نوجوان جنهن جي هٿ ۾ ڪاٺيون هيون، هوڙي کي ڏيڻ لاءِ سڪاڻ جي پاسي ۾ آيو، جيڪي ماڻهوهوڙي جي موريءَ طرف بينا هئا، سي سيئي سڪاڻ طرف آيا، نوجوان جنهن جي هٿن ۾ پين جي ڪانيءَ جا ٽي چار فوٽ ڊگها ٽُڪرا هئا، تن هوڙي جي پاسي ۾بيهي آواز ڏنو.

”ڪٽو... ڪٽو...“

”ها... ٿورو... اٿار... اٿار...“

هوڪانيون هوڙي جي سڪاڻ جي هينان ڏئي، ٿورو پوئتي تي وري آواز ڏنو.

”اي... رکينس اٿي...“

”ها... اوري ڪر...“

وري ڏهہ پندرهن ماڻهو هوڙي جي موريءَ طرف ويا. هڪڙو نوجوان ڪاني ڪٽي هوڙي جي هينان پاسي کان ويهي آواز ڏنو.

اٿاريو... اٿاريو... تہ انهن ماڻهن هوڙي جي موريءَ وارو حصو مٿي ڪيو تہ ان جوان هينان ڪانيون ڏئي پوئتي ٽيندي چيو.

”اڙي... هوداريو...“

”اٿاريو... اٿاريو...“

هوڙي کي ماڻهن ڏکي ڏوري ۾ اچي لاتوته نعرا لڳي ويا.

سارنگ ڏوري جي طرف نهاريو ته ڇهه ست هوڙا جيڪي پري کان سڪيءَ تي گهرن جي اڳيان بيٺل هئا، سي سڀ ڏوري ۾ ڏنائين، ڏوري ۾ ميلو لڳي ويو، ڪن هوڙن ۾ جت ملاحن مَڇي مارڻ جي لاءِ درياهه جي طرف وڃڻ جي تيار ٿي ڪئي ۽ پنهنجو سامان انهن هوڙن وجهي رهيا هئا. ايتري ۾ وير اچي گهرن کي گهيرو ڪري ڇڏيو هو. ڏوري جي ٻنهي طرفن کان گهر تڪ جيان نظر ٿي آيا. سارنگ وير کي ڏنو پئي ته ڪيس منيءَ جا خيال وڪوڙي ويا. اوچتو ڏوري ۾ هوڙي جي ٽنگ مشين جو آواز آيو ته، سارنگ جا خيال ٽٽي پيا ۽ چني جي طرف ڏسڻ لڳو ته، ڊاڪٽر ٻن ڄڻن سان ڪهچري ڪري رهيو هو  ته ايتري ۾ هڪڙو هوڙو اوطاق اڳيان گذرڻ لڳو ته هوڙي ۾ سڪاڻ تي وينل ناڪئو مرڪي ڊاڪٽر ڏي نهاري چيو.

ڊاڪٽر! اسين ڊانڊو تڙ پيا برف ڪٽڻ وڃون،هلندين ڇا...؟

ڊاڪٽر ناڪئي کي ڏسي وري سارنگ کي چيو.

”ادا... جي توهان وڃڻ چاهيو ته هن هوڙي ۾ چڙهي ڊانڊو تڙ تي وڃو، اسين به سياڻي شام تائين رسي ويندا سين“ائين چئي ناڪئي کي ڊاڪٽر ٻيهڻ جواشارو ڪيو. ناڪئو هوڙو کي اوطاق جي ڀر ۾ اچي سولو ڪري بهاريو، جيئن مهمان کي چڙهڻ ۾ تڪليف نه ٿئي.

سارنگ پنهنجو ٿيلهو کڻي سيني کان موڪلائي هوڙي ۾چڙهيو. سارنگ کي سيني هٿ لوڏي الوداع ڪيو.

هوڙو شور ڪندو مَل درياءَ مان هلندو رهيو، پري کان درياءَ ۾ پندرهن ويهه مينهون قطار ۾ ڪنڌ متي ڪنديون پاڻيءَ ۾ ترنديون ٿي ويون، انهن جي پنيان وري مينهن تي هڪڙو همراهه وينو لڪڻ جي اُلر ڪندي اشاري سان وڏو آواز ڪندو مينهن کي مَل درياءَ جي ٻي ڪنڌيءَ ڏانهن وني ٿي ويو.

سارنگ جنهن هوڙي ۾ وينو هو، ان ۾ هڪڙو ٻارهن سالن جو ٻار هو، ٽي ماڻهو ٻيا به هئا، ناڪئو ٽنگ مشين جي ڀر ۾ هڪ پڪي عمر وارو همراهه جنهن جي عمر ستر سال هئي، پنهنجو تعارف ڪرائيندي سارنگ کي چيو.

مهمان ادا! تون ڊاڪٽر جو نه پر اسان جو مهمان آهين، منهنجو نالو محمد علي جت اوڙڪ ونگائي آهي. سارنگ جيئن نالو محمد علي ٻڌو ته ڪيس رات وارو پوڙهو ياد اچي ويس پوءِ دل ۾چيائين. ان جو به نالو محمد علي هو، پاڻ جت هو،”ٻيلائي“ اوڙڪ وارو هو.

ادا! سڪاڻ تي وينل ناڪئو علي جت اوڙڪ ونگائي آهي. ان جي پاسي ۾ وينل ڇوڪرو جنهن کي نيري رنگ جي قميص پهريل هئي. ادا... اهو ڇوڪرو ممتاز آهي، ايتري ۾محمد علي جي هم عمر همراهه اچي سارنگ ۽ محمد علي جي ڀر ۾ وينو ته

محمد علي ان جو تعارف ڪرائڻ لڳو.

ادا... هي احمد خليفو جت ونگائي آهي. هوڙو درياءَ مان تيزيءَ سان هلندو ٿي رهيو، جو ڪين واپس اچڻو بہ هو. مَل درياءَ ۾ هڪڙو هوڙو رَڃ پوڪيندو ٿي رهيو، ان وقت صبح جا ساڍا نوَ ٿيا هئا، محمد علي درياءَ ۾ بيٺل هوڙن ڏي نهاري چيو.

ادا... اهي هوڙن وارا "ڪوڪا" مَڇي ماري رهيا آهن، اسين سمنڊ ۾ وينا آهيون، هي سمنڊ جو ڪنارو آهي، ائين چئي اوپر طرف نهاريندي چيو.

ادا... اوپر طرف مَل درياءَ جي چيڙي تي احمد فقيراڻي جو ڳوٺ آهي، ان ڪان پوءِ سمنڊ ئي سمنڊ آهي، ان ڳوٺ جي پرسان سمنڊ جي ڪناري تي ڪانئير درياءَ تي آخري ڳوٺ ايوب فقيراڻيءَ جو آهي.

محمد علي سگريٽ دکائي درياءَ ۾ نهاريندي چيو.

ادا... منو پاڻي ڪونهي، ماڻهو پنهنجا اجها سون جهڙا ڇڏي ويا... ڏس درياءَ ۾ ڪنڊين تي ماڻهن ۽ ميلن ۽ مرڪن ڪان سواءِ... هاڻ رڳو ڪانوَ ڪان... ڪان... ڪندي نظر اچن ٿا. اسين جڏهن انهن ڪنڊين کي ڏسندا آهيون تہ ننڍپڻ وارا خيال ۽ يادگيريون چولين جيان اچي ذهن کي لوڏي ويندريون آهن.

سارنگ ڏٺو تہ چاچا محمد علي وڏيڪ ڏکارو ٿي ويو ۽ چوڻ لڳو تہ اسان جي ڳوٺ ٽڪو ڪان نڪرندي ٿوري پنڌ تي جت حاجي غلام حسين ونگائي جو ڳوٺ هو، سو لڏي ويو، هينئر مور چڏائي ڳوٺ ۾ وينو آهي ۽ ٻيو ڳوٺ حاجي ابراهيم جت ونگائي اهو پڪي تي جنگي سر تڙ تي وينو آهي. سامهون درياءَ ۾ هوڙو هلندو رهيو. سارنگ ڪنڌيءَ تي ٽيهارو ڪن هوڙا بيٺل ڏسي نهاريندو رهيو تہ چاچا محمد علي چوڻ لڳو.

ادا... اهو ڳوٺ احمد خان جو آهي، جنهن جي ڪنڌي تي هوڙا بيٺل ڏسو ٿا پيا ۽ هوڙو جيڪو وجي ٿو پيو اهو مَل درياءَ ڪان گذرندو پيو وجي. سارنگ وري هوڙن ڏانهن نهارڻ لڳو تہ چاچو محمد علي چوڻ لڳو.

ادا... مهمان! اسان جو هوڙو ٽن دريائن جي چوڪ وٽ آيو آهي، هت ٿي درياءَ پاڻ ۾ملي محبتون ونديندا آهن.

1. ڪرانو درياءَ.

2. مل درياءَ.

3. روڙو درياءَ.

جيئن اها ڳالهہ سارنگ ٻڌي تہ هي چاهہ ۽ پريت مان ٽنهي دريائن کي ڏسندو رهيو. ٽنهي جو رنگ ساڳيو هو، سارنگ دل ۾ چيو. نيئن ماڻهوءَ کي تہ هي ڳالهہ سمجهہ ۾ نہ ايندي، سارنگ ٽنهي دريائن جي ميل کي ڏسندو رهيو تہ هن جا خيال منيءَ ڏانهن هليا ويا. هي خيالن ۾ منيءَ سان ملڻ واريون ڳالهيون ڪري رهيو هو. ايتري ۾ تيزيءَ سان چوليون اچي هوڙي سان لڳيون، هن کي چرڪائي هليون ويون. سارنگ پاڻ سنڀاليندي

محمد علي ڏانهن ڏسي ماٺ ٿي ويو. اوچتو هن جي نگاهه مَڇيءَ تي پئي، جيڪا اڇل ڏيندي پئي وڃي، ڪنهن وقت درياءَ ڪان مٽي اڇي وري پاڻيءَ ۾ ٽبي ٿي هنيائين.

چاچو محمد علي هن جو ڌيان ان طرف ڏسي چيو.

ادا... اها مالار مڇي آهي، هن مڇيءَ مان مهاڻا چربي ڪيندا آهن ۽ اها چربي هوڙن کي مکيندا آهن. جيئن ڪاٺ ۾ گُهٽو، سُرو يا پاڻيءَ وارو جيت ڪاٺ کي خراب نہ ڪري، ڇو تہ سمنڊ جي پاڻيءَ ۾ خطرناڪ جيت ٿين ٿا، ٻي ڳالهہ اهي جيت هوڙي کي چنبڙي ويندا آهن، اسان روڙو درياءَ مان هلي رهيا آهيون. پوءِ سامهون ڳوٺ ڏانهن ڏسندي چيائين، اهو ڳوٺ عارف ونگائي جو آهي.

سارنگ درياءَ جي چولين کي ڏسندو رهيو، ڪنهن ڪنهن وقت بادل آسمان ۾ ڊوڙندا ٿي رهيا، هوا تيز لڳي رهي هئي. سارنگ سمجهي ويو تہ جاڻ برسات وسڻ واري آهي، جيئن هن چاچا محمد علي ڏانهن نهاريو تہ چاچو محمد علي چوڻ لڳو.

ياءُ... ڪاري پاڻيءَ کي ڏَندَ ٿيندا آهن، جيڪو زمين کي ڪائيندو رهندو آهي. پر مِٺي پاڻيءَ کي ڏَندَ نہ ٿين، منو پاڻي مهاڻن ۽ مٽيءَ لاءِ جياپو ۽ زندگي ڏيندو آهي.

هوڙو هلندو رهيو، روڙي درياءَ ۾ مهاڻن کي مَڇي ماريندي سارنگ ڏسي ٿو تہ هن جي ڪن تي چاچي محمد علي جوآواز آيو.

ادا مهمان! اهي مهاڻا جيڪي ڏسو پيا، جيڪي ريتڙي هوڙي ۾ پَلي جو رَڇَ ڪٽي بيٺا آهن، جڏهن پَلي جي ڳالهہ هلي تہ چاچو خليفو جيڪو خاموش وينو هو، تنهن چيو.

ادا... اسين جوئار ۾ پنجاهہ پنجاهہ پلا ماريندا هئاسين، پر هينئر پَلو تمام گهٽ، نہ هئڻ برابر مري ٿو. ويچارا جت مهاڻا ڪيڏانهن وڃن، ٻچن جو گذر ڪرڻو آهي... هوڙو هلندورهيو، سارنگ هوڙي جي طرف ڏٺو تہ چاچو محمد علي چوڻ لڳس.

ادا... روڙي درياءَ جي ڪنڌيءَ وٽ محمد جت رتاڻي جو ڳوٺ ڏسو، ان جو اهو هوڙو آهي جيڪي رَڇَ پوکڻ پيا وڃن. روڙي درياءَ جي اوپر ۾ ڳوٺ مصري مور جت سوڍائي جو ڳوٺ آهي. هوڙو هلندو رهيو، درياءَ ۾ رَڇَ لڳل هو، ان کي احمد خليفو ڏسندي ناکئي کي آواز ڏنو.

او... ناکئا! ٽانڊيو ملاح جي هوڙي جو رَڇَ لڳل آهي، خيال سان پڙدو مٽي ڪر... پوءِ ناکئو هوڙي جي تنگ مشين بند ڪئي ۽ هوڙي کي رَڇَ مان گذاري وري مشين چالو ڪئي، هوڙو هلندو رهيو، روڙي درياءَ جي مٿاهين ڪنڌيءَ ڏي نهاري احمد خليفو جت چوڻ لڳو.

ياءُ... اهو ڳوٺ عبدالله ملاح جو آهي. هوڙو هلندي سارنگ ڏنو تہ چاچو محمد علي گهريءَ ننڊ ۾ پيو آهي. هوڙو پينگهہ جيان لوڏا ڪائيندو درياءَ مان هلندو رهيو. هوڙو درياءَ جي ڪنڌي وني هلندو رهيو. احمد خليفو ڪنڌيءَ جي طرف نهاري چيو.

ادا...ڪنڌيءَ تي ڳوٺ ڏسو پيا، اهو سليمان ٽانڊيو جو ڳوٺ آهي... هوڙو اڳتي هلندو رهيو. ڪنڌيءَ جي طرف احمد خليفو نهاري چيو.

ادا... اهو عرس دانڏل جو ڳوٺ آهي. ڪنڌين تي جيڪي ڳوٺ هئا، اهي ڪٽاٻ ۽ ڪانن جا نهيل هئا، ڇدا ڇدا گهر ڪٽي ڇهه ست گهر هئا ته ڪٽي ڏهن ڪان متي هئا، ڪنڌي تي ڪابہ پوک ۽ آبادي نہ هئي. ”پلا...ڪاري زمين پوک مان ڇا ڄاڻي، اڻ تارو ماڻهو محبت مان ڇا ڄاڻي.“

هوڙو هلندو رهيو، اوچتو ٽنگ مشين جي چين ٽٽي پئي، هوڙو درياءَ جي لهرن جي آسري تي بيهي رهيو. چاچ محمد علي سجاڳ ٿي وينو، سگريٽ دکائي درياءَ ۾ نهاريندو چيو.

ياءُ... هوڙو نهي هلندو تہ سنڌو درياءَ ۾ داخل ٿينداسين. سارنگ ڏنو تہ هوڙو لهرن جي زور تي هلندو ٿي رهيو، هن جيئن لهرن کي ڏنو تہ برسات بہ اچي وسڻ شروع ڪيو. ڇئو ڦير اونداهي ئي اونداهي ٿي وئي ۽ برسات تيز ٿيندي وئي. آسمان ۾ وڄڙين جي چمڪاٽ خوفنائتن آوازن سان چمڪان ڪندي درياءَ جي مٿان اچي ڪري ٿي. چاچو محمد علي وڏو ٽوال ۽ پلاسٽڪ ڪڍي پاڻ کي ۽ سارنگ کي ويڙهيو، محمد خليفو بہ پاڻ کي ڪمبل سان ڍڪيو، جيڪو چوڪري آٽي ڏنس. ناڪئو ۽ چوڪرو برسات ۾ ٽنگ مشين جي چين ٺاهيندا رهيا، چاچو محمد علي ڪجهہ سوچي سارنگ کي چوڻ لڳو.

”ادا... پريشان نہ ٿيو... هيءَ موسم اهڙي آهي، درياءَ جي دڏڪن سان آسمان جي بجليءَ جا چمڪاٽ ڏسندي عام ماڻهو خوف ۾ ونجي ويندو آهي. پر توهين سُست نہ ٿيو جلديءَ ۾ هوڙي جي چين نهي ويندي. هتان ڍانڊيو تڙ ويهن پنجويهن منٽن جو پنڌ آهي.“

ناڪئو هنن ٻنهي ڏانهن نهاري جڻ چئي رهيو هجين آئون جلديءَ ۾ چين ٺاهي وٺندس. چاچي محمد علي ڪجهہ سوچي وري چيو.

”ادا... چوندا آهن سمنڊ جو پنڌ سوين ڪوهہ اٿئي.“

برسات وسندي رهي، تيز هوا تي لهرون هلنديون هوڙي کي ڏکينديون ويون. پندرهن منٽن کان پوءِ هوڙي جي چين نهي وئي، ناڪئو ٽنگ مشين چالو ڪري هوڙي کي منزل جي طرف هلائيندورهيو. جيئن جيئن ڍانڊيو تڙ جي ويجهو ايندا ويا، سارنگ کي حاجن جو خيال آيو... شايد... حاجن ڪاري ۾ هوندو. هوڙو اچي ڍانڊيو تڙ تي بينو. سارنگ سيني کان موڪلايو، برسات اڃان وسي رهي هئي، هي محمد احمد سنواڻي جي چني ۾ آيو... چار پنج ڄڻا وينا هئا، سارنگ کي ڏسي خوش ٿيا. انهن سان سارنگ هڪ بہ دفعا اڳ ۾ ملي چڪو هو. جلدي ۾ سارنگ جي لاءِ چانهہ تيار ڪئي وئي، پوءِ سارنگ کين پنهنجا حال احوال ٻڌائيندي چيو.

سائين! مون کي ڪاروڇاڻ پهچڻو آهي.

ياءُ... رات ترسي پئو...

نہ... چاچا... مون کي وڃڻو آهي. دوست سان گڏ شادي ۾ پهچڻو آهي، انتظار ڪندو هوندو. الائجي پَتڻ ملندو بہ يا نہ... سارنگ پريشان ٿيندي چيو.

حاجي محمد سنواڻي هن جي پريشاني ڏسندي پوءِ گاڏيءَ واري کي چيو تہ توهان چانهہ پي پوءِ سارنگ کي پَتڻ تي رسائي اچو.

***

سج جي ڳاڙهاڻ هلڪي هلڪي اولهه ۾ هئي، سارنگ پَتڻ تي اچي پهتو. هن ٽڙ ٽي هڪڙو هوڙو بيٺل ڏٺو، جنهن ۾ڪاٺ پري رهيا هئا. چند ماڻهو هوڙي ۾ وينا هئا، هي ٽڪڙي ٽڪڙي وک وڌائي ڪنڌيءَ تي آيو. سلام ورائي بيٺل ماڻهن سان هٿ ملايو، ڪائنس هڪڙي ڄڻي پڇيو.

ادا... ڪٿي ويندا...؟

سائين! ڊاڪٽر جليل ۽ رحيم بخش ڪٿيءَ وٽ ويندس.

ها... سنو ٿيوجو وقت تي رسي ويا، هن وقت پَتڻ هوندو ناهي، هي به ڪاٺ ڪٽڻ آيو هو... ويهو ته هلون.

ادا... مهرباني. ائين چئي سارنگ پيرن مان بوٽ لاهي هٿ ۾ رکي شلوار جا پاچا مٿي ڪڻي ڪنڊا پير ڪري هيٺ لٿو ۽ اچي هوڙي ۾ چڙهيو. پاڻي هوڙي جي ناتاري ڪڻي ٽنگ مشين چالو ڪئي، هوڙو هلڻ لڳو... برسات بيهي چڪي هئي، آسمان ۾ بادل ڪٿي ڪٿي بيٺل هئا، سارنگ ڪنڌيءَ تي لهي اوطاق ڏانهن تيز وکون هلندو رهيو.

ڏهن منٽن کان پوءِجيئن اوطاق تي پهتو ته چني ۾ ٺهڪڙن جو آواز ٻڌائين... هي سمجهي ويو ته دوست سندس انتظار ۾ وينا آهن،جيئن اندر داخل ٿيو ته سڀئي اٿي هن سان ملڻ لڳا. حاجن، رحيم بخش، ايوب ۽ هڪ ٻيو ماڻهو ڏٺائين جنهن کي هن نه سڃاتو.

سارنگ تنهنجو انتظار هو... سنو ٿيو اچي وئين. رحيم بخش ڪيس پاڪر پائيندي چيو.

حاجن مرڪي ڪيس سڪ مان پاڪر وجهي هٿ ملائيندي وراڻيو.

واهه يار... واهه... ڪالهه کان وني تنهنجو انتظار هو... اڄ مون کي شاديءَ ۾ رسڻو هو، پر تنهنجي ڪري وجي نه سگهيس... هاڻ پَتڻ به ڪونه هوندو... ٻيلي صبح جو سوير تيار هججانءِ هلنداسين.

سارنگ ٻين سان هٿ ملائي ڪرسيءَ تي وينو ته رحيم بخش چوڻ لڳس.

ادا... هي اسان جو دوست نواز دبلو ۽ابو واڍو ريڙهيءَ کان خاص ڪري ياءُ جليل سان ملڻ آيا آهن. اسان چيو ته رات تائين ادا جليل ۽ سارنگ رسي ويندا. پوءِ ٽڪي پيو آهي... سارنگ ٿيلهو پاسي ۾ رکي چوڻ لڳو.

ادا... مان حاجن جي ڪري ٽڪو ڳوٺ کان هليو آيس، ياءُ جليل ۽ ناڪئو الهڏنو اهي سُياڻي شام جو رسي ويندا. ايوب اٿي چانهه ونڻ هليو ويو، ڪيس رحيم بخش اشارو اڳ ۾ ڪيو هو. پوءِ سارنگ کي چوڻ لڳو.

ادا... توهان کي بک لڳي هوندي، ايڏو سفر ڪري آيا آهيو... في الحال چانهه اچي پئي ۽ مهمانن جي لاءِ ماني تيار ڪرائي آهي گڏجي کائينداسين.

”ادا... مهرباني! سارنگ موٽ ڏني. ڇني جي اندر هوا ڪڙڪ ۽ ڪانن ڪان هلڪو شور ڪندي اندر ٿي آئي. رحيم بخش دوست نواز دبلو ڏانهن نهاري چيو.

سارنگ! هي دوست اصل ۾ ادا جليل جو آهي، هاڻ اسان جو دوست آهي. هن جو نالو ”غم“ آهي. اهو ٻڌي حاجن ۽ سارنگ کان هلڪو ٽهڪ نڪري ويو. پوءِ سنجيده ٿي نواز دبلو ڏانهن نهارڻ لڳا ته خود نواز دبلو پنهنجي ڪهاڻي ٻڌائڻ لڳو.

”ادا... رحيم جيڪا ڳالهه ڪئي سا صحيح آهي.“

”ادا... آءٌ ڄائو ريڙهي ۾ آهيان، منهنجي پيدائش پاڙيءَ ۾ ٿي.“

اها ڳالهه ٻڌي سيئي حيرت مان نواز کي ڏسندا رهيا. نواز مرڪي ڏنو ۽ چيائين.

”ادا... اسان جي گهرن جي ڇئو ڦير سمنڊ جو ڪارو پاڻي هوندو، منهنجو ڏاڏو ڪاري جو هو، جيڪو لڏي ريڙهي ۾ اچي وينو.“ باقي اسان جا وڏا ڳالهه ڪندا آهن، اسين ديبل بَندَر جا آهيون، جيئن ديبل ڦٽو ته سيئي ڪٿو ڪٿو ٿي وچڙي وياسين. اسان کي ماڻهو ديبلا، ديبلائيءَ دبلا چوندا هئا، هاڻ ”دبلو“ ذات آهي.

حاجن ڪجهه سوچي ڪڇهريءَ ۾ وارو وٺندي چيو.

”ادا... ريڙهي سمنڊ جي ڪنارن تي ٻه سئو سال پراڻو مهاڻن جو آباد ڪيل ڳوٺ هو، جنهن ۾ دبلا نالي هڪڙو پاڙو پڻ هو. هن ڳوٺ ۾ ڇهه پاڙ رهندا هئا، جن ۾ موسو، وريام، پنجو، سيارو، قاسم ۽ اسماعيل، انهن جي نالن سان هن وقت ريڙهيءَ ۾ پاڙا آهن. موساڻي محلو، ورياڻي محلو، پنجواڻي محلو، سياراڻي محلو، قاسماڻي محلو ۽ اسماعيلاڻي محلو.

هن وقت ريڙهيءَ ۾ خاصخيلي، ديبلا، ملڪائي، سُڪرِيا، ونگرا، جت، لکيا، شيخ ۽ ڪجهه گهر پناڻن جا آهن. پناڻ لانڍي کان پوءِ ريڙهي جي آسپاس ۾ ججهي تعداد ۾ گهر جوڙيندا پيا وڃن... لڳي ٿو ته ريڙهيءَ جا اصل رهاڪو هڪ ڏينهن اتي ۾ لوڻ جيان نظر ايندا.

ريڙهي مياڻ عربي سمنڊ جي ڪناري تي آهي. هن وقت پنج سئو يا هزار جي لڳ ڀڳ هوڙا موجود آهن. نواز ڪجهه سوچي ماٺ ٿي ويو، ڪيس ڪا ڳالهه ننڍپڻ جي ياد اچي ويس، پوءِ مشڪي سيني ڏانهن نهاري چيو.

ادا... آءٌ پنهنجو ننڍپڻ وارو ننڍڙو قصو بيان ڪريان...؟

حاجن ۽ سارنگ ٻنهي هڪ ئي آواز ۾ چيو.

”ها... ٻڌايو...“

پوءِ نواز دبلو سنجيده ٿي چوڻ لڳو.

آءٌ ڇهن ستن سالن جو هوس، مان ضد ڪري بابُل سان سمنڊ تي ويس، ٻنپهرن جو

وقت هو، هوڙو ڪاجر ڪريڪ تي پهتو، ريج ۾ مڇي ڦاسائي خَلاصي ريج کي ڪناري تي ڇڪي ان مان مڇي وٺائي پئي، ان وقت مون خَلاصين جي پرسان ڪناري تي راند پئي ڪئي، پوڙهي خَلاصيءَ ڪاري جي ڪڳو مڇي وٺائي ته هٿ مان ڇڏائي ڪڳي جو ڪنڊو مون کي نڪ وٽ اچي لڳو. رت وهڻ شروع ٿيو، سور کان منهن ڪڙهي رهيو هو، مون دانهون پئي ڪيون.

”الا ڙي... مري ويس.“

”اَباڙي... مري ويس.“

سيئي خَلاصي وائڙا ٿي ويا، وڏيڪ رڙيون ڪيون ته بَاَبا پريشان ٿي ويو، ڪاوڙ مان چوڻ لڳو.

”توکي چيم پئي ته درياءَ تي نه هل، ڇورا تون مڙئين ڪونه، پر ڏچو ڪري ڇڏيئي.“

ناکئو ۽ خَلاصي ريجهائڻ لاءِ ڪو آمري جو پاڻي ناهي پيو ڏئي ته ڪو وري منو پاڻي پيو پياري، بَاَبا گريس ڪٽي نڪ وٽ رت جي مٿان هنيو، پوءِ به منهنجون دانهون هيون.

”اَبا ڙي...“

”امان ڙي...“

”امان، گهوڙا ڙي... گهوڙا.“

”الا ڙي مري ويس.“

مون کي هر ڪنهن منيون شيون ڪارايون ۽ پياريون، جڏهن پيٽ پرجي ويو ته روئڻ کان بس ڪيم، پوءِ سور به جهڪو ٿيو. ان ڏهاڙي کان پوءِ مڇي مارڻ ڪونه ويس ۽ پڙهڻ جو شوق ٿيو. آءٌ وڏي ياءُ ادا صديق کي ڏسندو هوس، ان کي سنا ڪپڙا ۽ پيرن ۾ چپل پيا هوندا هئا ته منهنجي دل به هرکي پئي، ايئن پڙهڻ جو شوق ٿيو ۽ پڙهي پيس.

اها ڳالهه ٻڌي ڪيس سيئي ڏسڻ لڳا. حاجن شرارت ڪندي چيو.

”نواز... هينئر تون ڪو اسان سان ضد ته نه ڪندين!؟

حاجن جي ڳالهه تي ٺهڪڙو مچي ويو. ايتري ۾ ايوب مهمانن جي لاءِ ماني ڪٽي آيو.

ماني کائڻ وقت نواز دبلي پنهنجي پر ۾ وينل عبدالله عرف اِبو واڍو ڏي نهاري چوڻ لڳو.

ادا... اسان جي ريڙهي مياڻ جو جهونو فنڪار آهي، شاعر ۽ واڍو به آهي. بيڙيون ناهيندو آهي... پاڻ پلوڙ ناکئو آ ۽ هارمُنئي تي گيت به ڳائيندو آهي. اصل ۾ ڪيٽي بَندَر جي ڳوٺ حجامڙو جو آهي. 1969ع ۾ ريڙهيءَ مياڻ ۾ روزگار جي لاءِ اچي رهيو، هاڻ

اتي رهيو پيو آهي. ائين چئي نواز دبلي ڪچهريءَ وارن کي ڏسي پوءِ عِبو واڍو کي چيو.

”ادا... ڪو گيت ڪچهريءَ وارن کي ٻڌاءِ؟“

عبدالله عرف اِبو واڍو خوش ٿيندي چوڻ لڳو.

”سيني ڪچهريءَ وارن کي سلام... آءٌ ناکئو آهيان، سمنڊ جي پاڻيءَ سان چاهه اٿم، توهان کي هڪ قصو ٻڌائيندس.“ پوءِ سيني جا ڌيان ناکئي ڏانهن ڇڪجي ويا. اِبو واڍو چوڻ لڳو.

”اسان هڪڙي دفعي رات جو سمنڊ تي مڇيءَ جو شڪار ڪري ڪُڏي ڪريڪ جي ٻاهران دوئي يعني ڪلئي سمنڊ جي ڪناري تي اچي بيناسين، اتي ملاح ريڙهيءَ وارا ملڪائي، ڪي ريڙهيءَ ڳوٺ جا وانگر ملاح هئا. ڪي ٻيڙيون ابراهيم حيدري جون به اچي اسان سان گڏ بيٺيون. تقريبن مهاڻن جون پندرهن ويهه ٻيڙيون هڪٻئي جو سهارو وٺي بيهي رهيون. رات جو نوين لڳي جو وقت هو. سمهڻ جو وقت پئي ٿيو، ڪن خَلاصين آواز ڏنو.

”ناکئا! اِبو واڍا ڪو گيت ٻڌاءِ....“ ايتري ۾ ٻئي خَلاصيءَ هوڙي ۾ چوڪري کي آواز ڏنو ”او... پانداري! چانهه سليماني ٺاهي ته اِبو ناکئي کان گيت ٻڌون.“

مونکي ڳائڻ وڄائڻ جو شوق هو، ٻيڙيءَ ۾ ڳائڻ وڄائڻ وارا ساز پيل هئا، مون هارمُنيم ڪڍيو ۽ ڍولڪ ڪٽي پاءُ مامون کي ڏنو. ان وقت ڪُلئي سمنڊ جي ٿڌڙي ٿڌڙي هير ڏاڍو مزو پئي ڏنو. ايتري ۾ هڪڙي خلاصيءَ آواز ڏنو.

”ابو ناکئا! نور بانو جو ڳايل گيت ٻڌاءِ...“

پوءِ مون ان خَلاصيءَ جي فرمائش تي گيت ڳايو.

وريو آهي واءُ وطن جو، هينئڙو لڳيم هير،
ساڻيهه منجهه سرير، ادي وريو آهي واءُ.

اهو گيت شروع ڪرڻ سان اوچتو واءُ تيزيءَ سان لڳو. پوءِ ٻيڙين وارا سِر بچائڻ کان سمنڊ ڇڏي اندر ويا، يعني ننڍڙي درياءَ ويا. انهن سان گڏ اسان کي به پڇڻو پيو. ڪو ڪٿي بيٺو ته ڪو ڪٿي وڃي سِر بچائي بيٺو.

نواز دبلي مرڪي اِبو ناکئي کي چيو.

”ناکئا! درياءَ وارو بيت ٻڌاءِ“ نواز جي ايئن چوڻ سان سيني جا ڌيان اِبو ناکئي ڏانهن ڇڪجي ويا.

صلاح ڪري سفر جي هاڪاريون ٻيڙي
ڪَرنگي، ڦَتي، ڇَن، ڇَڏي ڪيون ڪٺند ۾ ڳڙي
ڪيئنريون، ڪُڏي ڳپ، ڇڏي ويا
چاڳولي تان چڙهي
ڪاهي، پيتاڻي، ڏَٻو ڇڏي
ٻاجَهر وارو، ڪاپَ، ححجامڙو ڇڏي

هنيون چاڙ ۾ چڙهي
وجي ڪڙڪيا ڪانگڻي
ڪوبر، ترسياڻ، گهوڙو چڏي
وجي سُجاتون سنهڙي
ڪانئر، آمنوا، مَل چڏي
اِبو وادِي سان اَٽڪي
وجي وڙهيا مَنجهه واڙِي
پوءِ لاڪارو، ڪاجهَر، سِير چڏي
وجي تيا بَستاتي ياڙي
اُتان پير ورايون پوئتي.

ڪچهريءَ ۾ وينلن سيني واهه... واهه ڪئي. سارنگ خوش ٿيندي اِبو وادِي ڏي نهاري چيو.

”ناڪئا! يلا ڪو سَانن وارو بيت ياد اٿئي...“

”ها... ادا! ٻڌو.“

پير ورائي پوئتي اچي، اوڪيون چرن ڪي چار، پَتاس،
گهوڙيل گهٽا هئا، ٻي هُئي ڪِڏين جي ڪار
ڪِيڪَٽ ۽ ٽائيگر ٽپيا پئي، هُئي ڪلرين جي قطار
ڊيڊڪي، ڪُسون ڪاسيون هيون، اچي وڏئو مُڇڪيءَ ۾ مار
اِبو وادِو ڪري وڏي ڪوڪار، پيو سَڏ ڪري ساٿين کي.

عبدالله عرف اِبو وادِو ڪچهريءَ وارن کي چوڻ لڳو.

”ادا... اوهان کي مڇين وارو بيت ٿو ٻڌايان ۽ بغير چِلَر واريون مڇيون يعني منگريون جو بہ بيت هن سان گڏ ٻڌائيندس ۽ جيڪي مڇيون هوڙن سان وڙهنديون آهن انهن ۾ وير ۽ واڪيڻ مڇيءَ جو ذڪر بہ آهي.

سَڏ ڪري ساٿين کي چڙهي پيو سربراهه
ڏسي مڇيون مُلڪ ۾ اوڪيون پئي جارا
چوڏيون، ڦاڙهون، مُنديون، ٻيا ڦتا پئي فرار
سِيٽا، ڪُند، ڪنگا، ٻيا ماريون پئي مُرا
لوئر، ڪِڇڪَ، ڪولگر، اچو پالجن پاليرا
ڪاسا، مِتوءَ، مُسڪا، ٻيا يلا آهن يورا
پنيور چما، ٻانگڙا، پيا ڪرڪن ڪانڊيرا
پٿوءَ، پَلا، سِير، ٻيا وڏا ڊانگرا
دوتار، ڏانيءَ، سوئا، ٻيا ڪڳا ٿيا ڪرا

ڏنديا،رنگٽيون،گوليون،ٻيا ڪي منجهس هيرا
آل، ڪَرگاڻ، دواڻ، ٻيا سامونڊي سنگرا
اِبو وادِو ساريو سمورا، پيو نالا سُٽائي نيڪن ڪي
نالا سُٽائي نيڪن ڪي، ويا منگرين تي ماهيگير
رڇَ،ڏاچون،ڪُنديون ڪٽي، پوکيون سمنڊ جي سِير
ڪاناتيون، ڪنگرا، مُياچ، مَنيا، ٻيا ماريون پئي مور
پمبا، گُسو، سائڪ، سيرل، ٻيا لڙيا تي لهيار
لونَ، ڪَڪاڻ، ڪوري، ڪي ڪارائتا ڪئير
هُمَر، تابي، ويسر، ويلڙو، ڪي ملوڪ هئا مالار
انڌي، ڏُوڪا، ٻُتر، واڪيڻ، ڪي وڙهيا تي وڏا وير
اِبو وادِو چوي، آهن داناءَ اُهي دلير،
جيڪي شڪار ڪن ٿا چِتين سان
چئي ٿو شڪار ڪري چتين سان، آيو ٻر ٻَندَر
ڏايون، ڏاند، ڦٽا، ڪي گورو، ڪي گِسر
موريون، گيئريون، سوناپ، ڦاٽيون، ڪي ڪوڪر
ڪويون، گِرمَ، پچاريون، پڏڻ، هئا ٽِٽر
اِبو وادِا چيئلن جا چِلَر، آهن گهاتوڙن جي گهرن ۾.

اِبو وادِو جيئن شعر چئي بس ڪئي ته سيني واهه... واهه ڪري مبارڪون ڏنس. نواز جيڪو عبدالله عبو وادِي ڪي گهرو سڃاڻيندو هو، تنهن مشڪي اِبو وادِي ڪي چيو.

”ادا... توهين رڇ بابت ڪو شعر ٻڌايو“ اِبو وادِو جنهن جي چهري تي مرڪ هئي سو خوش ٿيندي بيت ٻڌائڻ لڳو.

ٻيڙيون ڪري ٻار، گهاتن ڪئي وڃڻ جي
ساريو سنيالي سربراهه، پيو پنهنجي ڪاروبار
پَن، گُجا، ڪُنديون، ٻيو چاريون ڪري تيار
ڍَڪ، ريبيون، نُڪريون، ڪيئن پاڪيءَ ساڻ پيار
سِيا، ڍُڦيون، ريل، توريون، ساريو ڪٽي سينگار
اِبو وادِي ڪي آسرو آهي، ته سائين ڪندو سُڪار
ٻيڙيون منزل پار، خالق پهچايون خير سان.

اِبو وادِو مرڪي ڪچهريءَ وارن ڪي چيو”ادا... جي اجازت هجي ته توهان ڪي جهڙي

جاگير اُهڙي رڇ بابت ٻڌايان ٿو. سمنڊ ۾ جنهن جڳهه تي شڪار ٿيندو آهي، مهاڻا ان کي جاگير چون ٿا. پوءِ اِبو واڊو شعر ٻڌائڻ لڳو.

رَڇ ٻَڌي پيـــــو رَيلن تي، ڪي ساٽين پيا ڊورا
ڪِني ڏنو ڳاهه ڳِربـين ۾، وڏئون ڄاريءَ جا پيرا
ڪِني وڏا پن ٻَنن تي، ڪِني اوکيا، ڪُن ۽ ڪورا
ڪي ڪاهي آيا ڪوڪي تي، اڇي گهوريون نيا ۽ نيرا
ڪي پُلجي آيا بولي تي، اڇي هنيون ڪور مِنجهه ڪِيرا
ڦَسي ڦاتيون، مَنجن، نڪڙيون، جنهن جا لُڏي رهيا پچيرا
اِبو واڊو پيو اڏ ٻڌي، جليو اوپارا
سمنڊ جا ساندارا، پيون ٻيڙيون ڏين ٻاجهه سان.

اِبو واڊو جنهن جي ڇهري تي زندگي واري مرڪ هئي ڪچهري وارن کي پنهنجي شاعريءَ سان مست ڪندي ٿي رهيو. پوءِ سيني کي چوڻ لڳو. ادامهاڻن سان واپاري جيڪي ويسا گهاتيون ڪن ٿا. ان بابت هڪ شعر ٻڌو.

گهاتو آيا گام ۾، ڪري غريباڻو گذر،
ساريون راتيون سِيءَ تي، ڪيون اوجاڳا اَٿر
هيڪي دهشت طوفان جي، ڪن لهرون در بدر،
ماري مڇيون محنت سان، واهيو پسينو پگهر،
سهي سور سختيون، آيا مانجهي منجهه بندر،
لاٿائون مال مارڪيٽ ۾، جنهن جي نه قيمت هو قدر،
ٻيٺي تور تن جي، ڪدن ڪميٽا ڪسر،
هڪڙي ٻاهه بدن ۾، پوءِ به سيني منجهه صبر،
اِبو واڊو هو انهيءَ جو، سڪاٽي صدر،
گهاتو اڇو گهر، ڪن ويچار وڃڻ جا.

پوءِ سيني واهه واهه ڪئي، واهه اِبو واهه..... گهاتو واقعي سباجهڙا آهن. صبر ڪو انهن کان سکي. تڏڙي هوا تي هر ڪنهن جون اکيون ننڊاکڙيون ٿينديون ٿي ويون.

رات جو مُنو هڪ ٿيو، اِبو واڊو ٽڪل ٽڪل پئي لڳو. رحيم بخش اُٿندي سنگت کان موڪلايو ۽ ايوب سان گڏ هليو ويو. نواز دبلي بينچ جي پاسي واري خالي کٽ ڏي اشارو ڪيو، پوءِ اِبو واڊو اتي وڃي وينو. نواز دبلي ڪجهه سوچي اِبو واڊي ڏي ڏسي ڪيس چيو.

”واڊا...! سياڻي ناڪئي جي شادي ۾ هلڻو آهي، اتي ڳوٺ جي سڄي سنگت ايندي، سائين عبدالرحمان خاصخيلي، علي دبلو، امير لکيو، اسماعيل ملڪائي، هاشم درزي، مصطفيٰ ملڪائي، صديق ملڪائي، علي محمد خاصخيلي، اڪرم ملڪائي، اهي سڀ

شادي ۾ ايندا، پوءِ واپس گڏجي هلنداسين.

جاءِ جي جعفرين (ننڍڙن ننڍڙن سوراخن) مان ۽ ڪليل دروازي مان ٿڌڙي هوا اندر اچي سارنگ جي اکين کي ننڊاکڙو بڻائڻ جي ڪوشش ڪندي رهي، پر سارنگ کي ننڊ نه پئي آئي. ڪيس هر هر منيءَ جا خيال ورائي ٿي ويا ۽ سورٺ جو اُلڪو ۽ انتظار... هي دل ۾ چوڻ لڳو.

”مون سورٺ کي ڪو اطلاع نه ڪيو آهي، پلا... اطلاع ڪيان ته ڪهڙو ڪيان... ۽ چوان ته ڇا چوانس.“ هي انهن خيالن ۾ وينو هو. پر واري ڪٽ تي سُتل نواز دبلو جنهن گهڻي وقت کان هن کي پئي ڏٺو، پوءِ سارنگ کي چوڻ لڳو.

”ادا... سارنگ!“

”جي... جي... ادا...“ سارنگ خيالن مان پاڻ کي ڇڏائي موٽ ڏني ته نواز دبلو هجت مان وري چوڻ لڳو.

”ادا... ڪهڙو جهاز ٻڏو اٿئي، جو پريشان وينو آن؟“

سارنگ اصل ڳالهه کي لڪائيندي چيو.”ادا... بس ائين ئي، پر اهڙي ڪا ڳالهه ڪانهي.“

”ادا... توهان سياڻي ڳوٺ يعني سکر ويندا، مون کي اهو حاجن ٻڌايو هو.“

”ادا... سياڻي حاجن جي دوست جي ڳاڙهي ۾ شادي آهي، اهو سڏ پري هليو ويندس.“

اها ڳالهه ٻڌي نواز دبلو خوش ٿيندي چوڻ لڳو.

”ادا سارنگ! اسان جي ڳوٺ وارن ناڪئن جي سياڻي ڳاڙهي ۾ شادي آهي، منجهند جو نڪاح ٿيندو، پوءِ آءٌ انهن سان هليو ويندس. اڄ پانداري ڪاڄ جو سامان ڪٽي آيا هوندا.“

نواز ڪجهه سوچي وري چوڻ لڳو.

”ادا... اهو ڏاڍو سنو ٿيو، صبح جو گڏ هلنداسين.“ سارنگ مشڪي نواز کان پڇڻ لڳو.

”ادا... توهان جو ڊاڪٽر جليل ڪٿي ۽ رحيم بخش وارن سان ڪڏهن کان واسطو آهي.“ نواز دبلي مرڪندي وراڻي ڏني.

”ادا... مون اڳ ۾ اهو ٻڌايو هو ته اسان جا وڏڙا اصل ڪاروچاڻ جا هئا، ٻه چار سال اڳ ڊاڪٽر جليل ڪٿيءَ جي والد صاحب ريڙهيءَ مياڻ ۾ اسپتال کولي ته هنن سان منهنجي پائيچاري ٿي وئي. هاڻ جليل ۽ ڪڏهن رحيم بخش اتي رهندو آهي. هاڻ سندن جو والد ڊاڪٽر غلام محمد ڪٿي ريڙهي مياڻ ۾ گهٽ اچي ٿو، هاڻ ان جي طبعيت نيڪ نه پئي رهي.“

ٿڌڙي هوا تي نواز دبلي جون اکيون ٻوٽجڻ لڳيون. سارنگ اهو ڏسي وڌيڪ هن

سان ڪونہ ڳالهايو. ٽڏڙي هوا تي هن جون بہ اکيون ننڊاکڙيون ٿي ويون.

((❋❋❋))

# پورو ٿيو.